Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 1

بسم الله الرحمن الرحيم

CERTIFICATE

Certified that Mr. Abdul Razak s/o Muhammad Parial Soomro has carried our research on the topic

"لڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن جو دين جي اشاعت ۾ حصو"

۱۸۹۳ع - ۱۹۴۷ع (انگريزن جو دور)

under my supervision and that his work is original and distinct and his thesis is worthy of presentation to the University of Sind for award of the degree of Doctor of Philosophy.

Gul Hayat Institute

Moulana Ghulam Mustafa Qasmi
Research Guide
Unversity of Sind Jamshoro.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 2

لاڑ ڪائي ضلعي جي ديني عالمن

جو ديني جي اشاعت ۾ حصو

۱۸۴۳ء — ۱۹۴۷ء

اسلامي ڪلچر ۾

پي ايڇ ڊي جي ڊگري لاءِ لکيل تحقيقي مقالو

Gul Hayat Institute

مقالہ نگار
حافظ عبدالرزاق سومرو

نگران
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

سنڌ يونيورسٽي جامشورو سنڌ

۱۹۹۲ء

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 3

لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن

جو ڊين جي اشاعت ۾ حصو

۱۸۴۳ء — ۱۹۴۷ء

اسلامي ڪلچر ۾

پي ايڇ ڊي جي ڊگري لاءِ لکيل تحقيقي مقالو

Gul Hayat Institute

مقالہ نگار
حافظ عبدالرزاق سومرو

نگران
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ
۱۹۹۲ء

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 4

لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن

جو دين جي اشاعت ۾ حصو

(۱۸۴۳ء - ۱۹۴۷ء)

اسلامي ڪلچرل

پي ايڇ ڊي جي ڊگري لاءِ لکيل تحقيقي مقالو

۱۹۹۲ء

مقاله نگار

حافظ عبدالرزاق سومرو

نگران

علامه غلام مصطفیٰ قاسمي

Gul Hayat Institute

سنڌ يونيورسٽي جام شورو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 5

فهرست ا-ن

پيش لفظ ـــــــــــــــــــ س ع ف

مقدمو ـــــــــــــــــــ الف ـ د

پاگو پهريون

سنڌ ۾ اسلام جي آمد ۽ ديني تعليم جي شروعات

باب پهريون

۱- سنڌ ۾ اسلام جي آمد

(الف)	تعارف	۱
(ب)	تاريخي پس منظر	۲-۳
(ت)	عرب جاهنڊ ۽ سنڌ سان پهرانٽا لاڳاپا	۴-۱۰
(ٿ)	سنڌ تي کاهڙ جا سبب	۱۱-۱۲
(ج)	محمد بن قاسم جي سنڌ تي کاهه	۱۲-۱۳
(د)	سنڌ ۾ عربن جو آخري دور	۱۴

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 6

۲۔ ديني تعليم جي اشاعت

(الف) سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جو مختصر تعليمي جائزو ۱۵-۱۷

(ب) عربن واري دور ۾ ديني تعليم جي اشاعت ۱۷-۲۰

(ت) نئين کنڊ سان عالمِ اسلام جا علمي ديني ۽ ثقافتي تعلقات ۲۰-۲۱

(ث) سنڌ اسلامي علوم ۽ فنون جو گهوارو ۲۱-۲۳

(ج) علمي مرڪز ۽ معروف علماء ۲۴-۳۲

(i) منصوره (ii) ديبل (iii) الور

(د) باهرين عالمن جي سنڌ ۾ آمد ۳۳-۳۴

۳۔ سومرن جو دورِ حڪومت

(الف) پس منظر ۳۵-۳۶

(ب) ديني تعليم جي اشاعت ۳۶-۳۷

(ت) علمي مرڪز ۽ معروف علماء ۳۷-۴۰

(i) اڇهرڪوٽ (ii) سيوستان (iii) بکر

۴۔ سمن جو دورِ حڪومت

(الف) پس منظر ۴۱-۴۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(ب) ديني تعليم جي اشاعت ۴۲-۴۳
(ت) معروف عالم ۽ علمي مرڪز ۴۳-۴۸
(ا) بوبڪ (ب) ٽٽو

۵ - ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومت جو دور

(الف) پس منظر ۴۹-۵۰
(ب) ديني تعليم جي اشاعت ۵۰-۵۲
(ت) علمي مرڪز ۽ ديني عالم ۵۳-۶۳
(ا) بوبڪ (ب) سيوهڙ (ج) درهيلو (د) ٽٽو

۶- مغلن جو دورِ حڪومت

(الف) پس منظر ۶۴
(ب) ديني تعليم جي اشاعت ۶۴
(ت) ديني عالم ۽ علمي مرڪز ۶۴-۶۷
(ا) ٽٽو

۷- ڪلهوڙن جو دور حڪومت

(الف) پس منظر ۶۸-۷۲
(ب) ديني تعليم جي اشاعت ۷۲-۷۴

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(ت) ديني عالم ۽ علمي مرڪز ۷۵-۸۹

۸- ٽالپرن جو دورِ حڪومت

(الف) پس منظر ۹۰-۹۲
(ب) ديني تعليم جي اشاعت ۹۲-۹۳
(ت) علمي مرڪز ۽ ديني عالم ۹۳-۱۲۸
(۱) سيوهڙ (۲) ڪهڙا (۳) متياري (۴) ولهار
(۵) چوٽياري

باب ٻيو

انگريزن جي دور جو تاريخي پس منظر

Gul Hayat Institute

۱- سنڌ جون سياسي حالتون

(الف) سنڌ ۾ انگريزن جي آمد ۱۲۹-۱۳۲
(ب) سنڌ جو بمبئي سان الحاق ۱۳۲-۱۳۳
(ت) تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جو ڪردار ۱۳۳
(ٿ) گذريل هندستان جون نيم مذهبي ۽ سياسي تحريڪون ۱۳۳-۱۳۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۱) ريشمي رومال تحريڪ ۱۳۵-۱۴۵
(۲) خلافت تحريڪ ۱۴۶-۱۵۱
(۳) عدم تعاون تحريڪ ۱۵۲-۱۵۳
(۴) ترڪ موالات ۱۵۴-۱۵۷
(۵) هجرت تحريڪ ۱۵۸-۱۶۹
(۶) سوديشي تحريڪ ۱۷۰-۱۷۳
(۷) جميعت علماء ۱۷۴-۱۸۱

۲- تعليمي نظام جو جائزو

پس منظر ۱۸۲

(۱) ميڪالي جي تعليمي پاليسي ۱۸۳-۱۸۴
(۲) سرچارلس وڊ جي سفارش ۱۸۴
(۳) پاليسيءَ ۾ ڦيرگھير ۱۸۵-۱۸۶
(۴) سنڌي سرڪاري زبان ۱۸۶-۱۸۷
(۵) اوائلي دور جا اسڪول ۱۸۸-۱۸۹
(۶) برٽن جي رپورٽ ۱۸۹-۱۹۲

باب ٽيون

ضلعي لاڙڪاڻي جو جاگرافيائي ۽ تاريخي

پس منظر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 10

۱۔ جاگرافیائی پس منظر

(الف)	جاگرافیائی بیھک	۱۹۳
(ت)	تعلقي وار وڇ ۽ آبھوا	۱۹۴-۱۹۳
(ت)	آمدرفت جا ذریعا	۱۹۵-۱۹۴
(ث)	آبپاشي نظام ۽ زراعت	۱۹۸-۱۹۵
(ج)	جبل	۱۹۸
(د)	ڊنڊون	۱۹۹
(ر)	آثار قدیمہ	۲۰۰

۲۔ تاریخي پس منظر

(الف)	پراڻي تھذیب جو پھریون گھر (موئن جو دڑو)	۲۰۱-۲۰۳
(ب)	لاڑکاڻي جي قدامت جا آثار	۲۰۳-۲۰۴
(ت)	چانڊڪا پرڳڻو	۲۰۴-۲۰۶
(ث)	'لاڑکاڻو' نالي جي تاریخ	۲۰۶-۲۰۷
(ج)	لاڑکاڻي تي ٻين قومن جو تسلط	۲۰۷-۲۰۹
(د)	لاڑکاڻي جي عظمت	۲۰۹-۲۱۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پاگو ٻيلو

لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن جو ڏين ۾

اشاعت ۾ حصو

باب پهريون

(۱۸۴۳ء کان ۱۸۶۹ء)

(۱)	مولانا نور محمد شهداد کوٽي	۲۱۳-۲۱۹
	" غلام عمر جلوٽئي	۲۲۰-۲۳۷
	" عبدالرحمٰن ٽونيو	۲۳۸-۲۳۹
	" پير محمد قريشي	۲۴۰-۲۴۱
	" گل محمد شهداد کوٽي	۲۴۲-۲۴۵
	" محمد هاشم سومرو	۲۴۶-۲۴۸
(3)	" غلام صديق شهداد کوٽي	۲۴۹-۲۵۵
	" عبدالله ٻيرائي	۲۵۶-۲۵۸
	" محمد عاقل عاقلي	۲۵۹-۲۶۱
	" کريمداد چانڊيو	۲۶۲-۲۶۷
	" عبدالرحمٰن ڏامراهو	۲۶۸-۲۸۱
	" تراب علي شاهه راشدي	۲۸۲-۲۸۶
	" ابوالجمال خدابخش ابڙو	۲۸۷-۳۰۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا	عبدالله بنگل دیرائي	۳۰۳ - ۳۰۶
〃	عبدالکریم "کھاڑو"	۳۰۷ - ۳۲۵
〃	شیر محمّد کوسو	۳۲۶ - ۳۲۷
〃	میر محمّد نورنگي	۳۲۸ - ۳۳۴
〃	خادم حسین جلوئي	۳۳۵ - ۳۴۰
〃	حافظ عبدالرحمٰن ببر	۳۴۱ - ۳۴۳
〃	〃 محمّد کامل دایو	۳۴۴ - ۳۴۶
〃	حبیب الله "حبیب" شهدادکوٹي	۳۴۷ - ۳۵۸
〃	پیر مظهرالدین شاه راشدي	۳۵۹ - ۳۶۰

باب بیلو

(۱۸۷۰ء کان ۱۸۹۵ء)

مولانا	غلام رسول جلوئي	۳۶۱ - ۳۷۴
〃	محمّد ایوب لاکو	۳۷۵ - ۳۷۶
〃	عطا محمّد کھوڑو	۳۷۷ - ۳۸۰
〃	غلام رسول جوٹیجو	۳۸۱ - ۳۸۲
〃	پیر عبدالغفار عرف پیر ملو	۳۸۳ - ۳۹۷
〃	محمّد عظیم شیدا	۳۹۸ - ۴۱۹
〃	پیر محمّد بقا عرف پیر مٹل شاه	۴۲۰ - ۴۲۳
〃	غلام حسین ولیدائي	۴۲۴ - ۴۳۵
〃	عبدالکریم کورائي	۴۳۶ - ۴۵۵
〃	محمّد قاسم رُکوي	۴۵۶ - ۴۵۷

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا	خوش محمّد میروخاني	۴۵۸-۴۶۷
″	محمّد هاشم اسحاق ديرائي	۴۶۸-۴۶۹
″	محمّد صالح وصالي	۴۷۰-۴۷۱
″	درمحمّد خاک صديقي	۴۷۲-۴۸۸
″	هدايت الله تارک نجفي	۴۸۹-۴۹۳
″	غلام رسول عباسي	۴۹۴-۵۰۶
″	غلام صديق لوناري	۵۰۷-۵۰۸
″	عبدالکريم ککل بلوي	۵۰۹-۵۱۰
″	ثناءُالله ثنائي	۵۱۱-۵۲۴
″	پير نجي الله شاه راشدي	۵۲۵-۵۳۰
″	غلام فريد سپرو	۵۳۱-۵۳۲
″	محمّد اسماعيل ابڑائي هاليپوٹو	۵۳۳-۵۳۴
″	غلام عمر چانديو	۵۳۵-۵۳۹
″	حاجي احمد ملوّي	۵۴۰-۵۴۲
″	دين محمد بلوي	۵۴۳-۵۴۴
″	محمّد سليمان ابڑو	۵۴۵-۵۴۶
″	لطف الله عباسي	۵۴۷-۵۵۵

باب ٹيون

(۱۸۹۶ء کان ۱۹۲۱ء)

مولانا	ولي محمّد ابڑو	۵۵۱-۵۵۲
″	حافظ امام بخش سومرو	۵۵۳-۵۵۶

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 14

مولانا	محمّد قاسم مشوري	٥٥٧-٥٨٤
"	غلام رسول لوبنو	٥٨٥-٥٨٦
"	محمد داؤد لوبنو	٥٨٧-٥٨٨
"	محمّد ابراهيم خليل	٥٨٩-٥٩٦
"	فضل حق چانڈيو	٥٩٧-٥٩٨
"	عطا محمّد سومرو	٥٩٩-٦٠٠
"	نذير حسين جتوئي جلالي	٦٠١-٦٠٣
"	نواب الدين چانڈيو	٦٠٤-٦٠٩
"	عبدالله عبد چانڈيو	٦١٠-٦٣٧
"	قاري امان الله كربلائي	٦٣٨-٦٤٣
"	تاج محمّد كوكر آريجوي	٦٤٣-٦٥٥
"	غلام رسول جهتيال	٦٥٦-٦٥٧
"	محمّد نواز سيناڑ	٦٥٨-٦٥٩
"	محمّد اسماعيل قريشي	٦٦٠-٦٦٢
"	عبدالعزيز پانڈوي	٦٦٣-٦٦٧
"	جان محمّد وڙيچ	٦٦٨-٦٧٠
"	غلام صديق قريشي حنفي	٦٧١-٦٨٢
"	شاهمحمّد هكڙو	٦٨٣-٦٨٥
"	خالقداد ابڙو	٦٨٦-٦٨٧
"	محمّد كوكر	٦٨٨-٦٩٢
"	محمّد ابراهيم بلوي	٦٩٣-٦٩٤
"	عبيدالله لاشاري	٦٩٥-٦٩٩
"	عبدالحق ٻلوچ	٧٠٠

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا	محمّد قاسم چانڈيو	۷۰۱ - ۷۰۳
"	غلام قادر مهيسر	۷۰۴ - ۷۰۵
"	علي انور ٹونيو	۷۰۶ - ۷۰۷
"	سلطان احمد جلوئي	۷۰۸ - ۷۱۲
"	محمّد ابراهيم ميمڻ	۷۱۳ - ۷۱۷
"	غلام مصطفیٰ قاسمي	۷۱۸ - ۷۴۳
"	حافظ عبدالقادر ٹونيو	۷۴۴ - ۷۴۵
"	قاضي دوست محمّد "بلبلِ سنّة"	۷۴۶ - ۷۴۸
"	غلام صديق آصف چنجڻي	۷۴۹
"	عزيز الله جروار	۷۵۰ - ۷۵۲
"		

باب چوٹون

(۱۹۲۲ء کان ۱۹۴۷ء)

مولانا	حافظ عبدالقادر کلهوڑو	۷۵۳ - ۷۵۴
"	عبدالغفار کنبر	۷۵۵ - ۷۵۷
"	محمّد صالح پنو نعيمي	۷۵۸ - ۷۵۹
"	عبدالحليم ميمڻ	۷۶۰ - ۷۶۱
"	مفتي محمّد سليمان بگهيو	۷۶۲ - ۷۶۳
"	الله بخش ٹونيو	۷۶۴ - ۷۶۵
"	قاري خير محمّد بلوچ	۷۶۶ - ۷۶۸
"	عبدالحئي چانڈيو	۷۶۹ - ۷۷۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا	نورالدين نور	۷۷۱-۷۷۶
"	حبيب الرحمٰن ٹوڻيو	۷۷۷-۷۷۸

پچاٽي، نتيجا ۽ تجويزون ۷۷۹-۷۸۴

ضميمو

مولانا	غلام رسول چانڈيو	۷۸۵
"	شمس الدين جوٽيجو	۷۸۶-۷۹۰
"	غلام محمّد قادري	۷۹۱
"	عبدالحليم ٻُرڙو	۷۹۲
"	عطا محمّد عطائي	۷۹۳
"	هدايت الله ٽونيو	۷۹۴
"	مولا بخش فنائي	۷۹۵
"	محمّد موسيٰ چنجڻي	۷۹۶
"	محمّد عالم ابڙو	۷۹۷-۷۹۸
"	سيّد عبدالحق شاه	۷۹۹
"	حبيب الله نوناري	۸۰۰
"	عبدالستار نوناري	۸۰۱
"	عبدالله رتائي	۸۰۲
"	الله بخش کارڙائي	۸۰۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا خدابخش کارڑائی ۸۰۴
" فیض محمّد واعظ ۸۰۵
" نورالحق شیخ ۸۰۶-۸۰۷
" قمرالدین مهیسر ۸۰۸

بیلوگرافی ۸۰۹-۸۲۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 18

پيش لفظ

مون کي مذهب سان وابستگي ورثي ۾ ملي آهي.
جڏهن سمجهه پرايو ٿيم تہ ڏٺم تہ منهنجا والدين اسلامي عبادات، روايات جا پابند آهن. مون کي پڻ انهن روايتن جي رنگ ۾ رنگجڻ خاطر مسجد دستور ابتدائي ديني تعليم لاءِ گوٺ جي مسجد ۾ وٺي ويندا هئا. زرخيز زمين ۾ سلوسائي ٽيڙ ۾ وڏو وقت ڪونہ ونڊو آهي. اهڙي سازگار ماحول ۾ منهنجي مٽان پڙ اهو مذهبي رنگ گهرو چڙهڻ لڳو ۽ نتيجي ۾ مون پنهنجي اصلي گوٺ خيرپور جوسو (تعلقو ڪنبر) جي ديني مدرسي ۾ قرآن حڪيم جي حفظ لاءِ ويس ۽ الله تعالىٰ جا تڪ احسان جنهن مون کي اهڙي عظيم نعمت سان نوازيو.

حفظ قرآن کانپوءِ مون دنياوي تعليم ڏانهن توجهه ڏنو ۽
سال ۱۹۷۸ع ۾ اسلامي ڪاليج ۾ ايم اي جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيم ۽ سال ۱۹۷۹ع ۾ اسلاميات جي استاد طور گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڑڪاڻي ۾ تقرر ٿيم، جتي رهڻ دوران چند اهڙن محنتي، سنجيده اديب دوستن سان وابستگي رهي جن جي صحبت مون ۾ انشاه پيدا ڪيو تہ انهن جيان ڪجهه تحقيقي ڪم ڪجي جيئن هڪ طرف منهنجي اها علمي جاکوڙ ديني ادب ۾ مناسب ديني خدمت قرار ڏيئي سگهجي تہ ٻئي طرف منهنجو اهو قلمي پورهيو ٻين تحقيق جي طالبن لاءِ رهنمائي جوسبب بڻجي. اهڙي تحقيقي ڪم لاءِ مون پنهنجي ٻئي ضلعي جي ديني علماء ڪرام جي ديني، تبليغي، تدريسي ۽ تحريري خدمتن کي واڪو ڪرڻ جو قصد ڪيو ۽ پنهنجي ارادي جي تڪميل لاءِ ملڪي نامور عالم علامہ غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيم ۽ علامہ صاحب آڏو پنهنجي ماجرا بيان ڪيم، جنهن صاحب ڪمال فراخدليءَ ۽ سرهائيءَ جو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 19

مظاهر وکندي منهنجي تمام گهٽي همت افزائي کئي ۽ آخر مون کي سنڌ جي عظيم درسگاهه سنڌ يونيورسٽي طرفان "لاڙڪاڻي منلعي جي ديني عالمن جو دين جي اشاعت ۾ حصو" ۱۸۴۳ع کان ۱۹۴۷ع (انگريزن جو دور) جي عنوان هيٺ تحقيق کرڻ جي اجازت ملي وئي.

مون سڀ کان اول تحقيق جي امولن ۽ گهرجن بابت پنهنجي مهربان استاد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب کان رهنمائي حاصل کئي. جنهن کانپوءِ الله جو نالو وٺي سفر جو آغاز کيم. اهڙيءَ طرح پورهئي جي ڪٽن سفر ۾ مون کي ڪيترائي مهربان ساٿي ملڻ جا جن منزل تي رسڻ لاءِ نه فقط منهنجي رهنمائي کئي پر هر قسم جي تعاون جو يقين ڏياريو ۽ عملي طور پنهنجي علم ۽ تجربي ذريعي منهنجي معلومات ۾ اضافو آندو ۽ منهنجي ڪم کي سهل بنائڻ لاءِ مفيد مشورا پڻ ڏنا. اهڙن دوستن ۽ ساٿين ۾ ڊاڪٽر درڪڏ پٽاڻ، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، ڊاڪٽر ڪڏ ادريس سومرو ۽ پروفيسر غلام علي لوڻيو جا نالا اڃ تائين آءُ دل جي گهرائين سان انهن صاحبن جو ٿورائتو آهيان.

مون سان پال پلائڻ وارن دوستن ۾ هڪڙا اهي دوست هئا، جن پنهنجي ذاتي لئبريرين جا دروازا منهنجي لاءِ هر وقت کليل رکيا. انهن مهربانن ۾ ڊاڪٽر بشير احمد شاد، ڊاڪٽر درڪڏ پٽاڻ، ڊاڪٽر رحمت الله ابڙو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ميمڻ غلام مصطفيٰ "مشتاق" ۽ برادرم عبدالغفار سومرو جا نالا اڃ تائين. ان کانسواءِ محترم ممتاز علي منگي جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجون پيون مصروفيتون ترڪ ڪري منهنجي هن قلمي ڪاوش جي ڪتابت کئي. ان ڏس ۾ منهنجي موضوع ۾ آيل عالمن جي قائم ڪيل نجي علمي ڪتب خانن مان پڻ استفادو ڪيم انهن ۾ مولانا غلام صديق جوٽائين واري جو ڪتبخانو، پير نبي الله شاه راشدي پير گوٺ وارو ڪتبخانو، مولانا ڪڏ تاسم مشوري صاحب جو ڪتبخانو سرفهرست آهن. آءُ مذڪوره مٿين ڪتبخانن جي منتظمين

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 20

جو بيحد شڪرگذار آهيان . من علمي ۽ ديني تحقيق دوران جن سرڪاري لئبريرين مان استفادو حاصل ڪيم انهن ۾ سرشاهنواز پليڪ ۽ پاڪستان نيشنل سينٽر لئبريري لاڙڪاڻو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لئبريري ۽ جنرل لئبريري سنڌ يونيورسٽي جامشورو ۽ حيدرآباد تا. مان انهن لئبريرين جي منتظمين محترم گل محمد غل، بشيراحمد ابڙو ۽ ٻين سموري دوستن جي شڪرادائي ڪندي انهن جي اخلاقي فرض تصوّر ڪريان ٿو .

منهنجي من عالمي سفر ۾ جن مهربانن پنهنجي وڏڙن بزرگن ۽ عالمن متعلق نه فقط مفيد ۽ مستند معلومات مهيا ڪئي، بلڪ سندن قلمي پورهئي کي به فراخدليءَ سان اڇي آڏو رکيو . انهن جي شڪرادائي لاءِ مون وٽ الفاظ ڪونه آهن .

توڙانه توڙا مون تي ساروئڙن جا .

انهن محسنن ۾ مولوي منورعلي قريشي، عبدالمجيد چانڊيو ، مولوي رشيداحمد ڪوراڻي، ميان علي محمد مشوري ، ميان فخرالدين ابڙو ، عبدالرحيم ڪنبر ، مولوي ڪرم الله ڪوڪر آريجاڻي ۽ مولوي عنايت الله دامراهو جا نالا اچن ٿا .

ڪن دوستن منهنجي هن سفر ۾ گرمين توڙي سردين ۾ شهرن توڙي وستين ۾ واهڻ ۾ مون سان هم رڪاب رهي سچ پچ ته پنهنجي دوستي جو حق اداري ڏيکاريو ۽ منهنجي مٿان انمٽ احسان ڪيا . انهن دوستن ۾ ڊاڪٽر بشيراحمد شاد، پروفيسر غلام علي تونيو، ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو ۽ ڊاڪٽر رحمت الله ابڙو جا نالا سرفهرست آهن . سندن انهن احسانن کي مان عمر پر گهائيندو رهندس .

منهنجي من محبّت پري محنت کي تڪميل تي رسائڻ ۾ منهنجي مٽي امتي ۽ قبله بابا سائين جن جي دعائن جو وڏو دخل آهي . مٿان سندن رحمت پريو پاڇو منهنجي سر تي سدائين قائم رهي . آمين

آخر ۾ ان ڳالهه جو اعتراف ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته سڀ تعريف ۽ ساراهه رب العلمين جا جنهن مونکي هن محنت جي توفيق بخشي ۽ اڄ آءٌ پنهنجي تحقيقي مقالي کي مڪمل ڪري پيش ڪرڻ جي لائق ٿيس .

حافظ عبدالرزّاق سومرو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 21

مقدمو

سنڌ قديم زماني کان وٺي تهذيب ۽ تمدن، علم ۽ عرفان جو مرڪز رهي آهي. دراصل سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جي قائم ٿيڻ سان ئي اسلامي علوم جي ترويج ۽ ديني نشر و اشاعت جو سلسلو شروع ٿي ويو. اسلام جي آمد کان پوءِ سنڌ جا مکيه مرڪزي شهر هڪڙو ٺٽو ديبل، بکر، سيوهڻ ۽ ملتان علم جا مرڪز هئا. ان کان سواءِ عربن سنڌ ۾ فوجي لحاظ کان 'منصوره'، 'محفوظ' ۽ 'بيضاء' جهڙا شهر تعمير ڪرايا جن ۾ پڻ اسلامي علوم ڦهلائڻ لاءِ عرب جي ڪيترن جيد عالمن کي مقرر ڪيو ويو.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ اسلامي تعليم، تبليغ ۽ ديني اشاعت جو سلسلو باقاعده شروع ٿيو. تاريخ جي ورقن الٽائڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سڀ کان پهرين حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي خطبن مبارڪن کي ديبل جي هڪ عالم ابو جعفر ديبلي "مڪاتيب النبي" جي نالي سان لکڻ ڪيو. قرآن پاڪ جي تفسير، حديث، فقه ۽ ٻين اسلامي علوم جي ترقي ۽ تدوين جي لاءِ پڻ ڪوششون ٿيندڙ رهيون. جنهن جو ثبوت قرآن حڪيم جو سنڌي زبان ۾ ۲۵۱ هـ ۾ ترجمو آهي. ان کانپوءِ سنڌ ۾ سومرن کان وٺي تالپورن جي دور حڪومت تائين هر دور ۾ سنڌ ٻي عالمن اسلامي علوم جي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن جو ثبوت ٺٽي جي علمي عظمت مان ملي سگهي ٿو. مشهور سياح الگزينڊر هيملٽن جيڪو ۱۶۹۹ع ۾ سنڌ ۾ آيو سو لکي ٿو ته:

"صرف ٺٽي جي شهر ۾ چار سو کان وڌيڪ مکتب يا مدرسا هئا."

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 22

مطلب تہ سنڌ جو سمورو خطو هر دور ۾ علم جو وڏو مرڪز رهيو آهي. هن سلسلي ۾ لاڙڪاڻو ضلعو سنڌ جي هيٺ حصن کان ڪنڌ ۾ ريت گهٽ نظر نہ ايندو آهي. ضلعو لاڙڪاڻو هونئن ۾ قديم تهذيب جو مرڪز رهيو آهي. هن خطي جي تهذيب ۽ تمدن موئن جي دڙي ۽ هيٺ کيترن قديم ڪنڊرن جي هزارين مٽ مٽيءَ جي اندر مدفون آهي. جنهن جي آثارن کي ڏسي دنيا جي عالمن ۽ ماهرن هن تهذيب جي واکاڻ ڪئي پريا آهن.

ان کانپوءِ اسلامي دور ۾ هي خطو سنڌ جي قديم علمي مرڪز ملتان، سيوهڻ ۽ ٻڪر جي نزديڪ هڙڪري پٽ علم جو مرڪز رهيو آهي. هن خطي جي قديم دور خاص طرح اسلامي تاريخ بابت کو مفصل ۽ مستند احوال ملي کونہ سگهيو آهي. پر جڏهن تاريخ جو مطالعو ڪجي تہ مغل دور ۾ هي علائقو "چانڊڪي" يا "چانڊڪا پرگنو" جي نالي سان ڏسڻ ۾ اچي تو. خاص طرح سنڌ جي ڪلهوڙن جي طاقت ۽ سياسي افق تي اپرڻ کان پوءِ "چانڊڪا" جو علائقو يعني موجوده لاڙڪاڻو نمايان طور ظاهر ٿيو. هتان جي عالمن اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي.

ضلعي لاڙڪاڻي جي اهڙين خصوصي، ديني، علمي ۽ تبليغي سرگرمين کان متاثر ٿي مون لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن جو ديني اشاعت ۾ حصو جي موضوع جو انتخاب ڪيو تہ جيئن سنڌ جي هيٺ حصن وانگر ضلعي لاڙڪاڻي جي عالمن طرفان دين جي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي کي اجاگر ڪيو وڃي. لهذا سنڌ جي عظيم تعليمي درسگاهه سنڌ يونيورسٽي طرفان مذڪوره موضوع جي اجازت حاصل ڪرڻ بعد ملڪ جي برڪ عالم ۽ محقق علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي رهنمائي ۽ رهبريءَ هيٺ تحقيقي ڪم شروع ڪيو ويو.

اغراض ومقاصد.

هر ڪنهن عمل جي پويان ڪو نہ ڪو مقصد پنهان هوندو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي ويندي آهي. تحقيق جي دنيا ۾ به قلمي جاکوڙ جي پس پرده ڪي اغراض ۽ مقاصد موجود هوندا آهن. منهنجي هيڏي ساري محنت جي پٺيان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 23

فقط هڪ ضخيم ڪتاب تيار ڪرڻ مقصود ڪونہ هو. پر مون آگيان نهايت چناءِ چوڪا مقصد موجود هئا. جن جي نشاندهي ان ڪري ضروري لڳو پاڻ سيان ته جيئن انهن کي پاڻ آڏو پيش ڪري اهو عرض ڪري سگهان ته مان انهن مقاصد کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان. جيئن ته مقاصد جي حصول جو ذڪر مقالي جي پهاڻيءَ ۾ ڪيو ويندو، تنهنڪري ڪجهه فقط هن علمي جاکوڑ جي اغراض ۽ مقاصد جو اختصار پيش ڪريان ٿو.

(الف) لاڙڪاڻي جي مردم خيز ضلعي جي هڪ سو سال ديني تاريخ کي مرتب ڪري منظرعام تي آڻي سگهجي.

(ب) ان ديني تاريخ کي تحقيق جي فن مطابق تيار ڪيو وڃي جيئن سچاءِ مستند حقائق پڙهندڙن آڏو پيش ڪري سگهجن.

(ت) هي تحقيقي ڪاوش سنڌي ديني ادب ۾ هڪ نمايان حيثيت وٺي بيهي.

(ٽ) هن ضلعي جي علماءِ ڪرام جي ديني تبليغي، تدريسي ۽ تحريري خدمتن کي منظم نموني يڪجا ڪيو وڃي.

(ج) هن علائقي جي علماءِ ڪرام جي ديني خدمات جي روشنيءَ ۾ سندن علمي عظمت جو تعين ڪرڻ ۾ مدد ملي.

(د) هن قسم جي تحقيق کي بين تحقيق جي طالبن لاءِ مثالي نمونو بڻائي پيش ڪري سگهجي. جيئن بين ضلعن جي ديني تاريخ مرتب ڪرڻ وقت اهڙا محقق سالين تحقيقي اصولن تي عمل ڪري مستند ۽ نوس حقائق تي مبني تاريخ جوڙي سگهجن.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

موجوده مواد متعلق به اکر

ضلعي لاڙڪاڻي جي ديني عالمن ۾ بزرگن جي شخصيت جي ڪن پهلوئن تي اسان جي ڪن عالمن ۾ محققن ڪافي ڪجهه لکيو آهي. جڏوڪ سياسي، سماجي ۾ هن ڪيترين ملڪي تحريڪن ۾ حصتان جي عالمن جيڪو نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي تنهن تي ڪافي روشني وڌي ويئي آهي. البته انهن جي ديني، تبليغي ۾ اشاعتي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن متعلق ڪا به تفصيلي ۾ مستند معلومات ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. جيتوڻيڪ انهن علماء ڪرام جي تبليغي، تدريسي ۾ تحريري خدمتن متعلق مواد ۾ معلومات ماڻڻ جي سيني ۾ ڪتابن جي ورقن ۾ محفوظ هيلو پراڻا سموري معلومات ڪنهن منظم ۾ محققانه طريقي سان منظر عام تي ڪانه اچي سگهي هئي. البته انهن عالمن متعلق جزوي ۾ اڌوري معلومات ڪنهن رسالي، ڪنهن اخبار يا ڪنهن مجلي ماڻڻ جي واتان ڪڏهن ڪڏهن ۾ ٻڌي آئي. يا ڪنهن بزرگ جو ڪتاب ڪنهن وٽان اتفاقاً ملي ويو ته، جنهن مان ان شخص جي علمي مرتبي جي ڪجهه قدر جهلڪ نظر ۾ آئي.

مون جڏهن ضلعي لاڙڪاڻي جي ديني عالمن جي باري ۾ تحقيق جي اصولن مطابق مواد ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو ته مون کي انهيءَ سلسلي ۾ هن قسمن جي عالمن جو مواد ملڻ لڳو. هڪڙا اهي عالم ۾ بزرگ نظر آيا، جن ديني تبليغي اشاعت ۾ صرف وعظ ۾ تقرير جي ذريعي عام مسلمانن کي دين اسلام جي باري ۾ حڪم ۾ هدايتون ٻڌائيندي پنهنجي حياتي گذاري ۾ ان سان گڏ انهن درس تدريس جو عظيم عمل به جاري رکيو. انهن عالمن جي درس مان ڪيترائي علم جا پياسا فيض حاصل ڪري وڏا عالم بڻيا. انهن عالمن جي زبان ۾ الله تعالىٰ انهن کي جيڪا اثر وديعت ڪري ڇڏيو هو، جو انهن جي شعله بياني جي اثر تحت ڪيترائي راهه ڀٽڪيل انسان سڌي رستي تي آيا. انهن عالمن جو ڇڪو ڇولو تعداد ملي ٿو. عالمن جو ٻيو طبقو اهو نظر آيو، جنهن وعظ، خطابت ۾ درس تدريس سان گڏ تصنيف ۾ تاليف جو شغل پڻ جاري رکيو آهي. انهيءَ قلمي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 25

ڪاوش سان گڏ سندن قائم ڪيل ديني مدرسن ۽ مڪتبن ۾ درس تدريس جي ذريعي ڪيترائي عالم فارغ التحصيل ٿي نڪتا، جن عالمن پنهنجي لائق استادن جي علمي مشعل کي روشن رکيو.

مون پنهنجي قابل احترام استاد علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جي هدايت موجب هن تحقيقي مقالي ۾ پنهنجي قسمن جي عالمن جي تدريسي تبليغي ۽ اشاعتي خدمتن کي موضوع بڻايو آهي. يعني جن عالمن جو تحريري مواد ملي ٿو، انهن جي چڊيل ان علمي سرمايي، جنهن ۾ تفسير، حديث، علم اصول، فقه، فتوىٰ نويسي، منظوم مذهبي شاعري ۽ پي ديني ۽ تبليغي مواد کي گڏ ڪري ان تي تحقيقي انداز ۾ روشني وڌي آهي. جنهن مان جڏهن ڪريت اهو معلوم ٿئي ٿو ته انهن بزرگن خاص طرح لائبريري ضلعي جي عوام لاءِ ديني تبليغي اشاعت جي سلسلي ۾ ڪيڏي حد تائين ڪم ڪيو آهي. علماء ڪرام متعلق مواد گڏ ڪرڻ وقت وڌيڪ وڌ مستند معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

تحقيقي طريقا

مون پنهنجي مقالي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ معلومات خواه مواد جي ذريعن ۽ وسيلن جو تعين ڪري ريت ڪيو، ان جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

انٽرويوز :- مواد جي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ضلعي جي دور دراز علائقن گوٺن، شهرن، واهڻن ۽ وستين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڪيترن عالمن جي پوئيرن ان ڏس ۾ فراخدليءَ سان تعاون ڪيو. البته ڪن ٻين لاعلميءَ غير مثبت رويو به ڏيکاريو. تاهم جيڪي ڪجهه مواد فراهم ٿي سگهيو، انهن کي صفحي جي حد ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

ڪتب بيني :- مستند مواد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ لائبريري ضلعي خواه ٻين معروف لائبريرين ۽ ڪتبخانن ۾ بار بار وڃڻو پيو جتان مونکي ڪافي مواد ملي ٿو. انهن لائبريرين ۽ ڪتب خانن ۾ سرشاهنواز ٻلو ۽ پاڪستان نيشنل سينٽر لائبريري

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 26

جون لائبريريون، مولانا غلام صديق قريشي جوٽاسين واروکتبخانو، پير نبي الله شاه راشدي پيرگوٺ (تعلقو وارهه) واروکتبخانو، مولانا محمد قاسم مشوري واروکتبخانو اچي وين ٿا. جڏهن ته باهرين لائبريرين ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لائبريري ۽ جنرل لائبريري سنڌ يونيورسٽي جام شورو جا نالا اچي وين ٿا. ان کان علاوه کن ٻين مهربان دوستن وڏا ڀال پلائي ذاتي لائبريرين جا دروازا منهنجي لاءِ کولي جڏهن جن وٽان پڻ مون تمام گهڻو استفادو کيو، اهڙن مهربانن جا نالا مون مقالي جي پيش لفظ ۾ ڏنا آهن.

سوالنامو: هن سلسلي ۾ مون هڪ جامع سوالنامو پڻ تيار کيو، جنهن جي روشنيءَ ۾ عالمن جي سوانح حيات ۽ سندن تبليغي تدريسي ۽ تحريري خدمتن متعلق معلومات حاصل کرڻ لاءِ کوشش کيم. ان ڏس ۾ پڻ مون کي سٺي موٽ ملي.

وضاحتون: آءٌ سمجهان ٿو ته اهڙي ڳالهه کي واضح کرڻ ضروري نٿو سمجهان ته هن تحقيقي مقالي ۾ جن عالمن ۽ بزرگن جي حياتي ۽ سندن علمي ۽ ديني خدمتن جي باري ۾ جيڪي ڪجهه بيان کيو ويو آهي، تنهن مان مون اهڙن بزرگن ۽ عالمن جي علمي ۽ ديني ڪاوشن کي مقدم رکيو آهي، جن جو تعلق منهنجي تحقيقي مقالي جي عنوان "ضلعي لاڙڪاڻي جي ديني عالمن جو ديني جي اشاعت ۾ حصو" (۱۸۴۳ع کان ۱۹۴۷ع) سان آهي. ان ضمن ۾ آءٌ هن ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري نٿو سمجهان ته مون هن مقالي ۾ نه فقط اهڙن عالمن جي ديني ۽ علمي ڪاوشن جو مفصل طريقي سان احوال ڏنو آهي، جيڪي مذڪوره عرصي دوران تولد ٿيا ۽ فارغ التحصيل ٿي ديني خدمتون سرانجام ڏنائون، پر ان کان علاوه جن بزرگن گڏيل هندستان جي آزاديءَ لاءِ هلايل نيم مذهبي ۽ سياسي تحريڪن ۾ ڪلي حصو ورتو، اهڙن جي اهڙن مجاهدانه ديني ڪارنامن کي پڻ پنهنجي مقالي ۾ شامل کيو آهي.

هتي اها ڳالهه چاٽائڻ به ضروري نٿو سمجهان ته مون پنهنجي هن تحقيقي مقالي ۾ جن علماءِ ڪرام جي تبليغي، تدريسي ۽ تحريري ديني خدمات

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جو ذکر کيو آهي، انهن جو تعلق لاڑڪاڻي ضلعي جي موجوده جاگرافيائي حدن سان آهي.

رٿابندي/ ترتيب

مذڪوره ذريعن وسيلي جيڪا معلومات ۽ مواد حاصل ٿيو تنهن کي سهيڙي سمورهي يڪجا ڪرڻ لاءِ رٿابندي ضروري هئي. تنهنڪري مون پنهنجي مقالي کي ٻن پاڻن ۾ تقسيم ڪيو. پهرين پاڻي جي پهرين باب ۾ سنڌ ۾ اسلام جي آمد ۽ ديني تعليم جي اشاعت جي تاريخ جو عربن واري دور کان وٺي تالپرن جي دور واري عرصي تائين جائزو پيش ڪيو آهي. ٻئي باب ۾ انگريزن جي دور جو تاريخي پس منظر پيش ڪندي سنڌ جي سياسي حالتن ۽ تعليمي نظام جو جائزو ورتو ويو آهي، اهڙيءَ ريت پهرين پاڻي جو ٽيون باب ضلعي لاڑڪاڻي جي جاگرافيائي ۽ تاريخي پس منظر جي عڪاسي ڪري ٿو.

مقالي جو ٻيو پاڻو ڇهي ڇٻن باب تي مشتمل آهي، جن ۾ لاڑڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن جو ديني اشاعت ۾ حصو ذڪر ڪيو ويو. جيڪو تہ اسان جي موضوع جو عرصو ۱۰۴ سالن تي محيط آهي، تنهنڪري هر هڪ پاڻو چوڏهن سالن تي مشتمل آهي. انهن چوڏهن سالن دوران جيڪي علماء ڪرام فارغ التحصيل ٿي نڪتا ۽ انهن تبليغ، تدريس توڙي تحرير ذريعي جيڪي ديني خدمتون سرانجام ڏنيون انهن جو سرسري احوال سوانح حيات سميت ڏنو ويو آهي، جنهن مان ڪنهن به عالم جي علمي مرتبي ۽ ديني خدمتن جي ڄاڻ ريت حاصل ٿي سگهي ٿي.

Gul Hayat Institute

اعتراف :-

علم ادب ۾ تحقيقي ميدان تمام وسيع ۽ گوناگون شئي آهي. ڪا به شئي مڪمل جڏهن نہ ٿي سگهجي. ائين ڇڏيجي تہ ان ۾ وقت اضافي ۽ سڌاري جي گنجائش موجود هوندي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 28

مون نهايت پيار پريو پورهيو ڪيو آهي، پنهنجي ڪوشش جي نتيجي ۾ جيترو ڪجهه مٽ اچي سگهيو آهي. ان کي مقالي ۾ سمورهٽ ۽ سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هن ڏس ۾ ڪيترن علم دوست حضرات سچٽن ۽ سائين جو ساٿ رهيو آهي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن انهن سچٽن ۽ سائين جو تعاون حاصل نہ رهي هات شايد هي ڪم وقت اندر پورو ڪري نہ سگهي ها. اهڙن سمورن مهربانن جي تہ دل سان شڪر ادائي پيش لفظن ۾ ڪري چڪو آهيان.

آءٌ هتي هڪ پيرو وري پنهنجي مهربان ۽ مشفق استاد علامہ غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب جو نهايت ئي احسانمند آهيان، جنهن جي رهنمائي مون کي هر قدم تي ميسر رهي. ان کان پوءِ پاڻ کيترن ئي منجهيل ۽ دقيق مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ هڪ لائق استاد جيان منهنجي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي.

آخر ۾ آءٌ پنهنجي هن تحقيقي مقالي جي سلسلي ۾ ايترو ضرور عرض ڪندس تہ اهو ڪاڏهن بعيد از قياس نہ آهي تہ مقالي ۾ مون کان کي غلطيون ۽ خاميون سرزد ٿيون هجن، چوتہ هن قسم جي تحقيقي ڪم ۾ اڃڙي امڪان کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي، سو جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ منهنجي انهن ڪوتاهين جي نشاندهي ڪندو تہ آءٌ سندس تہ دل شڪر گذار رهندس.

تاريخ

عبدالرزاق سومرو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پاگو پهريون

سنڌ ۾ اسلام جي آمد ۽ ديني تعليم جي شروعات

(عربن جي دور کان تالپرن جي دور تائين)

(۷۱۱ع — ۱۹۴۷ع)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب پهريون

۱. سنڌ ۾ اسلام جي آمد

(الف) تعارف

(ب) تاريخي پس منظر

(ت) عربن جا هند ۽ سنڌ سان پراڻا لاڳاپا

(ٿ) سنڌ تي ڪاهڻ جا سبب

(ج) محمد بن قاسم جي سنڌ تي ڪاهه

(د) سنڌ ۾ عربن جو آخري دور

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۱- سنڌ ۾ اسلام جي آمد

(الف) تعارف -

هن مقالي جو پهريون باب ٻن حصن تي مشتمل آهي، جنهن مان پهرين حصي ۾ مقالي جي موضوع سان صحيح معنيٰ ۾ انصاف ڪرڻ لاءِ تاريخ جي انهن دورن جي پس منظر جو جائزو ورتو آهي، جنهن جو موضوع سان سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح واسطو آهي تنهنڪري پهرين باب جي شروعات "سنڌ ۾ اسلام جي آمد" کان ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح هي باب عربن جي دور کان ٽالپرن جي دور تائين ڦهليل آهي، جيڪو سمورو عرصو تقريبًا سوا صديءَ کان به مٿي آهي. سڀ کان اول صحيح ۽ مستند حوالن سان هر دور جو تاريخي پس منظر پيش ڪيو ويو آهي، انهن دورن ۾ عربن، سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جا دور اچي وڃن ٿا.

پهرين باب جي ٻئي حصي جو موضوع ذڪر ڪيل دورن ۾ ديني تعليم جي اشاعت متعلق آهي، جنهن ۾ هر دور جو علمي ۽ ديني خدمتن جي نقطهٔ نگاهه کان جائزو ورتو آهي، ۽ اهو ڄاڻايو آهي ته ديني تعليم جي اشاعت ۾ ان دور جي حاڪمن ۽ عالمن ڪهڙا ڪهڙا ڪارنامه سرانجام ڏنا آهن. ساڳئي وقت اهو به بيان ڪيو آهي ته ان دور ۾ ڪهڙا مدرسا ۽ درسگاهه علم جا وڏا مرڪز هئا، ۽ انهن جي ڪارڪردگي ڪهڙي هئي. اهڙيءَ طرح عربن جي آمد کان ٽالپرن جي دور تائين تاريخي پس منظر ۾ ديني تعليم جي اشاعت متعلق پهرين باب ۾ سير حاصل بيان ڪري سنڌ جي علمي عظمت کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن سنڌ جي علمي لحاظ کان حيثيت اُجاگر ٿئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 32

(ب) تاريخي پس منظر

مولانا سيّد سليمان ندوي رقمطراز آهي:-

"اهل عرب جي دعوىٰ اها آهي ته هندستان سان سندس تعلق صرف چند هزارن سالن جو نه آهي. پر پيدائش جي شروع کان ئي هي ملڪ انهن جو "پدري وطن" آهي". (۱)

ساڳيو مصنف اڳتي هلي لکي ٿو:-

"تفسيرن ۾ جتي حضرت آدم عليه السلام جو قصو آهي، اتي چنڊ روايتن ۾ اچي ٿو ته حضرت آدم عليه السلام کي جنڊهن جنت مان کڌيو ويو ته سراندیپ (سري لنڪا) ۾ ان پهريون قدم رکيو، جنهن جو نشان اتان جي هڪ پهاڙيءَ تي موجود آهي. امام ابن جرير طبري، ابن حاتم ۽ ابو عبيدالله حاڪم کان روايت آهي ته هندستان جي ان سرزمين جو نالو جتي حضرت آدم لٿو "دجناء" آهي جنهن کي هنديءَ ۾ دکن چيو وڃي ٿو، جيڪو هن وقت هندستان جي جنوبي حصي جي هڪ پرڳڻي جو نالو آهي." (۲)

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ طرح عرب ملڪن ۾ گهڻن ئي قسمن جا مصالحا جنوبي هندستان مان ئي وينداهن آهن ۽ پوءِ وري عربن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ وينداهن آهن. ان کري انهن جو چوڻ آهي ته اهي شيون انهن تحفن جون يادگيريون آهن.

---

(۱) سليمان ندوي سيّد، عرب و هند کي تعلقات، ۱۹۸۴ع، اعظم گڙهه، سلسلهٔ دارالمصنفين، ص - ۱

(۲) ايضاً ص - ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 33

جيڪي حضرت آدم عليه السلام جنت مان پاڻ سان آنديون هيون. غلام علي
ميرآزاد بلگرامي "سبحة المرجان في آثار هندستان" ۾ ڪيٽي صفحا هندستان
جي انهن فضائل جي تذڪيا آهن. بهرحال اهي سڀ روايتون فن حديث جي
لحاظ کان گهڻو گهٽ آهن. پر تڏهن به انهن مان سنڌ جي عظمت ڏانهن ضرور
اشارو ملي ٿو.(١)

شبلي نعماني پنهنجي تصنيف الفاروق ۾ لکي ٿو:

"عربن جا اٽڪ سو سال قبل مسيح کان سنڌ سان تجارتي تعلقات هئا."(٢)

قديم زماني ۾ عرب واپاري هندستاني بندرگاهن تان مال جا وڏا غوراب پرائي خشڪيءَ
رستي شام طرف روانا ڪندا هئا. جتان وري يورپ جي واپاري منڊين ۾ پهچايو
ويندو هو. جڏهن عرب جي سرزمين اسلام جي نور سان روشن ٿي تڏهن ڪجهه
وقت لاءِ عرب ۽ هند جي تعلقات تي اثر پيو. اسلامي دور ۾ مسلمان عرب
ملاحن ۽ واپارين پنهنجي آڳ واري واپارين جي روايتن کي برقرار رکندي
هندستان سان پنهنجو واپاري سلسلو قائم رکيو ۽ جلد ئي واپاري تعلقات
سان گڏوگڏ سياسي رابطو استوار ٿي ويو.(٣)

Gul Hayat Institute

---

١. سيد سليمان ندوي، عرب و هند کي تعلقات، سلسلهٔ دارالمصنفين
اعظم گڙهه، ١٩٨٤ع، ص - ٢

٢. شبلي نعماني، الفاروق، ج - ١ - ڪريمي پريس لاهور، ١٩٢٤ع، ص - ١٣١

٣. ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 34

(ت) عرب جا هنڌ ۽ سنڌ سان پراڻا لاڳاپا

سنڌجي سرزمين جا قديم زماني کان عرب دنيا سان تعلقات رهيا آهن. مولانا ابوالجلال ندويءَ جي تحقيق مطابق تہ قديم زماني ۾ سنڌ ۾ عربي قومون اچي آباد ٿيون هيون ۽ سنڌ جا عرب دنيا سان تمام گهاڻا تعلقات هئا. (۱)

ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر گستاولي ليبان 'تمدن عرب' ۾ اختلاف راءِ رکي ٿو هُو چوي ٿو،

"عربن جا هندستان سان تعلقات تاريخي زماني جي ابتدا کان آهن. پرسيني واقعن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اسلام کان اڳ واري زماني ۾ اهي هندستان جا ئي ماڻهو هئا، جي پنهنجي ملڪ جي پيداوار کي عرب جي ساموندي ڪناري تائين آڻيندا هئا ۽ نہ، اهو تہ عرب واپاري انهن جي گولها ۾ هندستان ويندا هئا. جنهن وقت يمن جي بندرن کان هندستان ڏانهن جهاز وڃڻ لڳا تہ اهو زمانو آنحضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت جي تمام ويجهو هو." (۲)

عرب ۽ عربي زبان جي سنڌ سان گهاڻي تعلق جي ثابتي هندن جي مذهبي ڪتابن مان ٻہ ملي ٿي. سوامي دياننڈ سرسوتي ستيارٿ پرڪاش جي يارهين سملاس (پروچن، اڌياءِ ۱۴۷) ۾ لکيو آهي:ہ

---

(۱) ماهنامہ "روح ادب"، "مونٿ جو ڏڙو کي زبانين" (مضمون) ۽ "سنڌي مهريين"، ماه نومبر، نومبر ۱۹۵۶ع

(۲) گستاولي ليبان ڊاڪٽر، تمدن عرب، (اردو ترجمو) سيّد علي بلگرامي، مقبول اڪيڈمي لاهور- ۱۹۶۰ع ص- ۵۸۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 35

"مهاڀارت ۾ جڏهن ڪورون لاڪ جوگهر ناهي پانڊون کي ان ۾ ساڙي
پسم ڪرڻ جو خيال ڪيو ته وڌرجيءَ يدشتر کي عربي زبان ۾
ٻڌايو ۽ هن کي عربي زبان ۾ ان جو جواب ڏنو."

علامہ سيّد سليمان ندوي به اهو گالهه پنهنجي ڪتاب 'عرب و هند کي تعلقات' ۾ آندي آهي. ڪيو اٿس:

"جيتوٽيڪ انهيءَ گالهه تي مشڪل سان يقين اچي ٿو، پر جيئن ته
هڪ وڏي پنڊت ان کي ميليو آهي، تنهنڪري مونکي به انڪار
جي جرئت ڪانهي" (۱)

جيڪڏهن اهو گالهه صحيح آهي ته پوءِ چئبو ته سنڌ ۽ هند جا عرب دنيا سان تمام قديم زماني کان تعلقات هئا. 'تمدن عرب' جو مصنف لکي ٿو:

"هجري سن جي شروعات کان ئي عربن هندستان ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. جهازن جون قطارون عمان ۽ بحرين کان نڪري سنڌو نديءَ تائين پهچنديون هيون." (۲)

سنڌ ۽ هند سان عربن جا تعلقات ٿن رستن سان هئا. جن مان هڪ بري ۽ به بحري هئا. بري رستو ڪاروان جي ذريعي سمرقند، دمشق ۽ بغداد کان ٿيندو ايران ۽ ڪشمير مان لنگهي سنڌ ۾ پهچندو هو.

---

(۱) سليمان ندوي، سيّد، عرب و هند کي تعلقات، ۱۹۸۴ع، اعظم گڙهه سلسلهٔ دارالمصنفين، ص - ۱۱

(۲) گستاولي ليبان ڊاڪٽر، تمدن عرب، (اردو ترجمو) سيّد علي بلگرامي، مقبول اڪيڊمي لاهور، ص - ۲۶۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 36

جيڪي واپاري بحري سفر پسند ڪندا هئا. اهي ايراني نار جي بندرن 'سيراف' وغيره کان يا عربستان کان تي، گاڙهي سمنڊ جي بندرن کان خاص طرح عدن کان روانا ٿيندا هئا. (١)

عدن مان ڪي ٻيڙا آفريڪا ۽ حبش ويندا هئا ۽ ڪي اتان سمنڊ جو ڪنارو وٺي حضرموت، عمان، بحرين ۽ عراق جي ڪنارن کي ٽپي ڪري ايراني نار کان لنگهي يا ته بلوچستان جي بندرگاهه 'ٽيز' ۾ لهي پوندا هئا يا وري اڳتي وڌي سنڌ جي بندرگاهه ديبل ڏانهن هليا ويندا هئا. پوءِ اڳتي وڌي گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي بندرگاهه ٿانه (بمبئي) ۽ ڪنيات هليا ويندا هئا. (٢)

اٽڪل چوڏهن سؤ سال اڳ اسلام جي آمد هڪ نئين عالمي طاقت ٻڌجي ايري، جنهن نوڙي نئي عرصي ۾ دنيا جي تاريخ کي هڪ نئون موڙ ڏئي ڇڏيو. اسلام جي مساوات ۽ پائيچاري واري نظريي ۾ فطري ڪشش هئي، جنهن ڪري ان دور جو انسان جيڪو دنيوي جاه جلال، قوم ۽ مذهب، رنگ ۽ نسل جي بنيادن تي اڌيل ڪوڙي برتري جي خيالن ۾ جڪڙيل هو. سو هن فطري اصولن کان بيحد متاثر ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اها ڪشش ملڪن جي سطحن کان وڌي دنيا جي ڪنڊن (Subcontinents) تائين پهچي وئي. نبي صلي الله عليه وآله وسلم جن جي اعلان کان پوءِ اسلام نوڙن سالن اندر هن ننڍي ڪنڊ ۾ داخل ٿي ويو ۽ ايئن سنڌ کي باب الاسلام جو شرف نصيب ٿيو.

---

(١) گستاولي ليبان ڊاڪٽر، تمدن عرب، (اردو ترجمو) سيد علي بلگرامي مقبول اڪيڊمي لاهور. ص - ٥٩

(٢) سليمان ندوي سيد، عرب و هند کي تعلقات، ١٩٨٤ع اعظم گڙهه سلسلهٔ دارالمصنفين - ص ٦ ۽ ٧

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

حديث ۽ سيرت جي ڪتابن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته "سنڌ" ۽ "هند" جو ڪنهن نه ڪنهن لحاظ کان عهد رسالت سان تعلق رهيو آهي.

عام طور تي هندستان ۾ اسلام جي ابتدائي تاريخ جو تصور محمد بن قاسم جي سنڌ ۽ هند جي فتح سان واسطو آهي. حالانڪ ان کان گهڻو اڳ جنوبي هندستان جا تعلقات اسلام ۽ مسلمانن سان قائم ٿي چڪا هئا. برزگ بن شهريار جي وضاحت مطابق عهد رسالت ۾ ئي هڪ وفد سرانديپ (سري لنڪا) کان مدينه منوره روانو ٿيو هو. جيڪو بعض رڪاوٽن جي ڪري عهد فاروقيءَ جي ابتدا ۾ ايتي پهتو ۽ براه راست اسلام جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (۱)

"عرب وهند عهد رسالت ۾" جو مصنف لکي ٿو:

"هجريءَ جي آخر يا ۷. هجريءَ جي شروع ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جن عرب ۽ بين علائقن جي بادشاهن ۽ حڪمرانن جي نالي اسلام جي تبليغ جا دعوت نامه صحابن جي ذريعي موڪليا. ان سلسلي ۾ اسان کي صرف ٻه روايتون ملن ٿيون. پهرين روايت قنوج جي راجا سربا تڪ وت صحابن جي دعوت اسلام ڪٽي اچڻ ۽ راجا جي مسلمان ٿيڻ جي آهي. ۽ ٻي روايت سنڌ ۾ پنجن صحابه ڪرام جي اچڻ جي ۽ انهن مان هن جي واپس وڃڻ ۽ باقي ٽن جي سنڌ ۾ ئي انتقال ٿي وڃڻ جي روايت آهي." (۲)

هيءَ روايت علامه قاسمي صاحب هن ريت بيان ڪري ٿو:

"سنڌ ۾ اسلام خليفه وليد بن عبدالملڪ جي دور ڪان

---

(۱) قاضي اطهر مبارڪپوري، هندستان ۾ عربن جي حڪومتيون، سڪهر فڪر و نظر پبليڪيشن، ۱۹۸۷ع، ص-۲۴

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

آڻ پهچي چڪو هو. جنهن جي ثابتي بياض هاشمي ج - ۴ بحواله
جمع الجوامع ۾ ڏني وئي آهي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم
جن پنهنجي مدني زندگيءَ ۾ هڪ پنجن صحابن سگورن جو
وفد سنڌ ۾ تبليغ اسلام لاءِ موڪليو هو. اهي سنڌ جي نيرون
ڪوٽ عرف حيدرآباد سنڌ ۾ پهتا. هتي هڪ مڪيه هندو سندن
هٿ تي اسلام قبول ڪيو. ان طرح سنڌ ۾ اسلام جي تبليغ شروع
ٿي. هن کانپوءِ به صحابي سگورا ان نومسلم کي ساڻ ڪري
مدينه منوره ڏانهن اسرياءِ ٿي صحابي هٿ سنڌ ۾ رهي پيا،
جن جون قبرون به هتي ٻڌايون وڃن ٿيون ؟" (۳)

هندستان ۽ هندستاني شين کان واقفيت :-

رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ صحابه ڪرام هندستاني ماڻهن کان ڇڳيءَ
طرح واقف هئا. بخاري شريف ۾ حديث معراج شريف ۾ ذڪر آهي ته پاڻ سگورن
حضرت موسيٰ عليه السلام کي جات قوم سان تشبيه ڏني. ان مان معلوم ٿيو
ته پاڻ سگورا هند ۽ سنڌ جي ماڻهن کان ڇڳيءَ طرح واقف هئا. بعض روايتن
مان معلوم ٿئي ٿو ته اُمّ المومنين حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها سنڌي
ڪپڙا ڏيکيندي هئي. امڙيءَ طرح "سيرت ابوهشام" ۾ آهي ته جڏهن نجران
کان بني ڪعب جاماڻهو آيا ته پاڻ سگورا انهن کي هندستاني ماڻهن سان تشبيه
ڏيئي فرمايائون ته هي ڪير ماڻهو آهن .(۴)

---

(۳) نٿوي محمد هاشم مخدوم، تفسير هاشمي، ۱۹۸۷ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد،
پيش لفظ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي - ص - ۷

(۴) اطهر مبارڪپوري قاضي، "هندستان ميں عربوں کي حڪومتيں" سڪهر ۱۹۸۷ع
فڪر نظر پبليڪيشن، ص-۱۵۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

عهد رسالت ۾ هند ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شين جو استعمال عام هو. انهن شين جي خاصيتن ۽ نالن کان ماڻهو واقف هئا. مثال طور ڪافور، زنجبيل، عود هندي، مشڪ، قرنفل، فلفل، هندي نيزا ۽ هندي ڪپڙا وغيره، روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ڪيا ويندا هئا ۽ قرآن ۽ حديث ۾ انهن جا نالا موجود آهن. مطلب ته هندستان ۽ ان جا باشنده ۽ هتان جون شيون ان وقت عام طور مشهور ۽ معروف هيون. پاڙيسري ملڪ هجڻ جي حيثيت سان هنهي ملڪن ۾ مختلف قسمن جا تعلقات هئا. انهيءَ تعلق ۽ جاڻ سڃاڻ جي ڪري هندستان ۾ اسلام کي گهڻو جلد متعارف ڪرايو ۽ هنهي طرفن کان ديني ۽ روحاني تعلقات وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿي ويا. (۱)

هندستان جي باشندن جي اسلام ۽ پيغمبر اسلام سان واقفيت، رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي بعثت وقت عرب جي مختلف علائقن ۾ هندستان جا ماڻهو ايندا ويندا هئا، ۽ ڪي اتي مستقل آباد به ٿيا. جيئن ته مڪو شريف تجارت جو مرڪز هو ۽ هندستاني ماڻهو واپار جي سانگي مڪي شريف ۾ ايندا ويندا هئا ته اهڙي اڇ وڇ ۽ باهمي تعلقات سبب هندستاني ماڻهن تي مذهبي رنگ به اثر انداز ٿيڻ لڳو. نتيجي ۾ ڪيترن ئي تاجرن دين اسلام جي دعوت کي قبول ڪيو ۽ هندستان واپس وڃڻ بعد ڪيترن ئي ماڻهن کي وفد جي صورت ۾ مديني منور موڪليو. ان سلسلي ۾ ٻه واقعا گهڻو مشهور ۽ مُستند آهن. هڪ سرانديپ (سري لنڪا) جي جوگين ۽ سناسين جو ان غرض سان پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ مديني منوره ۾ وڃڻ، ته جيئن اهي روبرو ڪائنات اسلام جي باري ۾

---

(۱) اطهر مبارڪپوري تامني، "هندستان ميں عربوں کي حڪومتيں"، سڪهر ۱۹۸۷ع فڪر و نظر پبليڪيشنس - ص - ۱۵۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 40

معلومات حاصل ڪن. ٻيو هندستان جي هڪ راجا جو رسول الله جي خدمت ۾ زنجبيل جو هڪ ٻيو موڪليڙ، جنهن کي پاڻ سگهورن خود به تناول فرمايو ۽ صحابه ڪرام کي به کارايو.(١)

خلافت راشده جي زماني ۾ سن ١١ھ/ ٦٣٢ع کان ٤٠ھ/ ٦٦١ع اسلامي حڪومت جون حدون سندس ملڪ هيون. حضرت عمر رضي الله عنه جي زمانه خلافت ۾ حڪم بن عمرو تغلبي جي اڳواڻيءَ ۾ اسلامي فوج جو ايراني فوج سان مقابلو ٿيو. سندس جي راجا ان جنگ ۾ ايرانين جي مدد ڪئي، پر ڪين شڪست ملي.(٢)

بنوامميه جي حڪومت شروع ٿي، هن ١٣٢ھ/ ٧٤٩ع تائين حڪومت ڪئي. سندن دارالخلافت دمشق هو. سن ٦٥ھ/ ٦٨٤ع ۾ عبدالملڪ بن مروان خلافت جي گاديءَ تي ويٺو. ان زماني ۾ خليفي جي پاران حجاج بن يوسف عراق جو گورنر هو. حجاج بن يوسف عرب جي تاريخ ۾ پنهنجي بهادري، انتظامي قابليت ۽ سخت گيريءَ جي ڪري گهڻو مشهور هو. سندس اهڙي سخت گير پاليسيءَ کان تنگ ٿي گهڻن عرب قبيلن هندستان جي ڪيترن حصن ۾ پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيون.(٣)

Gul Hayat Institute

---

(١) قاضي اطهر مبارڪپوري، هندستان ميں عربوں کي حڪومتيں، سڪهر فڪر و نظر پبليڪيشنس، ١٩٨٧ع - ص - ١٥٥

(٢) شيخ محمد اڪرام، آب ڪوثر، اداره ثقافت اسلاميه لاهور ١٩٨٧ع-ص- ٢١

(٣) رحيمداد مولائي شيدائي، تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي ١٩٥٩ع ، ص - ١٥٠

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 41

(ث) سنڌ تي ڪاهڻ جا سبب

سنڌ تي حملي ڪرڻ جي سببن مان هڪ سبب قابل ذڪر آهن. هڪ هي ته عربن جڏهن ايران تي حملو ڪيو تہ ان وقت ڪسريٰ يزدگرد کي سنڌ جي راجائن لشڪر ۽ هٿيارن جي مدد ڪئي ۽ ساڻيئي وقت سنڌ جي راجائن باغي مسلمان سردارن کي پناهه ڏيڻ شروع ڪئي هئي. ان قسم جي باغين ۾ هڪ عرب سردار محمد علافي گهلڻو مشهور هو، جيڪو حجاج بن يوسف کان خوفزده ٿي پنهنجي ساڻن سميت سنڌ ۾ پهتو هو ۽ ان راجا ڏاهر طرفان مسلمانن جو مقابلو ڪيو هو. ۽ انهن کي شڪست ڏني هئي.(۱) اهڙيءَ طرح سنڌ جي برهمڻ راجائن هتان جي ٻڌ ڌرم وارن سان سٺا پير نہ ڪيا هئا ۽ هنن واسطي سخت قانون نفيل هئا. انهيءَ ڪري تنگ ٿي ٻيرون ڪوٽ جي ٻڌين پنهنجو هڪ وفد عراق جي گورنر حجاج بن يوسف ڏانهن دانهين موڪليو.(۲)

حجاج بن يوسف جي سنڌ تي حملي ڪرڻ جي ارادي جو ٻيو اهم سبب، اهو مشهور واقعو آهي، جنهن مطابق سيلون (سري لنڪا) جي راجا هڪ بحري جهاز ۾ حجاج بن يوسف لاءِ تحفا موڪليا هئا. ان کان سواءِ ان بحري جهاز ۾ ڪجهه مسلمان عورتون به ڪعبي شريف جي زيارت ۽ دارالخلافت جي ڏسڻ جي غرض سان چڙهيل هيون. جڏهن اهو جهاز سنڌ جي ديبل بندر جي ويجهو پهتو تہ ٻڪامره ٻانهي قزاقن جي هڪ ٽولي ان کي لٽيو ۽ قبضو ڪري ان تي حجاج بن يوسف سنڌ جي راجا ڏاهر کان مطالبو ڪيو تہ انهن لٽيرن کي سزا ڏني وڃي ۽ پڻ تحفا ۽ مسلمان قيدي واپس ڪيا وڃن، ليڪن راجا ڏاهر جواب ڏنو تہ هي قزاق ماڻهو آهن، انهن کان ڪو وڏيڪ طاقتور نہ آهي ۽ اهي اسان جي اطاعت به نٿا ڪن."

---

(۱) شيخ محمد اڪرام، آب ڪوثر، ادارہ ثقافت اسلاميہ لاهور ۱۹۸۷ع. ص - ۲۱

(۲) ـــــــــ ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 42

ڏاهر جي ان جواب کي شرمناڪ ۽ ڀانو تصور ڪيو ويو ۽ پوءِ حجاج کيس سبق سيکارڻ جو عزم ڪيو. (۱)

(ج) محمّد بن قاسم جي سنڌ تي ڪاهه

پهرين حملي جي ناڪاميءَ کان پوءِ حجاج بن يوسف پنهنجي هڪ ويجهي نوجوان عزيز محمّد بن قاسم کي حملي جي قيادت لاءِ منتخب ڪيو، جيڪو سنڌ سان ناتي پڙ هو. شاندار منصوبه بندي ۽ تياريءَ کان پوءِ محمّد بن قاسم سن ۹۳هـ/ ۷۱۲ع ۾ ڇهه هزار گهوڙي سوار ۽ ڇهه هزار اٺ سوار ونڊي سنڌ جي طرف وڌيو. انڪان سواءِ هڪ جنگي ٻيڙو به بحري مهم لاءِ سنڌ ۾ ڪمان ۾ ڏنو ويو. ان سازو سامان سان نوجوان سپه سالار ديبل[۲] جي بندرگاهه ڏانهن وڌيو. ديبل جي شهرين شهر جي قلعي ۾ بند ٿي ڪيترن مهينن تائين مسلمانن جي خلاف مدافعت ڪئي. آخرڪار شهر جو هڪ مذهبي رهنما محمّد بن قاسم سان ملي ويو ۽ ان شهر جي فتح ڪرڻ جو راز ظاهر ڪري ڇڏيو. 'چچنامه' ۾ اهو واقعو هن طرح درج ٿيل آهي:

---

(۱) علي ڪوفي، 'چچ نامه' (سنڌي ترجمو) مخدوم اميراحمد سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال ۱۹۶۶ع - ص ۱۲۵ - ۱۲۶

[۲] ديبل مغربي سنڌ جو مشهور شهر ۽ قديم بندرگاهه هو. ايران، عراق ۽ آفريڪا جا جهاز هتي اچي بيهندا هئا. ديبل شهر جي آبادي تمام وڏي هئي. هن شهر ۾ هڪ عاليشان ديول (مندر) هو، جنهن جي ڪري ان جو نالو ديبل پيو. هن شهر جي قدامت متعلق 'چچنامه' مان ايتري قدر معلوم ٿئي ٿو ته ديبل ڇهين صدي عيسويءَ ۾ راءِ گهراڻي جي عهد حڪومت ۾ موجود هو. ديبل جي متعلق ڦريون تاريخي حوالا سنڌ کي بلاذريءَ جي 'فتوح البلدان' ۾ ملي ٿو.

اعجاز الحق قدوسي، 'تاريخ سنڌ' (اردو) جلد اول، اپريل ۱۹۸۵ع لاهور اردو سائنس بورڊ - ص ۹۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 43

"اوچتو هڪ برهمڻ قلعي جي اندران نڪري آيو ۽ امان طلب ڪندي چوڻ لڳو، اي عادل امير سلامت هجين! اسانجي نجوم جي ڪتابن ۾ هن طرح حڪم آهي ته سنڌ ملڪ اسلام جي هٿان فتح ٿيندو ۽ ڪافر شڪست کائيندا. ليڪن من بت خاني (ديبل جي مرڪزي عبادتگاهه) جي جهنڊي ۾ هڪ طلسم رکيل آهي ۽ جيستائين اهو برقرار آهي، تيستائين من قلعي جي هٿ اچڻ جو امڪان نه آهي. ان ڪري هن بت خاني جي چوٽي ڊاهڻ گهرجي ته جيئن ان جو جهنڊو ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ۽ پوءِ ئي ان جي فتح ممڪن آهي." (۱)

ان واقعي کان پٽي ڏينهن پوءِ هڪ مذهبي رهنما پنهنجي ماڻهن کي چڏي اچي مسلمانن جي لشڪر سان شامل ٿيو. آخرڪار هڪ وڏي منجنيق جي مدد سان مسلمانن ديبل جي مرڪزي عبادت گاهه جو جهنڊو ڪيرايو. ان واقعي کان پوءِ شهر ۾ عام بددلي پکڙجي وئي ۽ شهر وارن هٿيار ڦٽي ڪيا. ديبل جي شهر ۾ پناه حاصل ڪندڙ هڪ برهمڻ جي ڏس تي محمد بن قاسم سلون جي جهازن مان قزاقن جي هٿان گرفتار ٿيل مسلمان عورتن ۽ مردن کي هٿ ڪيو ۽ هڪ جماعت کي انهن جي آرام ۽ آسائش جي لاءِ هدايت ڪئي.

ديبل جي فتح کانپوءِ سيوهڻ ۽ برهمڻ آباد فتح ڪيائين. ان کانپوءِ سن ۷۱۲ع ۾ 'الور' ۾ راجا ڏاهر کي شڪست ڏيئي سنڌ ملڪ فتح ڪيائين. سن ۷۱۲ع ۾ ملتان کي فتح ڪيائين. اهڙيءَ طرح سان هن سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۽ ملتان جي سموري علائقي ۾ باقاعدي عربي حڪومت قائم ٿي. (۲)

---

(۱) علي ڪوفي، "چچنامه" سنڌي ترجمو مخدوم اميراحمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۹ع، ص-۱۴۷

(۲) رحيمداد خان مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۱۹۵۹ع، ص ۱۵۰/۱۵۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 44

(د) سنڌ ۾ عربن جو آخري دور

عربن جي آخري دور حڪومت ۾ سنڌ ۾ آباد عرب قبيلن جي وچ ۾ خانه جنگي شروع ٿي ۽ عرب گورنرن جو زور گهٽجندو ويو. خاص طرح نظارين، شامين، ۽ عراقين جي باهمي رسا ڪشيءَ ڪري سنڌ ۾ هتان جي اصلي رهاڪن کي وري ايڏو جو موقعو مليو. سنڌ ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهائجي وئي. ۽ ڪن ٿورن ٿي عربن ۽ ڪن ٽڪرن ٿي هندو راجائن جو قبضو ٿي ويو. سن ۲۹ هجريءَ ۽ ۶۴۹ع ۾ سنڌ ۾ آباد ٽيل قبيلي بنو سام سنڌ جي ڪن ٽڪرن ٿي قبضو ڪيو. عربن جي آخري دور ۾ منصوره هڪ وڏي رياست هئي، جنهن ٿي هاري خاندان وارن جي حڪومت هئي ۽ ٻئي طرف ڪان هندن جي 'الور' وڏي رياست هئي.

اهڙيءَ طرح سان سنڌ ۾ ملتان ٿي پڻ عرب قبيلن قبضو ڪيو. (۱)

عربن جي انهيءَ مٿين بيان ڪيل خانه جنگيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو اتر سنڌ ۾ جاٽن ۽ ڏکڙ سنڌ ۾ ميدن بغاوتون ڪيون ۽ سنڌ ۾ عملي طرح سان عربن جي طاقت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو. سن ۶۰۱ هه ۾ محمود غزنوي سومنات ڪان موٽندي سنڌ جي عرب شهر منصوره کي به ڪاپاري ڏڪ هنيو. (۲)

Gul Hayat Institute

---

(۱) شيخ محمد اڪرام، آب ڪوثر، ادارہ ثقافت اسلاميه لاهور ۱۹۸۷ع، ص- ۳۰

(۲) ـــــــــــ ايضاً ـــــــــــ ص- ۳۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

( )

٢- ديني تعليم جي اشاعت

(الف) سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جو مختصر تعليمي جائزو

(ب) عربن واري دور ۾ ديني تعليم جي اشاعت

(ت) ننڍي کنڈ سان عالمِ اسلام جا علمي ديني ثقافتي تعلقات

(ٿ) سنڌ اسلامي علوم ۽ فنون جو گهوارو

(ج) علمي مرڪز ۽ معروف علماء

(١) منصوره (٢) ديبل (٣) الور

(د) ٻاهرين عالمن جي سنڌ ۾ آمد

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 46

۲- ديني تعليم جي اشاعت.

(الف) سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جو مختصر تعليمي جائزو

سنڌ جي علمي عظمت جو اعتراف مشهور محقق پڻ ڪيو آهي. ابن ابي صبعيه لکي ٿو:

"سنڌ وارن وٽ علم ۽ حڪمت جو وڏو ذخيرو آهي. مون کي معلوم آهي ته يونان ۾ اهو سارو ذخيرو سنڌ مان ويو." ابو معشر لکي ٿو: "سنڌ جي علم ۽ فن، حڪمت ۽ فلسفي ۽ ان کان سواءِ ساري دنيا جي قومن کان وڌيڪ سنڌين جي علم ڏانهن رغبت جو اعتراف، دنيا جي سڀني قومن کيو آهي." "اخبار الحڪماء" ۾ آيل آهي: "دنيا جي سڀني قومن ۾ سنڌ علم ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي ۽ سنڌ عدل ۽ سياست جو پهريون مرڪز آهي، اسان جي ملڪ کان دور هڻڻ ڪري سنڌ جا ڪتاب اسان جي عالمن تائين گهٽ پهتا آهن تاهم اسان وٽ جو ڪجهه به آهي، اهو تمام گهٽ حصو پهتو آهي."

حضرت علي رضه فرمايو آهي: "سنڌ جي سرزمين اها علم ۽ برڪت واري سرزمين آهي، جتان علم ۽ عرفان جو سج اُپريو." [1]

تاريخ شاهد آهي ته اسلام جي آمد کان اڳ به هت علم جو سرچشمو جاري هو. ان وقت مندرن ۾ پاٺشالائن (مڪتب) ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. انهن ۾ پروهتن، ويدانيت، الاهيات، فلسفي، طب، نجوم، ادب ۽ اخلاقيات تي ڪيئي ڪتاب لکيا.

---

[1] سماهي "مهراڻ" نمبر ۲، ۳، جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۱۹۷۵ع، مولانا غلام محمد گرامي، "تذڪره مشاهير سنڌ" (تبصرو)، سنڌي ادبي بورڊ جا مشورو، سنڌ يونيورسٽي، ص- ۲۱۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 47

اُشتت سدا ۽ کُنبڪار، مشهور آهن. ان کان سواءِ علم الحساب تي به ڪافي ڪتاب لکيا ويا. برهمڻ جي دور ۾ تعليم مندرن ۾ ڏني ويندي هئي، جن مان ديبل، هيروا، برهمڻ آباد، پاري نگر، مهانگر، ملتان، نگرڪوٽ، سيوي، هنگلاج ۽ اروڙ جا مندر تعليم جا مکيه مرڪز هئا. انهن مندرن ۾ مذهبي تعليم سان گڏ ٻين علمن جي به تربيت ڏني ويندي هئي. هن مندرن ۾ وڏا وڏا ڪتبخانا به هئا جن ۾ هر قسم جو ادب محفوظ هوندو هو. (۱)

(ب) عرب واري دور ۾ ديني تعليم جي اشاعت

سن ۹۲هـ/ ۷۱۰ع ۾ محمد بن قاسم سنڌ جي برهمڻ گهرائي جي راجا ڏاهر کي شڪست ڏيئي سنڌ فتح ڪئي ۽ هتي اسلامي حڪومت قائم ڪئي. اسلامي حڪومت جي برپا ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ عربن تقريباً ٽي سو ورهيه راڄ ڪيو. عربن جي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ جو اثر سنڌ ملڪ تي ڪافي غالب رهيو. هن دور ۾ عام تعليم، ان جي تحقيق ۽ تلاش جو ڪم شروع ٿيو. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هزارها هندو دين اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ عربن کيترن هنڌن تي مسجدون جوڙايون ۽ نون مسلمانن کي نماز سيکارڻ ۽ قرآن شريف پاڙهڻ جو بندوبست ڪيائون. کيترائي نومسلم عربي ٻولي پڙهڻ سکيا ۽ سنڌ ۾ سيد ۽ مولوي وڌيا. (۲)

اسلام جي ان اوائلي دور ۾ محمد بن قاسم سنڌ جي وڏن شهرن ديبل، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) سيوستان (سيوهڻ)، برهمڻ آباد، الور، ملتان، ديبالپور

---

(۱) پيرومل مهرچند آڏواڻي. "سنڌ جي ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ص - ۲۵۰

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ ۱۹۷۲ع - ص ۲۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

94498
18.8.94.
RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF SINDHOLOGY
UNI: OF SINDH, JAMSHORO.
Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 48

انهن مدرسن ۾ پاڙهيندڙ استادن تدريسي خدمتن کان سواءِ علمي ميدان ۾ جيڪي ڪارنامَا سرانجام ڏنا، سي اسان لاءِ روشنيءَ جي مينار وانگر آهن. ادبي دنيا ۾ سندن خدمتون سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون. انهن عالمن مسجد سان گڏ ڪچي ۽ ڪائين حجرن ۾ ويهي تحقيقي ڪتاب لکيا. اهڙن سندي عالمن جا فقه، حديث تي ڪتاب اسلامي دنيا ۾ عمومًا ۽ باهرين دنيا ۾ خصوصًا مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. اسلاميات جي پوري ذخيري ۾ ڪيترائي سندي عالم کن اهم ديني موضوعات تي اوليت جو شرف حاصل ڪري چڪا آهن. مثلاً سن وار سيرت النبيؐ ۽ مڪاتيب نبويؐ پارا ڪتاب اول سنڌ ۾ انهن مدرسن جي استادن لکيا، ان کان سواءِ عرب ۽ عجم ۾ سيرت ۽ مغازيءَ تي ڪتاب لکياويا. اهڙيءَ طرح اسلامي تاريخ ۾ سنڌ جي عالمن کي سنڌ جو درجو ملیو ۽ عراق، شام، حجاز، ايران خواه هندستان انهن جهڙو مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهن. مولانا عُبيد الله سندي اهڙن عالمن بابت چيو ته:

"اوهان سنڌ جي مُلن ۽ مسجد ۾ پڙهائيندڙ امامن کي، حقارت جي نگاهه سان نه ڏسو. اهي توڙي علم وارا سنڌي ڪتابن پڙهڻ کان پوءِ فقه ۾ اهڙا ته هوشيار، قابل ماهر ۽ نڪته سنج آهن جو انهن سان هندستان جو ڪو وڏو مفتي، فقيه ۽ صدر مدرس به فقه جي مسئلن ۾ مقابلو ڪري نه ٿو سگهي". (۱)

سڳيءَ طرح مولانا غلام محمّد گرامي صاحب اهل مدارس جي علمي خدمتن بابت لکي ٿو:

---

(۱) سماهي "مهراڻ"، نمبر ۲-۳، ۱۹۷۵ع، مولانا غلام محمّد گرامي، "تذڪره مشاهير سنڌ" (تبصرو) سنڌي ادبي بورڊ سنڌ يونيورسٽي جامشورو. ص - ۲۱۲ — ۲۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۽ قنوج ۾ جامع مسجدون تعميرڪرائي منجهن مواعظ ۽ مؤذن مقررڪيا. اتي اسلامي تعليم ۽ اسلامي مسائل سيکارڻ لاءِ استاد مقررڪيا. عربن جي نئي دور ۾ سنڌ ۾ مدرسن جو رواج پيو. جنهن کي آڻتي ملي اسلامي حڪومت باقاعدي مستحڪم ڪري هن نظام کي تعليم لاءِ اپنايو. انهن مدرسن جي هڪ خصوصيت هيءَ هئي ته اهي حڪومت جي دٻاءِ ۽ اثرات کان گهڻو محفوظ هئا ۽ مدرسن جي فضا بلڪل آزاد هئي. ان سان گڏوگڏ مسلمان حڪمران مدرسن جي سرپرستي به ڪندا هئا. مسلمانن جو اهو تعليمي نظام عوامي ضرورتن ۽ حالات جي عين مطابق هو. انهن مدرسن ۾ جتي قرآن، سنت ۽ فقه جي تعليم ڏني ويندي هئي اتي ٻيا علوم به پڙهايا ويندا هئا جهڙوڪ علم الحساب، علم الجغرافيه، علم الطب، علم الڪتاب، علم المنطق ۽ علم التاريخ وغيره. اهو ئي سبب آهي جو انهن درسگاهن مان فارغ ٿيڻ واري اسلامي علم جا عالم، فاضل ۽ ماهر ميڙيا ويندا هئا. اتي بين علمن ۾ به گهٽ نه ٿي ليکيا ويا. ان. تعليم جو سڀ کان وڏو فائدو هي هوندو هو ته حڪومت جي انتظام لاءِ افراد ملي ويندا هئا ته ٻئي طرف قوم کي ڊاڪٽر، عالم ۽ استاد مهيا ٿي ويندا هئا. انهن خصوصيتن جي ڪري هي نظام تعليمي معاشري ۾ هڪ بهتر نه، پر ان لاءِ هڪ رحمت جو باعث هو. اهڙو نظام تعليم ۾ معاشري جي ديني ۽ دنيوي ٻنهي ضرورتن جي پورائي جو انتظام موجود هو. جيڪڏهن معاشري کي وڏن طبيبن جي ضرورت پوي ٻئي ته مشرقي طب جا ماهر انهن مدرسن مان آسانيءَ سان ملي ٿي سگهيا. جيڪڏهن حڪومت جي رڪارڊ کي محفوظ رکڻ ۽ بيروني ملڪن سان سفارتي خط وڪتابت جي ضرورت ٿي پوي ٻئي ته به انهن ئي مدرسن مان ڪاتب ملي ٿي ويا. (۱)

---

(۱) نئين زندگي، فيبروري ۱۹۸۲ع، ص - ۷۷ - ۷۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

94498
18.8.94.
RESEARCH LIBRARY
INSTITUTE OF SINDHOLOGY
UNI: OF SINDH, JAMSHORO.
Gul Hayat Institute
www.drpathan .com # 50

انهن مدرسن ۾ پاڙهيندڙ استادن ته ريسي خدمتن کان سواءِ علمي ميدان ۾ جيڪي ڪارنامَا سرانجام ڏنا، سي اسان لاءِ روشنيءَ جي مينار وانگر آهن. ادبي دنيا ۾ سندن خدمتون سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون. انهن عالمن مسجد سان گڏ ڪچي ۽ ڪائين حجرن ۾ ويهي تحقيقي ڪتاب لکيا. اهڙن سنڌي عالمن جا فقه، حديث تي ڪتاب اسلامي دنيا ۾ عمومًا ۽ پاهرين دنيا ۾ خصوصًا مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. اسلاميات جي پوري ذخيري ۾ ڪيترائي سنڌي عالم کن اهم ديني موضوعات تي اوليت جو شرف حاصل ڪري چڪا آهن. مثلاً سن وار سيرت النبيؐ ۽ مُڪاتيب نبويؐ پارا ڪتاب اول سنڌ ۾ انهن مدرسن جي استادن لکيا، ان کان سواءِ عرب ۽ عجم ۾ سيرت ۽ مغازيءَ تي ڪتاب لکياويا. اهڙيءَ طرح اسلامي تاريخ ۾ سنڌ جي عالمن کي سنڌ جو درجو ملي ويو ۽ عراق، شام، حجاز، ايران خواه هندستان انهن جهڙو مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهن. مولانا عُبيد الله سنڌي اهڙن عالمن بابت چيو آهي:

"اوهان سنڌ جي مُلن ۽ مسجد ۾ پڙهائيندڙ امامن کي، حقارت جي نگاهه سان نه ڏسو. اهي توڙي عام واري سنڌي ڪتابن پڙهڻ کان پوءِ فقه ۾ اهڙا ته هوشيار، قابل ماهر ۽ نڪته سنج آهن جو انهن سان هندستان جو ڪو وڏو مفتي، فقيه ۽ صدر مدرس به فقه جي مسئلن ۾ مقابلو ڪري نه ٿو سگهي". (۱)

ساڳئي طرح مولانا غلام محمد گرامي صاحب اهل مدارس جي علمي خدمتن بابت لکي ٿو:

---

(۱) سماهي "مهراڻ"، نمبر ۲-۳، ۱۹۷۵ع، مولانا غلام محمد گرامي. "تذڪره مشاهير سنڌ" (تبصرو) سنڌي ادبي بورڊ سنڌ يونيورسٽي جامشورو. ص - ۲۱۲ — ۲۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 51

"اُنهن عالمن تيل جي ڏيئن تي نور نچوڙي، مطالعو ڪري فقرو فاقا جي زندگي گذارينديءِ تڏن تي وڏي ڪلڪن سان تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪيو ۽ اهڙا صحيح ۽ دقيق ڪتاب لکيا جن عرب ۽ عجم ۾ سنڌ جي هڪ ڏاڪ پيدا ڪئي سندن قلم هلندو رهيو. ورق گرداني ٿيندي رهي، حوالا چوندا رهيا، عميق ۽ دقيق مسئلن جو تصفيو ٿيندو رهيو ۽ علم جي جوت جلندي رهي." (۱)

(ت) ننڍي ڪنڊ سان عالمِ اسلام جا علمي، ديني ۽ ثقافتي تعلقات

هندستان ۾ عربن جي حڪومت جو زمانو سڄي عالم اسلام ۽ مسلمانن جي عروج ۽ اقبال جو زمانو هو. ان ڪري اسلامي ملڪن ۽ انگرهتان جا شهر ۽ گوٺ به اسلامي علوم ۽ اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي خير ۽ برڪت سان مالا مال هئا. قرآن، حديث، فقه، شعر، ادب ۽ فلسفو، نجوم، طب، علم ڪلام ۽ ٻيا عقلي ۽ نقلي علوم ۽ فنون عام هئا. عالم ۽ فاضل انفرادي يا اجتماعي طور سان پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ حلقن ۾ مصروف هئا. هتان جا علوم ۽ فنون جاماهر باهر وڃي ۽ باهريان اهل علم وري هتي ڪم ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح سياحن هن سرزمين جي سياحت ڪئي. جاگرافي نويسن هتان جي ماڳن مڪانن جا حالات لکيا ۽ مؤرخن هتان جي فتوحات کي بيان ڪيو. تاجرن هن ملڪ کي مشرق ۽ مغرب تائين پنهنجي تجارتي منڊي بڻايو.

بزرگ بن شهريار (۴۰۰ھ) 'عجائب الهند' ڪي هتان جي اخلاقي، معاشرتي،

---

(۱) سماهي، "مهراڻ"، نمبر ۲، ۳، ۱۹۷۵ع، مولانا غلام محمد گرامي، "تذڪره مشاهير سنڌ"، (تبصرو)، سنڌي ادبي بورڊ سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص - ۲۱۱ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 52

اقتصادي، معاشي ۽ ديني حالتن تي سياحن، تاجرن، جهازرانن ۽ عالمن جي زباني واقعات ۽ تاثرات نقل كيا ۽ پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي روشني ۾ قابل قدر معلومات مهيا كئي. ان كان پوءِ البيروني ان زماني ۾ 'كتاب الهند' لكي هتان جي عقلي علوم ۽ فنون، نجوم ۽ رياضي كان عالم، اسلام كي واقف كيو. اهو امتياز صرف هندستان كي ئي حاصل آهي جو هن ڌنهي مسلم مصنف هن ملك كي پنهنجي كتابن جو موضوع قرار ڏئي. ان كي پنهنجي كتاب جو عنوان ٻڌايو. (۱)

اسلام جي تاريخ ۽ تذكرن ۾ هندستان جي علمي شخصيتن تي گهڻو ڪجهه لكيو ويو آهي ۽ انهن ئي تذكره نگارن جي كوشش سبب هتان جي عالمن جا حالات محفوظ تي سگهيا. اهڙي ئي طرح خطيب بغدادي 'تاريخ بغداد' ۾ ابو سمعاني 'كتاب الانساب' ۾ ابن عساكر 'تاريخ دمشق' ۾، ابن كثير 'البدايه والنهايه' ۾ ياقوت حموي 'معجم البدان' ۽ 'معجم الادباء' ۾، ابن عماد 'شذرات الذهب'، ابن نديم 'الفهرست'، قفطي 'اخبار العلماء باخبار الحكماء' ۾ هن ملك جي ارباب علم ۽ فن جا حالات لكيا. (۲)

(ث) سنڌ اسلامي علوم ۽ فنون جو گهوارو

پوري عالم اسلام وانگر هند ۽ سنڌ به اسلامي علوم ۽ فنون جو گهوارو هئا. هتان جا عالم حديث، تفسير، تاريخ، فقه ۽ ٻين مروجه علوم ۾ پڙهندا. هتي اهڙا گهراڻا پيدا ٿيا جيكي صدين تائين علم جا گهر رهيا ۽ انهن جي خاندان ۾ دين جي علم جي وراثت هلندي رهي. ابو معشر سنڌي جو ٻي صدي هجري كان چوٿين

---

(۱) اطهر مباركپوري قاضي، "هندستان ۾ عربن كي حكومتيں" فكر و نظر پبليكيشن سكر، ۱۹۸۷ع، ص ۳۲۱۔

(۲) ——— ايضاً ——— ص۔ ۳۲۲ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 53

صديءَ تائين مدينيءَ بغداد ۾ حديث ۽ سرومغازيءَ ۾ سندس امامت جوسڪو هلندو رهيو. ابومعشر نجيح سنڌي (المتوفي ۲۴۴ھ) کي خليفي مهديءَ مدينيءَ کان بغداد آندو ۽ حديث رسول جوهي مدني سرچشمو بغداد ۾ جاري رهيو ابوسليمان داؤد بن محمد بن ابومعشر نجيح سنڌي (المتوفي ۲۷۵ھ) بغداري سيرومغازي، حديث ۽ تفسير ۾ بلند مقام حاصل ڪيو.

سنڌ جو هڪ علمي خاندان خراسان ۾ وڃي آباد ٿيو. جنهن نسل درنسل علم حديث ۾ امامت جو درجو حاصل ڪيو. امام حافظ ابومحمد رجاء سنڌي نيشاپوري ان جو پٽ امام ابوعبدالله محمد بن رجاء سنڌي نيشاپوري ۽ ان جو پٽ امام حافظ ابوبڪر محمد بن محمد بن رجاء سنڌي جرجاني حنظلي (متوفي ۳۸۶ھ) ۽ اسمٰعيل بن محمد بن رجاء سنڌي محدث هئا. (۱)

چوٿين صدي هجري ۾ سنڌ ۾ هباري حڪومت جو دور هو بغداد ۽ بصري واڱر سنڌ ۾ منصوره ۽ ديبل وغيره به اسلامي علم ۽ فن جا مرڪز هئا. هرهنڌ علوم وفنون جو چرچو هو. هر گهر ۽ هر هٽ دارالعلوم بڻيل هئو. هر بستيءَ ۾ سوين عالم ۽ فاضل رهندا هئا. هن دور ۾ سنڌ ۾ اسلامي زندگي پنهنجي عروج تي هئي. هباري حڪمران ۽ ٻيا علم دوست ۽ اهل علم جا قدردان هئا. هن ديني علوم جي سرپرستي ڪئي. علمي خاندانن سان سندن تعلقات هئا. اهل علم ۾ فاضل سندن دربار سان وابسته هئا. سندن مسلڪ جيئوٽيڪ امام داؤد ظاهري جو هو ۽ اهي ظاهر حديث تي عمل ڪندا هئا. مگر سڄي سنڌ ۾ حنفي فقه جي ڪثرت هئي. عام مسلمانن جي ديني حالت اطمينان جوڳي هئي. منجهن

---

(۱) اطهر مبارڪپوري قاضي، "هندستان ميں عربوں کی حکومتيں" فکر و نظر پبليڪيشنس سکر، ۱۹۸۷ع، ص - ۳۲۳ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 54

تعصّب، گروهبندي ۽ جانبداريءَ جو نالو به ڪونه هو. هر مسلمان جا ماڻهو آزاديءَ سڪون سان پنهنجي مسلڪ تي عمل پيرا هئا. حسن اخلاق، انسانيت ۽ مروّت سنڌ جي مسلمانن جي امتيازي صفت هئي. وڏن وڏن شهرن جي زبان عربي ۽ سنڌي ٻئي هيون. پوشاڪ ۽ طرز زندگي خلافت جي مرڪز عراق سان ملندڙ جُلندڙ هئي. (۱)

ديبل علماء ۽ فقهاء جو مرڪز هو ۽ منصوره نه پر دارالاسلام والمسلمين ٻڌي بغداد جو هڪ حصو معلوم ٿيندو هو. رسم رواج ۾ به عراق سان هڪجهڙائي رکندو هو. سنڌ جو مذهبي ۽ ديني حال مقدسي، احسن التقاسيم جي حوالي سان هيٺين ريت بيان ڪيو آهي.

"سنڌ جا اڪثر مسلمان حديث تي عامل آهن ۽ مرڪزي شهر حنفي فقهاء ۽ علماء کان خالي نه آهن هتي نه ملڪي آهن، نه معتزلہ. اهي حنفي مسلڪ جا پيروڪار آهن. هتي جا ماڻهو صراط مستقيم ۽ سني مسلڪ تي آهن ۽ صلاحيت ۽ پرهيزگاري رکندڙ آهن الله تعالىٰ هن کي مذهبي ڪٽڻي ۽ فتني فساد کان امن ۾ رکيو آهي." (۲)

Gul Hayat Institute

---

(۱) الطاف مبارڪپوري قاضي، "هندستان ۾ عربن جي حڪومتون"، فڪر و نظر پبليڪيشنس سکر، ۱۹۸۷ع - ص - ۱۵۰.

(۲) بشاري مقدسي، "احسن التقاسيم"، ص - ۴۸۱، بحواله الطاف مبارڪپوري قاضي، "هندستان ۾ عربن جي حڪومتون" فڪر و نظر پبليڪيشنس سکر، ۱۹۸۷ع - ص - ۱۵۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 55

(ج) علمي مرڪز ۽ معروف علماء

منصوره

منصوره کڏهن آباد ٿيو ؟ کڏهن آباد ڪيو ؟ ان جو وجه تسميه ڇا آهي ؟ انجي باري ۾ اختلاف آهي، بلا ذري جي روايت مطابق جيڪا وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿي عراق جي گورنر خالد بن عبدالله قسري حڪم بن حڪم بن عوانه ڪلبي کي ۱۰۵ھ ۾ سنڌ جي حڪومت جو پروانو ڏيئي روانو ڪيو. سندس هٿي پهچڻ تي محمد بن قاسم ثقفي جو پٽ عمرو بن محمد قاسم 'حڪم' سان ملي ويو ۽ سندس وڏو مددگار بڻجي ويو. حڪم اموي حڪومت جا وڏا وڏا معاملا هن جي حوالي ڪري ڇڏيا. اهو خليفه هشام جو زمانو هو. حڪم پهريان سنڌ ۾ 'محفوظه' نالي هڪ شهر آباد ڪري انکي پنهنجو مسڪن بڻايو. ۽ اتان ئي عمرو بن محمد بن قاسم جي قيادت ۾ جنگي سرگرميون شروع ڪيون. فتح ۽ ڪاميابيءَ کانپوءِ درياءِ سنڌ جي پويان هڪ شهر آباد ڪري انجو نالو 'منصوره' رکيو. بعد ۾ 'محفوظه' جي بجاءِ اهوئي 'منصوره' اموي حاڪمن ۽ پوءِ عباسي حڪمرانن جو مستقل مرڪز بڻجي ويو ۽ خلافت جي مرڪز بغداد جو گورنر هٿي ئي مستقل رهڻ لڳو. جڏهن حڪمرانن سنڌ ۾ خلافت جو اعلان ڪيو تڏهن ئي شهر (منصوره) کي انهن پنهنجو تخت گاه بڻايو. (۱) ان سلسلي ۾ هڪ روايت آهي ته عباسي خليفي ابوجعفر منصور جي زماني ۾ سنڌ جي گورنر عمرو بن حفص هزارمرد هي شهر آباد ڪري خليفي منصور جي نالي تي ان جو نالو منصوره رکيو. مسعوديءَ جو بيان آهي ته سنڌ جي اموي گورنر منصور بن جمهور جي نالي تي ان جو نالو منصوره رکيو ويو. مگر منصور بن جمهور جي اچڻ کان پهريائين منصوره آباد ٿي چڪو هو. (۲)

---

(۱) فتوح البلدان، ص- ۴۳۱، بحواله اظهر مبارڪپوري قاضي "هندستان ۾ عربن جي حڪومتون" فڪر و نظر پبليڪيشنس سڪر ۱۹۸۷ع ص - ۱۲۶ -

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 56

اهڑيءَ طرح ۳۷۵هه ۾ مقدسي بشاري هاري سلطنت جي زوال کان تقريبًا چاليهه سال پهريائين منصوره آيو هو. هن منصوره جي عظمت ۽ وسعت کي بيان ڪندي لکيو آهي: "منصوره سنڌ جو دارالسلطنت ۽ هن اقليم (حڪومت جو سڀ کان وڏو شهر آهي. هن جي وسعت دمشق جي برابر آهي. سندس گهرڪاٽ ۽ منڊي ڳجاڻهيل آهن. جامع مسجد بازارين جي وچ ۾ آهي جيڪا پٿرن ۽ سرن جي جڙيل آهي. شهر جي چئني طرفن کان چار دروازا آهن. باب البحر، باب طوران، باب سندان ۽ باب ملتان." (۱)

دارالسلطنت هئڻ سبب علمي لحاظ کان منصوره بغداد ثاني ٻڌجي ويو هو. ڪيترا عالم فاضل، اديب ۽ شاعر هن ڏاهڻا. خود عرب ۽ عراق مان به ڪيئي پنهنجي زماني جا مشهور عالم پنهنجي علمي شهريت سبب پنهنجو وطن ڇڏي اچي منصوره ۾ مقيم ٿيا هئا. منصوره جي عام علمي ۽ مذهبي حالت 'احسن التقاسيم' جي مصنف هن طرح بيان ڪئي آهي:

"هتي جا رهاڪو لائق ۽ بامروت آهن. اهل علم هتي تمام گهڻا آهن. ماڻهن ۾ ذهانت ۽ ذڪاوت آهي. نيڪي ۽ خيرات ڪن ٿا. مسلمان ۾ وعظ جو وجود نه آهي. هو گهڻو ڪري اهل حديث آهن. وڏن شهرن ۾ حنفي فقيه به آهن. ليڪن هتي مالڪي ۽ حنبلي ڪونه آهن ۽ نه معتزلي ماڻهو ستي ۽ صحيح مسلڪ تي آهن نيڪ ۽ پاڪ دامن آهن." (۲)

---

(۱) بشاري مقدسي، "احسن التقاسيم"، ص - ۴۷۹، بحواله، اطهر مبارڪپوري قاضي، هندستان ۾ عربن جي حڪومتون، فڪر نظر پبليڪيشنس سڪر، ۱۹۸۷ع ص - ۴۷۹

(۲) - 'احسن التقاسيم'، ليڊن، ص - ۴۸۱، بحواله حسام الدين راشدي سيد، گالهيون ڳوٺ وٽ جون'، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي، حيدرآباد، ص - ۱۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 57

منصوره ۾ 'احسن التقاسيم' جي ذريعي هڪ مدرسي جو ٻڌايو ٿي، جنهن ۾ قاضي ابومحمد صاحب منصوريؒ جو درس جاري هو. بشاري مقدسي سندس ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"مون هتي قاضي ابومحمد منصوريؒ کي ڏٺو جنهن جو مذهب داؤدي (ظاهري) هو. پنهنجي مذهب ۾ ڪيس امام جو درجو حاصل هو، سندس حلقه درس وڏو هو ۽ سندس تصنيفون به ڪيتريون آهن، جن مان ڪي ته تمام بهتر آهن." (۱)

منصوره جي علمي عظمت متعلق چيو وڃي ٿو ته ان دور ۾ منصوره يونيورسٽي جي ليول تي هڪ وڏو مدرسو هو، جنهن ۾ سڀ مدرس قاضي ابوجعفر منصوري هو. منصوره علمي لحاظ کان ان زماني ۾ دمشق ۽ بغداد جو هم پلهه هو. هن مدرسي ۾ عربي ۽ سان گڏ گڏ سنڌي ٻولي به پڙهائي ويندي هئي. (۲) ان کان سواءِ امام محمد جو هڪ وڏو مدرسو منصوره ۾ موجود هو. منصوره ۾ قضا جي عهدي کي وڏي اهميت حاصل هئي. عرب ۽ عراق جا مشهور عالم انهيءَ منصب لاءِ منتخب ٿيندا هئا. ۲۸۳هه ربيع الاول ۾ بغداد کان محمد بن ابي شوراب منصوره جو قاضي ٿي آيو. هو صاحب جيد عالم ۽ قضا جي عهدي لاءِ پنهنجو مٽ پاڻ هو. (۳)

---

۱ - حسام الدين راشدي سيد، "گالهيون گوٺ وٽن جون"، ڪراچي، حيدرآباد انجمن تاريخ سنڌ، ۱۹۸۱ع، ص - ۱۴

۲ - رحيمداد مولائي، شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ يونيورسٽي جامشورو سنڌ، ۱۹۸۵ع - ص - ۳۴.

۳ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 58

چوٿين صدي هجري ڪتاب، سنت ۽ ديني علوم جي اشاعت ۽ واڌاري جو سنهري دور هو. ان زماني تائين باقاعدي مدرسن جو رواج ڪونه هو ۽ جامع مسجدون ۽ عالمن جا گهر ديني درسگاهه بڻيل هئا ۽ مرڪزي شهر عالمن ۽ فاضلن جي سرگرمين جو مرڪز ۽ محور بڻيل هئو. هتي هين علومن جي مقابلي ۾ شرعي علوم جي تدريس جو رواج گهڻو هو. مثال طور قاضي ابومحمد منصوري داؤدي مسلڪ جو امام هو ۽ منصوره ۾ مستقل قيام پذير هو. اهڙي طرح قاضي ابوالعباس احمد بن محمد منصوري هتان جو قاضي هو. هيءُ به داؤدي مسلڪ جي فاضلن مان هو ۽ ان ۾ سندس جليل القدر تصنيفات هيون. (۱)

معروف علماء

ابوبڪر محمد منصوري بڪر آبادي: هن حديث جي روايت امام ابوبڪر اسمٰعيل ۽ حافظ ابن عدي کان ڪئي آهي. سندس وطن منصوره هئو، مگر جرجان جي شهر بڪر آباد ۾ وڃي رهيو ۽ ۲۹ جمادي الاول ۴۲۲ھ ۾ سندس انتقال ٿيو. (۲)

قاضي ابوالعباس احمد بن محمد بن صالح تميمي منصوري:

هيءُ منصوره شهر جو قاضي ۽ داؤدي مذهب جو امام هو. هن جو شمار داؤدي فاضلن ۾ ٿئي ٿو. قاضي صاحب ان مسلڪ ۾ جليل ۽ ضخيم ڪتاب تصنيف ڪيا آهن. هن بغداد وڃي اتان جي علماء ۽ محدثين کان حديثون روايت ڪيون آهن. جتان پوءِ منصوره واپس اچي قضا جي عهدي تي پڻ مقرر ٿيو. سندس تصنيفات

---

(۱) ـ اطهر مبارڪپوري قاضي: هندوستان ميں عربوں کی حکومتيں، سکر فڪر و نظر پبليڪيشن، ۱۹۸۷ع ص ۱۵۷

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص - ۱۵۸ ـــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 59

۽ 'کتاب المصباح'، 'کتاب الهادي' ۽ کتاب النبير گهڻو مشهور آهن.
سندس تذکرو ابن نديم، ابو اسحٰق شيرازي ۽ سمعاني ڪيو آهي.

قاضي ابو محمد داؤدي منصوري

قاضي ابو محمد داؤدي منصوري سان مقدسي منصوره ۾ ملاقات ڪئي هئي. هن لکيو آهي ته هي داؤدي مذهب جو امام ۽ منصوره جو قاضي هو. گڏ وگڏ سندس درس جو حلقو ۽ تصنيفات جو سلسلو به جاري هو هن معياري ۽ وڏا ڪتاب لکيا آهن.

ابو محمد عبدالله بن جعفر بن مره منصوري.

هي قرآن جو مستند قاري هو. هن احاديث جو سماع حسن بن مڪرم ۽ ان جي همعصرن کان ڪيو آهي. ان کان وري امام ابو عبدالله حاڪم روايت ڪئي آهي. سندس تبصرو سمعاني ڪيو آهي. (۱)

ديبل-

منصوره کان بعد هباري سلطنت جو هيو وڏو شهر ديبل، سمنڊ جي ساحل تي آباد هو. ياقوت هوي لکيو آهي:

"هي شهر هي ولايت ۾ آهي. هي تجارتي بندرگاهه آهي. لاهور ۽ ملتان جا درياء هن طرف وهي آچي عربي سمنڊ ۾ ڇوڪن ٿا. هتي وڏا وڏا عالم، محدث، قاري، زاهد ۽ عابد ٿي گذريا آهن حديث جي روايتن جي هڪ جماعت ديبل جي نالي سان منسوب ٿي ديبلي سدڻ ايندي آهي." (۲)

---

(۱) - اطهر مبارڪپوري قاضي: 'هندوستان ميں عربوں کي حڪومتيں'، سڪهر فڪر نظر پبليڪيشن ۱۹۸۷ع ص. ۱۵۸

(۲) - معجم البلدان، ص - ۱۴۲ - بحواله اطهر مبارڪپوري قاضي هندستان ميں عربوں کي حڪومتيں فڪر و نظر پبليڪيشن سڪر ۱۹۸۷ع، ص - ۱۲۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 60

ديبل منصوره کان بعد سنڌ ۾ اسلامي علوم وفنون ۽ مذهبي شخصيتن جو هيو مرڪز ٻڌيو. ديبل کي بعد ۾ ٺٽو کوٽيندا هئا جيڪو موجوده ڪراچيءَ جي پرسان آهي. (۱)

ديبل ۾ ديبل جو شهر سنڌ ۾ محدثن ۽ حديث جي راوين جو سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان اهم مرڪز هو، ۽ ان سلسلي ۾ هي منصوره کان گهڻو اڳتي هو. هتان جا عالم خاص طور پوري عالم اسلام سان تعلق رکندا هئا. ۽ هر ملڪ ۾ سندن آمدرفت جاري هئي. ياقوت حموي جو بيان ديبل جي باري ۾ متي اچي چڪو آهي ته ديبل سان هڪ حديث جي راوين جي جماعت منسوب آهي جنهنجو مطلب اهو آهي ته سنڌ جو هيءُ شهر احاديث رسول ﷺ جو شهر هو ۽ هتي حديث جي تعليم ۽ روايت عام هئي.

خطيب بغدادي ' تاريخ بغداد' ۾ امام خلق بن محمّد موازيني ديبلي جي ذڪر ۾ امام علي بن موسىٰ ديبلي جي درسگاه جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪا ديبل ۾ هئي ۽ جنهن ۾ امام خلف بن محمّد ديبلي پنهنجي شيخ امام علي بن موسىٰ ديبلي کان حديث پڙهي.

ديبل هڪ ساحلي شهر هو. هند و عرب جي تجارت جو اهم مرڪز هو. انڪري هتان جا بعض محدث تاجر به هئا. مثال طور ابومحمّد حسن بن حامد ديبلي بغدادي جيڪو علم حديث ۾ اهم مقام جو مالڪ هو. بغداد جي وڏن تاجرن مان به هڪ هو.

جيئن ديبل هڪ قديم شهر هو ان ڪري هتي هباري حڪومت کان پهريائين ۽ ان کان بعد اسلامي علوم جو رواج جاري هو، ۽ گهڻائي محدّث ۽ حديث جا

---

(۱) ـ اطهر مبارڪپوري قاضي، 'هندستان ميں عربوں ڪي حڪومتيں'، سڪي ڏکرونظر پبليڪيشن ۱۹۸۷ع - ص

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 61

راوي ديبل جي سرزمين تي جلوه افروز ٿي پنهنجي دور ۾ علم جي آسمان جا سڀ چنڊ بڻيا ۽ پوري عالم اسلام ۾ خوب چمڪيا. هتي صرف هڪ دور جي چند عالمن جا نالا ڏجن ٿا.

ابوالعباس احمد بن عبدالله ديبلي (ملتوفي ۳۴۳ھ)، ابوبڪر احمد بن محمد بن هارون حربي ديبلي رازي رح (ملتوفي ۳۷۰ھ) ابراهيم بن محمد بن ابراهيم ديبلي بغدادي، ابومحمد حسن بن حامد ديبلي بغدادي (ملتوفي ۴۰۷ھ)، ابوالقاسم حسين بن محمد بن اسد ديبلي دمشقي هي ۳۴۰ھ تائين دمشق ۾ زنده هو. خلف بن محمد موازيني ديبلي بغدادي، ابوالقاسم شعيب بن محمد بن احمد ديبلي، علي بن احمد بن محمد ديبلي، علي بن موسىٰ ديبلي بغدادي، ابوجعفر محمد بن ابراهيم ديبلي مڪي (ملتوفي ۳۴۳ھ) هي پهرين سنڌي عالم هو جنهن مڪاتيب النبي ﷺ (نبي ڪريم جن جا ڪيل خط) مرتب ڪيو ۽ امام مسعود بن شبيه بن حسن سنڌي جو امام ابوحنيفه جي نڪته نظر جي وضاحت ۾ ڪيل "مقدمه ڪتاب التعليم" معلوم ۽ مشهور آهن. ابوبڪر محمد بن حسين بن محمد ديبلي شامي، ابو عبدالله محمد بن عبدالله ديبلي (ملتوفي ۳۸۴ھ) ابومحمد ديبلي بغدادي ۽ ابو موسىٰ ديبلي بغدادي. [1] سرزمين سنڌ ۾ ديبل نئين سڀ کان پهرين شهر هو، جنهن ۾ عربن مسجد شريف جو بنياد رکيو.

ديبل جو علمي خاندان ڪيترن زماني تائين علم جو گهر رهيو. ابوجعفر محمد بن ابراهيم ديبلي جو فرزند ابراهيم بن محمد بن ابراهيم ديبلي بغدادي حديث جي روايتن ۽ ترويج ۾ سڀان کان ملتون سرانجام ڏنيون. اهڙيءَ طرح امام ابوعبدالله محمد بن عبدالله ديبلي ۽ ان جي پوٽي علي بن محمد بن محمد

---

[1] — اطهر مبارڪپوري قاضي، هندستان ميں عربوں ڪي حڪومتيں، سکر، فڪر و نظر پبليڪيشن ۱۹۸۷ع. ص. ۱۶ کان ۱۶۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 62

ديبلي شافعي پنهنجي زماني جا وڏا فقيه ۽ محدّث هئا. سندس ڪتاب 'ادب القضا' گهڻو مشهور آهي. امام ابوبڪر احمد بن قاسم بن سيماپيح سندي بغدادي جو خاندان مدتن تائين بغداد ۾ حديث جي علم جو گهوارو رهيو. هندستان ۽ سنڌ جي انهن علمي خاندانن کان سواءِ ڪيترائي عالم ۽ محدّث هن منڌ ۾ مان اُٽيا. جن اسلامي دنيا ۾ امامت ۽ شيخيت جي سنڊ ورتي. ۽ پڻ اسلامي دنيا جي عالمن هندوستان اچي هتي ديني علوم جي واڌاري ۽ اشاعت ۾ حصو ورتو. ان کانسواءِ هندوستان ۽ سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن عرب ملڪ ۽ بين علائقن ۾ شعر ۽ ادب جون محفلون سينگاريون ۽ عربي شاعريءَ ۾ پنهنجي هم عصرن سان گڏ وڏ گڏ هليا. ابوعطا سندي حاسي، سندي بن صدقه منصور هندي، ابوفلح سندي ۽ ابومحمد سندي مڪي وغيره عظيم اسلامي شاعرن ۾ اهم مقام حاصل ڪيو. (۱)

الور (اروڙ)

سنڌ ۾ هباري حڪومت جي دور ۾ علم جو هڪ ٻيو مرڪز الور به هو. پهرين صديءَ جي خاتمي تي محمد بن قاسم ان کي فتح ڪري هڪ مسجد تعمير ڪرائي ۽ هتي مسلمان حاڪم قاضي ۽ خطيب مقرر ڪيو. ان ئي زماني ۾ الور سنڌ جي مسلمان امين ۽ حاڪمن جي اطاعت ۽ امان ۾ رهيو. هتان جا غير مسلم باشندا خراج ادا ڪندا هئا. ۽ حڪومت حسب سابق مقامي هندو راجائن جي هٿ ۾ رهي. هتان جو راجا مهروق بن رائق، عبدالله بن عمر جي زماني ۾ اسلام ڪي سمجهي خفيه طور مسلمان ٿيو. مشهور سياح ابن بطوطه هتان جي قاضي ۽ خطيب وٽ عمر بن عبدالعزيز اموي جو هڪ خط ڏٺو هو جيڪو هن خاندان جي مورث اعليٰ ڏانهن پنهنجي خلافت واري دور ۾ روانو ڪيو هو.

---

(۱) - اطهر مبارڪپوري قاضي: "هندستان ميں عربوں کی حکومتيں" سکر، فڪر و نظر پبليڪيشنس ۱۹۸۷ع، ص - ۳۲۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 63

ستين صدي هجريءَ ۾ هتان جو خطيب ۽ قاضي شيخ اسماعيل بن علي بن محمد بن موسىٰ طائي هو. ان جا اباڏاڏا هتان جا قديم باشنده هئا جيڪي خطيب ۽ قاضي هئا انهن مان ڪنهن بزرگ عربي زبان ۾ سنڌ جي اسلامي تاريخ ۽ هتان جي اسلامي فتوحات ۽ غزوات جو تفصيل لکيو هو جنهن جا جزا قاضي اسماعيل وٽ هئا. علي بن حامد سنڌي ۶۱۳ھ ۾ ان جو عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو بعد ۾ چچ نامه جي نالي سان مشهور ٿيو.(۱)

مطلب ته عربي دور ۾ سنڌ جي مدرسن بلند پايي جا عالم پيدا ڪيا جن علمي ۽ ادبي دنيا ۾ پنهنجا اڻ مٽ نشان ڇڏيا. سندن ڏاکو عرب دنيا ۾ قائم ٿي ويو.(۲)

(د) باهرين عالمن جي سنڌ ۾ آمد

منصوره جي علمي فضاءِ ادبي قدرداني جي شهرت جڏهن عرب ۽ عراق ۾ پهتي تڏهن اتان جا ڪيترا عالم ۽ اديب وطن ڇڏي اچي منصوره ۾ مقيم ٿيا تاريخي ۽ ادبي ورقن ڏهراڻ سان انهيءَ سلسلي ۾ ڪيئي مثال ملن ٿا.

اديبن ۽ عالمن کانسواءِ ڪيترا مذهبي مبلغ به تبليغ ۽ اشاعت لاءِ منصوره ۾ وقت بوقت ايندا رهيا. عمر بن حفص جي زماني ۾ (۱۴۲ - ۱۵۱ھ) ۾ عبدالله الاشتر علوي به مذهبي ۽ سياسي عقيدي جي اشاعت لاءِ منصوره ۾ آيو. عربي جاگرافي نويسن جي زماني مان معلوم ٿئي ٿو ته منصوره جي زبان عربي ۽ سنڌي هئي. چنانچه ابن حوقل لکي ٿو،

---

(۱) - اطهر مبارڪپوري قاضي، هندوستان ميں عربوں کی حکومتيں سکر، فکر و نظر پبليڪيشنس ۱۹۸۷ع ص، ۱۶۴ - ۱۶۵ -

(۲) - رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص - ۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 64

"منصوره ۽ ملتان توڙي ان جي آسپاس واري علائقي جي زبان عربي ۽ سنڌي آهي."

اهڙي طرح "مسالک والممالک" جو مصنف رقمطراز آهي: "منصوره ۽ ملتان ۽ انهيءَ جي پسگردائي جي زبان عربي ۽ سنڌي آهي." (۱)

۲۷۰ھ ۾ سنڌ جي راجا عبدالله بن عمر هباري منصوره جي والي ڏي ڪي موڪليو ته مذهب اسلام جي عقائد ۽ تعليم ڏي سنڌي زبان ۾ ڪيس ڪتاب لکي موڪلي. عبدالله اهوکم منصوره جي هڪ عراقي عالم جي سپرد ڪيو جيڪو اصل ۾ عراق جو باشندو هو. ليڪن ڪيس سنڌ ۾ رهندي هڪ مدت گذري هئي. جنهن ڪري سنڌي زبان خواه بين مقامي زبانن ۾ ڪيس ڪمال حاصل هو.

عراقي عالم، عبدالله جي فرمائش تي هندو راجا لاءِ اسلامي عقيدن تي مشتمل هڪ ڪتاب سنڌي نظم ۾ تصنيف ڪيو. راجا ڪتاب پڙهي نه فقط اسلام کان متاثر ٿيو بلڪ خود مصنف جي علمي مرتبي جو به مشس التزوته اثر ٿيو جو هن عبدالله ڏي لکي موڪليو ته انهيءَ مصنف کي سندس دربار ۾ موڪليو وڃي. شاعر ونس ٿي سال رهيو. ۲۷۳ھ ۾ جڏهن هُو عبدالله سان ملیو ته هن ڪيس ٻڌايو ته راجا دل ۾ مسلمان ٿي چڪو آهي، مگر مخالفت جي خوف کان ظاهر نه ٿو ڪري.

---

(۱) - حسام الدين راشدي سيّد، "گالهيون گوٺ وڻ جون" انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي، حيدرآباد ۱۹۸۱ع - ص - ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 65

سڳيئي شاعر راجا جي فرمائش تي ڪلام مجيد جو به سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. جنهن ڪي راجا روزانو بلاناغي پڙهندو هو. (١)

پير حسام الدين راشدي مٿين مصنف جي باري ۾ لکي ٿو:

"سنڌي ڪتابن جي عراقي مصنف جي نالي جو پلوپيٽي نه سگهيو آهي. اصلي عراقي هو. ليڪن پرورش منصوره ۾ ٿيس. سنڌي زبان جو شاعر ۽ نثر نويس هو. قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو ۽ اسلامي عقائد تي سنڌي نظم ۾ تصنيف ڪيائين. انهيءَ تصنيف جي علاوه ڪيس راجا ڇهه سؤ مٽ سون ٿي پيرا انعام طور ڏنو هو." (٢)

Gul Hayat Institute

---

(١) - حسام الدين راشدي پير: "گالهيون گوٺ وٽن جون"، ڪراچي/ حيدرآباد، انجمن تاريخ سنڌ ١٩٨١ع ص - ١٦

(٢) ——— ايضاً ——— ص - ٢١ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۳- سومرن جو دور حڪومت

(الف) پس منظر

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

(ت) علمي مرڪز ۽ معروف علماء

(۱) اگهڙڪوٽ (۲) سيوستان (۳) بڪر

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 67

۳۔ سومرن جو دور حکومت

(الف) پس منظر

عربن جي حکومت جي خاتمي کانپوءِ سنڌ ۾ نج سنڌي قوم سومرن جو راج شروع ٿيو. سومرن کل ٻي صديون حکومت ڪئي. سندن حکومت سنڌ جي تاريخ، ادب، تهذيب ۽ ثقافت ۾ اهم مقام حاصل ڪيو. سندن بهادرانه ڪارنامه ۽ رزمي داستان سنڌ جي تاريخ جو زرين باب آهن. سلطان محمود غزنوي سن ۴۰۱ھ/ ۱۰۱۰ع ڌاري ملتان ۽ ۴۱۶ھ/ ۱۰۲۵ع ڌاري منصوره فتح ڪيا، جنهن ڪري سنڌ غزنوي سلطنت جو صوبو ٿيڻ ويو. ستاويهن سال کانپوءِ سلطان عبدالرشيد بن سلطان محمود غزنوي جي ڏينهن ۾ سندس سلطنت عياشي ۽ آرام طلبي ڪري ڪمزور ٿي، تڏهن راجا انند پال ابن سومري هڪڙي نومسلم سنڌي اسمٰعيل امير ڪي ڌيءَ جي شهر ۾ تخت تي ويهارڻ کانپوءِ منصوره ۽ ملتان تي قبضو ڪيو. (۱)

سومرن سمن جي مدد سان سنڌ تي قبضو ڪيو پر پوءِ سمن کي ڪڍ ڏانهن پهاڻي ڪيائون جن اتي جي چاوڙا راجا وٽ پناه ورتي، جيڪي سما سنڌ ۾ رهجي وياتن اسلام قبول ڪيو سومرا قوم جي ڪن ماڻهن جو غلبو سنڌ جي لاڙ ۽ ٺٽي جي حصن تي سلطان شهاب الدين غوري جي قابض ٿيڻ کان اڳي هو. بني عباس جي آخري گورنر آل ثميمه کان پوءِ سومرن جو دور سڃاڻي سنڌ ۾ وڌندو رهيو.

سومرن جي رڳو سنڌ ۾ حڪومت ڪانه هئي، پر ڀرپاسان ۽ ڪڇي ۽ سندن ماتحت هئا. سنڌ دهليءَ جي تابع هئي، اهڙو سلسلو خلجين ۽ تغلق سلطانن جي دور تائين جاري رهيو. (۲)

---

(۱) ۔ مولائي شيدائي، 'تمدن سنڌ'، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۱۹۵۹ع۔ ص ۲۲۰۔

(۲) ۔ ——— ايضاً ——— ص ۔ ۲۲۱ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 68

سومرن جي ماحبيءَ پاڻکل ويهن حاڪمن ۷۵۲هـ/ ۱۳۵۱ع تائين سنڌ مٿان راڄ ڪيو. انهن سري ۾ ڄناڻي، شهر ٻڌو ۽ ٽرڻ ۾ عمرڪوٽ، لاڙ ۾ وگهيه ڪوٽ، مهاتم طور ۽ ساموئي شهر تعمير ڪرايا. سندن ڏينهن ۾ درياءَ سنڌ الورڪان رُخ بدلائي هاڻوڪو بکر جو وهڪرو اختيار ڪيو. جنهن ڪري الور، برهمڻ آباد ۽ پنيلور جا شهر ويران ٿي ويا.(۱)

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

عربن کانپوءِ سومرن جي حڪمراني وارو زمانو سنڌين ۽ سنڌي زبان لاءِ جاگرتا جو دور هو. هن دور ۾ سنڌي زبان کي پهرين پيرو مذهبي تعليم ۽ ديني پرچار جو واحد ذريعو ٻڌايو ويو. هن دور جو تبليغي ادب سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهي. سومرن جي دور ۾ معياري سنڌي ٻولي جي وڌيڪ ترقيءَ تعميراءَ سنڌن طرفان ڪجهه ڪنهن اسباب ڪارگر ٿيا: مثال طور، هن دور ۾ سنڌ جي سرزمين ۽ ان سان لاڳو علائقن ۾ وڏا ديندار، ولي ۽ درويش پيدا ٿيا، جن عوام جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت لاءِ 'ذڪر' ۽ 'سماع' جا سلسلا قائم ڪيا، جن جي ذريعي تصوف ۽ طريقت، فيض ۽ هدايت، ارادت ۽ عقيدت، ذڪر ۽ فڪر جي سلسلي جا ڪيئي الفاظ ۽ اصطلاح، فقرا ۽ مثال سنڌيءَ ۾ رائج ٿيا.(۲) سن ۱۰۷۹ع ۾ سيد نورالدين سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات ۾ آيو، جنهن اسمٰعيلي مسلمانن کي اسلام جا عقيدا سمجهايا. هن شريعت جا مسئلا ۽ ديانيت ۽ تصوف جا اصول سنڌي شعر ۾ سمجهايا. سندن تبليغي ادب، سنڌ جو وڏو خزانو آهي.(۳) سلاطين دهليءَ جي زماني ۾ سومرن جي ماحبيءَ جي شروعات

---

(۱) - مولائي شيدائي، 'تمدن سنڌ' سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۱۹۵۹ع ص - ۲۲۲

(۲) - نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" (جلد پهرين) حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ۱۹۸۰ع ص - ۱۱۹

(۳) - رحيمداد خان مولائي شيدائي، 'جنت السنڌ' حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ع، ص، ۲۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 69

۾ شهرن جي مسجدين لاءِ فقيه امامت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا. جيئن فقه حنفي کان ماڻهو واقف ٿين. اهڙن عالمن لاءِ 'صدام الصدور' (وڏو قاضي) سفارش ڪندو هو. ۽ شهر جا قاضي علمي ادارن جي صدارت ڪندا هئا. عالمن کي هر طرح ديني آزادي ملي هئي. فقط سياست ۾ حصو وٺڻ جي کين اجازت ڪانه هئي. مفلس شاگردن جي رهائش، کاڌي پيتي ڪپڙي لٽي جا بار حڪومت برداشت ڪندي هئي.

هن دور ۾ اسلامي تعليم لاءِ خاص جايون ٺهرايون ويون. عالمن کي مدرسن لاءِ حڪومت ۽ اميرن کان امدادون به ملنديون هيون. (۱)

(ت) علمي مرڪز ۽ معروف علماء

(۱) اگهمڪوٽ: 'اگهمڪوٽ' جنهن کي 'رچرد برٽن' 'اگهامائي' لکيو آهي، لاڙ ۾ ٻيرون ڪوٽ (حيدرآباد) کان ٽيهه ميل ڏکڻ طرف موجوده ٽنڈي غلام علي روڊ تي هو. هن علاقي کي سماواتي پرگڻو چوندا هئا سومرن جي ڏينهن ۾ هتي هڪ وڏو علمي مدرسو هو، جنهن ۾ پنج سؤ شاگرد قرآن حڪيم ۽ ٻين علومن جي تعليم وٺندا هئا. سندن رهائش، خوراڪ ۽ پوشاڪ جو خرچ سومرا امير درويش ميان داؤد، ميان حمل ۽ ميان اسمٰعيل ڏيندا هئا. (۲)

(۲) سيوستان (سيوهڻ): سيوهڻ قديم دور ۾ علم ۽ ادب جو مرڪز ٿي رهيو آهي. جڏهن ساماڻين جو سنڌ جي الهندي حصي تي قبضو ٿيو، تڏهن هنن سيوهڻ جو جوناڻو سيوستان رکيو جو 'سوي' قوم جي پٽيان سڏيو ويو. (۳)

---

(۱) - تاريخ فرشته، جلد پهريون، (اردو ترجمو) نولڪشور لکنؤ. ص-۱۰۸-

(2) H.M. Elliot (DOWSON): Histry of India, vol: I. P, 379

(۳) - مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" حيدرآباد سنڌ. ۱۹۶۶ع ص - ۳۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 70

سومرن جي دور ۾ سيوهڻ جو قديم شهر علم ۽ عرفان جو مرڪز ۽ اسلامي تهذيب جو گهوارو هو. سيوهڻ جو مدرسو اسلامي دنيا ۾ " فقهاء الاسلام " جي لقب سان مشهور هو. هتي اسڪندريه (مصر) جا شاگرد به تعليم وٺڻ ايندا هئا. ابن بطوطه سيوهڻ ۾ هن مدرسي جي ڇت تي اچي رهيو هو، جيڪو وچ شهر ۾ هڪ وڏي عمارت هو. (۱) هن هتي ڪيئي مڪتب ۽ خانقاهون ڏٺيون. سندس چوڻ مطابق ته هو سيوهڻ ۾ هڪ شخص محمد بغدادي سان به مليو هو، جنهن جي عمر ان وقت ۱۴۰ سال هئي جيڪو اهل علم ۽ دانشور ٿي معلوم ٿيو. ڪيس اسلامي علوم جي گهٽي جاڙ هئي. (۲) ان کان سواءِ مخدوم نورالله [۳]، سيف الدين گزنوري مخدوم عبدالله ۽ مخدوم فاضل شاه پڻ سومرن جي دور ۾ وڏا عالم ۽ مدرّس ٿي گذريا آهن جن علمي دنيا ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيا. اهڙي طرح سيوهڻ ۾ مشهور مدرّس قاضي ڏٽو رهندو هو، جنهن جي مدرسي ۾ ميرمحمود بکري " تاريخ محمودي " جو مصنف پاڻ پڙهيو هو. (۴)

---

(۱) ـ رحيمداد خان مولائي شيدائي، 'تمدن سنڌ' حيدرآباد. ۱۹۵۹ع سنڌ يونيورسٽي ص ـ ۳۳۸

(۲) ـ محمد جمن تالپر ڊاڪٽر، سنڌ جا اسلامي درسگاهه، حيدرآباد. ۱۹۸۲ع هجره پبليڪيشن، سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ص ـ ۱۴۱ ـ

[۳] ـ مخدوم نورالله عرف مخدوم نورنگ؛ هي بزرگ ذات جو سومرو ۽ وڏو عالم ۽ درويش ـ ملتان وارن صاحبن جي پاران لاڙ لاءِ خليفو مقرر ٿيل هو. سندس مقبرو ٽنڊي غلام حيدر تعلقي گوني ۾ آهي. هن جا اولاد پاڻ کي "نورنگ زاده" سڏائيندو آهي. ص ـ ۳۳۸ ـ

(۴) ـ رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، حيدرآباد سنڌ ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ. ص ـ ۳۳۸ ـ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 71

(۳) بکر:- بکر جو شهر سومرن جي ڏينهن ۾ علم جو وڏو مرڪز هو. وڏا وڏا جيڏ عالم ۽ فقيه هن شهر ۾ رهندا هئا. سيّد محمّد مڪي (متوفي ۵۵۵ هـ) سن ۵۴۶ هـ ۾ پنهنجي پٽ محمّد خطيب صدرالدين ۽ ٻين عزيزن قريبن ۽ احبابن جلي پنجيتاليهن ماڻهن سميت بکر پهتو. اهو زمانو خنيف سومري (متوفي ۵۴۸ هـ) جو هو، ۽ اسلامي تعليمات جو ڏيئو اُجهامڙ وارو هو. هتي سيّد محمّد مڪيءَ هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو. ۽ بکر کي اسلامي دنيا ۾ روشناس ڪرايو. بکر جا درسگاهه پهريون پيرو سيّد محمّد مڪيءَ جي ڪري وجود ۾ آيا. (۱) هن ئي دور ۾ برهان الدين بکر جو وڏو جيڏ عالم هو. جنهن جي علمي شهرت علاؤالدين خلجيءَ واري عهد (۶۹۵-۷۱۵ هـ) ۾ دهليءَ تائين پهچي چڪي هئي. (۲)

سومرن جي دور ۾ اسلامي عقيدن ۾ بدعت ۽ شرڪ شامل ٿي ويو هو، ۽ اسلامي تعليمات کي ڪافي نقصان پهتو. تنهن ٽي سيّد محمّد مڪي اچي هتي رهيو ۽ مشرڪانه حرڪتن ۽ بدعتن کي ختم ڪري، بکر ۾ مدرسو قائم ڪري ديني تعليم کي زور شور سان جاري رکيو. جنهن مان مختصر عرصي ۾ سندس ڪيترائي طالب العلم ۽ عقيدتمند فيض پرائي ويا. (۳)

سومرن جي زماني ۾ اسلام جي جدا جدا فرقن جا داعي سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويا ۽ ڏهن ڏهن ڪوڙي جيئن ڏهن جي پوڄارين وانگر نومسلمن کي سندس مقامي زبان ۾ اسلام جا اصول سمجهائڻ لڳا. هڪ طرف اسمٰعيلي فڪر جا داعي ۽ مبلّغ پنهنجي دعوت ۾ مصروف هئا ته ٻئي طرف قادري طريقي جا بزرگ ۽ خوشيه طريقي جا درويش سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي چڪا هئا. (۴)

---

(۱) - حسام الدين راشدي پير، "مقدمه حديقة الاولياء"، ص - ۴۵

(۲) - حاجي علي محمّد شاه دائڙي واروسيّد، "مصلح المفتاح" - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مقدمو) سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۱۹۷۰ع - ص - ۲

(۳) - حسام الدين راشدي سيّد: "مقدمه حديقة الاولياء" ص- ۴۵

(۴) - خواجه غلام علي الانا ڊاڪٽر، سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب، (مقالو) نئين زندگي ڪراچي فيبروري، ۱۹۷۲ع . ص - ۲۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 72

سندن دور ۾ ملتان به اسلام جي تبليغ ۽ علم جو اهم مرڪز رهيو. هن دور جو تعليمي ۽ تهذيبي چرچو عراق، عجم، مصر ۽ موراکو تائين هلندڙ هو. سندن دور ۾ ڪيترائي سنڌي عالم، بزرگ، شاعر، صوفيا ڪرام ٿي گذريا، جن علمي ادبي سماع ۽ سرورجون محفلون برپا ڪيون. سهروردي چشتي، بخاري، قادري طريقن جي فقيري عام پکڙيل هئي. ملتان ۽ اُچ کان وٺي ڪڇ جي رڻ ۽ گجرات تائين درويش روحانيت جي تبليغ ڪئي. (۱)

سومرن جي تعميرڪيل شهرن 'جباني' ۽ 'محمد طور' ۾ سهروردي، بخاري ۽ جيلاني بزرگ رهندا هئا جن جي دهليزن تي علمي درسگاهون پڌ جاري هيلون. بزرگن جي درسگاهن کان سواءِ صوفيا ڪرام جون خانقاهون پڻ قائم هيلون. هندستان ۾ جيلاني، بخاري، قادري، رضوي، صابريه ۽ شطاري جيڪي به سلسلا موجود آهن، تن جي ابتدا 'باب الاسلام' سنڌ کان ٿي. سومرن جي دور ۾ جن سادات ڪرام ۽ صوفياء عظام سنڌ کان نڪري هندستان جي شهرن ۾ قيام ڪيو، تن انتي اسلامي تبليغ لاءِ درسگاهون کوليون. سندن روحاني فيض گجرات دکن ۽ بنگال تائين پهتو. مطلب ته سنڌ باب الاسلام برصغير هند جو پهريون صوبو هو جتي علمي شمع روشن ٿي هئي. (۲)

Gul Hayat Institute

---

(۱) - منهاج سراج، طبقات ناصري، جلد اول ۱۹۷۵ع مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ص - ۷۲۵ -

(۲) - منهاج سراج ايضاً ص - ۱۶۶ -

(۳) - رحيمداد مولائي شيدائي، تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي، ۱۹۵۹ع - ص - ۳۳۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۴ - سمن جو دورِ حڪومت

(الف) پس منظر

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

(ت) معروف عالم ۽ علمي مرڪز

(ا) بوبڪ (ب) ٿٽو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 74

۴- سمن جو دور حکومت

(الف) پس منظر-

سنڌ ۾ سومرا خاندان کان بعد سما خاندان جي حڪومت قائم ٿي. سمن سن ۷۵۲ھ/ ۱۳۵۱ع کان ۹۲۳ھ/ ۱۵۱۹ع تائين حڪومت ڪئي. سومرا خاندان جي زوال جو سبب سنڌن اخلاقي حالتن جو بگڙجڻ هو. سومرن جي زوال جي ڏينهن ۾ ئي سما زور وٺڻ لڳا. سومرن جي پوئين حاڪم همير (ارميل) جي ظلم کان ماڻهو تنگ اچي چڪا هئا. جنهن جو فائدو ووٺي سما قوم طاقتور ٿي چڪي هئي، ۽ اهڙي طرح هو مغربي سنڌ کان جنوبي سنڌ تائين ڦهلجي چڪا هئا. آخرڪار ارميل جي ظالمن کان تنگ ٿي. هڪ ڏينهن سما خاندان جي ماڻهن ڪيترن ئي سومرن سردارن کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ سمن پنهنجي قوم جي هڪ شخص انڙ جي جاءِ تي گدي تي مشورو ڪري ڪيس سردار ٻڌايو، ۽ بعد ۾ (ارميل) کي قتل ڪري ڇڏيو. (۱)

سومرن کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ سمن سومرن جي تخت گاهه محڪم طور ۽ ٿتي تي قبضو ڪيو. ليڪن محمد طور کي شاهي لشڪر تباهه ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري سمن ان کي منحوس سمجهي هڪ نئون شهر آباد ڪيو، جنهن جو نالو ساموئي رکيو، ۽ انڙ ساموئي کي پنهنجو تخت گاهه ٻڌايو. سما پنهنجي وڏن کي جام جي لقب سان سڏيندا هئا. جام انڙ، سما خاندان جو پهرين حڪمران هو، جيڪو همير سومري جي قتل کان بعد ۷۵۱ھ/ ۱۳۵۰ع ۾ سنڌ جو حڪمران ٿيو. (۲) سما خاندان جي پوين حڪمرانن مان جام نظام الدين ثاني نيڪ حڪمران ٿي گذريو آهي، پير حسام الدين

---

(۱) - اعجاز الحق قدوسي، تاريخ سنڌ، جلد اول، ۱۹۸۵ع، اردو سائنس بورڊ لاهور، ص - ۴۴۰

(۲) - ايضاً ص- ۴۴۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 75

۴- سمن جودور حڪومت

(الف) پس منظر-

سنڌ ۾ سومرا خاندان کان بعد سما خاندان جي حڪومت قائم ٿي. سمن سن ۷۵۲ھ/۱۳۵۱ع کان ۹۲۳ھ/۱۵۱۹ع تائين حڪومت ڪئي. سومرا خاندان جي زوال جو سبب سنڌ ۾ اخلاقي حالت جو بگڙجڻ هو. سومرن جي زوال جي ڏينهن ۾ ئي سما زور وٺڻ لڳا. سومرن جي پوئين حاڪم همير (ارميل) جي ظلم کان ماڻهو تنگ اچي چڪا هئا. جنهن جو فائدو ووٽي سما قوم طاقتور ٿي چڪي هئي، ۽ اهڙي طرح هو مغربي سنڌ کان جنوبي سنڌ تائين ڦهلجي چڪا هئا. آخرڪار ارميل جي ظالمن کان تنگ ٿي. هڪ ڏينهن سما خاندان جي ماڻهن ڪيترن ئي سومرن سردارن کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ سمن پنهنجي قوم جي هڪ شخص انڙ جي جاءِ تي گدي تي مشورو ڪري ڪيس سردار بڻايو، ۽ بعد ۾ (ارميل) کي قتل ڪري ڇڏيو. (۱)

سومرن کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ سمن سومرن جي تخت گاهه محمد طور ۽ ٿتي ٿي قبضو ڪيو، ليڪن محمد طور کي شاهي لشڪر تباهه ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري سمن ان کي منحوس سمجهي هڪ نيو شهر آباد ڪيو، جنهن جو نالو ساموئي رکيو، ۽ انڙ ساموئي کي پنهنجو تخت گاهه بڻايو. سما پنهنجي وڏن کي جام جي لقب سان سڏيندا هئا. جام انڙ، سما خاندان جو پهرين حڪمران هو، جيڪو همير سومري جي قتل کان بعد ۷۵۱ھ/۱۳۵۰ع ۾ سنڌ جو حڪمران ٿيو. (۲) سما خاندان جي پوين حڪمرانن مان جام نظام الدين ثاني نيڪ حڪمران ٿي گذريو آهي، پير حسام الدين

۱- اعجاز الحق قدوسي، تاريخ سنڌ، جلد اول، ۱۹۸۵ع، اردو سائنس بورڊ لاهور، ص- ۴۴۰

۲- ايضاً ص- ۴۴۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 76

راشدي "گالهيون گوٺ وٽن جون" ۾ رقمطراز آهي:

"سنڌ جا ماڻهو قريب ۽ محنت منجهان ڪيس "جام نندو" سڏيندا هئا. جام نظام الدين، سمن جي خانواري جو آخري ۽ آزاد سنڌ جو پويون تاجدار هو. جنهن ۲۵ ربيع الاول ۸۶۶ھ کان ۹۱۴ھ تائين چڙو ملڪ متان فرمان روائي ڪئي. بلڪ ماڻهن جي دلين تي به بادشاهي ڪئي." (۱)

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

سمن جي دور ۾ سنڌ ۾ اسلامي علمن وڏي ترقي ڪئي هئي. سنڌ جي هر قصبي، گوٺ ۽ شهر ۾ وڏا درسگاه ۽ خانقاهون هيون. خود سما حاڪم اسلامي تعليم ۽ علمن جي واڌاري جا خواهان هئا. ڪيترن درويشن جي خانقاهن تي درس تدريس جو ڪم به ٿيندو هو. انهن مدرسن ۾ اسلامي علمن جهڙوڪ قرآن، تفسير، فقه، حديث، صرف ونحو ۽ علم منطق وغيره جو درس ڏنو ويندو هو. سمن حاڪمن جي آخري ڏينهن ۾ سنڌ جي اترئين حصي ۾ ديني درسگاهون ۽ وڏا علم جامر ڪن هئا.

سرزمين سنڌ جا جهونا شهر، عرب جي علمي مرڪزن جهڙوڪ بغداد، دمشق ۽ ڪوفي جي هم پلئه هئا. انهن ۾ بوبڪ ڪاهان (ڪاهو) اگهم ڪوٽ (اگهاماٽي) بکر، درهيلو، ديرلو، پاٽ، ٽٺو هالڪنڊي سيوهڻ ۽ نصرپور ۾ وڏا وڏا ديني مدرسا ۽ خانقاهون هيون. انهن مدرسن ۾ وڏا عالي دماغ بزرگ ۽ وڏا بلند پايي جا عالم درس ڏيندا هئا. سمن حاڪمن جي مهرباني عالمن کي وظيفو پٽ ملندو هو، ۽ ڪيترن نئين مدرسن جو خرچ سما حاڪم پاڻ برداشت ڪندا هئا. (۲)

---

(۱) ــ حسام الدين راشدي سيد، "گالهيون گوٺ وٽن جون" ڪراچي، حيدرآباد، انجمن تاريخ سنڌ، ۱۹۸۱ع، ص - ۸۲۳ ــ

(۲) ــ رحيمداد مولائي شيدائي، جنت السنڌ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ع - ص - ۳۷۱ ــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 77

سنڌ جي سمن حاڪمن جي علم پروريءَ ڪري ڪيترائي عرب ڪمي اچي سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا. عرب عالمن کان سواءِ خالص سنڌين به عربي زبان ۽ ادب ۾ وڏو عبور حاصل ڪيو. انهيءَ زماني جي عالمن جو معياري علمي لحاظ کان ڏاڍو بلند هو. ان کان سواءِ هي اسلامي دنيا سان رابطي رکڻ لاءِ ٻيون هوليون پڻ سيکاريون ويندیون هيون. ان کانسواءِ منطق، رياضي، هيئت اقليدس ۽ حظاطي پڻ نصاب ۾ شامل هئي. (۱)

(ت) معروف عالم ۽ علمي مرڪز

سمن جو مشهور سلطان جام نظام الدين [۲] وڏو علم دوست ۽ عالمن جو سرپرست هو، ۽ ونس ڇڪو ڪتب خانو موجود هو. سندس زماني ۾ ڪوبه سندس جاهه جلال، شان شوڪت ۽ فهم فراست ۾ مٽ ثاني ڪونه هو. سنڌ جو معروف محقق پير حسام الدين راشدي "گالهيون گوٺ وٽن جون" ۾ رقمطراز آهي:

"سمون حڪمران جام نظام الدين عرف جام نندو نهايت نيڪ ڪردار، منتظم، جري ۽ خوش اطوار حڪمران هو. سندس اڏ صديءَ جي حڪمراني سنڌ لاءِ سچي پچي رحمت ثابت ٿي. ملڪ ۾ امن امان هو. خير و برڪت جو جواب ڪونه هو. سنڌ جا ماڻهو سکيا ستابا هئا. سچو ملڪ ريان ڪيان هو ديندار ۽ دنيادار ملڪ ۾ ٻئي ڪٿ ولڪٿ هيون.

---

(۱) - ميرعلي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام، جلد ٽيون، ۱۹۵۷ع حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ - ص - ۱۴۳

[۲] جام نظام الدين سمون (۸۶۶ هـ/۱۴۶۱ع) ٿي تخت نشين ٿيو ۽ (۹۱۴هـ/۹-۱۵۰۸ع) حڪمران رهيو. سندس دور ۾ سنت نبويءَ جي پوري پيروي ٿيندي هئي (ايضاً ص - ص ۱۰۵ - ۱۰۶)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 78

ديني ۽ دنيوي علومن جي اشاعت سنڌ جي جنهن کنڊين انتهائي عروج تي هئي مدرسا ۽ خانقاهون آباد هئا. جام نندي جي پاکبازي، زهد ۽ تقويٰ جون کيئي کهاڻيون مشهور آهن. تاريخ ۾ ان جا کيترا مثال محفوظ آهن. قاضي عبدالله جي[1] جنازي نماز جام نندي هن کري پڙهائي، جو پاڻ سموري زندگي باوضو رهيو هو، ۽ کڏهن پنهنجي گهر کان ڏني هئائين. ننڍي ۾ کيترا پير فقير، صوفي ۽ بزرگ موجود هئا. ليکن اهي وصفون فقط سنڌ جي سلطان ۾ موجود هيون. 'تحفة الڪرام'، 'مقالات شعراء'، 'حديقة الاولياء'، 'تحفة الطاهرين' يا ٻيون تذڪرن ۽ تاريخن ۾ به اسانکي اڪيچار سنڌي عالمن، بزرگن، مشائخن، محدثن ۽ شاعرن جا نالا ملن ٿا، جن انهيءَ سلطان جي دور ۾ سنڌ اندر اطمينان ۽ دلجمعي سان ديني ۽ دنيوي علمن کي فروغ ڏيڻ ۾ اڻ وسرندڙ ڪوششون ۽ خدمتون ڪيون. اهڙيءَ ريت

---

[1] - قاضي عبدالله تالي هڪ خدا پرست انسان جنهن جي تربت مڪلي ٽڪريءَ تي شيخ حماد جماليءَ جي پيلاڻ آهي، تنهن جڏهن وفات ڪئي هئي، تڏهن ان وقت جي ڪنهن بزرگ کي خواب ۾ ڏيکاري ڏئي چيو ته "منهنجي جنازي لئي اهو شخص نماز پڙهائي لاءِ پيش امام ٿي بيهي، جنهن کڏهن به وضوءَ بنان آسمان ڏي نه نهاريو هجي. جنهن کڏهن به ڪنهن انسان جي اوگهڙ تي نظر نه ڪئي هجي. خود پنهنجي اوگهڙ تي به نه" آخر جام نندي کانسواءِ ٻيو ڪو به اهڙو ماڻهو مٿ ڪونه آيو، تنهن ڪري جام نندي پاڻ پيش امام ٿي قاضي عبدالله جي جنازي نماز پاڙهي - (اميراحمد مخدوم (مترجم) "تحفة الڪرام" حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ. ۱۹۷۶ع (چاپو ٻيو) ص ۱۳۵)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 79

امن، راحت، فراغت ۽ خوشحاليءَ جون خبرون جڏهن ڏور انهن ڏيهن تائين پهتيون، تڏهن سنڌ کان ٻاهر جي مشاهيرن به قطار در قطار هن طرف رخ ڪيو. سلطان نظام الدين جي آخري دور ۾ ته خاص طرح ايران خراسان خواه ماوراءالنهر مان ڪيئي گهراڻا سنڌ ۾ ايندي اڪثريت سان اچي پهتل جو انهن کي آباد ڪرڻ لاءِ حضرت ننگر ڪي ننڍي ۾ جدا محلا مخصوص ڪرڻا پيا. ٻاهران اهڙا عالم ۽ دانشمند به اچي پهتا، جن جو اچڻ سڄ پڄ ته سنڌ لاءِ هڪ نعمت هو. مثلاً،

مخدوم مولانا عبدالعزيز ابهريءَ[1] ۽ سندس پٽ مولانا اثيرالدين پنهنجي سموري خاندان سميت هتي پهتا. علم جي اشاعت لاءِ مدرسو جاري ڪري، هن سون علم جي طالبن جي آس ۽ پياس پوري ڪئي. علامه جلال الدين دواني (المتوفي ۹۰۸ھ) سنڌ ۾ اچڻ لاءِ تيار هو، ليڪن افسوس جو اچڻ کان اڳ وفات ڪري ويو. هن جا به جيڏ شاگرد ميرشمسي ۽ ميرمعين ننڍي ۾ آيا، جن هتي رهي ديني ۽ دنيوي علم جي اشاعت ۾ وڏو ڀرو ورتو." (۲)

اڳ سنڌ ۾ اسلام جي سادي طريقي موجب مسجدن ۾ ئي مدرسا هئا، مگر سما سلاطين جي زماني ۾ مدرسن لاءِ جدا عمارتون تعمير ٿيون، جن ۾ محدث ۽ بلند پايه

---

[1] - اصل ۾ علائقي هرات (موجوده افغانستان) جي شهر "ابهر" جو ويڙل هو.
(حاجي علي محمد سيد داڻي وارو، "مصلح المفتاح" - نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر (مقدمو) سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد - ۱۹۷۰ع، ص - ۳

(۲) - حسام الدين راشدي پير، گاهيون گوٺ وٽن جوڻ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۱ع مسلم هائوسنگ سوسائٽي، ص - ۸۲۴ کان ۸۲۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 80

اديب تعليم ڏيندا هئا. سڄي جي مدرسن جو تعداد جيڪو پوءِ تيڻ وڌندو ويو تان جو چئن هزارن کي پهتو. سما حڪمرانن جا تعلقات اسلامي دنيا سان دوستانا هئا. انڪري سندن ڏيڻهن ۾ سنڌ جي واپار به گهڻي ترقي ڪئي. ان کانسواءِ امير تيمور سان گڏ گهڻائي عالمِ ۽ سادات هرات ۽ کان سنڌ ۾ وارد ٿيا. ايئن چوڻ درست ٿيندو ته بخارا، سمرقند ۽ هرات جي علمي مجلس جي پهاڻي کان پوءِ سنڌ جي دارالخلافه ٺٽي اسلامي دنيا اندر دارالعلوم جي حيثيت اختيار ڪئي. (۱)

سهروردي طريقي جو بزرگ هالڪندي وارو. ان دور ۾ مشهور ٿي گذريو آهي هالڪندي جي عرب خاندان مان مخدوم فخرالدين ڪوٽ ڪروڙ ۾ اچي رهيو جتان پوءِ هجرت ڪري سنڌ جي علمي شهر بوبڪ ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائين ان ساڳئي خاندان مان مخدوم فخرالدين ثاني اچي پراڻ هالن ۾ رهيو. هن خاندان مان مخدوم لطف الله بن مخدوم نعمت الله مخدوم نوح جي نالي سان سڏبو آهي. ڏهين مدي ۾ جو مجدد هيو. (۲)

ان کان سواءِ سمن جي وچين زماني ۾ سنڌ اندر عالمن جا به گروهه پيدا ٿيا. هڪ صوفي بزرگن ۽ درويشن جو طبقو هو جن جي تبليغ ۽ اثر ڪري اسلام جي گهڻي اشاعت ٿي ۽ تمام گهڻو فيض جاري ٿيو. ٻئي پاسي کان وري اهي عالم هئا جن جي تعليمي فيض کان گهڻن فيض حاصل ڪيو. خود سمن جي قبيلي مان وڏا جيڏ

---

(۱) - رحيم داد خان مولائي شيدائي. جنت السنڌ حيدرآباد سنڌ. ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ. ص - ص - ۳۷۲ - ۳۷۳

(۲) - نئين زندگي ڪراچي. جون، جولاءِ ۱۹۷۷ع قريشي حامد علي خانائي "سنڌ جا قديم درسگاه" اشاره واڌارا ص - ۴۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 81

عالم ۽ محقّق پيدا ٿيا. جن اسلامي علومن کي زور ورتايو. هن زماني ۾ مخدوم عباس هنگورجه (المتوفي ۹۴۷ھ) علم تفسير ۽ فقه جو وڏي بلند پايه جو عالم هو. جام نظام الدين جو پاءُ جام بايزيد کن شخصي اختلافن جي ڪري پنهنجي پاءُ کان ناراض ٿي ملتان هليو ويو. جتي وڃي هن ملتان جي لانگاهن جي مدد سان ديني مدرسو کولايو. پاڻ به خود وڏي مرتبي وارو عالم هو ۽ اهل علم جو وڏو قدردان هو. اهڙيءَ ڪري هندستان جي مشهور عالمن ملتان کي اچي وسايو. مثلاً شيخ جمال الدين قريشي، مولانا فتح الله، مولانا عزيز الله، مير عماد گرديزي ۽ مرزا شهيد اهڙن ڏينهن ۾ ملتان اچي مقيم ٿيا. انهن ڏينهن ۾ احمد آباد، ٺٽو ۽ ملتان علمي ادارن ۽ مدرسن جي ڪري سڄي اسلامي دنيا ۾ برڪ هئا. (۱) اهڙيءَ زماني ۾ ملڪ محمّد عرف انڙ ولد جام فتح خان (المتوفي ۸۵۸ھ) علم منطق تي هڪ وڏو ڪتاب "ميزان" جي شرح تصنيف ڪئي. هن بزرگ ان ڪتاب جو نالو "لزبدته" رکيو. اهو ڪتاب سمن جي ماڃيءَ ۾ مدرسن ۾ پڙهايو ويندو هو. (۲)

(۱) بوبڪ :-

سمن جي دور ۾ بوبڪ جو مدرسو عظيم درسگاهه هو جنهن کي مخدوم عبدالڪريم ميران برپا ڪيو. جنهن مان نه رڳو سنڌ پر پوري برصغير فيض پرايو. هن ئي زماني ۾ مخدوم جعفر بوبڪائي وڏو عالم ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. هي پهريون سنڌي عالم هو جنهن تعليم جي اصولن تي ڪتاب لکيو. جنهن جو نالو آهي "نهج التعليم".

---

(۱) ـ رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۳۷۲ ـ

(۲) ـ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 82

هن سموري حياتي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ پوري ڪئي. عَلامہ غلام مصطفیٰ قاسمي، مولانا جعفر بوبڪائي جي هڪ تصنيف جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"سنڌ ۾ فقه تي پهريون ڪتاب "المتانة فی مرمة الخزانة" آهي، جيڪو مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جي تاليف آهي. هن تي ۱۱۸ صفحن جو عربيءَ ۾ مقدمو ۽ حواشي لکي سنڌي ادبي بورڊ وارن ڇپايو آهي."(۱)

(۲) - نٽو -

اهڙي طرح نٽي ۾ مخدوم عبدالرشيد، گاهن ۾ فخر پوٽي ۽ نٽنيءَ ۾ مخدوم بلاول جامدرساهئا، جتي شاگردن کي ديني تعليم سان گڏ قومي ۽ دفاعي جاڻ به فراهم ڪئي ويندي هئي. هن دور ۾ عالم مخدوم بلاول قابل ذڪر آهي، جنهن لاءِ تاريخ معصوميءَ وارو لکي ٿو:

"هُو تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام ماهر هو ۽ بلند درجي جو مالڪ هو. سندس درسگاهه ظاهري علم جي پالوٽ سان گڏ روحاني فيض جو به وڏو مرڪز هو. سندس شاگرد اڳتي هلي علمي دنيا ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو، جن ۾ مخدوم رڪن الدين ۽ مخدوم حسن جانالا قابل ذڪر آهن." (۲)

Gul Hayat Institute

---

(۱) - سماهي "مهراڻ"، جلد - ۳۰، ۱۹۸۱ع حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ (مضمون) علامہ غلام مصطفیٰ قاسمي. "مسلمانن جا علمي ۽ تهذيبي ڪارنامه ص-۱۰۷

(۲) - ميرمعصوم بکري، تاريخ معصومي، (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد ۱۹۸۵ع - حيدرآباد سنڌ، ادبي بورڊ - ص - ۲۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۵ - ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومت جو دور

(الف) پس منظر

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

(ت) علمي مرڪز ۽ ديني عالم

(۱) بوبڪ (۲) سيوهڙ (۳) درهيلو (۴) ٺٽو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 84

۵۔ ارغونن ۽ ترخانن جو دور حڪومت

(الف) پس منظر۔

سمن جي صاحبيءَ جوخاتمو ارغونن کيو. شاه بيگ ارغون جو والد امير ذوالنون ارغون، مرزا شاه حسين جي طرفان قندار جو حاڪم هو. ۱۵۰۷ع ۾ ذوالنون جي قتل ٿيڻ کانپوءِ سندس فرزند شاه بيگ ارغون، شاه اسمٰعيل، محمد خان شيباني ۽ بابر جي دٻاءَ جي ڪري ڪابل ۽ قندار ڇڏي بلوچستان جي شمال ۾ سبيءَ تي قابض ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ جام فيروز حڪومت ڪري رهيو هو. جام فيروز جي ڪمزوري ڪري جام صلاح الدين بغاوت ڪئي، جنهن ڪري ملڪ ۾ خانه جنگي شروع ٿي وئي. شاه بيگ ارغون اهو موقعو ڏسي سنڌ تي حملو ڪيو، ۽ ۱۵۲۱ع ۾ ٺٽو فتح ڪيائين. ان کانپوءِ سڄي سنڌ تي قابض ٿي ويو. مطلب ته اڳتي طرح سما خاندان جي خودمختيار ۽ ملڪي حڪومت جيڪا تقريباً پوڻا ٻه سو سال کان هن خاندان ۾ مسلسل هلندي آئي هئي، ان جي ناعاقبت انديش حڪمرانن جي ناعاقبت انديشيءَ ڪري ختم ٿي وئي ۽ باهرين ماڻهن ملڪ ۾ مضبوط ٿيا ۽ سنڌ ۾ ارغون حڪومت جو بنياد پيو۔ (۱)

۱۵۲۲ع ۾ شاه بيگ ارغون وفات ڪئي، جنهن کانپوءِ سندس پٽ شاه حسين ارغون سنڌ جو حاڪم ٿيو، جنهن ۱۵۲۶ع ۾ ملتان تائين سڄو علائقو فتح ڪيو. ۱۵۶۰ع ۾ شاه حسين ارغون لاولد فوت ٿيو. سنڌ جي حڪومت هن اميرن پاڻ ۾ ورهائي ڪنئي. اتر سنڌ وارو حصو سلطان محمود بکريءَ جي قبضي ۾ آيو. جو شاه حسن ارغون جي پاران بکر جو حاڪم هو. هيٺاهين سنڌ سندس

---

(۱) - اعجاز الحق قدوسي، تاريخ سنڌ، حصو پيو، لاهور، ۱۹۷۴ع سائنس بورڊ - ص - ۲۹ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 85

ٻئي امير مرزا عيسىٰ ترخان جي قبضي ۾ آئي، اهڙيءَ طرح سان سنڌ ۾ ترخان حڪومت قائم ٿي. سن ۱۵۹۲ع ۾ اڪبر جي طرفان مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ سنڌ فتح ڪري مغل سلطنت سان ملائي ڇڏيو. مرزا جاني جي نوجوان پٽ مرزا غازي بيگ کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سان سنڌ تي مغلن جا گورنر ايندا رهيا. (۱)

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

سمن جي زوال وقت اندروني انتشار ارغونن جي حملي سمن جي حڪومت جي خاتمي (۹۲۷ھ) سنڌ جي علمي حلقن ۾ اضطراب پيدا ڪيو ۽ انهي بيچينيءَ کيترن ئي عالمن ۽ علمي گهراڻن سنڌ مان هجرت ڪئي. هڪڙا گجرات ۽ اتان عرب ۽ شام ڏانهن ويا، ته ٻيا هندستان ويا. پاڻ شهر جي علمي گهراڻي مان عارف شيخ عيسىٰ جند الله ۽ ٻين بزرگن برهانپور ڪي وسايو ۽ انتي علم عرفان جو ڏيئو ٻاريائون. درٻيلي جي عالمن جي عالمن مان، مخدوم عبدالعزيز ابهري جو شاگرد قاضي عبدالله (ابن قاضي ابراهيم) سنڌ مان هجرت ڪري گجرات ويو. قاضي عبدالله پنهنجي دور جو وڏو عالم هو، جنهن کان ميرمحمد معصوم بکري پڙهيو هو، سن (۹۳۴ھ) ۾ هو گجرات جي اعليٰ تعليمي درسگاهن ۾ وڃي استاد ٿيو. شيخ عبدالله متقي درٻيلوي به سن (۹۴۷ھ) ۾ سنڌ مان گجرات ويو ۽ انتي وڃي قاضي عبدالله کان علم حاصل ڪيائين. (۲)

---

(۱)- رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع، ص ۳۶۴-

(۲)- علي محمد شاه قاري سيد دائري وارو، "مصلح المفتاح"، بني بخش بلوچ ڊاڪٽر (مقدمو)، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ، ۱۹۷۰ع، ص - ۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 86

قاضي عبدالله پوءِ اتان هجرت ڪري مڪّه معظمه ۾ وڃي علم حديث جو اڳواڻ ٿيو. سندس پٽ فرزند رحمت الله ۽ شيخ حميد. ۽ڏاڪو عالم ساماڻا ۽ علمي دنيا ۾ مشهور ٿيا. شيخ رحمت الله "مناسڪ الحج" (حج جي ارڪانن بابت محققانه ڪتاب لکيا جي پوين مڙني عالمن لاءِ مشعل راهه بڻيا. شيخ حميد سن (۱۰۰۶ھ) ۾ "القول الحسن في جواز اقتدا بالامام الشافعي في النوافل والسنن" لکيو. اهڙيءَ ساڳيئي دور ۾ سنڌ جي ٻن ٻين عالمن ۽ ساڻين صبغت الله سندي وفات (۱۰۱۵ھ) ۽ موسيٰ سندي (۱۰۱۲ھ) مدينه شريف ۾ وسايو. ٻئي حديث ۽ تفسير جا عالم هئا. صبغت الله "تفسير بيضاوي" تي حاشيو لکيو. هن ساڳئي دور جي ٻئين سندي عالم ابوبڪر سندي، جيڪو معقولات جو وڏو ڄاڻو هو، سن (۱۰۱۸ھ) دمشق ۾ وفات ڪئي

مرزا شاهه بيگ ارغون[۱] عالمن جو وڏو قدردان هو. سندس وفات ڪنڌ ۾، مرزا شاهه حسن عالمن فاضلن کي هٿايو، جنهن ڪري ارغوني دور ۾ تعليمي درسگاهن ۾ وري رونق آئي باوجود ڪن عالمن ۽ علمي گهراڻن جي هجرت جي سمن واري دور جي عالمن جي ڪن هونهار شاگردن، سنڌ اندر ارغون ترخاني دور (۹۲۷ - ۱۰۰۰ھ) ۾ تعليم ۽ تحقيق جي معيار کي نه فقط قائم رکيو بلڪ بلند ڪيو. (۲) "جنت السنة" جو مصنف رحيمداد مولائي شيدائي رقمطراز آهي:

---

[۱] - شاهه بيگ ارغون سن (۹۲۸ھ/۱۵۲۱ع) ۾ اگهمڪوٽ ۾ وفات ڪئي هن علم نحو جي ڪتاب 'ڪافيه' جي شرح 'عقائد نفسي' ۽ پيا ڪيترائي رسالا عربيءَ ۾ تصنيف ڪيا. (مولائي شيدائي رحيمداد خان، "جنت السنة" حيدرآباد ۱۹۸۵ع سندي ادبي بورڊ، ص - ۴۲۰

(۲) - علي محمد شاهه قاري دائري واروسيد، "مصلح المفتاح"، نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر (مقدمو) سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ، ۱۹۷۰ع، ص ۵ ۽ ۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 87

"ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ جنت السند جا به تختگاهه ٺٽو ۽ بکر علمي لحاظ کان "ارغن معموره" سڏجڻ لڳا. ٻنهي گهراڻن جا ترڪستان ۽ ايران سان تعلقات هئا. تنهن ڪري گهڻن ئي خاندانن، بزرگن، اهل قلم ۽ عالمائن سندن فياضيءَ ۽ علم پروريءَ ڪري سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ارغونن مان شاهه بيگ، شاه حسن ۽ ترخانن مان جاني بيگ، شاهه بيگ ۽ غازي بيگ تورڻي محمود ڪوکلتاش نڪته سنج ۽ شاعرانه مذاق رکندڙ هئا. حڪومت جي زبان فارسي هئي، تنهنڪري ان زبان زور ورتو. علماء، مؤرخ ۽ شعرا سپ پارسيءَ ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳا. بکر، سيوهڻ، نصرپور، ٺٽو ۽ سکر علوم ۽ فنون جا مرڪز بڻجي ويا." (۱)

تاريخ جي مطالعي مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ارغونن ۽ ترخانن جو دور جيتوڻيڪ سياسي انتشار جو زمانو هو ۽ ملڪ جو امن امان ڪنهن حد تائين تباهه ٿي ويو هو، تنهن هوندي به سنڌ جو ماحول علمي رهيو ۽ ڪيترائي ديني درسگاهه ۽ مدرسا قائم ٿيا، جن ۾ ديني تعليم جو درس تدريس ڏنو ويندو هو ۽ جي ڪن مدرسن ۽ درسگاهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

سنڌ ۾ جيڪي علمي مرڪز ۽ درسگاهه رهيا آهن، انهن مان بوبڪ کي وڏي مرڪزي حيثيت رهي آهي. هن شهر کي بوبڪان به چوندا هئا ۽ سيوهڻ سان لاڳو هو. ايتي وڏا بزرگ رهندا هئا. (۲)

---

(۱) - رشيد الدين خان موالئي شيدائي، جنت السند، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۴۲.

(۲) - شمس العلماء مرزا قليچ، قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۶۶ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۴۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 88

(ت) علمي مرڪز ۽ ديني عالم

(ا) - بوبڪ:- بوبڪ جي شهرمان ڪيترن صدين کان حضورِ اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي چاچي حضرت عباس رضه جو اولاد رهندڙ آهي. جن کي مخدومي جو لقب مليل آهي. اهو لقب متن علمي مشهوري ڪري پيو. هن خاندان مان ڪيترائي مدبّر عالم پيدا ٿيا جن مان مخدوم عبدالڪريم ميران (وفات ۹۴۹ هـ) ۽ ان جو صاحبزادو مخدوم محمّد جعفر ڪهڙو مشهور آهن. دنيا جي اسلامي ملڪن ۾ علمي مرڪزن ۾ سندن ڏاڪ ويل آهي. مخدوم عبدالڪريم ميران جي بوبڪ ۾ وڏي ديني درسگاهه هئي، جنهن مان نه رڳو سنڌ پر ايو پر پوري برصغير فيض پرايو. شيخ يوسف پاتائي سندي جو پٽ علامه طاهر محدّث سندي، علامه حڪيم محمّد عثمان بوبڪائي بوبڪ جي انهيءَ درسگاهه مان فيض حاصل ڪيو ۽ مخدوم عبدالڪريم ميران ولد علامه يعقوب بوبڪائي جا شاگرد هئا. اهي ٻئي سندي عالم برهانپور ڀمتا ۾ انتي هڪ وڏي درسگاهه قائم ڪيائون جنهن هندوستان جي ڪيترن طالب العلمن فيض پرايو ۽ ان دور ۾ هندوستان ۾ هن سندي عالمن حديث جي وڏي اشاعت ڪئي. مرزا حسن بيگ ارغون پڻ مخدوم عبدالڪريم ميران بوبڪائي جو شاگرد هو. (ا)

مخدوم محمّد جعفر ڀنڀڻي والد مخدوم عبدالڪريم ميران جي ننڍي وڏي ڪاڪوءَ بوبڪ جي مدرسي جي سيالڪوٽ هو. هن بزرگ ڀنڀڻي والدوٽ فيض پرايو ۽ علم حديث جي سنڊ ان دور جي وڏي محدّث محمّد بن محمّد بن محمّد البڪري الشافعي ڪان مڪي مڪرم ۾ حاصل ڪيائين. مخدوم محمّد جعفر بوبڪائي نه رڳو حديث ۽ فقه جو ماهر هو، پر حڪمت، نجوم، جفر ۽ رمل ۾ وڏي مهارت

(ا) - محمّد جمن تالپور داڪٽر، سنڌ جا اسلامي درسگاهه حيدرآباد، هجره پبليڪيشن، سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ. ۱۹۸۲ع. ص - ص - ۱۵۰، ۱۵۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 89

رکندڙ هو، پر پنهنجي عمر جي پوئين دور ۾ انهن سڀني مشغلن کي ڇڏي رکو حديث ۽ تصوف جي مطالعي ۾ مشغول ٿيو. سندس وفات جي تاريخ جي کا به پوري خبر پئجي نه ٿي سگهي. اندازو آهي ته پاڻ ڏهين صدي هجري جي آخر ۾ وفات ڪيائين.(۱)

مخدوم جعفر بوبڪائي بوبڪ جي درسگاهه ۾ جيڪو فيض ڏنو ان سڀني سنڌ کي سيراب ڪري ڇڏيو. هي بزرگ پهريون سنڌي عالم هو، جنهن ڏهين صدي هجريءَ ۾ درس تدريس سان گڏ تصنيف و تاليف جو شغل به جاري رکيو. سندس تصنيفات مان سڀ کان وڏي اهميت جو ڪتاب "المتانة في مرمت الخزانة" آهي، جيڪو فقه حنفي متعلق ۶۵۲ صفحن تي ڪيل آهي ۽ سنڌي عالمن هن کي پنهنجي فتوائن جو مأخذ قرار ڏنو.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب هن ڪتاب بابت لکي ٿو:

"سنڌ ۾ فقه تي پهريون ڪتاب "المتانة في مرمة الخزانة" آهي، جيڪو مخدوم جعفر بوبڪائي جو آهي". علامه قاسمي صاحب هن ڪتاب تي ۱۱۸ صفحي جو عربيءَ ۾ مقدمو ۽ حواشي لکي سنڌي ادبي بورڊ مان ڇپايو آهي.(۲) هن ڪتاب جا قلمي نسخا رکو سنڌ ۾ پر مدينه منوره ۽ مڪي مڪرمه جي ڪتبخانن ۾ اڄ به موجود آهن. ٻيو ڪتاب "الصادق المصنف العمق با دلائل التي هي بالتقديم اخري واحق" علم حديث تي ڪيل آهي. ٽيون ڪتاب "حاصل النهج" فارسي ٻوليءَ ۾ ڪيل رسالو آهي، جيڪو پنهنجي موضوع تي منفرد آهي ترتيب ۽ تعليم جي فلسفي تي بحث ٿيل آهي ۽ ان ۾ جيڪي تعليم جا اصول بيان

---

(۱) ـ محقق جن ٽالپور ڊاڪٽر، سنڌ جا اسلامي درسگاهه، حيدرآباد، هجره پبليڪيشن، سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ۱۹۸۲ع ـ ص ـ ص ۱۵۰ ـ ۱۵۱

(۲) ـ (سماهي "مهراڻ"، جلد ۳۰، نمبر ۲، ۱۹۸۱ع، جامشورو ـ س ـ ۱ ـ ب، ص ـ ۱۰۷)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 90

کیا ویا آهن، سي ايئن پيا لکن. جڏ تہ اهو کي دوراءِ لکيا ويا آهن. 'عجالة الطالبين' فن حديث تي رسالو آهي جنهن ۾ ڪن موضوع حديثن جي نشاندهي ڪيل آهي. اهو رسالو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح "رسالو فتح الدين" جنهن ۾ فقر فاقہ کي دور ڪرڻ جا علاج ٻڌايا ويا آهن جيڪي نبي سائين ﷺ پاڻ مشائخن کان روايت ڪيل آهي. ان کانسواءِ سندس هڪ ٻي تصنيف "حل العقود في الطلاق السند" فقہ تي رسالو بہ آهي جيڪو ڪتي بہ نہ تو ملي.

شيخ ميرڪ ابوسعيد پوراني پنهنجي دور جو وڏو وجيہ عالم، زاهد، عابد، فضل، سخاوت ۽ تقويٰ ۾ ممتاز بزرگ هو. شيخ ابوسعيد جي والد، شيخ جلال الدين بايزيد پوراني جي ڏيئي هئي. ورهين جا ورهيہ 'شيخ الاسلام' جي عهدي تي فائز رهيو. سندس وڏو عاليشان مدرسو هو. جنهن ۾ پاڙ درس تدريس جو ڪم ڪندو هو. ڪيترن وڏن عالمن هن بزرگ جي مسند درس تان فيض پرايو. شيخ ميرڪ 'خط نستعليق' جو پڌ وڏو ماهر هو. هن عالم سگوري من فاني دنيا مان سن (۹۶۲هـ - ۱۵۵۴ع) ۾ رحلت ڪئي. (۱)

شيخ عبدالوهاب شيخ ابوسعيد پوراني جو فرزند هو. پاڙ پنهنجي وقت جو هڪ بلند مرتبي جو بزرگ ۽ يگانہ روزگار عالم هو.

'تاريخ معصومي' وارو مصنف ليس شيخ ميرڪ جو پائٽيو ڪري ڪليو آهي. پر هي بزرگ شيخ ميرڪ جو پائٽيو نہ بلڪ سگو پاءُ هو سنڌ جي قديم شهر ٺٽي ۾ سندس ديني علوم جو مدرسو هو جنهن ۾ پاڙ ديني علم جو درس ڏيندو هو. خاص طرح علم فقہ جو وڏو ماهر عالم هو.

---

(۱) - ميرمعصوم بکري، تاريخ معصومي. (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع، سنڌي ادبي بورڊ. ص-ص ۲۳۸ - ۲۳۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 91

علم فقه تي سندس هڪ تصنيف "جامع فتوىٰ پوراني" [۱] مشهور ڪتاب آهي.
ٺٽي ۾ بکر جي قديم مدرسن ۾ سندس اهو ڪتاب نصاب طور رائج آهي هن بزرگ سن (۹۹۰ھ) ۾ وفات ڪئي.

شاهه قطب الدين ولد شاهه محمود هي بزرگ خراسان کان آيل سيّدن جي اولاد مان هو. سنڌ ۾ اچڻ کانپوءِ سنڌ جي پراڻي شهر بکر ۾ اچي سکونت اختيار ڪيائين. بکر ۾ سندس ديني علومن جو مدرسو هو. پاڻ هڪ وڏو عابد، متقيّ بزرگ ۽ شريعت جو صاحب هو سنہ ۹۷۷ھ/ ۱۵۷۷ع) ۾ هن عالم سگوري هن جهان مان موڪلايو. سنڌ جي حاڪم مرزا شاهه حسن ارغون کيس بکر جي "شيخ الاسلام" جو عهدو عطا ڪيو هو. (۲)

مخدوم عبدالرشيد هالن جو وڏو ۽ متبحّر عالم ۽ متقي بزرگ هو. عقلي خواه نقلي علومن جو جامع هو. هالن ۾ سندس ديني مدرسو هو. سندس مدرسي ۾ پري پري کان شاگرد اچي علمي تحصيل ڪندا هئا. 'تحفه الڪرام' وارو مصنف لکي ٿو:

"سندس مدرسي ۾ هميشه طالب العلمن جي هڪ وڏي جماعت رهندي هئي ۽ ڪيترن عالمن ڪانئس علمي فراغت حاصل ڪئي.
- چون ٿا ته مخدوم احمد ۽ ميان محمد پڻ سندس شاگرد هئا." (۳)

---

[۱] - علامه غلام مصطفىٰ قاسمي لکي ٿو:
"فتوىٰ پوراني" تاليف سيّد عبدالوهاب پوراني سنڌيءَ جو ڪليل ڪتاب فقهي فتوائن جو وڏو ذخيرو آهي".
سماهي "مهراڻ" ج. ۳۰، نمبر ۱، ۲، ۱۹۸۱ع - غلام مصطفىٰ قاسمي، "مسلمانن جا علمي ۽ تهذيبي ڪارنامه مضمون - ص - ۱۰۷

(۲) - ميرمعصوم بکري، تاريخ معصومي، (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد حيدرآباد سنڌ ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۲۳۹

(۳) - ميرعلي شير قانع، تحفة الڪرام (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد حيدرآباد سنڌ، ۱۹۷۶ع ص - ۳۸۱.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 92

سيّد عبدالباقي شيخ ابوسعيد ميرڪ جو پٽ هو. پيءُ جي وفات کان پوءِ "شيخ الاسلام جي عهدي تي فائز ٿيو. سيني عالمن خصوصاً علم هيئت ۽ حڪمت جو ڪامل هو. مولانا عبدالخالق گيلاني، مولانا مرزا جان ۽ شاهه فتح الله سندس همعصر هئا، ۽ ڪيترن ئي عالمن ۾ تحصيل ڪئي هئائون. علم اقليدس ۾ دسترس هيس ۽ ان ۾ ڪيترين ئي ايجادون ڪيون هئائين. (۱)

مخدوم محمود فخر پنهنجو سمن جي ڏينهن ۾ 'هرات' کان هتي آيو هو ۽ هڪ وڏو جيّد عالم هو. 'تاريخ معصومي' وارو صاحب لکي ٿو:

"هو عالم رباني هو، سنڌ ۾ علم پکيڙڻ جو سهرو سندس سر ٿي آهي".

مخدوم صاحب ظاهري خواه باطني علمن جو صاحب هو گاهن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. سندس ديني درسگاهه ۾ هميشه شاگردن جو وڏو حلقو رهندو هو. ڪيترن ئي سنڌي عالمن وٽانئس علم حاصل ڪيو. (۲)

مخدوم بلاول سمن جي آخري دور ۾ ارغونن جي شروعاتي دور ۾ سنڌ جو وڏو عالم ۽ بزرگ تي گذريو آهي. سنڌ جي قديم شهر 'ٺٽي' جو رهاڪو هو. مرزا شاهه حسن ارغون سندس همعصر هو. مخدوم صاحب ظاهري علم ۾ وڏو درجو رکندو هو. سندس تبحّر علميءَ مان ڪيترن ئي استفادو ڪيو. ميرعلي شير قانع لکي ٿو:

"مخدوم بلال وڏو عارف ۽ واصل بالله هو". ظاهر ۾ وڏو شان رکندو هو. (۳)

---

(۱) - ميرعلي شير قانع. تحفة الڪرام. (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۷۶ع ص - ۴۹۷ -

(۲) - ميرمعصوم بڪري. تاريخ معصومي (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد حيدرآباد سنڌ سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ع - ص - ۲۴۰

(۳) - قانع ميرعلي شير. "تحفه الڪرام". سنڌي مترجم. مخدوم اميراحمد. چاپو پهريو ۱۹۷۶ع حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۳۵۹ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 93

قاضي ڏتو سيلوهاڻي قاضي شرف الدين جو پٽ ۽ پيارو شاگرد هو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ پيءُ واري مدرسي کي جاري رکيائين ۽ چگو نالو ڪيو ياٿين. قاضي صاحب وڏو عالم ۽ عارف بالله هو. وقت جي وڏي عالم مخدوم بلال وٽ حديث ۽ تفسير جو درس ورتو هئائين. گهڻو علم مخدوم فخر پوتي ۽ مخدوم عبدالعزيز هروي کان به علمي پياس اُجهائي هئائين. سنڌ جو حاڪم مرزا شاهه حسن ارغون کانئس تلقين ورتي هئي هن قاضي صاحب کي مخدوم جو لقب ڏنو هو. آخر ۾ 'باغبان' ۾ رهندو هو ۽ درس تدريس جو ڪم پڻ اتي ڪندو هو. ڪيس ان زماني ۾ سنڌ جو امام جارالله (زمخشري) ڪري سڏيو ويندو هو. مؤرخ سنڌ ميرمعصوم بکري مرحوم پڻ قاضي صاحب جو شاگرد هو. (۱)

مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم ملتو المتوفي سن (۹۴۹هـ/۱۵۴۳ع) سمن جي زماني جو وڏو عالم هو. مخدوم صاحب حضرت ابوبڪر صديق رضه جي اولاد مان هو. مخدوم صاحب وقت جي وڏي عالم مخدوم بلاول جو خليفو هو. حديث جي علم ۾ پنهنجي وقت جو يگانو عالم هو. "شرح الاربعين" ۽ "شرح ڪيداني" سندس يادگار تصنيفون آهن. سندس مدرسي مان وڏن عالمن ديني درس ورتو ۽ سيئي پنهنجي زماني جا وڏا عالم ٿيا. ٽٽي شهر ۾ سندس مدرسو هو. سندس وفات سن ۹۴۹هـ/۱۵۴۳ع ۾ ٿي. (۲)

مخدوم فضل الله پنهنجي وقت جو وڏو عالم، فاضل، فضيلتن جو جامع

---

(۱) - ميرمعصوم بکري تاريخ معصومي (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد ۱۹۸۵ع، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ. ص - ص - ۲۴۱ - ۲۴۴

(۲) - ميرعلي شير قانع، تحفة الڪرام (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد ۱۹۷۶ع، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ. ص - ۵۳۷ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 94

قاضي ڏتو سيلوهاڻي قاضي شرف الدين جوپٽ ۾ پياروشاگرد هو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ پيءُ واري مدرسي کي جاري رکيائين ۽ چگو نالو کڏيائين. قاضي صاحب وڏو عالم ۽ عارف بالله هو. وقت جي وڏي عالم مخدوم بلال وٽ حديث ۽ تفسير جو درس ورتو هئائين. گهڻو علم مخدوم فخر پوتي ۽ مخدوم عبدالعزيز هروي کان به علمي پياس اُجهائي هئائين. سنڌ جو حاڪم مرزا شاهه حسن ارغون کانئس تلقين ورتي هئي هن قاضي صاحب کي مخدوم جو لقب ڏنو هو. آخر ۾ باغبان ۾ رهندو هو ۽ درس تدريس جو ڪم پڻ اتي ڪندو هو. ڪيس ان زماني ۾ سنڌ جو امام جارالله (زمخشري) ڪري سڏيو ويندو هو. مؤرخ سنڌ ميرمعصوم بکري مرحوم پڻ قاضي صاحب جو شاگرد هو. (۱)

مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم ملو المتوفي سن (۹۴۹هـ/۱۵۴۳ع) سمن جي زماني جو وڏو عالم هو. مخدوم صاحب حضرت ابوبڪر صديق رضه جي اولاد مان هو. مخدوم صاحب وقت جي وڏي عالم مخدوم بلاول جو خليفو هو. حديث جي علم ۾ پنهنجي وقت جو يگانو عالم هو. "شرح الاربعين" ۽ "شرح ڪيداني" سندس يادگار تصنيفون آهن. سندس مدرسي مان وڏن عالمن ديني درس ورتو ۽ سيئي پنهنجي زماني جا وڏا عالم ٿيا. ٽٽي شهر ۾ سندس مدرسو هو. سندس وفات سن ۹۴۹هـ/۱۵۴۳ع ۾ ٿي. (۲)

مخدوم فضل الله پنهنجي وقت جو وڏو عالم، فاضل، فضيلتن جو جامع

---

(۱) - ميرمعصوم بکري تاريخ معصومي (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد ۱۹۸۵ع، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ. ص - ص - ۲۴۱ - ۲۴۴

(۲) - ميرعلي شير قانع، تحفة الڪرام (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد ۱۹۷۶ع، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ. ص - ۵۳۷ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 95

(٣)- درهيلو- قديم دور ۾ درهيلو[1]، ٺٽي، بکر، سيوستان (سيوهڻ) ۽ سنڌ جي هين شهرن وانگر علمي ادبي مرڪز هو. درهيلي جي عالمن جو ڏاکو نه فقط سنڌ تائين محدود هو، پر ان کان گجرات ۽ دکن جا ماڻهو پڻ واقف هئا. اتان جا ماڻهو ڏورانهين پنڌ تان اچي درهيلي جي درسگاهن مان علمي فيض پرائي ويا. هن شهر ۾ جيئن ته وڏا جيڏ عالم، محدث، مفسر ۽ فقيه ٿي گذريا آهن. انڪري ضرورڪي درسگاهون به هوندي هيون جن مان سواءِ ڪن چند درسگاهن جي، باقي هين جو احوال ڪنهن به مؤرخ نه لکيو آهي. هتي درهيلي جي ڪن عالمن جو ديني تعليم جي سلسلي ۾ ذڪر ڪجي ٿو:

---

[1] درهيلو، تعلقي ڪنڊيارو ۽ هينئر ضلعي نوشهروفيروز ۾ واقع آهي. درهيلو انهيءَ ڪري ٿو سڏجي جو شهر جي پرسان ڪيترائي ٻيلا آهن جن مان پلوئن، ڪمال ديرو ۽ ميڻ مشهور آهن. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ رقمطراز آهي:-

"ساهتي پرڳٽي جي قديم شهرن مان درهيلو به هڪ قديم تاريخي شهر آهي. تاريخي لحاظ کان درهيلي کي ساهتي پرڳٽي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. هڪ زماني ۾ هي شهر تهذيب تمدن جو گهوارو ۽ علم و عرفان جو مرڪز هو. تاريخ معصوميءَ ۽ تحفة الڪرام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم زماني ۾ ديرو حبڻ کي هن وقت درهيلي جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. سوانهيءَ وقت هڪ پرڳٽي جو نالو هو، پر پوءِ وقت گذرندي درهيلو ۽ ديرو ساڳئي نالي سان کوٽجڻ ۾ آيا ۽ اڄ تائين. اهي ٻئي نالا هن شهر لاءِ ڪتب اينداڙهن تا.

(نئين زندگي، ڊسمبر ١٩٦٢ع، ڪراچي، (مضمون) قريشي حامد علي "خانائي" "درهيلو- ساهتيءَ جو قديم تاريخي شهر"، ص- ٢٠

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 96

(٣)- درهيلو- [1] قديم دور ۾ درهيلو، ٺٽي، بکر، سيوستان (سيوهڙ) ۽ سنڌ جي هن شهرن وانگر علمي ادبي مرڪز هو. درهيلي جي عالمن جو ڏاکو نه فقط سنڌ تائين محدود هو، پر ان کان گجرات ۽ دکن جا ماڻهو پڻ واقف هئا. اتان جا ماڻهو ٿورانهين پنڌ تان اچي درهيلي جي درسگاهن مان علمي فيض پرائي ويا. هن شهر ۾ جيئن ته وڏا جيد عالم، محدث، مفسر ۽ فقيه ٿي گذريا آهن. انڪري ضرورڪي درسگاهون به هوندي هيون جن مان سواءِ ڪن چند درسگاهن جي، باقي هن جو احوال ڪٿن به مؤرخ نه لکيو آهي. هتي درهيلي جي ڪن عالمن جو ديني تعليم جي سلسلي ۾ ذڪر ڪجي ٿو:

---

[1] درهيلو، تعلقي ڪنڊياري ۽ هينئر ضلعي نوشهروفيروز ۾ واقع آهي. درهيلو اهڙي ڪري ٿو سڏجي جو شهر جي پرسان ڪيترائي ٻيلا آهن جن مان پلوئنز، ڪمال ديرو ۽ ميڻ مشهور آهن. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي "رقمطراز آهي:

"ساهتي پرڳٽي جي قديم شهرن مان درهيلو به هڪ قديم تاريخي شهر آهي. تاريخي لحاظ کان درهيلي کي ساهتي پرڳٽي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ڪنهن زماني ۾ هي شهر تهذيب تمدن جو گهوارو ۽ علم و عرفان جو مرڪز هو. تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم زماني ۾ ديرو جنهن کي هن وقت درهيلي جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، سوانهي وقت هڪ پرڳٽي جو نالو هو، پر پوءِ وقت گذرندي درهيلو ۽ ديرو ساڳئي نالي سان ڪونجڻ ۾ آيا ۽ اڄ تائين. اهي ٻئي نالا هن شهر لاءِ ڪتب ايندا رهن ٿا.

(نئين زندگي، ڊسمبر ۱۹۶۲ء، ڪراچي، (مضمون) قريشي حامد علي "خانائي" "درهيلو- ساهتي ۽ جو قديم تاريخي شهر"، ص- ۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 97

جو حاشيو، منطق جو فارسي شرح ۽ ٻيا رسالا سندس تصنيف کيل آهن. (۱)

قاضي عبدالله بن ابراهيم درٻيلوي وڏو عالم ۽ پرهيزگار هو. مخدوم عبدالعزيز ابهري هروي ۽ کان فضائل ۽ ڪمالات حاصل ڪيائين. شاهه بيگ جي وفات ڪانپوءِ درٻيلي مان لڏي وڃي ٻاغبان (تعلقي دادو) ۾ رهيو. سن ۹۳۴ھ ۾ گجرات کان مدني شريف ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. هيءُ وڏو عالم ۽ جيد ۽ متبحر امام هو. هن سهروردي جي عوارف تي حاشيو لکيو آهي

شيخ عبدالله متقي بن سعد درٻيلوي سنڌ جي علمي کاڻ جو هڪ چمڪندڙ موتي هو. تفسير ۽ علم حديث جو وڏو عالم هو. پرياگين احمد آباد (گجرات) ۾ (سن ۹۲۴ھ) درسگاهه کوليائين. سندس علمي شهرت ڏهلي تائين پهتي. مغلن کان اڳ جيڪي سنڌ ۾ علمي ادارا هئا. تن جي نصاب ۾ قرأت، تفسير حديث ۽ فقه نصاب ۾ شامل هئا. ان کانسواءِ اسلامي دنيا سان تعلقات قائم هئڻ ڪري جيڪي ڪتاب خراسان ۽ عجم ۾ شايع ٿي چڪا هئا. تن کان سنڌي علماء ڪرام واقف هئا. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن مدرسن جي نصاب ترقي ڪئي. تهذيب ۽ اخلاق جي به شاگردن کي تعليم ملڻ لڳي. ولايتي علمائن جي اچڻ ڪري علم منطق اقليدس ۽ خطاطي جو رواج ٿيو. (۲)

Gul Hayat Institute

---

(۱) بکري ميرمعصوم، "تاريخ معصومي"، (سنڌي) مترجم مخدوم اميراحمد، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع - سنڌي ادبي بورڊ - ص - ۲۲۹ -

(۲) - مولائي شيدائي، تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۵۹ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص ۴۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

٦- مغلن جو دورِ حڪومت

(الف) پس منظر

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

(ڀ) ديني عالم ۽ علمي مرڪز

(ا) ٽلو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 99

٦- مغلن جو دور حڪومت.

(الف) پس منظر

ارغونن ۽ ترخانن کانپوءِ سنڌ مغلن جي چنبي ۾ آئي ۱۶۱۲ع ۾ اڪبر بادشاهه پنهنجي استاد ۽ سپه سالار خان خانان کي وڏو لشڪر ڏيئي موڪليو، جنهن ٺٽي تي ڪاهه ڪري خون جا دريا وهائي سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي هت اهي قهر ڪيا. جيڪي شاهه عنايت شهيد جي مورت ۾ ظاهر ٿيا. (۱)

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

انهن ظالمن ۽ سفاڪين کي سهندي به هن دور ۾ سنڌ پنهنجي علمي عظمت کي قائم رکيو. ٺٽو، نصرپور، سيوهڻ، بکر، روهڙي ۽ سکر تعليم جا مرڪز هئا.

(ت) علماء ۽ علمي مرڪز

ٺٽو.

هن زماني ۾ ٺٽو تعليمي لحاظ کان عروج تي هو. ڪپتان هئملٽن سن ۱۶۹۹ع ۾ ٺٽي آيو ۽ هئملٽن لکي ٿو:-

"ٺٽي جو شهر ديسي لسانيات ۽ سياست جي تدريس ۽ تعليم جي سلسلي ۾ شهرت جو مالڪ آهي. هتي چار سو ڪاليج آهن جن ۾ نوجوانن کي انهن علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي." (۲)

هن ڪاليجن مان مراد، مدرسائي هئا. جيڪي ٺٽي واڱر سنڌ جي ڪنڊ

---

(۱)- نياز همايوني: "سنڌ جي طبي تاريخ". (حيدرآباد) سنڌ سائنس سوسائٽي جا مشورو، ص- ۵۸

(۲)- غلام رسول "مهر"، تاريخ ڪلهوڙا. (جلد ٻيو) ۱۹۶۴ع سنڌي ترجمو حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ. ص- ۸۷۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 100

ڪڙڇ ۾ هجار وانگر وچايل هڻا. جيڪي اسان وٽ تعليم جي نشر اشاعت جا ذريعا هڻا. عالمن جي هر دل عزيزيءَ جو اهو حال هو، جو هڪ دفعي شاهجهان فخر سان چيو هو ته "ڏکڻ اسان جو "شيراز" آهي. ڪيترن درسگاهن کي حڪومت جي طرفان امداد ملندي هئي ۽ کي اهڙا به درسگاهه هڻا جي مختلف علماء ڪرام جي ڪوششن ۽ همت سان هلندا رهڻا. اسانجي ملڪ ۾ جن صاحبن علمي لحاظ کان شهرت ۽ امتياز جو درجو حاصل ڪيو، اهي انهن درسگاهن مان ئي اڀريا هڻا. هنن جڏهن ملڪي انتظام ڏانهن توجهه ڪيو، تڏهن اهي ابوالفضل قبضي ۽ سعد الله خان علامه ٿيا. شيخ بکري لکي ٿو،

"ٺٽي جي اوليائن، عالمن ۽ شاعرن جو گاڏيلوڻ محال آهي.
هتي صرف، نحو، دينيات ۽ شاعري عام آهي. مختصر طور
ايئن چئجي ته ٺٽو عراق ثاني آهي." (۱)

شهر ٺٽي جي آدمشماري ان زماني ۾ لک يا لک ويهن ايڪائن لکن ۾ هئي. ايتري آبادي ۾ نندين وڏن چئن سون درسگاهن جو وجود بحر حال علمي ذوق جو دستاويز آهي. (۲) مغلن جي دور ۾ دهلي ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ڪيترائي عالم سنڌ ۾ آيا ۽ وري هتان عالمن به هندستان جي ٻين حصن ۾ وڃي علم جي شمع روشن ڪئي. سنڌ ۾ ان وقت شيخ ابوالحسن بکري السندي اڪبر اعظم جي ڏينهن ۾ وڏو محدث ۽ عالم ٿي گذريو آهي، بکر ۾ سندس وڏو مدرسو هو مڪ معظم

---

(۱) - غلام رسول "مهر"، تاريخ ڪلهوڙا (سندي جلد ٻيو)، ۱۹۶۴ع حيدرآباد سندي ادبي بورڊ، ص ۸۷۵ -

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۸۷۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 101

۾ تعليم ورتي هئي ۽ علامہ ابن حجر مکيءَ جو همعصر هو. شيخ ابوالحسن جي عامي ڪماليت جي لاءِ ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته علامہ مجدالدين بن محمّد بن طاهر فتني سندس شاگرد هو. جنهن جي تصنيفات مان لغت حديث متعلق "مجمع بحارالانوار" علمانن جي راءِ موجب "صحاح سته" جي شرح آهي. علامہ مجدالدين سن ۹۸۶ھ ۾ اجين وٽ شهيد ٿيو.

مخدوم ابوالقاسم نقشبندي ٺٽي جو مشهور عالم ۽ ڪامل هو. مخدوم آدم جي صحبت ۾ تصوف جون منزلون طئي ڪري ڪانپوءِ شاهہ سيف الدين سرهندي نقشبنديءَ جي خدمت ۾ پهتو ۽ اتان فيض پرائي ٺٽي پهتو، جت وڏا وڏا عالم به سندس معتقد ۽ مريد ٿيا. مخدوم محمّد هاشم ٺٽويءَ جهڙا بلند پايہ عالم به سندس بيحد معتقد هئا. هن محمّد شاهہ جي ڏينهن ۾ سن ۱۱۳۸ھ ۾ رحلت ڪئي. مخدوم محمّد امين ٺٽوي به هن دور جو وڏو عالم هو. "شرح مخزن الاسرار" نالي ڪتاب لکيو. (۱) شاهہ ولي الله محدث دهلوي به هن ئي دور ۾ سنڌ جي هڪ وڏي عالم شيخ القراء قاضي محمد فاضل سنڌيءَ کان قرأت جو فن سکيو آهي. مولوي محمّد شريف بن حسين شاهہ ولي الله کان باطني فيض حاصل ڪيو.

Gul Hayat Institute

---

(۱) - رحيمداد مولائي شيدائي جنت السنڌ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع، سنڌي ادبي بورڊ - ص - ص - ۵۰۷ - ۵۰۸ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۷- کلهوڑن جو دورِ حکومت

(الف) پس منظر

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

(ت) ديني عالمءِ علمي مرڪز

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 103

هن ئي دور ۾ "ٽيارن" ۾ مخدوم ضياءُ الله اعليٰ پائي جو مدرس هو. مخدوم صاحب پنهنجي وقت جو وڏو ديني عالم ۽ سنڌي ٻولئِ جو ماهر ۽ ڪهنه مشق ادیب به هو. پاڻ سنڌي نثر ۾ قرآن حڪيم جو ترجمو به ڪيائين جيڪو ان زماني جي لحاظ کان وڏي ديني اربي خدمت هو.

مغلن جي ڏينهن ۾ سنڌي باشندا جلد سازي، جدول سازي، نقاشي ۽ فن مصوري کان واقف هئا. ٺٽي ۾ "شيرازي" جاڪي علماء رهندا هئا، خط نسخ ۽ خط نستعليق کان واقف هئا. مدرسن ۽ درسگاهن کي وڏا ڪتبخانا هئا. انهن سان گڏ مصوري ۽ ڪتابن تي طلاڪاريءَ جو رواج پڻ هو. (۱)

---

(۱) - رحيمداد مولائي شيدائي، جنت السنڌ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ء
سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۵۱۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 104

٧- کلهوڑن جو دور حکومت

(الف) پس منظر.

مغلن کان پوءِ سنڌ ۾ کلهوڑن جي صاحبي شروع ٿي. کلهوڑا سنڌ جا باشندا هئا. سنڌي تاريخ ۾ سمن کانپوءِ هيءُ پهرين سنڌي ماڻهن جي حڪومت هئي. (١)

مغلن جي زماني ۾ ئي کلهوڑا سنڌ ۾ سياسي ۽ مذهبي طاقت ٿي ابرڻ لڳا. اورنگزيب جي وفات کانپوءِ مغل سلطنت جو زوال شروع ٿيو ته کلهوڑا آڻ کان اڳرائي سنڌ حاصل ڪرڻ جي کوشش ۾ لڳي ويا. تان جو ميان يار محمد کلهوڑي باقاعدي طور ٿي ١٧٠١ع ۾ مغليه دربار کان پروانو وٺي حڪومت جو پايو وڌو. (٢) ميان يار محمد کلهوڑو (سن ١١١٢هـ/ ١٧٠١ع کان ١١٣١هـ/ ١٧١٨ع) هن خاندان جو سڀ کان پهرين حاڪم هو. جنهن پيري فقيري سان گڏ پنهنجي فوجي طاقت کي وڌائي ٻکر جي مغل گورنر سان مقابلو ڪري اترئين سنڌ وارو حصو قبضي ۾ ڪري باضابطه سنڌ اندر کلهوڑن جي صاحبيءَ جو آغاز ڪيو. سندس حڪومتن جون حدون سيوي کان وٺي ڪڇ تائين هيون. ان کان پوءِ ميان نور محمد خان کلهوڑي سن (١١٣٢هـ/ ١٧١٨ع کان ١١٦٧هـ/ ١٧٥٥ع) باقاعدي مغلن کان سنڌ کي آزاد ڪري سنڌ ۾ ڏيهي حڪومت جو بنياد وڌو. (٣)

---

(١) - رحيمداد خان مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع، ص- ٤٦١

(٢) - ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

(٣) - ايس - پي، چيبلاڻي ڊاڪٽر، سنڌ جي اقتصادي تاريخ، ڪراچي، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٨ع ص - ٢٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 105

ڪلهوڙن حڪومت جي شروعات درويشي ۽ پيري مريديءَ

مان ٿي. ميان نورمحمد خان جي دور تائين حڪمرانن جي مرشديءَ جو سلسلو

بنا ڪنهن رنڊڪ جي بدستور قائم رهيو. دورانو مريدن کي تصوّف جي مروج

آداب مطابق توجهه ڏيندا رهيا ۽ انهن جي تربيت ڪندا هئا. مرادياب خان

جي وقت ۾ هي سلسلو ختم ٿي ويو. (١)

مرزا عبدالرحيم خان خانان جن ڏينهن ۾ ٺٽي ٿي ڪاهڻ

لاءِ سنبري نڪتو تہ وقت جي هڪ درويش ميان آدم شاه کان فتح جي دعا

گهرائڻ لاءِ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. ميان آدم شاه ان وقت لاڙڪاڻي ضلعي

جي تعلقي ڏوکريءَ جي ڳوٺ "هنڙي" ۾ سڪونت پذير هو، دعا گهرائڻ بعد

خان خانان نذرانو قبول ڪرڻ جي استدعا ڪئي. ان موقعي تي ترَ جي زميندار

۽ ميان آدم شاه جي معتقد ڪبرَ ابڙي وڏو وڻي نذراني طور فقيرن ۾ خرچ

لاءِ عبدالرحيم خان خانان کان 'چانڊڪي' پرڳڻي جي گهرڪئي، جنهن جي

نتيجي ۾ 'چانڊڪي' (موجود لاڙڪاڻو ضلعو) جهڙو زرخيز علاقو ميان آدم شاه

کي ملي ويو، جنهن کان پوءِ ميان جا مريد زور وٺڻ لڳا ۽ آس پاس جي

زميندارن کي هيسائڻ لڳا. (٢)

ڪلهوڙا خاندان ۾ گهڻائيءَ جي گوشي ان منهن ڪيڏي

شهرت جي آسمان جو آفتاب ٻڌايو، اهو ميان آدم شاه ڪلهوڙو هيو. جو ميان

محمد هدي جي نائين پيڙهيءَ ۾ پيدا ٿيو. جنهن جي پيءُ جو نالو ڳجن شاه هو.

---

(١) - غلام رسول مهر، "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور"، جلد پهريو، ١٩٧٤ع، سنڌي ادبي

بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص - ٨٤٢

(٢) - رضيدادد مولائي شيدائي، 'جنت السنڌ' سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٨٥ع

ص - ص ٤٨٨، ٤٨٩

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 106

مولانا مهر" تاريخ سنڌ کلهوڙا دور" جي جلد اول ۾ آدم شاهه جو زمانو ۱۵۲۰ع کان ۱۶۰۰ع تائين ٻڌايو آهي.

ميان آدم شاهه جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان داؤد پيءُ جي گاديءَ تي ويٺو. پر کوهوٽ کونه هاريائين. تنهن کانپوءِ سندس پٽ ميان الياس مريدن ۾ گهوڙ واڙاروکيو ۽ زور وڙ ڪو مگر ست ٻي وفات ڪيائين. سندس قبر لاڙڪاڻي ۽ هنڌري گوٺ جي وچ ٻي ڊبري گوٺ ۾ آهي. (۱) ميان الياس کانپوءِ ميان شاهل محمد[۲] بن داؤد پيري مريديءَ جي مسند تي ويٺو. سندس ايامڪاريءَ ۾ زميندارين ۽ مريدن ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. بعديم ابڙا قومسان سندس اٽڪٻٽ ٿي پئي. جن مغلن جي لشڪر سان گڏ ٿي ميان شاهل محمد سان جنگ جوٽي. جنهن ۾ ميان صاحب شهيد ٿي ويو. ميان شاهل محمد کانپوءِ سن ۱۶۵۷ع ۾ ميان نصير محمد ولد ميان

---

(۱) - ميرعلي شيرقانع. تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو مخدوم اميراحمد) حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۶ع ، ص - ۲۵۷

[۲] - شاهعلي عرف شاهل محمد ملڪ جي گاديءَ تي ويٺو. سندس فقير آڳ کان وڏيا، ۽ پوڪي راهي جي وڏائڻ کي ڳالهي ويا. لاڙڪاڻي جو گهاٽ واهه "سندس کوٽايل آهي واهه جي ٻنهي ڪپن واري زمين سائنگي ۽ ابڙا قوم کان کسي پنهنجي اولاد ۽ پائڻ ۾ ورهائي. جام صديق ۽ جلال خان جهڙن ابڙن سردارن سندس مريديءَ جا حق وساري ٻين زميندارن سان ملي ڪيس گهيڙن لڙائين کانپوءِ بکر جي حاڪم هٿان قتل ڪرايو. سندس مزار گهاٽ پرليٽي ۾ 'چانڊڪي' (موجوده لاڙڪاڻي) جي آس پاس مرندڙ گوٺ ۾ آهي.

(ميرعلي شيرقانع. "تحفة الڪرام" (سنڌي ترجمو مخدوم اميراحمد) حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ. ۱۹۷۶ع ، ص - ص ۲۵۷ - ۲۵۸)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 107

الياس وڏن جي گادي وسائي. سندس ٢٥ سالن جو دور حڪومت وڏي خلفشار جو شڪار رهيو، ۽ هو ١٦٩٦ع ۾ وفات ڪري ويو. (١)

ڪلهوڙن جي زماني ۾ ڪيترائي دردناڪ واقعا ٿيا، جن جي سنڌ جي سياست تورڙي علم ادب تي وڏا اثر وڌا. هڪ طرف ١٧١٨ع ۾ شاهه عنايت صوفيءَ کي شهيد ڪيو ويو. (٢) ته ٻئي طرف وري ڪهڙن جي مخدوم عبدالرحمان کي ١١٤٥ھ ۾ مسجد ۾ شهيد ڪيو ويو. (٣) خارجي طور تي ١٧٣٩ع ۾ نادرشاه سنڌ تي حملو ڪري ملڪ جي وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. (٤) ته ٻئي طرف ١٧٥٣ع ۾ احمد شاه ابدالي وري سنڌ جي گيچ حصي کي پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏيو. (٥)

ڪلهوڙن جي پڄاڻي واري ڏينهن ۾ مدد خان، ١٧٨٠ع ۾ طوفان وانگر سنڌ تي ڪاهي آيو. جنهن سنڌ جو سڪون تباهه ڪري ڇڏيو. جنهن جي ظلمن جي ياد گيري سنڌي بولي ۾ "گهوٽاري گهوٽ" ۽ "گل ڙي گل" جا اصطلاح يادگار تائين. (٦)

---

(١) - رحيمداد خان مولائي شيدائي "جنت السنڌ" حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع، ص، ص ٢٤٨، ٢٤٩

(٢) - غلام رسول مهر، "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڙا دور جلد پهرين) حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٣ع، ص ٢٥٧.

(٣) - نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر، "واقعاتي بيت" حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦١ع ص - ٤ -

(٤) - غلام رسول مهر، "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڙا دور جلد پهرين) سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٣ع - ص - ٣٩٣

(٥) - ايضاً ص - ٤٥٢ .

(٦) - رحيمداد خان مولائي شيدائي "جنت السنڌ" حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٥ع - ص - ٥٥٥

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 108

اهڑي طرح ڪلهوڙا حڪمران خاندان جي شهزادن ۾ تخت
۽ تاج لاءِ چڪتاڻ، خاندانی ڀيڙن ۽ خون خرابي ملڪ ۾ بيچيني ۽ انتشار
۽ خلفشار پيدا ڪري وڌو ۽ سنڌ جو سڪيو ستابو ملڪ تباهي ۽ بربادي جي
ڪناري تي پهچي ويو. انهن حالتن جو نتيجو آخرڪار اهو نڪتو جو سنڌ
جا ڪيترائي بااثر قبيلا شاڪي ۽ باغي ٿي ويا ۽ انهن سيني گڏ بي تالپور
سردارن جوسات ڏني، ۽ ڪُهالاڙي' جي ميدان تي سن ۱۱۹۶ھ/۱۷۸۲ع ۾ وڏي
جنگ ٻڌي، جنهن ۾ ڪلهوڙن حاڪمن کي شڪست ملي ۽ تالپور اقتدار ۾ آيا.(۱)

ڪلهوڙن جي دور ڪان اڳ مغلن جي دور ۾ به سنڌ علم
۽ عرفان جو گهوارو رهي هئي، ان ڪري ڪلهوڙن به پنهنجي وس آهر علم جي
هر صنف جي سرپرستي ڪئي ۽ سنجهاڻ ڪيترا خود علم ۽ فضل جا صاحب
هئا، ۽ ڪن ته مختلف علمن ۾ امتيازي درجو حاصل ڪيو.(۲)

(ب)

ديني تعليم جي اشاعت

ڪلهوڙن جو دور (۱۷۳۷ع - ۱۷۸۲ع) مذهبي تبليغ
۽ اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ سونهري دور شمار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ عربي
۽ فارسيءَ جو تمام گهڻو عروج هو. تصنيف ۽ تاليف، درس تدريس جو سمورو
ڪم عربي ۽ فارسيءَ ۾ ٿيندو هو. سمن جي صاحبيءَ کان پوءِ فارسي سنڌي
سرڪاري زبان هئي.

---

(۱)- رحيمداد خان مولائي شيدائي "جنت السنڌ" حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ع
ص - ص ۵۵۶ - ۵۵۷

(۲)- محمد غلام رسول، "تاريخ سنڌ"، (ڪلهوڙا دور جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد، سنڌ، ۱۹۶۴ع، ص - ۸۷۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 109

سرڪاري زبان هئي.

هن دور ۾ هر ڪنهن مدرسي ۾ پنهنجو عاليشان ڪتب خانو هو. اڳ ۾ مدرسا مسجدن جي هجرن ۾ هوندا هئا، پر ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ مدرسن جون الڳ جايون ٺهرايون ويون. پڙهائڻ جو طريقو اهو سڳيو رهيو. البت استادن جي تعداد ۾ ڪافي اضافو ڪيو ويو.

ٺٽو بيشڪ هڪ وڏو شهر هو ۽ صدين کان تمدن، تهذيب صنعت، حرفت، تجارت ۽ تعليم جو مرڪز پيٽ رهيو آهي.

ڏهين جي زماني ۾ چار سو درسگاهه هئا. پر اهڙن کان اهو تاثر وٺڻ نه گهرجي ته سنڌ جا باقي حصا درسگاهن کان خالي هئا.

بکر، سکر، روهڙي، الور، سيوي، ڪهڙا، سيوستان (سيوهڻ) دشت باران، پڪا ڪاتيار، بوبڪان، هالا ڪنڊي، خانوٽ ڀيڻا، اٽڪ پور، ڪپرو نصرپور، اڳمڪوٽ، ولهار، بلڙي، ڪڪراله، مٽياري، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) سوندا، لاهري، ٺٽو، شڪارپور، پرياڻو، ڪاهان ۽ سن وغيره جا شهر علم ۽ فضل جي درسگاهن سان مشهور هئا. (١)

ڪلهوڙن جي دور ۾ تعليم جي نظام کي ٽن گروپن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

١- هڪڙا اهي بزرگ جيڪي نيڪ ۽ روحانيت جا صاحب هئا. اهي پنهنجي طالبن، مريدن، عقيدتمندن کي خانقاهن اندر اسلام جي تبليغ وسيلي روحانيت سبق ڏيندا هئا.

---

(١)- مهر غلام رسول، "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڙا دور جلد ٻيو) حيدرآباد، ١٩٦٣ع سنڌي ادبي بورڊ ص- ٧٧ ۽ ٧٨

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 110

۲- اهي عالم جيڪي وقت جا قاضي هئا. اهي پنهنجي گهرن ۾ تعليم ڏيڻ جو ڪم ڪندا هئا.

۳- اهي فاضل ۽ عالم جيڪي باقاعدي مدرسن ۾ مختلف علمن جو درس ڏيندا هئا. مدرسن جو نصاب پڻ علمي سلسلن جي نمائندگي ڪندو هو. (الف) - 'سمرقندي ڪورس' (ب) - 'سيالڪوٽي ڪورس' (ج) - 'درس نظامي' سن ۱۱۸۲ع ۾ جنهن محمد غوري سنڌ تي حملو ڪيو ۽ لاڙ واري پاڻي تي قبضو ڪيو هئائين، ان زماني ۾ سنڌ اندر جيڪي اسلامي درسگاهه هئا تن ۾ 'نصاب سمرقندي' رائج ڪيو ويو. هن نصاب ۾ حنفي فقه تي گهڻو زور ڏنو ويندو هو. حديث علم، منطق ۽ فلسفي ڏانهن ايترو توجهه نه ڏنو ويندو هو.

مغلن جي زماني ۾ پنجاب جي مشهور شهر سيالڪوٽ ۾ هڪ وڏو عالم ۽ بزرگ مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي پيدا ٿيو. جنهن سمرقندي نصاب ۾ توڙي ڦيرو آندو. منطق ۽ فلسفي تي زياده زور ڏنو ويو. ان ساڳئي دور ۾ غلام نظام الدين سيهالوي يو-پي ۾ آيو. هن بزرگ پڻ 'سمرقندي' نصاب ۾ ڦيرو آڻي 'درس نظامي' رائج ڪيو ان زماني ۾ عربي مدرسه هن نمونن ۾ ورهايل هئا.

پهرين قسم انهن مدرسن جو هو جيڪي سومرن، سمن ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ به ڪجهه بدليل هئا. ۽ اهي نئين مدرسا ڪلهوڙن جي ماڇي توڙي تالپرن جي دور ۾ به قائم رهيا. مدرسه ڪن خاص نالن جي بدران فقط 'عربي مدرسه' ڪري سڏيا ويندا هئا. الڳ الڳ نالي جو رواج برطانيه جي دور جي پيداوار آهي. (۱)

---

(۱) تالپور حڪمرانن جو دور ۾ "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" پي ايڇ- ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ حيدرآباد، ص. ۲۷ کان ۲۰۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 111

(ت) علماءِ ديني مرڪز

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ نئون علم ۽ عرفان جو مرڪز تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو هو. اهو سنڌ ۾ جڏهن بخارا بٽجي چڪو هو. هن شهر ۾ وڏا وڏا جيّد عالم، محدّث، مفسّر، فقيه، صوفي ۽ درويش ٿي گذريا آهن، جن جي مدرسن ۽ خانقاهن ۾ علم جا طالب ڏورانهن ڏيهن کان ڪهي اچي علم جي تحصيل ڪندا هئا. ان دور ۾ نئين جي علمي طبقي ۾ هڪ نئون رجحان پيدا ٿيو، جنهن جو مڪمل مقصد هي هو ته عربي ۽ فارسي هولين جي بدران اسلامي تعليم جو درس مادري زبان سنڌيءَ ۾ ڏنو وڃي. انهيءَ ڪري نئين جي عالمن سنڌي زبان ۾ تصنيف و تاليف جو ڪم شروع ڪيو. (۱)

جيتوڻيڪ هن دور ۾ بيشمار علماءِ ڪرام پيدا ٿيا جن پنهنجي علم ۽ عرفان سان سنڌ جي سرزمين کي چار چنڊ لڳايا. سنڌ تبليغي تدريسي ۽ تحريري خدمتن سبب ئي هن دور کي "سونهري دور" سڏيو ويو، پر هتي اسان فقط چند معروف ديني علماء جي ذڪر تي اڪتفا ڪئي آهي.

هن دور ۾ مذهبي تحريڪ بلڪل عروج تي هئي ۽ سنڌ ۾ اسلامي تبليغ سبب ڪيترائي غير مسلم اسلامي دائري ۾ داخل ٿي چڪا هئا. انهن نون مسلمانن واسطي اسلامي فقه ۽ عقيدن کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ، سنڌي زبان جي سخت ضرورت هئي. انهيءَ خيال جي مدنظر، نئين جي عالمن مان مخدوم ابوالحسن انهيءَ ڪم ۾ تمام گهڻو نمايان حصو ورتو. سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط

---

(۱) ماهنامه نئين زندگي، مئي جون، ۱۹۷۱ع، قريشي حامد علي خانائي، "مولوي قمرحسن جي سنڌي"، مضمون، ص- ۲۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 112

ايجاد كيو. ۱۷۰۰ع ڌاري مخدوم صاحب پنهنجو منظوم سنڌي كتاب "مقدمة الصلوٰة" تحرير كيو. جنهن کي "ابوالحسن بي سنڌي" كري سڏيو ويندو آهي. (۱) سنڌ ۾ هي كتاب ايترو ته مقبول ٿيو جو نماز جي مسئلن بابت جڏ دستورالعمل بڻجي ويو ۽ ان کي درسي كتاب طور پڙهايو ويو. (۲) مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي پنهنجي مضمون 'عالمن جو سنڌي ساهتيه ۾ حصو' ۾ رقمطراز آهي:

"هن كتاب جي مقبوليت جو اندازو هن گالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته مخدوم قدر هاشم ٺٽوي هن جي ڪن مسئلن جي سنڌي ۾ اصلاح ڪئي، ان جي رد ۾ مخدوم صاحب جي هڪ ونڊي معاصر مخدوم قدر قاسم سنڌي هڪ كتاب لكيو، جنهن ۾ 'مقدمة الصلوات' جو سنڌي ۾ ترجمو كري باهرين عالمن کي هن كتاب جي اهميت كان آگاهه كيو. هن ٻنهي عالمن جي وچ ۾ هن پهرين سنڌي كتاب تي اهو تحقيقي بحث مباحثو هلندو رهيو جو ان وچ ۾ مخدوم قاسم پنهنجي رب ڏانهن راهي ٿيو، نه ته شايد كي دفتر وجود ۾ اچي وڃن ها." (۳)

مخدوم ابوالحسن جيڪو هن مدرسي جو استاد هو، ان جو هي كتاب ديني ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. ديوان پيرومل آڏواڻي لكي ٿو:

"نٽي جو مولوي ابوالحسن جو مسلمانن کي ديني تعليم ڏيندو هو، هن صاحب (سن ۱۷۰۰ع) ڌاري هڪ كتاب "مقدمة الصلوات" نالي لكيو، جنهن ۾ نماز پڙهڻ، وضو سارڻ ۽ ٻيون اهڙيون ديني گالهيون جو ذكر آهي

---

(۱) ماهنامه "نئين زندگي"، سئي، جون ۱۹۷۱ع قريشي حامد علي خانائي (مضمون) "مولوي مخدوم حسين جي سنڌي"، ص۔ ۲۷

(۲) ۔ نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر، مقدمه: "مصباح المفتاح" حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي ۱۹۷۰ع ۔ ص۔ ۲۵

(۳) ۔ قاسمي غلام مصطفیٰ مولانا، ماهنامه "پيغام" ڪراچي فبروري، مارچ ۱۹۸۲ع، ص۔ ۶۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 113

ان وقت مسلمان عالم عام طرح عربي ۽ فارسيءَ ۾ڪتاب لکندا هئا.
اهي بزرگ اڪثر شئي، سيوهڻ ۽ ٻين هنڌن جا هئا. مولوي ابوالحسن
جا عربيءَ ۾ ڪليل کي ڪتاب آڳيئي هئا. پر هينئر هي ڪتاب پهرين
دفعو سندي شعر ۾ لکيائين. ان وقت کان وٺي ٻيا ڪي مسلمان
عالم، اهڙا ديني ڪتاب لکڻ لڳا. اهڙي طرح جملي پنجاهن ڪتاب
ابوالحسن جي سنديءَ جي نمونيي تي ڪليل موجود آهن." (١)

مخدوم ابوالحسن کانپوءِ مخدوم ضياءُالدين (١٠٩١ھ -
١١٧١ھ) سندي هڪ نندي ڳوٺ 'جوڻ' ۾ پيدا ٿيو. هي عالم سگورو شيخ شهابالدين
عمر سهروردي جي خاندان مان هو. مخدوم عنايت الله کان شئي ۾ مخدوم معين
جي معيت ۾ علم پرايائين ۽ سندجو وڏو عالم ۽ استاد ثابت ٿيو. جو مخدوم
محمد هاشم ٺٽوي سندس خاص شاگردن مان هو، جن فقهي مسئلن تي هڪ
ڪتاب 'ضياءُالدين جي سنديءَ' لکيو. ان ۾ هيون ابوالحسن جي 'مقدمة الصلوٰة'
کان ڪجهه وڌيڪ مسئلا آندا. (٢)

علامه قطب معين ولد قطب امين قوم جودل شئي جي قديم
مولوين جي خاندان مان هڪ چمڪندڙ ستارو هو، سندس والد بزرگوار به هڪ
وڏو عالم ۽ درويش صفت انسان هو. (٣)

علامه مخدوم معين صوفي ـ شاعر، محدث، فلسفي

---

(١)- پيرومل مهرچند آڏواڻي. "سندي ٻولي" جي تاريخ" حيدرآباد سنڌ ١٩ع سنڌي
ادبي بورڊ، ص- ٢٨٨ -

(٢) - ماهوار "پيغام"، ڪراچي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي "عالمن جو سنڌي ساهتيه
۾ حصو"، (مضمون) فيبروري، مارچ، ١٩٨٢ع، ص- ٧٠

(٣)-وفائي، دين محمد، "تذڪره مشاهير سنڌ" (پاڪو پهرين) حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ
١٩٨٥ع، ص- ١٥٨

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 114

علامہ وقت ھو۔ ۱۱ صدي هجري جي پچاڑيءَ وارن سالن ۾ نوڻو ڏنو. پاڻ شاھ ولي الله دهلويءَ جو شاگرد ۽ سندس علوم مان فيض يافته ھو. علامہ جي ذهانت ۽ فهم شاھ صاحب تي ڏاڍو اثر ڪيو، جنهنڪري شاھ صاحب پي اختيار ٿي چيو: "فقد ركبت غضنفرا" يعني ته "تون پنهنجي تحقيق ۾ شينهن تي سوار ٿيو آهين". صوفيانہ مسلڪ جو هو ۾ محي الدين ابن عربيءَ جو پوئلڳ هو. شاھ ولي الله جي فرزند شاھ عبدالعزيز جو استاد هو. شاھ صاحب کيس 'استاذنا' ۽ 'سيدنا' ڪيو آهي. اهڙي طرح مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو به استاد آهي، شاھ عبداللطيف پٽائيءَ علامہ معين جي پاڻ ۾ گهاڻي دوستي هئي. شاھ پٽائيءَ وقت بوقت ملاقات لاءِ ٺٽي ايندو هو ۽ ساڻس راتين جون راتيون رهائيون ٿيندو هيون. (۱)

علامہ معين نقشبندي طريقي ۾ شيخ ابوالقاسم نقشبندي جو مريد هو. (۲)

علامہ معين جي علميت ڪري وقت جا حاڪم کيس تمام گهڻي عزت سان ڏسندا هئا ۽ ڪيترا طالب العلم ونس فيض پرائڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. تاريخن جي ڪتابن ۾ علامہ جي شاگردن جي هڪ وڏي فهرست نظر اچي ٿي، جنهن ۾ پيا ته ٻيو پر شيخ قمر حيات سندي مدني، جو پنهنجي وقت جو مجدد تسليم ڪيو ويو آهي، تنهن به علامہ کان سلسلہ حديث جي سند حاصل ڪئي آهي. (۳) سندس ٻين باڪمال شاگردن مان سيد جمالدين عزلت رضوي بکري (وفات ۱۱۶۰ھ) به آهي.

مخدوم محمد معين ڪيترن تصنيفن جو مالڪ آهي، جنهن ۾

---

(۱) - "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن، سندھ آزادي نمبر ۱۹۳۶ع، ص. ۳۴

(۲) - مولائي شيدائي رحيمداد خان، "جنت السند"، حيدرآباد سندھ، ۱۹۸۵ع سندي ادبي بورڊ ص- ۵۶۵

(۳) "- الوحيد" اسپيشل ايڈيشن، 'سندھ آزادي نمبر' جون ۱۹۳۶ع حيدرآباد -ص- ۳۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 115

'دراسات اللبيب'، 'الحجة'، 'نورالعين'، 'رفع الشكال'، 'ايقاظ الوسنان'، 'وحدة الوجود والموجود'، 'رساله اعتقادات الاربع'، 'حاشيه زبده المنطق' 'الابداح'، 'الحق الصريح'، 'رفع العين' وغيره.(۱)

علامه معين نٹوي کي عربي زبان ۾ جيڪا مهارت حاصل هئي، سا سندس بين همعصرن ۾ گهٽ نظر اچي ٿي. علامه بلند پايه جو شاعر به هو. سندس تخلص فارسيءَ ۾ "تسليم" ۽ هندي سنڌيءَ ۾ "بيراگي" هو. علامه صاحب (۱۱۶۱ھ) ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو مڪليءَ تي پنهنجي مرشد مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جي پيراندي آهي. (۲) مخدوم محمد هاشم نٹوي، مخدوم عبداللطيف نٹوي ۽ مخدوم محمد هاشم مڏئي واري سندس ڪتابن جا رد لکيا.

مولوي محمد حسين ڪلهوڙن جي زماني جو هڪ بلند پايه عالم ۽ صاحب تصنيف ٿي گذريو آهي. پاڻ مخدوم محمد هاشم (وفات ۱۱۷۵ھ) جو همعصر هو. سائين وقت سندس سنڌي عبارت ۽ ڪم آندل لفظن مان اٽڪل پوي لڳي ٿو شايد پاڻ لاڙ جو ويڙهو. پاڻ عربي فارسيءَ سان گڏ سنڌيءَ جو به عالم هو، ۽ مخدوم ابوالحسن جي ايجاد ڪيل عربي سنڌي صورتخطيءَ جو به جاڻو هو. مولوي صاحب ۱۱۷۷ھ ڌاري "قصص الانبياء" سنڌي نظم ۾ "سيربستان" جي نالي سان ڪيو. (۳)

---

(۱) - مولائي شيدائي رحيم داد خان، "جنت السنڌ"، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۵۶۶

(۲) - "الوحيد"، اسپيشل ايڊيشن، سنڌ آزاد نمبر، حيدرآباد، جون ۱۹۳۶ع ص - ۳۵

(۳) - محمد صديق ميمڻ "سنڌ جي ادبي تاريخ"، (جلد اول) چاپو ستون ۱۹۳۷ع، ص - ۱۷۴ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 116

مخدوم فقيه هاشم ولد عبدالغفور ٹلوي (١١٠٤ھ/١٦٩٢ع -

١١٧٤ھ - ١٧٦١ع) هن دور جو جيد عالم ٿي گذريو آهي. جيڪو فقه، حديث، رجال، علم معقول ۽ تفسير وغيره جي سڀني علمن ۾ يگانه روزگار هو. مخدوم ضياءالدين جو شاگرد هو. (١) کيس سنڌ جو شاه ولي الله چئجي ٿو. پاڻ (سن ١١٣٥ھ/١٧٢٤ع) ۾ جڏهن عربستان ويو. تڏهن مکي ۽ مديني شريف ۾ شيخ عبدالقادر صديقي مالکي ۽ شيخ عبد بن علي مصري. شيخ فقيه ابي طاهر مدنيءَ کان حديث ۽ ٻين علمن جون سندون ورتيون. (١١٣٧ھ) ۾ ٽٽي ۾ "مدرسو هاشميه" کوليو درس تدريس جو ڪم شروع ڪيو. سندس علمي شهرت جو آواز ديسان ديس پکڙجي ويو. وقت جو حاڪم ميان غلام شاه ڪلهوڙو سندس معتقد هو ۽ کيس "قاضي القضات" جو عهدو ڏنو هئائين. جنهن ڪري هن بدعتن ۽ بدرسمن جو خاتمو ڪيو. مخدوم صاحب اعلىٰ پايه جو مصنف هو. هن ديني خدمتن جي سلسلي ۾ هر موضوع تي هزارين صفحا لکيا. هن عربي فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڏيڍ سو ڪتاب لکيا. جن ۾ سنڌي ڪتابن جو تعداد ڇهوٽو آهي. [٢] سنڌي لوليءَ ۾ ٥١٤ صفحن جي ڪراؤن سائيز تي لکيل سيپاري جو تفسير "تفسير هاشمي" جي نالي سان مشهور آهي. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي معجزن ۽ فضائلن تي مشتمل ڪتاب "قوة العاشقين" ٻن جلدن ۾ لکيو اٿس، "بناء الاسلام" ۾ قبر ۽ حشر جو احوال ڏنل آهي. "فرائض الاسلام"، "راحة المومنين"، "مظهر الانوار" ۽ "زاد الفقير" وغيره

---

(١) - اعجاز الحق قدوسي، "تاريخ سنڌ" (اردو) حصه دوم لاهور ١٩٨٠ع مرڪزي اردو بورڊ، ص ٥٥٨

[٢] - "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور" جي مصنف مولانا فقيه هاشم جي تصنيفن جو تعداد سڌا ٽي سو ٻڌايو آهي.

رفاه رسول هر، "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور"، (سنڌي ترجمو) جلد ٻيو حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ - ص. ٨٨٨

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 117

سنڌس ڪليل ڪتاب آهن. مخدوم صاحب هي سڀ ڪتاب پنهنجي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. سنڌس تدريسي خدمتن جي هاڪ ايڏي ته ڦهلجي وئي، جو سيد عبدالرحمان عربستان مان هلي ونس پڙهڻ آيو. هزارين شاگرد ۽ فيض جا طالب سنڌس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لڳا. (۱) هن جي وفات کان پوءِ سنڌس ٻن پٽن عبدالرحمان ۽ عبداللطيف مدرسي کي جاري رکيو. مخدوم عبداللطيف درسگاهه ۾ پڙهائڻ سان گڏ روزانو ٻيڻهري جي نماز کان پوءِ مسجد ۾ حديث جو درس به ڏيندو هو. هر جمعي تي جامع مسجد ۾ واعظ به ڪندو هو. هن به ڪجهه ڪتاب سنڌي ۾ لکيا. سنڌس علمي معيار ڏسي وقت جي حاڪم ميان سرفراز خان ڪلهوڙي کيس فوج ۾ قضا جي عهدي تي فائز ڪيو. [۲] سنڌس فرزند مخدوم محمد ابراهيم به علمي دنيا ۾ پنهنجو ڏاڏو جهايو. هو جيد عالم ۽ مجتهد هو. هن کي تقرير ۽ تحرير ٻنهي تي عبور حاصل هو. هن ڪيترن ئي مسئلن تي تحقيقي ڪتاب لکيا. مخدوم غلام محمد، مخدوم محمد هاشم ٽئي جو ڏوهٽو هو، ۽ وڏو عالم هو. هن پنهنجي ڏاڏي جي تصانيف ۽ علمي خدمتن بابت ڪتاب لکيو. هي مدرسي هاشميه ۾ مدرس به ٿي رهيو. (۳)

مخدوم عبدالله نربي واري به سنڌي زبان ۽ دين جي وڏي

خدمت ڪئي. علامه قاسمي صاحب لکي ٿو:

"مخدوم محمد هاشم جو هڪ شاگرد مخدوم عبدالله

---

(۱) - "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن سنڌ آزاد نمبر، جون ۱۹۳۶ع حيدرآباد ص ص - ۳۲-۳۳

[۲] - تالپر محمد جمن واڪنر پنهنجي ڪليل تحقيقي مقالي "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" ۾ مخدوم صاحب جي تصنيفن مان ۱۲ ڪتابن جا نالا ڏنا آهن

محمد جمن تالپر "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" پي ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو حيدرآباد ۱۹۸۲ع - صحرا پبليڪيشن، سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ص ۲۳۳ کان ۲۳۷

(۳) - "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن سنڌ آزاد نمبر، جون ۱۹۳۶ع، ص - ۳۴ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 118

جيڪو ڪيڇ جو ويندل هو. ان کي سندي ساهتيه جي خدمت ۾ مخدوم صاحب جو صحيح جاءِ نشين ته بجا آهي. اهو بزرگ هن سلسلي هن سلسلي ۾ پنهنجي استاد مخدوم محمد هاشم ۽ پين ٻنين جي عالمن کان گوءِ ڪئي ويو. هن جي سندي تصنيف کي گڏڪري ڏسبوتہ اهڙن صفحن تي پهچي ٿي. جيئن 'ڪنز العبرت'، 'خزانہ اعظم'، 'قمر المنير'، 'بدر المنير'، 'نور الابصار'، 'هفت بهشت'، 'تفسير سورة يوسف' وغيره. مخدوم عبدالله جو ڪتاب 'خزانہ اعظم' اٽڪ ضخيم جلدن تي مشتمل آهي. جو اخلاقي مواد ۾ امام غزاليءَ جي ڪتاب 'احياء العلوم الدين' کان ڪنهن به طرح گهٽ نہ آهي"(۱)

ابوالقاسم نقشبندي ولد نورالحق درس ٺٽوي (وفات ۱۳۳۸ھ)

ابتدائي تعليم ۾ قرآن حڪيم يادڪري ظاهري علوم کان فارغ ٿي تصوف جون منزلون ٻنين جي مشهور عارف ڪامل مخدوم آدم (وفات ۱۰۶۶ھ)، شاهہ سيف الدين (وفات ۱۰۹۸ھ) ۽ خواجہ محمد معصوم ولد شيخ احمد امام رباني سرهنديءَ جن جي خدمت ۾ پورين ڪيون.

ابوقاسم ظاهري عالم ۾ شاهہ سيف الدين وٽان فارغ ٿي ٺٽي ۾ واپس آيو. اتي پنهنجو روحاني فيض گاهہ ڪوليائين. وقت جا وڏا عالم ۽ سندس معتقد ۽ مريد اچي تيا. مخدوم محمد هاشم هڪڙو وڏو عالم ۽ سندس معتقد ۽ مريد هو. سندس فيض جو آواز ٺٽي مان نڪري ساري هندستان ۾ پهتو. دهلي سورت ۽ احمد آباد ۾ سندس ڪيترائي خليفا هئا. ان زماني ۾ جيڪي ماٺو سرهند شريف وارا سلوڪ لاءِ ويندا هئا، تن کي هڪ ئي جواب ملندو هو تہ ابوالقاسم وارا رجوع ڪريو.(۲)

---

(۱) - ماهوار "پيغام"، ڪراچي، فيبروري، مارچ ۱۹۸۲ع ص - ۷۱
(۲) - "الوحيد"، سندھ آزاد نمبر، اسپيشل ايڊيشن، ۱۹۳۶ع، ص - ۳۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 119

هندستان جي جن عالمن ۽ بزرگن وٽ انس فيض پرايو يا بيعت ورتي انهن ۾ مخدوم محمد معين ٺٽوي، شيخ يحييٰ عرب مدينه منوره، ميان محمد يعقوب سمون، محمد سقيم ولد سعدالله ساڪن قرية جيها، سيد محمد نامي شڪرالهي شيرازي، مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي، سيد عبدالله شڪر الهي شيرازي، ميان عبدالرحيم سومرو ۽ مخدوم عبدالله حيدرآبادي قابل ذڪر آهن. (۱)

شيخ محمد حيات سندي مدني (متوفي ۱۱۶۳ھ/۱۷۵۱ع)

پنهنجي وقت جو مجدد تسليم ڪيو ويو آهي. پاڻ عادلپور ڳهوٽڪي (ضلعو سڪر) ۾ پيدا ٿيو ۽ اڻپتي هلي عرب ۽ عجم جي استاد هٿ جو شرف حاصل ڪيائين. علم جي طلب لاءِ حرمين شريفين هليو ويو. اتي مقيم شيخ ابوالحسن محمد بن محمد مادق ڪبير کان علوم حاصل ڪيائين. (۱) شيخ محمد اڪرام لکي ٿو:

"شيخ محمد حيات سندي مدينه منوره ۾ مقيم مولانا ابوالحسن سندي ۽ مولانا عبدالله سالم بصري کان علم جي تڪميل ڪئي ان جي وفات کان بعد مسجد نبوي ۾ درس حديث ۽ وعظ جي مسند جو مالڪ ٿيو. سندس خدمت ۾ شام، مصر، هندستان ۽ مراڪش جي سون عالمن حديث جي علم جي تحصيل ڪئي. (۲) مخدوم علامه محمد معين واڱڻ سندس شاگردن جي فهرست طويل آهي. تاريخن ۾ هيڻيان نالا اچن ٿا. 'جنت السنة' جي مصنف هيٺين شاگردن جا نالا ڏنا آهن:

شيخ احمد بن عبدالرحمان شامي، شيخ محمد سعيد صغير، شيخ عبدالقادر خليل ڪدڪ، سيد عبدالقادر بن احمد، سيد غلام علي آزاد بلگرامي، شيخ محمد فاخرالله آبادي، شيخ ابوالحسن صغير، شيخ غلام حسين ٺٽوي مدني، مولانا خيرالدين محمد زاهد سورتي. (۳)

---

(۱) - شيخ محمد اڪرام "رود ڪوثر" ادارہ ثقافت اسلاميه لاهور ۱۹۸۷ع. ص -

(۲) - "الوحيد" سندھ آزاد نمبر، جون ۱۹۳۶ع حيدرآباد - ص - ۳۵

(۳) - مولوي محمد شفيع ۽ رحيمداد خان "جنت السنة" حيدرآباد، ۱۹۸۵ع سندي ادبي بورڊ ص - ۵۶۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 120

شيخ عبدالخالق يمني، شيخ عبدالرحمٰن العبدروسي کان سواءِ بخدمي ’تحريرا صلاح‘ جي بانيءَ شيخ محمد عبدالوهاب بہ شيخ موصوف کان ٿي حديث پڙهي هئي. ديڙهي سڄيم عالمن جي احياءِ اشاعت ۾ هڪ سنڌي بزرگ هيءُ عظيم الشان ڪارنامو. هوسنڌي لاءِ يقيناً فخر جو باعث هجڻ گهرجي. (۱)

شيخ محمد حيات جي تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب معلوم ٿيا آهن، ’تحفة الانعام في العمل حديث النبي عليه الصلوٰة والسلام‘، ’الايغاف على سبب الاختلاف‘، ’شرح اربعين نووي‘، ’رساله رد بدعت تعزيه‘ (ان ۾ علامه معين ٿي ردڪيل) آهي ’شرح ترغيب ترهيب منذري‘ ۽ ’النهي عن عشق الهردان والنسوان‘ شامل آهن. (۲)

امام نووي جي چاليهن حديثن ٿي مخدوم محمد حيات سنڌيءَ جي تاليف ’شرح الاحاديث الاربعين النووية‘ سڀني کان مشهور آهي. شرح اربعين جو اهو مذڪوره ڪتاب سنڌ جي وڏي عالم ۽ اديب علامه غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب پنهنجي عرب واري سفر دوران مدينه منوره جي هڪ مشهور ڪتبخاني ۾ ڏٺو هو. (۳)

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ سيد حبيب جو فرزند هو. شاه

صاحب جاوڏا متعلوي سيد سندن جن تا. شاه صاحب سنڌ جو سدا حيات شاعر ۽ عارف ڪامل ٿي گذريو آهي. سندس ولادت سن ۱۱۰۲ھ/۱۶۹۰ع ڀٽ ڪٽيان تعلقي هالا ۾ ٿي. (۴)

---

(۱) ـ محمد غلام رسول "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڙا دور جلد ٻيو) ـ ص ـ ۸۹۶

(۲) ـ مخدوم اميراحمد، "سنڌ ۾ علم حديث" (مضمون) "الرحيم" جولاءِ ۱۹۶۲ع. ص ـ ۴۲

(۳) ـ غلام مصطفىٰ قاسمي مولانا، "الرحيم" مئي ۱۹۶۴ع. "مدينه منوره جا ڪتبخانه ۽ سنڌ جي عالمن جون تصنيفات" (مضمون) ـ ص ـ ۳۹ ـ ۴۰

(۴) ـ گربخشاڻي ڊاڪٽر "شاهه جو رسالو" جلد پهرين مقدمه ڪراچي، ۱۹۲۴ع ص ـ ۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 121

شاھ عبداللطيف جو ننڍي ھوندي کان عرفان ۽ تصوف ڏانھن لاڙو ھوندو ھو. جوتہ سندس والد سيّد حبيب شاھ استغراق جي حالتہ ۾ رھندو ھو ۽ اھڙي ڪامل پيءُ جو پٽ ٿي وڏو ٿيو. ھو جيتوڻيڪ وڏو صوفي ھو، پر سھوري زندگيءَ ۾ ڪڏھن بہ نماز ترڪ نہ ڪيائين ۽ نہ روزا ڇڏيا ئين. (۱) وقت جي حاڪمن مان ميان نور محمد ڪلھوڙو سندس نھايت معتقد ھو. ھن شاھ صاحب کي مثنوي رومي جو نسخو بہ ڏنو ھو. علامہ محمد معين ٽٺويءَ سان سندس گھاٽي دوستي ھئي. چيو وڃي ٿو تہ شاھ صاحب "اُمّي" ھو، پر سندس سينو الھامي ذات سان پريل ھو جو فارسي ۽ عربي سمجھي سگھندو ھو. پنھنجي رسالي ۾ مولانا رومي رح جي ڪن شعرن جو ترجمو ۽ قرآن ڪريم جون آيتون مناسب ھنڌن تي آندليون اٿس. (۲)

شاھ جو رسالو ڀوني سنڌي ٻوليءَ جي خزاني سان پريل آھي ۽ سنڌي ادب جو قابل فخر شاھڪار آھي، جنھن ھڙو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا پيدا ٿي نہ سگھيو آھي. فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ معانيءَ جي جن تارن کي دنيا ڪلام جو حسن ۽ بيان جو زيب مقرر ڪيو آھي، سي شاھ جي ڪلام ۾ موجود آھن. شاھ صاحب جو رسالو سڀ کان اڳ سن ۱۸۶۶ع ۾ علم اللسان جي ماھر ۽ سنڌي زبان جي گرامر جي موجد "ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ" "جرمنيءَ جي شھر" لپسيا" مان شايع ڪرايو ھو. سن ۱۹۰۰ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي پاران ھاڻوڪي سنڌي رسم الخط ۾ رسالو ڇپيو. (۳)

شاھ صاحب جي باري ۾ اھو ڇوڙ تہ پاڻ اڻ پڙھيل ھو، ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي شاھ جي رسالي جي مقدمي ۾ "ڊاڪٽر ٽرمپ" جي حوالي سان

---

(۱) - رحيمداد مولائي شيدائي. "جنت السنڌ" حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۵ع. ص. ۵۶۸

(۲) - شھواڻي غلام محمد. "شاھ جو رسالو" (مقدمو). ۱۹۵۰ع. ص - ۴

(۳) - علامہ داؤد پوٽو. "سنڌي شاعريءَ جي تاريخ". جلد ي ۱۹۴۹ع، ص. ص ۳۳، ۳۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 122

لکي ٿو:-

"اهڙي دعوىٰ کي رد ڪرڻ لاءِ شاه جو ديوان ئي ڪافي ثبوت آهي، جنهن ۾ هن عربي ۽ فارسي زبانن جو اوڏو محاورو ڏيکاريو آهي. بلڪ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته کيس قدرتي تعليم کري ۽ کي قدر پنهنجي سر تجربي ۽ مطالعي کري شاه صاحب ان زماني جي لياقت آهر. هر علم ۾ چڱي مهارت حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو، ۽ پنهنجي مادري زبان تي ته کيس ڪافي ضابطو هو. نه فقط ايئن، پر هن ٻولين سان پڙ کي قدر واقفيت هيس. جهڙوڪ بلوچي، سرائڪي، هندي ۽ پنجابي وغيره. ان کانسواءِ سندس تاريخي معلوميت به وسيع هئي. سندن توڙي هندستان جي هن پاڻ جي قصن، کهاڻين کان به چڱيءطرح واقف هو. قرآن ۽ حديث فقه ۽ فلسفه، تصوف ۽ ويدانت، صرف ۽ نحو وغيره جو به گوڙهو اپياس ڪيو ٿو ڏسجيس. قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاه ڪريم جو رسالو اڪثر ساڻس همراهه هوندا هئا."

اهڙن ڏنل ڪتابن ۽ علمن مان ڪيترا مضمون پنهنجي شعر ۾ داخل ڪيا اٿس. ڪٿي ڪٿي ته ڪن آيتن ۽ بيتن جو هو بهو ترجمو ئي اٿس. اهو الزام ثابت آهي ته شاه عبداللطيف پنهنجي زماني ۾ هڪ يگانو فاضل ۽ عالم شخص هو.

شاه صاحب ۱۴ صفر ۱۱۶۵ھ/۱۷۵۲ع ۾ وفات ڪئي ۽ سن ۱۱۶۷ھ/۱۷۵۴ع ۾ ميان غلام شاه ڪلهوڙي پٽ شاه تي سندس مقبري مٿان عاليشان گنبد هڙايو. (۱)

---

(۱) - ڊاڪٽر گربخشاڻي، "شاه جو رسالو" (مقدمو) ۱۹۲۴ع، ص. ۱۴، ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 123

سنڌ جو زنده جاويد شاعر ۽ سنڌ جي ناليڪي زنده ڪرڻ

بزرگ سيّد ميرعلي شيرقانع ولد ميرعزت الله ٺٽوي شڪر الهي سادات جي خاندان مان ۱۱۴۰هـ/ ۾ جائ. ابتدائي تعليم ڪانپوءَ علامه معين الدين ۽ مخدوم رحمت الله ٺٽوي ۽ وقت جي استاد ميرحيدر ابوتراب وٽان تعليم حاصل ڪري سنڌ ۾ پنهنجي قابليت جو سڪو وهاريائين. شاعريءَ لاءِ سندس طبيعت موزون هئي ۽ "مُظهر" تخلص هو. شاعرانه صفات جو نه فقط ماهر هو، پر موجد به هو. سندس قابليت ڪري ميان نورمحمد ڪلهوڙي، مرادياب خان ۽ ان کانپوءِ ميان غلام شاه ڪلهوڙي جو علمي مصاحب ٿي رهيو. (۱)

ميرعلي شيرقانع کي تاريخي علم ۾ الهامي دسترس هئي سندس ڪيل ٽن جلدن ۾ "تاريخ تحفة الڪرام" سنڌ وارن ۾ هڪ وڏو احسان آهي. جن مان پويون جلد تاريخ سنڌ متعلق آهي ڪان وٺي ميان غلام شاه جي وفات تائين آهي، تنهن ڪانپوءِ سنڌ جي اولياءُ، صوفين جو ذڪر پڻ ڏنل آهي. سچ پچ ته جيڪڏهن اڄ سنڌ وارن جي هٿ ۾ اها مختصر تاريخ نه هجي ها ته وٽن ڪجهه به نه هجي ها. (۲)

سندس تصنيفات مان چند نسخن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:- زينت الاخلاق، نسخه غوثيه، مڪلي نامه، قصاب نامه، مختيارنامه، مثنوي ختم الملوڪ، تهذيب الطباع، زبدة المقامات، معيار سالڪان طريقت، زينت الافڪار، قصه ڪامروپ، پهار منزله، حديقة الاولياء، مثنوي ڪرشمه قدرت، مثنوي قضا وقدرت، رساله درضاع وبدائع، بوستان پهار، روضة الانبياء، لب لباب تاريخ ڪلهوڙا، ديوان قانع، رساله شرح معما، مقالات اشعراء وغيره. (۳)

۱- "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن، سنڌ آزاد نمبر، ۱۹۳۶ع ص - ۳۸

۲- ٺاڪپور، ڊاڪٽر جمن "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" تيسرو، ۱۹۸۲ع سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ص - ۲۲۹

۳- مولائي مفيدائي رحيم داد خان "جنت السنڌ" حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص-۵۷۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 124

سندس تصنيفا تمان اسين معلوم ٿئي ٿو ته سندس مذهب وقت جي حاڪمن ۽ سندس استاد علامه معين هجڻ هو. يعني ته محبت اهلبيت سان گڏ صحابه ڪرام جو ادب ۽ تعظيم بجا آڻڻ. ميرقانع ۶۳ سالن جي عمر ۾ پهچي سن ۱۲۰۳ھ ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. (۱)

حافظ فقيرالله علوي بن عبدالرحمان حنفي جلال آبادي،

شڪارپوري اصل جلال آباد (افغانستان) جي هڪ ڳوٺ "روتاس" ۾ تقريباً ۱۱۰۰ھ ۾ جاڻو ٿئي ٿو. هوندي تفسير، فقه، منطق ۽ معاني وغيره جي تعليم علامه محمد صادق برڏيناري وت افغانستان ۾ حاصل ڪيائين ۽ پوءِ ظاهري علوم مان فارغ ٿي شاه محمد مسعود پشاوري ۽ حافظ محمد سعيد لاهوري کان خرقه خلافت ڏيڪيائين. سن ۱۱۵۰ھ ۾ پنهنجي وطن مان هجرت ڪري شڪارپور ۾ اچي رهيو. جتي ظاهري علوم سان گڏ باطني علوم جو درس به ڏيندو رهيو. هزارين ماڻهو سندس ظاهري ۽ باطني علوم مان فيض حاصل ڪندا رهيا. ان وقت شڪارپور ۾ ڪافي غير مسلم هئا، جيڪي سندس شخصيت جي اثر سبب چڪجي اسلام جي دائري ۾ آيا.

حافظ صاحب هڪ عالم هڻڻ سان گڏ عارف ۽ ڪامل بزرگ هو. من حديث جي علم ۾ پهريائين سندءِ اجازت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان حاصل ڪئي. ڪيس ڪتابن جمع ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. جنهنڪري سندس ڪتبخاني ۾ عرب وعجم جا نايابڪتاب جمع ٿيل هئا. پاڻ هڪ وڏو شاعر به هو. (۲)

حافظ فقيرالله علوي علمي ڪمالیت مان گڏ هڪ مدرس پڻ هو. شڪارپور ۾ علوين جي پاڙي ۾ سندس قائم ڪيل مدرسه اڄ به قائم آهي، جنهن مان ڪيترائي شاگرد علمي فيض پرائي ويا. پاڻ هڪ وڏو مصنف به هو. سندس تصنيفات ۾ "قطب الارشاد"، "طريق الارشاد"، "جواهر الاوراد"، "تڪميل المومنين والاولاد"، "فتوحات غيبيه شرح عقائد صوفيه"، "فتح الجميل في مدارج العكميل"، "فتوحات الاهي"، "براهين النجات من المصائب

---

(۱) "الوحيد" سنڌ آزاد نمبر، جون ۳۶ ع حيدرآباد، ص ۳۸ ۽ ۳۹

(۲) ايضاً ص ۳۶

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 125

الدنيا والعرصات"، "قصيده مبرورة"، "مكتوبات"، "منتخب الاصول" ۽ "وثيقة الاكابر" شامل آهن. سندس وفات سن ۱۱۹۵ھ ۾ شڪارپور ۾ ٿي. (۱)

معروف تاريخدان غلام رسول مهر پنهنجي تصنيف تاريخ سنڌ ۾ لکي ٿو ته

"ڪلهوڙا دور جي عالمن ۾ ڪي اهڙا بااثر آهن جن ڪتاب يا رساله تصنيف ڪيا ۽ يا اهڙا بااثر آهن جن جون عمريون درس ۽ فتويٰ ڏيڻ ۾ گذري ويون ۽ مستقل تصنيف ڏي توجهه ڏيڻ جو وقت نه ملي سگهيو. ليڪن عام ماڻهن ڏي هي بڌي حيرت ٿيندي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ اهڙا بزرگ به پيدا ڪيا جن حديث جي ڪتابن جون شرحون لکيون، پر پنهنجي علم ۽ فضل آهر شهرت حاصل ڪري نه سگهيا. مثلاً

۱- ابوالحسن ڪبير (متوفي ۱۱۳۸ھ) جنهن "صحيح بخاري"، "صحيح مسلم"، "سنن ماجه" ۽ "سنن داؤد" ڏي تعليقات ۽ "فتح القدير" ۽ "مسند امام احمد بن حنبل" جا حاشيه مرتب ڪيا.

۲- ابوالحسن فقير، جنهن تصوف ۾ ڪمال جو درجو حاصل ڪيو ۽ ۱۱۸۷ھ ۾ فوت ٿيو.

۳- ملا ابو الطيب بن عبدالقادر، جنهن "ترمذي" جي شرح لکي.

۴- ملا محمد اڪرم ٽنصرپوري، جنهن "صحيح بخاري" جي شرح سان گڏ "توضيح" ۽ "تلويح" تي حاشيو لکيو." (۲)

---

(۱) - "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن "سنڌ آزاد نمبر"، جون ۱۹۳۶ حيدرآباد سنڌ، ص - ۳۷

(۲) - مهر غلام رسول "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڙا دور جلد پيو) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ۱۹۶۴ع، ص - ۵۹۴ - ۵۹۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

( )

۸- تالپرن جو دورِ حکومت

(الف) پس منظر

(ب) ديني تعليم جي اشاعت

(ت) علمي مرڪز ۽ ديني تعليم

(۱) سيوهڻ (۲) ڪڇ (۳) ميارپي (۴) ولهار (۵) چوٽيارون

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 127

۸- تالپورن جو دور حڪومت

(الف)- پس منظر -

ميان غلام شاهه ڪان پوءِ جيڪي ڪلهوڙا حاڪم ٿي گذريا، تن پنهنجي سمات وزيرن جي چُڙ چ ٿي تالپر سردارن کي هڪ ٻئي پٺيان مارائڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري سن ۱۷۸۳ع ۾ ميرِ فتح علي خان تالپر "هالاڻي" جي جنگ ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏيئي سنڌ فتح ڪئي. هلي ڇهن حاڪمن ۱۸۴۳ع تائين حڪومت ڪئي. سندن به چوياريون هيلون. ڇهين چوياريءَ ۾ تالپرن ترقي ڪئي، ۽ پوئين چوياريءَ ۾ سنڌ تنزل شروع ٿيو. (۱)

ميرِ فتح علي خان جي سن ۱۷۸۳ع کان ۱۸۰۲ع تائين حڪومت هئي. هن سنڌ کي تن خاندانن ۾ ورهايو، جيڪي ميرِ شهداد خان جي پيڙهيءَ مان هئا. انهن ۾ شهداديٽن جو تختگاهه حيدرآباد ۾ رهيو، مانڪائين جو ميرپور خاص ۾ ۽ سهراباڻين جو تخت گاهه خيرپور ۾ رهيو. انگريزن ميرن سان سنڌ ۾ پير ڪوٽ لاءِ چار معاهدا ڪيا. اهڙيءَ طرح ۱۸۳۹ع ۾ انگريزن جيڪو ميرِ نورمحمد خان سان معاهدو ڪيو، تنهن جا شرط اڻ ڦاٽ سخت هئا. جو ميرن جي صاحبيءَ جي جلد پچائي ٿي. ۱۸۴۳ع ۾ مياڻيءَ ۽ دُبي جي بن جنگين ۾ تالپرن شڪست کاڌي. (۲) سهراباڻين مان ميرِ علي مراد انگريزن جو طرفدار هو. سندس رياست خيرپور کي انگريزن بحال رکيو. (۳)

---

(۱)- مولائي شيدائي رحيمداد خان، تاريخ تمدن سنڌ حيدرآباد ۱۹۵۹ سنڌ يونيورسٽي پريس، ص- ۵۸۰

(۲) ـــــ ايضاً ـــــ ص- ۵۸۱ - ۵۸۲ ـــــ

(۳) ـــــ ايضاً ـــــ ص- ۵۸۱ - ۵۸۲ ـــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 128

تالپرن جو دور ۱۱۹۷ھ/۱۷۸۳ع کان شروع ٿي ۱۲۵۹ھ/۱۸۴۳ع
ڌي ختم ٿئي ٿو. تالپرن جي حڪومت جو اهو دور تقريبًا ست سالن جو هو. هي
دور جيڪو ٻيڪ گهڻو مختصر آهي ۽ سندن عهد حڪومت ۾ اختلاف ۽ سياسي
جوڙ توڙ ۾ گذريو. ان ڪري پنهنجي حڪومتن ۾ طرف پورو لوڏ ڏئي نه سگهيا
ليڪن مجموعي حيثيت سان سندن دور ڪي هڪ ڪامياب دور چئي سگهجي ٿو. (۱)

تالپرن جي حڪومت جو نمونو مغلن ۽ ڪلهورن وانگر هو.
شريعت جو قانون سڄي ملڪ ۾ رائج هو. سندن پرگٽن ۽ تعلقن ۾ ورهايل هئي. هر
هڪ پرگٽي مٿان هڪ سزاولڪار مقرر هو. عدالتي ڪاتو قاضين جي هٿ ۾ هو ۽
عدالتي ڪاڻ وارا فيصلن ۾ اينگهڪين ڪندا هئا. مسلمانن جا فيصلا قاضي شرع
مطابق ڪندا هئا ۽ هندو پنچائت جي ذريعي فيصلا ڪرائيندا هئا. (۲)

سن ۱۷۸۰ع ۾ ڪلهورن جي صاحبي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ۾
وهيه آڻ تيمور شاهه جي حڪم سان مدد خان پٺاڻ دل وصول ڪرڻ جي ڀاڻي
سان سنڌ ڏي ڪاهي آيو. سري ڪان وڃي لاڙ ۽ ٺر تائين وسندڙ ۽ آباد گوٺ
پٺاڻ جي قرلٽ سان تباهه ڪري ويا، پر تالپورن ست وهين جي عرصي ۾ جيڪي
شهر يا گوٺ تعمير ڪرايا، سي اڄ به موجود آهن ۽ سندن نالن ڏي سڏجن ٿا.
ان زماني ۾ آس پاس جي مسلمانن ملڪن جي حالت ڏي غور ڪبوته يقين سان
چئي سگهجي ٿو ته هيرن جي صلح پسند ي حڪمت عملي ڪري صوبي ۾ امن امان
هو ۽ ماڻهو سکيا ستابا هئا. (۳)

---

(۱) - اعجاز الحق قدوسي، "تاريخ سنڌ" (حصه دوم) ۱۹۸۰ع، مرڪزي اردو بورڊ لاهور
ص. ۷۷۵

(2) - Burton. R.F. History of Sind. P.P 194. 195

(3) - Smith. J.W Gazetteer of the Province of Sind Vol. XI. P.P 48. 49. 1911

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 129

سنڌ جي تهذيب مغربي تهذيب کان مختلف هئي، تنهنڪري
کين سنڌ ۾ اونداهي ئي اونداهي نظر آئي. حقيقت اها آهي ته هندستان ۾ جيڪي
به شهر اسلامي حڪومتن جا تختگاهه هئا، مثلاً دهلي، لاهور، ملتان، جونپور،
ڪور، احمد آباد، بيجاپور ۽ لکنو، اهي علم ۽ ادب ۽ تهذيب ۽ تمدن جا عاليشان
مرڪز هئا.

(ت) علمي مرڪز ۽ ديني عالم

ميرن جي حڪومت ۾ سنڌ ۾ به گهڻائي مدرسا هئا، خاص طرح
سنڌ ۾ ڇهه علمي مرڪز مشهور هئا. انهن ۾ سيوهڻ، ٽٽو (ٽلٽي ۽ پرسان)
کهڙا، متعلوي (منياري)، مهڙ (ولهار عمرڪوٽ جي پرسان) ۽ چوٽياريون ايرندي
ناري ڇي. انهن مدرسن کي سنڌ جا تالپر حڪمران وڏي مالي مدد ڪندا هئا. ان
کانسواءِ مالدار ماڻهو به پنهنجو مال ملڪيتون مدرسن جي حوالي ڪندا هئا. پڙهائيندڙ
عالمن کي چڱي پگهار ملندي هئي ۽ سماج ۾ انهن جو وڏو مان مرتبو هوندو هو.(۱)

ميرن جي صاحبيءَ ۾ جيڪو اسلامي تعليم جو طريقو هو. تنهن
جانشان اڄا تائين موجود مسلمانن جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ ظاهر آهن. رڇ ڀرڻ،
جنهن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماتريءَ ۾ وسندڙ قومون" ۾ هڪڙو باب خاص
انهيءَ باري ۾ لکيو آهي، سوان وقت جي تعليمي سرشتي جو هن طرح نقشو چٽي ٿو:

"چوڪري کي ڪلڙ پڙهڻ سکڻ لاءِ صبح جو ڇهين ٻجي کان
شام جو ڇهين ٻجي تائين مڪتب ۾ موڪليو ويندو هو. آخوند هن
کي پهرئين "الحمد شريف" جا الف سيکاريندو آهي. هيءَ رسم
هڪ مذهبي فرض وانگر ادا ڪئي ويندي هئي. تنهن کان پوءِ شاگرد
آهستي آهستي مصحف شريف جو پويون پارو پڙهندو آهي.

---

(۱) - مولائي شيدائي رحيمداد خان، "جنت السنڌ"، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۹ ع
ص - ۷۸۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 130

سنڌ جي تهذيب مغربي تهذيب کان مختلف هئي، تنهنڪري
کين سنڌ ۾ اونداهي ئي اونداهي نظر آئي. حقيقت اها آهي ته هندستان ۾ جيڪي
به شهر اسلامي حڪومتن جا تختگاهه هئا، مثلاً دهلي، لاهور، ملتان، جونپور،
ڪور، احمد آباد، بيجاپور ۽ لکنو، اهي علم ۽ ادب ۽ تهذيب ۽ تمدن جا عاليشان
مرڪز هئا.

(ت) علمي مرڪز ۽ ديني عالم

ميرن جي حڪومت ۾ سنڌ ۾ به گهڻائي مدرسا هئا، خاص طرح
سنڌ ۾ ڇهه علمي مرڪز مشهور هئا. انهن ۾ سيوهڻ، ٽٽو (ٺٽي)، پرسان (ٺٽي)
کهڙا، متعلوي (منياري)، مهڙ (ولهار عمرڪوٽ جي پرسان) ۽ چوٽياريون اپرندي
ناري جي. انهن مدرسن کي سنڌ جا تالپر حڪمران وڏي مالي مدد ڪندا هئا. ان
کانسواءِ مالدار ماڻهو به پنهنجو مال ملڪيتون مدرسن جي حوالي ڪندا هئا. پڙهائيندڙ
عالمن کي چڱي پگهار ملندي هئي ۽ معاشري ۾ انهن جو وڏو مان مرتبو هوندو هو.(۱)
ميرن جي صاحبيءَ ۾ جيڪو اسلامي تعليم جو طريقو هو. تنهن
جانشان احيا تائين موجود مسلمانن جي مڪتب ۽ مدرسن ۾ ظاهر آهن. رڇ ڊبرٽن،
جنهن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماڻهو" ۾ سنڌ تي لکيو آهي. سوا سو وقت جي تعليمي سرشتي جو هن طرح نقشو چٽي ٿو:

"چوڪري کي ڪلڙ پڙهڻ سکڻ لاءِ صبح جو ڇهين ٻجي کان
شام جو ڇهين ٻجي تائين مڪتب ۾ موڪليو ويندو هو. آخوند هن
کي پهرئين "الحمد شريف" جا الف سيکاريندو آهي. هي رسم
هڪ مذهبي فرض وانگر ادا ڪئي ويندي هئي. تنهن کان پوءِ شاگرد
آهستي آهستي مصحف شريف جو پويون پارو پڙهندو آهي.

---

(۱) - مولائي شيدائي رحيمداد خان، "جنت السنڌ"، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۹ ع
ص - ۷۸۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 131

من کي اٽڪل ڇهه مهينا مذهبي تعليم جي اهڙن ابتدائي مرحلن
۾ لڳي ويندا آهن. تنهن کانپوءِ ڇوڪرو قرآن شريف جون ڪي
خاص آيتون حفظ ڪندو آهي. سڄاڻپ ۽ وقت ڪڍڻ به شروع ڪندو
آهي. آخوند ٻاهي ڪلڪ سان تختيءَ تي اِنڊا پائيندو آهي ۽ شاگرد
اهڙن جي مشق پچائيندو آهي، اهڙيءَ ريت ڇهه مهينا ڪافي سمجهيا
ويندا آهن." (۱)

ان سلسلي ۾ علامه داؤد پوٽو پنهنجي ڪيل مضمون "ميرن
جي ڏينهن ۾ مسلمانن جي تعليم" ۾ لکي ٿو:

"هن سطح تي رچرڊ برٽن ڇوڪرن جي تعليم ڏي
اشارو نه ڪيو آهي. حقيقت ۾ مڪتب واري عرصي اندر ڇوڪرا ۽
ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئا. قرآن شريف پورو ڪري، سنڌي ڪتاب
جهڙوڪ 'نورنامو' 'قصص الانبياء' وغيره به اڪثر گهرن ۾ پڙهندا هئا.
اگرچه فارسي عربي به اهڙن کي پاڙهي ويندي هئي." (۲)

جيڪڏهن شاگردن کي عالم ٽئڙ جوارا دوهوندو هو ته هُو
مٿي بيان ڪيل مدرسن مان ڪنهن هڪ ۾ داخل ٿيندو هو، جي گهوڙي پيدل
ادا ڪري هوندا هئا. ۽ وقف تي هلندا هئا، پٽ مالدار ۽ متقي ماڻهو اهڙن لاءِ پنهنجو
مال ملڪيتون وصيت ڪري ڇڏي ويندا هئا. [۳] تالپر پٽ اهڙن ادارن کي ماهيانو وظيفو

---

(۱) - رچرڊ برٽن، "سنڌ ۽ سنڌ ۾ وسندڙ قومون" حيدرآباد سنڌ ۱۹۷۱ع سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۱۲۵
(۲) - "الوحيد" سنڌ آزاد نمبر ۱۹۳۶ع، مضمون علامه داؤد پوٽو، "ميرن جي ڏينهن ۾ اسلامي تعليم" ص ۱۱۰

[۳] - رچرڊ برٽن لکي ٿو: "اسلام ۾ هيءُ هڪ نهايت ڪارآمد ۽ تعريف جوگو رواج آهي
ته ان جا ميمبندڙ مقبرن ۽ خانقاهن جي بدران مدرسن ۽ درسگاهن جي مدد ڪندا هئا."
(رچرڊ برٽن، "سنڌ ۽ سنڌو ماٽيءَ ۾ وسندڙ قومون" - ص - ۱۲۸)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 132

ڏيندا هئا. هر هڪ مدرسي ۾ هڪڙو يا به مخدوم هوندا هئا، جي وڏن شاگردن کي سبق ڏيندا هئا. انهن کي چڱي پگهار ملندي هئي ۽ خلق ۾ گهڻو مان ۽ تعظيم هوندو هيون. مدرسن لاءِ شاگردن جو تعداد مقرر نه هو. پر هر هڪ مدرسي ۾ شاگردن جو تعداد پنهنجي حالت پٽاندر هوندو هو. مثال طور، منيارئ جي مدرسي ۾ ويهڪ رهندا هئا. جن مان هر هڪ ۾ ٽي يا چار طالب العلم رهندا هئا. شاگردن کي روزانو کاڌي کان سواءِ ڪجهه پئسا به ملندا هئا. (۱)

سيرن جي ڏيهن ۾ مدرسي جو نصاب هن ريت هو:

جيڪي اڄ تائين مدرسن ۾ رائج آهي. صرف، نحو، منطق، فقه، تفسير، حديث معاني، بيان ۽ بديع. اهڙي طرح درسي ڪتابن مان 'ميزان الصرف'، جيڪو قلندر لعل شهباز جو لکيل آهي ۽ پياڪتاب جهڙوڪ 'اجناس' يا 'مشعب'، 'عقد'، 'زبده' ۽ 'مأئة عامل' گهوڙڪري يا دڪيا ويندا هئا. ڪي شاگرد زبده کي نثر ۾ يادڪندا هئا تڪي وري هميشه يادگيريءَ لاءِ ڪتاب کي نظم ۾ حفظ ڪندا هئا. انهن ڪتابن کي وري وري پڙهڻ بعد وري 'صرف' ڏانهن موٽندا هئا ۽ انهيءَ موضوع تي مير سيد علي شريف جو ڪتاب يا مولانا عبدالرحمان جاميءَ جو عربي ۽ فارسيءَ ۾ جوڙيل ڪتاب 'زرادي' پڙهندا هئا. ڪي شائق، انهيءَ فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ابن الحاجب جو ڪتاب 'شافيه' پڙهندا هئا ۽ سالهين وقت ڌاريئي منطق جو مطالعو شروع ڪندا هئا. (۲)

نحو جا جيڪي اعلى ڪتاب پڙهيا آهن، سي آهن، 'سجاونديءَ'، 'هداية النحو' ۽ آخر ۾ 'ڪافيه' پويون ڪتاب برزبان يادڪيو ويندو آهي. ۽ ان سان گڏ 'شرح ملاجامي' 'عبدالحڪيم' ۽ 'عبدالغفور' جا "حاشيه" پڙهيا ويندا آهن. منطق ۾ پهريائين 'ايساغوجي' پڙهيو هو، جو مولانا اثيرالدين ابهري جو عربيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي. اهو پهرين ڏاڪو هو، پوءِ ان جو شرح "قال الاقوال" پڙهيو هو، جي

---

(۱) - رجوع ڪريو "سنڌ ۽ سنڌو ماڻهو ۽ سندن قومون" ص - ص - ۱۲۷ - ۱۲۸

(۲) - "الوحيد" سنڌ آزاد نمبر، ۱۹۶۹ع - مضمون علامه داؤد پوٽو - "سيرن جي ڏيهن ۾ مسلمانن جي تعليم" ص - ۱۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 133

شاگرد وري "شمس بازغه" ۽ ان جا ۾ شرح پڙهندا هئا ۽ متن کي برزبان يادکندا هئا. متين کتابن پوري کرڻ بعد مشهور شاعر حافظ جو کلام علم تي کتاب "شمسيه" شروع کبوهو. پوءِ ان کتاب جو شرح "قطبي" تي منطق جو کتاب پورو شيندوهو. پر کي طالب العلم "زبده" تهذيب ۽ "سلم" به پڙهندا هئا. نحو ۽ کلام جي بحثن کان بچڻ لاءِ شاگرد جوڙهن. فقهي ۽ ديني اپيا س ڏي مائل کندا هئا. پوءِ ايئن حنفي فقه جا کتاب "هدايه" ۽ "وقايه" پڙهايا ۽ برزبان يادکرايا ويندا هئا. ننڍن طالبن ۽ چوکرين جي فائدي لاءِ کيترا ديني کتاب سنڌي نظم ۽ نثر ۾ لکيل آهن، ان کانپوءِ تفسير جا کتاب جهڙوڪ "جلالين"، "مدارک"، "بيضاوي"، "کشاف"، "جواهر"، "حسيني" ۽ ٻيا پڙهيا هئا. ان کانسواءِ ٻيا علم هن ريت هئا: قرأت، نجوم ۽ جفر، تاريخ حڪمت ۽ علم الخط. (۱) کيترا شاگرد نحو ۽ منطق ۾ انهيءَ منزل تي نه رسندا آهن، جو معاني ۽ بيان پڙهن، پر جيڪي نحو ۽ منطق پوريءَ طرح حاصل کندا آهن، سي به "تخليص" ۽ ان جي شرحن "مختصر" "مطول" کان پري نه ويندا آهن. (۲) مطلب ته ميرن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ علم ۾ جڏهن ترقي ڪئي ۽ ان زماني جي مذاق مطابق علم کاڻي اصلي معيار وارو هو. هر هڪ ميرو ت ڪتب خانو هو. جن ۾ نهايت قيمتي نسخا موجود هئا. هو دولت کان وڌيڪ ڪتابن کي پسند کندا هئا. شهدادائي ۽ سهراباڻي تالپر شيعا هئا، پر سندن دربار ۾ اهل سنت والجماعت وارن کي عزت هئي ۽ انهن کان صلاح مشورا ونندا هئا. آخوند قمر بقا، آخوند قمر عابد نڏوي ۽ آخوند قمر بچل سموراسڏيو هئا. (۳)

---

(۱) - "الوحيد" سنڌ آزاد نمبر ۱۹۳۶ع، مضمون علامه داؤد پوٽو "ميرن جي ڏينهن ۾ مسلماني تعليم" ص ۱۱۲

(۲) - مولائي شيدائي رحيمداد خان، "تاريخ تمدن سنڌ" حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي پريس ۱۹۷۶ع ص

(۳) - مولائي شيدائي رحيمداد خان، "جنت السنڌ"، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۶ع ص ۷۹۳-۷۹۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 134

ٿئي ۽ روهڑي جي سيّدن جي مالي امداد ڪئي ويندي هئي.

اهي ٻئي مقام سنڌ جون يونيورسٽيون سڏي سگهجن ٿيون. (۱)

ميرصاحب گهوٽڪري شاعري ڏانهن مائل هئا. سندن فارسي ۽ اردوءَ ۾ سندن ڪلام اڄ به موجود آهي. سندن درٻار ۾ عالم شاعر هر وقت موجود هوندا هئا. عالم، شاعرن ۽ درويشن کي وظيفا ڏيندا هئا. ڪيترائي ايراني ۽ هندستاني عالم ۽ شاعر سندن مجلس ۾ رهندا هئا. (۲)

اهڙيءَ طرح ميرن جي ڏينهن ۾ سندن علم پروريءَ ڪري سنڌ جا شهرا ڪراچي، عالم ۽ اهل قلم ۽ اديب فقرفاقن کان آزاد هئا. ان زماني جي رسم رواج ۽ وسائل موجب علم ڪافي ترقي ڪئي. وڏا وڏا جيّد عالم، مفسّر، محدّث ۽ فقيه نه فقط سنڌ پر دنيا جي بين ملڪن لاءِ فيض جو باعث ٿيا. (۳)

جيڪي ٿيڪ هن دور ۾ بيشمار عالم فاضل ۽ بزرگ پيدا ٿيا، جن پنهنجي علم ۽ عرفان سان سنڌ جي سرزمين کي چار چنڊ لڳايا، پر هتي اسان فقط چند معروف علماء جي ذڪر تي اڪتفا ڪئي آهي جن جو ذڪر هيٺ ڪيو ٿو وڃي.

معروف علماء.

مخدوم عبدالواحد (قاضي قمر احسان) بن مخدوم دين محمّد سيوهاڻي صديقي پاڻائي

جي ولادت سن ۱۱۵۰ھ/۱۷۳۷ع ۾ ٿي. سندس والد مخدوم دين محمّد "پاڻ" کي چڏي سيوهڻ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. ڪلهوڙن جي حڪومت طرفان قضا جي منصب تي فائز هو. مخدوم دين محمّد ظاهري علم سان گڏ تصوف سان به گهڻو ڇاهه رکندو هو. سنڌ جي عارف شاهه پاڻائيءَ لاءِ چيو وي ٿو ته

---

(۱) - E.H. Aitkon "Gazetteer of the Province of Sind" Karachi Sleam Press, 1907. (chapter) XII) P. 272.

(۲) - اعجاز الحق قدوسي "تاريخ سنده" (حصه دوم) لاهور، ۱۹۸۰ع مرڪزي اردو بورڊ ص - ۷۸۰

(۳) ——— ايضاً ——— ص - ۷۸۳ - ۷۸۴ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 135

وقت جاڀ وڏا عالم سندس گهراڏوست ۽ معتقد هئا. ڏکڻ ۾ مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ اتر ۾ مخدوم دين محمد سيوهاڻي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جڏهن سيوهڻ ويندو هو تہ مخدوم دين محمد وٽ رهندو هو ۽ جڏهن ٺٽي ويندو هوتہ مخدوم محمد معين ٺٽوي وٽ رهندو هو. (۱)

مخدوم عبدالواحد تعليم پنهنجي والدکان ورتي ۽ ٻوڙي ٿي وقت ۾ اهو ڪمال حاصل ڪيائين جو پنهنجي وقت ۾ سنڌ ۾ سڀني فقيهن ۽ وڏو عالم، فقيه، مدرس ۽ مفتي ليکيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو ڪليس نعمان ثاني جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. ڪيس سنڌ جي هڪ خاص علائقي جو تالپرن جي ڀاران مفتي تسليم ڪيو ويو. (۲)

مخدوم عبدالواحد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ڪان پوءِ سنڌ ۾ فن تحرير ۽ فقه ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو، هن بزرگ کي حنفي فقه ۾ وڏو درڪ ۽ ملڪو حاصل هو. سوين مسئلا حنفي مذهب جي قانون کي سامهون رکي پنهنجي اجتهاد سان حل ڪندو هو. مخدوم صاحب درس تدريس سان گڏ تصنيف جو شغل به جاري رکيو. پاڻ نہ رڳو عالم باعمل هو پر تقويٰ جو صاحب عارف ڪامل ۽ ڪشف ڪرامت وارو بزرگ هو. (۳)

مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جي سالگرهه ڪان مولانا محمد افضل جونالو سرفهرست آهي، جيڪو مخدوم صاحب جي ڪيل فتوائن ۽ تحريرن کي گڏ

---

(۱)- "الرحيم"، "مشاهير سنڌ نمبر"، ۱۹۶۷ع، حيدرآباد، ص ۵ - ۶

(۲)- وفائي دين محمد مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ"، حيدرآباد، ۱۹۸۵ع (پيگو پبليڪيشن) سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۲۴

(۳)- "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن، سنڌ آزاد نمبر، جون ۱۹۳۶ع، ص - ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 136

کندو رهندو هوء هن اهڙن فتوائن کي ٽن وڏن جلدن ۾ 'جمع المسائل علی حسب النوازل' ۾ نالي سان جمع کيو. جيڪي احڪام "بياض واحدي" ۾ نالي سان مشهور آهي. (۱) 'بياض واحدي' کانسواءِ ٻي تصنيف به گهڻيون آهن. جهڙوڪ 'حاشيه اشباه ونظائر'، 'ريش الانوار حاشيه الدر المختار'، 'ديوان واحدي' ۽ 'انشاء واحدي'. 'الوحيد' جي سنڌ آزاد نمبر' ۾ هن ڪتاب بابت لکيو ويو آهي ته هي ڪتاب فارسي علم وادب جو هڪ بينظير ڪتاب آهي. سنجيس علمي ۽ ادبي صنعتون عجيب وغريب آهن. پاڻ جهڙي طرح نثر ۾ قادر الڪلام هو، تهڙي طرح نظم ۾ به. (۲) مخدوم صاحب شاعري ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي سندس تخلص 'واحدي' هو، مخدوم صاحب جا ٻيا رسالا ۽ ڪتاب هئا، جن جي متعلق علامه قاسمي صاحب لکيو آهي:

"مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جا هي رسالا جن جو تعداد ۱۹ آهي، منهنجي نظر مان گذريا جيڪي پير حسام الدين راشدي جي علمي ڪتب خاني ۽ پير جهنڊي جي علمي لائبريري ۾ موجود آهن، انهن مان ڪجهه نالا هيٺيان آهن.

۱- 'اصدق التصديق با فضيلت الصديق' سال تصنيف ۱۱۸۹ھ

۲- 'الانهار المتناثرة في الاخبار المتواترة'، سال تصنيف ۱۱۹۶ھ

۳- 'لطف اللطيف في اعطاء الرغيف'

۴- 'مراة الحلية' سال تصنيف ۱۱۸۷ھ

۵- 'ڪشف الڪامن في علم الباطن' سال تصنيف ۱۱۸۵ھ

---

(۱) - وفائي دين فهه مولانا 'تذڪره مشاهير سنڌ' حيدرآباد، ۱۹۸۵ع سندي ادبي بورڊ ص - ۲۴

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۲۵ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 137

۶۔ 'تفسیرالقدیر فی اصنحیة الفقیر' ۽ ہن جا نالا 'الرحیم' بي مشاهیر نمبر جا ٹایل آهن." (۱)

مخدوم عبدالواحد جي هم عصر مان قاضي محمد شکارپوري ۽ محمد عثمان متعلوي سان سندس علمي مباحثا رهيا آهن. حنفي فقه بي مسائل استنباط ۾ کيس وڏو ملکو هو. مخدوم صاحب ۷۴ سالن جي عمر ۾ سن ۱۲۲۴ھ/ ۱۸۰۹ع ۾ رحلت ڪئي. (۲)

شیخ محمد عابد بن احمد علي انصاريؒ جي ولادت سنڌ بي قديرشهر سيوهڻ ۾ ٿي. هن ابتدائي تعليم هتي ئي حاصل ڪئي. شيخ محمد عابد پنهنجي محدث حسين انصاريؒ کان علم پرايو ۽ ڪتب حديث جي سند جنهنجو سلسلو سنڌ بي عظيم محدث ابوالحسن کبير سنديؒ ڏانهن پهچي ٿو، سا به پنهنجي چاچي کان ورتائين. (۳)

سنڌ جو هي گهراڻو اصل کان علم ۽ خيرسان شهرت رکندڙ هو. شيخ محمد عابد، يمن جي علمي مرڪز "زبيد" ۾ سکونت اختيار ڪئي ۽ اتي ئي وڏن عالمن ۽ حجاز جي مشهور عالمن کان به علمي استفاده ڪيو. شيخ محمد عابد سندي يمن ۾ ڪجهه وقت رهڻ کانپوءِ وري پنهنجي وطن سنڌ وريو. ان کانپوءِ سُنت ئي واپس مدينه منوره پهچي ويو. کيس مصر جي حاڪمن طرفان مدينه منوره جي عالمن جو رئيس ۽ سردار بڻايو ويو ۽ اتي تصنيف و تاليف، تدريس ۽ علم بي اشاعت ۽ وعظ نصيحت ۾ وفات تائين مشغول رهيو. (۴)

---

(۱) ۔ "الوحيد" اسپيشل ايڊيشن، سنڌ آزاد نمبر، حيدرآباد، جون ۱۹۳۶ع - ص - ۴

(۲) ——— ايضاً ———

(۳) ۔ "الرحيم"، مشاهير نمبر ۱۹۶۷ع ۔ شاه ولي الله اڪيڈمي حيدرآباد - ص ۱۰ ڪالم ۱۲

(۴) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 138

شيخ فهد عابد سندي جون ڪيترين ئي تصنيفات آهن.
هن صحيح بخاري جي مڪمل حديثن جا بابت هڪ بهترين ۽ عجيب ڪتاب لکيو. ڪتاب جو نالو 'منحة الباري بمكررات البخاري' رکيائين، جنهن مان عرب ۽ عجم فائدو ورتو. (۱)

ان کانسواءِ هن صحاح ستہ جي سڀني ڪتابن جي هڪ جلد ۾ لکيو هو ۽ 'فتح الباري شرح صحيح البخاري' جي به هڪ جلد ۾ لکيو هئائين. هي بهترين سندي عالم آهي، جنهن يمن ۾ فارسيءَ ۾ طب جو ڪتاب 'تحفة المومنين' آندو ۽ ڪيترن سالن کانپوءِ اهو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

سندس ٻين ڪتابن ۾ 'المواهب اللطيفة على مسند الامام ابي حنيفة'، 'طوالع الانوار على الدر المختار'، 'شرح تيسير الوصول حافظ شيباني' آهي. 'حصه الشارد في اسانيد فهد عابد' ۽ شرح مسند الامام الشافعي' جي ڪي جلدن ۾ آهي. (۲)

شيخ فهد عابد سندي ربيع الاول سن ۱۲۵۷ھ/ ۱۸۴۱ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس 'جنة البقيع' جي قبرستان ۾ حضرت عثمان رضي الله تعالىٰ عنه جي درواڙي جي آڏو دفن ڪيو ويو. (۳)

Gul Hayat Institute

مخدوم فهد ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف ٺٽوي جي ولادت سن (۱۰۶۲ھ/ ۱۶۴۸ع) ۾ ٿي. هن جي تعليم ۽ تربيت پنهنجي علمي گهراڻي ۾ ٿي. من

---

(۱) - "الرحيم"، 'مشاهير سنڌ'، ۱۹۶۷ع، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ص- ۱۰ کان ۱۲

(۲) - ايضاً ص- ۱۵ ۽ ۱۶

(۳) - تالپر فهد جمن داڪٽر، "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" (تيسرو) ۱۹۸۲ سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ص -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 139

ڇي تيرهن سالن جي عمر تائين سندس ڏاڏو مخدوم قمر هاشم ٽٽوي زنده هو.
مخدوم قمر ابراهيم ٻڌنجي سموري تعليم ٻڌنجي والد
مخدوم عبداللطيف کان پرائي. هيءُ ٻڌنجي ڏاڏي مخدوم قمر هاشم وانگر هڪ
وڏو مصنف به هو. مخدوم قمر ابراهيم جي تصنيف سندس هڪعمر مان مخدوم
عبدالواحد سيوهاڻي کي چڏي باقي ٻين سڀني کان گهٽي آهي. (۱) علامه غلام
مصطفىٰ قاسمي صاحب لکي ٿو:

"پير ڀنڊي لائبريري، مدرسه مظهر العلوم کڏه
ڪراچي جي ڪتبخاني، پير حسام الدين راشدي جي ذاتي ڪتبخاني
۽ يونيورسٽي جي لائبريريءَ ۾ مخدوم قمر ابراهيم جي اڪثر تصنيف
موجود آهي." (۲)

مخدوم قمر ابراهيم ٻڌنجي ڏاڏي جي قائم ڪيل مدرسه هاشميه
ٽٽي ۾ ٻڌنجي والد جي وفات بعد ڪجهه وقت درس تدريس جو ڪم جاري رکيو.
مخدوم قمر ابراهيم جي تصنيفات مان هيٺيان رسالا موجود
آهن جن جا نالا هي آهن.

۱- 'تهذيب البيان في اجوبة اسولة وصيد من اكابر الاخوة والخلان' (عربي)
۲- 'الاجازة للطريقة النقشبندية' (عربيءَ ۾ سنڌي ورسالو)
۳- 'توثيق الاسباق في سالة الصداق' (عربي)
۴- 'دماج المغنم' (عربي)
۵- 'الجفر الجعفري' (عربي) (۳)

---

(۱) - "الرحيم" مشاهير سند نمبر، ۱۹۶۷ع - شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، ص - ۱۸
(۲) ——— ايضاً ——— ص - ——— ۱۹ ———
(۳) ——— ايضاً ——— ص - ۱۹ ڪان ۲۲ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 140

مخدوم قمرابراهيم کامل ولين ۽ راسخ عالمن مان هو.

طريقت ۾ خواجه صفي الله کابلي (وفات ۱۲۱۲ھ) جو مريد هو. پاڻ بلند مقامات تي پهتل هو. سندس وفات سن ۱۲۲۵ھ/۱۸۱۰ع ۾ ڪيچ جي مڏي بندر ۾ ٿي، جتي مٿس عاليشان قبو اڏيل آهي. (۱)

ميٺاري. ميٺاري شهر هرات کان هجرت ڪري آيل عالي نسب سيّدن جو آباد ڪيل آهي. جيڪي متعلوي سادات جي نالي سان سنڌ ۾ پڪارجن آهن، انهن مان اڪثر معرفت جا صاحب ٿيا. سندس بزرگ ميرعلي شاه نائين صدي هجري ۾ هتي اچي آباد ٿيو.

ميٺاري قديم زماني کان وٺي دين ۽ علم و ادب جو مرڪز رهيو آهي. سڀ کان اول سيّد حابي شاه جو نالو ملي ٿو، جنهن جو زمانو ڏهين صدي هجري جي وچ ڌاري معلوم ٿئي ٿو. هو وقت جو وڏو عالم ۽ شهر جو قاضي، شريعت جو انتهائي پابند ۽ ولي الله هو. شهر جي اتر اولهه ڪنڊ تي سندس درسگاهه ۽ مسجد لاءِ مشهور آهي ته اتي پاڻ هڪ مدرسو هلائيندو هو. واڌرن لاءِ پاڻيءَ جا وڏا ٽٻا پريل هوندا هئا، جنهن ڪري "مٽ واري آري" مشهور ٿي ويو. جيڪو پوءِ "مٽ آري" ۽ "ميٺاري" زبان زد عام ٿيو.

Gul Hayat Institute

ٻارهين، تيرهين ۽ چوڏهين صدي هجريءَ ۾ علم و ادب ۽ قضا جي ميدان ۾ مٿيان سڀ ميٺارين جي ڪن خاندانن جو به تعلق رهيو آهي. آخوند عزيز الله متعلوي (وفات ۱۲۴۰ھ) سندي زبان ۾ پهرين قرآن پاڪ جو ترجمو ڪيو، جو ۱۸۷۰ع ۾ گجرات بمبئي جي چاپي خاني محمدي مان شايع ٿيو. (۲)

---

(۱) - "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹۶۷ع، حيدرآباد، شاه ولي الله اڪيڊمي، ص - ۲۲ ڪان ۱۹

(۲) - تالپور، محمد حسن ڊاڪٽر، "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" تيسرو ۱۹۸۲ع سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ - ص ۲۶۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 141

مخدوم محمد عثمان متعلوي (متياروي) جي ولادت بارهين

صدي هجري جي وچ ڌاري ٿي ۽ وفات تيرهين صدي هجري جي اوائل ۾ ٿي. هي بزرگ عالم، حافظ، مفتي ۽ مدرس هڪ ئي وقت ۾ محدث ۽ فقيه هو. ليڪن فقه کان به علم حديث جو رنگ مٿس غالب هو.

مخدوم صاحب پنهنجي تعليم سنڌ جي قديم شهر نصرپور ۾ اتان جي مشهور عالم، محدث ۽ صوفي مخدوم نور محمد کان حاصل ڪئي.

مخدوم محمد عثمان پنهنجي وقت ۾ فتويٰ ۽ درس جو مرجع هو. سندس درس مان سوين ماڻهو فيض ياب ٿيا. سنڌ ۾ عالمي فيض جون، سڀني کان پوءِ جن بزرگ وٽان گهڻون جاري ٿيون. فقه جي جزئيات ۾ جن بزرگ کي مجتهد في المذهب جو درجو نصيب ٿيل هو.

مخدوم محمد عثمان سنياريءَ جا به وڏا همعصر عالم هئا. جن سان هميشه هن جا تحريري مقابلا رهيا جن مان هڪ آهي مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي، جنهن جي بيان واحدي ۾ ڪيترين اهڙين تحريرون ملن ٿيون، جيڪي محمد عثمان جي رد ۾ لکيون ويون آهن. يا وري متياروي مخدوم، سيوهاڻي مخدوم جي ڪن تحريرن جي نقض ڪيو آهي ۽ تن جو جواب ڏنو ويو آهي. پاڻ برابر حنفي مذهب جو مقلد هو، پر سندس تقليد شاه ولي الله محدث دهلوي واري رنگ جي هئي.(۱) جن بزرگ وٽان ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو، جن ۾ قابل ذڪر نالا هي آهن.

آخوند هارون قانون گو متعلوي، حافظ عبدالغفور متعلوي، مولوي عبدالغني شمالي مهاجر مڪي، ميان محمد ذاڪر متعلوي، قاضي عثمان نوشهراڻي

---

(۱) - "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹۶۷ع، حيدرآباد سنڌ. ص ۳۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 142

حافظ محمد اسمٰعيل متعلوي، مولوي عبدالغني کنڌهري ۽ سندس فرزند مخدوم عبدالکريم المهاجر مکّي اڀي وڃن ٿا. (۱)

مخدوم محمد عثمان عالم حديث جي وڏي خدمت ڪئي هن ۲۹۶ بابن تي مشتمل 'مشڪوٰة' مان حديثون منتخب ڪري انهن جي شرح فارسيءَ ۾ 'بيان معاني احاديث منتخبه از مشڪوٰة المصابيح' جي نالي سان تاريخ ۲۹، ذوالحج ۱۲۰۰هـ ۾ لکي پوري ڪيائين. اهڙيءَ طرح ۱۲۱۷هـ ۾ 'صحيح بخاري' جو متن لکيائين. ان کان پوءِ هن 'شمائل ترمذي' جو پڻ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سندس طرفان مختلف درسي ڪتابن جي مشڪل جاين تي حواشي آهن، جي درس ڏيڻ وقت شاگردن جي سهولت لاءِ لکندو رهندوهو. ميرفتح علي خان تالپر جي وقت ۾ جن عالمن جي سپرد شرعي فيصلن جو ڪم هو، تن مان مخدوم محمد عثمان هڪ چونڊيءَ جو ماڻهو هو. (۲)

هن بزرگ سڄي عمر درس تدريس تصنيف تاليف ۽ فتويٰ نويسيءَ ۾ گذاري. ۲۰، ذوالحج جمعي ڏينهن سال ۱۲۱۹هـ ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو. مخدوم صاحب پنهنجي پويان هڪ فرزند عبدالکريم ڇڏي ويو جيڪو پڻ وڏو عالم هو. جنهن جي تربيت به پاڻ ڪئي هئائين. (۳)

---

(۱)- وفائي ديندمحمد مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ" (پاڻ ڦهريون) حيدرآباد ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص- ۲۰۱

(۲)- سيد حاجي علي محمد شاه دائراڻي، "مصلح المفتاح" ۱۹۷۰ع. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مقدمو) حيدرآباد سنڌ يونيورسٽي- ص- ۱۷

(۳)- وفائي ديندمحمد مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ" حيدرآباد، ۱۹۸۵ع ص- ۲۰۲، ۲۰۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 143

مخدوم عبدالکريم ولد مخدوم محمد عثمان منياروي سن

۱۲۰۰ھ/ هي مشهور عالم مخدوم عبدالکريم منيارن ۾ جائي، سندجو آخري محدث هو. جو بحرالعلوم جي لقب سان شهرت رکي ٿو. هن ساري تعليم پنهنجي والد مخدوم محمد عثمان منياريءَ کان ورتي. والد صاحب جي وفات کانپوءِ منيارين ۾ پڙهڻ ويٺو. علمي فراغت کان بعد سڄي سنڌ کي پنهنجي فيض سان سيراب ڪري ڇڏيائين.

مخدوم عبدالکريم جي ديني درسگاهه مان کيترائي طالب العلم فيض ياب ٿيا، جن ۾ مولانا عبدالغني ڪنڌهر وارو، مخدوم محمد حافظ عبدالباقي منياروي، مخدوم محمد يوسف ڪنياروي (وفات ۱۲۷۷ھ)، عبدالکريم ٽئوي، سيد علي محمد شاه دائڙائي، ڪوٽڙيءَ جو قاضي يار محمد، ميرحسن علي، قاضي ميان عبدالرحيم ٽئوي، ميان محمد صديق قابل ذڪر آهن. اهڙيءَ طرح فارسيءَ جو مشهور شاعر، غالب جو معاصر "دلخوش" ناطق مڪراني پڻ مخدوم عبدالکريم منياروي ۽ وٽ پڙهيو. (۱)

مخدوم صاحب جي تاليف مان "فرائد الاحڪام علی فرائض الاسلام" جو نالو ملي ٿو، جيڪي مخدوم هاشم ٽئوي جي ڪتاب "فرائض الاسلام" جو شرح آهي. ٻيو "حل المشڪلات علی الدرالمختار" جي نالي سان "درمختار" تي حاشيه لکيائين. سندس مرتب ڪيل بياض عالمن لاءِ مشعل راهه ٻڌيو. (۲)

مخدوم عبدالکريم پاڻ به ٻين همعصر سنڌي عالمن جهڙو

---

(۱) - "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹۶۷ع، ص - ۳۱

(۲) - تالپر محمد جمن ڊلڪش، "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" تيسرو، ۱۹۸۲ع سنڌ ثقافت کاتو حيدرآباد- ص، ۳۱۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 144

حافظ مسعود چوٽياروي، مخدوم قمر بختيارپوري، مخدوم قمرابراهيم ٽنوي وغيره جي تحريرن وغيره مان استفاده کيو ۽ انهن تي اعتماد کيو. مخدوم قمر عارف سيوهاڻي ۽ مخدوم قمر عابد سنڌيءَ ڏانهن مدينه ۾ سندس خط و کتابت هئي. مخدوم قمر عابد سنڌيءَ ڏانهن مدينه شريف ۾ پنهنجي هڪ فتوا لکي موڪليائين، جنهن جي مخدوم قمر عابد تائيد ڪئي. (۱)

مسئلن ۾ سندن تحريرن ۽ تصديق کي سند ٻي معتبر عالمن وڏو وزن ڏنو ۽ کين "مخدومين" ٻي لقب سان ياد ڪندا هئا. (مصباح المفتاح ص - ۱۶)

مخدوم عبدالڪريم جي زندگيءَ جي پوئين دور ۾ ميرمراد خان تالپر وفات ڪئي ۽ سندس ميرنورقمرخان ۽ ميرنصيرخان تخت نشين ٿيا. مخدوم صاحب جي دور ۾ حيدرآباد جي ميرصاحبن کي شڪست آئي ۽ انگريز سنڌ جا حاڪم ٿيا تہ مخدوم عبدالڪريم فرمايو:

"اسين فرنگي حاڪمن کي ڏسي نہ تاسگهون ان ڪري

اسانجهت رهڻ نہ ٿيندو" پوءِ پاڻ هجرت ڪري مڪي مڪرمہ هليوويو. جتي جتي ڇهہ سال رهڻ ڪانپوءِ سن ۱۲۶۱ھ/ ۱۸۴۵ع ۾ وفات ڪيائين. مخدوم صاحب جي وفات ڪانپوءِ سندس هڪ شاگرد، محدث عيسيٰ سنڌي مخدوم صاحب جي اهل و عيال کي ميارين ۾ واپس وري آيو. (۲)

---

(۱) - "اسلامي درسگاهہ" ص - ۳۱۳ .

(۲) - "الرحيم" مشاهير سنڌ نمبر - ص . ۳۳ .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 145

مخدوم فضل عارف بن مخدوم فضل حسن سيوهڙ ۾ صديقي

خاندان جو چشم چراغ هو. ۽ مخدوم دين فضل جو پوٽو هو. مخدوم عبدالواحد جي وفات کان پوءِ فتوائن ۽ درسگاهن ۾ ديني علوم ۽ اسلامي تبليغ جي ڪمي زور شور سان جاري رکيو. ان وقت تالپرن جي حڪومت هئي. جنهن ۾ هي خاندان شرعي فيصلن ۾ فتوائن جو مرجع هو. سندس چاچو مخدوم عبدالواحد جڏهن هن دنيا مان ۱۹۲۴ع ۾ رحلت ڪئي. تڏهن هي بزرگ ئي سندس جاءِ تي فتوىٰ ۽ قضا جو مالڪ مقرر ٿيو. (۱)

ان کان سواءِ مدرسي جو عاليشان انتظام رکندو آيو.

سندس تبحر علميءَ جي شهوري ڪري پري پري جا شاگرد علم جي تحصيل ڪندا رهيا. هن جي شاگردن مان مخدوم حبابي فضل الله پاڻ ئي خليفو حڪيم غلام محي الدين سيوستاني ۽ سندس فرزند مخدوم سيوستاني مشهور ٿي گذريا آهن. سندس حياتيءَ ۾ ئي هن بزرگ جا شاگرد هن جي فتوائن کي جمع ڪندا آيا. جو بياض مخدوم فضل عارف" نالي هڪ وڏو ڪتاب تيار ٿي ويو ۽ سندس عالمن لاءِ اهو ڪتاب سند طور ڪم ايندو رهي ٿو. (۲)

مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب سيوهڙ ۾ موجوده

حڪيم فضل مراد جي ذاتي ڪتبخاني ۾ مخدوم فضل عارف صديقيءَ جون مختلف تحريرون ۽ قلمي نسخا ڏٺا جن ۾ سندس مختلف نوٽ ۽ مهرون لڳل هيون. مثلاً تصوف ٻي هڪ ڪتاب "فتح الفضل" موجود هو. جيڪو تمام عمدي خط ۾ ڪيل هو. ان

---

(۱)- وفائي ديني فضل مولانا. تذڪره مشاهير سنڌ. ص - ۲۱۳

(۲) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 146

جي آخر ۾ ڪتابن کان فراغت جو سال ۱۲۳۳ھ لکيل هو. اهڙيءَ طرح ڪنز جو شرح مستخلص، قلمي نسخو به موجود هو، جنهن تي ۱۲۴۷ھ سن لکيل هو. (۱)

آخر ۾ هي عارف ڪامل بزرگ سن ۱۲۵۸ھ ۾ رحلت ڪري ويو. (۲)

حافظ عبدالوهاب عرف سچل سرمست سنڌ جو جڳ مشهور

صوفيءَ بزرگ درازن جي فاروقي خاندان جو وڏو وحدت الوجودي درويش ۽ بزرگ تي گذريو آهي. هو ميان صاحبڏني فاروقي جو پوٽو ۽ ميان صلاح الدين جو پٽ هو. سندس ولادت سن ۱۱۵۲ھ/ ۱۷۳۹ع ۾ ڳوٺ درازن ضلعي خيرپور ۾ تي، جڏهن اڃا ڇهن سالن جو مس ٿيو ته سندس والد وفات ڪري ويو. پنهنجي والد ميان صلاح الدين جي وفات ڪانپوءِ پنهنجي چاچي ۽ سهري خواجه عبدالحق جي سرپرستيءَ هيٺ رهيو. (۲)

حضرت سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو، سندس والدين ۽ ٻيا بزرگ کيس پيار مان "سچيڏنو" سڏيندا هئا، ان ڪري انهيءَ نالي سان مشهور تي ويو ۽ سندي شعر ۾ پنهنجو تخلص به "سچل" يا "سچو" رکيائين. سچل جو اندر خدا جي محبت سان اُجاريل هو. ننڍي هوندي ئي وڏي ذهن ۽ ذڪاء جو مالڪ هو. ڇوڏهن سالن جي عمر ۾ علمي فراغت لڌائين. هن ننڍي عمر ۾ئي حافظ عبدالله قريشيءَ وٽ قرآن شريف حفظ ڪيو. ان ڪانپوءِ سندس چاچي عبدالحق پاڻ کيس فارسي پڙهائي ۽ علوم عربيه متداوله جي تحصيل سان گڏ تصوف ۽ معرفت جي تڪميل ڪرائي. سندس چاچو عبدالحق به پنهنجي وقتجو اهل الله ۽ اهل دل بزرگ هو. (۳)

---

(۱) - "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹۶۷ع، حيدرآباد، ص - ۴۸

(۲) - وفائي ديندڙ مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ" (جلد پهرين) حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۵ع، ص - ۲۱۳ -

(۳) - مولائي شيدائي رحيم داد خان، "قدن سنڌ" حيدرآباد ۱۹۵۹ع سنڌ يونيورسٽي، ص - ۶۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 147

سچل سرمست روزي نماز جو سخت پابند هو. تن آرامي جو خيال به دل ۾ ڪين ايندو هوس، ايتري قدر جو حياتي ۾ ڪڏهن ڪتي به نه سمهيو. شريعت جي احڪامن جو گهڻو خيال ڪندو هو، سچل سرمست کي عشق الاهي اهڙو تهوڙي ڇڏيو جو حال کان بيحال ڪي مدامي مست ۽ جذبي ۾ رهندو هو. ڪنهن سُنڌ جو منهور، سڌ بڌي نه بي جا نه ٿيندو هو. هن کان اڳ به سنڌ ۾ گهڻائي وحدت الوجودي صوفي ٿي گذريا آهن. پر اهڙن سڀني ماڻ ۽ اشاري ۾ گالهه ڪئي آهي. سچل سرمست هن مسئلي کي ڪوبي نروار ڪري ڇڏيو ۽ سندس سڀ شعر انهيءَ جذبي سان سرشار آهي.

سنڌ جو معروف تاريخدان رحيمداد خان مولائي شيدائي لکي ٿو،

"شاه پٽائي ۽ سچل سائين جي ڪلام جو مضمون سڳيو ئي نج تصوف آهي يعني روح ۽ ربّ جو تعلق ۽ سچو عشق يا حقيقي عشق، مگر شاه سائين جيڪي روحاني حقيقتون پردي ۽ پوش سان بيان ڪيون آهن، سي سچل سرمست جي دڙڪ ڪليو ڪلايو چئي ڏيئون آهن." (۱)

سندس شاعري فارسي، اردو، سرائڪي ۽ سنڌي ۾ موجود آهي. فارسيءَ ۾ ديوان آشڪار، سندس وڏو شاهڪار آهي. سچل جو ڪلام تمام گهڻو هو. جو زماني جي خورد برد هيٺ اچي ويو، تنهن ڪانپوءِ به جيڪي ڪاڪ ٽمر وقت به سنڌي ادب جي دنيا ۾ موجود آهي، سو به ايترو آهي جو ٻئي ڪنهن هڪ شاعر جو ايترو موجود نه آهي. مثلاً سچل سرمست جو سنڌي رسالو، جنهن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي، ڏوهيڙا، ٽيهه اکريون، ڪافيون ۽ بهولٽا درج ٿيل آهن، ديوان آشڪار،

---

(۱) - مولائي شيدائي رحيمداد خان، "تاريخ تمدن سنڌ"، حيدرآباد، ۱۹۵۹ع، سنڌ يونيورسٽي، ص - ۶۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 148

'رازنامو' ۽ 'رهبرنامو' سمورو فارسي ڪلام آهي. 'قتل نامو'، 'گداز نامو' ۽ 'تارنامو' شيئي محبت جي نهايت باريڪ نقطن جا بياض آهن .(۱)

سچل سرمست کي فريدالدين عطار، شمس تبريزي، بايزيد بسطامي ۽ منصور وغيره سان غالباً نه عقيدت هئي. تنهن ڪري ئي پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترا دفعا محبت ۽ جان يار ڪيو آهي. سندس سڀ ڪلام سوز، گداز، درد ۽ غم سان ڀريل آهي. سندس ڪلام 'همه اوست' جي رنگ ۾ رڱيل آهي.

سچل سرمست جذبي الهي کان عروج جي حالت ۾ بي ساخته، منصور، عطار ۽ تبريزيؒ وانگر شطحيات ڪلام ڀڻي ويندو هو. جنهن کي هڏي ڪن عالمن، دين ۽ شريعت جي قاضين سندس خلاف ڪفر جون فتوائون به صادر ڪيون. روايت آهي ته سچل سائين پنهنجي ڪلام جا ڪي بياض پاڻي ۾ لوڙهي ضايع ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڪجهه روبرو ساڙائي ڇڏيا هئا، ته متان منهنجي اهڙي ڪلام هڏڻ ۽ پڙهڻ سان ماڻهو شريعت کان پلجي گمراهه ٿين.

سنڌ جو هي صوفي بزرگ ۽ باڪمال شاعر ۱۴ رمضان سن ۱۲۴۲ھ/ ۱۸۲۶ع ۾ هن دنيا مان موڪلايو. (۲)

ترهين صدي هجريءَ جي عالمن مان هڪ مايه ناز عالم مخدوم فضل الله صديقي پاڻائي آهي.

مخدوم فضل الله سيوهڻ جي صديقي خاندان جو هڪ وڏو عالم ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريو آهي. سيوهڻ کان پاٽ ۾ اچي درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. جنهن ڪري پاڻائي مشهور ٿي ويو. هن بزرگ جو سڀ خاندان

---

(۱) - مرتب عثمان علي انصاري، "رسالو سچل سرمست"، ڪراچي- حيدرآباد سنڌ، ۱۹۵۸ع سنڌي ادبي بورڊ. (مقدمو) ص- ۳ ۽ ۵

(۲) ـــــ ايضاً ـــــ ص- ۵ ـــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 149

عالمي هو، انکري جيئي سگهبي تہ سيوهڙ ۾ ئي تعليم حاصل ڪئي هوندائين غالب گمان آهي تہ ان وقت هن خاندان ۾ وڏن عالمن مخدوم محمد عارف سيوهاڻي ۽ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي ڪان ضرور فيض حاصل ڪيو هوندائين. علم جي تڪميل ٿلهي نواب شاهه ۾ ڪئي ۽ پوءِ مخدوم محمد يوسف کان ڪيائين ۽ ان کان ئي طريقت ۾ بيعت ورتي هئائين ۽ خلافت جو خرقو پڻ حاصل ڪيو هئائين. (۱)

مخدوم فضل الله نہ رڳو هڪ وڏو عالم هو، پر فارسيءَ جو هڪ وڏو شاعر پڻ هو. ڪيريءَ جي مسجد جي بنا جي تاريخ سندس چيل آهي. مخدوم صاحب هڪ وڏو فقيه ۽ محرر پڻ هو، جنهن لاءِ ڪيئي قديم فقهي تحريرون بٹوت موجود آهن. سندس شاگردن مان مخدوم قاضي شفيع محمد صديقي پاڻاڻي جونالو قابل ذڪر آهي، جو هڪ وڏو فقيه ۽ شاعر پڻ ٿي گذريو آهي. مخدوم فضل الله پاڻاڻي جي تحريرن جو مجموعو سنڌ جي مختلف قديم ڪتبخانن ۾ موجود آهي جن کي جمع ڪرڻ سان ڇڪو فقهي ڪتاب جڙي سگهي ٿو.

مخدوم فضل الله جي تصنيفات مان "اصلاح المصلح المفتاح" فارسي ڪتاب وڏي شهرت رکي ٿو، جنهن جو سنڌي ترجمو مخدوم محمد انور لاڙاڻي ڪيو، بعد ۾ ان دور جي جيد عالم سيد حاجي علي محمد شاه داڻاڻي واري ان ۾ آيل روايتن جي چنڊ چاڙ ڪري هڪ جلد تيار ڪيو جنهن جونالو "مصلح المفتاح" يعني (سيد داڻي واري ۾ سنڌي) رکيائين.

مخدوم فضل الله پاڻاڻي سن ۱۲۹۰ھ ۾ وفات ڪئي. (۲) هن ديني عالم سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جن مان گهڻا اڻ چپيل آهن. ڪتابن جو تفصيل هن طرح آهي:

۱- ترتيب الصلوٰة:- هن ۾ نماز جي مسئلن بابت تفصيل آهي. هن جي رد ۾ مخدوم محمد عثمان نورنگزادي هڪ رسالو لکيو، ان جو جواب مخدوم عبدالصمد ڏنو. ۲- تصوف نامو، ۳- وحدت نامو. [۳] ۴- نڪاح نامو. ۵- زيور نامو. ۶- معجزن نامو. ۷- موجزو. ۸- ساموندي سوداگر ۽ جالهه حديثون. هي سڀ ڪتاب پاڻ ۾ صديقيه خاندان جي لائبريري ۾ محفوظ آهن. (۴)

---

(۱) "الرحيم" مشاهير سنڌ نمبر - ۱۹۶۷ع - حيدرآباد - ص ۱۹۷

(۲) ——— ايضاً ——— ص ——— ۱۹۸

[۳] - مخدوم فضل الله صديقي جي ڪتاب سنڌي "وحدت نامه" جي حافظ محمد يوسف ديمڙ شيارويءَ سال ۱۹۷۷ع ۾ تيسن ڪلي پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

(۴) - ماهنامه "پيغام"، ڪراچي فيبروري، مارچ ۱۹۸۲ع ص - ۷۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 150

پير قمر راشد (روضي ڏي)

پير صاحب پاڳارن جي سلسلي جو پيشوا ۽ عارف بالله پير قمر راشد پهرين پاڳارو وادي سنڌ جي انهن برگزيده بزرگن ۽ اولياڻن مان هڪ بزرگ ۽ پير طريقت آهي، جنهن اسلام جي املي روح کي ڦهلايو. پير قمر راشد جي ولادت سن ۱۱۷۰ھ/۱۷۵۷ع ۾ ٿي. سندس والد قادري طريقي جو وڏو پير طريقت ۽ مخدوم قمر اسمٰعيل پر يالوءَ واري جو خليفه مجاز هو. پير قمر راشد جي ابتدائي تربيت سندس والد ماجد وٽ ٿي ۽ ظاهري تعليم وقت جي وڏي محدث ۽ فقيه الحاج فقيرالله علوي شڪارپوري وٽ ورتائين. سندس هڪ ٻيو استاد مخدوم يار قمر ڪوٽڙي ڪبير، واروپڙ جيلو وڃي ٿو ۽ آخري علمي واڌ لاڙڪاڻي ضلعي جي "آريجا" ڳوٺ (تعلقي ڏوکري) جي عظيم عالم مخدوم "قمر"[1] وٽ ڪيائين. (۲)

سنڌ جو مشهور عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"پير قمر راشد روضي ڏي ۽ ڪهڙن جي مشهور عالمن، مخدومن وٽان تعليم حاصل ڪئي هئي. قادري ۽ نقشبندي طريقن مان عوام کي فيض عام ڏنائين.

Gul Hayat Institute

---

[1] - هي بزرگ عالم استاذ الڪل جي لقب سان مشهور آهي. هالاڻي وارا مولانا سيد قمر عاقل شاهه جن پاڻ مخدوم قمر آريجائي وٽ علمي واڌ لڏي هئي ۽ انهن وٽان وري مولانا عبدالحليم صاحب "ڪنبڙي" وارا پڙهي فارغ ٿيا ۽ اتر سنڌ م انهن جي ئي علمي سلسلي زور ورتو. استاديءَ جو اهو سلسلو مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽيءَ تي پهچي ٿو. ("الرحيم" مشاهير سنڌ نمبر، ص - ۲۲، ۲۳)

(۲) - (مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪافيون، جلد پهرين، حيدرآباد، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ - ص - ۳۳)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 151

پير فقير راشد، باطني فيض پنهنجي والد سيد فقير بقاءَ
پرايو ۽ توري ئي وقت ۾ سندس طريقي کي اها مقبوليت ۽ شهرت حاصل ٿي، جو
سنڌ ته چڏيو پر راجپوتانا رياستن ۽ بلوچستان جالڪين ماڻهو ٻڌ سندن طريقي
۾ داخل ٿيا. اها حقيقت آهي ته هڪڙي طرح امام رباني هندم بدعت ۽ شرڪ جي خلاف
هاڪ ري سنت کي زور وٺايو. ماڻهن ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي
اصحاب سڳورن جي محبت ۽ عزت ڪرڻ واري جذبي کي جاڳائي غلط عقيدن جي
پاڙ پٽي چڏي. اها سالڻي صورت هتي سنڌ ۾ پيش آئي. هن سلسلي ۾ پير فقير راشد
به اهڙو ئي ڪم ڪري ڏيکاريو. ٽالپرن جي حڪومت ۾ بدعتن ۽ غلط خيالن سنهن ڪيو
هو، ۽ سندن حڪومت جي طرفان انڙ سڌي طرح پشت پناهي ٿي رهي هئي، تنهن
کي پير فقير راشد رهني ڏئي پنهنجي فيض ۽ ديني تبليغ سان ان اثر کي ختم ڪري
چڏيو. (۱)

پير فقير راشد جو سلوڪ ۾ جيڪو مقام ۽ مرتبو هو، اهو
سندس ملفوظات [۲] مان معلوم ڪري سگهجي ٿو، جنهن کي سندس همڪ خاص ۽ وڏي
خليفي محمود نظاماڻي خليفي غلام فقير مهيسر گڏ ڪيو آهي. اهڙي طرح سندس
مڪتوبات به ظاهري ۽ باطني علم جي اسرارن سان پريل آهن. سندس تصنيفات
مان "شرح اسماء الحسنى" علم ۽ هدايت جو هي آفتاب پهرين شعبان سن ۱۲۳۳ھ/
۱۸۱۸ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو. (۳)

---

(۱)- "الرحيم" مشاهير سنڌ نمبر ، ص - ۲۳

[۲] - پير فقير راشد جي "نفحات الڪرامات" يعني (ملفوظات) جو سنڌي ۾ ترجمو
، مجمع الفيوضات' جي نالي سان مولانا فقير قاسم هشوري صاحب ڪيو آهي .

(۳) - "الرحيم" مشاهير سنڌ نمبر ۱۹۴۰ع - ص. ۲۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 152

پير علي محمد شاھ دائڑائي وارو - ٻارھين صدي هجري جي آخر ۽ تيرھين صدي جي شروع واري عرصي ۾ شيخ طاھر جي درگاھ وارو ڳوٺ موجوده "ڏيرو لعل" تعلقو ھالا ضلعو حيدرآباد هڪ عاليشان درس گاھ ٿيو. جنھن جي علمي حلقي (دائڑي) سبان ھي ڳوٺ "دائڑو شريف" سڏجڻ ۾ آيو.

هي درسگاھ شروع ۾ قرآن شريف جي حفظ قرأت سان مشهور ٿي. دائڑائي ساراتن تورڙي ۽ بين بزرگن مان هتي وڏا قابل قاري ۽ حافظ پيدا ٿيا. جي هن درسگاھ جا اوائلي معمار ٻڌيا. منجھانئن سيد محمد مسعود عرف سيد معصوم (وفات ۱۱۸۳ھ) هن درسگاھ جو پھرين عالم ۽ استاد آهي، جنھن درس تدريس جي سلسلي کي فروغ ڏنو. (۱)

سندس سوٽن مان سيد حمزه شاھ بنوري نقشبندي جي اولاد مان تاريخ ۵، رجب سن ۱۵۲۶ھ/ ۱۸۱۱ع ۾ سيد علي محمد شاھ بن نيڪ محمد شاھ جائو. هن قرآن شريف جي ابتدائي تعليم دائڑي شريف جي درسگاھ ۾ ورتي. نون سالن جي عمر ۾ قرآن حڪيم پڙھيو ۽ حفظ ڪيو ۽ سجاده نشين يا صاحب دائڑه ٿيڻ بعد ثانوي ۽ اعلى تعليم جي تڪميل لاءِ ٻيارن ۾ علامه مخدوم عبدالڪريم جي درسگاھ ۾ داخل ٿيو. تعليم جي هر مرحلي ۾ هن قابل استادن علامه مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم عثمان متعلوي ۽ مخدوم محمد مبين جي رهنمائي ۾ پنھنجي تعليم مڪمل ڪيائين. ان وقت جي دستور مطابق منتهي جي درسي ڪتابن ۽ خصوصي مطالعي خاطر ڪن بين عالمن کان استفاده ڪيائين، جن مان مخدوم ابراهيم ولھاريءَ جو نالو قابل ذڪر آهي. (۲)

---

(۱) "الرحيم"، مشاهير سندھ نمبر ۱۹۶۷ع حيدرآباد مبي بخش بلوچ، سيد علي محمد شاھ دائڑائي (مضمون) ص ۳۷-۳۸

(۲) - سيد تاري علي محمد شاھ دائڑائي: "مصلح المفتاح"، مقدمو حيدرآباد مبي بخش خان بلوچ، ۱۹۷۰ع سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ص - ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 153

پيرعلي محمد شاهه دائڑءِ جاوارو - ٻارهين صدي هجري جي آخر ۽ تيرهين صدي جي شروع واري عرصي ۾ شيخ طاهر جي درگاهه وارو ڳوٺ موجوده "ڏيرولعل" تحلقو هالا ضلعو حيدرآباد هڪ عالمشان درس گاهه ٿيو. جنهن جي علمي حلقي (دائري) سبان هي ڳوٺ "دائڑو شريف" سڏجڻ ۾ آيو.

هي درسگاهه شروع ۾ قرآن شريف جي حفظ قرأت سان مشهور ٿي. دائڑائي ساداتن تورڙي ۽ بين بزرگن مان هتي وڏا قابل قاري ۽ حافظ پيدا ٿيا. جي هن درسگاه جا اوائلي معمار ٻڌيا. منجهانئن سيد محمد مسعود عرف سيد معصوم (وفات ۱۱۸۳ھ) هن درسگاهه جو پهرئين عالم ۽ استاد آهي، جنهن درس تدريس جي سلسلي کي فروغ ڏنو. (۱)

سندس سوٽاڻ مان سيد حمزه شاه بنوري نقشبندي ۽ اولاد مان تاريخ ۵، رجب سن ۱۵۲۶ھ/ ۱۸۱۱ع ۾ سيد علي محمد شاه بن سيد محمد شاه جائو. هن قرآن شريف جي ابتدائي تعليم دائڑي شريف جي درسگاهه ۾ ورتي. ڏهن سالن جي عمر ۾ قرآن حڪيم پڙهيو ۽ حفظ ڪيو ۽ سجاده نشين يا صاحب دائڑه ٿيڻ بعد ثانوي ۽ اعلى تعليم جي تڪميل لاءِ منيارن ۾ علامه مخدوم عبدالڪريم جي درسگاهه ۾ داخل ٿيو. تعليم جي هر مرحلي ۾ هن قابل استادن علامه مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم عثمان متعلوي ۽ مخدوم محمد مبين جي رهنمائي ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪيائين. ان وقت جي دستور مطابق منتهي جي درسي ڪتابن جي خصوصي مطالعي خاطر ڪن بين عالمن کان استفاده ڪيائين، جن مان مخدوم ابراهيم ولهاري جونالو قابل ذڪر آهي. (۲)

---

(۱) "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر ۱۹۶۷ع ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سيد علي محمد شاهه دائڑائي (مضمون) ص ۳۶-۳۸

(۲) سيد غلام علي محمد شاه دائڑائي، "مصلح المفتاح"، مقدمو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ۱۹۷۰ع سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ص ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 154

سيد حابي علي قادر شاه رسمي تعليم جي تڪميل ڪانپوءِ پنهنجي ذاتي مطالعي ۽ تحقيقي صلاحيت کي ڏينهون ڏينهن وڌائيندو رهيو ۽ فقه حنفيءَ جي عالمن جا ڪتاب هڪ هڪ ڪري مطالعو ڪيائين خصوصًا سنڌ جي آڳين تورڙي همعصر عالمن جي تصنيف، بياض، تحريرن کي غور سان پڙهيائين. اهڙيءَ طرح عالم اسلام جي حنفي علماء ۽ سنڌ جي حنفي علمائن جي تحريرن تقابلي مطالعي سان ڪيس سنڌ جي عالمن جي مسلڪ ۾ ڪي خصوصيتون نظر آيون، جن کي هن پوءِ پنهنجي بياض ۾ لوڙي پنهنجي مشهور تصنيف 'مصلح المفتاح' ۾ نروار ڪيو. (۱)

هي ڪتاب اصل ۾ 'مفتاح الصلوٰة' جي نالي سان مخدوم فتح محمد ولد شيخ عيسىٰ جند الله فارسيءَ ۾ لکيو. ان جو هن عالمن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جن مان هڪ ترجمو مخدوم انور الڏائي جو هو. سيد قاري حابي علي محمد شاهه ان ترجمي کي سامهون رکي کيترن ئي فقهي ڪتابن جو مطالعو ڪري فائز جي مسئلن ۾ هڪ بينظير ڪتاب لکيو. ان جو نالو 'مصلح المفتاح' رکيائين. هن ڪتاب کي پڙهڻ ڪانپوءِ خبر پوي ٿي ته هن بهرو ڪتاب ٻي زبان ۾ شايد ورلي لبندو.

هي ڪتاب ۵۸۳ صفحن تي مشتمل آهي. تاريخ ۱۹۷۰ع

اهو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان ڊاڪٽر ٻڌي بخش خان بلوچ جي تحقيق سان شايع ٿي چڪو آهي. اهڙيءَ ڪانسواءِ سيد صاحب جا ٻيا ڪتاب به سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. مثلاً مختصر مصلح المفتاح ڪڏهن جي بانگ جي باري ۾ هڪ رسالو ۽ هي تصنيف فارسي زبان ۾ اٿس. (۲)

---

(۱) - "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹۶۷ع ص - ۳۸

(۲) - ماهوار "پيغام"، فيبروري - مارچ، ۱۹۸۲ع - محمد حسين سهاولي، "سنڌي ساهتيه ۽ سنڌي عالم" (مضمون) صفحو ۷۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 155

سيّد علي قدشاه دائڑائي کي علمي مطالعي ۽ تحقيق سان گڏ مدرسي جي انتظام جوبه اونوهوند وهو. سندس دور ۾ هي مدرسو وڏي اوج تي پهتو ۽ ان جو علمي دائرو وڏو وسيع ٿيو. پاڻ هڪ استاد جي حيثيت ۾ درس ڏيندو وهو ۽ ونانئس ڪيترائي شاگرد علمي فراغت حاصل ڪري سند کان ٻاهر عرب تائين پهتا.

سيّد علي قدشاه جي تصنيف مان 'مصلح المفتاح' سند ۾ مشهور ۽ معروف آهي، جيڪا 'دائڑي واري جي سندي' به سڏ جي ٿي سند جو معروف اديب، عالم ۽ محقق ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"هي ڪتاب حنفي فقه جي اعتبار کان نمازي مسئلن ۾ هڪ تفصيلي ۽ تحقيقي ڪتاب آهي." بيان سيّدي "سندس يادگار آهي، جنهن ۾ مختلف ماخذن مان مسئلا جمع ڪري ڪليل آهن. آخري عمر ۾ يعني وفات کان ڇهه سال ڪن اڳ ۱۲۸۱ھ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ولادت ۽ سيرت بابت هڪ رسالو "زبدة الموالید" نالي لکيائين. سندس قلمي تحريرون، هاڻي ولهار ۽ چوٽيارين ۾ بزرگن جي آثار ۾ ملن ٿيون. مجموعي طور چئي سگهجي ٿو ته، سيّد علي قدشاه سند ۾ فقه حنفي جي وڏن عالمن مان هو. سندس ڪتاب 'مصلح المفتاح' فقهي جستجو ۽ تحقيق جو هڪ نادر نمونو ۽ علمي شاهڪار آهي". (۱)

سيّد علي قدشاه دائڑائي تاريخ ۱۹، خميس ڏينهن، ماه محرم سن ۱۲۸۷ھ / ۱۸۷۰ع ۾ وفات ڪئي ۽ دائڑي شريف ۾ مدرسي ۽ مسجد ڀڳ مدفون ٿيو. (۲)

---

(۱) "الرحيم"، مشاهير سند، ۱۹۶۷ع، ص - ۳۹

(۲) ــــ ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 156

مولانا مفتي فقير اتر سنڌ جي گوٺ پير تعلقي قنبر

(ضلعي لاڙڪاڻو) جو مشهور مفتي ۽ قاضي ٿي گذريو آهي. سندس والد بزرگوار، مولانا عبدالله قريشي صديقي پٽ هڪ وڏو اهل دل عالم ٿي گذريو آهي. مولانا عبدالله اصل ۾ رتيديري تعلقي جو ويتل هو. اتي رتيديري جي آسپاس ۾ هڪ سيد سڳورو گامڻ شاه نالي هڪ وڏو بزرگ هو، جنهن جو مولانا عبدالله قريشي معتقد هو. سيد صاحب پنهنجي هڪ مريد جي نياڻيءَ سان سن ۱۱۵۸ھ/ ۱۷۴۵ع ۾ سندس شادي ڪرائي. جتان کيس هڪ پٽ ڄاڻو جنهن جو نالو فقير رکيائين. ننڍڙو هار اڃا ٻن سالن جو به نٿو ته سندس والد مولانا عبدالله گذاري ويو، ۽ هن ننڍي ننگر جي تربيت جو سڄو بار سندس مائ ۽ ماميٽي پيو. (۱)

جڏهن مولانا فقير ڪجهه وڏو ٿيو ته کيس پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. ابتدائي تعليم ڪٿي پرايائين؟ ان جي ڪا خبر نه آهي. باقي ابتدائي تعليم ڪان پوءِ واري تعليم لاءِ سندس ماموکيس استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪنڊويٽي جي خدمت ۾ روهڙيءَ ونٽي ويو. هن اتي نه رڳو ظاهري علم پرايو، پر باطني فيض به مولانا عبدالحليم کان پرايائين. ظاهري علم کان فارغ ٿيڻ سان ڏاڍ وڏڻ باطني علم جون منزلون طئي ڪري ڇڏيائين. مولانا فقير روهڙيءَ مان فارغ ٿي گوٺ پهتو. اتفاق اهڙو ٿيو جو رتيديري تعلقي ۾ اچي ڪار پيو، جنهن ڪري مولانا فقير جو ماموٽاتان ڇڏي ٻيهر تعلقي قنبر ۾ اچي رهيو. هتي مخدوم فقير عاقل کڙن واري جي جاگير هئي، ۽ سندس مريد به هئا. ان سانگي مخدوم فقير عاقل صاحب پير شهر ۾ آيو. مولانا فقير صاحب ساڻس ملڻ آيو پر ٻين عام ماڻهن وانگر هي به اچي ويٺ ويهي رهيو. سندس علم جي عام ماڻهن ۾ اڃا شهرت نه ٿي هئي.

---

(۱)- "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ص- ۷۸ - ۷۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 157

مخدوم محمد عاقل هن جي ديني شڪل ڏسي ڪانئس
ڪي سوال ڪيا جن جا هن جواب ڏنا ۽ پوءِ وري مخدوم صاحب کان هن ٻي
علمي سوال ڪيا جنهن لاءِ مخدوم صاحب کي ڪتاب ڏسڻ پيا جيڪي ان وقت
موجود نه هئا تنهن تي مولانا محمد هيٺيون فارسي بيت پڙهيو:
علم همان است که در جلد خويش ـ علم ها نيست که در جلد ميش
مخدوم صاحب اهو ٻڌي اٿيو ۽ مولانا محمد کي اٽاري ڪٽ تي سيراندي ڪان پاڻ
سان گڏ وٺهرايائين ۽ ڪيس پيرڻ جو قاضي مقرر ڪرايائين.

مولانا محمد پيرائي ديني تعليم ۽ تبليغ کي فروغ ڏيڻ لاءِ پير
جي گوٺ ۾ هڪ ديني درسگاهه قائم ڪئي. جڏهن سندس ديني علم جي ساک
ٻوراڻين هندن تائين پهتي، جنهن ڪري سوين طالب العلم ونئن کي آيا
اهڙي طرح مولانا مفتي محمد درس تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو پڻ
جاري رکيو.

مفتي پيرائي صاحب جي تصنيف ۽ تاليف جي سلسلي ۾ سندس
فقهي تحريرن ۽ فيصلن جو هڪ وڏو مجموعو ۽ بياض اڃا تائين سندس اولاد وٽ
موجود آهي، جيڪو "مخزن الروايات" [۱] جي نالي سان معروف آهي.

مولانا مفتي صاحب مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جو معاصر
هو ۽ ساڻس تحريري مقابلا به ٿيندا هئا. ان کانسواءِ مولانا محمد پيرائي صاحب پير سيد محمد
بٺا راشدي. وفات (۱۱۹۸ھ) سان به عقيدتمندانه لڳاپا هئا ۽ ان کانپوءِ پير سيد محمد راشد

---

[۱] - راقم جو مولانا پير محمد ۽ مولانا غلام صديق قريشي جي سوانح عمريءَ لاءِ سندس گوٺ
جوٽاڻي شريف (تعلقو ولهار) وڃڻ ٿيو، جتي سندس ڪتبخاني ۾ "مخزن الروايات"
(قلمي) ڏسڻ جو موقعو مليو. هي مجموعو ڇهن جلدن ۾ ڦهليل هو. هن ۾ فقهي
مسائل بهترين خوشخطيءَ ۾ ڪيل آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 158

روضي ڏڻي ۽ سندس اولاد سان به آمدرفت جورستو جاري رهيو. جڏهن مفتي صاحب سن ۱۲۷۳ھ ۾ وفات ڪئي تہ ان وقت موجود پير صاحب پاڳارو سيد حزب الله شاهه پير ۾ آيو ۽ مفتي صاحب جي پٽ مولانا فضل ڪامل سان عذر خواهي ڪيائين.

مولانا مفتي فضل وڏي عمر لڏي ۽ ۱۱۵ سال جي ڄمار ۾ سن ۱۲۷۳ھ/۱۸۵۶ع ۾ مهيني جمادالاول ۾ وفات ڪيائين. (۱)

مولانا فضل حيات ميان فضل ڪامل ڪنباريءَ جو ٻيو نمبر فرزند آهي. ميان فضل ڪامل جي وڏي فرزند جو نالو فضل حاجام آهي. جيڪو رڳو فارسي پڙهيو هو. ميان فضل ڪامل جي وفات کان پوءِ جڏهن سجاده نشينيءَ جو سوال ايتو. تڏهن ميان نور فضل صاحبزاده مخدوم فضل صديق گهوٽڪيءَ وارا ۽ استادالعلماء مولانا عبدالحليم ڪنڊوي ڳڻ جي مولانا فضل حيات کي مسند تي ويهاريو. (۲)

مولانا فضل حيات هڪ وڏو عالم هو. مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جو هم درس به رهي چڪو هو قرأت جو به ماهر هو. علم حديث ۾ ڪيس ملڪو حاصل هو. روايت آهي تہ ، جن هڪ عرب محدث کان حديث ۾ استفاده ڪيو هو ۽ ان کان علم حديث جي اجازت حاصل ڪئي هئي. مسند خلافت تي ويهڻ کان پوءِ توجہ، تلقين ۽ مريدن معتقدن سان منفن ڏيڻ جو سمورو ڪم پنهنجي نياڻي ياءُ ميان فضل حسن جي حوالي ڪري پاڻ شاگردن کي پڙهائڻ ۽ مسجد جي امامت کي لڳي ويو. وٺس هر طرف کان شرعي فيصلا ايندا هئا جن کي سهڻي نموني ۾ نپائيندو هو.

مولانا فضل حيات ڪنباري سورهن سال ڇهه مهينا برابر ماڻهن کي سانده فيض ڇڪائيندو رهيو ۽ مريدن کي به تڪميل ڪرائيندو رهيو. تاريخ ۲۳- ربيع الآخر سن ۱۲۵۵ھ/۱۸۳۹ع ۾ وعظ ۽ ذڪر ڪندي هن بزرگ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. (۳)

---

(۱) "الرحيم" مشاهير سندھ نمبر، ۱۹۶۷ع. ص- ۸۰-۸۱

(۲) ايضاً ص- ۱۰۳-۱۰۵

(۳) ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 159

مخدوم عبدالخالق ولد مخدوم قد عالم ثالث کهڑوي سن

۱۲۳۲ھ/۱۸۱۶ع ۾ کهڑن جي مسند تي ويٺو. سڄو علم پنهنجي بزرگن کان پرايائين. پاڻ هڪ وڏو عالم، زاهد، مفتي ۽ معرفت جو صاحب هو. زهد، رياضت، مجاهده ۽ تجريد ۾ ورلي کوسندس جهڙو تي سگهندو. کشف کرامتن جو تڪاڻي کونه هو. علم فقه ۽ تفسير ۾ بي بدل عالم هو. قال الله ۽ قال الرسول کان سواءِ ٻي کا به واڻي نه هيس. علم لدني ۽ باطني جي روشني تي هر علم معقول ۽ منقول ۾ يگانو هو. هر علم جي مشڪل مسئلي جي اهڙي طرح تشريح ۽ وضاحت ڪندو هو جو ڪو وقت حيا عالم حيران رهجي ويندا هئا. سندس علمي تفوق ۽ برتريءَ لاءِ سندس تصنيف ۽ تاليف قوي شاهد آهي. (۱)

هو نقشبندي طريقي ۾ خواجه فضل الله سرهندي نقشبنديءَ جو دست بيعت ٿيو. ۽ اباڻي طريقي قادريه جي بجاءِ نقشبندي طريقي کي رواج ڏيارياٿين

مخدوم عبدالخالق جي بيان جا به جلد موجود آهن، جن ۾ سڀني عالمن جا کلي فائدا لکيا اٿس ۽ خاص طرح فقه ۾ متعارف مسئلن مان کنهن به وضاحت کان نه ڇڏيو اٿس. حديث ۽ سندس تاليف "منتخب جامع الصغير" موجود آهي، اهڙن کان سواءِ ٻيا به کيترائي رسالا تاليف کيا اٿس. ان وقت سنڌ جا عالم فتوىٰ ۾ سندس جواب جا منتظر هوندا هئا. باطني علمن بابت به اها روايت آهي ته کيس وڏي دسترس هئي. اسلامي مقدمن ۾ پنهنجي بزرگن وانگر ڏاڍو سخت هوندو هو. ان باري ۾ کنهن جي به سفارش نه ٻڌندو هو. پاڻ حيدرآباد ڏاهن رڳو ۽ پيرا ويو هو. هڪ پيري اسلامي مقدمي نبيرڙ لاءِ ويو ۽ ٻيو دفعو ميرنور قد تالپر جي فاتحه خواني لاءِ ويو هو. اڃا سندس گفتگو رڳو حاڪمن لاءِ عدالت لاءِ نصيحتون هيون، ۽ کين پيغمبر عليه السلام جون حديثون ٻڌائيون ويون.

---

(۱) - وطائي دين قد مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ (حصو ٻيو) ص. ۱۷۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 160

مخدوم عبدالخالق پنهنجي بياض ۾ وڏا وڏا علمي فائدا لکيا آهن، جهڙوڪ احاديث ۾ تناقض جو حل، علم فقه جون تدقيقون ۽ متشابهه آيتن جو بيان وغيره. انهن تحقيقن کي ڪهڙو به عالم ڏسندو هوندو حيران رهجي ويندو هو. پاڻ ائين چوندو هوندا هوسين ڪجهه علم لدني جي برڪت سان حاصل ٿيو آهي. هي بزرگ تاريخ ۱۸ رجب سن ۱۲۶۸ھ/۱۸۵۲ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.(۱)

مخدوم قدر عاقل سن ۱۲۶۸ھ ۾ پنهنجي والد مخدوم عبدالخالق کهڙوي جي وفات کان پوءِ شريعت جي مسند تي ويٺو. تعليم پنهنجي بزرگن کان پرائي هئائين ۽ پاڻ وقت جو وڏو عالم، قاضي، عارف، ڪامل، زاهد ۽ رياضت وارو بزرگ هو. سندس تصنيف ۽ تاليف کي ڏسندي سندس علمي مرتبي جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو. (۲)

تصنيفات ۾ علم تفسير ۾ قرآن مجيد جي پوئين پاري "عم" جو "منح المعاني" نالي فارسي زبان ۾ تفسير لکيو اٿائين، جنهن ۾ هزارين علمي نڪتا بيان ٿيل آهن. (۳)

اهل شيخ طرفان ڪيل رسالي "جواب الجواب" جي رد ۾ هڪ رسالو نالي "جواب بالصواب" ناهيو اٿائين. ٻيو هڪ رسالو حنفي مذهب جي تائيد ۾ نماز ۾ هٿ ٻڌي بيهڻ بابت لکيو اٿائين، جنهن ۾ قرآن ۽ حديث مان دلائل بيان ڪيا اٿائين. فارسي زبان جي نثر ٿوري نظم ۾ ڪيس وڏي مهارت حاصل هئي، سندس هڪ پورو ديوان حروف تهجيءَ جي ترتيب تي موجود آهي. علم تاريخ ۾ به ڪيس ڏاڍي مهارت هئي. هن فن ۾ "تاريخ آئينه جهان" فارسيءَ ۾ لکيو اٿس، جنهن ۾ شروع

---

(۱) - تالپور، محمد جمن ڊاڪٽر "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" ٽيسسز، ۱۹۸۲ع سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ حيدرآباد - ص ۳۲۳

(۲) - وفائي، دين محمد مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ" حيدرآباد، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ ص - ۱۸۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 161

کان پچاڑي تائين تفصيل سان تاريخي احوال بيان کيا اٿس. ان کان سواءِ هڪ ڪتاب "رياض المحافل" نالي لکيوا تائين جنهن ۾ سخنورين جا آداب ۽ مجلس آرائي جا نڪتا بيان کيا آهن اهو ڪتاب سندس عمدي تصنيف آهي.

مخدوم صاحب کي شعر و شاعريءَ ۾ به وڏي مهارت هئي حافظ شيرازيءَ جي ڪن غزلن جا جواب لکيا اٿائين. مخدوم محمد عاقل دوم تاريخ ۶ شعبان سن ۱۲۹۳ھ/۱۸۷۷ع ۾ شڪارپور ۾ رحلت ڪئي. (۱)

اگرچه سندس زماني ۾ سنڌ ۾ انگريزن جو راج قائم ٿي ويو، ۽ شرعي مقدمات ۾ معاملا علماءِ اسلام جي اختيارات مان نڪري چڪا هئا، تاهم اڃا ڪجهه رواج هلندو ٿي آيو. تنهن ڪري مخدوم صاحب وٽ عام ماڻهو پنهنجي مقدمات جي فيصلن لاءِ ايندا هئا. مخدوم صاحب شرعي مقدمن جو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن واندو ٿيندو هو ته باقي سمورو وقت نقشبندي طريقي جي ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهندو هو. (۲)

مولانا عبدالحليم ڪندوي پاڪناڑي بلوچستان جي علائقي گوٽ ڪنديءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس ولادت جو سن ۽ تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي. عربيءَ جي هن ابتدائي تعليم 'ڪافيه' تائين رياست قلات جي شهر ميرپور جي مشهور عالم قاضي محمد ابراهيم ميرپوريءَ کان پرائي. ان کانپوءِ قاضي صاحب پنهنجي هن شاگرد جي ذهن ۽ ذڪاءَ کي ڏسندي ڪيس لاءِ ڪاڻي ملهي جي گوٽ "آريجا" جي مشهور عالم مخدوم محمد صاحب آريجويءَ ڏانهن وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو. هتي مولانا محمد صاحب آريجوي جيئن ئي تمام پوڙهو ٿي چڪو هو، تنهنڪري

---

(۱)- "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ص - ص، ۱۳۳ - ۱۳۷

(۲)- وفائي، دين محمد مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ"، حيدرآباد، ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ - ص - ۱۸۲ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 162

هن مولانا عبدالحليم کي پنهنجي هڪ خاص شاگرد سيّد عاقل شاه هالائي ڏانهن تعليم پرائڻ لاءِ موڪليو. (۱)

مولانا عبدالحليم سمورا ڪتاب هالا ۾ پڙهي فارغ ٿيو. پوءِ اتان اچي پنهنجي گوٺ ڪنڊيءَ ۾ پهچي مدرسي جو بنياد وڌائين ۽ رياست طوراتي قاضي به مقرر ٿيو. مولانا ڪنڊيءَ ڪان ڪيترن ئي علمي فيض پرايو. سندس پهرين شاگردن مان خليفو قاضي يعقوب همايوني جو نالو قابل ذڪر آهي، ۽ سندس ٻيو ممتاز شاگرد مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي آهي، جيڪو سندس عزيز به هو. هن ٻنهي عالمن ڪان سڄي سنڌ فيض پرايو ۽ ان لحاظ ڪان مولانا عبدالحليم ڪنڊوي سڄي سنڌ جو استاد ليکيو وڃي ٿو.

مولانا عبدالحليم ميرنصيرخان والي قلات جي زماني ۾ ڪنڊيءَ مان هجرت ڪري جيڪب آباد جي گوٺ "آباد" ۾ اچي رهيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ همايون جي زميندار غازي خان سومري ۽ مسوخان سڏائي جي عرض ڪرڻ تي گوٺ همايون ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي ۽ عربي مدرسي جو بنياد وڌو. جنهن ۾ استاد مولانا عبدالحليم ۽ سندس شاگرد خليفو قاضي يعقوب گڏ پڙهائيندا هئا. هن وقت اٽڪل سنڌ يا ڏهڪ سنڌ ۾ جيڪي به عربي مدرسا هلي رهيا آهن، اهي مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جي تعليمي فيض جو اثر آهن. علم جو هي بحر بي پايان سنڌ ۾ پنهنجي شاگردن جو هڪ وسيع سلسلو ڇڏي سن ۱۲۵۴ھ/۱۸۳۸ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه روهڙيءَ ۾ مختياريءَ جي ويجهو هڪ ٽڪريءَ تي آهي. (۲).

---

(۱) - علامه قاسمي صاحب کان ۳، مارچ ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - وفائي، دين محمد مولانا، تذڪره مشاهير سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ۱۹۸۵ع جلد پهرئون، ص - ۲۳۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 163

خليفو فقر يعقوب اصل رياست قلات (بلوچستان) جي شهر
"هٺ" جو ويڙل هو، سندس والد جونالو فقر مبارڪ هو ۽ ذات جو پيچوهو ابڙو هو.
سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي.

تحصيل علم لاءِ ڪيس علائقي پاڳاڙي رياست قلات جي
شهر "ڪنڊي" ۾ علامه عبدالحليم ڪنڊوئَ جي مدرسي ۾ داخل ڪيوويو. علامه
عبدالحليم صاحب ڪنڊوي وڏو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن سڄي هيار تدريس
جو شغل جاري رکيو. سندس ڪيترائي شاگرد وڏا عالم ٿيا. جن مان مولانا نورفقر
شهداڪوٽي ۽ خليفو فقر يعقوب جا نالا قابل ذڪر آهن سندس شاگردن به
وڏا عالم پيدا ڪيا. (۱)

خليفو فقر يعقوب علامه عبدالحليم صاحب وٽان تعليم
پرائي فارغ التحصيل ٿيو. قلات جي والي ميرنصيرخان جي وقت ۾ علامه عبدالحليم
۽ سندس شاگرد رشيد فقر يعقوب "ڪنڊي" مان هجرت ڪري جيڪب آباد جي ويجهو
"آباد" جي زميندارن جي استدعا تي "هماليون" شهر ۾ آيا، جتي شين مدرسي جو
بنياد وڌائون. ان مدرسي جو صدر مدرس علامه عبدالحليم صاحب هو، ۽ خليفو
فقر يعقوب به پڙهائيندو هو. (۲)

سن ۱۲۵۴ھ ۾ علامه عبدالحليم وفات ڪئي، سندس وفات کانپوءِ
خليفو فقر يعقوب صدر مدرس ٿيو، جنهن جي ڪوشش هن درسگاهه کي وڏي اوج تي
پهچايو، جتي پري پري جا طالب العلم ڪهي اچي فيضياب ٿيڻ لڳا. خليفي فقر يعقوب
۱۲۵۳ھ/۱۸۳۵ع ۾ هماليون ۾ هڪ عظيم الشان مسجد ڦرائي جا اڄ تائين سندس
يادگار آهي.

---

(۱) - "الرحيم"، "مشاهير سنڌ نمبر"، ص - ۸۴
(۲) - وفائي دين فقر مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ"، حيدرآباد، ۱۹۸۵ع - ص - ۲۶۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 164

خليفي صاحب کي سن ۱۲۶۱ھ ۾ هڪ فرزند عطا ٿيو جنهنجو نالو عبدالغفور رکيو ويو. جيڪو اڳتي هلي سندجو وڏو عالم، مفتيءِ بزرگ ٿيو. سن ۱۲۷۳ھ ۾ خليفي محمد يعقوب وفات ڪئي. سندس شاگردن مان ڪيترا ئي وڏا وڏا نالي وارا عالم پيدا ٿيا، جن مان مولانا محمد هاشم ياسيني، مولانا حسن الله پاناڻي، مولانا عطاءُ الله فريونرشاهي، مولانا عبدالقادر پنهواري، مولانا عبدالرحمان سکروارو، مولانا عبدالستار رستموي ۽ مولوي عبدالغفار خان گڙهه، مولانا نورمحمد شهدادکوٽي، مولانا عبدالله رستمي، مولانا سلطان محمود سيت پوري، مولوي قادربخش مهاجر مکي جا نالا قابل ذڪر آهن. (۱)

قاضي محمد شڪارپوري تيرهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ جي الفن نامياڻن فقيهن ۽ مبتحر عالمن مان هڪ بزرگ عالم ٿي گذريو آهي.

قاضي محمد صاحب ماڻجند جي مشهور قاضي ابوالعالي کان تعليم حاصل ڪئي، جو پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو. ان کانپوءِ شڪارپور ۾ درس تدريس ۽ فتويٰ جو ڪم ڪندو هو. مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي، جنهن کي فقه جي علم ۾ وڏي دسترس ڪري نعمان ثاني چيو ويو ٿو، تنهن جو هي بزرگ قاضي محمد شڪارپوري معاصر هو. هنهي جو باهمي علمي مقابلو به رهندو هو. قاضي محمد صاحب ظاهري علم جو ڪتابو هو. (۲)

Gul Hayat Institute

مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم غلام حيدر ٺٽوي پنهنجي

وقت جو وڏو عالم ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. ٺٽي ۾ سندس والد جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ قرآن، حديث، فقهه ۽ ٻين ديني علومن جو درس ڏيندو رهيو. جتان ڪيترائي طالب العلم فارغ التحصيل ٿي نڪتا.

---

(۱) - وفائي دين محمد مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ"، حيدرآباد ۱۹۸۵ع، ص - ۲۶۵

(۲) - مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، "منهنجي علمي دائري" (الرحيم سندي) - ص - ۱۷۹ - ۱۸۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 165

مخدوم صاحب وڏو خوش خلق هو ۽ ماڻهن سان وڏي مروت سان هلندو هو. سندس کشف ۽ کرامتن جون اڪيچار خبرون آهن. تڪملہ "مقالات الشعراء" جو مصنف سيد خليل سندس فرزند هو. هن بزرگ ۱۷، صفر ۱۲۷۲ھ / ۱۸۵۵ع ۾ وفات ڪيائين. (۱)

تالپورن جو دور سنڌي ادب ۾ شعر لاءِ به نهايت خوشگوار ثابت ٿيو. سنڌيءَ ۾ منظوم ميلادن جو بنياد اهڙن ئي دور ۾ پيو. جنهن جو سهرو ان دور جي شاعر مخدوم عبدالرؤف بيتيءَ جي سر تي آهي. ان کانسواءِ هن شاعر فارسي عروض ۽ بحرن کي سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪئي. هن دور جي ممتاز شاعرن ۾ ميان صبيٰ هالائي هو. هن ئي دور ۾ سنڌي شاعريءَ جي افق تي هڪ ٻيو ستارو اپريو، جنهن جي ذات ولايت ۽ شاعريءَ جو سنگم هئي. اهو هو خواجه حمد زمان لنواريءَ وارو (۱۱۲۵ھ/۱۱۸۸ھ) خواجه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ باقاعدي اسلامي تصوف کي سمويو. هي فڪري پرواز کي هڪ نئين راهه بخشي. هن ۾ هڪ نمايان خصوصيت اها آهي ته سندس شاعري تصوف جي مضمونن تي مشتمل آهي. (۲)

هن ئي دور ۾ سخن جي صنفن ۾ مدح رسول ۽ مناجات کي سنڌيءَ ۾ جن شاعرن عروج تي پهچايو، انهن ۾ فقير صاحبڏنو، جمن چارڻ، پير اشرف ۽ فتح فقير جي مناجات کي خاص اهميت حاصل آهي.

---

(۱) - پير حسام الدين راشدي تڪمله مقالات الشعراء بحواله "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" مقدمه جمن تالپر - ص ۳۷۶.

(۲) - قدوسي اعجاز الحق، "تاريخ سنده"، لاهور، ۱۹۸۰ع، مرڪزي اردو بورڊ - ص. ۷۸۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 166

هن ئي دور ۾ سندي شاعريءَ ۾ باقاعدي مرثيه گوئي جو بنياد پيو. چوته تالپر امير مرثيه چوڻ ۽ پڙهڻ کي پنهنجو فرض سمجهندا هئا. مرثيه گوئي طرف سڀ کان پهريائين ميرڪرم علي خان (وفات ۱۸۱۳ع) جي درباري شاعر ثابت علي شاه (۱۷۴۰ع - ۱۸۱۰ع) توجهه ڏنو ۽ سندي شاعريءَ ۾ مرثيه کي روشناس ڪيو. هن فارسي زبان ۾ به مرثيه لکيا.

سيد ثابت علي شاه جو سندي شاعريءَ ۾ سڀ کان پهريون وڏو احسان اهو آهي ته هن پنهنجي شاعريءَ سان سندي زبان ۾ وڏي وسعت پيدا ڪئي. رزميه شاعريءَ کي هن سڀ کان پهريائين اختيار ڪيو. (۱)

سندي غزل جي ابتدا به هن دور ۾ ٿي. ثابت علي شاه ۽ سچل سرمست پهريائين غزل چيا. جيلو ٽيڪ ڏني اعتبار کان اهڙن جي غزلن ۾ پختگي نظر نه ٿي اچي. ليڪن ان حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته اهڙن جي رکيل بنياد تي سنديءَ جي مستقبل جي شاعرن غزل جي ايوان کي تعمير ڪيو. (۲) مولود جي صنف به هن دور ۾ وڏي ترقي ڪئي. ڪيترن ئي شاعرن مولود چيا جن مان ملا صاحبڏني، فتح فقير، خليفي ڪرم الله ۽ پير فقير اشرف جا نالا قابل ذڪر آهن. (۳)

---

(۱) - قدوسي اعجاز الحق. تاريخ سنده" (حصه دوم) لاهور مرڪزي اردو بورڊ ۱۹۸۰ع. ص. ۷۸۱

(۲) ——— ايضاً ———

(۳) - ميمڻ عبدالمجيد سندي ڊاڪٽر، "سچل جو سنيهو" حيدرآباد، ۱۹۸۴ع

سندي ادبي بورڊ - ص. ۲۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب ٻيو

انگريزن جي دور جو تاريخي پس منظر

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

١- سنڌ جون سياسي حالتون

(الف) سنڌ ۾ انگريزن جي آمد

(ب) سنڌ جو بمبئي سان الحاق

(ت) تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جو ڪردار

(ٽ) گذريل هندوستان جون سياسي تحريڪون

(١) ريشمي رومال تحريڪ
(٢) خلافت تحريڪ
(٣) عدم تعاون تحريڪ
(٤) هجرت تحريڪ
(٥) ترڪ موالات
(٦) سوديشي تحريڪ
(٧) جميعت العلماء

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 169

سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ جو پس منظر

۱- سنڌ جون سياسي حالتون

(الف) سنڌ ۾ انگريزن جي آمد:

سنڌ سڪندر اعظم جي آمد ۳۲۵ ق-م کان پوءِ ٻڌ ڌرم جي صدي عيسويءَ تائين ڪافي به يورپي ماڻهوءَ کي نه ڏٺو هو. هيءَ درٻتي سورهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي تائين مغرب وارن لاءِ هڪ بند ٽيل ڪتاب هئي ۽ ڪير سنڌ متعلق ڪا به ڄاڻ نه هئي. آرين کان وٺي اڄوڪي ڏينهن تائين سنڌ ۾ غير سنڌي قومن جي آمد ۽ ڪن حالتن ۾ ڌارين جي حڪراني نه رڳو سنڌ واسين جو رت ۽ ست پٽي چوسيلو آهي، بلڪ سندن تهذيب ۽ تمدن سان به پٽي وٺ چاهند ڪئي آهي. ان ڪري تاريخ جي سلسلي جون ڪڙيون ڳنڍل نظر اچن ٿيون. (۱)

سنڌي ڪنڌ ۾ پرڏيهي قومن جي اچڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب سنڌن مذهبي جلون هو. جو ته اهڙي زماني جي يورپ ۾ اهو سمجهيلو ويندو هو ته ايرندي ملڪن ۾ ڪرستاني مذهب جا پوئلڳ ڏکيا ڏينهن گذاري رهيا آهن. ۽ انهن تي اتان جا مسلمان ظلم ۽ تشدد ڪري رهيا آهن. (۲) جن کي هن چڏائڻ خاطر ايرندي وارن ملڪن ڏانهن اچڻ شروع ڪيو. سينٽ ٿامس" (St. Thoms) هندون حواري هو. جنهن جي تبليغ تي ٽيڪسلا

---

(1) Domes, M.L.; The book of Duarte Barboga, Vilum - I London, Haklut society, 1918, P.P. 106 - 107

(2)- A chills Meere Mani. "chr. stianity in Sind and Balochistan", An Article published in the Journal of Sind Historical society Karachi, December, 1938, P. 88

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 170

جوراجا گوندي فيرس (Gonde Pheres) عيسائي مذهب اختيار ڪيو. (۱)

جيئن ته ٽيڪسلا به ان زماني ۾ سنڌ سان مليل هئي. تنهن ڪري هن واقعي

ڪي به سنڌ جو واقعو قرار ڏئي سگهجي ٿو. (۲) هن تبديلي کي ذهن ۾ رکي چئي

سگهجي ٿو ته يورپي قومون نج مذهبي مفاد به آڏو رکي سنڌ ۾ آيون. عيسائين

جا مبلغ انهيءَ واقعي کان پوءِ به سنڌ ۾ ايندا رهيا پر کين ڪابه ڪاميابي حاصل

نه ٿي سگهي. سندن موجودگيءَ جا اڇاڻ خڌ بن قاسم جي ڪاهه وقت ملن ٿا. (۳)

پر پورچوگيزن هٿان شڪي کي لٽڻ ۽ سارٽڻ واري واقعي کان پوءِ اهي منظم ٻڌجي

اچي سنڌ ۾ پنهنجي مذهب جي تبليغ ڪرڻ لڳا. ان سلسلي ۾ گوا کان آگستينين

(Augustinians) پادري سپ کان پهرين سنڌ ۾ آيا. (۴)

جيئن ته ان کان پوءِ سنڌ تورڻي هند جي سياسي حالتن

۾ انقلابي تبديليون آيون، جن جو اثر سنڌ اندر عيسائيت جي تبليغ تي به پيو.

سن ۱۷۸۳ع ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو ۽ تالپر اقتدار ۾ آيا. (۵)

انگريزن جڏهن هندستان جي ڏيهي حاڪمن کي مڪر

۽ فريب سان مارائي، انهي پنهنجا پير پختا ڪيا، تڏهن هنن سنڌ جي سرزمين

۽ شاداب وادي ۽ کي گهرڪائڻ جي ڪوشش ڪئي سنڌ ۾ به سامونڊي چالبازي فريب ۽ زبردستيءَ

واري هلت هليا ان وقت سنڌ ۾ پهرين چوياريءَ جي ٻئي نمبر ميرغلام علي خان تالپر

---

(۱) - مولائي شيدائي، حميد اردخان، 'جنت السنڌ' ڪراچي سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۸ع ص - ۴۹

(۲) - درخڊ پٽاڻ ڊاڪٽر، سنڌ ۾ عيسائين جي تبليغ ۽ سنڌي علم و ادب، تحقيقي

مقالو، ٽائيپ ٿيل ڪاپي، ص - ۴

(۳) - پادري برڪت الله. "قرون وسطيٰ ڪي ايشائي اور هندستاني ڪليسائيں" لاهور، پنجاب ريليجس بڪ

سوسائٽي، ۱۹۶۲ع - ص - ۴۵

(۴) - F. Walens, Wienki, In the Land of the sindhi and Balochi Karachi Rote, Press, 1947, P. 19

(۵) - Aitken, E.H; "Gazeteer of the Province of Sind" Bombay, Gout: Press, 1907, P. 111

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 171

جي حڪومت هئي ۽ انگريزن طرفان هندستان جو گورنر جنرل "لارڊ ايلنبرو" هو. [۱] انگريزن طرفان پهرين ميجر آئوٽرام ۽ ان کانپوءِ سرچارلس نيپيئر ريزيڊنٽ مقرر ٿيا آيو. سا ڳئي وقت انگريزن به ڏاڍو ميرن ۾ ملڪيت تان نفاق ۽ تڪرار آهي. ان جو فائدو وڃي انگريزن خيرپور وارن ميرن ۽ سنڌ جي هندن تي هٿ ڪري ميرن کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏي ۽ مڪاريءَ سان ميرن جي مٿان احاڻون ٿهلوڻ ڏيئي، سائڻ ۽ زبردستي ناجائز معهدنامه ۽ شرارتون ڪري، آخر ۱۷ فبروري ۱۸۴۳ع تي مياڻيءَ جي جنگ ۽ ۲۲ مارچ ۱۸۴۳ع تي ڏڻي جي جنگ ۾ فريب ۽ چالاڪيءَ سان کين سخت شڪستون ڏنيون. اهڙي طرح ظالمءَ تشدد ۽ ڇڪيءَ سان سڄي سنڌ هٿ ڪيائون ۽ وقت جي گورنر جنرل "لارڊ ايلنبرو" سن ۱۸۴۳ع مارچ ۾ سنڌ کي بمبئي ڪانتي سان ملائي ڇڏيو. [۲]

سنڌ جي پهرين گورنر "سرچارلس نيپيئر"

سنڌ جي اميرن ۽ شهزادن کي سياسي تميدي بڻائي بمبئي موڪليو. ميرعلي مراد خان کي خيرپور ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ وارو علائقو ڏيئي رياست جو حڪمران تسليم ڪيو ويو. ۱۸۵۵ع ۾ ميرشيرمحمد خان کي آزاد ڪري ڪيس ميرپورخاص ۾ مقرر پينشن سان نوازيو ويو.

---

[۱] – سيد محمود شاه بخاري "حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي" نيشنل حيدرآباد ..... ۱۹۸۴ع ص - ۲۵۲

[۲] ——— ايضاً ——— ص ۲۵۳ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 172

بعد ۾ واپس موٽڻ جي اجازت ڏني ويئي. مگر انهن مان ميرر رستم خان، خيرپور جو ميرر نصير خان ۽ ميرر شهداد خان قيد ۾ پنهنجا پساھ پورا ڪري چڪا هئا. انگريزن سنڌ تي قبضي ڪرڻ کانپوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. ”سر چارلس نيپيئر“ گورنر جي حيثيت سان سنڌ تي فوجي حڪومت هلائڻ لڳو. هو سنڌ و سنڌوءَ گورنر جنرل جي ماتحت هو. انهيءَ سال هڪڙو سرڪاري اعلان پڌرو ٿيو ته سنڌ ۾ برطانوي راج قائم ٿي چڪو آهي، کوبه ماڻهو سرڪار جي خلاف قدم کڻندو ته سندس جان ۽ مال جو خير نه هوندو.(۱)

(ب) - سنڌ جو بمبئي سان الحاق :

فروري ۱۸۴۳ع ۾ هڪ پڌراءِ موجب جن به زميندارن يا جاگيردارن گورنر جي خدمت ۾ حاضر ٿي وفاداريءَ جي حلفي ڏني تن کي سندن املاڪ تي متصرف ڪيو ويو. انهيءَ سال سموري سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو ويو. ۱- ڪراچي - ۲- حيدرآباد - ۳- شڪارپور.(۲)

سال ۱۸۴۷ع ۾ سنڌ کي بمبئي سان ملايو ويو. سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري هڪ بمبئي صوبو بڻايو ويو. سنڌ ۾ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو، جنهن کي ”ڪمشنر ان سنڌ“ سڏيو ويو. ان کي گورنر جهڙا اختيار هئا.(۳)

۱۸۵۷ع ۾ هندستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم واقعو رونما ٿيو، جنهن کي انگريزي تاريخدان بغاوت جو سال سڏين ٿا. هي نه صرف بغاوت هئي، پر آزاديءَ جي پهرين جنگ هئي، جنهن ۾ مقامي فوج سان گڏ عوام به

---

(۱) - مولائي شيدائي رحيمداد: ”جنت السنڌ“ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۸ع ص - ۷۵۰

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۷۵ ———

(۳) - مرزا قليچ بيگ: ”رعيت نامو“، حيدرآباد، ميسرس بنگومل تلسيداس سنز ۱۹۱۶ع ص - ۵۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 173

حصو ورتو. هن آزاديءَ جي جنگ ۾ سنڌ مکيه ڪردار ادا ڪيو

آزاديءَ لاءِ لڙندڙ اڳواڻن جو پاڻ ۾ مخفي طرح منصوبن ۽ پروگرامن جو رابطو هو. بهادر شاهه ظفر، شيرسنڌ ميرشيرڏڏ خان کي خط لکيو ته هو انقلابين جي مدد ڪري. ميرشيرڏڏ بلوچ، پٺاڻ، سپاهي ۽ بارود مدد لاءِ موڪليو. پر انهوسڀ منصوبو خاڪ ۾ ملي ويو. جڏهن تالپر قبيلي جي هڪ فرد اهو راز سنڌ جي برطانوي آفيسرن اڳيان ظاهر ڪيو. (۱)

(ت) ڏيڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جو ڪردار:

۱۸۵۷ع واري فساد جڏهن ساري هندستان ۾ ٿيو اڃي سنڌ جي وڏن شهرن ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ ڪجهه به نه ٿيو. انهيءَ سال سيپٽمبر مهيني ۾ ڪراچيءَ ۾ رکيل ڏيهي پلٽڻ ڪمشنر ڪمانيءَ ۾ هين عملدارن کي مارڻ لاءِ تياري پڻي ڪئي، پر انهن عملدارن کي خبر پڄي وئي ۽ فسادين کي گرفتار ڪري ڪن کي توپ جي منهن ۾ ڏنو. ڪن کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو ۽ ڪن کي ڪاري پاڻيءَ موڪليو ويو. (۲)

(ث) گذريل هندستان جون سياسي تحريڪون

سرزمين پاڪ وهنڊ ۾ ۱۹ صديءَ کان اڳ جيڪي سياسي تحريڪون هليون انهن جو مقصد حڪومت جي اصلاح هئي، جاڪاڻ ته ان وقت

---

(۱) - سنڌي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ۱۹۶۸ع، جلد ۷، نمبر ۱ ص ۱۷

(۲) - آلومل ٽيڪمداس پوهواڻي، "سنڌ جي مختصر تاريخ" ڪراچي ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۱۹۷۰ع، ص ص ۱۵، ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 174

تائين حڪومت خود مسلمانن جي هئي، مگر اٺوهين صديءَ جي شروع کان سياسي نوعيت بدلجي وئي. ۱۸۰۳ع ۾ "ايسٽ انڊيا ڪمپني" ملڪ جي گهڻن حصن تي قبضو ڪري ورتو هو. ان ڪمپني جي نمائندن مرڪزي حڪومت ۽ صوبي سنڌ جي حڪومتن کان ملڪي انتظامات جو پروانو جابرانه طريقي سان لکائي ورتو. باقي صوبي سرحد ڪشمير ۽ پنجاب تي رنجيت سنگهه جي حڪومت هئي. ان وقت مولانا شاهه عبدالعزيز دهلويءَ ان جي شاگردن، مريدن ۽ رفيقن جي جماعت ملڪي ۽ بين الاقوامي حالات تي غور فڪر ڪرڻ کانپوءِ وطن جي آزادي ۽ جي سپ کان پهرين تحريڪ شروع ڪئي. ان جو نقشو هن طرح تيار ڪيو ويو ته هندستان ۾ رهي مقابلو ڪرڻ ناممڪن هو. تنهن ڪري جنگ جو محاذ شمال مغربي صوبو سرحد بڻايو ويو. مالي ۽ فوجي مدد هندستان جي اندرين ملڪن مان سنڌ ۽ ڪوئٽا جي رياستي معيّن ڪيو ويو ۽ جابلو ۽ درياني قبيلن ۽ افغاني حڪومت کان مالي ۽ فوجي مدد ڪئي وئي. (۱)

شاهه عبدالعزيز دهلوي پنهنجي رفيقن کي مختلف طرفن ڏي جهاد جي تبليغ لاءِ موڪلڻ جو ايجاد ڪيو ته پاڻ وفات ڪيائين.

سندس جاءِ نشين شاگرد ۽ خليفو سيد احمد شهيد ٿيو.

تحريڪ کي صوبي سرحد ۾ جڙي نموني سان ڇهه سال هلايو. مگر مسلمانن جي غداريءَ ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي مڪاريءَ کان ۱۸۳۱ع ۾ هي تحريڪ ناڪام ٿي ۽ سيد احمد شهيد ۽ سندس مشير ۽ وزير مولانا محمد اسماعيل ۽ ٻيا رفيق آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿيا ۽ تحريڪ وقتي طور ختم ٿي وئي. (۲)

---

(۱) - "نياز" محمد يعقوب، "تحريڪ ريشمي رومال ۽ سنڌ جو حصو" (مقالو) روزنامه "هلال" "سالگره نمبر"، ۵، جنوري ۱۹۶۲ع، ڪراچي، نئين سنڌ پرنٽنگ پريس، ص - ۱۳۴

(۲) - "نياز" محمد يعقوب، "تحريڪ ريشمي رومال ۽ سنڌ جو حصو" (مقالو) روزنامه "هلال" "سالگره نمبر"، ۵، جنوري ۱۹۶۲ع ڪراچي نئين سنڌ پرنٽنگ پريس، ص ۱۳۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 175

شاهہ عبدالعزيز جي هن تحريڪ جون ڏيل چٽگون ۱۸۵۷ع
۾ پرتڪيون ۔ هيءَ تحريڪ نهايت منظم ۽ همه گير هئي ۔ پبلڪ ۽ فوجين ۾ بغاوت
پيدا ٿي ۽ بلڪ برطانيه حڪومت جا وفادار به بغاوت ڏي مجبور ٿي ويا ۔ مگر اسان جي
بد قسمتي جو پنجاب جي سکن ۽ ڪن مسلمان رئيسن جي غداريءَ سبب
ناڪام ويئي ۔ (۱)

(۱) ريشمي رومال تحريڪ :-

۱۸۵۷ع واري تحريڪ کانپوءِ انگريزن هن ملڪ ۾ قرلٽ ۽
ظلم تشدد جو نهايت خوفناڪ مظاهرو ڪيو ۔ سڄن هندستانين کي هر لحاظ
کان تنگ دست ۽ مفلس ڪري ڇڏيو ۔ لشڪر جي قرلٽ جدا هئي، جنهن
فقط دهليءَ کي ئي ڏينهن پٽي ليتو ۔ نه رڳو اهڙي شهر کي پر هندستان
جي ونڊن ونڊن شهرن ۽ ڳوٺن کي قرلاءِ فوجين کي کلي اجازت ڏني
ويئي ۔ وري ڪاشتڪارن تي دلون ۽ نيڪس ايڏا وڏا لڳايا ويا جو ماڻهو
ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندا ويا ۔

واپار ۾ ملڪي ۽ ولايتي جو امتياز رکي واپارين جو
ڪاروبار ختم ڪيو ويو ۽ صنعت ڪارن جي ڪم کي مڪاري ۽ فريب ڪاريءَ سان
نابود ڪيو ويو ۔ مطلب ته هڪڙي طرف ملڪ کي مفلس ڪيو ويو ته ٻئي طرف
خونريزي ۽ قرلٽ سان ملڪ تباهه ڪيو ويو ۔ وحشيت ۽ درندگيءَ جو ايڏو وڏو
مظاهرو ڪيو ويو جو ڪنهن به عزت واري هندستانيءَ جي جان مال ۽ عزت آبرو

---

(۱) "نياز" حمد يعقوب ، " تحريڪ ريشمي رومال ۾ سنڌ جو حصو" (مقالو) روزنامه
"هلال پاڪستان" "سالگره نمبر" ، ۵ جنوري ۱۹۶۲ع ڪراچي نئين سنڌ پرنٽنگ پريس ۔ ص ۱۳۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 176

محفوظ نہ رهي. اهڙيءَ کانسواءِ هندستانين جي مذهب تي اعتراض کياويا ۽ انهن جي پيشوائن جو مذاق اڏايو ويو. (۱)

سن ۱۸۵۷ع کان ۱۹۰۰ع تائين عالم اسلام ۾ وڏيون تبديليون اچي چڪيون هيون. پورو هندستان فرنگي راج ۾ اچي چڪو هو. ان کانسواءِ برطانيه، مصر ۽ سودان تائين پنهنجي سلطنت جو دائرو وڌائي چڪو هو. ٻئي طرف ويري آفريڪي ملڪ جي مسلمان حصن تي انگلي ۽ فرانس جون حريص نگاهون جميل چڪيون هيون. اهڙيءَ طرح انڊونيشيا وري هالينڊ جي قبضي ۾ اچي چڪو هو. (۲)

مولانا عُبيد الله سندي ان زماني ۾ پير جهنڊي جي مدرسي "دارالرشاد" جو مهتمم هو. جنهن کي شيخ الهند مولانا محمود الحسن کان ديوبند ڇڏڻ لاءِ حڪم ڏنو. مولانا عبيد الله سندي حڪم جي پوٽواري ڪندي ديوبند ڇڏي ويو. (۳) جتي هن مولانا محمود الحسن جي ٻئي تعاون سان سن ۱۹۰۹ع ۾ "جميعت الانصار" نالي هڪ جماعت قائم ڪئي. (۴) جنهن جو ٻاڻ سيڪريٽري ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. هن عرصي دوران مولانا ابوالڪلام آزاد ۱۹۱۲ع ۾ "جميعت حزب الله" قائم ڪئي. (۵)

---

(۱) - مظهرالدين سومرو باڪٽر، "تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ڊي فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۳ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو ص ۹۱

(۲) - "نيار، قتل بعقوب، ۽ تحريڪ ريشمي رومال ۾ سنڌ جو حصو"، مقالو، "مهراڻ".

(3) - G. Allana, Our Freedum Fighters, Karachi Paradise subscription Agency, 1969, P. 176

(۴) - مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، "امام الانقلاب حضرت علامه سندي" (مقالو) ماهوار "توحيد" ڪراچي، ۲۴ مارچ ۱۹۷۸ع، ص - ۲۰

(۵) - احمد حسين ڪمال ڊاڪٽر، "ريشمي رومال تحريڪ" (مقالو) هفته روزه "الفتح"، ڪراچي، ۲۴ مارچ ۱۹۷۸ع، ص - ۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 177

۾ سال پوءِ يعني ۱۹۱۴ع ۾ مولانا عبيدالله سندي دهليءَ ۾ وڃي "نظارة المعارف [۱] نالي هڪ جماعت ٺاهي. (۲) هن تنظيمي تحريڪ دوران ڪيس حڪيم اجمل خان، نواب وقارالملڪ، ڊاڪٽر انصاري، ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. مولانا صاحب هن عرصي دوران دهليءَ جي فتح پوري مسجد ۾ "قاسم العلوم" نالي هڪ مدرسو قائم ڪيو. (۳) جيڪو حقيقت ۾ نظارة المعارف جي تحريڪ جو ئي نتيجو هو. مولانا عبيدالله سندي هن مدرسي جي معرفت شاگردن ۾ قومي جذبي جو روح ڦوڪڻ شروع ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ "موتمر الانصار" نالي شاگرد جماعت جو بنياد وڌو. (۴)

شيخ الهند مولانا محمود الحسن کي مولانا عبيد الله سنديءَ جهڙو هڪ سچو انقلابي انگريزن جو دشمن، آزاديءَ جو ڪوڏيو، سنڌ جو سرويچ ملي ويو. هن کيس ملڪي خدمت لاءِ منتخب ڪيو.

---

[۱] - 'جميعت الانصار' نظارة المعارف، "ريشمي رومال تحريڪ" اهي درامل هن عظيم انقلابي پروگرام جون ئي اهم ڪڙيون هيون، جن کي شيخ الهند مولانا محمود الحسن اسلام ۽ آزاديءَ لاءِ تجويز ڪيو هو. (مرد مومن (اردو) ص-۲۶)

(۲) - مولانا عبيدالله سندهي "ڪابل ۾ سات سال"، (مرتب محمد سرور) لاهور سنڌ ساگر اڪادمي ۱۹۷۶ع ص. ۱۵۴

(۳) - دين محمد وفائي مولانا، "مولانا عبيدالله صاحب" (ادارييه) "ماهوار توحيد" ڪراچي سيپٽمبر ۱۹۳۷ع - ص - ۳۳

(۴) ——— ايضاً ——— ص. ۳۳ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 178

جڏهن انگريز ۱۹۱۴ع ۾ عالمي جنگ ۾ مبتلا ٿيو[۱] تڏهن شيخ الهند جو خيال هوته عبيدالله سندي کابل پهچي کنهن طرح برٽش کي آماده ڪري ته هو ان موقعي جو فائدو وٺي انگريزن خلاف هندستان تي چڙهائي ڪن ته جيئن انگريزن جي غلاب کان پاڻ به آزاد ٿين ۽ پاڙيچي هندستان کي به آزاد ڪرائن.

شيخ الهند مولانا محمود الحسن هندستاني ليڈرن مولانا محمد علي شوڪت علي، مهاتما گانڌي، مولانا ابو الڪلام آزاد، ڊاڪٽر انصاري، پنڊت موتي لال، لالہ لجپت راءِ ۽ بيروني مدد گار ملڪن جي صلاح سان پنهنجي

---

[۱]-آگسٽ ۱۹۱۴ع ۾ جرمن ۽ انگريزن جي وچ ۾ جنگ چڙي چڪي هئي ٻيڪا وڏندي روءِ زمين کي وڪوڙيندي ويئي. هندستان به اڪ پٽي چڪو هو ڪانگريس آڳيم ٿي انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ درجه بدرجه قدم وڌائيندي رهي هئي. هينئر جو انگريزن سان جنگ لڳي ۽ ان ۾ ترڪي جو سلطان برجهيو خليفه الثاني سمجهيو ويندو هو) انگريزن جي خلاف جرمني سان شامل ٿي پيو، تنهن ڪري هندستانن جي مسلمانن کي اٽاري ڪڙو ڪيو ته هو به ترڪي جي سلطان جي مدد ڪرڻ سان گڏ وڏو هندستان مان به انگريز جي پاڙ پٽي ڪيڏ لاءِ پنهنجي مٽي کجهه ڪوشش ڪن.

اهڙن جو اڳواڻ شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبند وارو ٻڌيو. ساڻس ان ڪم ۾ ٻيا به مسلمان ليڈر هاڻي ٿي ٻيٽا. مٽڻي صلاح ڪئي ته مولانا عبيدالله سندي کي ڪابل موڪلجي. مولانا صاحب جو ڪابل وڃڻ ان منصوبي جيڏ هو.

(راشدي پير علي محمد" اهي ڏينهن اهي شينهن (جلد ٻيون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۱ع ص- ۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 179

ملک جي اندروني ماحول ۽ بيروني ملڪن جي فضا سازگار بنائي ۽ ترڪي افغانستان، جرمني ۽ ٻين اسلامي ملڪن ۾ اتحاد قائم ڪري وقت سر هندستان (انگريز) تي حملو ڪري کين آزاد ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ عارضي حڪومت جو خاڪو ٺاهي پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪابل پهچڻ جو ارادو ڪيائين. ان خيال سان پنهنجي ساٿين کي هڪ هڪ ڪري روانو ڪرڻ جو پروگرام بنايائين ۽ مولانا عبيدالله سندي ؒ کي ڪابل پهچڻ جو حڪم ڏنائين پر ان وقت انگريزن جي سي - آئي - ڊي تمام خبردار هئي. جاءِ جاءِ تي جاسوسي هلي رهي هئي. خيريت سان ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ ۾ هڪ مسئلو ٻڌجي پيو هو. ان ڪري مولانا سندي ؒ کي پڻ ڪنهن انڪل سان ملڪ جون حدون پار ڪرڻون پيون چاڪاڻ ته سياسي ليڈر جي حيثيت ۾ سندس نقل حرڪت تي انگريزن جي سخت چوڪسي هئي. (۱)

مولانا عبيدالله سندي وڏي جوش جذبي سان سنڌ ۽ هند جي عوامي ذهن کي انگريز خلاف تيار ڪري رهيو هو ۽ اهو ڪم احسان ادا ڪرونٽي هو جو مولانا محمود الحسن ڪيس افغانستان ۾ وڃي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. جيتوڻيڪ مولانا عبيدالله، هندستان ۾ رهي ڪري انقلابي ڪم ڪرڻ ۾ ماڻهن کي تيار ڪرڻ جي حمايت ۾ هو پر پوءِ مولانا محمود الحسن جي امر آڏو اڇي نه سگهيو ۽ لاچار افغانستان ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. (۲)

مولانا عبيدالله سندي مڪمل تياري ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي

---

(۱) - علي محمد راشدي پير "اهي ڏينهن اهي شينهن" (چاپو پهريو) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۷۴ع ص. ۱۹۵

(۲) - محمد سرور، "مولانا عبيدالله سندھي" (اشاعت پنجم) لاهور سنڌ ساگر اڪادمي، ۱۹۷۶ع ص. ۲۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 180

سائي مولوي عبدالله لغاريؒ کي ساڻ ڪري مولانا تاج محمود امروٽي جي تعاون سان ۱۵ آڪٽوبر ۱۹۱۵ع تي وڃي ڪابل پهتو. (۱) جتي پهچڻ کان پوءِ ڪيس جنهن پيٽي ته مولانا محمود الحسن باهرين طاقتن جي مدد ۽ سهاري سان هندستان کي انگريزن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ سوچي رهيو هو. (۲)

شيخ الهند مولانا محمود الحسن رٿيل پروگرام موجب مولانا عبيدالله سنڌيؒ کي ڪابل روانو ڪري پاڻ حج جي بهاني حجاز پهچي ويو. هندستان سان رابطي رکڻ لاءِ مولانا محمد ميان انصاريؒ کي رابطه آفيسر مقرر ڪيائين. حجاز ۾ مولانا شيخ الهند غازي انور پاشا ۽ حجاز جي گورنر غالب پاشا جي حمايت سان افغانستان ۽ آزاد قبائل جي باشندن کي پڻ انگريزن جي خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ همٿايو. (۳)

مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل ۾ رهي انگريزن (هندستان) تي حملي ڪرڻ لاءِ ترڪي، حجاز، افغانستان ۽ پين ملڪن جي مشترڪ مدد جو بندوبست مڪمل ڪري جهاد يا حملي جو هڪ جامع پروگرام بنايو. جو هڪ زرد ريشمي رومال تي گلڪاريؒ يا پرت جي شڪل ۾ عربي زبان ۾ لکايو هئائين. (۴)

ان دور جي انگريز سرڪار ان انقلابي ۽ آزاديؒ جي تحريڪ کي ريشمي رومال جي سازش (Silken Letter Conspiracy) سڏيو آهي.

ڊاڪٽر ابوسلطان شاهجهان پوري پنهنجي تحقيقي مضمون

---

(۱) - ظفر حسين ايبڪ، "آپ بيتي"، (حصه اول) لاهور منصور بڪ هاؤس ۱۳۸۴هـ ص ۹۲

(۲) -

(۳) - حسين احمد مدني مولانا، "تحريڪ ريشمي رومال" (اردو) ۱۹۶۰ع - ص - ۱۹۳

(۴) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 181

"تحريڪ ريشمي رومال اور سندھ" ۾ ريشمي رومال متعلق لکي ٿو:

" ريشمي تحريڪ واري رومال کي ٽن حصن ۾ لکيو ويو هو. پيلي رنگ جي ريشمي ڪپڙي مان رومال جي اندازي جا ٽي ٽڪرا ٻڌايا. پهرين خط تحريڪ جي هڪ نوجوان نومسلم شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي جي نالي تحرير ڪيو ويو. هي خط تاريخ پهرين جولاءِ ۱۹۱۶ع تي لکيو ويو هو. ساڳئي طرح سان ٻيو خط پڻ ٻئي ريشمي پيلي ڪپڙي جي ٽڪري تي شيخ الهند جي نالي لکيو ويو. هن خط جي ڊيگهه ويڪر انگل اٺ، ڏهه انچ هئي. اهو خط تاريخ ۹، جولاءِ ۱۹۱۶ع تي لکيو ويو هو. ساڳئي ريت ٽيون خط پڻ ساڳئي نوعيت جو هو ۽ ڏهن، پندرهن انچن جي ڊيگهه ويڪر جو هو، جو شيخ الهند جي نالي سان لکيو ويو." (۱)

مولانا عبيدالله سندي ڪابل ۾ ويهي هندستان جي عارضي جلاوطن حڪومت قائم ڪئي، جنهن کي "حڪومت موقته هند" سڏيو ويو. ان جو صدر، راجا مهندر پرتاب، وزير اعظم برڪت الله ۽ پاڻ مولانا سندي ان جو وزير داخلا ٿيو. ان کان سواءِ پاڻ ڪابل ۾ وهي هڪ نئين اسڪيم "جنود الله ربانيه" يعني خدائي فوج تيار ڪئي. هن فوج جو هيڊ ڪوارٽر "مدينه شريف" بنايو ويو ۽ ان جا ٻيا مرڪز استنبول، تهران ۽ ڪابل رکيا ويا. ڪابل ۾ قائم مقام جنرل مولانا محمود هو. هن فوج جو مقصد اسلامي ملڪن خاص ڪري هندستان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اسلامي ملڪن جي حاڪمن کي متحد ڪرڻ هو. ان لاءِ هندستان مان ڪيترائي ماڻهو گرفتار ڪابل ۾ هن لشڪر ۾ پرتي ڪيا ويا.

---

(۱) - ابوسلمان شاهجهان پوري ڊاڪٽر، " تحريڪ ريشمي رومال اور سندھ"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 182

سن ڪر ڪانپوءِ تحريڪ ڪي اڳتي وڌائڻ لاءِ مولانا سنڌي ڪابل

ويا ۽ مولانا محمود الحسن هندستان مان ڪجهه وفد باهرين ملڪن ۾ موڪليا

تہ جيئن اهي باهرين دنيا کي انقلاب کان واقف ڪن ۽ انگريز حڪومت جي ظلم ۽ بربريت

کي بيان ڪري پنهنجي موقف کان آگاهه ڪن ۽ ميدان هموار ڪن.(۱)

جيئن تہ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا محمود الحسن ٻئي

ٻڌي کان ڪافي پري هئا، انڪري مولانا عبيدالله سنڌي سنڌ ۽ هند جي ساڳيه

انقلابي اڳواڻن سان رابطو ڪيو. تہ جيئن سندس ۽ مولانا محمود الحسن جي وچ ۾

آسانيءَ سان خيالن جي ڏيوٽ تي سگهي. ان سلسلي ۾ پهرين مولانا عبدالله

لغاريءَ کي هندستان موڪليو ويو تہ جو مهندر پرتاب ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ

جا خط ڪنهي مولانا فضل علي، ڊاڪٽر انصاري ۽ حڪيم اجمل کي وڃي سلامتيءَ

سان پهچائي، ۽ مولانا غلام فريد ديسپوريءَ، مولانا تاج محمود امروتيءَ ۽ پير جهنڊي

جي پير رشيد الله صاحب کان انگريزن خلاف جهاد جي اجازت ونئي واپس ڪابل

موڪلي.(۲)

مولانا عبدالله لغاريءَ جي سنڌ ۾ آمد کان پوءِ مولانا عبيدالله

سنڌي افغانستان حڪومت سان معاهدي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جنهن مطابق

ترڪي فوجن کي سرحدي علائقن مان لنڊهڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي. مولانا

عبيدالله ۽ افغانستان جي نائب سلطنت نصرالله خان اهو سڄو معاهدو ۽ عملي

ڪرڻ جي تاريخ جي منظوريءَ جي عبارت هڪ ريشمي رومال تي اٽائي چڏي. اها

---

(۱)- علي محمد راشدي پير، "اهي ڏينهن اهي شينهن"، (جلد ٻيون) ۱۹۸۱ع سنڌي

ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص- ص - ۱۹ ۽ ۲۲

(۲)- بخش خان بلوچ ڊاڪٽر، "مولوي عبدالله لغاري" (مقالو)، سماهي 'مهراڻ'

سوانح نمبر' ۱۹۵۷ع جلد ۳-۴ حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۲۷۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 183

عبارت عربي زبان ۾ هئي، جنهن تي حبيب الله خان ۽ سندس ٽنهي پٽن جون صحيحون ٽپل هيون. اهو رومال ۽ ٻين ماڻهن ڏي ريشمي رومالن تي ڪيل خط شيخ عبدالحق نالي نومسلم جي حوالي ڪيا ويا. جيڪي انهيءَ وقت افغانستان ۽ هندستان ۾ ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندو هو ۽ تحريڪ جي پيغام رسانيءَ جو ڪم ڪري رهيو هو. سرانجام ڏينڊو هو. شيخ عبدالحق کي هدايت ڪئي وئي هئي ته جيڪڏهن ڪنهن ته پاڻ حيدرآباد سنڌ پهچي رومال شيخ عبدالرحيم کي ڏئي، جنهن کي اڳيئي پروگرام ڏنل هو ته هو اهو رومال حج تي وڃي شيخ الهند جي حوالي ڪري پر جيڪڏهن شيخ عبدالحق کي خطرو محسوس ڪري ته پوءِ اهو رومال پشاور جي ڪرڪٽ حقنواز جي حوالي ڪري. (۱)

شيخ عبدالحق روانو ٿيو ۽ ملتان پهچي اڳي ريشمي رومال جو مهمان ٿيو ۽ کيس ان رازدان واقف ڪيائين. (۲) انهيءَ عرصي دوران سندس ميزبان ريشمي رومالن مان هڪ رومال ڪڍي وڃي ملتان ڊويزن جي ڪمشنر کي ڏيکاريو، جنهن بروقت انهيءَ خط تي کو توجهه نه ڏني. شيخ عبدالحق کي جڏهن اهو احساس ٿيو ته ريشمي سازش غداريءَ ڪئي آهي ۽ مٿس ۽ واسطيدارن تي گرفتار ڪرائڻ جو منصوبو سنئيو آهي، تڏهن پاڻ هڪدم دينپور پهچي ويو ۽ ريشمي رومال وارا باقي خط وڃي مولانا غلام قادر صاحب جي حوالي ڪيائين پر اهو رومال جنهن تي تحريڪ جو منصوبو اٽيل هو، سو پاڻ ڪٽي حيدرآباد وڃي شيخ عبدالرحيم جي حوالي ڪيائين. (۳) هو ڊاهن ملتان جي ڪمشنر خط تي توجهه نه ڏيڻ جي باوجود اهو

---

(۱) - "نياز" محمد يعقوب، تحريڪ ريشمي رومال ۽ سنڌ جو حصو" (مقالو) روزنامه "هلال پاڪستان" ڪراچي نمبر، ۵، جنوري ۱۹۶۲ع ڪراچي نيشن سنڌ پرنٽنگ پريس، ص - ۱۳۵

(۲) - ظفر حسين ايبڪ، "آپ بيتي" (حصو اول) لاهور منصور بڪ هاؤس ۱۳۸۴ھ، ص ۱۱۳

(۳) - نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر، "مولوي عبدالله لغاري" (مقالو) سماهي "هلال پاڪستان" سوانح نمبر، جلد ۳ سن ۳ حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ع ص - ۲۷۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 184

جاسوسي کاتي جي حوالي ڪري چڏيو هو، جنهن خط جو مطالعو ڪري حڪومت کي آگاهه ڪيو تہ کاوڙي سازش سڌي وئي آهي ۽ ان لاءِ باقي خطن ۽ واسطيدار ماڻهن کي هٽ ڪيو وڃي . حڪومت ترڪ ۾ اچي وئي ۽ دين پوري بزرگن مولانا عبدالله لغاري، مولانا تاج محمود امروٽي ۽ ڄنڊي وارن بزرگن کي گرفتار ڪري ورتو.(۱)

شيخ عبدالرحيم جنهن کي اصلي رومال ملي چڪو هو. کيس جڏهن گرفتار ڪرڻ لاءِ فوج پٽيون پڄي سندس گهر ۾ کاهي پٽي تہ پاڻ فرار ٿي ويو ، پر اهو رومال خوجين کي هٽ اچي ويو ۽ اهڙي طرح "ريشمي رومال تحريڪ" جو راز کُلي پيو ۽ هيءَ تحريڪ هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي.(۲)

ريشمي رومال تحريڪ جي ناڪاميءَ جو سبب ۽ گالهيون

هليون. هڪ تہ قيادت ڪرڻ وارن ۾ حد درجي کان وڌيڪ خوش اعتمادي ۽ حسن خلق جنهن سبب هو دشمن کي به دوست سمجهي پنهنجي راز ۾ شريڪ ڪندا هئا ۽ آخر ۾ انهن جي هٿان ئي کين نقصان پهتو ۽ اهي ئي دوست نما دشمن تحريڪ جي ناڪاميءَ جو سبب بڻيا.

---

(۱) - نبي بخش خان بلوچ ڈاڪٽر، "مولوي عبدالله لغاري" (مقالو) سمائهي "مهراڻ" سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع جلد ۳ ۽ ۴ حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ص ۲۷۶

(۲) - "نياز، محمد يعقوب، "تحريڪ ريشمي رومال ۾ سنڌ جو حصو" (مقالو) روزنامہ "مهراڻ"، سالگره نمبر، ۵، جنوري ۱۹۶۲ع ، ڪراچي نئين سنڌ پرنٽنگ پريس - ص - ۱۳۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 185

بي شيءَ جيڪا ناڪاميءَ جو سبب بڻي اها هئي قوم ۾ قوميت جي جذبي جو فقدان. جنهن سبب قوم جي فردن ۾ قوميت جي قدر قيمت نه جاڻي پنهنجي قوم سان غداريءَ تي آماده ٿيا ۽ غيرن جا آلهه ڪار بڻجي دنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ٿيا. پهرين خامي قيادت ڪرڻ وارن جي ۽ بي خامي سندن پيروڪارن جي هئي.(۱)

ڈاڪٽر مظهرالدين سومرو پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو ته:

"۱۸۵۷ع واري واقعي کانپوءِ هيءَ پهرين تحريڪ هئي جنهن ۾ سنڌ ۽ هند جي عالمن گڏ جي ڀروورتو ۽ انگريزن کي پنهنجي دشمنيءَ تان ڌڪ هاڻي نديڪيندا ڪانسواءِ باهرين ملڪن ۾ به انگريز سان وڙهڻ لاءِ مرڪز تاڪيا. هن تحريڪ ۾ سنڌ جي عالمن ۽ اولاڻ پريمي حصو ورتو. جن مان پير سعد الله شاهه، مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا عبدالله لغاري، مولانا محمد صادق ڪنڍي واري شيخ عبدالرحيم، حڪيم عبدالقيوم، شيخ عبدالمجيد سنڌي شيخ ابراهيم سنڌي، حاجي شاهه بخش، فتح محمد ۽ محمد ميان منصور جا نالا قابل ذڪر آهن. (۲)

---

(۱) – حسين احمد مدني مولانا، 'تحريڪ ريشمي رومال'، آغا اميرحسين ڪلاسڪ لاهور، ۱۹۶۶ع، ص - ۲۶۱

(۲) – سومرو مظهرالدين ڈاڪٽر "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ڏي- فل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو ۱۹۸۳ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص - ۹۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 186

۱۱- خلافت تحريڪ

۱۹۱۴ع ۾ يورپ ۾ جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي تڏهن ترڪي سڄي دنيا ۾ مسلمانن جي واحد آزاد سلطنت هئي. ترڪيءَ جي سلطان کي سڄي دنيا جا مسلمان "خليفة المسلمين" ڪري سڏيندا هئا. گويا مسلمانن جي طرفان کيس خلافت مليل هئي. (۱)

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ برطانيه ۽ سندس حامي هڪ طرف هئا ته ٻئي طرف جرمني ۽ سندس مددگار ۾ ترڪيءَ جي عثماني خلافت ۾ شامل هئي. انگريز ته ائين اسلام ۽ مسلمانن جا دشمن هئا تن کي جڏهن لڙائيءَ ۾ فتح حاصل ٿي تڏهن مسلم حڪومت ترڪيءَ کي ٽڪر ٽڪر ڪري اتحادين ۾ ورهائڻ ۽ مسلم خلافت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪمر کشي ڪيائين. ترڪيءَ جو سلطان مسلم دنيا جو خليفو هو، اُن ڪري دنيا ۽ اسلام ۾ بيچيني پيدا ٿي. خاص ڪري سنڌ ۽ هندستان جي مسلمانن ۾ زياده بي آرامي هئي. ڇاڪاڻ جو هو انگريز

---

(۱) - رياض حسين سيّد "پاڪستان ناگزير هو" چاپو ٻيو ۱۹۷۰ع. ص ۲۳-۲۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 187

جي دشمني ۾ هين ظالمن کان تنگ ٿي چڪا هئا ۱۸۵۷ع واري جنگ آزادي ۾ به وڏا وڏا ستم سٺا هئائون، تنهنڪري انگريزن کان هو سخت متنفر هئا ۽ پئي ڳڻتا ڳوليائون ته آزادي وطن لاءِ ڪو مددگار ثابت ٿي پوي. جيڪو سامراج مان وطن عزيز جي جند آزاد ڪرائي. هاڻي ته وري برصغير جي مسلمانن ۾ وڏو جوش ۽ جذبو پيدا ٿيو. جو ترڪي جي مسلم خلافت ختم ٿيڻ جون خبرون ٻڌائون.(۱)

ان دور ۾ جڏهن ته ملڪي ۽ مذهبي سياست بي آگواڻي عالمن جي هٿ ۾ هئي. ان ڪري کين نئين اهو خيال اول اول آيو ۽ هنڊ ۽ سنڌ جي عالمن ۽ اهل رسوخ مسلمانن جن ۾ بمبئي جا ڪروڙپتي واپاري مسلمان به هئا، گڏ جي هڪ جماعت تيار ڪيائون. جنهن کي "خلافت ڪاميٽي" جي نالي سان سڏيائون. ۽ جڏهن اها تحريڪ ملڪ گير ٿي وئي. تڏهن کيس "هند خلافت ڪاميٽي" ڪوٺيائون.(۲)

خلافت ڪاميٽي هند جي سموري لکپڙهه ۽ تحريڪ بابت سيڪرٽ چندا وغيره. مولانا امروٽيءَ جي مشوري سان طئي ٿيندا هئا. ترڪي جي مظلوم مسلمانن جي مالي امداد لاءِ سڄي سنڌ ۽ هند ۾ چندن جو سلسلو جاري ڪيو ويو هو ۽ ڪروڙن جي انداز ۾ نقد پئسا، دوائون ۽ ڪپڙا استنبول انگوراءِ ٽمرنا ڏانهن موڪليا ويندا هئا.

آل انڊيا سينٽرل خلافت ڪاميٽيءَ جي سنڌ ۾ برانچ قائم ڪئي وئي. جا "سنڌ خلافت ڪاميٽي" جي نالي سان مشهور ٿي سنڌ ۾ هن تحريڪ جو محرڪ ۽ بانيءَ مولانا تاج محمود امروٽي هو.(۳)

---

(۱) - حسن رياض سيد "پاڪستان ناگزير تھا"، چاپو پبليو، ۱۹۷۰ع - ص - ۸۳

(۲) - ——— ايضاً ———

(۳) - هفتيوار "جدوجهد" ڪراچي، اربع ۱۸، نومبر ۱۹۵۹ع ص - ۲، ڪالم ۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 188

'سنڌ خلافت ڪاميٽي' جي تاريخ سنڌ اندر سياسي تنظيم جو هڪ مثالي نمونو هئي. مرڪزي آفيس کان سواءِ ان جون سنڌ اندر ڪل ست ضلعي ڪاميٽيون ۽ به سو پاونجام شاخون هيون. سنڌ خلافت ڪاميٽي اهڙو منظم ادارو هو. جنهن طرفان خلافت جي مسئلي کان سواءِ سنڌ جي تعليمي مذهبي، سماجي ۽ سياسي خدمت ڪرڻ جو هڪ جامع منصوبو هو. هن جماعت شروع کان ونڊي آخر تائين پنهنجا مبلّغ مقرر ڪيا، جن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ وڃي زبردست تبليغ ڪئي ۽ عوام ۾ شعور پيدا ڪيو. (۱)

پير رشد الله ڀنڊي وارو جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن به فرنگيءَ جو منهن ڏسڻ به گوارا نه ڪيو هو، پير صاحب خلافت تحريڪ جو وڏو اڳواڻ هو. (۲) سنڌ ۾ جيڪا پهرين خلافت ڪانفرنس جوڙڻ جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ 'آل انڊيا خلافت ڪانفرنس' جو عظيم الشان جلسو منعقد ڪرايو ويو، جنهن ۾ ننڍي کنڊ جا عظيم عالم ۽ هندستان جا سياسي ليڈر جهڙوڪ: مولانا شوڪت علي، مولانا عبدالباري لکنوي، مولانا ابوالڪلام آزاد. (۳) سيٺ عبدالله هارون، رئيس غلام محمد پرڳڙي، مهاتما گانڌي، ڊاڪٽر انصاري ۽ ٻيا آيا هئا. ان جلسي ۾ مولانا امروٽيءَ سان گڏ مهاتما گانڌي ۽ ٻيا ليڈر چوڪاڻي بگيءَ ۾ وينل هئا ۽ ساري شهر ۾ جلوس ڪڍيو ويو هو. (۴) صدارت پير ڀنڊي واري کان ڪرائي ويئي، جنهن موقعي تي

---

(۱) - سومرو مظهرالدين ڊاڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ڊي. فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۳ع سنڌ يونيورسٽي جام شورو، ص - ۱۳۹

(۲) - پير علي محمد راشدي "اهي ڏينهن اهي شينهن" (جلد ٻيون)، ۱۹۸۱ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد - ص - ۴

(۳) - صدارتي خطبو مولانا امروٽي، سنڌ خلافت ڪانفرنس جيڪب آباد، چوٿون اجلاس ۲-۳ مئي ۱۹۲۰ع چپايل سيد جيوٽ شاهه (دادو)

(۴) - ماهنامه "نئين زندگي" آگسٽ سيپٽمبر، ۱۹۷۰ع ڪراچي. ص ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 189

پير صاحب اهڙي ته تنڊ ۽ تيز تقرير ڪئي جو انگريزن جي خلاف باهه ٻري وئي.(۱) هن جلسي ۾ انگريزن جي خلاف، قطع تعلقات ۽ هجرت جا فتوا پاس ڪيا ويا، جن ۾ آزادي جو راز سمايل هو. لاڙڪاڻي جي ڪانفرنس کان پوءِ ماڻهن ۾ انگريز حاڪمن خلاف ايتري ته نفرت پيدا ٿي، جو انگريزي حڪومت جي ڪري پنهنجي ملڪ کي "دارالحرب" قرار ڏيئي، هزارن جي تعداد ۾ هن ملڪ مان هجرت ڪري افغانستان وڃڻ لاءِ تيار ٿيا.(۲)

سنڌ خلافت ڪاميٽي جي قيام کان وٺي اختتام تائين

هن سياسي جماعت جي جيڪا خدمت ڪئي تنهن کي ڪڏهن به فراموش ڪري نه نوٽ سگهجي. اهو هن جماعت جي قبول هجڻ جو هڪ واضح دليل آهي، جو هن جماعت جون مثاخون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪتل هيلون. ان کان سواءِ مطالعي ۾ آيل دور ۾ خلافت ڪاميٽي هڪ اهڙي جماعت هئي جنهن باقي بين سياسي جماعتن جي پيٽ ۾ گهٽي کان گهٽيون گند جاڙيون ڪيون، جلسا ڪيا، هڙتالون ڪرايون ۽ ڪانفرنسون سڏايون.(۳)

سنڌ خلافت ڪاميٽي پنهنجي سموري سياسي حياتي ۾ فعال ۽ منظم جماعت جي حيثيت سان ڪم ڪيو ۽ اهو سندس ئي ڪارنامو هو، جو سنڌ جي عوام ۾ سياسي شعور ۽ بيداري پيدا ٿي، جنهن سبب هن تن من ۽ دن جي قرباني ڏيئي ڏارين حڪمرانن کي پنهنجي ڌرتيءَ تان ڌڪ

---

(۱) - علي محمد راشدي پير، "اهي ڏينهن اهي شينهن" حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۱ع ص - ۴ -

(۲) - ماهنامه "نئين زندگي"، آگسٽ، سيپٽمبر ۱۹۷۰ع ڪراچي ص - ۱۵

(۳) - مظهرالدين سومرو ڊاڪٽر، "تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ڊي. فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۳ع جامشورو سنڌ يونيورسٽي. ص - ۱۴۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 190

جي هرممڪن ڪوشش ڪئي. سموري هندستان ۾ سنڌ جي ڌرتي ۾ خلافت ڪاميٽي، ئي حقيقت ۾ قيادت ۾ قرباني جو عملي نمونو پيش ڪيو. ۱۶ اپريل تي پوري هندستان جي هڙتال ۾ مڪمل هڙتال ڪئي وئي. هندو مسلمان هٿ هٿ ۾ ملائي قدم وڌايو ۾ هڪ ٻئي جي گلاس ۾ پاڻي پيتو. سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ۾ جان قمد جوٽيجي جي بنگلي ۾ هڪ عام جلسو ٿيو، جتي خلافت جي بچاء لاءِ قرارداد منظور ڪئي وئي.(۱)

حڪومت 'خلافت تحريڪ' کي ختم ڪرڻ سنڌ ۾ مولوي فيض الڪريم 'ناروشاهي' ڪان، مئي ۱۹۱۹ع ۾ هڪ فتويٰ "تحقيق الخلافت" لکرائي جنهن تي سنڌ جي پنجاهوني مذهبي اڳواڻن، پيرن ۽ عالمن ڪان تصديقي صحيحون ڪرائي سنڌ ۾ ورهائي ويئي، جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو ته "خلافت" جو ادارو مذهبي، تاريخي ۽ عملي طور تي ختم ٿي چڪو آهي. انڪري ترڪن کي خلافت جو گادي نشين تسليم ڪرڻ ڪنهن به طرح جائز نه آهي. هن فتويٰ جي جاري ٿيڻ ڪان پوءِ ان جي مخالفت ۾ سنڌ جي عالمن فتويٰ نالي "اظهار الڪرامت" جاري ڪئي جيڪا خلافت جي حمايت ۾ هئي.[۲] انهن فتوائن ڪانپوءِ هجرت تحريڪ' شروع ٿي جنهن ۾ سنڌ جي ۷۵۰ مسلمان مهاجرن تي مشتمل قافلو جان قمد جوٽيجي جي اڳواڻي ۾ ۷ جولاءِ ۱۹۲۰ع ۾ جلال آباد' افغانستان پهتو.(۳)

هن ڌرتيءَ تان "هجرت تحريڪ" جنم ورتو ۽ "تحريڪ موالات"

---

(۱) - دين قمد وفائي مولانا، "يادجانان" سکر، حڪيم عبدالحق ڪتب فروش ۱۹۲۰ع ص -

[۲] - مولانا دين قمد وفائي جي ڪوشش سان "اظهار الڪرامت" نالي هڪ ڪتاب لکيو ويو جيڪو ۱۵۵ صفحن تي ڦهليل آهي. هن ڪتاب ۾ 'تحقيق الخلافت' جو جامع رد ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي ادائي سو عالمن طرفان تصديقي صحيحون ٿيل آهن.

(۳) - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، جولاءِ ۱۹۶۷ع ص - ۴۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 191

تحريڪ کي ملڪ جي عوام ۾ خلافت ڪاميٽيءَ جي ڪوشش سان ڪامياب بڻايو. سنڌي عوام ۾ عالمن نه رڳو "سنڌ خلافت ڪاميٽي" وسيلي پنهنجا جوهر ڏيکاريا، پر الهڻ سنڌ کان ٻاهر "آل انڊيا خلافت ڪاميٽي" جي به رهبري ڪئي ۽ ان سان تعاون ڪيو. اجتماعي طور تي هن تحريڪ کي مولانا محمد علي جوهر، رئيس غلام محمد ڀرگڙي، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سر شيخ عبدالقادر جهڙا عظيم مدبر ۽ مخلص انسان ملي. ۱۹۲۰ع ۾ مرڪزي خلافت ڪاميٽيءَ طرفان مولانا محمد علي جوهر، مولانا سيد سليمان ندوي ۽ سيد حسن امام تي مشتمل هڪ وفد لنڊن موڪليو ويو ته جيئن برطانيه سرڪار جي آڏان خلافت جي مسئلي کي ڇڪي طرح پيش ڪري سگهي.(۱) هن وفد کي ڪابه ظاهر خواه ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي ۽ عربن کي حق خود ارادي ڏيڻ جي نالي ۾ ترڪيءَ کي ڏڪرائڻ کري وري ڏوهه کي برطانيه سرڪار وقت جي تقاضا ۽ هڪ حقيقت قرار ڏنو.(۲) وفد جي واپسي کانپوءِ دسمبر ۱۹۲۰ع ۾ ناگپور ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ "ترڪ موالات تحريڪ" جلاس" جو اعلان ڪيو ويو.(۳) هن تحريڪ دوران ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجون نوڪريون ڇڏيون، خطاب واپس ڪيا ۽ سرڪاري امداد وٺڻ بند ڪري ڇڏي. يارهن هزار ماڻهو جيل موڪليا ويا ۽ ارڙهن هزار ماڻهن افغانستان ڏانهن هجرت ڪئي.(۴)

۱۹۲۳ع تائين پوري هندستان ۾ خلافت تحريڪ زور سان هلي جنهن ۾ خاص طور تي سنڌ وڏي ۾ وڏو حصو ورتو. آخر ۱۹۲۴ع ۾ ترڪيءَ ۾ انقلاب آيو. مصطفيٰ ڪمال حڪومت جون واڳون سنڀاليون، جنهن خليفي عبدالحميد کي ملڪ نيڪالي ڏئي خلافت جو خاتمو آڻي ڇڏيو.(۵)

---

(1) - Ram Gopal :. "Indian Muslims" Bombay Asia Publishing house 1964. P. 142

(۲) - هاشمي سيد "تاريخ مسلمانان پاڪ و بهارت" ڪراچي، انجمن ترقي اردو، ۱۹۵۳ع. ص - ۵۴۷

(3) - Hanafi M.A "Muslim Rule in India Pakistan" Dacca Ideal library 1964 P. 292

(4) - Ram Gopal "Indian Muslims" Bombay. Asia publishing House 1964, P. 144

(5) - L.F. Rushbrook William, "The State of Pakistan" London Feber and Feber 1962. P. 20

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 192

(iii) عدم تعاون تحريڪ

۱۲ مئي ۱۹۲۰ع ۾ مرڪزي خلافت ڪاميٽيءَ جو هڪ اجلاس بمبئيءَ ۾ منعقد ٿيو. انهيءَ اجلاس ۾ عدم تعاون جي تحريڪ جي پروگرام کي آخري شڪل ڏني ويئي. سنڌ مان حاجي عبدالله هارون، مولانا قادر بخش ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ڊاڪٽر شيخ نور محمد شرڪت ڪئي. (۱)

عدم تعاون تحريڪ ۾ اهو شامل هو ته اعزازي عهدا خطاب ۽ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ تان استعفائون ڏيئون وڃن، وڪيل ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪن، اسڪولن ۽ ڪاليجن مان شاگرد نڪري اچن، سرڪاري نوڪرين تان استعفائون ڏيئون وڃن، پوليس ۽ ملٽريءَ ۾ پرتيءَ کان انڪار ڪيو وڃي ۽ حڪومت کي ڪا به ريل يا ٽيڪس نه ڏني وڃي. (۲) سنڌ هن هلچل ۾ حصي کان وڌيڪ پنهنجي قرباني پيش ڪئي. جيتوڻيڪ سنڌ ان وقت کو الڳ صوبو نه هئي، پر هتان جي ڪانگريسي اڳواڻن ايترو تڪڙو ڪم ڪيو جنهن جو مثال هندستان جا ٻيا صوبا پيش ڪري نه ٿا سگهن. ڪانگريسي اڳواڻن سنڌ جو ڪو ٽپويا تعلقو نه چڏيو جنهن ۾ هن ان تحريڪ کي مقبول بنائڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي. جيڪب آباد جي ڳوٺن کان وٺي دور ترپاري جي ڳوٺن، مٽيءَ ۽ جاڙي تائين ڪانگرسين پنهنجي سڏڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. (۳)

---

(۱) - روزانه "الوحيد" ڪراچي، ۱۵ ۱۹۲۰

(2) - P.N. Pandey, The Breakup of British India", Macmillan London, 1969, P. 112

(۳) وشنو شرما جاڪٽر چوٿين مرتابراءِ گدواڻي جي جيوني بمبئي هندوستان ساهيتيه سالا ۱۹۱۷ع ص - ۱۱۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 193

عدم تعاون جي قرارداد کي کانگرس پنھنجي ھڪ اجلاس ۾ منظور کيو ھو. انھيءَ کي تحريڪ جي صورت ڏيڻ لاءِ مھاتما گانڌي پوري ھندستان جو دورو کيو. [۱] عدم تعاون جي تحريڪ دوران گانڌي، مولانا شوڪت علي مولانا ابوالڪلام آزاد لوڪمانيه تلڪ ۽ ٻيا سڀ ۾ آيا ۽ عوام کي عدم تعاون لاءِ چيو. (۲)

عدم تعاون تحريڪ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ ھندن ۽ مسلمانن جا گڏيل جلسا ٿيڻ لڳا. ھر ھڪ جلسي ۾ ھندو ۽ مسلمان گڏ ھوندا ھئا. ھر جلسي کي ھندن ۽ مسلمانن خطاب ڪيو. ۱۹۲۰ع ۾ جيڪب آباد ۾ خلافت ڪاميٽيءَ جو جلسو زير صدارت مولانا تاج محمود امروٽي منعقد ٿيو. ھن جلسي ۾ غلام قادر پيرڙي پنھنجي تقرير ۾ اعلان ڪيو تہ "ماڻ حڪومت کي ڪابہ دل ۽ ٽيڪس نہ ڏينداس". انھيءَ اعلان کان متاثر ٿي ڪيترن ئي ماڻھن عدم تعاون تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. (۳)

---

[۱] - "عدم تعاون" (Non-Co-oprative) جي تجويز جنھن تي پوءِ کانگرس عمل ڪيو. اول اول مھاتما گانڌيءَ جي دماغ ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ وڌي

(پير علي قادر راشدي " اھي ڏينھن اھي شينھن" ص - ۱۹۴

(2) - Shaikh A. Razaq, "Sukkur Past and Present" Writer guid Sub Region Sukkur, 1962, P. 155

(۳) - مرتب رئيس المھاجرين جان محمد جوٽيجو، "ماھي 'مھراڻ'، نمبر ۳، جلد - ۴، حيدرآباد، ۱۹۵۷ع، ص - ۲۸۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 194

۱۷- تحريڪ ترڪِ موالات،

پهرين عالمگير جنگ جي خاتمي کانپوءِ ترڪيءَ تي صلح جا ذلت آميز شرط مڙهيا ويا جيڪي درصورت ۾ مسلمانن جي مذهبي جذبن جي خلاف هئا. اهي شرط برطانيه حڪومت جي وعدن جي ڏنيءَ واءُ ۾ پيچڪاري هئي. سنڌءِ هندجا مسلمان برطانوي حڪومت بي اهيءَ رويي کي ڪڏهن به اکيون ٻوٽي قبول ڪري نه ٿي سگهيا. ان ڪري منن ۲۲ جون ۱۹۲۰ع تي وائسراءِ ۽ گورنر جنرل هندستان بيرن چيلمسفورڊ (Barim chelmsford) کي هڪ ياداشت نامو ڏنو جنهن ۾ امومطالبوڪيو ولوهوته برطانوي سرڪار ترڪيءَ تي مڙهيل شرطن تي نظرثاني ڪرائي ڇڏي حالت ۾ سنڌءِ هندجا مسلمان "ترڪِ موالات" جو آغاز نه ڪندا. (۱)

سنڌ جي جملي ارڙهن عالمن ۽ سياسي اڳواڻن متي ذڪر ڪيل ياداشت نامي تي صحيحون ڪيون جن ۾ هئا. (۲)

سيٺ حاجي عبدالله هارون (ڪراچي)، مولانا ابوالحسن سيد تاج محمود امروٽي، ميان امين الدين منشي (حيدرآباد) شيخ عبدالمجيد (حيدرآباد)، محمد خان (حيدرآباد)، ڊاڪٽر ايم. اي احمد (ڪراچي)، مولوي سيد اسدالله تڪڙائي، مولوي محمد صادق (ڪراچي)، رئيس جان محمد جوڻيجو (ٽڪڙو) پير تراب علي شاهه (قنبر)، مولوي عبدالغفور (جيڪب آباد)، مولوي عبدالخالق مورائي (مورو)، پير رشد الله (پير جهنڊو) مولوي حڪيم فضل محمد (نوشهرو)، نجم الدين انصاري (نوشهرو)، مولوي حڪيم محمد صديق (مورو) محمد هاشم مخلص (ميرپورخاص) ۽ حاجي احمد علي (ڊينگاڻ)

---

(۱) "ترڪِ موالات" نمبر ۱، بمبئي، مرڪزي خلافت ڪميٽي جون ۱۹۲۰ع ص- ۵

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص- ص- ۱۰-۱۱ ـــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 195

سنڌ تورّي هند جي خلافتي آگواڻن هرممڪن وسيلو ڪم آڻي حڪومت کي پنهنجي حڪمت عمليءَ تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن سندن هرڪاڪوشش ڪنهن نتيجي پيدا ڪرڻ کان سواءِ ختم ٿي وئي، تہ مايوس ۽ نااميد ٿڪجي "ترڪ موالات تحريڪ" هلائڻ تي مجبور ٿيا. (۱)

هن تحريڪ جو تخيل سڀ کان پهريائين سنڌ جي تربتيءَ تان اپريو. اهڙيءَ سلسلي ۾ اپريل ۱۹۲۰ع ۾ سيوهڻ ۾ خلافت ڪانفرنس جي ڳالهه جاڻي ٿي جنهن ۾ "ترڪ موالات" جو فتواءُ پيش ڪيو ويو. (۲) تنهن کان هڪ مهينو پوءِ ڪراچيءَ ۾ خلافت جو جلسو ٿيو. جنهن ۾ ساڳئي قسم جو فتواءُ بحال ڪيو ويو. (۳)

جولاءِ ۱۹۲۰ع ۾ قنبر (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ خلافت ڪانفرنس جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ "ترڪ موالات" جو فتواءُ بحال ڪيو ويو. (۴) سنڌ جي آگواڻيءَ ۾ جڏهن ترڪ موالات جو آغاز ٿيو، تہ ان کان پوءِ ۷ سيپٽمبر ۱۹۲۰ع تي ڪلڪتي ۾ خلافت ڪانفرنس، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو گڏيل اجلاس ٿيو، جنهن ۾ هن تحريڪ کي جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جڏهن سنڌ ۽ هند جي عالمن هن فيصلي جي تصديق ڪري فتوو ڪڍي جنهن تي سنڌ مان مولانا حاجي محمد قاسم (سونڊا)، مولانا تاج محمود امروٽي (امروٽ) ۽ مولوي شمس الدين (حيدرآباد) به صحيحون ڪيون. (۵)

---

(۱) - سومرو مظهرالدين ڊاڪٽر. "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو". ڊي فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۳ع

(۲) - روزانو "الوحيد" ڪراچي، مؤرخه ۲۷ اپريل ۱۹۲۰ع ص - ۴

(۳) ——— ايضاً ——— ص - ۲ ———

(۴) ——— ايضاً ——— ص - ۳ ———

(۵) - "متفقه فتوا". دهلي، مرڪزيه علماء هند، سال. ؟ ص. ص ۱۴-۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 196

من فتويٰ کان پوءِ تحريڪ 'ترڪ موالات' جي آغاز بعد هڪ
بي جامع فتويٰ ڪڍي وئي، جنهن ۾ پڻ سندن جي هيٺ جاڻايل عالمن تصديق
صحيحون ڪيون .(۱)

مولانا فضل صادق (ڪنڊوڪراچي) مولانا عبدالله (حيدرآباد)
مولانا شمس الدين نوشهرائي، مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي
(ڪراچي)، مولانا غلام مجدد مجددي (حيدرآباد) مولانا عبدالقادر (پير جهنڊو)
مولانا فضل حسن سرهندي (حيدرآباد) مولانا فضل نورالحق (پير جهنڊو) مولانا علي محمد
مهيسري (ٺٽو)، مولانا فضل عرس سرهندي (ميارو)، مولانا فضل عثمان مياڻي (ٽنڊوباگو)
مولانا فضل عاقل عاقلي (لاڙڪاڻو)، مولانا غلام عمر جتوئي (لاڙڪاڻو)، مولانا غلام نور
(سکر)، مولانا حافظ فضل ڪامل دايو (لاڙڪاڻو)، مولانا مير فضل نورسنگي (لاڙڪاڻو)
مولانا پير مٺل شاه ٽلهي (لاڙڪاڻو)، مولانا فضل عمر خيرپور ناٿن شاه (دادو) مولانا
عبدالنبي سيد (حيدرآباد)، مولانا عبدالخالق مورائي (نواب شاهه)، پير اسدالله
شاه حسيني (حيدرآباد) مولانا خادم حسين جتوئي (حيدرآباد)، مولانا فضل اسمٰعيل
گهونڪي (سکر)، مولانا نور فضل گهونڪي (سکر)، مولانا فتح علي دارالفيوض هاشميه
سڪاول (ٺٽو) پير تراب علي شاه (لاڙڪاڻو) پير غلام مجدد (حيدرآباد)، مولانا محمود
(شڪارپور)، مولانا بصيرالدين صديقي (دادو)، مولانا فضل حسن صديقي (دادو)
مولانا فضل معين صديقي (دادو)، مولانا عبدالڪريم (لاڙڪاڻو)، مولانا فضل صادق پنو
عاقل (سکر) ۽ ٻيا .

تحريڪ "ترڪ موالات" اها جامع تحريڪ هئي جيڪا پنهنجي مفهوم
جي اعتبار کان فرنگي سرڪار ۽ سندس چاڻتن کان سڀني موثرن جو عمل هو جيئن ته سڀني
موثرن يا لاڳاپا نورثرن جو اصطلاح وسيع معنيٰ رکي ٿو. ان ڪري هن تحريڪ کي هيٺين مختلف
حصن ۾ ورهايو ويو .(۲) -

---

(۱) - "شفقه فتويٰ" دهلي، مرڪزيه علماء هند جماد الآخر ۱۳۳۹ھ، ص. ۱ کان ص ۲۷
(۲) - ايضاً ص - ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 197

۱- سرڪاري ڪائونسلن جي ميمبري وڪالت جو ڏنڈو سرڪاري تعليمي ادارن ۾ تعليم، تعليمي ادارن لاءِ سرڪاري مالي امداد اعزازي مئجسٽريٽيون، خطاب ۽ ٻيون سرڪاري رعايتون قبول نه ڪرڻ

۲- حڪومت جي فوجي ۽ غير فوجي ملازمتن کي حرام سمجهڻ

۳- انگريزي مال استعمال نه ڪرڻ.

ترڪ موالات کي ڪامياب بنائڻ لاءِ 'سنڌ خلافت ڪاميٽي' منظم لائحہ عمل تيار ڪيو تحريڪ جي آغاز کان ڪيترو اڳ ذرائع ابلاغ جي وسيلي 'ترڪ موالات' جي تشهير ڪئي وئي ۽ ماڻهن کي هدايتون ڏينون ويون. (۱)

---

(۱) - روزانہ "الوحيد" ڪراچيءَ جا مختلف پرچا هڙوڪ ۶ جولاءِ ۱۹۲۰ع ص. ۳ - ۲۶ سيپٽمبر ۱۹۲۰ع ص. ۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 198

(۷) هجرت تحريڪ

آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سنڌ جو نمايان ڪردار رهيو آهي.
ان سلسلي ۾ مختلف دورن ۾ جيڪي مختلف تحريڪون ننڍي کنڊ ۾ ايرڻ لڳن
۾ سنڌ جي عالمن توڙي سياستدانن جو حصو سونهري اکرن ۾ لکڻ جوڳو آهي.
انهن تحريڪن ۾ 'تحريڪ خلافت'، 'تحريڪ هجرت'، 'ريشمي رومال تحريڪ'
جدوجهد جو چٽو ثبوت آهي.

'هجرت تحريڪ' اصل ۾ 'تحريڪ خلافت' جو ئي حصو هئي.
'هجرت تحريڪ' جو امام جان محمد جوٽيجو هو، جنهن کي 'رئيس المهاجرين' جو خطاب
ڏنو ويو.

سنڌ جي سياسي تحريڪ پنهنجي خواه پراون جي قلم
جو نشانو بڻي آهي. سنڌ جا اهي ليکڪ جيڪي اسان جي سياسي تاريخ ۽
سياسي واقعن جا عيني شاهد يا ڪردار رهيا آهن. تن پنهنجي شخصيت
۽ ڪردار کي ايارڻ لاءِ حقيقت جو خون ڪيو. ڪارين وري جڏهن قلم هٿ ۾
کنيو آهي تڏهن آزاديءَ جي تحريڪ جا ڪارناما پنهنجي ڪاتي ٿي چاڙهي 'رسوائين'
۽ ذلتون اسان جي نالي لکي چڏيون آهن.

Gul Hayat Institute

اهڙيءَ طرح جڏهن اسين 'هجرت تحريڪ' جا ورق اٽلائيون
تڏهن تاريخ نويسيءَ جي ساڻيئي نشتر اسان جي جذبن امنگن جو خون ڪري ڇڏي
ٿي. غير سنڌي ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن 'هجرت تحريڪ' جو
آغاز آڳ ۾ ٿيو ته پوءِ اسان اکيون ٻوٽي انهن جي پيروي ڪئي. پر حقيقت
۾ ائين نه آهي. 'هجرت تحريڪ' جو عملي آغاز سڀ کان پهرين سنڌ مان ٿيو ۽ ان جي
پوئواري باقي هند وارن ڪئي. (۱)

---

(۱) - مظهرالدين سومرو ڊاڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ڊي. فل لاءِ ڪيل
تحقيقي مقالو، ۱۹۸۳ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 199

لاڑڪاڻي خلافت ڪانفرنس جي آخري اجلاس منعقده

۸، فبروري ۱۹۲۰ع اهو طئي ٿيو ته جان محمد جوڻيجي جي آگواڻي هيٺ سنڌ جي خلافتين جو هڪ وفد بمبئي جي گورنر سان ملاقات ڪري، ڪيس سنڌ جي ڪامورن جي ظلمن جو داستان بڌائي. ڇو ته هن ڊپٽي جي لڳاتار نتائج بعد وقت جي گورنر جڏهن وفد سان ملاقات نه ڪئي ۽ اهڙي طرح بمبئي مان سنڌ واپس جي سفارت ناڪام ٿي موٽي آئي تہ اهڙي رويي جي ڪري هن کي پڪ ٿي تہ ڪنهن به صورت ۾ موجوده نوڪر شاهي ۽ حڪومت مان پلائي يا داد رسي ٿيڻ ڪاڻ آهي تنهن ڪري نهايت تنگ اچي اپريل ۱۹۲۰ع ۾ سيوهڻ خلاف ڪانفرنس جي موقعي تي جامولانا عبدالڪريم درس جي زير صدارت منعقد ٿي هئي هجرت جو فيصلو پاس ڪيائون. (۱)

'هجرت تحريڪ' جي شروعات متعلق متضاد رايا ملن ٿا.

وحيد الزمان پنهنجي ڪتاب ۾ رقمطراز آهي

"هجرت تحريڪ جيڪا وڏي پيماني تي شروع ٿي، سا ۱۹۲۰ع ۾ مسلمانن جي مذهبي عالمن جي مشوري سان شروع ٿي. هڪ رپورٽ موجب امارت پرياڻن مولانا آزاد ڏني هئي تہ جيئن مسلمان برطانيہ سرڪار جي عذاب کان بچي ٻئي مسلمان ملڪ ڏانهن هجرت ڪن." (۲)

وحيد الزمان جي متين راءِ کي مشهور انگريز مؤرخ 'بي- اين پانديءَ جي هيٺين تحريرمان ڪي قدر هٿي ملي ٿي.

---

(۱)- وفائي دين محمد مولانا، "يادجانان"، حڪيم عبدالحق ڪتب فروش ۱۹۲۰ع ص ۱۴

(2)- Waheed-ur-Zaman, "To Wards Pakistan" Publisher Limited - Lahore 1954, P. 28

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 200

تاهم ان مان اهو واضح نہ ٿو ٿئي تہ اها تحريڪ هندستان جي ڪهڙي صوبي مان ڪهڙن عالمن شروع ڪئي. 'پابندي' لڳي ٿو :-

"خلافت تحريڪ جي زور وٺائڻ لاءِ هندستان جي مسلمان عالمن فيصلو ڪيوتہ انگريز حڪومت تي وڌيڪ دباءُ وجهڻ لاءِ 'هجرت تحريڪ' شروع ڪجي ۽ هندستان مان مسلمان هجرت ڪري ٻئي پاڙيسري مسلمان ملڪ ڏانهن وڃن. نومبر ۱۹۲۰ع ۾ مسلمان عالمن هڪ فتوىٰ جاري ڪئي، جنهن ۾ هندستان کي 'دارالحرب' قرار ڏنو ويو. فتوىٰ ۾ چيو ويوتہ حڪومت جي مخالف پاليسيءَ سبب ۽ انهيءَ مجبوريءَ تحت مسلمان جواهم حق آهي تہ هو هندستان مان هجرت ڪري ڪنهن مسلمان ملڪ ڏانهن وڃن".(۱)

پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب 'اهي ڏينهن اهي شينهن' ۾ هندستان ۾ هجرت تحريڪ متعلق فتوىٰ جاري ٿيڻ بابت لکي ٿو :-

"هندستان ۾ هجرت جي چوڀيڙو ملڻ لڳي هئي. فرنگي محل (لکنو) جي مولانا عبدالباري صاحب فتوىٰ جاري ڪئي هئي تہ انگريزن جي حڪومت هجرت ڪري مسلمانن لاءِ دارالحرب[۲] بڻجي چڪو آهي، جتان هجرت ڪري ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ وڃي پناه وٺڻ هينئر مسلمانن جو مذهبي فرض آهي".

امان الله اهاضبر پڌري اعلان ڪيوتہ افغانستان جو سارو ملڪ هندستان جي مهاجرن کي پناهہ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ان اعلان جا ڪارڊ پرائي هندستان موڪلي مسلمانن کي پڌرايا ويا.(۳)

---

(۱)- B.N. Pandey, "The Break up of British India" Macmillan London 1969. P. 120

[۲] - هڪ ڪافر ملڪ جيڪو مسلمانن سان جنگ ڪري رهيو هجي.

(۳)- علي محمد راشدي پير، 'اهي ڏينهن اهي شينهن'، (پهريون ڀاڱو) ۱۹۸۱ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص- ۳۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 201

سيلوهڙ خلافت کانفرنس کانپوءِ ملئي ۱۹۲۰ع ۾ جڏهن جيڪب آباد ۾ خلافت کانفرنس ٿي ته ان ۾ مرڪزي ٿي با قائدي هجرت کا سيٽيءَ جو انحصاد ٿيو، جنهن جو صدر پير تراب علي شاهءِ سيڪريٽري رئيس جان محمد جوڻيجو چونڊيا ويا. (۱) جڏهن کانفرنس جي پوئين ڏينهن ٿي هجرت جو اعلان ٿيو ته هزارين ماڻهن سنڌ مان کابل ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ نالا ڏنا. ان کان پوءِ ساڳئي مهيني ۾ هجرت کا سيٽيءَ جو پهريو اجلاس حيدرآباد ۾ پير تراب علي شاه جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن ۾ حڪومت کي هجرت ڪرڻ جي منصوبي کان باخبر ڪيو ويو. ان کان پوءِ اهو ضروري سمجهيو ويو ته هجرت جي تحريڪ کي ڪامياب ۽ ڪامران بنائڻ لاءِ هجرت جي خواهشمندن جي مڪمل رهبري ڪئي وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ جون ۱۹۲۰ع ۾ مختلف ذرائع ابلاغ ذريعي اهو پتو روڪيو ويو ته: (۲)

۱- جيڪي هجرت ڪرڻ گهرن تا سي پنهنجا نالا ذاتي احوال ۽ مالي حالت لکت ۾ هجرت کا سيٽيءَ ڏانهن موڪلي ڏين.

۲- جيڪي خواهشمند هجرت ڪميٽيءَ جي مالي مدد ڪرڻ گهرن تا سي اگتي قدم وڌائن.

۳- سنڌ مان پهرين قافلو ۹ جولاءِ ۱۹۲۰ع تي روانو ٿيندو، سوانهيءَ ۾ هجرت ڪندڙ پنهنجي مڪمل تياري ڪري ڇڏين. اڌ ڪوني سان ٽوري عرضي ۾ لاڙڪاڻي مان ۸۸ مرد ن، جيڪب آباد مان ۱۳، مرد ن، شڪارپور مان ۲۱، مرد ن، سکر مان ۶۸، مرد ن ۽ جملي ۱۰۰، عورتن ۽ ٻارن تحريڪ جي قافلي ۾ شرڪت ڪئي. (۳)

---

(۱) - ڏين محمد وفائي مولانا، "يادِ جانان"، سکر، حڪيم عبدالحق ڪتب فروش ۱۹۲۰ع، ص-۱۶

(۲) - روزنامه "الوحيد"، ڪراچي، مورخه ۱۳، جون ۱۹۲۰ع، ص-۱

(۳) - _____ ايضاً _____ ص-۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 202

'تحريڪ هجرت ۾ سڄي هندستان ۾ رئيس جان محمد جوڻيجو

پهرين سنڌي مجاهد هو. جنهن هجرت جو بنياد وڌو ۹. جولاءِ ۱۹۲۰ع ۾ سڀ کان پهرين سنڌ هجرت ڪندڙ مهاجرن جي هڪ اسپيشل ٽرين لاڙڪاڻي ريلوي اسٽيشن کان افغانستان لاءِ روانو ٿي.(۱) هجرت جو اهڙو نظارو، ان وقت جي اخبار "لاڙڪاڻه گزيٽ" هن طرح ڏنو آهي:-

"۹. جولاءِ ۱۹۲۰ع تي مسلمان پنهنجي دين جي پيروي ڪرڻ ڪري هجرت ڪري ويا. سڀني جي دل تي زخم ڪري ويا. وڏو غم جو ڏينهن هو. ان ڏينهن هر ڪنهن مسلمان جو چهرو نهايت چمڪندڙ هو. لاڙڪاڻي شهر جا دوڪان بند هئا. ليڪن هر ڪنهن صدوءَ جو چهرو جدائي ڪري ڪوماڙ هو ۽ ساڻن جا هشام لاڙڪاڻي ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. تن ڏينهن هجرت ڪندڙ ڪل ۷۶۰ ڄڻا هئا. مسلمان پائرن جون دليون خلافت ۽ ترڪيءَ جي مسئلي ڪري وڏي ماتم ۾ آهن ۽ جتان ڪتان هجرت ڪرڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. سڀ اسپيشل گاڏيون گهلوڪري لاڙڪاڻي اسٽيشن تان روانيون ٿيندڙ هيون. جو هجرت ڪميٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻو آهي. شام جو پنجين وڃي هندن ۽ مسلمانن جا رئيس جان محمد جوڻيجو جي بنگلي تي اچي ڪٺا ٿيا ۽ ٻڌب باجن سان سڄي شهر لاڙڪاڻي ۾ مهاجرن کي سرگرس ڪرائي وئي. اها بگي هنن ۾ مولانا امروٽي ۽ رئيس جان محمد جوڻيجو هئا، ساهندن

---

(۱) - تاج محمد سمون "رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو" (مضمون) ماهنامه "نئين زندگي" ڪراچي، ۱. اپريل ۱۹۶۸ع، ص - ۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 203

۽ مسلمانن تي ڪاهي ۽ ڇڪي (گهورڻ جي بدران) وات تي ماڻهن هجرت ڪندڙن تي گل ڦل وسايا. گاڏي ۱۰، ۱۲ ڇڻ ڇڻي صبح وقت گاڏي ڇڏي تنهن وقت هر هڪ ڪان گوڙهما وهڙ لڳا. (۱)

سندي مهاجرن جي آدرياء لاءِ آليئي مولانا ظفر علي لاهور مان چندو گڏ ڪري ڇڏيو هو. ان کري جڏهن سندي مهاجر لاهور پهتا تہ لين بادامي باغ ريلوي اسٽيشن تي مهمان ٻڌايو ويو. (۲)

آخرڪار مهاجرن جوهي ڏهرين قافلو ۱۶، جولاءِ ۱۹۲۰ع تي پشاور مان روانو ٿيو ۽ ۱۹، جولا ۱۹۲۰ع جلال آباد پهتو. هن تحريڪ جي آليئي هلي رخ اختيار ڪيو انهيءَ جو اندازو رئيس المهاجرين جان محمد جوٽيجي جي انهيءَ تقرير مان لڳائي سگهجي ٿو، جيڪا هن ۴، آڪٽوبر ۱۹۲۰ع تي ڪابل مان واپس ٿيندي ڪئي هئي. انهيءَ تقرير جا اقتباس هيٺ پيش ڪجن ٿا:-

اسپيشل ٽرين ۾ گهوڙي سپ ماڻهو مفلس بي سفر وسامان هڻا گهٽن ڪي ته پورا لٽابه بدن تي ڪونه هئا. اهڙن ماڻهن کي جيڪڏهن تڪبت نه تي ڏنيسون تہ سخت رنج تياتي ۽ چيائون تي تہ هجرت ڪاشاهوڪار لاءِ آهي چا اسان خدا ڪارڙ نہ ٿاهلون ؟ اسان به سمجهيو تہ مذهبي جوش دلين ۾ آهن کي روڪڻ مناسب نہ آهي. هجرت ڪميٽيءَ کي چندي جا پئسا ڪونہ هئا تڪيتون تمام ٿورن ماڻهن پنهنجي پئسن سان خريد ڪيون. تڪيتن ۽ چندي مان (۳۰۰) ٽن هزارن کان گهٽ پئسا وهول تيا. (۳۵۰۰) ٽي هزار پنج سو ڪميٽيءَ قرض ورتو. باقي انڪل (۸۵۰۰) اٺ هزار پنج سو روپيه مون پنهنجي ڪسي مان خرچ ڪيا. ڪل اسپيشل ٽرين

---

(۱)- اخبار "لاڙڪاڻو گزيٽ"، ايڊيٽر ديوان ٿلهرام، لاڙڪاڻو، ۱۷، جولاءِ ۱۹۲۰ع

(۲)- روزانہ "الوحيد"، ڪراچي، مؤرخہ ۱۴، جولاءِ ۱۹۲۰ع، ص- ۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 204

ٽي (۱۴۵۳۸) چوڏهن هزار پنج سوانٽيهه روپيه خرچ ٿيا. آخرهتان روانا ٿياسون ولٽ ٽي مهاجرن جي اڳواڻ مرحبا ٽي جوڪنهن بادشاهه جي بدڪانه ٽي هوندي. رستي ۾ انگل (۸۰۰۰) اٺ هزار روپيه مهاجرن جي امداد لاءِ مليا. (۱)

افغانستان جي حد ۾ قافلي جي افغاني ماڻهن پنهنجي وسعت آهر چڱي خدمت ڪئي. اڄان اسان جو قافلو ڪابل ۾ ئي هوته يڪدم ٻيا هزارين مهاجر اچي پهتا ۽ ان وقت انگل ڏهڪ ڏيهه هزار مهاجر افغانستان جي سرحد ۾ داخل ٿي چڪا هئا. اهي ماڻهو گهوڙي ۽ بي سروسامان هئا. ۽ هڪ هڪ قافلو سندن ويهن ويهن ۽ ٽيهن ٽيهن هزارن جي انڊار ۾ هو. آءُ ڏٺو جاءِ ٿي ڪونه هئس ته مهاجرن جي پردي ۾ جيڪا خلق افغانستان ۾ گڏ ٿي هئي سا ڇڻ ڏسڻ جي هئي. هڪڙو ٽولو خاص شريف ۽ شيطان جو هو. ٻيو ٽولو ان ماڻهن جو هو جن کي تماشبين چئجي. ڪابل ۾ نڪي بدپيشه عورتون هيون نه ڪي هيڏو ڪوتاڪ ۽ ٻيو تماشو. جنهن سان اهڙن ماڻهن جي رهاڻ ٿئي. اهڙن کي افغانستان ۾ هڪ ويراني نظر آئي. ٽيون ٽولو اهڙن ماڻهن جو هو. جن کي ضعيف الايمان چئجي. يعني ته جن کي ڪاوڙي تڪليف آئي ته برداشت نه ڪري سگهيا. اهڙن ٽنهي ڏسڻ جا ماڻهو واپس ٽڙڻ لڳا. چوٿون ٽولو اهڙن ماڻهن جو به هو جن جو ايمان ڪامل هو اهو اڃا سُودو افغانستان ۾ موجود آهي. (۲)

رئيس المهاجرين جي تقريرمان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي سياسي تحريڪ هڪدم وڌي پيماني تي اُپري آئي. جو هڪ طرف مهاجرن جي اڳواڻ ذهني تربيت ڏئي نه سگهي ۽ ٻئي طرف اڻپتي هلي اها بدانتظامي ۽ جوشڪار

---

(۱) - مظهرالدين سومرو ڊاڪٽر، "تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ڊي. فل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۳ع، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو - ص ۱۵۷.

(۲) - روزنامه "الوحيد"، ڪراچي، ۲۱ آڪٽوبر ۱۹۲۲ع، ص. ص. ۳-۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 205

ٻڌجي ويئي ۽ نتيجي ۾ هڪ سياسي تحريڪ مذهبي تحريڪ ۾ بدلجي وئي. (۱)

ان داخلي اسبابن کان سواءِ بن مکيه خارجي سببن جو

به هن تحريڪ جي ناڪاميءَ ۾ وڏو هٿ هو. انهن مان پهريون سبب هو فرنگي

سرڪار جي بد نيتي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترا سرڪاري جاسوس مهاجر ٻڌجي

افغانستان وياءِ اتي وڃي ڏڪيئر وڏائون ۽ ماڻهن کي بددل ڪيائون. (۲)

هجرت کي ناڪام بڻائڻ لاءِ انگريزن جيڪي حربا هلايا

انهن متعلق پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن"

۾ رقمطراز آهي :-

"افسوس جو مسلمانن ۾ قوم جا غدار به موجود

هئا. جن انگريزن سان سازباز ڪري کين خبردار ڪيو. جنهنڪري

انگريزن افغانستان جي خود مختياري تسليم ڪري ڪڏهن ڪڏهن ۾

امير امان الله سان صلح ڪري ورتو. صلح جو هڪ شرط اهو به

هو ته هندستان مان آيل مهاجرن کي پناه نه ڏني ويندي. ان

ڪري صلح بعد جلد ئي پٺاڻ، سندي مهاجرن سان بدسلوڪي

شروع ڪري ڏني. آخر ويچارا مهاجر ڏاڍين تڪليفن کان بعد

دربدر ٿي اچي پنهنجي وطن پهتا." (۳)

---

(۱)- سومرو مظهرالدين ڊاڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ڊي فل لاءِ

ڪيل تحقيقي مقالو ۱۹۸۳ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص-۱۵۸

(2) Jamaluddin Ahmed.. "Middle phage of Muslims political Movment" Lahore Publishers uniled L.t.d 1969. P. 25

(۳) - علي محمد راشدي پير، "اهي ڏينهن اهي شينهن" (چاپو پهريو) حيدرآباد

سنڌي ادبي بورڊ ص ۱۹۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 206

ٻيوسبب هو غيرسندي عالمن جي غيرمستقل مزاجي ۽ آگواڻيءَ جو اجايو جنون سنڌ ۽ هند جي غريب عوام ۾ هجرت جو جنون تڏهن جاڳيو جڏهن غيرسندي عالمن ۽ آگواڻن فتوائون ۽ هدايتون جاري ڪيون، پر جڏهن ساده لوح عوام انهن جي آواز تي لبيڪ چيئي "هجرت تحريڪ" کي هڪ طوفان جي حيثيت بخشي تہ غيرسندي عالمن عوام جو ساٿ ڏيئي، انهن سان گڏ هجرت نہ ڪئي پر پنهنجي بيان هدايتن ۽ فتوائن ۾ ردوبدل آڻڻ ۾ ئي پنهنجي عظمت ڄاتي [۱]

مطلب تہ غيرسندي عالم ۽ آگواڻ نہ رڳو وقت ۽ حالتن مطابق پنهنجو موقوف بدلائيندا رهيا، پر وقت جو وقت سندي عالمن ۽ آگواڻن ۾ بي اعتماديءَ جو اظهار ٻڌندا رهيا ۽ سندن انهيءَ روش ٻهن تحريڪ کي وڏو نقصان پهچايو. مولوي غلام قادر غزين هندي جنهن هجرت جهڙي سياسي تحريڪ کي مذهبي ۽ جنوني تحريڪ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ننڍن ڇوٽين جو زور لڳايو سو جڏهن آخري ايٽن قافلي سان گڏ جي افغانستان پهتو تہ اتي "انجمن مهاجرين هند" جي صدر ۽ نئين ڪنڊ جي نامور باغي مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي حڪمن ۽ ٻڌڻ بدران خود خيالي ٻي پوڙاري ڪرڻ لڳو ۽ ايٽن مهاجرن ۾ اختلاف پوڻ جو آغاز ٿيو. [۲]

---

[۱] - انهيءَ سلسلي ۾ مولانا عبدالباري جي صيٽ ڏنل بيان کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو "مون هرڪنهن مسلمان کي هجرت ڪرڻ جو حڪر ڪونہ ڏنو آهي ۽ نڪي ڪابل ۾ اهڙيون حالتون آهن جو اوڏانهن هجرت ڪئي وڃي. مونکي يقين نہ ٿو اچي تہ سواءِ پوري پوري غور ڪرڻ جي هجرت کي فرض آهي، تنهن کان سواءِ ڪيترا حق ادا ڪرڻا آهن ۽ والدين جي رضا وڏ ضروري آهي". هي بيان ان وقت ڏنو ويو هو جڏهن "هجرت تحريڪ" پنهنجي اوج تي پهچي چڪي هئي.

روزنامہ "الوحيد"، ڪراچي، ۷ آگسٽ ۱۹۲۰ع، ص - ۱

[۲] - سيد رئيس احمد جعفري ندوي، "اوراق گم گشته"، لاهور محمد علي اڪيڈمي ۱۹۶۸ع ص - ۸۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 207

سنڌ جو مشهور محقق پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ هجرت تحريڪ" ۾ سنڌ جي ماڻهن جي قربانين جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو:-

"سنڌ جي ماڻهن "هجرت تحريڪ" ۾ ڪافي مصيبتون سٺيون. سنڌ اندر اُن تحريڪ جا باني مباني مولانا تاج محمود امروٽي ۽ سندس ساڻي پير تراب علي شاهه راشدي ۽ پير علي انور شاهه راشدي ۽ رئيس جان محمد جوڻيجو هئا. انهن بزرگن امان الله جي اعلان تي اعتبار ڪري هزارن سنڌين کي هجرت ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. پهرين قافلو سنڌ مان ويو جنهن جي اڳواڻي رئيس جان محمد جوڻيجي خود ڪئي. سنڌين هجرت جي عشق ۾ پنهنجا گهربار زمينون ۽ مال ڏيڪا نيلام ڪري ڪروڙين رپين جا نقصان سٺا هئا. هجرت جي سلسلي ۾ ساري هندستان جي اندر سڀ کان پهريون بغاوت جو مقدمو به سنڌ ۾ داخل ٿيو هو. جيڪو پُرتي ديسري ضلعي لاڙڪاڻي جي مرحوم علي حسن گهانگهري تي قائم ٿيو." (۱)

هُجرت تحريڪ جي آخري چيهو تڏهن رسيو جڏهن رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجي اپريل ۱۹۲۱ع ۾ وفات ڪئي. جنهن سان گڏ هُجرت تحريڪ جو به خاتمو ٿيو.

Gul Hayat Institute

هجرت تحريڪ ۾ لاڙڪاڻي جي عالمن جو حصو:

هجرت تحريڪ جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جو معروف عالم مولانا محمد عظيم "شيدا" پنهنجي سوانح عمري (قلمي) ۾ رقمطراز آهي:-

"جڏهن انگريزن جي خلافت ڪانگريس سان گڏ پي

---

(۱) - علي محمد راشد، پير، "اهي ڏينهن اهي شينهن"، (جلد ٻيون) ۱۹۸۱ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص - ص - ۳۹ - ۴۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تحريڪ شروع ٿي تہ سان لاڙڪاڻي جي باشندن، عالمائن، پيرن
۽ ڪارڪنن ان ۾ پرڻپور حصو ورتو. پير تراب علي شاه مرحوم جي
صدارت ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي عالمن مولانا مير قدر نورسنگي ۽
جي زيرقيادت لاڙڪاڻي ۾ هڪ ميٽنگ ڪئي. جنهن ۾ اهو فيصلو
ڪيو ويو تہ لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪ وڏو جلسو پير رشد الله ڀنڊي
ڏي ۽ جي صدارت ۾ منعقد ڪرايو وڃي، جنهن ۾ مولانا تاج
محمود امروٽي ۽ کان علاوه سموري هندستان جا ليڊر گهرايا
وڃن ۽ آخر اهڙو ڏاڙ پاس ڪري خط وڪتابت شروع ڪئي وڃي."

جڏهن جلسو منعقد ٿيو تہ ان جلسي ۾ پير ڀنڊي واري
پنجابي سوين مريدن سميت شريڪ ٿيو ۽ ان کان سواءِ مولانا شوڪت علي
مولانا محمد علي، بي اما، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا حبيب الرحمن
لدياڻوي، مولانا ظفر الله لاهوري ايڊيٽر زميندار اخبار جميعت
العلماء هند جا عالم، مولانا حسين احمد مدني، مولانا شبير احمد عثماني ۽ ٻيا
شريڪ ٿيا. آڻ ۾ جميعت العلماء جو سلسلو مولانا حسين احمد مدني جي صدارت
شروع ٿيو ۽ ٻه ڪلاڪ ڪن هليو. پوءِ جيڪو هڪ وڏو جلسي ۾ تبديل ٿي ويو،
جيڪو زير صدارت پير ڀنڊي واري جي شروع ٿيو. خطبه
استقباليه پير مرحوم شهيد علي "گهاڙ پير" واري پڙهيو. جلسي
۾ سوين سنڌ، رياست بهاولپور ۽ پنجاب جي بزرگن شرڪت ڪئي.
هن جلسي ۾ خصوصًا لاڙڪاڻي ضلعي جي راشدي پيرن پرڻپور
شرڪت ڪئي. جنهن ۾ پير تراب علي شاه راشدي، گهاڙ پير واڙا
راشدي پير، ٽلاهي راشدي پير، ٽئين ديري واڙا پير، الورونڪ واڙا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 209

پير ۽ معروف ليڪڪ ۽ سياستدان پير علي محمد راشدي شامل هئا. ان کان سواءِ ڪراچيءَ مان مولانا محمد صادق ڪڏي وارو، مولانا دين محمد وفائي پڻ شريڪ هئا.

لاڙڪاڻي ضلعي جي عالمن مان مولانا تاج محمد آربيجن وارو، مولانا مير محمد نورنگي، رئيس العلماءُ مولانا عبدالڪريم ڪُور سليمان' وارو، فخر العلماء مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا غلام فريد سپرو، مولانا غلام رسول عباسي 'هيڙي چانڊئي' وارو، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا غلام عمر جتوئي ۽ هيا شامل هئا.

هن جلسي ۾ شعراءُ پاس ڪيوويوتہ افغانستان ڏانهن هجرت ڪئي وڃي، جنهن کان پوءِ لاڙڪاڻي ضلعي جي مجاهد رئيس جان محمد جوسيجي کي مجاهدن جو سالار اعظم بڻايو ويو. مجاهدن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جا عجب عالم به شريڪ سفر هئا. جن ۾ مولوي فيض محمد ملاح ڏوکري وارو ۽ منهنجي شاگردن مان مولوي عبدالرحمن، مولوي عبدالخالق ۽ مولوي جان محمد ۽ هيا شامل هئا " (۱)

---

(۱) - "شيدا" محمد عظيم مولانا،" خود نوشته سوانح عمري" (قلمي) ۴-۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 210

VI سوديشي تحريڪ :

خلافت ۽ ڪانگريس جي اتحاد سان جڏهن فرنگي سرڪار خلافت ۽ ان عدم تعاون جي تحريڪ هلي ته هن جماعت پوري نڊي ڪنڊ ۾ "سوديشي تحريڪ" جو به آغاز ڪيو، جنهن جو مقصد هي هوته عوام ۾ ڏيهي شين جي واپرائڻ جي عادت وڌي وڃي ۽ ملڪي وسيلن کي ڪم آڻڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي. سنڌ ڪانگريس ڪميٽيءَ "سوديشي تحريڪ" کي زور وٺائڻ لاءِ هيٺيان اُپاءَ ورتا :

۱- "بائي انڊين ليگ" (Buy Indian league) جي سهاري هيٺ نج ڏيهي شين وڪڻڻ لاءِ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ دڪان کولڻ.

۲- چرخي جي استعمال کي عام بنائڻ لاءِ مختلف هنڌن تي سوديشي نمائشون لڳائڻ.

۳- باهرين شين جي پيڪيٽنگ ڪرڻ جنهن وسيلي ولايتي شيون سازن ۽ تبليغ وسيلي عوام کي اهڙن شين جي واپرائڻ کان منع ڪرڻ. (۱)

ڪانگريس جي اها سول نافرمانيءَ واري تحريڪ ۴ مارچ ۱۹۳۰ع کان شروع ٿي. سنڌ ۾ هن تحريڪ جو آغاز ۶ اپريل ۱۹۳۰ع کان ٿيو. سنڌ جي مشهور شهرن جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد، سکر شڪارپور ۾ روزانه گڏجاڻيون ٿينڊ لڳيون. هن تحريڪ دوران ۱۶ اپريل ۱۹۳۰ع تي ڪراچيءَ ۾ عوام تي گولين هلايون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ به ڪانگرسي

---

(۱) - مظهرالدين سومرو ڊاڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" جي. فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۳ع جامشورو سنڌ يونيورسٽي ص. ۲۶۰، ۲۶۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 211

موت جو شڪار ٿيا. (۱) پر سنڌ جو عوام انهن خوني حملن کان به مرعوب نه ٿيو ۽ هن اول کان وٺي آخر تائين تحريڪ کي زور وٺرايو. انگريز سامراج هندستانين کي خوش ڪرڻ لاءِ "گول ميز ڪانفرنس" سڏائڻ جو بند وبست ڪيو. ۱۹۳۱ع ۾ مهاتما گانڌيءَ ڪانگريس طرفان ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. (۲) پر ڪيس چڱي موٽ نه ملي. تنهنڪري ۱۹۳۲ع کان وٺي هيو پيرو "سيا گرهه تحريڪ" هلائي وئي. جيڪا ۱۹۳۴ع تائين جاري رهي. (۳) هن تحريڪ جي دوران انگريز حڪومت لک ماڻهو جيلن ۾ وياءِ سرڪار طرفان ڪيترن ئي ماڻهن جون مختلف هنڌن تي زميلون ضبط ڪيون ويون ۽ ڪانگريسي ڪارڪنن جون ڪيترين اخبارون ۽ پريسون بند ڪيون ويون. (۴)

سنڌ ۾ سرڪاري سختين جي دٻاءِ هيٺ آئي. سموري هندستان ۾ ڦرين پريس ۽ اخبار جيڪي ضبط ڪيون ويون سي سنڌ جون هيون. اها اخبار هئي: "هندو جاپي"، جنهن جو ايڊيٽر وشنو شرما هو. ۽ پريس وري مهراج لوڪرام جي هئي. (۵)

برطانوي سرڪار جيڪا آڳ ۱۸۵۷ع واري واقعي ۾ هن صغير جي اتحاد ۽ قومي غيرت جو مظاهرو ڏسي چڪي هئي تنهن انهيءَ نئين سياسي بيداريءَ کي پنهنجي تسلط ۽ مفادن جي خلاف ڄاڻي، دل سان قبول نه ڪيو.

---

(۱) - وشنو شرما "ڊاڪٽر، چوٿرام پرتابراءِ گدواڻي جي جيونيءَ"، بمبئي، هندستان ساهتيه مالا ۱۹۶۷ع، ص ۱۱۶

(2). Aga Khan, "The Memories of Agakhan" Cassell and company Ltd London 1954. P. 223

(3)- Kanshik, P.D The Congress Idiology and Programme" Bombay, Allied Publishers Ltd. 1964. P.222

(۴) - وشن آءِ جگتياڻي، "قومي پروانه" حيدرآباد ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل، ۱۹۴۴ع ص - ۱۵

(۵) - وشنو شرما "ڊاڪٽر چوٿرام پرتابراءِ گدواڻي جي جيونيءَ بمبئي هندستان ساهتيه مالا، ۱۹۶۷ع ص ۱۷۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 212

جنهن کري "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي حڪمت عملي اختيار ڪري هن ننڍي کنڊ جي مختلف قومن ۾ نفاق جو بيج چنڊيو. (۱)

سنڌ ۾ انگريزي راج ساڳئي چال چلي. هيءُ ملڪ جو عربن جي آمد کان وٺي انگريزن جي اچڻ تائين دنيا جي عالمن، اديبن ۽ مفڪرن کي جنم ڏيئي چڪو هو. تنهن جي تعليم کي بنهه تباهه ۽ برباد ڪيو ويو [۲] ۽ ان جي جاءِ تي اهڙو تعليمي نظام رائج ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو مسلمانن جي مذهبي جذبن ۽ عقيدن جي بلڪل خلاف هو.

سنڌ ۾ پهريون انگريزي اسڪول ۱۸۸۶ع ۾ ڪيپٽن پريڊي کولليو. جنهن ۾ بائيبل جي تعليم لازمي طور تي ڏني ويندي هئي. (۳)

سنڌي مسلمان ان حڪمت عملي کان مجبور ۽ متاثر ٿي تعليمي ميدان ۾ پوئتي پوندا ويا. ۽ سنڌن پيٽ ۾ سنڌ جا غير مسلم رهاڪو اڳتي وڌڻ لڳا ۽ آهستي آهستي زندگيءَ جي مٿڻي شعبن تي حاوي ٿيندا

---

(۱) - Rajput A.B:, "Muslim league yesterday and today" Lahore Mohammad Ashraf 1948, P. 12

[۲] - انگريزن کان ٿي جي سنڌن جي تعليم ۽ تدريس لاءِ اڳين حڪمرانن طرفان جاگيرون ملل هلون. تنهن کانسواءِ وقت جا حڪمران سنڌن مالي مدد ڪندا هئا. انگريز سرڪار اهي مڙئي جاگيرون ڪانئ ضبط ڪري ورتيون ۽ سنڌن مالي امداد بند ڪري چڏي Sorley H.T Gazetteer of West Pakistan Former Province of Sind including Khairpur, Lahore Government of West Pakistan 1968, P. 671

(3)- Harrison:, "A Hand book of Karachi", Karachi Educational Printing Press, 1933, P. 23

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 213

ويا. انگريز سرڪار سنڌ جي عوام ۾ نفاق ۽ ڦٽ لاءِ ٻيا به ڪيترائي طريقا استعمال ڪيا. هن پنهنجي سرپرستيءَ ۾ اهڙا ڪتاب لکرايا جن ۾ مسلمانن کي هندن کان ۽ هندن کي مسلمانن کان بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. مثال طور برٽن هندن کي بدظن ڪرڻ لاءِ لکي ٿو :-

"ميرن جي دور ۾ هندو زوريءَ مسلمان ڪيا ۽ ظهرايا ويا‌ٿي ۽ ڪين زوريءَ ڪلمو پڙهايو ويوٿي. ۽ زوريءَ مسجد ۾ آندو ويوٿي ۽ زوريءَ گهوڻ جو گوشت کارايو ويوٿي"

سائڪيءَ نمونيءَ مسلمانن کي بدظن ڪرڻ لاءِ لکي ٿو :-

"آءٌ پوري خاطريءَ سان چوان ٿو ته دنيا جي ڪنهن به اُپرندي پاڻي ۾ جيتري قدر معلوم آهي، هندن کان وڌيڪ ڪابه قوم ڪپتو، ٺڳ ۽ خوفناڪ پي ڪا‌ڻي، جيترا به قسم ڪٿن ته اعتبار ڪونهي ڪنهن به خوفناڪ ڪرڪندي ڏپ ڪونه ٿئين." (۱)

---

(۱) - حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، "ميرن جي صاحبي"، ڪراچي الوحيد پرنٽنگ پريس، سال ؟، ص- ص ۲۴، ۲۵

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 214

VII جميعت العلماء

نومبر ۱۹۱۹ع ۾ دهليءَ ۾ سڏايل "خلافت ڪانفرنس (Khilafat Conference) جي موقعي تي هندستان جي ڪن عالمن اهو محسوس ڪيو ته پوري ملڪ جي عالمن جي هڪ اهڙي جماعت ٺاهجي جيڪا وقت ۽ حالتن مطابق مسلمانن جي اسلامي سياست جي روشنيءَ ۾ رهبري ڪري سگهي.

انهيءَ موقعي تي مولانا محمد عبدالباريءَ جي صدارت ۾ حاضر عالمن جي هڪ ڪٺ جاڙي تي جنهن ۾ سنڌ جي عالمن مان مولانا اسد الله صاحب سندي مولانا تاج محمود امروٽي، پير محمد امام سندي، مولانا عبدالله صاحب ۽ مولانا محمد صادق صاحب شرڪت ڪئي. (۱)

هن ڪٺ جاڙي ۾ متفق طور تي "جميعت العلماء هند" قائم ڪرڻ جو فيصلو ٿيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مولانا محمد اڪرم ۽ مولانا ڪفايت الله کي جماعت جي مقصدن ۽ ضابطن جي مسودي تيار ڪرڻ جو حڪم سونپيو ويو. انهيءَ ڪٺ جاڙي ۾ "جميعت العلماء هند" لاءِ مولانا محمد ڪفايت الله کي عارضي صدر ۽ مولانا حافظ احمد سعيد کي عارضي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. جميعت العلماء هند جي قائم ٿيڻ کان پوءِ حيدرآباد مولانا سيد تاج محمود امروٽي جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ هن جماعت جي شاخ قائم ڪئي وئي. حيدرآباد جو پهرين مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي کي مقرر ڪيو ويو. (۲) ان کانپوءِ مولانا محمد صادق ڪنڊي وارو ۽ سيد اسد الله شاه ٽڪراڻي هن جو صدر مولانا مير محمد نورنگي نائب صدر ۽ مولانا دين محمد وفائي انهيءَ جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو. (۳)

---

(۱) - مختصر حالات انعقاد جميعت علماءِ هند" دهلي محبوب المطابع سال - ؟ ص - ۵

(۲) ——— ايضاً - ——— ص - ص - ۶ - ۷ ———

(۳) - روزنامه "الوحيد" ڪراچي، ۲۲، مئي ۱۹۳۱ع - ص - ۲ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 215

سنڌ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي هن جماعت جون شاخون قائم ڪيون ويون.

'جميعت العلماء سنڌ' جي تاريخ ۾ ڪيترا اختلاف موثر به آيا. پهرين اختلاف جا اهڃاڻ تڏهن ظاهر ٿيا، جڏهن هن جماعت جي همايوني نوڪري مذهبي عقيدن جي بنياد تي 'جميعت العلماء سنڌ' جي خلاف اختلاف جو جهنڊو هٿ ۾ کنيو. انهيءَ اختلافي دؤر ۾ مولوي صاحبداد ۽ مولوي عبدالقيوم بختيارپوريءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. 'جميعت العلماء سنڌ' جي منتظمين واري اجلاس ۾ انهن ٻنهي دؤرن جو اختلاف ختم ٿيو ۽ 'جميعت العلماء سنڌ' سنڌي عالمن جي هڪ متحد قوت بڻجي ڪم ڪرڻ لڳي. (۱)

هن جماعت ۾ ٻيو شديد اختلاف تڏهن پيدا ٿيڻ سان ٿيو، جڏهن ته تڏهن نوڪري ته مسلم ليگ جو اثر غالب هو، ان ڪري هي دؤرو 'جميعت العلماء سنڌ' جو مخالف ٿي بيٺو. انهيءَ طرفان ڪيترائي اهڙا فقراء پاس ٿيا جن ۾ 'جميعت العلماء سنڌ' تي ڪانگريس دوستيءَ جا الزام لڳايا ويا. ۽ ان جي صدر تي ٻڌ ٻي اعتمادي جو اظهار ڪيو ويو. (۲)

'جميعت العلماء سنڌ' جنهن ٻنهنجي قوم جي سياسي خدمت ڪئي، تنهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

سنڌ جي بمبئي کان جدائي:

سنڌ ٻنهنجي تاريخي، جاگرافيائي، تهذيبي، تمدني لساني ۽ قومي نقطه نگاهه کان هڪ الڳ ۽ آزاد ملڪ جي حيثيت رکي ٿو. ان جو بمبئي پرڳڻي سان الحاق غير فطري ۽ غير منطقي هو. سنڌي عوام سنڌ جي

---

(۱) ماهوار، "توحيد"، ڪراچي، ماه جنوري ۱۹۲۵ع، ص - ص - ۲۸ - ۳۰

(۲) ماهوار "توحيد" ڪراچي، ماه سپٽمبر ۱۹۳۷ع - ص - ۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 216

بمبئي سان الحاق واري زماني ۾. جيڪا آزاديءَ جي تحريڪ هلائي تنهن ۾ جميعت العلماء سنڌ، به پريوي حصو ورتو مثلاً، ڳوٺ عرضي ٻڌي، تعلقي ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جميعت پاران سڏايل هڪ جلسي ۾ سنڌ جي بمبئي کان جدائي لاءِ هن لفظن ۾ ٺهراءِ رجال ڪيو ويو:

"سنڌ بمبئي کاڻي کان ضرور جدا ٿيڻ گهرجي
ڇو صورت ۾ اسان رعيت جو سخت بسر و رجال ٿيندو و
تنهن ڪري هي جلسو زور دار لفظن ۾ سنڌ جي علحدگيءَ لاءِ
گهر ڪري ٿو." (۱)

جميعت علماء سنڌ جي جلسن جي ڪارروائيءَ انهن ۾ رجال ٿيل ٺهراءَ ۾ سنڌ جي آزادي واري مطالبي کي جوڳي جاءِ ڏني ويندي هئي. انهيءَ سلسلي ۾ هن جماعت جو سالياڻو جلسو، دسمبر ۱۹۳۱ع ڪراچي وڏي اهميت رکي ٿو. هن جلسي جي صدارت مولانا ابوالڪلام آزاد ڪئي هئي ۽ان ۾ سنڌ جي جدائي بابت پريوي لفظن ۾ ٺهراءُ رجال ڪيو ويوهو. (۲)

جميعت العلماء سنڌ سنڌي عالمن جي نج سياسي ۽ مذهبي جماعت هئي. جيتوڻيڪ هيءَ جماعت ڪنهن تحريڪ جي پيداوار نه هئي، پر مطالعي هيٺ آيل دور جي مختلف تحريڪن ۾ حصو ضرور ورتو هئائين. هن جماعت جي "خلافت تحريڪ" لاءِ ڪيل ڪوشش کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. "جميعت العلماء سنڌ" پنهنجي قيام کان وٺي تحريڪ جي اختتام تائين خلافت جي مسئلي تي نهايت سياسي بصيرت جو مظاهرو ڪيو. جماعت جي طرفان وقت بوقت عالمن

---

(۱) - روزانو "الوحيد" ڪراچي ڇرين آڪٽوبر ۱۹۳۱ع، ص - ۶

(۲) - جي - ايم سيد. "سنڌ جي بمبئي کان آزادي" حيدرآباد حيدري پرنٽنگ پريس ۱۹۶۸ع ص - ۸۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 217

جا وقت مقرر ڪيا ويندا هئا، جيڪي پيرن ۽ زميندارن وٽ وڃي ڪين خلافت جي اهميت ۽ افاديت کان واقف ڪندا هئا. (۱)

خلافت تحريڪ کي ناڪام بنائڻ لاءِ سرڪار طرفان جڏهن "امن سڀا" قائم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي، تہ "جميعت العلماء سنڌ" حالتن کي منهن ڏيندي، خاص طرح سان پنهنجي ميمبرن ۽ عام طرح سنڌي مسلمانن کي سامراج جي اڻڀاڻ سازش کان باخبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (۲) تحريڪ جي هلڪن ۾ جڏهن برطانيہ سرڪار ۽ سامراجي قوتن سان گڏجي مسٽر ذلت آمين محمد ناملو مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ وقت جي ۽ سياسي پارٽين سان گڏ "جميعت العلماء سنڌ" به هن حادثي تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ برطانيہ سرڪار جي وعدي خلافيءَ جي پرپور مذمت ڪئي. (۳)

"جميعت العلماء سنڌ" پنهنجي مختلف اجلاسن ۾ "قطع تعلقات" کي ديني فرض جي حيثيت ڏيڻ جا ٺهراءَ بحال ڪندي هئي. اهي مسلمان جيڪي 'قطع تعلقات' ۾ حصو وٺڻ سبب پنهنجي ميمبري يا نوڪري وڃائي ويٺا هئا، تن جي جاءِ تي ۽ ۽ مسلمانن کي ڀيٽ حرام قرار ڏيندي هئي. (۴)

قومون ان وقت تائين آزادي حاصل ڪري نہ سگهنديون آهن، جيستائين منجهن قومي شعور، خود اعتمادي ۽ قرباني ڏيڻ جو جذبو پيدا نہ ٿيو آهي. مطالعي هيٺ آيل دور ۾ انگريز سامراج نہ رڳو اسان جي اقتدار جي ڪرسي واري هئي، پر اسان تي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن مڙهي اسان مان قومي تشخص ختم ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي. اهڙي نازڪ دور ۾ وقت جي اها

---

(۱) - روزانہ "الوحيد" ڪراچي، ۴ - جولاءِ، ۱۹۲۰ع، ص - ۳
(۲) - روزانہ "الوحيد" ڪراچي، ۱۰ - سيپٽمبر ۱۹۲۲ع، ص - ۴
(۳) - ايضاً - ——— ۲۹ - مارچ ۱۹۲۴ع، ص - ۴
(۴) - مظهر الدين سومرو ڊاڪٽر "تحريڪ آزادي ۽ سنڌ جي عالمن جو حصو" ۱۹۴۳ء ص ۲۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 218

تقاضا ٿي ته اهڙين تحريڪن هلايون وڃن جن جي نتيجي ۾ هتان جو عوام پنهنجي پيرن تي بيهي پاڻ سڃاڻي سگهي. "سودیشي تحريڪ" سنڌ ۾ هند جي سياسي مدبرن جي انهيءَ حڪمت عمليءَ جو نتيجو هئي.

هن تحريڪ کي ڪامياب ڪرائڻ ۾ "جميعت العلماء سنڌ" پريپور حصو ورتو. هن ديسي شين وارائڻ لاءِ فتوائون صادر ڪيون ۽ ماڻهن کي غير ملڪي شين استعمال ڪرڻ کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪئي.(۱) نه صرف ايترو پر هر هڪ ضلعي ۾ جميعت پنهنجي طرفان "سودیشي تحريڪ" کي فروغ ڏيڻ لاءِ مبلغ به مقرر ڪيا. (۲)

"جميعت العلماء سنڌ" محض سنڌي مسلمانن جي سياسي اڳواڻي ڪرڻ يا مٿن مذهبي تبليغ مڙهڻ لاءِ قائم نه ڪئي وئي هئي. پر هڪ جماعت جو اول ۽ آخر مقصد وطن جي آزاديءَ جو هو. اها آزادي جن ذريعن ۽ وسيلن سان حاصل ڪئي ٿي وئي تن ۾ سياسي قيادت ۽ مذهبي رهبري به مکيه ذريعا هئا. سنڌ جي عالمن هن جماعت جي وسيلي آزاديءَ جي حصول لاءِ جيڪي اڻ ٿڪ ڪوششون ڪيون سي اسين پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد واري تاريخ ۾ هميشه سونهري اکرن ۾ لکندا رهنداسون. سنڌي عالمن پنهنجي اصلي مقصد جي مطالبي ۽ حق کي ڪڏهن به مبهم يا مشڪوڪ نه رکيو ۽ جڏهن ۽ جتي به ڪين موقعو مليو، تڏهن اها صدا بلند ڪئي، جيڪا اڄ به اسان جي ڪنن ۾ گونجي رهي آهي.

"جميعت العلماء سنڌ" پنهنجي مختلف جلسن ۾ آزاديءَ جي

---

(۱) - "ولايتي ڪپڙي خريد ڪرڻ جي منع هجڻ واري فتويٰ"، ڪراچي: "جميعت العلماء سنڌ" ۱۳۴۱ھ.

(۲) - روزانه "الوحيد"، ڪراچي، ۲۰ جون ۱۹۲۳ع، ص - ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 219

هڙاءَ کي وڏي اوليت ۽ اهميت ڏيندي هئي. ان کري هن جماعت جي قيام کان وٺي اختتام تائين سنڌ جي عالمن هن جماعت جي پريوڙ خدمت ڪئي. سندس طرفان ڪوٺايل جلسن ۾ سنڌ جا عالم شرڪت ڪندا هئا ۽ انجا اهم اجلاس سندن ئي صدارت هيٺ ٿيا. مثلاً :-

سيپٽمبر ۱۹۲۰ع ۾ ڪلڪتي ۾ سڏايل "جميعت العلماء هند" جو اهم اجلاس مولانا سيد تاج محمود امروٽي جي صدارت ۾ ٿيو، جنهن ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد، مفتي ڪفايت الله دهلوي، مولانا مسعود علي ندوي، مولانا شائق احمد عثماني، مولانا عبدالماجد بدايوني، مولوي حڪيم داؤد غزنوي ۽ ٻين سون عالمن شرڪت ڪئي. هن ئي گڏجاڻي ۾ "ترڪ موالات" لاءِ فتويٰ، "هجرت تحريڪ" ۽ عشري فيصلن کرڻ لاءِ هڪ "دستورالعمل" ناهڻ جون تجويزون منظور ڪيون. (۱) سنڌ جي عالمن نه رڳو "جميعت العلماء هند" جي ڪاميابي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان کي سنڌ اندر مقبول بنائڻ ۾ پريوڙ حصو ورتو. اڳ ۾ ذڪر ڪيل مرڪزن کان سواءِ امروٽ، حيدرآباد، سکر، منياري ميروخان ۽ همايون به هن جماعت جا مرڪز هوندا هئا.

سنڌ جي جن عالمن هن جماعت ۾ حصو ورتو تن جي مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿي:

مولوي احمد ملوي (اڻڪاٿو)، مولانا پير امام الدين شاهه (اڻڪاٿو)، مولانا سيد اسدالله شاهه ٽلڪراڻي (حيدرآباد)، مولوي امين الله (اڻڪاٿو) مولانا سيد تاج محمود امروٽي (شڪارپور) مولانا پير تراب علي شاهه (اڻڪاٿو)، مولوي حزب الله شاهه (شڪارپور)، مولوي حبيب الله (دادو)، مولوي قاضي حبيب الله (خيرپور)

---

(۱) - روزانه "الوحيد" ڪراچي، ۱۵ سيپٽمبر ۱۹۲۰ع - ص - ۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 220

مولوي خدابخش ملوي (اترکانو) ، مولانا حمادالله هالیجوي (سکر)، مولانا خوش محمد میروخاني (اترکانو)، مولانا محمد دول (حیدرآباد) ، مولانا دین محمد وفائي (کراچي) ، مولانا دین محمد ادیب (دادو) ، مولوي رسول بخش (اترکانو)، مولوي حافظ شریف حسین (حیدرآباد) ، مولانا عبدالله لغاري (سانگھڑ) ، مولوي شفیع محمد ملوي (اترکانو) ، مولانا عبدالله کنڈهري (نوابشاه) ، مولانا سیّد خیرشاه راشدي (بدین) ، پیر ضیاءُ الدین شاه راشدي (حیدرآباد) مولوي عبدالله جان سرهندي (حیدرآباد) ، مولوي سیّد حاجي عبدالرحیم شاه (ٹنڈو) مولوي عبدالرحمان (شکارپور) ، مولوي عبدالخالق تریجائي (سکر) ، مولوي عبدالعلیم عودي (حیدرآباد) مولوي عبدالغفار (حیدرآباد) مولوي عبدالقادر (اترکانو) ، مولوي عبدالکریم مگسي (دادو) مولوي عبدالقیوم (سکر) ، مولانا عبدالکریم چشتي (شکارپور) ، مولوي عبدالکریم فیروزشاهي (دادو) ، مولوي عبدالکریم (اترکانو) ، مولوي عبداللطیف دول (حیدرآباد) ، مولوي عزیزالله جروار (سکر) ، مولوي عُبیدالله لاشاري (اترکانو) ، مولوي علي محمد مهیري (ٹنڈو) ، مولوي غلام رسول (اترکانو) ۔

مولوي غلام صدیق (اترکانو) ، مولانا علي محمد کاکیپوٹو (شکارپور) ، مولانا غلام عمر جتوئي (اترکانو) ، مولوي غلام علي (بدین) ، مولوي غلام فرید سپرو (اترکانو) ، مولوي غلام محمد (اترکانو) ، مولانا پیر غلام مجدد (حیدرآباد) مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي (اترکانو) ، مولوي فتح علي جتوئي (ٹنڈو) ، مولوي غلام نبي آگرو (دادو) مولوي حکیم فتح محمد سیوهائي (کراچي) ، مولوي فقیرمحمد (اترکانو) مولوي عبدالخالق "خلیق" موراڑي (نوابشاه) ، مولوي پیر عبدالفتاح شاه (اترکانو) مولوي محمد ابراهیم (اترکانو) ، مولوي محمد اکرم (حیدرآباد) مولوي محمد اسماعیل عودي (حیدرآباد) مولوي محمد ابراهیم (شکارپور) ، مولوي محمد اشرف (ٹنڈو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 221

مولوي محمد امين آريسر (مٹياري)، مولوي محمد داؤد تنيو (الٰہ ڈاڈن)، مولوي محمد حسن (دادو)، مولوي محمد سليمان بنوي (ٹنڈو)، مولوي محمد سليمان ملوي (الٰہ ڈاڈن)، مولوي محمد سليمان واعظ (دادو)، مولوي محمد صادق (کراچي) مولوي محمد عاقل عاقلي (الٰہ ڈاڈن)، مولوي محمد عظيم "شيدا" (الٰہ ڈاڈن)، مولوي محمد عالم ملوي (الٰہ ڈاڈن)، مولوي محمد قاسم (الٰہ ڈاڈن)، مولوي حڪيم محمد معاذ پيرزادو (نوابشاھ)، مولوي محمد هاشم اسحاق ديرائي (شڪارپور)، مولوي مولا بخش ملوي (الٰہ ڈاڈن)، مولوي نور محمد سجاولي (ٹنڈو)، مولوي نظام الدين چانديو (الٰہ ڈاڈن)، مولوي نور محمد (سکر) مولوي نواب الدين چانديو (الٰہ ڈاڈن)، مولانا مير محمد نورسنگي (الٰہ ڈاڈن) مولوي تطير حسين جلوٹي (الٰہ ڈاڈن)، مولوي محمود (الٰہ ڈاڈن) مولوي محمد مبارڪ (شڪارپور)، مولوي محمد وارث (الٰہ ڈاڈن) ۽ ٻيا. (۱)

---

(۱) - سومرو مظهرالدين ڈاڪٽر، "تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ڊي. فل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو ۱۹۸۳ع جامشورو سنڌ يونيورسٽي، ص. ۲۱۷ کان ۲۲۰

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۲ - تعليمي نظام جوجائزو

پس منظر

(i) ميڪاولي جي تعليمي پاليسي

(ii) سرچارلس وڊ جي سفارش

(iii) پاليسين ۾ قيرگهير

(iv) سنڌي سرڪاري زبان

(v) اوائلي دور جا اسڪول

(vi) برٽش حڪي رپورٽ

GulHayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 223

۲- تعليمي نظام جو جائزو

پس منظر - سنڌ جو سرسبز ۽ شاداب علائقو تالپرن جي آخري دور ۾ پنهنجن جي بي وفائي ۽ غداريءَ سبب غيرن جي چنبي ۾ اچي ويو ۽ سنڌ جي آزاد ملڪ واري حيثيت ختم ٿي ويئي. سنڌ جي آخري آزاد حڪمران ميرن نصيرخان تالپر ۲۸ فبروري ۱۸۴۳ع تي ميانيءَ واري لڙائيءَ ۾ شڪست کاڌي ۽ سنڌ تي باقائدي انگريزن جو راج شروع ٿيو.

انگريز پاڻ سان گڏ مغربي تهذيب جي پرچار جو سامان به هن ملڪ ۾ آندو جنهن سنڌ جي صاف دلين ۽ سالم دماغن کي ٿوهري نابود ڪري ڇڏيو. جيئن ته مشرقي علوم جي شمع کي گل ڪرڻ لاءِ کيترن ئي منصوبن کان ڪم ورتائون ۽ گهڻي پاڻي ان ۾ ڪامياب به ٿيا. اهڙي ڏکئي دور ۾ اسلامي تعليم کي زنده رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو چاڪاڻ ته ملڪ اندر انگريز حاڪم جا حواري به هئا. جيڪي انگريز جي عظمت، جلال، تعليم ۽ تهذيب تي لبيڪ چئي چڪا هئا. ان جي باوجود ڪي سنڌي عالم مجاهد بڻجي ميدان ۾ نڪري آيا ۽ بي سروسامانيءَ جي حالت ۾ مسجدين مڪتبن ۽ مدرسن جي ذريعي دين ۽ علم جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائون.

Gul Hayat Institute

انگريزن جي دور جي تعليمي تاريخ جو ٻن روايتن کان مطالعو ڪري سگهجي ٿو. هڪ انتظامي نقطه نگاه ۽ ٻيو پاليسيءَ جي نقطه نگاهه کان. سنڌ ۾ انگريزن جي تعليمي تاريخ کي انتظامي نقطه نگاهه کان ٻن دورن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. "ايسٽ انڊيا ڪمپني" جي دور جي تاريخ ۽ بمبئي سان الحاق واري زماني جي تعليم. پر انگريزن جي تعليمي پاليسي جي ارتقاءِ تاريخ لاءِ پوري ننڍي کنڊ پاڪ وهند جي تعليمي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ پوندو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 224

(آ) - ميڪاولي جي تعليمي پاليسي :

جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن سنڌ ڪانسواءِ باقي پوري هندي ڪنڊ پاڪ وهند ۾ انگريزن جي پيو نمبر تعليمي پاليسي رائج هئي . جنهن جي ابتدا ۱۸۳۵ع کان ٿي هئي . (۱) جيڪا ان وقت جي گورنر جنرل جي ڪائونسل جي قانوني ميمبر ۽ بنگال جي "پبلڪ انسٽرڪشن ڪاميٽي" جي پريزيڊنٽ ٽامس بي ميڪالي جڙي مشرقي علم و ادب جي سخت ۽ ڪٽر دشمن جي فلسفي تي ٻڌل هئي، جنهن جو ايمان هوته "مغرب جي هڪ سٽي ڪتبخاني جو فقط هڪڙو طاق ، سموري هندستان ۽ عربستان جي علم و ادب جي برابر آهي ۽ هندستان توڙي عربستان جي سموري علمي جي قيمت مغربي ادب تي ڪم آيل "مَسُ" ۽ "ٻني" جيتري به مَس آهي . (۲)

هن پاليسيءَ مطابق فارسيءَ کي هميشه هميشه لاءِ خيرباد چيو ويو ۽ ان جي جاءِ تي انگريزيءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت سان رائج ڪيو ويو. سنڌ تي هن پاليسيءَ جو سڌو سنئون اثر پيو. فارسيءَ مان ته جان ڇڏائي وئي پر ان جي جاءِ تي انگريزيءَ کي مسلط ڪرڻ جا سانباها ڪيا ويا. مگر شروعات ۾ جڏهن انگريزي ٻولي سيکارڻ جا خانگي تجربا ناڪام ويا ته سنڌي ٻوليءَ ڏانهن توجهه ڏنو ويو ۱۸۴۵ع ۾ بمبئي جي بورڊ آف ايجوڪيشن سنڌ ۾ ايجوڪيشنل ايجنسيءَ جي ناڻٽ جو سوال هٿ ۾ ڪيو. سالگٽي وقت اها تجويز به هلي رهي هئي ته سنڌي کي صوبي جي سرڪاري زبان بڻائجي . (۳)

---

(۱) - رحيم بخش ميمڻ "جديد تعليمي طريقا" مسئلا "حيدرآباد، آر ايڇ احمد اينڊ برادرس ۱۹۶۷ع ص ۲۷

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۴۱ ———

(۳) - ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا: "سنڌي موتخطي" ، حيدرآباد سنڌي زبان پبليڪيشن ، ۱۹۶۹ع ، ص - ۲۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 225

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته "ميڪالي تعليمي پاليسيءَ ۱۸۳۵ع کان لاڳو ڪئي ويئي. پر سنڌ ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن جي قبضي هيٺ آئي انهيءَ ڪان پوءِ جيئن مختلف وقتن تي فرنگي سرڪار طرفان تعليمي سدارا ٿيندا رهيا، يا تعليمي پاليسي مرتب ٿيندي رهي تنهن جو سڌو سنڌون اثر سنڌ تي پئي پيو. مطالعي هيٺ آيل دور تائين فرنگي راج جي تعليمي پاليسيءَ جو مختصر خاڪو هن ريت آهي.

(i) - سرچارلس وڊ جي سفارش:.

لارڊ ڊلهائوسي جي وقت ۾ انگريزي "پارليامينٽ انديا" "ايسٽ انديا ڪمپني" جي تعليمي ڪوشش ۽ خدمتن جي تحقيقات ڪرائي جنهن جي روشنيءَ ۾ 'ايسٽ انديا ڪمپني' جي انتظامي جماعت جي صدر سرچارلس وڊ ۱۸۵۴ع ۾ هندستان جي تعليمي سرشتي بابت هڪ مراسلو موڪليو(۱) انهيءَ مراسلي ۾ تعليم ڦهلائڻ صوبن جي زبانن جي اهميت ۽ مذهبي تعليم متعلق ۽ سرڪار هي غير جانبدارانه پاليسيءَ بابت فيصلو ڪيل هو. مراسلي جي سفارش ۾ تعليمي انتظام ۽ تعليم لاءِ خانگي ڪوشش جي همت افزائي ۽ ماسترن جي تربيت لاءِ سفارشون ڪيل هيون. (۲)

۱۸۸۲ع ۾ سرڪار وليم هنٽر جي صدارت هيٺ هڪ تعليمي ڪميشن ويهاري ته جيئن 'چارلس وڊ' جي تعليمي مراسلي بعد ٿيل تعليمي ترقيءَ جو جائزو ورتو وڃي. هن ڪميشن سرڪار کي پرائمري تعليم تي توجهه ڏيڻ لاءِ سفارشون پيش ڪيون. (۳)

---

(۱) - رحيم بخش ميمڻ: "جديد تعليمي رجحانات ۽ مسئلا" حيدرآباد، آر-ايڇ اڪيڈمي برادرس ۱۹۶۷ع. ص-۵۰

(2) - B.L. Groner, & R.R. Sethi:. Studies in Modern India History. (Bombay, S. Chand & Co: 1963 P. 275-76)

(3) - Muhammad Hamiduddin Khan:. History of Muslims, Education Karachi. Vol. II All Pakistan Education Conference: 1973: P. 160

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 226

(iii) - پاليسن ۾ قير گهير:

حقيقت ۾ فرنگين هميشه مفادن کي نظر ۾ رکندي پئي وقت بوقت تعليمي پاليسي بدلائي، شروعات ۾ هنن برصغير ۾ مروج تعليمي طريقي ۽ نظام جي پٽيراڻي ڪئي. پوءِ جڏهن سندن پير پختا ٿي ويا تہ ميڪالي جي پاليسي اختيار ڪري پوري هندستان تي تعليم وسيلي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪيائون. اڄتي هلي ڪين احساس ٿيوتہ ماڻهو پنهنجي ئي مادري زبان ۾ چڱيءَ طرح سوچي ۽ سمجهي ٿو. ان ڪري مادري زبان کي تعليم جو واحد ذريعو تسليم ڪيائون. من موڙ ٿي شعوري ڪوشش سان مادري بولين ۾ اهڙا ڪتاب ترجما ڪرايائون جن وسيلي هندستان جي رهواسين ۾ احساس ڪمتري ۽ غلامي جو جذبو پيدا ڪري پاڻ سڳهجي. سندي بوليءَ ۾ به ساڳئي چال چلي ويئي. جانسن جو ڪيل ناول "راسيلاس" انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي هو.(۱)

سنڌ تي انگريزن جي تعليمي پاليسيءَ جو تمام خراب اثر پيو. هنن هڪ طرف سنڌ جي روايتي ۽ ڏهي نظام جي هلائيندڙ سڀڙن جون جاگيرون ضبط ڪيون ۽ سندن مالي امداد بند ڪئي، ۽ ٻئي طرف شروع ۾ خانگي اسڪول ڪولڻ تي بندش وڌهي ڇڏي.

مسلمانن شروع ۾ انگريزن سان تعاون ڪونہ ڪيو. ٻئي پاسي کان هندو نئين حڪومت جو پورو پورو فائدو ويٺي مغربي تعليم کي جنبي ويا. ان حقيقت جي خلاف صوبي سنڌ جي هندن بيحد تعليمي ترقي

---

(۱) - سيد ممتاز حسين شاه دلکش، "سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي ادبي ۽ سماجي تاريخ ۾ حصو"، سنڌ يونيورسٽي جا مشورو. ڊي. فل لاءِ ڪيل مقالو. ۱۹۷۹ء ص. ۲۴۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 227

ڪري پنهنجي قوم لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيا، تڏهن سنڌ جي مسلمانن لاءِ ڪوبه تعليمي ادارو ڪونه هو. جتي جديد تعليم پرائي سگهن .(۱)

۱۸۴۳ع ۾ گورنر جنرل لارڊ هارڊنج جي اعلان موجب سرڪاري نوڪرين ۾ رڳو انگريزي تعليم يافتن کي کنيو ويڃي. مسلمانن هڪ طرفان انگريزن کان قطع تعلقات ڪري پاڻ کي انگريزي تعليم کان پاسي رکيو. جنهن ڪري اهي سرڪاري نوڪرين کان محروم رهيا. تہ ٻئي پاسي ۱۸۵۷ع جي جنگ آزاديءَ ۾ حصي وٺڻ ڪري انگريزن جي انتقامي ڪارروائين جو شڪار ٿيڻ لڳا. تعليمي لحاظ کان سنڌ تي سرچارلس نيپئر جو دور (۱۸۴۳ع کان ۱۸۴۷ع تائين) هڪ بدترين دور هو، جاڪاڻ تہ هڪ طرف سرڪاري امداد سان خانگي اسڪول ڪولڊ جي اجازت ڏني ويئي تہ ٻئي طرف عيسائيت جي فروغ ڏيڻ لاءِ مشنري اسڪول هلايا ويا. سالياڻي وقت برڪ خاندانن کي سرڪار طرفان جاگيرون ۽ لوازمات جي شڪل ۾ ملندڙ امداد بلڪل بند ڪئي وئي، جن جي مدد سان ڪيئي مدرسا هلندڙ هئا، سي مالي امداد نہ ملڻ سبب بند ٿيڻ لڳا.

(iv) - سنڌ جي سرڪاري زبان :

سرڪاري زبان جي مسئلي بابت ڪلارڪس ۱۸۴۸ع واري هڏاڻ انتظاميہ جو ڏيان ڇڪايو تہ انتظامي مقصدن کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ اسان کي سنڌ ۾ مقامي بولي (سنڌي) سرڪاري ڪيڏر هه لاءِ رائج ڪرڻ گهرجي.(۲) اهڙيءَ موضوع تي ڪيترن مباحثن کانپوءِ سنڌي بوليءَ جي ادبين ۽ دانشورن، ڪيترن

---

(۱) - پير الهي بخش، "سنڌ ۾ تعليمي اوسر"، "نئين زندگي" (سنڌ نمبر) ڪراچي جون جولاءِ ۱۹۷۰ع ص. ۱۲۴ -

(۲) - Sir Gorge clarks, Minute, 24 April 1848 . P.P (H.C) 1854.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 228

جارج اسٽنڪ ۽ سر رچرڊ برٽن درميان دلچسپ ۽ ڪامياب مذاڪرو ٿيڻ لڳا.(۱)
اڻيءَ دوران بمبئيءَ ۾ (۱۸۴۵ع کان ۱۸۴۸ع) انگريزي ۽
سنڌي هوليون ۾ لکپڙهه ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ جو فيصلو صادر ٿيو. انگريز نڪي
سنڌي ڳالهائيندا هئا ۽ نوڪري فارسي زبان ۾ ڪاروبار هلائي سگهندا هئا،
ترجمانن جو هڪ سرشتو ضروري ٿي پيو. جنهن ڪري سنڌيءَ جو فارسيءَ ۾
ترجمو ڪيو ويندو هو. ترجمي جي اڻيءَ سلسلي جي ڪري لکپڙهه جي اڪلاء
۾ دير ۽ خرچ جو اضافو ٿيڻ لڳو.

اڻيءَ ڪري سنڌ جي دفتري طريقيڪار ۾ آسان بنائڻ
لاءِ تبديلي آندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ انتظامي آفيسرن لاءِ سنڌي
بوليءَ جو سڪڻ لازمي ڪيو ويو.

سنڌ ۾ حڪومت جي پنهنجي تعليمي پاليسي رائج ڪرڻ
۾ وقت لڳي ويو. مقامي تعليم جو طريقو جيڪو ٿي سگهيو اوڏو آسان ۽ بهتر
نهوني ڪيو ويو. معمولي قبرستان گورٿن ۽ ننڍن شهرن ۾ گوناٽن ۽ مقامي
ماڻهن جي مدد سان اسڪول کولڻا ويا. باقي مدرسا ۽ درسگاهون ڏيهون
ڏيهن ويا پوئتي پونديا. جاڪاڻ ته اهي ادارا سرڪاري امداد تي هلنداهئا،
جيڪا انگريزن بند ڪري ڇڏي.

---

(1)- Richard F. Burton served as an officer in the canal Department under Major W.S. Scott.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 229

(۷) - اوائلي دور جا اسکول

انگريزن جي اوائلي دور ۾ سنڌ ۾ اسکولن جا مکيه ٽي قسم هئا. ۱- مسلم پرائمري اسکول، جتي قرآن شريف بنا معنيٰ جي پڙهايو ويندو هو. ۲- هندو سنڌي اسکول، جتي خدا آبادي ۽ سنڌيءَ جا ٻيا قسم سيکاريا ويندا هئا ۽ انهيءَ سان گڏ حساب ڪتاب جو ڪم پڻ سيکاريو ويندو هو. ۳- انهي اسکول جتي عربي ۽ فارسي سيکاري ويندي هئي. انهيءَ قسم جا اسکول صرف ۽ مسلمانن ۾ هئي تو من جون گڏيل ضرورتون پوريون ڪندا هئا. ايلس لکي ٿو ته:

"عربي ۽ فارسيءَ جا مکتب دور دراز گوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ ڪٿي ڪٿي ٻيا آهن. جن ۾ استادن جي مهارت ۽ قابليت جي ناموريءَ ڪري اوسي پاسي ۽ ڏورانهن هنڌن کان شاگرد ويڙهي گڏ ٿيندا هئا. عادلپور (ضلع سکر) ۾ هڪ بزرگ جي پنجاهه شاگرد پڙهائيندي ڏٺو ويو، جن مان اڪثر شاگرد ڏورانهين پنڌ کان وٺي آيل هئا. هي مکتب گڏيل پنجاهه سالن کان چمڪندو رهيو. پراڻن بيسوده تعليم جي طريقن تي وڌن شهرن ۾ ڪيترا ادارا قائم ٿيا جن ۾ اهڙا استاد هئا جي پنهنجن وڌن کان ويٺي درس تدريس جو شغل جاري ڪيندا آيا. اهڙو ويٺو اسکول ٺٽي ۾ هو جنهن ۾ ۱۸۵۵ع ۾ هڪ سو شاگرد هئا. انهيءَ اسکول جي فارغ التحصيل شاگردن کي يڪدم سرڪاري ملازمت ڪيو ويندو هو.

استادن جي اجرت مختلف هئي جيڪا شاگرد ادا ڪندا هئا. ڪي شاگرد گهٽ ڏيندا هئا ته ڪي سرندي ۽ وارا وڌيڪ پريندا هئا. بلڪل غريب شاگرد مفت ۾ پڙهندا هئا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 230

ايلس جي رپورٽ موجب سنڌ ۾ اهڙن اسڪولن جو تعداد صرف ۳۴ هو، ڪيترن اسڪولن جو خرچ پاڻ زميندارن ڀريندا هئا. پر هر فصل تي ڪين اناج جو مقرر حصو ملندو هو ۽ عيد برات ۽ خوشيءَ جي موقعي تي ڪين سوڙهن پاڙهن ملندن هيون."

ايلس پنهنجي رپورٽ ۾ لکي ٿو :-

"اها حيرت جي گاله ڪانه هئي ته ڪو استادن جي نوڙائي هئي يا ڪٿ تعليم يافته هئا پر حقيقت اها آهي ته انهيءَ دور ۾ سڀني تعليم ۽ جاڙ ڪندڙ استادن جي ڪا به ڪوٽ نه هئي، هوڪي چند مثال ڏئي ٿو، جيڪي دستوري استادن وانگر نظر نه ٿي آيا" (۱)

سيد مراد علي شاه پنهنجي چوڏهن شاگردن کي مفت پڙهائيندو هو ۽ ان سان گڏ وڏي سندن کاڌي پيتي، رهڻ ڪهڻ ۽ پوشاڪ جو پڻ مفت بندوبست ڪندو هو. 'سونگ اباڙوي' ۾ هڪ موچيءَ جي گهرواري ۽ ٻن چوڪرن ۽ هڪ چوڪريءَ کي پنهنجي خرچ تي مفت تعليم ڏيندي هئي ۽ 'تانگا اوباوڙو' ۾ هڪ ناسياعورت ۽ ٻن چوڪرن کي ساڳئي نموني مفت پڙهائيندي هئي. اهڙي سهولت واري ۽ مفت قسم جي تعليم کاورلي هوندي هئي. (۲)

(۷) - برٽن جي رپورٽ :

انگريزن جي فتح کانپوءِ سڀ کان پهرين برٽن هتي آيو. تنهن

---

(۱) - ٽالپور، قدير محمد ڊاڪٽر، 'سنڌ جا اسلامي درسگاهون'، تحقيقي مقالو ۱۹۸۲ع حيدرآباد، هجري پبليڪيشن سنڌ ثقافت ڪاتو، ص ۳۸۸ ۽ ۳۸۹

(۲) - بحوالا ڊاڪٽر قدير محمد ٽالپر، "اسلامي درسگاهون" ص - ۳۸۹، سال

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 231

جاڻايو ته سنڌ ۾ سيوهڙ، پات، کهڙا، منياري، موهر (عمرڪوٽ جي پرسان) ۽ چونياري کي ڇهه درسگاهون يا اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا مشهور مرڪز هئا جن جو درجو يونيورسٽين جي برابر هو ۽ انهن کي ميرن جي طرفان سٺيئن سڌي امداد ملندي هئي جيڪا ٽن هزارن کان وٺي پنجن هزارن تائين هر مهيني هوندي هئي.

حڪومت جي ردوبدل ڪري علمي سرمايو تباهه ٿي ويو هو ۽ درسگاهون اجڙي ويون هيون. انهيءَ ڪري برٽن وڌيڪ معلومات حاصل ڪري نه سگهيو. ۱۸۵۲ع ۾ ايلس تعليمي ادارن جا الڳ الڳ ورتا ته کيس معلوم ٿيو ته سنڌ ۾ جملي ۶۴۸ اسڪول هئا ۽ انهن ۾ شاگردن جو تعداد ۷۴۴۳ هو جن مان ناڻن حصو چوڪرين جو هو. انهن کان سواءِ شاگردن جو ڪافي تعداد گهرن ۾ تعليم وٺندو هو. قرآن شريف جي ابتدائي وارن اسڪولن جو تعداد ۲۷۸ هو ۽ انهن ۾ شاگردن جو انداز ۱۹۰۶ هو عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏيڻ وارا ۱۵۲ اسڪول هئا جن ۾ ۳۲۱ شاگرد هئا جملي اسڪولن مان ۶۰۹ اسڪولن ۾ ۶۴۷۹ شاگرد هئا جن ۾ هندو ۽ مسلمان گڏجي فارسي سکندا هئا. سيني اسڪولن ۾ استاد ٿورڪي مسلمان هوندا هئا. (۱) هندو سنڌي خدا آبادي سيڪارڙ وارا ۱۲۳ اسڪول هئا جن ۾ ۸۰۳ شاگرد هئا.

Gul Hayat Institute

ٻارن کي ڇهن يا پنجن سالن جي عمر جي درميان پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويندو هو ۽ صبح کان شام تائين پڙهائي هلندي هئي. ٻار آخري سپاري جي اکر سکڻ سان شروعات ڪندو هو ۽ کيس آيلون برزبان ياد ڪرايون ويندیون هيون. ان کانپوءِ هو الف - ب ڪڻڻ به شروع

---

(۱) - حنيف صديقي (مترجم) 'سنڌ ۾ سنڌو ماتريءَ ۽ سندس قومون' سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۷۱ء ص ۱۲۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 232

کندوهو. اڌ قرآن شريف پڙهڻ کانپوءِ سنڌي پاڙهي ويندي هئي. ان بعد شاگرد فارسيءَ جي سکيا وٺڻ شروع کندوهو. هُو فارسي ۽ سنڌي ڊُوايو. نوايو ۽ چشم چراغ جالفظ سکندوهو ۽ آخر ۾ گلزار جاگردان ۽ ميغا يادکندوهو. تنهن کانپوءِ سعدي جي کريما گلستان، بوستان، بهارداڻش ۽ سڪندرنامه پڙهيا ويندا هئا. شاگردن کي انشاءِ ياخط جا فقرا سيکاريا ويندا هئا. اهو نصاب اڌيءَ وقت ۾ سرڪاري نوڪرين هٿ ڪرائڻ لاءِ ڪافي هوندوهو. جن نصاب پوري ڪرڻ کانپوءِ شاگرد ۱۵ يا ۱۶ سالن جي عمر ۾ اعلیٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ درسگاهن يا مدرسن ۾ ويندوهو اڳرين درسگاهن ۾ شاگردن جو تعداد ۴ کان ۷۰ تائين هوندوهو پڙهائي جي لحاظ کان شاگردن کي لازمي هاسٽل ۾ رهڻو پوندو هو. جيڪا درسگاهن سان متصل هوندي هئي. کوڙ پوري ٿيڻ کانپوءِ شاگردن کي سال ۾ هڪ کان ٻن مهينن تائين وئيڪشن ملندي هئي. هڪ ڏي شاگرد کي پنهنجي هوشياريءَ قابليت جي بنياد تي ۱۵ کان ۲۰ روپين تائين ماهيانو وظيفو ملندوهو ۽ ننڍي ڪلاس وارن شاگردن مان هڪ کي ڇهه روپيه ماهوار ملندا هئا. مدرسن ۾ لازمي مضمونن جي لحاظ سان صَرف، نحو، فقه، قرأت ۽ تجويد نصاب ۾ شامل هئا. باقي طب، رمل، نجوم، جفر، تصوف، تعبيرخواب حڪمت ۽ فلسفي جا مضمون شاگرد پنهنجي پسند تي پڙهندا هئا.(۱)

باوجود نامساعد حالات جي انگريزن جي دورِ حڪومت ۾ به عالمن ۽ استادن عربي فارسي ۽ ديني علوم تي گهڻو توجهه ڏنو. مدرسن کي جديد طرز تي هلايو ويو. شخصيت جي سهائپ سان درسگاهن جا نالا رکيا ويا. جنهن جو رواج اڄ ۾ نه هو. جنهن کري امير ۽ شاهوڪار پنهنجون زمينون مدرسن لاءِ وقف طور ڏينون. استادن جي همت افزائي ۽ وقار کي قائم رکڻ لاءِ سندن معقول پگهارون پڌ مقرر ڪيون ويون. شاگردن رهائش کاڌي پيتي ۽ ڪپڙي لتي جون سهولتون مهيا

---

(۱) - تالپر، محمد جمن ڊاڪٽر. "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" تحقيقي مقالو ۱۹۸۲ع حيدرآباد سنڌ پبليڪيشن سنڌ ثقافت ڪاتو. ص ۳۹۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 233

ڪيون ويون. انهن سڀني اجتماعي ڪوششن جو نتيجو اهو نڪتو جو ان دور ۾ ڪيترن قومي تحريڪن جنم ورتو. مثلاً آزادي واري تحريڪ، خلافت تحريڪ وغيره جن ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن، دانشورن نمايان حصو ورتو. ان کانسواءِ 'شدي'، 'سنگهڻ' آريه سماج' جهڙن خطرناڪ عزائم رکندڙ تحريڪن کي پڻ سنڌي عالمن پنهنجي علم ۽ فهم سان منهن ڏنو ۽ سندن تحريڪن کي ڪاپاري ڏڪ رسايو. (۱)

۱۔ تالپر محمد جمن ڊاڪٽر، "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"، پي ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو ۱۹۸۲ع حيدرآباد، هجره پبليڪيشن، سنڌ ثقافت ڪاتو ص ۲۹۲

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب ٹيون

ضلعي لاڑڪاڻي جو جاگرافيائي ۽ تاريخي پس منظر

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۱- جاگرافیائی پس منظر

(الف) جاگرافیائی بیھک

(ب) تعلقیواړ وریج

(ت) آمدرفت جا ذریعا

(ټ) آبپاشي نظام ءِ ز[illegible]ت

(ج) جبل

(د) ډنډون

(ړ) آثار قدیمہ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 236

(الف)

بيهڪ

سنڌ جي نقشي ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي جاگرافيائي بيهڪ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ضلعي جون حدون بلوچستان جي صوبي سان ملن ٿيون. جڏهن تہ سندس اوپر ۾ سڪر ۽ خيرپور جا ضلعا آهن ۽ سنڌو ندي وهي ٿي. ڏکڻ طرف ڪوهستان وارو علائقو آهي. اولاهين پاسي کير تر جبل جون قطارون آهن. (۱)

ڈاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي ڪتاب ۾ ڊبليو باڪنز جي حوالي سان لاڙڪاڻي جي بيهڪ ۽ آدمشماري متعلق رقمطراز آهي:

larkana is a very large town Situated lat 27° 20 and is said to contain thirty Thousand souls and to be next to Shikarpur. (2)

لاڙڪاڻو اتر ويڪرائي ڦاڪ ۲۳ ۽ ۲۷۰ ۽ اوپر ۾ ڊگهائي ڦاڪ ۱۶ ۽ ۱۸ ۾ ٿي آهي. ضلعي جي ڪل ايراضي ۲۸۶۶ چورس ميل آهي. (۳)

(ب)

تعلقي وار ورڇ.

ضلعي جي تعلقي وار ورڇ ڪجهه هن ريت آهي. اوپرانءَ ڪان وهندڙ سنڌو ندي سان لاڙڪاڻي جا به تعلقا لاڙڪاڻو ۽ ڏوڪري (لب دريا) ٺهن ٿا. اولهه ڪان ڪوهستاني علائقي ۾ شهداد ڪوٽ، تنبو ۽ وارهه تعلقن جا ڪجهه حصا اچي وڃن ٿا. کير تر جبل جي سلسلي سان گڏيل اپيل ميداني علائقو ڪاڇو سڏجي ٿو.

---

(۱) - اي مارسڊن 'جاگرافي' ۱۹۲۷ع ص - ۳۷. مترجم-ليلا رام پرهيچند واڌواڻي مڪملن اينڊ ڪمپني لميٽيڊ بمبئي ڪلڪتو مدراس ۽ لنڊن

(2) MubarK ALiKhan "A Social and cultural History of Sind" Mustafa Waheed Lahore book Traders 1987 P. 220-221

(۳) - اي مارسڊن 'جاگرافي' ۱۹۲۷ع ص ۳.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 237

آبهوا۔

سنڌوندي جي اولهه واري ماٿري جي آبهوا اوڀاري ۽ ورڊيڪ خشڪ ۽ ورڊيڪ گرم آهي ۽ سياري ۾ ورڊيڪ ٺڏي، هتي برسات گهٽ پوي ٿي چوته هي ملڪ موسمي هوائن جي رستي ۾ نه آهي. اولهه واري جبل يعني ڪيرٿر ۽ سليمان جون قطارون ايڏو مٿي نه آهن جو ايران جي مٿاهين پٽ جنهن جو هوائن کي روڪڻ ۾ فقط جبل آهن، تنهن جي ٺڏين ۽ گرم هوائن کان هن ملڪ کي بچائي سگهن ٿا.(۱)

مٿي سنڌوندي جي اولهه واري جنهن ماٿري جو ذڪر ڪيو ويو آهي، لاڙڪاڻو ضلعو ان ماٿري ۾ شمار ٿئي ٿو. لاڙڪاڻي ضلعي جي موسم به گرمين ۾ سخت گرم ۽ سردين ۾ سخت سرد ٿئي ٿي. سردي جي موسم ۾ ڪوئٽا ۽ قندار جون سرد هوائون لاڙڪاڻي جي موسم تي اثرانداز ٿين ٿيون. سردي ۾ ۴۰ ڊگريون فارن هائيٽ ۽ اوڀاري ۾ گرمي جو وڌ ۾ وڌ درجو ۱۱۵ ڊگريون ٿئي ٿو. هتي سالياني ڇهن کان ڇهن انچن تائين برسات پٽاڻي وچي ٿي. پر گذريل ڪجهه سالن کان اها گهٽجي ويئي آهي.

(ت) آمدورفت جا ذريعا۔

مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته لاڙڪاڻي وارو هي علائقو قديم دور کان وٺي بين الاقوامي آمدورفت ۽ تجارت جو بهترين رستو رهيو آهي. محققن جي راءِ مطابق اهو رستو ڪراچي، ٽاڪو بولاخان، ڪوٽڙي، آمري، سيوهڻ کان ٺٽي ۽ نصيرآباد، وڪڙ ۽ ڪنبر کان گذري لاڙڪاڻي تائين پهچندو هو. جتان وري رتو ڊيرو، شڪارپور ۽ جيڪب آباد کان ٺٽي ۽ ڪوئٽا بلوچستان ڏانهن وڃندو هو. ٻئي طرف اهو ساڳيو رستو شڪارپور ۽ سکر کان ٺٽي ۽ ملتان ۽ پنجاب

---

(۱) – اي مارسڊن، 'جاگرافي' ۱۹۲۷ع، ص- ۱۲۳ – ۱۲۴- مترجم- ليلارام پريمچند واڙواڻي
مڪمل ۽ ڪمپني ليميٽيڊ بمبئي- ڪلڪتو، مدراس ۽ لنڊن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 238

ڏاهن ويندو هو. تنهن کانسواءِ اهي مقامي شاهراهون بولان لکن کان ٽيندڙ ايران ميسوپوٽيميا (عراق) ۽ مصر تائين ويندڙ هيون ۽ اهي قديم تجارتي رستا لاڙڪاڻي واري علاقي جي قديم تهذيب سان گڏيل هئا. (۱)

ڪراچيءَ کان ڪوئٽا براسته لاڙڪاڻي واري رستي هيٺ انڊس هاءِ وي (Indus High Way) جي نالي سان پختي روڊ جي صورت ۾ موجود آهي. جڏهن ته پنجاب ڏانهن ويندڙ رستي کي نيشنل هاءِ وي (National High Way) ڪوٽيو وڃي ٿو جيڪو درياءَ جي پرين کپ کان خيرپور ميرس ۽ روهڙيءَ وٽان گذري ٿو. هن دور ۾ لاڙڪانو سنڌ جي وڏن شهرن کان علاوه ضلعي جي سمورن تعلقن تورِي وڏن گرين سان پڪن رستن جي چار ذريعي گڏيل پوپلو آهي. آمدورفت لاءِ روڊ ڪان علاوه ريلوي لائين توڙي هوائي جهاز جون سهولتون ميسر آهن.

(ش) آبپاشي نظام ۽ زراعت.

سکر بئراج جي تعمير کان اڳ سنڌ جي زراعت ۽ معيشت سنڌو نديءَ جي رحم ڪرم تي هٻل هئي، جيڪا پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن هل پل کانسواءِ پنج سو ميلن جو وهڪرو وهائيندي ۽ تيراڻيندي هئي. پر سکر بئراج جي تعمير سڀ کان وڏي دهشت پريائي درياءَ کي انساني قبضي ۾ آڻي چڏيو پر دنيا جي عظيم ترين آبپاشيءَ جي نظام کي به جنم ڏنو. (۲)

سکر بئراج پوڻ کان اڳ لاڙڪاڻي ضلعي جي زرعي زمين اڪثر ڪري ڪوهن ذريعي آباد ڪئي ويندي هئي، البت ڪاڇي جي زمين

---

(۱) - احمد ڪمال (مرتب) 'چانبڪا ڊريڪٽري' ص ۷۲ انصاف پريس لاڙڪانو ۱۹۷۶ع

(۲) - درمحمد پٺاڻ ڊاڪٽر، ماهوار 'پيغام' ڪراچي ص - ۶۶ - مارچ اپريل ۱۹۸۴ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 239

زرخيزيءَ متعلق هن پنهنجا تاثرات هن ريت بيان ڪيا:

"سيوهڙ جي پٽيان لاڙڪاڻي جو ملڪيه شهر آهي.
هن ضلعي ۾ پاڻي جهجهو آهي ۽ آبادي سٺي آهي ظاهري طور
ڪراچيءَ جيڏي باقي سڄي سنڌ ۾ سپني هندن جي پيٽ
۾ لاڙڪاڻو وڏ ۾ وڏ سرسبز علائقو آهي. هن ضلعي کي ٻوڏن
جي دوران درياء مان نڪرندڙ هڪ واهه (گهاڙ) سيراب ڪري ٿو.
لاڙڪاڻي وارو علائقو خوبصورت گولن سان جڙيل آهي." (۱)

ڊاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي ڪتاب ۾ لاڙڪاڻي جي خوشحالي
۽ زرخيزي متعلق هيئن لکيو آهي:

" It stands highly cultivated Past of the Country The Wealthiest hindoos in sind reside here." (2)

سن ۱۹۳۲ع ۾ سکر وٽ درياء تي پل ٻڌي وئي جنهن کي
'لائيڈ بئراج' سڏيو ويو ۽ ان مان ساڌي پاسي کان ڇڏ ۽ کاڌي پاسي کان ٽي ڪئنال
ڪڍيا ويا. ساڌي پاسي کان نڪتل ڪئنال مان هڪ رائيس ڪئنال آهي. رائيس
ڪئنال زيرو آرڊي کان اتر اولهه ۾ پنهنجو سفر جاري ڪري آرڊي نمبر ۲۵۵ وٽ
پهچي لاڙڪاڻي شهر جي اتر اولهه ۾ گهاڙ واهه کي ڪٽي ان جي هستي مستي

---

(1)- Rechard Bartan, 'The races that inhabit sind' Page-908

(2)- Mubark Ali Khan, "A Socialand cultural History of sind" Mustafa Waheed Lahore book Traders, 1987, P, 220 & 221

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 240

۽ افاديت کي هميشه لاءِ حنتر ڪري چڏيو. آبپاشيءَ جي نئين نظام سبب پاڻيءَ جي ورڇ ۾ ترتيب پيدا ٿي ۽ زميندار وڏي پيماني تي آبادگيءَ ڏانهن آيون

(ج) جبل

هالارجبل -

ڪير تر جبل جي سلسلي ۾ هالارجبل خاص خصوصيت جو مالڪ آهي. هي جبل ٽڪرين جي هڪ سلسلي جو نالو آهي، جيڪو ضلعي جي اولهه طرف تعلقي ڪنبر ۽ واريهڪان انڪل ۲۵ ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي. هي جبل سمنڊ جي سطح کان انڪل ۷۵۰۰ فوٽ مٿي آهي ۽ هڪ وسيع علائقي ۾ پکڙيل آهي. ان جبل جي هڪ اهم خصوصيت هيءَ آهي ته هيءُ گرميءَ جي موسم ۾ ٺڏوءِ سرديءَ جي موسم ۾ وري موافق هوندو آهي. جبل جي مختلف ٽڪرين جا جدا جدا نالا آهن. جهڙوڪ ڪريو، ڪارو، زرد، پچار وغيره.

ڪتي جي قبر

ڪير تر واري لاڳيتي سلسلي ۾ هڪ وڏي جبل تي هڪ قبر ٿيل آهي، جنهن کي عام طرح ڪتي جي قبر سڏيو ويندو آهي. ان قبر جي متعلق روايت آهي ته ان ڪتي جي مالڪ اهو ڪتو پنهنجي هڪ دوست کي تحفي طور ڏنو هو. مگر بعد ۾ ان دوست کنهن گاله جي ڪري ڪتي کي آزاد ڪري چڏيو ۽ ڪتو واپس اصل ڪي مالڪ وٽ موٽي آيو. جنهن تي سندس مالڪ کي شڪ پيو ته هو سندس دوست کان شايد پڇي آيو آهي. ان تي ان ڪتي کي گهٽ وڌ گالهايو. ڪتي کي مالڪ جي گالهائڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هو اُتي جو اُتي مري ويو. بعد ۾ اصل حقيقت معلوم ٿيڻ تي سندس مالڪ ان وفادار ڪتي جي قبر ان جبل جي چوٽيءَ تي جوڙائي. (۱)

---

(۱) - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ اڪنر، 'لاڙڪاڻي جو تاريخي پس منظر' (مضمون) لاڙڪاڻو ساهه سيبا ٽو" لاڙڪاڻو ۱۹۸۳ع، ص - ۱۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 241

(د) ڊنڊيون:

ضلعي لاڑڪاڻي ۾ ڪيئي ڊنڊون ڏورا آهن جن مان گهٽيون ڊنڊون قنبر تعلقي ۾ آهن، جن مان به نهايت اهم آهن، 'ڊگهه ڊنڊ' ۽ 'لنگهه ڊنڊ'

ڊگهه ڊنڊ ۽ لنگهه ڊنڊ:

هي ٻئي قديم ڊنڊون آهن. سياري جي موسم ۾ پکي سائبيريا کان اڏامي هتي ايندا آهن. هنن ڊنڊن تي پکين جو شڪار ڪرڻ لاءِ غيرملڪي سربراهه توڙي وزير سفير مختلف وقتن تي پئي ايندا رهيا آهن. جن جي قيام لاءِ بنگلا ۽ باغ پڙهيل آهن. ڀهه، ميچي، لوڙهه ۽ ڪُمبهجام ٽين تا. هنن ڊنڊن کي هينئر سرڪاري شڪارگاهه جي حيثيت حاصل آهي.(۱)

گوٽ غيبي ديري جي اوڀر ۾ 'ساروه' ڊنڊ آهي جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گاهه پيدا ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح تعلقي رڻ ديري جي ڏکڻ ۾ 'قلپوتا ڊنڊ' آهي، جنهن ۾ پکين توڙي ميچيءَ جو شڪار ٿيندو آهي. واهه جي اپرندي طرف 'حمل' ڊنڊ آهي، جنهن جي ڊيگهه ٻڌ ٻڌ ۴ ڪلوميٽر ۽ ويڪر ۳ ڪلوميٽر آهي. حمل ڊنڊ جي ڏکڻ ۾ ڪاڙيءَ ڊنڊ آهي، جا ضلعي دادوءَ جي تعلقي ميهڙ تائين پکڙيل آهي.(۲)

---

(۱) - ميڙ عبدالمجيد سندي، ڊاڪٽر، "لاڑڪاڻي جو تاريخي پس منظر" (مضمون) "لاڑڪانو ساهه سيبانو"، لاڑڪانو ۱۹۸۴ع ص - ۲۵

(۲) _____ ايضاً _____

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 242

(۲) آثار قديمه :

ضلعي لاڑڪاڻي کي قديم آثارن سبب ساري دنيا ۾ مقبوليت حاصل آهي. جنهن جو سڀ کان وڏو اهڃاڻ 'موئن جو دڙو' آهي، جيڪو سنڌ جي اوائلي رهواسين جي مهذب هجڻ جي ساک ڏئي ٿو. 'موئن جو دڙو' جي تهذيب، تمدن ۽ بولي متعلق معلومات ڪري لاءِ دنيا جي پيماني تي کوجنا هلي رهي آهي، گويا دنيا ان کي پنهنجو ورثو تصور ڪندي هجي.

موئن جي دڙي جي ۱۹ع ۾ سرجان مارشل کوٽائي ڪرائي، ان کان پوءِ پينرجي، وئيٽس، ڊڪشٽ مڪي، هارگريوز، مديقي ۽ سر مارٽيمر ويلر پڻ هتي ڪم ڪيو. (۱)

موئن جي دڙي کان علاوه لاڑڪاڻي ضلعي ۾ ٻيا به ڪيترا ننڍا وڏا دڙا آهن. جيڪي ماضيءَ جي علامت طور اڄان تائين قائم آهن. اهڙن دڙن ۾ 'جهڪر جو دڙو'، 'ولهي جو دڙو'، 'دابني جو دڙو'، 'ڏنگ پٽ جو دڙو'، 'ببام جو دڙو'، 'سربيڙ جو ڪوٽ'، 'نانگ جو دڙو'، 'پنجو دڙو'، 'سون دڙو'، 'شهپور دڙو'، 'ڏانهڙ دڙو'، 'ڪاروهر دڙو' ۽ 'مناهه نندل جو دڙو' اهم آهن. (۲)

---

(۱) - تنوير جوٽيجو، 'سنڌ اندر قديم آثارن وارا ماڳ'، ص- ۹۰ آگم پبليڪيشن ايجنسي حيدرآباد ۱۹۸۶ع

(۲) - عبدالمجيد ميمڻ ڊاڪٽر 'لاڑڪاڻي ضلعي جو تاريخي پس منظر' مضمون لاڑڪاڻو ساه سيبائٽو لاڑڪاڻو ۱۹۸۴ع ص ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۲- تاريخي پس منظر

(الف) پراڻي تهذيب جو پهريون گهر موئن جودڙو

(ب) لاڙڪاڻي جي قديمت جا آثار

(ت) چانڊڪا پرڳڻو

(ٿ) لاڙڪاڻو نالي جي تاريخ

(ج) لاڙڪاڻي تي ٻين قومن جو تسلط

(د) لاڙڪاڻي جي عظمت

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 244

(الف) پراڻي تهذيب جو پهريون گهر تاريخي پس منظر

موئن جو دڙو:-

انساني تهذيب جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن دنيا ۾ تي ڪيترن ئي تهذيبن جنم ورتو ، وڌيون ويجهيون ۽ ترقي جا مرحلا طئي ڪندي اعليٰ منزلن تي پهتيون ، پر آخر اهي به وقت جي رفتار سان زماني جي انقلابن سان وهڪري ۾ وهي ويون . جدّت پسند قدرت وري انهن جي جاين تي نين قومن کي سرفراز ڪيو جيڪي به آخر پنهنجي ترقي جي ساڻ گڏ آخر تنزليءَ جو شڪار ٿي منا ٿي ويون ، ۽ اهڙيءَ ريت هن دنيا جو ڪارخانو هميشه کان هلندو پيو اچي ! هن وقت انهن قومن جي ماضيءَ جا آثار ڪنڊرات جي صورت ۾ انهن تهذيبن جي گواهي ڏيندي نظر اچن ٿا . انهن قديم تهذيبن ۾ آشوري ، بابلي ، ايراني ، چيني ، مصري ، يوناني ۽ رومي تهذيب جا آثار اڄا تائين موجود آهن . وادئ سنڌ ۾ موئن جو دڙو جي حيثيت مٿين مرڪزي تهذيبن کان ڪيترين گهڻين ۾ قديم ۽ منفرد نظر اچي ٿي .

تهذيب جي هن پهرين گهر جو اعزاز سنڌ جي شهر لاڙڪاڻي کي ئي حاصل آهي . جيڪڏهن ته ان عظيم تهذيب جا آثار لاڙڪاڻي جي جاگرافيائي حدن ۾ اچي وڃن ٿا . ' موئن جو دڙو ' لاڙڪاڻي شهر کان ۲۸ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي تعلقي ڏوڪريءَ ۾ واقع آهي . موئن جو دڙو جي انڪشاف متعلق دوڪا پرساد روچيرام پنهنجي ڪتاب ' پراچين سنڌ سيتا جو نظارو ' ۾ لکي ٿو :-

" پارت جو پراتتو (Archoalogy) کاتي شري راکلداس بنرجي ۱۹۱۸ع کان ۱۹۲۲ تائين ڏکڻ پنجاب ، بيڪانير ، بهاولپور ۽ ڪوٽائي ڪئي ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 245

پراهي سپ ٻوڏ يادگار نڪتا. ايئن اتفاق سان موئن جو دڙو
مٽان هڪ ٻوڏ اسلوڻ پا، تي اڃي ڦهلو جنهن جي ڪوٽائي ڪندي
ڪيس اتان پٽ جا ڪپ هٿ آيا جي ادائي ٿي هزار ورهيه ق-م-
جاهڻا. بس اتان کان وٽي هن سنڌو سنسڪرتي (موئن جو دڙو)
جوچنڊ اپريو." (۱)

هڏيب جي پرسين گهرجي ڪوٽائي کانپوءِ جن حقيقتن جو
اظهار ٿيو. تن مان سڀ کان وڏيڪ حيرت ڀري گالهه هي آهي ته عمارتن جي
هيڻاڻ ۽ مٽان ست مختلف هڏ لٽاويا آهن.

اهڙن هڏن بابت قديم آثارن جي ماهرن جو خيال آهي
ته اهڙن مان هڪ ابتدائي، يا وچين ۽ ٽين ان کان اوائلي دور سان تعلق
رکن ٿا. ٽنهن کان پوءِ ۱۹۵۰ع واري اوهڙي ڪوٽائي کڙڻ وقت ته پاڻي جي هيڻاڻ
سطح جي به هيڻاڻ آبادي جا ڪي اهڃاڻ مليا آهن. انهيءَ ڪري جيڪي نه ٿو
سگهجي ته اڃا ٻيا به ڪيترا آباد ٿر زمين ۾ پوريل آهن. (۲)

اها گالهه اڃا به وڌيڪ تحقيق طلب آهي ته انهيءَ مخصوص
جاءِ تي هڪ ٻئي پٺيان ست شهرن جي آبادي ۽ بربادي ۾ ڪيترو وقت
لڳو هوندو! مشهور مؤرخ لمبرڪ پنهنجي ڪتاب 'سنڌ هڪ جائزو' ۾
انهيءَ متعلق پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

"هن علائقي جي تاريخ کان آڳ واري دور
جي آڳاٽن سنڌو لوڪن جي شاناڻي تهذيب (Pre Historic Age)

---

(۱) - دوارڪا پرساد روچيرام شرما 'پراچين سنڌو سبيتا جو نظارو' تاج محل پريس
حيدرآباد، ص- ۴۰

(۲) - خدا بخش صديقي، 'وادئ سنڌ جي تهذيب'، ص- ۳۳ محڪمهٔ آثار قديمه
پاڪستان، مڪتبه نياراهي ڪراچي ۱۹۵۰ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 246

پنهنجي اوج تي اچڻ ۽ هڪ اعليٰ تهذيب ٻڌجڻ کان اڳ انڪل
جئن کان پنجن هزارن سالن جو هڪ وڏو عرصو جيڪو تاريخ جي
دورن کان اڳ انڪل ستن جُڳن تي مشتمل آهي گذريو هو." (۱)

موئن جي دڙي جي تباهيءَ کان پوءِ ضلعي لاڙڪاڻي جي
آس پاس ٻيو ڪو به اهڙو واضح تاريخي اهڃاڻ ڪونه ٿو ملي جنهن جي ذريعي
اسين ان تاريخ جو تسلسل قائم رکي سگهون. لهڙ اڻيءَ گالهه جي تائيد ڪندي
لکي ٿو:

"تاريخ واري دور کان اڳ ضلعي لاڙڪاڻي جي پراڻي
۽ موئن جي دڙي جي زوال ۽ سنڌو رياست جي تباهيءَ کان
پوءِ هڪ اهڙو واوندا هو دور آيو، جنهن بابت اسانکي ڏاڍي گهٽ
ڪا به معلومات ڪانهي." (۲)

(ب) لاڙڪاڻي جي قديم جا آثار:

تاريخي مطالعي مان اها گالهه واضح ٿئي ٿي ته لاڙڪاڻو
آرياڻي تهذيب کان به اڳ نقشي تي ڏيکاريل آهي. 'موئن جو دڙو' پڻ ان جي
گواهي ڏئي ٿو. ان کانسواءِ لاڙڪاڻي جي پس گرداڻ وارو قديم ترين گوٺ 'ماهونا'
ان جي ساک پري ٿو. (۳)

يوناني تاريخ نويسن پنهنجي ڪتابن ۾ ماهونا بابي آباريءَ
جو ذڪر نمايان طور ڪيو آهي ۽ اهو پڌ جاڻايو آهي ته ۳۳۰ ق-م ۾ سڪندر
اعظم اروڙ کان سنڌو لاڙڪاڻي واري سرزمين مان لنگهي سيوستان (سيوڻ)

---

(۱) - لهڙ، 'سنڌ هڪ جائزو'، ص- ۷۹، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۲ع
(۲) - ايضاً ص - ۱۱۹
(۳) - Gazetteer of Larkana (Vol: IV) Bombay 1927, PP- 26

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 247

ڇڏتو هو. انهيءَ زماني ۾ ماهوتا به آباد هو.(۱)

يوناني مؤرخن جوچوڻ آهي تہ سڪندر اعظم عيسوي سن کان ۳۲۶ سال آڳ فبروري واري مهيني ۾ اٽڪ ، کان سورهن ميل ستي اسانجي پراچين سنڌ جي اتر واري خبير درّي کان لنگهي پنجاب تي ڪاهيو. هن پراچين سنڌ جو اتر وارو ساڃو حصو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو[۲] هن بيان مان سڪندر اعظم جي لاڙڪاڻي واري علائقي ۾ اچڻ جي ثابتي ملي تي جالاءِ تہ سنڌ جي اتر واري حصي ۾ لاڙڪاڻو اچي وڃي تو

(ت) **چانڊڪا پرگهٽو-** ۷۱۱ع کان ۷۵۰ع تائين سنڌ تي برهمڻ جو راج رهيو، جنهن ڪانپوءِ هتي بنوامميه جي خليفن جي حڪراني قائم تي جيڪا ۱۰۲۵ع تائين هلي. ۱۰۲۵ع ۾ محمود غزنوي سنڌ تي قبضو ڪيو. ۱۰۵۴ع ۾ سومرا طاقت ۾ آيا جن ۱۳۵۱ع تائين حڪومت ڪئي. سامٻيٽي سن ۾ سمن جو راج قائم تيو. جيڪو ۱۵۱۹ع ۾ شاه بيگ ارغون تائين قائم رهيو.(۳) ارغونن جي دور حڪومت ۾ جنهن علائقي تي 'چانڊڪا پرگهٽو' نالو پيو، تنهن وقت ان ۾ موجوده دادو ، لاڙڪاڻو ۽ سکر وارو علائقو شامل هيو.(۴)

مرزا قليچ بيگ پنهنجي مشهور تصنيف 'قديم سنڌ' ۾ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ۽ چانڊڪا پرگهٽي متعلق لکي تو :-

"لاڙڪاڻي جي آس پاس گهڻا چانڊ ۽ هروچ رهندا هئا،

---

(۱) - آلومل تيکمداس پوهواڻي راءِ بهادر، "سنڌ جي مختصر تاريخ" گورنمينٽ سينٽرل بوڪ ڊپو ڪراچي - ۱۹۲۷ع ، ص - ۸۷

[۲] - دوارڪا پرساد روچيرام شرما، "پراچين سنڌو سپيتا جو نظارو"، ص - ۴ تاج هل پريس حيدرآباد سنڌ

(۳) - ڪيپٽن ايسٽوڪ ، نيئن مصر جا پراڻا ورق" سنڌي، ص - ۱۱۲، مترجم داڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد - ۱۹۷۳ع

(۴) - پيرومل ڪاڪي، 'قديم سنڌ' ڪراچي سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۷ع ص - ۲۴۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 248

حبش کري انهيءَ کي 'چانڊ کا پرگڻو' چوندا هئا. اهڙن جو سردار ولي قدر هو. حبش کي انگريز سرڪار جي مدد ڪرڻ جي عيوض وڏي جاگير ملي. سندس پٽ غيبي خان هيو. چانڊ کي علائقي تي ڪلهوڙن پنهنجي پاران شاهه بهاري کي حاڪم مقرر ڪيو هو. (۱)

مرزا شاهه حسن ارغون ۹۵۴ھ/۱۵۴۷ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. سندس وفات کانپوءِ سنڌ کي سندس ٻن اميرن مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود ڪوڪلتاش ٻن حصن ۾ ورهائي ڪنيو. لکي کان مٿي ماٿيلي ۽ اباوڙي تائين سنڌ جو علائقو سلطان محمود ڪوڪلتاش ڪنيو ۽ لکي کان هيٺ وارو ڏاکڻو علائقو سمورو مرزا عيسيٰ ترخان جي قبضي ۾ آيو. (۲)

ان کانپوءِ اڪبر جي سپه سالار مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ تي حملو ڪيو. سنڌ جي ڇٽي وارو حصو جيڪو حاڪم مرزا غازي بيگ تي عملي ڪرڻ لاءِ جڏهن چانڊ کا پرگڻي ۾ پهتو تہ اتي مشهور بزرگ ۽ درويش ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي دائري ۾ ويو جيڪو سيد قدر جو ٻيلوري جو مهدوي عقيدو رکندڙ هئو. عبدالرحيم خان خانان آدم شاهه کي خانقاهه ۽ دائري جي لنگر خرچ لاءِ چانڊ کي جو علائقو جاگير ۾ ڏنو. چانڊ کا بي انهيءَ پرگڻي ۾ اچڪلهه لاڙڪاڻو، نصيرآباد ۽ قنبر جا تعلقا اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ ريت ميان آدم شاهه ڏينهن بروز زور ۽ شڪ وڌيو ۽ مغلن جو اثر گهٽجندو رهيو. آخر ترخي وڏي طاقت ڪيڏجي ويو. اهو حال ڏسي بلهڙ جوگورنر ۽ چانڊ کا

---

(۱) - قليچ بيگ مرزا "قديم سنڌ ۽ انجا شهر ۽ ماڻهو" سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۶۶ع ص-۱۱

(۲) - خداداد خان، 'لب تاريخ سنڌ' (سنڌي ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۹ع ص-۷۸/۷۷

مولائي شيدائي 'جنت السنڌ' ص ۴۲ سنڌي ادبي بورڊ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 249

زهيندار سندس دشمن بڻجي ايريا. نتيجي ۾ بکر جي گورنر ميان صاحب کي ۱۵۹۲ع ۾ ملتان جي حاڪم هٿان مارائي ڇڏيو.(۱)

آدم شاهه جي وفات بعد ميان داؤد جانشين ٿيو. ان کانپوءِ سندس وڏو پٽ ميان الياس تخت جو وارث ٿيو. جيتوڻيڪ هن پيءُ جي ڇڏيل ورثي کي مستحڪم ڪيو، پر حياتي وفا ڪانه ڪيس ۽ ۱۶۲۰ع ۾ وفات ڪيائين. ان کان پوءِ شاهه علي عرف ميان شاهل قد (۱۵۹۳ع - ۱۶۵۷ع) گادي نشين ٿيو. هو عنايت بااخلاق، زراعت سان دلچسپي رکندڙ ۽ سنجيده شخص هو. وڏن جيان پيري مريدي به ڪندو هو. هن علائقي ڪي آباد ڪرڻ لاءِ گهاٽ واهه کوٽايو. آبپاشيءَ جي اعتبار کان ڪلهوڙن جو هي عظيم ڪارنامو ليکيو وڃي ٿو.(۲)

ميان صاحب جي ڪنيل هن قدم سان علائقي ۾ زرعي انقلاب اچي ويو. جنهن ڪري چانڊڪا پرڳڻي ۾ ڪارين، ڪورن ۽ واهن جو جال وڇائجي ويو ۽ هتان جون زميندون وڏيڪ زرخيز، سرسبز ۽ شاداب ٿيجي پيون.(۳)

(ش) لاڙڪاڻو، نالي جي تاريخ :-

لاڙڪاڻو نالو لاڙڪ قوم جي ماڻهن کان پيو آهي جي آس پاس ۾ رهندا هئا.(۴)

---

(۱)- نور احمد فريدي مولانا، "تاريخ ملتان" جلد دوم، ص ۳۸. قصر ادب ملتان ۱۹۷۷ع

(۲)- غلام رسول مهر، "تاريخ ڪلهوڙا" (حصو ڇون) جلد اول ص ۱۴۴ سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۶۳ع -

(۳)- مرزا قليچ بيگ، قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ڪراچي پريس ۱۹۲۵ع، ص - ۴

(۴)- مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" سندي ادبي بورڊ ۱۹۶۶ع ص - ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 250

سنڌ جي معروف مؤرخ مولائي شيدائيُ پنهنجي قلمي مسوديُ تاريخ سکر ۾ لاڙڪاڻي جي نالي جي تاريخ بابت مرزا قليچ بيگ جي تائيد ڪندي لکي ٿو:-

"جنهن جاءِ تي اڄ ڪلهه لاڙڪاڻي جو شهر بڌل آهي،
ڪنهن زماني ۾ اتي فقط لاڙڪ قوم جي ماڻهن جون چند جهوپڙيون
اڏ بلهيون۔ آبادي ڪان پوءِ ان شهر جو نالو لاڙڪاڻو پئجي ويو۔(۱)

ميان نورمحمد ڪلهوڙي پنهنجي دور ۾ جڏهن افغانن پاسي
ملڪ کي وڃايو تڏهن چانڊ ڪوپار لاڙڪاڻو وڏو شهر شمار ٿيڻ لڳو ۽ تالپرن
جي وقت ۾ به زور هو. جو ٽوبخانو اتي رهندو هو. هڪڙو هونو قلعو به اتي
هوندو هو جو ڪلهوڙن جو ٺرايو هو. شاه جهارو ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو نائب
يا وزير هو ۽ ڏهه هزار ماڻهو سندس هٿ ۾ هوندا هئا. ميان شاهل محمد ۱۱۷۳ھ
۾ وفات ڪئي جنهن کي سال سندس قبي تي ڪليل آهي. اهو قبو ميان غلام شاه
ڪلهوڙي ٺرايو هو.(۲)

(ج) لاڙڪاڻي تي ٻين قومن جو تسلط :-

'تاريخ مظهر شاهجهاني' جو مصنف چانڊ ڪاپرليٽي تي نالي
پوڻ متعلق لکي ٿو:-

"سردار سرمين خان لاڙڪاڻي واري پرليٽي ۾ چانڊين
جو ملڪ مٿس هو. دولهه دريا خان جي مدد ڪرڻ سبب ۱۴۹۰ع
۾ جاگير طور ڪيس لاڙڪاڻي وارو علائقو انعام ۾ مليو هن علائقي
۾ چانڊيا قوم اڳي ٿي ڪثرت ۾ موجود هئي سو هن وڏي جاگير ملڻ

---

(۱) - مولائي شيدائي۔ تاريخ سکر قلمي ص ۱۴۲، قلمي مسودو نمبر ۷۰، سنڌي ادبي
بورڊ ۾ جامشورو۔

(۲) - قليچ بيگ مرزا قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد
ص - ۴۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 251

سبب ويتر سندس همت وڏي جنهن کري علائقي جو نالو ئي
"چانڊڪا پئجي ويو" (۱)

ميرعلي شير قانع ٺٽوي ان سلسلي ۾ ورهن ريت
لکي ٿو :-

"ڪلهوڙن جڏهن لاڙڪاڻي وارو علائقو چڏي
خدا آباد کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو تڏهن هن علائقي جو
انتظام سنڀالڻ لاءِ پنهنجو هڪ نائب ڪرياڻون، جنهن جو نالو شاهه
بهارو هو. هن تڙ ۾ وڃ واپار کي وڌندو ڏسي پرڻاپسي وارن
علائقن مان ڪيترائي قبيلا ۽ قومون لڏي اچي لاڙڪاڻي واري
موجوده ايريا ۾ پنهنجا ڳوٺ ٻڌڻ لڳا. پر ان کان آڳ ميان شاهل
قد جي زماني ۾ ملاص جي هڪڙي قبيلي کي جيڪي ميان شاهل قد
جا مريد هئا، سندن ڪوٽ تي هتي اچي آباد ٿيا هئا.

هتان جا ماڻهو ان قبيلي کي 'لاڙڪ' ۽ سندن ڳوٺ کي
'لاڙڪانو' سڏڻ لڳا" (۲)

انهيءَ متين سموري بحث مان 'لاڙڪاڻي' جي نالي متعلق
ڪافي روشني پوي ٿي. اهو نالو اڄ ڏينهن تائين قائم رهندو پيو اچي.

ميان نور محمد خان ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ سندس پٽ
قمر مراد ياب کي سنڌ جي گاديءَ تي ويهاريو. ويو سگر ڪلهوڙن جي درباري امير ميان
مراد ياب کي معزول ڪري ميان غلام شاهه کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو. انهيءَ تان پاڻ جي
وچ ۾ ويڙهه هلي. آخر ميان غلام شاهه ڪامياب ٿيو ۽ سنڌ جو نامياري حاڪم ٿي گذريو.

---

(۱) - يوسف بن ميرابوالقاسم فڪين، تاريخ مظهر شاهه جهاني، ص - ۱۲۶ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۷۹ع

(۲) - علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام، (جلد ٽيون) ص ۲۵۷ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۵۷ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 252

ميان غلام شاهه جي فوت ٽئين ڪان پوءِ سندس پٽ ميان
فتح سرفراز خان سنڌ جو حاڪم ٿيو. آخر ۾ پنهنجن جي ويڑهه ۾ رسا ڪشي ڪري
صوبه معزول ٿي قيدي بڻيو ۽ آخر ۾ قتل ڪيوويو. ۱۷۸۲ع ۾ سنڌن حڪومت جو
خاتمو ٿي ويو ۽ سنڌ ۾ ميرن جي ساهبي قائم ٿي. (۱)

(د) لاڙڪاڻي جي عظمت :-

ميرن جي دور ۾ لاڙڪاڻي جون زرعي اقتصادي ۽ سماجي
حالتون خوشگوار رهيون. ايتري قدر جو لاڙڪاڻو سنڌ جي بين برگيٽن ۽ صوبن
جي مقابلي ۾ مٿاهون هو. تجارتي ۽ زرا گهاڙ واهه رستي ڪشمير، پنجاب، ملتان
شاهه بندر ۽ بين ڏيسارجي علائقن تائين ويندا هئا. جيڪي ٻيڙا ڪشمير، پنجاب
۽ بين پاسن کان مال کٽي درياءِ مان لنگهي گهاڙ واهه ۾ ايندا هئا، سي گهاڙ واهه جي
ڪاپي ڪپ تي لنگر انداز ٿيندا هئا.

گهاڙ واهه ۾ ٻيڙين تي مال جي آمد رفت ٿيندي هئي. واهه
جي ڪناري تي ڪن هنڌن تي پڪ سرا ٺاهه ٺهيل هوندا هئا. جتي راڳ راندين
محفلون ۽ ميٿنگون ٿيندڙ هيون. (۲)

ڏيسارجا وٽڄ وايار وڏي وڃڻ ڪري ڏينهون ڏينهن
لاڙڪاڻي جو مان وڌي ويو ۽ لاڙڪاڻي جي خوبصورتي کي چار چنڊ لڳي ويا. اهڙي
خوشحالي ۽ خوبصورتي ڪري پهاڪو ٺهيو ته "هجئي نالو ته گهمُ لاڙڪاڻو". ان کانسواءِ
باغن جي گلن ڦلن جي هڪار ميون جي خوشبو ۽ وڻ جي ٽڏڪار کي محسوس
ڪري ماڻهو لاڙڪاڻي کي "سنڌ جو شيراز"، "باغ ارم"، "باغ عدن" ۽ "سنڌي آف گارڊنس"
سڏڻ لڳا. (۳)

---

(۱) - ميمڻ عبدالمجيد "اڪبر"، "لاڙڪاڻو ساهه سياڻو"، لاڙڪاڻو ۱۹۸۴ع، ص - ۱۰
(۲) - لوڪرام ڏوڏيجا، "منهنجو وطن منهنجا ماڻهو"، پونا ۱۹۸۳ع ص - ۱۲۰-۱۲۱
(۳) - راڄندر هربين، "تاريخ ريگستان"، ياگو پبليڪيشن ۱۹۵۶ع ص - ۱۹۱ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 253

رحيمداد مولائي شيدائي رقمطراز آهي:-

"انگريزن جي دور حڪومت ۾ لاڙڪاڻو سهڻن روين رتن باغن ۽ بنگلن سان سينگاريل ويو هو، جو سياحن ۽ سير و تفريح جي شوقينن کي چيو ويندو هو ته "هجئي ناڻو ته گهمه لاڙڪاڻو". (۱)

لاڙڪاڻي جي سرزمين واپار جي لحاظ کان به هميشه کان وڏي پوري ملڪ ۾ مرڪزي جاءِ رهندي آهي آهي. چند صدين اڳ به جڏهن واپار خشڪي رستي تي ٿيندو هو، تڏهن به اتان واپاري قافلا لڳهندا هئا. اتان ئي پاڳنارڻي ۽ قندار رستو ويندو هو. اهو ئي سبب آهي جو انگريزي ڪپتان سرجان ڪين قندار ويندي پنهنجي لشڪر سميت لاڙڪاڻي شهر کان لنگهيو هو. (۲)

سنڌ ۾ چوٽي آهي ته "ميرن کي گهر مان ڳڻي سو ميرن بي اندروني وڳوڙ ۽ خلفشار جو پورپور فائدو وٺندي ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ جي حڪومت، ميرن کي مياڻي جي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي هٿ ڪئي. (۳)

۽ تالپورن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. ان سڄي سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو، شڪارپور، حيدرآباد ۽ ڪراچي. لاڙڪاڻي وارو پرڳڻو شڪارپور ۾ آڻي ويو. انگريزن جا ابتدائي آثار لاڙڪاڻي ضلعي ۾ اڃا تائين موجود آهن. ۱۹۰۱ع ۾ لاڙڪاڻو ضلعو قائم ٿيو. ان زماني ۾ دادو ضلعو به لاڙڪاڻي ضلعي ۾ شامل هو. ۱۹۳۰ع ۾ دادو ضلعو ٻيڙيو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي موجوده صورت اختيار ڪئي.

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هندي کنڊ ۾ هندستان

---

(۱) ـ رحيمداد مولائي شيدائي، 'تاريخ سکر' (قلمي) ص ۱۳۹ سندي ادبي بورڊ جامشورو

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص - ۱۴۲ ـــــــ

(۳) ـ راجندر هريجن، 'تاريخ ريگستان' پاڪو پبليشن، ۱۹۵۶ع ص - ۱۹۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 254

۽ پاڪستان جي ماڻهن آزاديءَ جي تحريڪ شروع ڪئي. لاڙڪاڻي ضلعي جي ماڻهن آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پرڻور حصو ورتو. 'خلافت تحريڪ' جو لاڙڪاڻو مرڪز هو. 'خلافت تحريڪ' طرفان جيڪا هجرت ٿي هئي، ان جي اسپيشل ٽرين لاڙڪاڻي کان روانی ٿي هئي، جنهن ۾ بئرسٽر جان محمد جوڻيجو پيش پيش هو.

تعليم جي سلسلي ۾ به لاڙڪاڻي جي ماڻهن پاڻ موڪيو. خاص طرح سان مسلمانن جي تعليم جي واڌاري لاءِ هتي 'مدرسة الاسلام' قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪيترن ئي اهم شخصيتن تعليم پرائي. انهن مان ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽو جو نالو قابل ذڪر آهي.(۱)

انگريزن کي لاڙڪاڻي جي تجارتي لوڙي زرعي پيداوار جي اهميت جي ڄاڻ پرجهاڻ هئي، ڇاڪاڻ ته جيس برنس هنري پاٽنجر، اسلوڪ ۽ ٻين عملدارن پنهنجي سفرنامن ۾ هتان جي خوشحالي، آسودگي ۽ واپاري ڏيتي ليتيءَ جا ڪيئن ڏنا احوال قلمبند ڪيا هئا. انگريز حڪومت جي ايامڪاريءَ ۾ ۱۸۴۴ع ۾ رچرڊ برٽن هتي آيو ۽ لاڙڪاڻي جي ترقي، خوشحالي ۽ اوج کي ڏسي بيحد متاثر ٿيو هو.

لاڙڪاڻي شهر ۾ چانڊڪا پرلهٽي جي خوشحالي ۽ ترقي جيڪا ڪلهوڙن ۽ ميرن جي ڏينهن ۾ هئي، تنهن ۾ انگريزن

---

(۱) - ميمڻ عبدالمجيد سندي ڊاڪٽر، "لاڙڪاڻي جو تاريخي پس منظر" (مضمون) 'لاڙڪاڻو ساهه سيبانو'، ۱۹۸۴ع، ص ۱۱ ۽ ۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جي حڪومت دوران انهن جي روشن خيالي ۽ ترقي پسندي ڪري رهندو اضافو ٿيو. انگريزن جي شروعاتي دور کان گهڻ وقت تائين انتظامي طور شڪارپور به لاڙڪاڻي ضلعي سان شامل هئي. پر ۱۹ صدي ۾ لاڙڪاڻو شهر شڪارپور ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. وقت گذرڻ سان هنهي شهرن جي آبادي وڌي وڃڻ ڪري انتظامي طور تي وڏيون اهنجاڻون پيدا ٿيڻ لڳيون. تنهنڪري انگريز سرڪار لاڙڪاڻي کي شڪارپور کان الڳ ضلعو قرار ڏنو. گزيٽيئر آف ويسٽ پاڪستان ۱۹۶۸ع مطابق "لاڙڪاڻو آگسٽ ۱۹۰۱ع ۾ سنڌ جو ضلعو ٿيو.(۱)

۱۹۴۷ع ۾ هندستان ڀيوري ڇڏي ويا بعد ملڪ انگريزن جي تسلط کان آزاد ٿيو ۽ پاڪستان معرض وجود ۾ آيو.

آزادي کان اڳ تائين لاڙڪاڻي زندگي جي هر شعبي ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي، ۽ سندس شمار سنڌ جي مڪ شهرن ۾ ٿئي ٿو.

---

(۱)- Dr. H.T Sorley The Gazetteer of West Pakistan W. PaK Press Karachi - 1968 PP - 370

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 256

پاگو پيو

ضلعي لاڙڪاڻي جي ديني عالمن جو ديني جي اشاعت ۾ حصو

باب پهريون

(۱۸۴۳ء - ۱۸۶۹ء)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 257

(الف) سوانح حيات

مولانا نور محمد شهدادكوٹي

مولانا نور محمد جو حسب نسب فاروقي خاندان جي فرد محمد توڪل سان وڃي ملي ٿو، جيڪو نسبي اعتبار کان سندس ڏهن پيڙهين پيڙهي ٿو هو.

ميان نور محمد ولد ميان غلام محمد ولد ميان محمد توڪل ۽ آبتي هلي سندس شجرو جيڏ عالم، فقيه ۽ محدث علامه تفتازاني جي سان ڳنڍجي ٿو. اهڙيءَ طرح حضرت عمر فاروق رضي الله تعالى عنه جن سان ستٽيهين پيڙهيءَ ۾ وڃي ملي ٿو (۱)

سندس وڏا اسلام جي تبليغ خاطر پهريائين عراق پهتا، جتان پوءِ "سمه ستا" (پنجاب) مان ٿيندا بلوچستان آيا. (۲)

عمدة العلماء مولانا ميان نور محمد جي ولادت سن ۱۲۰۶ھ/ ۱۷۹۱ع ۾ شهر ڪنڊي، علائقي پاڳناڙي رياست قلات بلوچستان ۾ ٿي. پاڻ علم جي تحصيل ڳوٺ ڪنڊي

---

(۱) - ميان محمد نصير الدين، "انوارات صديقيه"، ۵، نومبر ۱۹۷۲ع درگاهه صديقيه شهدادكوٽ، ص -

(۲) ——— ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 258

۾ پنھنجي هڪ عزيز مولانا علامہ عبدالحليم ڪنڊوي [۱] جي درسگاھ مان ڪيائين. تحصيل علم ڪانپور ۾ سندس پھرين وقت پنھنجي گوٺ ۾ تعليم ڏيڻ ۾ گذريو. ڪيس تعليم سان گڏ فقھي تحريرن ۾ به وڏي مھارت حاصل ھئي. سندس علمي ۽ تحريري تجربي جي شھرت پکڙجي ويئي ۽ ساري ناري جي علائقي ۾ 'مفتي اعظم' جي لقب سان معروف ٿيو. ان ڪري خان قلات خان خداداد خان ڪيس پنھنجي علائقي ۽ دربار جو 'قاضي القضاة' (وڏو قاضي)

---

[۱]- مولانا عبدالحليم ڪنڊوي پاڪپٽڻ بلوچستان، علائقي جي 'ڪنڊي' گوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس ولادت جو سن معلوم ٿي نه سگھيو آھي. ھن عربي جي ابتدائي تعليم ڪافيه' ٽائين رياست قلات جي شھر 'ميرپور' جي مشھور عالم قاضي قمرالدين ميرپوريءَ کان پرائي. ان کانپوءِ لاڙڪاڻي ضلعي جي معروف عالم مولانا محمد صاحب آريجائيءَ وٽ ڪجھ ڏينھن تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سندس ٻي چوڻ تي ان جي ھڪ شاگرد سيد عاقل شاھ الائي وٽ تعليم برائڻ لاءِ ويو. جتي سمورو علم پڙھي فارغ التحصيل ٿيو. فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ واپس پنھنجي گوٺ 'ڪنڊي' ۾ ديني درسگاھ کوليائين. سندس ممتاز شاگردن مان پھرين شاگرد ۾ حليفو محمد يعقوب ھمايوني، ۽ سندس ٻيو ممتاز شاگرد مولانا نور محمد شھداد ڪوٽي آھي، جيڪو سندس عزيز به آھي. ھن ٻنھي ممتاز عالمن کان سڄي سند فيض پرايو. ان لحاظ کان مولانا عبدالحليم ڪنڊوي سڄي سند جو استاد ليکيو وڃي ٿو. مولانا عبدالحليم ڪنڊوي سڄي عمر مجرد رھيو ۽ سن (۱۲۵۴ھ/۱۸۳۸ع) ۾ وفات ڪيائين. سندس قبر روھڙيءَ ۾ 'مختيارڪاريءَ' جي ويجھو ھڪ ٽڪريءَ تي آھي. ڪيس مقامي ماڻھو 'پکي وارو پير' به ڪري سڏيندا آھن ("الرحيم" ۳، ۴، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، "مولانا عبدالحليم ڪنڊوي" (مضمون) ۱۹۶۸ع، ص - س - ۳۴۱، ۳۴۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 259

مقرر ڪيو ڪجهه وقت کانپوءِ ڪنهن شرعي مسئلي [۱] جي مخالفت سبب خان قلات کان ناراض ٿي قضا جي منصب تان استعيفا ڏني علائقي نارڻيءَ کان سن ۱۲۷۱ھ/۱۸۵۵ع ۾ معيشه لاءِ هجرت ڪري سنڌ ڏانهن آيو. ان وقت ميرو خان شهر جوهڪ روحاني بزرگ ۽ درويش ميان حامد الله عرف حامد حضوري ٿتوي رحه (۱۷۹۸ع - ۱۸۷۳ع) جيڪو ميان نور محمد جو دوست هو، تنهن وٽ اچي مهمان طور رهيو. نوري عرصي گذرڻ کان پوءِ قلات جي والي خان خداداد خان پنهنجي غلطيءَ تي پشيمان ٿي مولانا ميان نور محمد کي واپس قلات اچڻ لاءِ چيو ۽ پير قضا جي عهدي جي آڇ ڪئي، مگر مولانا نور محمد کين واپس هلڻ کان انڪار ڪيو. (۲)

---

[۱] - هڪ ڏينهن ميان نور محمد وٽ ٻه ترڪون زمين جي فيصلي لاءِ وٽس فتويٰ ونڊ آيون. هڪ ترڪ نواب ريسائيءَ جي ۽ ٻي ترڪ بروهين جي هئي. جيڪي هڪ ٻئي جا جاني دشمن هئا. خان خداداد خان ميان صاحب کي چيو ته "بروهين جي حق ۾ فيصلو ڏيو" آخرڪار فتويٰ ريسائي ترڪ وارن جي حق ۾ ڏني ويئي، جنهن تي خان قلات چيو ته "اها فتويٰ ايئن چو ڏني" تنهن تي ميان نور محمد چيو ته "مون جيڪو حق ڄاتو، اهائي فتويٰ ڏني" جنهن تي خان صاحب ڪاوڙ جي ويو. ميان صاحب ان وقت قضا جي مهر ۽ حڪومت جي مهر خان قلات کي اڇلائي ڏني ۽ ڪيس ڇڏائين ته "مونکي توهان جي قاضي القضات ٿيڻ يا نه ٿيڻ جي پرواهه نه آهي". "الحق مُرّ" ولوڪان مُرّ" (يعني حق موتي جي مثل آهي توڙي جو ڪوڙو آهي) (ميان محمد نصير الدين، "انوارات صديقيه"، ۵، نومبر، ۱۹۷۲ع، درگاهه صديقيه شهداد ڪوٽ ص)

(۲) - سماڻي "ٺهراڙ"، سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع، عبدالرؤف ڪنڀوي، "مرحوم مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي"، (مضمون) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص ۱۲۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 260

شهدادکوٽ شهر ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ قديم شهر ۽ تعلقي هيڈ ڪوارٽر آهي، هتي قديمي باشندن ۽ وڏن زميندارن مان هڪ قومي سردار خانبهادر حاجي پير بخش خان کهاوڙ هو، جيڪو هڪ نيڪ بخت ۽ نيڪ سيرت انسان هو، تنهن کي جڏهن مولانا نورمحمد جي اچڻ جي خبر پيئي، تڏهن پاڻ ميان حامد حضوري وڃي خدمت ۾ پهچي مولانا نورمحمد جي طلب ڪئي، جنهن ڪانپوءِ هو سندس اجازت سان مولانا ميان نورمحمد صاحب کي شهدادکوٽ وٺي آيو.

خانبهادر پير بخش خان کهاوڙ هڪ چاليهه بيل گاڏين جو قافلو روانو ڪري بلوچستان ڏانهن اماڻيو، جنهن تي سن ١٢٧٢ھ/١٨٥٦ع ۾ ميان نورمحمد صاحب جو سمورو مالو دوست، طالب، عقيدتمند وڃي شهدادکوٽ اچي سهڙيا. من قافلي ۾ ڪجهه هندو دڪاندار به لڏي آيا هئا، جن جلد ئي پوءِ اسلام قبول ڪري، پاڻ کي شيخ سڏائڻ شروع ڪيو. سندس اولاد اڄ به ڪثرت سان شهدادکوٽ ۾ موجود آهي. (١)

مولانا ميان نورمحمد جي اچڻ کان پوءِ شهدادکوٽ ۾ اسلامي رونق ۾ زبردست اضافو آيو. خانبهادر پير بخش خان کهاوڙ موجوده درگاهه واري جاءِ، مسجد شريف ۽ انڊرين رهائش واريون سمورين جايون بروقت بزرگ کي بخشش طور پيش ڪيون. خانبهادر پنهنجون سمورين خدمتون ميان گل محمد جي حوالي ڪري چڏيون. مطلب ته شروعات کان آخر تائين درگاهه جو سمورو خرچ پنهنجي سر تي کنيائين ۽ ڪڏهن

---

(١) - ميان نصيرالدين، "انوارات صديقيه"، ص، نومبر ٧٢ واع درگاهه صديقيه شهدادکوٽ، ص

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 261

۽ کڏهن به خدمت کرڻ ۾ کوتاهي نه ڪيائين [۱]

بزرگ مولانا ميان نورمحمد جي برڪتن سان نه رڳو

شهدادڪوٽ جو شهر برسي رهيوهو ، بلڪ ساري سنڌ تورّي ڪيم ،

قلات، ايران ۽ مڪران تائين سندس اثر هو. هن بزرگ جي سرفرازيءَ سبب

۽ مدرسي جي روز بروز ترقيءَ سبب شهر شهداد پور، مان قري شهدادڪوٽ

شريف سان شهره پذيرائي سڏجڻ لڳو. جو اڄڪلهه وقت کان اڄ ڏينهن

تائين شهدادڪوٽ سڏجي ٿو. مطلب ته شهر شهدادڪوٽ بزرگ جي برڪت

پرئي قدم سبب ديني ۽ دنيوي برڪتن سان مالامال ٿي رهيوهو. جنهن

ڪري دور دراز پنڌ تان چئني طرفن کان علم جا پيا سا سَوَن جي تعداد ۾

---

[۱] - هڪڙي وقت ۾ تمام قحط ۽ ڏڪر پيو، جنهن ڪري جابجاء ماڻهن جو معاشرتي حال نهايت پريشاني ۽ اندوهگين جي صورت اختيار ڪري رهيوهو، جنهنڪري مولانا نورمحمد حالتن کي ڏسي ڪيس هي خيال دامنگير ٿيو ته مدرسي جي شاگردن جي تعداد ۾ ڪجهه تخفيف آڻڻ گهرجي. صرف ايترا شاگرد رهائڻ گهرجن، جن جي خوراڪ آساني سان ٿي سگهي. پر اهاخبر جڏهن خانبهادر حاجي پير بخش خان کي پيئي ته هڪدم بزرگ جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. عرض ڪيائين ته "قبلا ! اوهان جي دعا جي برڪت طفيل الحمد لله اسانجو وقت پاڻ ڪڏهن ئي گذري اوهان شاگردن جي تعداد ۾ ڪمي نه ڪريو. اميد ته شاگردن جي خدمت آءٌ کان به وڌيڪ ڪندو رهندس. مطلب ته شاگردن کي جيڪڏهن دال ماني ملندي هئي ته هينئر کان وٺي آخر تائين هر هڪ شاگرد کي گوشت ماني کارائيندس. فقط اوهانجي دعا ڪجي".

("الرحيم"، ۳، ۴، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹۶۷ع، مولانا درمحمد خاڪي، "مولانا نورمحمد شهدادڪوٽي" (مضمون) ص - ۹۰)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 262

اچي سندس ديني درسگاھ پر گـدّي تيا. مولانا نورمحمد جي درس تدريس جي مُدت اندازًا ۲۴ سال ثابت ٿئي ٿي. هن عرصي اندر ڀاڙ هرطرح جي ظاهري توڙي باطني فيض جا واهڙ وهائي سندس سونهاري کي سيراب کيو ۽ کيترائي شاگرد عالم فاضل بڻجي فارغ التحصيل تيا، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سندس جي شهر شهر ۽ گوٺ گوٺ پر سندس شاگرد پهچي ويا. مولانا نورمحمد کان ۵۲ عالم فارغ ٿي نڪتا، جن وري جدا سجيءَ سنڌ پر ديني مرڪز قائم ڪيا. (۱) سندس شاگردن مان ڪجهه معروف ٽالاهيٽ ڏجن ٿا:-

مولانا عبدالرحمٰن سکر وارو، مولانا عبدالله سومراڻي تعلقو شڪارپور، مولانا عبدالستار رهستي تعلقو شڪارپور، مولانا عبدالقادر پهنواري وارو، مولانا نورمحمد پنڌي قاضي ميرپور ناٿڻ ڏويزن ملاڪنڊ (بلوچستان) مولانا غلام عمر شهدادڪوٽي، مولانا قاضي الله بخش، مولانا علي شير چانڊيو، مولانا محمد حسن حيدرآبادي، مولانا سيد عباس علي شاه لواري ضلعو حيدرآباد مولانا عبدالرحيم شڪارپوري، مولانا عبدالله قريشي ٻيهر تعلقو قنبر، مولانا علي محمد کهاوڙ وارهه وارو، مولانا علي محمد لوهڙ شهر لوهڙ تعلقو قنبر، مولانا تاج محمود امروٽي (هڪ سال)، مولانا حاجي احمد ملوي گوٺ "ملان ابڙا" لڪ باڻڙائي تعلقو لاڙڪاڻو، مولانا محمد حسن جوڻهي ضلعو دادو، مولانا محمد علي ادو تعلقو گڙهي خيرو ضلعو جيڪب آباد، مولانا خيرمحمد انڊڙ ٻنوعاقل ضلعو سکر ۽ مولانا سيد عبدالحق 'جاني بند' تعلقي وارهه وارو جا ٽالا قابل ذڪر آهن. (۲)

---

(۱)- "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹۶۷ء، حيدرآباد، شاه ولي الله اڪيڊمي، ص- ۹

(۲)——— ايضًا ——— ص- ۹۱ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 263

مولانا نور محمد شهدادکوٽي بي همعصر عالمن ۾ خليفو محمد يعقوب همايوني، حضرت حامد حضوري مورِ ميروخاني ۽ غلام عبدالغفور همايوني معروف آهن. (۱)

مولانا نور محمد صاحب جي کاخاص تصنيف نه آهي، مگر عربيءَ جي درسي کتابن تي سندس کيئي قلمي حاشيه چڙهيل جوڙ ۾ اڃن تائين جن مان کن هيٺين کتابن جا نالا قابل ذکر آهن:-

'صرف بهائي'، 'جامع تعليلات' جديد طرز موجب تيار ٿيل. باقي 'زادي'، 'مأة عامل'، 'شرح مأة عامل'، 'هدايت النحو'، 'ايساغوجي' 'بديع الميزان'، 'مسلم'، 'هدايه'، بيضاوي شريف ۽ توضيح تلويح، مطلب تہ 'مطول' تائين سندس حواشي تکميل موجود آهي. پر افسوس تہ انهن مان اڪثر کري غير مطبوع ۽ اڻ لڀ آهن.

مولانا نور محمد شهدادکوٽي سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري. اهڙي طرح ۹۰ ورهين جي عمر ۾ ۱۲ ذوالحجه سن ۱۲۹۶ھ/۱۸۷۹ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. (۲)

---

(۱) "الرحيم"، مشاهير نمبر ۱۹۶۷ع، حيدرآباد شاه ولي الله اڪيڈمي، ص- ۹۲

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 264

(الف) سوانح حيات

ابوالفيض مولانا غلام عمر جلوئي

مولانا غلام عمر ولد محمد صادق جلوئي گوٺ سونو جلوئي، تعلقي لڙڪاڻي ۾ سن ۱۲۳۳هـ/ ۱۸۱۸ع ۾ جائو. مولانا صاحب جا وڏا اصل ۾ ضلع مظفر گڙهه (پنجاب) جا رهاڪو هئا. اتان به سؤ سال کن اڳ لڏي سنڌ ۾ آيا هئا ۽ اڄي هتي هنن گوٺ ٻڌو. مولانا غلام عمر جاوڏا جيڪي هتي لڏي آيا، اهي دراصل پاٽڪ چاڙ پاڙ هئا. اهن جئني پاڙن مان سڀ کان وڏي پاءُ جو نالو سونو خان هو. تنهنڪري گوٺ جو نالو به گوٺ سونو خان جلوئي پئجي ويو. پر پوءِ ان کي فقط گوٺ سونو جلوئي ڪري سڏيو ويو (۱)

مولانا غلام عمر جڏهن مکتب وڃڻ جي عمر کي پهتو تڪيس سندس والد ميان محمد صادق پنهنجي گوٺ جي آخوند مامني نور محمد جڻي وٽ قرآن شريف پڙهائڻ لاءِ ويڻي ويو. جتي مولانا غلام عمر قرآن شريف ۽ ڪجهه فارسي اڌا مس پڙهي هئي ته سندس والد وفات ڪري ويو، جنهن ڪري مولانا جي پڙهائي ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي وئي. ان دوران مولانا غلام عمر تعليم ڇڏي وڃي ڪرامت ڪي لڳو. اهڙي طرح ڏاڙهي لهڻ تائين ڪرامت ڪندو رهيو.

---

(۱) - رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، مولانا غلام عمر جلوئي سنڌ جا ديني ۽ فقهي خدمتون، ڊي. فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو ص- ۳۵-۳۷-۴۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 265

کجھ وقت کان پوءِ پنھنجي ھڪ عزيز محمّد عثمان، جيڪو ھڪ درويش صفت انسان ھو، انھيءَ جي چوڻ تي وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ مولانا غلام عمر مدرسه "رھڙي شريف" [1] ۾ وڃي پھتو. جتي مولانا محمّد صالح دوئم پڙھائيندو ھو. مولانا غلام عمر سموري فارسي اتي پڙھي پوري ڪئي.

مولانا غلام عمر جي "رھڙي" واري مدرسي ۾ پڙھڻ بابت مختلف رايا آھن. مولانا عبدالوھاب چاچڙ پنھنجي رسالي ۾ رقمطراز آھي:-

مولانا محمّد صالح وٽ سندس پٽ مولوي ابوبڪر، مولوي غلام عمر مولوي محمّد عثمان، مولانا غلام عمر سوني جلوتي واروءِ ٻيا ڪيئي وٽس پڙھندا ھئا" (۲)

---

[1] - "رھڙو" تعلقي ميھڙ (ضلعي دادو) جو ھڪ قديم ڳوٺ آھي جتي ڪيترائي عالم فاضل ۽ عابد شخص ٿي گذريا. ھي ڳوٺ "ميھڙ" شھر کان پنجن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اترطرف روڊ جي اوڀر پاسي ۾ آھي. ھن مدرسي جو بنياد مولانا محمّد صالح ميسر اول وڌو ھو. رھڙي شھر جي ھن ديني درسگاھ مان وڏي تعداد ۾ عالمءِ فاضل نيار ٿي نڪتا آھن، جن ۾ ڪي لاڙ، بلوچستان ۽ مڪران کان به آيا ھئا. بلڪ ڪي شاگرد خراسان ۽ عدن کان به آيا ھئا.

(داؤد پوٽو محمّد علي، "ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ضلعو دادو"، تحقيقي مقالو، سنڌ الاجي، ۱۹۶۱ع - ص - ۳۰۷)

(۲) - عبدالوھاب چاچڙ مولانا، ماھنامه شريعت سکر، سوانح حيات نمبر، آڪٽوبر ۱۹۸۱ع - ص - ۳۳۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 266

مولوي عبدالرحيم جلوڻي لکي تو :-

" مولانا غلام عمر جلوڻي رهڑي شريف ۾ ٻه ٽي سال پڙهيو، تنهن کانپوءِ وڃي پاڻ شڪارپور ۾ تحصيل ڪيائين" (۱)

مولانا محمد قاسم مشوري صاحب جي چوڻ مطابق :-

" رهڑي شريف ۾ استاد سائين مولانا غلام عمر صاحب سموري فارسي پڙهي پوري ڪئي، تنهن کانپوءِ رهڑوي صاحب جي ملاح سان ڪاڻ پاڻ ويوهو" (۲)

تنهن کان پوءِ ملڪ ۾ اچي سخت ڏڪار پيو هو ڪجهه طالب العلم پڙهڻ ڇڏي ويا تہ پوءِ مولانا محمد صالح صاحب مولانا غلام عمر کي ٻڌي هنڌ ويڃي پڙهڻ جي اجازت ڏني. تنهن کانپوءِ. مولانا غلام عمر جلوڻي پنهنجي استاد جي مشوري سان باقي علم پڙهڻ لاءِ ڪاڻ پاڻ (ضلعي دادو) ۾ مولانا حسن الله پاڻائي [۳] جي

---

(۱) - جلوڻي عبدالرحيم مولانا. (مولانا غلام عمر جوتسالگرد) "سوانح عمري" قلمي. ص- ۲

(۲) - مشوري. محمد قاسم مولانا. "سوانح عمري" قلمي، ص - ۲

[۳] - مولانا حسن الله پاڻائي ملڪوڻي (۱۳۳۹ھ) پنهنجي وقت جو متبحر فقيه عالم هو. هن علم جي دستار فضيلت شهداد ڪوٽ ۾ مولانا گل محمد وٽ ٻڌي.

(ڏسو ماهوار "الرحيم"، مشاهير نمبر، ۱۹۶۷ع - ص - ۹۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 267

درسگاھ ۾ ويو ۽ انتي ئي علم جي تحصيل ڪيائين. پات شريف جي ديني درسگاھ کي سنڌ ۾ وڏي اھميت حاصل رھي آھي. [۱] من قدير درسگاھ مان مولانا غلام عمر جتوئي کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي وڏا برڪ عالم پيدا ٿيا آھن، جھڙوڪ مولانا محمد شفيع صديقي، مولانا خير محمد جوٽيجو، مخدوم نظام الدين مولانا فضل الله صديقي، مخدوم محمود صديقي ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي جا نالا قابل ذڪر آھن.

جيئن ته من مدرسي ۾ گھٽا عالم ھوندا ھئا، تنھنڪري ھيٺين سبقن وارن طالبن کي استاد صاحب جي حڪم سان مولانا غلام عمر سبق ڏيندو ھو.

مولانا غلام عمر جتوئي 'پات شريف' مان فيض پرائي واپس ھوتندي 'ٻرھڙي شريف' ۾ آيو، انتي پنھنجي استاد مولانا محمد صالح مھيسر وٽ ٻارھن مھينا ڪن ترسيو، انتي ھن پنھنجي استاد جي خدمت ڪرڻ جي خيال سان طالبن کي وھي درس ڏنو ۽ اھڙي طرح پنھنجي استادجون دعائون حاصل ڪيائين.

---

[۱] ـ 'پات' جوگوٺ کان ٻي پرسان آھي، تنھنڪري عام طرح ٻنھي گوٺن کي گڏي ھڪ ئي نالي يعني 'کات پات' ڪري سڏيندا آھن. سنڌ جي شھرن مان 'پات' شھر کي علمي لحاظ کان وڏي اھميت حاصل آھي، چاڪاڻ ته جنھن زماني ۾ سڄي سنڌ ۾ پڙھيل ماڻھن جو تناسب فقط ۱۷ سيڪڙو ھوندو ھو تنھن زماني ۾ به پات شريف ۾ پڙھيل ماڻھن جو تعداد ۷۵ سيڪڙو ھوندو ھو تنھنڪري پراڻي شھر کي 'تاريخ معصومي' واري 'قبلة الاسلام' ڪري سڏيو آھي.

(ڏسو ماھوار 'نئين زندگي'، ماھ اپريل ۱۹۶۵ع - ص - ۲۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 268

ابوالفيض مولانا غلام عمر جتوئي فارغ التحصيل ٿيڻ کان
بعد پنهنجي استاد جي مرضيءَ سان جلد اچي پنهنجو ڳوٺ وساڻ سن ۱۲۷۶ھ/
۱۸۷۱ع ۾ هڪ ديني مدرسو قائم ڪيائين، جنهن جو نالو 'دارالفيض' رکيائين
سچ پچ ته رب سائين سندس مدرسي کي فيض جو سرچشمو بڻايو. اڄ
ڏينهن تائين اتان فيض جو سرچشمو جاري آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن
مولانا صاحب کي فرزند جائو ته مدرسي جي نسبت سان ان جو نالو به فيض الله
رکيائين (۱)

مدرسي 'دارالفيض' سوني جتوئي جي متعلق ڪجهه
ماڻهن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا:

مولانا محمد قاسم مشوري جيڪو مولانا غلام عمر جو
شاگرد آهي لکي ٿو
"سوني جتوئي مدرسي جي پٽ تي هي بيت لکيل هوندو هو ته

. از فيض ابوالفيض بافضال اين دري
معمور باد تا ابد اين درس دارالفيض "(۲)

مولانا غلام عمر جو هي مدرسو رب ڪريم جي فضل سان
وڏي اوج تي رسيو. ڪيس استادن ۽ بزرگن جون دعائون هليون. سندس
مدرسي ۾ هر سال ويهن ۳۰ کان ۴۰ جي تعداد ۾ ٻاهريان طالب العلم رهندا
هئا. تنهن کانسواءِ تر جابه لاتعداد طالب ويهن ايندا هئا، جيڪي سارو ڏينهن

---

(۱) - رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، 'مولانا غلام عمر جتوئي لاڙڪاڻوي ۽ سندس ديني
۽ فقهي خدمتون'، تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص
(۲) - مشوري مولانا محمد قاسم، سوانح عمري مولانا غلام عمر صاحب قلمي،
ص - ۵ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 269

پڑھندا ۽ پڑھائيندا هئا. اهڙيءَ طرح مولانا غلام عمر صاحب ست کان ستر ورهين تائين دين جي خدمت کندو رهيو. اهڙي طرح هن درسگاهه مان کيترائي عالم فاضل قاري ۽ حافظ پيدا ڪيا جي نه فقط سنڌ جي مختلف هنڌن جا رهاڪو هئا، پر اهن مان کي پنجاب، بلوچستان ۽ مڪران کان به آيل هئا (۱)

هن مدرسي متعلق هيٺ ۾ محقق جا رايا پيش ڪجن ٿا:-

"هي مدرسو سنڌ جي قديم مدرسن مان هڪ آهي. هن خاندان ۾ ۱۲۷۶ھ/۱۸۵۱ع کان درس تدريس جو سلسلو جاري آهي. اڄ ڪلهه به مدرسي جا جملي استاد مدرسي جي باني جي خاندان جا آهن، جيڪي خدا واسطي اعزازي طور تدريسي خدمتون انجام ڏيئي رهيا آهن. مدرسي جي ڪتب خاني ۾ ڪيئي هزارين ڪتاب موجود آهن. اهن ۾ ڪيترا قلمي نسخا آهن. مدرسي ۾ درس نظامي ۽ قرآن مجيد حفظ و ناظرن جي پڙهائڻ جو انتظام آهي. مدرسي جي عمارت ۾ تدريسي ڪمرن ۽ دارالڪتب (لائبريري) ۾ مشتمل آهي. هر سال طالبن جو تعداد ست هوندو آهي اهن ۾ تفسير جا طالب يارهن ۽ ڏوڪ حديث جا پندرهن، وچين درجي جا ڇهه، عربي ابتدائي ڪتابن جا يارهن، فارسي خوان ڏهه آهن. مقامي طالبن جو تعداد ويهه آهي. ڇاليهه مسافر طالب العلم آهن، جيڪي مدرسي ۾ مقيم آهن" (۲)

---

(۱) - مشوري مولانا محمد قاسم "سوانح عمري مولانا غلام عمر صاحب" قلمي، ص. ۲

(۲) - حافظ نذر احمد، "جائزه مدارس عربيه" مغربي پاڪستان، حصه - ۲ مسلم اڪيڈمي، قذافي نگر، علامه اقبال روڈ لاهور ص ۵۵۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 270

"مدرسو دارالفيض سولنوجتوئي قديم مدرسن مان هڪ آهي. هن مدرسي جو بنياد مولانا غلام عمر جتوئي ۱۸۹۸ع ۾ ڳوٺ سوني جتوئي ۾ رکيو. شروع ۾ هن مدرسي ۾ سراسري طرح اسي يا نوي شاگرد تعليم حاصل ڪندا هئا جيڪي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن کان حصول تعليم لاءِ ايندا هئا. انهن کي درس نظامي جي طرز تي تعليم ڏني ويندي هئي. عربي، فارسي، قرآن شريف، حديث، تفسير، فقه ڪلڙ پڙهڻ ۽ حفظ وغيره پڙهايا ويندا هئا. (۱)

"مدرسي دارالفيض ۾ قائم ٿيل مولانا غلام عمر جتوئي جو ڪتبخانو سنڌ ۾ هڪ بيمثال مذهبي ۽ علمي ڪتبخانو هو. ۽ هي ڪتبخانو هڪ تحقيقي مرڪز هو جتان اڻ سنڌ جا علماء ڪرام ۽ تاڻين پورو پورو فائدو ويندا رهيا آهن. مدرسي دارالفيض ۾ حضرت استادالاساتذه مولانا مخدوم حافظ حسن الله پاڻائي تشريف فرما ٿيندو هو تہ آس پاس جا عالم اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ عجيب علمي مجلسون لڳنديون هيون ۽ مشڪل کان مشڪل مسئلن جا حل ڳوليا ويندا هئا. بعض وقتن تي مخدوم پاڻائي مهينن جا مهينا رهندا هئا ۽ مولانا غلام عمر صاحب جن ڪتابن جا انبار آڻي اڳيان رکيندا هئا. مخدوم پاڻائي صاحب به بحث مسئلن جي تحقيق لاءِ انهيءَ ڪتبخاني ڏانهن رجوع ڪندو هو." (۲)

---

(۱) ـ محقد جمن تالپر داڪٽر، سنڌ جا اسلامي درسگاهون، ڊي ـ فل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو، حجره پبليڪيشن، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ۱۹۸۲ع ـ ص ـ ۱۴۴

(۲) ـ دين محمد وفائي مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ"، (پاڪو پڙهون) ۱۹۸۵ع سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ. ص ـ ص ۱۸۹ ـ ۱۹۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 271

مولانا حسن الله پاڻائي کي تحقيق ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ان ڪم ۾ ڪيس درڪ به حاصل هوندو هو. جيئن مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو:

"ڪيس پهرين دفعو سن ۱۳۲۶ھ/ ۱۹۰۸ع ۾ 'دارالفيض' گوٺ سونو جلوئي ۾ مولانا پاڻائي جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. اسان نجو استاد مولانا ابوالفيض جلوئي مخدوم صاحب جو شاگرد رشيد هو ۽ مولانا پاڻائي گهوڙڪري اچي وٽس رهندو هو ۽ استاد صاحب جي عظيم الشان ڪتبخاني مان ڪيترن ئي فقهي مسئلن جي تحقيق ڪندو هو." (۱)

مولانا غلام عمر جلوئي زاهد ۽ حليم طبع انسان هو. اڃا علم هجڻ جي باوجود به سندس طبيعت ۾ فخر ۽ غرور نه هوندو هو. پاڙ پنهنجي شاگردن کي پڙهائڻ جي اهڙي هدايت ۽ تلقين ڪندو هو. مولانا دين محمد وفائي لکيو آهي:

"سن ۱۳۳۱ھ/ ۱۹۱۳ع ۾ جڏهن منهنجي مولوي ٿيڻ جي دستار بندي ٿي، تڏهن موقعي تي حضرت مخدوم حسن الله پاڻائي مدرسي سوني جلوئي ۾ تشريف فرما ٿيو. طبع نوري عليل هيس، پر منهنجي دستار بندي جي پڪ جوڙ پاڻ ڏيڻ فرمايائون ان ڪان پوءِ حضرت استاد صاحب باقي پگ ٻڌائي. آخر ۾ الف-ب-ت پڙهائي ارشاد ڪيو ته جيڪي ڪجهه پڙهيو اٿو، ان تي فخر نه ڪجو بلڪ ايئن سمجهو ته علم جي بي پايان سمنڊ مان قطرو حاصل ٿيو آهي ۽ گويا الف-با-تا پڙهي رهيا آهيو." (۲)

---

(۱) - دين محمد وفائي مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ" (پاڻ ڦهرين) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۵ع، جون ۱۹۳۴ع، ص-ص - ۱۸۸ ۽ ۱۸۹

(۲) - دين محمد وفائي مولانا، ماهنامه "توحيد" ڪراچي جون ۱۹۳۴ع - ص -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 272

ابوالفيض مولانا غلام عمر مان گهڻن ئي شاگردن فيض پرايو
جن مان گهڻ نالا ميٽ ڏجن ٿا، جن پڻ دين جي وڏي خدمت ڪئي ۽ گهڻا
شاگرد پيدا ڪيا.

مولانا دين محمد وفائي، جنهن سن ۱۳۲۵ھ کان ۱۳۳۰ھ
تائين اڀي رهي پنجن سالن جي عرصي ۾ عربي جي سڀني ڪتابن، منطق ڪبريٰ
جي رسالن، مُلا جلال ۽ مُير زاهد، جي تصنيفات کي پڙهي تحصيل علم ڪئي (۳)

مولانا غلام محمد جلوئي ولد ميان محمد اسماعيل جلوئي
جيڪو مولانا غلام عمر جلوئي جو پائٽيو هو. مولانا قاري حافظ خير محمد لاشاري،
گوٺ جويو چنو، تعلقو ميرو خان (ضلعو لاڙڪاڻو) سنڌ جو معروف اديب ۽ عالم
مولانا دين محمد وفائي، گوٺ ڪنري، عرف نبي آباد، تعلقو گڙهي ياسين. هي
۱۳۲۵ھ کان ۱۳۳۰ھ تائين سوني جلوئي، مدرسي ۾ رهيو ۽ علم جي تحصيل
ابوالفيض مولانا غلام عمر جلوئي وٽ ڪئي. لاڙڪاڻي ضلعي جو مشهور عالم
مولانا محمد قاسم مشوري بلوچ گوٺ صاحب خان مشوري، تعلقو لاڙڪاڻو
هن پنهنجي استاد جي خواهش تي پنهنجي گوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو بنام
"الجامعة العربيه القاسميه" ۱۹۲۰ع ۾ قائم ڪيو جنهن جو سنگ بنياد پنهنجي
استاد مولانا غلام عمر صاحب کان رکايو. مولانا تاج محمد کوکر ويل گوٺ آريجا،
تعلقو ڏوڪري، هن فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي گوٺ ۾ "شمس العلوم"
نالي هڪ ديني درسگاهه قائم ڪئي. مولانا شمس الدين جويٽجو ويل گوٺ ڪرل،
بگ آباد، تعلقو ڏوڪري. مولانا عبدالرحيم جلوئي ويل گوٺ سولنو جلوئي

---

(۱) - سماهي "مهراڻ" سوانح نمبر ۱۹۵۷ع. "مولانا مرحوم دين محمد وفائي" (مضمون)
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص - ۱۷۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 273

هي مولانا غلام عمر جتوئي صاحب جي کتب خاني جو سنڌ ۾ ٻيو نمبر آهي. مولانا دوست علي ولد حاجي الهڏنو جتوئي اصل گوٺ علي جتوئي، تعلقو ڏوکري حال جهنگل شاهه محلو (اڙڪاڻو) مولوي محمد بن احمد کوکر، اصل گوٺ سونو جتوئي، بعد ۾ همسٿه لاءِ اچي لاهوري محلي اڙڪاڻي ۾ اچي ويٺو. مولانا محمد صاحب راقم جو فارسي ۾ استاد هو، مولانا ابوالجمال خدا بخش ابڙو گوٺ مُلا ابڙا، تعلقو ڏوکري، مولانا محمد عالم ابڙو ويل گوٺ مُلا ابڙا، مولوي محمد محسن ابڙو گوٺ مُلا ابڙا، مولوي گل محمد ابڙو گوٺ مُلا ابڙا، مولانا محمد سليمان ابڙو گوٺ مُلا ابڙا، هي مولانا غلام عمر صاحب جي تحريرن ۽ فتوائن لکڻ وقت ويٺس موجود رهندو هو ۽ پنهنجي استاد جي کتبخاني جو نگران به هو. مولوي شفيع محمد ابڙو گوٺ مُلا ابڙا، مولانا مولا بخش فنائي ابڙو گوٺ مُلا ابڙا، هي سنڌ شاعر به هو ۽ سندس مولود ۽ مداحون مشهور آهن. مولانا جمال الدين ابڙو گوٺ مُلا ابڙا، مولوي غلام رسول جتوئي گوٺ مهرابپور تعلقو ڏوکري. ڊاڪٽر محمد بن عمر داؤدپوٽو جڏهن لاڙڪاڻي مدرسي ۾ انگريزي پڙهندو هو تڏهن ڏينهن ۾ هو وقفي وقفي سان اکڙکري موڪلن وارن ڏينهن تي گوٺ سوني جتوئي ۾ مولانا غلام عمر وٽ عربي ۽ فارسي پڙهڻ ويندو هو، مولوي حافظ محمد هاشم تنيو، هن پنهنجي استاد مولانا غلام عمر جتوئي جي فتوائن ۽ تحريرن کي هڪ منڊ جهڙ ڪيو، جنهن جو نالو بياض فياضي رکيو آهي ۽ مولانا محمد مبارڪ پٽ ويٺل گوٺ جندو ديرو تعلقو گرهي ياسين (۱)

---

(۱) - رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جتوئي سندس ديني ۽ فقهي خدمتون"، ڊي - فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو - ص -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 274

ان کان سواءِ مولانا غلام عمر جتوئي جا کجھ بلوچستاني شاگرد به آھن جن ۾ مولانا پير محمد حسني (قاضي رخشان ضلعو خاران) مولانا غلام محمد برھان زھي مرحوم (والد مولانا حبيب احمد نقشبندي کوئٹہ) ھن ۱۸ سال مسلوٹنگ ۾ جامع مخزن العلوم مسلوٹنگ ۾ پڙھايو ۽ مولانا محمد سعيد حسن زئي (خاران) شامل آھن. (۱)

ابوالفيض مولانا غلام عمر جتوئي مدرس ھئڻ سان گڏ محرر، فقيه، مناظر ۽ مفتي ھو. مولانا صاحب سڄي چمار دين جي خدمت ڪئي ۱۲۰ ورھين جي چمار ۾ ۲۹ ذوالقعد ۱۳۵۳ھ مطابق ۲ فبروري ۱۹۳۵ع ۾ ھن فاني دنيا مان لاڏاٽو ڪيو. سندس آخري آرامگاھ پنھنجي گوٹ جي جامع مسجد ۽ مدرسي 'دارالفيض' جي پرسان آھي. جتي مولانا صاحب سڄي زندگي دين جي خدمت ڪندي گذاري. (۲)

مولانا غلام عمر صاحب ۳ شاديون ڪيون جن مان ڪيس نيٽ پٽ ٽيا. سندس وڏي پٽ جونالو فيض الله ۽ ٻئي جو وھب الله ھو. ڇوڙن جي وفات کان بعد ٻئي پٽ جونالو به فيض الله رکيائين. مولانا صاحب جي وفات کان بعد مدرسي ۽ مسجد جي سنڀال ۽ ھلائڻ جو بار سندس پائٽي ۽ شاگرد مولانا غلام محمد نيٽ پيو. مولانا غلام محمد جي وفات کان پوءِ مدرسي جي سنڀال جو بار سندس پٽ مولوي محمد قاسم نيٽ پيو. اڄڪلھ ھي مدرسو نالي ماتر وجي رھيو آھي جتي ڪي چند گوناٽا ٻار پڙھن ٿا. (۳)

---

(۱) - مولانا غوث محمد حبيبي، (پيش امام مسجد گجڙ پور، محلو لاڙڪاڻو) کان ۸۸-۶-۱۸ قيورتل انٽرويو.

(۲) - رحمت الله ابڙو واھڻ، "مولانا غلام عمر جتوئي سندس ديني ۽ فقھي خدمتون"، ڊي - فل لاءِ تڪميلي تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو - ص -

(۳) - مولانا غلام عمر جي ويجھي عزيز مولوي محمد قاسم جتوئي حال مقيم محلو مراد واھ لاڙڪاڻو کان تاريخ ۸۹-۱۰-۲۰ تي ورتل انٽرويو -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 275

ب دیني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

ابوالفيض مولانا غلام عمر جلوئي پنهنجي وقت جو هڪ وڏو بلند مرتبي وارو ديني عالم ۽ فقيه ٿي گذريو آهي. سندس علمي ۽ ديني ڪارنامن جو دور جي مسلمانن لاءِ مشعل راهه آهن. مولانا صاحب وقت بوقت درس تدريس سان گڏ وڏ جيڪا تصنيف تاليف ڪئي آهي تنهن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته پاڻ ان وقت جي حالات مطابق مسلم قوم جي اندر ديني خواه معاشرتي جيڪي بدعتون ۽ بدرسمون رائج ٿي چڪيون هيون، تن جي اصلاح لاءِ هن ڪمر ڪيو هيٺ سندس اهڙين خدمتن جو ذڪر ڪجي ٿو:-

شرعي مناظرو

مولانا غلام عمر جي زماني ۾ صغيرن جي نڪاح ٿوڙ جو رواج گهڻو هو. جنهن ڪري اڪثر ڪري صغيرن جي طلاقن جي ضرورت به پيش ايندي هئي. ان ڪري ان مسئلي وڏي اهميت اختيار ڪئي هئي ۽ ان سلسلي ۾ عالمن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ صغير جي طلاق بابت جتي ڪتي عالمن جي وچ ۾ بحث ۽ مناظرا شڪ اهڻا. اهڙوئي هڪ مناظرو شهدادڪوٽ شهر ۾ ابوالفيض مولانا غلام عمر ۽ مولانا ميان محمد نورنگيءَ جي وچ ۾ ٿيو. مولانا نورنگيءَ صغير يار جي طلاق ڏيڻ کي ڪن سببن ڪري جائز نٿي قرار ڏنو جو ته جيڪڏهن اها طلاق قبول نه ٿي ڪئي وڃي ته وڏي فساد ۽ خون خرابو ٿيڻ جو انديشو هو. سندس چوڻ هو ته

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 276

"يتغير الفتوىٰ بتغير الزمان"

پنهنجي تائيد ۾ هو صاحب علامه ابن العابدين عرف الشامي رحمة الله تعالىٰ هن قول کي به پيش کندو هو:

الاحکام تختلف باختلاف الايام (۱)

پر هڪ طرف وري مولانا غلام عمر جلوئي ان طلاق کي ناجائز ۽ قرار ڏنو. هنهي ڏرين پنهنجي پنهنجي موقف جي مضبوطيءَ ۾ دليل پڻ ڏنا. گالهه وڃي نازڪ مرحلو اختيار ڪيو ۽ اهڙي صورتحال ڏسي ضلعي انتظاميه مداخلت ڪئي ۽ انهيءَ معاملي کي حل ڪرائڻ لاءِ گڙهي ياسين جي هڪ معروف عالمن مولانا محمد ابراهيم ۽ مولانا محمد قاسم جيڪي هڪ ٻئي جا ڀاٽ ۾ پائر ٿيا، انهن کي منتخب ڪيو جن ان گالهه کي مستقل حل ڪرڻ لاءِ هڪ مناظري منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. بيٺ اهو مناظرو شهدادڪوٽ ۾ ڪيو ويو. امن امان قائم رکڻ لاءِ ۽ ان ۾ ضلعي انتظاميه جا اعليٰ عملدار به شريڪ ٿيا. هنهي ڏرين جي عالمن ۽ فاضلن پنهنجي پنهنجي موقف ۾ خوب دليل ۽ حجتون پيش ڪيون. سڀ ڏينهن علمي بحث ٿيندو رهيو آخرڪار گالهه کي نبيرڻ لاءِ مولانا غلام رسول عباسي ٻيڙو چانديو (تعلقو لاڙڪانو) کي فيصلي لاءِ امين مقرر ڪيو ويو جنهن کي هڪ هفتو ڏنو ويو ته هو ٻنهي ڏرين جي ڏنل دليلن جي جانچ ڪري فيصلو ڏئي.

اهڙيءَ طرح هڪ هفتي کان پوءِ وڃي ساڻيئي هنڌ فيصلي ٻڌڻ لاءِ وري هڪ وڏو اجتماع ٿيو ۽ مولانا غلام رسول جيڪو مولانا امير محمد

---

(۱) - رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جلوئي سندس ديني ۽ فقهي خدمتون"، پي- ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۲ع. سنڌ يونيورسٽي جامشورو- ص. ۱۹۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 277

نورنگيءَ جو شاگرد به هو. تنهن اڇڻ سان پنهنجي استاد کان پيرين پئي نالهن نه ٽيڙ لاءِ عرض ڪيو ۽ معافي گهري ۽ پوءِ مولانا غلام عمر وٽ آيو ۽ اڃا ان سان به ادب سان مليو ۽ معافي گهرائين پنهنجي ڏرين جي اجازت کان پوءِ استيج تي آيو ۽ پنهنجو دڳو پر مفصّل ۽ مدلّل فيصلو پڙهي ٻڌايو جنهن ۾ پنهنجي ڏرين جي دليلن تي روشني وڌل هئي، تنهنڪري هر هڪ عالم فيصلو قبول ٿي ڪندو ويو. آخرڪار فيصلو مولانا غلام عمر جي حق ۾ ڏنائين. اهڙي طرح مولانا غلام عمر اهو فيصلو کٽيو. بعد ۾ مولانا مير محمد نورنگيءَ پنهنجي شاگرد مولانا غلام رسول کي نرٽ تي چيي ڏني ۽ روئي ڏنو ۽ هي الفاظ چيائين ته

"الحمدلله جو اڄ موڪلي باهه کان نجات ملي ۽ حق برابر مولانا غلام عمر جي پاسي هو." (۱)

مولانا غلام عمر جتوئيءَ جي فتويٰ نويسي

مسئلو ڪاڻ ۾ جي حلال ۽ حرام جو

فتويٰ ۲ -

مولانا غلام عمر صاحب ڪي ڪو ته هڪ شخص جيڪو پاڻ لاءِ ديو بندي ڪهڙ جي دعويٰ ڪري ٿو، تنهن کان ۾ جي حلال هجڻ جي باري ۾ هڪ تحرير ڪئي آهي، ان تحرير ۾ من کان ۾ جي حرام هجڻ جي قائلن کي

---

(۱) - رحمت الله ابڙو، اڪنر "مولانا غلام عمر جتوئي سندس دينيءَ فقهي خدمتون" پي. ايڇ. ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو سنڌ ص - ۱۹۸ - ۲۰۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 278

گهٹ وڌ بہ گالهايو آهي.

مولانا غلام عمر حرام حلال جي معاملي کي هڪ شرعي مسئلي جي حيثيت ۾ کڻي، ان تحرير جي خلاف قلم کڻڻ ضروري سمجهيو ۽ کانءَ جي حلال هجڻ واري تحرير جي رد ۾ پهنجي هڪ تحرير لکي جنهن ۾ اسان جي ملڪ ۾ معروف کانءَ کي حرام ثابت ڪيو آهي. مولانا صاحب پهنجي جواب جي دلائل جي تائيد ۾ مقدمي طور هڪ حديث پيش ڪري تہ جنهن ۾ پاڻ سڳورن فرمايو:

الحلال بيّنٌ والحرام بيّنٌ وبينهما مشتبهات لا يعلمهن كثير من الناس فمن اتقى الشبهات استبرأ لدينه وعرضه ومن وقع في الشبهات وقع في الحرام الخ (۱)

"حلال پڌرو آهي ۽ حرام به پڌرو آهي ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ مشتبهات آهن جن کي گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن. پوءِ جيڪو شخص انهن مشتبهات کان بچيو تنهن پنهنجي دين ۽ عزت جو ڇوٽڪارو حاصل ڪيو ۽ جيڪو انهن شبهات ۾ پيو سو حرام ۾ پيو."

ان کانپوءِ پنهنجي مقصد واري حديث پيش ڪري تو جنهن ۾ کانءَ جي حرمت بيان ٿيل آهي ۽ کانءَ کي انهن جانورن مان ڪڍيو تا جن کي مارڻ واجب آهي. نبي صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

قال خمس فواسق يقتلن في الحلّ والحرام الحيّة والغراب الابقع

---

(۱) - ابوالفيض غلام عمر جتوئي مولانا، "رد تحرير حلت غراب"، (قلمي) موجود مدرسہ شمس العلوم، آريجا تعلقو ڏوکري ص-۱

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۲ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 279

والفارة والكلب العقور والحديا (متفق عليه) (۱)

"پنج فواسق جن کي حلءِ حرم ۽ مارڻ جو حڪم آهي. پهرين ناڻڪ
ٻيو ابلق کاڻءُ، ٽيون ڪاوڙ، چوٿون چيلو ڪاوڙ ۽ پنجون سرڙ"

مولانا صاحب حديث، لغت ۽ حديث جي مشهور شرحن
جي حوالي سان غراب ابلق (ڪاري کاڻءَ) کي هڪ اهڙو ٻکي ثابت ڪيو آهي جيڪو
اسان جي ملڪ ۾ کاڻءَ جي نالي سان مشهور آهي ۽ ان جون علامتون ٻڌايون
آهن: هڙوڪ

جانور کي قاڻي کائڻ، پليد ۽ ناپاڪ شين تي ويهڻ ۽
ٻارن کان ٽڪر ڪسڻ وغيره. اهي علامتون اسان جي ملڪ واري کاڻءَ ۾ موجود
آهن. ٻوءِ اهو کاڻءُ سموري ڪاوهي يا ان جي سيني يا پٽيءَ تي سفيدي
يا ڪاراڻ هجي. رنگ جو فرق ملڪ جي ڪري به هوندو آهي تنهنڪري رنگ
جي فرق کي ڪابه اهميت ڪانه آهي. (۲)

بهرحال مولانا موصوف جن دليلن سان کاڻءَ جي حلال
هجڻ واري تحرير جو رد ڪيو آهي ۽ احاديث فقه ۽ لغت وغيره جي حوالن
سان کاڻءَ جي حرمت ثابت ڪئي آهي. سڄي مولانا غلام عمر جي علم تقويٰ ۽
بصارت جو ڪليو دليل آهن. ٻئي طرف حلال حرام جي مسئلي کي نزاڪت
جي سعادت حاصل ڪري هن ان فتني کي بروقت پنهنجي علمي دلائل
سان بند ڪري عوام الناس کي وڏي جهنجهٽ کان بچايو.

---

(۱) - ابوالفيض غلام عمر جتوئي مولانا ' تحرير رد حلت غراب ' (قلمي) موجود ' مدرسه
شمس العلوم ' آريجا تعلقو ڏوکري - ص - ۲

(۲) ـــــــ ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 280

فتویٰ- ۲ -

ننڍي هوندي شادي ۽ طلاق جو مسئلو

جيئن ته مولانا غلام عمر جتوئي پنهنجي وقت ۾ ترجو جوهڪ جيّد عالم هو، تنهنڪري سندس تحريرَ ۽ فتويٰ کي ڪنهن بشرعي مسئلي ۾ سند ڪري سمجهيو ويندو هو. اڪثر ڪري پيچيده مسئلا جن ۾ جھيڙن وغيره پئجڻ امڪان هوندو هو، تنهن جو فيصلو مولانا غلام عمر کان ڪرايو ويندو هو. سندس فيصلي کي گهوڙڪي ٻئي ڌُريون خوشيءَ سان قبول ڪنديون هيون. مولانا صاحب جي اهڙي هڪ فتويٰ نڪاح جي باري ۾ ڏنل آهي.

سوال

هڪ شخص جنهن جي عمر ۱۵-۱۶ سال آهي شاهدن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي هڪ صغير پيڙ جو نڪاح ڪرائي ڏنو ۽ ان جي عيوض پاڻ به هڪ نڪاح ڪيو. ٻن مهينن گذرڻ بعد اهو شخص دعويٰ ڪري ٿو پاڻ نڪي نڪاح وقت بالغ هو ۽ نڪي هن وقت بالغ آهي. علماء حضرات فتويٰ ڏين ٿا اهي ٻئي نڪاح صحيح آهن يا نه ؟ (۱)

جواب

مولانا غلام عمر صاحب متئين سوال جي جواب ۾ پنهنجي فتويٰ ۾ عمر جي بناء تي هنهي نڪاحن کي درست قرار ڏنو آهي. فتويٰ

---

(۱) - ابوالفيض غلام عمر جتوئي مولانا، قلمي تحريرَ، موجود مدرسه دارالفيض، سولنو جتوئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 281

جي تائيد فقه جي مشهور ڪتابن ’ درمختار‘، ’فتوىٰ عالمگيري‘ ڪانسواءِ
بين ڪتابن جا به حوالا ڏنا آهن، جن مان ۱۵ سالن واري عمر جي شخص
کي بالغ ثابت ڪيو آهي. پوءِ چونه ڪئي ان جي متان بلوغت آثار ظاهر
نه ٿين، سندس ڏنل حوالن مان صرف هڪڙو حوالو پيش ڪجي ٿو:-

"قال فی عالمگیریه والسن الذی یحکم بلوغ الغلام
والجاریة اذا انتهیا الیه خمس عشرة سنة عند ابی یوسف
ومحمد رحمة الله وهو روایة ابی حنیفه وعلیه الفتوىٰ" (۱)

"فتوىٰ عالمگيريءَ ۾ تڪليل آهي ته امام ابو يوسف ۽ محمد جو
عمر جنهن ڇوڪرءِ ۽ ڇوڪريءَ جي بالغ هجڻ جو حڪم صادر
ٿيئي سا آهي جڏهن ٻئي پندرهن سالن کي پهچن. اهڙا
روايت ابو حنيفه جي آهي ۽ انهيءَ تي ئي فتوىٰ آهي."

---

(۱) - ابوالفيض غلام عمر جتوئي مولانا، ’قلمي تحرير‘، موجود مدرسه دارالفيض
سونوجتوئي‘،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 282

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالرحمان لوڻيو

مولانا عبدالرحمان ولد علي محمد لوڻيو جي ولادت ڳوٺ گل محمد لوڻيو، ۾ سن ۱۲۳۶ھ/ ۱۸۲۰ع ۾ ٿي. هن پنهنجي سموري تعليم ضلعي لاڙڪاڻي معروف جيد عالم مولانا ميان غلام صديق شهداد ڪوٽيءَ کان حاصل ڪئي.

مولانا عبدالرحمان فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ گل محمد لوڻيو، ۾ ديني مدرسو کوليائين. وٽانس ڪيترائي شاگرد پڙهي فارغ التحصيل ٿيا، جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

حافظ امام بخش لوڻيو ڳوٺ گل محمد لوڻيو ۽ مولوي الهڪيو ڳوٺ سجاول لوڻيو تعلقو ڏوڪري مولوي امام بخش چانڊيو ڳوٺ مدد باهو تعلقو ڏوڪري، ملا محمد صادق ڪلهيو ڳوٺ ڪلهيا تعلقو تعلقو ڏوڪري، سندس فرزند مولوي غلام مصطفيٰ ۽ ٻيا ڪيترائي قلات جا بروهي فارغ التحصيل ٿيا

مولانا عبدالرحمان سان پنهنجي همعصر عالمن جي ميل جول هوندي هئي، ۽ علمي رهاڻيون ٿيندڙ هيون. جن ۾ مولانا غلام عمر جلوٽيءَ ڳوٺ سولنو جلوٽي وارو، پير امام الدين شاه راشدي، نلاهر (تعلقو ڏوڪري) وارو ۽ سندس استاد مولانا ميان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 283

غلام صديق به وٽس ايندا هئا. مولانا غلام صديق پيار وچان کيس ٻالي ملڻ سڏ ٻيندو هو.

مولانا عبدالرحمان زاهد ۽ عابد شخص هو. اکثر ڪري روزي سان هوندو هو. هميشه ڇُنڊ ڇٽي هلندو هو، جي ڪڏهن ڪا به عورت ساڻس ملڻ ايندي هئي، ته کيس پٺي ڏئي گالهائيندو هو. دعا تعويذ ڪڏهن جي خلاف هوندو هو. البت دعا ڪرندو هو. پاڻ مستجاب الدعا هو. پاڻ باک ڪٽيءَ سان گهران نڪري مدرسي ۾ پهچندو هو. جيڪو جامع مسجد ٽوبيه سان گڏ هو. پوءِ وري سومهٽيءَ جي نماز پڙهي گهر ايندو هو ابي ڏاڏي کان ونئي زميندار هو. پاڻ اٽين ڏينهن زمين تي ويندو هو، ڏوسخي مڙس هو. مدرسي جي ٻاهران فقيرن جون قطارون هونديون هيون. ابن ۽ اناج جو ڪافي خيرات ڪندو هو.

مولانا عبدالرحمان درس تدريس کان سواءِ تصنيف ۽ تاليف به ڪئي، جنهن جو تفصيل معلوم ٿي نه سگهيو آهي. البت سندس ڪيل ۽ قلمي قرآن شريف پوين وٽ محفوظ آهن.

مولانا عبدالرحمان سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي گذاري، آخر ۾ سن ۱۳۱۹ھ/۱۹۰۱ع ۾ ۸۱ سال جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. (۱)

---

(۱) - مٺي سموري معلومات پروفيسر ربنواز ساڪن ڳوٺ ڳل محمد ٽوبيو ڪان ۸ اپريل ۱۹۹۱ع تي انٽرويو ذريعي ورتي ويئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 284

(الف) سوانح حيات

مولانا پير محمد قريشي

مولانا حاجي پير محمد ولد جيئند قريشي جي ولادت سن ۱۲۳۷ھ/۱۸۲۲ع ۾ گوٺ جوٽاڻي شريف تعلقي وارهه ۾ ٿي. هن پنهنجي سموري تعليم ڪاٺ پات (ضلعو دادو) ۾ مولانا حاجي حسن الله پاناڻي ۽ ميان حاجي فضل الله پاناڻي وٽان پرائي. سن ۱۲۶۴ھ/۱۸۴۷ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا پير محمد قريشي علمي فراغت کانپوءِ پنهنجي گوٺ جوٽاڻي شريف ۾ دارالفيوض نالي مدرسو کوليو درس تدريس جو شغل ڪيو. واڌاڻ ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولوي حاجي رسول بخش گوٺ واهوچا، ملڪ عبدالله شاه خضدار (بلوچستان)، مولوي محمد اسحاق ڪراچي، مولوي علي گوهر قريشي پات ضلعو دادو، آخوند علي محمد جولاهه پيچوهاڻ تعلقو وارهه، مولوي قادربخش چانڊيو گوٺ ٻڪيچا (تعلقو وارهه)، مولوي ميان حامد الله مگسيجو گوٺ ستار ڏنو سانگي (تعلقو لاڙڪاڻو) مولوي محمد نجار گوٺ لونگو (تعلقو ميهڙ) مولوي سيد صالح محمد شاه گوٺ ٽيوٽا (تعلقو وارهه)، مولوي عبدالله نجار جوٽاڻي شريف، مولوي محمد حسن بروهي ڪوٽڙي، سندس فرزند مولوي حاجي غلام صديق قريشي، مولوي مير محمد قريشي، ۽ مولوي شاه محمد قريشي جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا پير محمد درس درس سان گڏ تصنيف تاليف جو ڪم به ڪيو. سندس تصنيفات ۾ 'التحاريز علي التحاريز' 'الخمسة الطاهره' ۽ 'جاء الحق وزهق الباطل' شامل آهن. ان کانسواءِ هن ڪيترين ئي فتوائن ۽ تحريرن تي دستخط ڪيون آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 285

سندس همعصر عالمن ۾ مولانا مفتي عبدالغفور همايوني ،
مولانا گل محمد شهدادکوٽي، مولوي ميان محمود پاڻ شريف. پير غلام مجدد سرهندي
ضلعو حيدرآباد. مولوي نظام الدين کلهوڙو، مولوي محمد حسن مرزا ۽ ٻيا ڪيترا قابل
ذڪر آهن .

مولانا پير محمد جوروحاني تعلق ميان حامد حضوري تنيو ميروخاني
۽ مظهرالحق (مقيم مدينه منوره) سان هو. مولانا صاحب معلم هئڻ سان گڏ مفتي[1] ۽ خطيب
به هو. ڪيس مولانا احمد رضا خان بريلويءَ طرفان "خطيب سنڌ" جو لقب ملل هو .(۲)

مولانا صاحب وٽ هڪ وڏو ڪتبخانو به موجود هو جنهن ۾
تقريباً پنج هزار ڇپيل ۽ ۽ هزار قلمي نادر ڪتابن جو ذخيرو موجود آهي. ڪانئس پوءِ لائق
فرزند مولوي غلام صديق به هن ڪتبخاني کي وڌائيندو رهيو ۽ سعودي عربيه ۽ مصر مان
گهيرا ڪتاب آندائين لائبريري ۾ عربي ۽ فارسي ڪتابن جي اڪثريت آهي
مولانا پير محمد جي اولاد ۾ ٽي پٽ مولوي غلام صديق، مولوي
غلام عمر ۽ غلام عثمان ٿيا. سندس پويون فرزند جواني ۾ ئي فوت ٿي ويو. انهن
۾ مولوي غلام صديق لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ معروف عالم هو. جنهن جو ذڪر اڳتي ڪبو.
مولانا پير محمد جو معاشي ذريعو زرعي زمين هئي. هن بزرگ
۳ محرم الحرام ۱۳۶۴ھ/۱۹۴۵ع ۾ رحلت ڪئي. سندس آخري آرامگاه جوٽاڻي شريف ۾
سندس تعمير ڪرايل جامع مسجد جي اڳيان سندس مطالعي واري جاءِ تي آهي .(۳)

---

[1] - علامه غلام مصطفيٰ قاسمي مولانا پير محمد جي وڏن مفتين ۾ شمار ڪيو آهي ليڪن ٿو لکي ته:
"هن دور ۾ انترسنڌ ۾ مفتي غلام عمر جلوڻي، مولانا پير محمد لوڙهيلي، مولانا شفيع محمد
مسجدي ۽ مولانا پير محمد جوٽاڻين وارو ۽ پيا هئا." (عبدالله چانڊيو مولانا ساهنامه
"شريعت" الفتوىٰ الشريعة خاص نمبر، ص ۱۴، ۱۵)

(۲) - مولوي ميان ملوڙ علي کان ۱۵، ۷، ۱۹۹۱ع ۾ ورتل انٽرويو .

(۳) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 286

(الف) سوانح حيات

مولانا ميان گل محمّد شهداد كوٹي

مولانا الحاج ميان گل محمّد مولانا نور محمّد شهداد كوٹي جو وڈو فرزند هو. سندس ولادت ۲۱ رجب سن ۱۲۴۰هـ/ ۱۸۲۵ع تي شهر ڪنبڙي تحصيل ۽ ڀاڪ رياست قلات ۾ ٿي.(۱)

مولانا گل محمّد ڪجهه تعليم ڪنبڙي (بلوچستان) ۾ ۽ ڪجهه شهداد ڪوٽ (ضلعي لاڙڪاڻو) ۾ پنهنجي والد بزرگوار وٽان حاصل ڪئي. مولانا گل محمّد ۲۲ سالن جي عمر ۾ فارغ التحصيل ٿي شهداد ڪوٽ ۾ ئي پنهنجي والد جي قائم ڪيل مدرسي "نور محمّديه" ۾ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيو. هن ديني درس ڏيڻ ۾ وڏي خدمت ڪئي ۽ پنهنجي والد بزرگوار کان به وڏي وٺ. ڪانئر ڪيترائي شاگرد ديني تعليم حاصل ڪري فارغ تحصيل ٿيا، جن ۾ نه رڳو سنڌ، پر پنجاب، بلوچستان، ڪوهستان، لسبيلو ۽ هين هنڌن جا شاگرد پڻ شامل آهن. جن ۾ مولانا محمّد صالح صديقي پاڻائي سجاده نشين درگاهه ڪاٽ پاٽ، ضلعو دادو، مولانا مخدوم دين محمّد کهڙوي، مولانا عطاءُ الله عرف الهڏنو باريجو، مولانا سيّد ميران شاه هالائي، مولانا حسين احمد انڊڙ ضلعو سکر، مولانا محمّد صديق ڪنبڙي وارو، مولانا محمّد علي هڪڙو، مولانا محمّد امين عرف مولانا نبي بخش اسلوٽي ضلعو حيدرآباد، مولانا قادر بخش لسبيلو علائقو پنجگور، مولانا خليفو رحمت الله شوروجا مشوري، مولانا سيّد عنايت الله شاه چچڙ تعلقو قنبر،

---

(۱) – سعادي "مهراڻ"، سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع، منظور احمد حليمي، "مولانا گل محمّد مرحوم، "شهداد ڪوٽي" (مضمون)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص. ۱۲۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 287

مولانا سيّد تاج محمّد شاه چچه تعلقو قنبر ۽ سندس شاگردن مان هڪ نابينا حافظ 'رضي' نالي غيبي ديري تعلقي قنبر جوهو جيڪو حافظ علوم هو. (۱) انهن کانسواءِ مولانا گل محمّد جي شاگردن مان ڪي پنهنجي وقت جا مشهور معروف ديني عالم به ٿيا. جن وٽانئس علمي فراغت حاصل ڪري سنڌ ۾ علمي مرڪز قائم ڪيا. انهن ۾ هيٺيان عالم قابل ذڪر آهن :

مولانا گل محمّد جو ننڍو ڀاءُ مولانا غلام صديق جنهن سنڌ ۾ استادالعلماء جي لقب سان وڏي شهرت حاصل ڪئي مولانا قاضي داد محمّد (مڪران)، مولانا عبدالحڪيم افغان (ساڪن) ڪابل). مولانا محمّد حسن حيدرآبادي، مولانا محمّد ابراهيم گڙهي ياسيني، مولانا عطاءُ الله فيروزشاهي جنهن ضلعي دادوءَ ۾ ڳوٺ 'فيروزشاهه' ڪڇ راڏڻ ۾ مدرسو قائم ڪيو، لاڙ جو مشهور عالم مولانا حامد الله هيلي وارو، جيڪو 'فيروزشاهه' مان پڙهي نڪتو. تنهن پنهنجي فيض سان لاڙ کي سيراب ڪيو. دادو ضلعي جو هڪ مشهور عالم حاجي حسن الله پاتائي شهدادڪوٽ جي درسگاهه جو شاگرد هو، جيڪو پاڻ ۾ ديني درسگاهه قائم ڪري سالن جا سال علمي فيض ڏيندو رهيو سندس فيض سان 'ڳوٺ سوني جلوٽئي' تعلقي لاڙڪاڻي ۾ مولانا ابوالفيض غلام عمر جلوٽئي علمي مرڪز قائم ڪيو. جنهن وٽان پڙ ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿي نڪتا. ڳوٺ 'جوڻاسين' تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مولانا پير محمّد قريشي پاڻ مان پڙهي ديني درسگاهه قائم ڪئي. انهيءَ طرح اهو سلسلو شهدادڪوٽ جي علمي درسگاهه جو فيض ڪيليو وڃي ٿو. (۲)

---

(۱) - ماهوار "فيوضات صديقيه"، مولانا عبدالحليم، درگاهه صديقي شهدادڪوٽ، ۱۹۶۰ع ص.ص - ۱۵ - ۱۶

(۲) - محمّد جمن ٿالپر داڪٽر، سُنڌ جا اسلامي درسگاهُ، هجرهِ پبليڪيشن سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڊي- فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع، ص - ۴۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 288

مولانا عُبيدالله سنڌيءَ جوچوڻ آهي تہ اسان جڏهن سن (۱۳۰۸ھ/۱۸۹۰ع ۾ امروٽ ۾ هڪ علمي مرڪز قائم ڪيو تہ شروع ۾ اسان کي سنڌ مان پڙهڻ لاءِ ڪي به شاگرد نہ ٿي ملیا يا گهٽ ملي رهيا هئا. چوتہ شهداد ڪوٽ جي استادن جوايڏو تہ اثر ويٺل هو جو شاگرد انهن کان سواءِ ٻين وٽ پڙهڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا." (۱) روايت آهي تہ مولانا گل محمد وٽان انڪل ۴۸۶ عالم فارغ التحصيل ٿي نڪتا جيڪي سڀ پنهنجي وقت جا وڏا مدرس هئا. (۲)

مولانا ميان گل محمد جي طريقت جو سلسلو قادريہ هو. پاڻ ميان غلام حيدر صاحب قادري ڪنباري (تحصيل لهڑي رياست قلات) واري جو مريد هو. سندس سلسلو مخدوم محمد صديق مهيسر (تعلقو گهوٽڪي) سان ملهق آهي. جنهن جو سلسلو حضرت سلطان العارفين باهو عليہ الرحمة سان ملي ٿو. سندس هم عصر عالمن ۾ مولانا عبدالغفور همايوني، مولانا محمد هاشم ٺٽهوي ياسيني ۽ مولانا عبدالرحمٰن سکر واري جا نالا قابل ذڪر آهن. (۳)

مولانا ميان گل محمد صاحب حج جي سفر ۾ حرمين شريفين جي زيارت ۽ مشرف هو. پاڻ ڪرامت وارو صاحب ٻ هو.

مولانا گل محمد شهداد ڪوٽي پنهنجي پوري حياتي ديني تعليم جي درس تدريس ۾ گذاري ۽ ۴۸ سالن جي عمر ۾ ۲۷ ذوالحج سن ۱۳۶۰ھ/۱۸۸۸ع تي هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. شهداد ڪوٽ ۾ پنهنجي درگاهہ ۽ مدرسي جي

---

(۱) - محمد جمن تالپر، ڈاڪٽر، سنڌ جا اسلامي درسگاهہ، هڪڙو پبليڪيشن سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ جي - فل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۲ع ص - ۴۰۲

(۲) - ايضاً

(۳) - ماهوار فيوضات صديقية "مولانا عبدالحليم شهداد ڪوٽ ۱۹۶۰ع - ص - ۱۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 289

احاطي اندر مدفون آهي. روايت آهي ته بزرگ عالم مولانا محمّد ابراهيم گڙهي ياسينيءَ وٽ مولانا گل محمّد صاحب جي ملفوظات ۽ ٻيو قلمي ذخيرو موجود هيو. ميان صاحب فارسيءَ جو شاعر هو. سندس ٻه مصراعون رسالي "مهراڻ" ۾ ڏيئون ويون آهن، جيڪي اميرخسري دهلويءَ جي رباعي پران جوڙي هئائين، سي هيٺ ڏجن ٿيون:

امير خسرو:-

بيکارم درکارم چون مد بحساب اندر
خاموش بگفتارم چون خط بکتاب اندر
بابسته برفتارم چون پاپرکاب اندر
درخانه بيازارم چون شخص بخواب اندر

مولانا گل محمّد:

مي سازم، مي سوزم چون خوب بکباب اندر
مي گريم مي خندم چون برق سحاب اندر. (۱)

مولانا گل محمّد صاحب جو تحريري مواد وڏي کوشش جي باوجود ميسّر نٿي کوٺ سگهيو آهي. جيڪو شايد وقت جي حالتن ۽ تڪرار ۽ لوڏهجي. البت سندس علمي عظمت مان ظاهر ٿئي ٿو ته مولانا صاحب جو تحريري مواد ضرور هوندو.

---

(۱) - سمائي، "مهراڻ" سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع، منظور احمد حليمي، مولانا گل محمّد شهداد کوٽي" (مضمون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ص - ۱۲۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 290

(الف) سوانح حيات .

مولانا محمد هاشم سومرو

مولانا محمد هاشم جي ولادت سن ۱۲۵۹ھ/۱۸۴۳ع ۾ شهر شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. هن بزرگ استاد العلماء مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جي مدرسي ۾ اول کان آخر تائين سمورو علم پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. (۱)

مولانا محمد هاشم فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ شهدادڪوٽ جي ويجهو "پرمي" ڳوٺ ۾ ديني درسگاهه کولي درس تدريس جو شغل شروع ڪيو، جنهن ۾ ستر کن طالب العلم وٽس پڙهندا هئا. سندس درسگاهه مان ڪيترائي عالم فيضياب ٿي نڪتا، پر ڪجهه وقت کان بعد مولانا محمد هاشم کي مولانا ميان تاج محمد ڪنباري پنهنجي فرزند ميان گل حسن کي پڙهائڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ ڪنبار (قلات بلوچستان) ۾ وٺي ويو. اتي به سندس مدرسي ۾ ڪيترائي شاگرد بلوچستاني ۽ سندي وٽس پڙهندا هئا. صاحبزادي ميان گل حسن جڏهن سمورو علم مولانا کان پڙهي دستار بندي ڪئي، تڏهن ميان صاحب جي مخلص مريد نواب اسد الله رئيساڻي جي استدعا تي ڪيترا سال رئيساڻين جي جاگير خرم جي شهر ۾ مولانا محمد هاشم تامني ٿي رهيو. آخر نارين جي ملڪ ۾ پاڻ ۽ اٺاڻ ۽ گهٽي گرمي جي ڪري اتان چڏي آيو ۽ خانصاحب الله بخش خان دراني بارگزئي جي طلب سان گڙهي ياسين شهر ۾ اچي مدرسو کوليائين، جنهن ۾ پري پري کان علم جا پياسا علم جي پياس اجهائڻ لاءِ اچي پهتا، جنهن ۾ لاڙ، ميل، بلوچستان ۽ افغانستان جا طالب العلم شامل آهن. (۱)

مولانا صاحب جيئن تہ باقي زندگي گڙهي ياسين ۾ پوري ڪئي تنهنڪري گڙهي ياسيني جي نالي سان معروف آهي .

---

(۱) - سماهي "مهراڻ" سوانح حيات نمبر ۱۹۵۷ع - ص - ۵۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 291

مولانا قمر هاشم وٽان جيڪي شاگرد فيض ياب ٿيا، انهن ۾
مولانا عبدالله ربّاڻي (جنهن وٽان جيّد عالم مولانا خادم حسين حلبوٽي ۽ ٻيا گهڻا فيض ياب
ٿيا)، مولانا گل حسن سجاده نشين ڪنڀاري ۽ صدر قضاة بلوچستان، مولانا ڪريمداد
'نوڙهي بجار' (تعلقو قنبر) مولانا غلام عمر ڏگهه وارو (تعلقو قنبر)، مولانا قمر قاسم
چانڊيو (نوڙهي بجار وارو)، مولانا تاج قمر بلوچستاني، مولانا جمال الدين صحبت پوري،
مولانا حافظ قاري نور قمر ياسيني، مولوي فقير قمر، مولوي ڪمال الدين سيوهاڻي، مخدوم
غلام مصطفىٰ سجاده نشين قمر پور شريف، مولوي عنايت الله آگرو، مولوي
پير قمر جوڻيجو وارو (تعلقو وارهه)، مولوي گل قمر صاحب وارهه وارو، مولانا قمر قاسم
گڙهي ياسيني (سندس فرزند) ۽ ٻيا. (۱)

مولانا قمر هاشم، مولانا تاج قمر ڪنڀاري بزرگ کان دست
بيعت هو. عنايت متقي ۽ پرهيزگار شخص هو. صوفيانه ڪلام جو ذاڪر ۽ عقيدتمند هو.
حضرت سلطان الاولياء خواجه عبدالرحمٰن سرهندي ۽ سندس فرزند خواجه قمر حسن
۽ خواجه عبدالقدوس آغا شيرين جو نهايت عقيدتمند هو.

مولانا قمر هاشم صاحب تصنيف تاليف جو ڪم به ڪيو. سندس
تصنيف گهٽي ملهايت تي وٻي آهي، البت سندس هڪ 'دفتر' تحريرن ۽ فتوائن
جو، هڪ رسالو 'ندو بابت'، 'مائة عامل' تي حاشيو ۽ ترڪيب 'هداية النحو'،
'بديع الزمان' ۽ 'ايساغوجي' ۽ 'صرف بهائي' تي حاشيا ڪيل آهن، جيڪي ڪوشش
باوجود هٿ اچي نه سگهيا آهن. (۲)

---

(۱) -

(۲) - سامهي "مهراڻ" سوانح حيات نمبر، ۱۹۵۷ع، سندي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص. ۵۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 292

مولانا صاحب ادبي علوم ۽ فقه ۾ پڙهو، فتويٰ نويسي ۽ قضا جو به سٺو ماهر هو. مولانا صاحب جو پنهنجي همعصر عالمن مان مخدوم حامي حسن الله پاتائي سان هندستان جي 'دارالحرب' يا 'دارالسلام' جي صحبڙ تي وڏا تحريري مناظرا شينداريا. مولانا جو رايو هوته هندستان دارالسلام آهي پر مخدوم پاتائي، پر مخدوم پاتائي جو رايو ان جي ابتڙ هو. (۱)

مولانا محمد هاشم شعر شاعريءَ ۾ سٺي مذاق رکندڙ هو. کيترين ئي تاريخون سندس نظم ۾ چيل آهن.

مولانا صاحب تاريخ ۱۹ شعبان سن ۱۳۲۲ھ/۱۹۰۴ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت کئي. پويان ٻي فرزند مولانا محمد صالح، مولانا محمد قاسم ۽ مولانا محمد ابراهيم چڏي ويو. جن مان پويان به معروف عالم پڙي گذريا آهن. سندس آخري آرام گاهه گڙهي ياسين جي اولاهين قبرستان ۾ آهي. (۲)

---

(۱) - قاسمي غلام مصطفيٰ مولانا، "الرحيم"، ۱۹۶۵ع، ص، ۱۰۸

(۲) - وفائي دين محمد مولانا، "تذکره مشاهير سنڌ" (ڀاڱو ڀرين) ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص، ۲۷۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 293

(الف) سوانح حيات

مولانا ميان غلام صديق شهدادكوٽي

علم وفضل جو آفتاب ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جو جيڏ عالمِ دين ۽ بزرگ مولانا غلام صديق ولد مولانا ميان نور محمد ميڪڻ جي ولادت ڳوٺ 'ڪنڊي'، تحصيل ۽ آباد، رياست قلات ڊويزن بلوچستان ۾ تاريخ ۴، ربيع الاول سن ۱۲۶۰ھ/ ڇهين سيپٽمبر ۱۸۴۴ع تي ٿي هئي. ابتدائي زماني ۾ پنهنجي ڳوٺ 'ڪنڊي' بلوچستان ۾ رهيو، پوءِ پنهنجي والد بزرگوار ۽ وڏي ڀاءُ ميان گل محمد صاحب سان گڏ سرائي پير بخش کهاوڙ جي طلب تي شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيو.

مولانا غلام صديق پنهنجي سموري تعليم پنهنجي والد بزرگوار ۽ وڏي ڀاءُ مولانا ميان گل محمد وٽان 'مدرسه نور محمديه شهدادڪوٽ ۾ حاصل ڪئي. اٺن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف ۽ فارسي ختم ڪيائين ۽ نون سالن جي عمر ۾ عربي شروع ڪيائين ۽ تيرهن سالن جي عمر ۾ علمي فراغت حاصل ڪيائين. (۱)

حافظو، مولانا ميان غلام صديق پنهنجي طالب العلمي واري زماني ۾ نهايت ذهين ۽ فهيم هو. سندس جڙو ذهين ڪوريلي ليندو. سبق کي هڪ ڀيرو ڏيڻ سان ياد ڪري ويندو هيس. حافظو ايڏو تڙ هوندو هيس جو قرآن شريف اٽڪل ناظرن پڙهندي پڙهندي ياد ڪري ويس. ان کانسواءِ استادن تقريرِ

---

(۱) - سماهي، "معراڻ"، سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع، منظور احمد حليمي، "مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي" (مضمون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص، ۵۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 294

هڏڻ بعد يڪدم ياد ڪري چئي ڏيندو هو. ماڻهن کي سندس ذهن ۾ حفظ جي عبرت هوندي هئي. جڏهن سندس والد ميان نور محمد صاحب عربستان کان ڪتاب 'دار المختار' نئون آندو، تڏهن مولانا غلام صديق ستن ڏينهن ۾ ست ئي جلد ڪتاب جا مطالع ڪري ختم ڪيا. ان ڪتاب جا اڪثر مسئلا ڪيس ياد ڪري ويا هئا. 'دار المختار' جي ڪنهن به مسئلي تي بحث ڪيو ويندو هو، ته ڪيس جلد ۽ صفحي جو حوالو ڏيندو هو. عربي فارسي ڪتابن جون عبارتون ڪيس ياد هونديون هيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن به وقت سندس روبرو ڪو علمي بحث ٿيندو هو، ته ائين محلوم ٿيندو هو گويا پوري ڪتابخاني جا ڪتاب سندس آڏو ڪليا رکيا آهن. هوانهن ۾ ڏسندو عبارتون پڙهندو ۽ صفحن جو حوالو ڏيندو ٿو وڃي. حاضر جوابيءَ ۾ ته ڪيس خاص مقام حاصل هو. روايت آهي ته جنهن زماني ۾ هو پنهنجي پاڻ مولانا گل حمد وٽ پڙهندو هو ته اڃا ننڍو وڇوڪرو هو ۽ هارن سان راند روند ڪندو هو ۽ ڪيس وڏو ۽ راند مان وٺي اچي سبق پڙهائيندو هو. استاد وٽ 'حاشيه عبدالغفور' سان گڏ حاشيه مدقق جون تقريرون ٻڌي اُتي جواُتي ڏهرائي ويندو هو.(۱)

مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ شهداد ڪوٽ ۾ ئي 'مدرسه نور محمديه' ۾ درس تدريس جو شغل شروع ڪيو. هن اسلامي تعليمات جي جيڪا خدمت ڪئي سا قابل تعريف آهي. سندس ڪوشش سان شهداد ڪوٽ ۾ علم جو درياءُ وهيلو، جنهن مان سوين شاگرد فيض ياب ٿي نڪتا ۽ انهن علم جي روشني کي هين کيترن

---

(۱) - محمد جمن تالپور، ڊاڪٽر، "سنڌ جا اسلامي درسگاهون"، ڊي. فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ حيدرآباد، ص. ۴۰۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 295

هتندن تي پکڙيو ۽ علم جي زيور سان پوري سنڌ کي آراسته ڪندا رهيا. مولانا غلام صديق جي تعليمي برڪت ٻر صغير ۾ ڦهاءَ جو ڪم ڪيو. خاص ڪري سنڌ جو اهو گوٺ نه رهيو جتي سندس شاگرد يا شاگردن جا شاگرد نه پهتا هجن. سندس تعليمي روحاني فيض نه رڳو سنڌ پر هند، افغانستان، بلوچستان ۽ پنجاب وغيره ۾ پهچي ۽ پکڙجي چڪو هو. سندس شاگردن جو تعداد جهجهو هو، جن مان ۲۳ عالم وڏي پاي کي پهتل هئا ۽ پنهنجي وقت جا نامياري مدرس هئا. اهڙن مان ڪجهه قابل ذڪر نالا هي آهن.

مولانا خليفو غلام محمد مهيسر ڪمال ديرائي، مولانا امسن الله پاتائي، مولانا عطاءُ الله فيروز شاهي ضلعو دادو، مولانا محمد عاقل عاقلي تعلقو لاڙڪاڻو، مولانا عبدالله ساڪن رتو ديرو، حافظ محمود چانديو (مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جو والد صاحب) مولانا قاضي عبدالفتاح 'پرهي' تعلقو شهدادڪوٽ مولانا عبدالرحمٰن ٽوڻيو گوٺ گل محمد ٽوڻيو ڳٻ باقراڻي، مولانا غلام محمد شهدادڪوٽي مولانا سيد شهاب الدين هالاڻي شهر، مولانا صاحبڏنو حڪيم چچن وارو تعلقو قنبر، مولوي محمد صديق کهوڙو ضلعو لاڙڪاڻو، پير تراب علي شاه قنبر وارو مولانا ميان محمد ڪامل 'سنهڙي' وارو، ميان علي شير غيبي ديري وارو ۽ مولانا دين محمد چانديو ۽ ٻيا شامل آهن. (۱)

مولانا ميان غلام صديق ظاهري علم سان گڏ باطني علم جو به صاحب هو. سندس طريقت جو سلسلو قادري هو، ۽ حضرت قدوة العارفين مولانا ميان غلام حيدر ڪنباري جي دست بيعت ڪري طريقت جون منزلون طئي ڪيون. سندس مشهور خليفا مهيسر مولانا غلام عمر ڪمال ديرائي، مولانا علي شير

---

(۱) - ماهوار "فيوضات صديقيه"، مارچ، اپريل ۱۹۶۰ع، مولانا عبدالحليم، درگاهه صديقيه شهدادڪوٽ، ص - ۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 296

چانديو غيبي ديري وارو ۽ ميان عمرالدين هئا. سندس همعصرن مان مولانا عبدالغفور همايوني، مولانا محمد هاشم گڙهي ياسيني ۽ مولانا عبدالرحمان سکر وارو قابل ذکر آهن. (۱)

مولانا ميان غلام صديق ڪرامت وارو بزرگ به هو. سندس ڪيترين ڪرامتون مشهور آهن. مثال طور:-

سندس خليفو ۽ شاگرد مولانا علي شير چانديو جيڪو نهايت ڪُند ذهن هو ۽ عمر جو به گهڻو وڏو هو، ان ڪري مدرسي جا سڀ شاگرد ٺٺوليون ڪندا هئا. هو بيچارو نهايت صبر سان برداشت ڪندو هو ۽ ڪين چوندو هو ته "مسخريون پلي ڪيو، پر سبق ياد ڪرايو. هڪ دفعي مولانا غلام صديق ميان علي شير جي اهڙي حالت ڏٺي، کيس ڏاڍو رحم آيو. مولانا ان وقت سڀ ڪتاب آڻائي، هر هڪ ڪتاب مان شروع ۽ آخر جي هڪ هڪ سٽ کيس پڙهائي، فرمايو ته "هاڻي تون سڀني شاگردن جو استاد آهين ۽ سڀني کي پڙهائيندو رهه". خدا جي مرضيءَ سان ٽيو به ايئن. خليفو علي شير سڀني شاگردن جو استاد ٿيو. (۲)

مولانا غلام صديق صوم صلوات جو سخت پابند هو. نيڪ ڪار ماڻڻ ۾ سخت پائيندو هو. همهيشه گفتگو قرآن ۽ حديث مطابق ڪندو هو. مجلس ۾ ونس وڏا وڏا آفيسر، زميندار ۽ نواب اچي ويهندا هئا. هڙڪ نواب قيصر خان مگسي، سردار لشڪر خان جمالي، خانبهادر پير بخش خان کهاوڙ ۽ ان کان علاوه وڏا وڏا بزرگ علماء ڪرام مجلس ۾ موجود

---

(۱) - سماهي "مهراڻ"، سوانح نمبر، ۵۷ واع، منظور احمد حليمي، "مولانا غلام صديق مرحوم شهداد ڪوٽي" (مضمون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص - ۵۱

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۵۲ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 297

موندا هئا. ليڪن جيستائين پاڻ گفتگو جي شروعات نه ڪندو هو تيستائين ڪنهن کي جرئت نه ٿيندي هئي. بزرگ شهداد ڪوٽيءَ کي حج بيت الله شريف جي سعادت به نصيب ٿي هئي.

مولانا صاحب کي اولاد ۾ هڪ پٽ عبدالوهاب نالي هيو جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي رحلت ڪري ويو. (۱)

علم و فضيلت جو آفتاب مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي سڄي چمار ديني درس تدريس ۾ گذاري ۽ ۶۳ سالن جي عمر ۾ ۲۳ ربيع الاول ۱۳۲۳ھ/ ۱۶ اپريل ۱۹۰۵ع تي سنڌس وفات ٿي. ۽ درگاهه صديقيه شهدادڪوٽ ۾ مدفون آهي. (۲)

مولانا غلام صديق جي وفات کان بعد سنڌس مسند نشين ۽ مدرسي جو معلّم سنڌس پائٽيو مولانا ميان نصير الدين ٿيو. ميان نصيرالدين جي انتقال کان بعد سنڌس فرزند ميان عبدالحليم مسند نشين ٿيو. [۳]

---

(۱) ـ ماهوار "فيوضات صديقيه" ۱۹۶۰ع مولانا عبدالحليم، درگاهه صديقيه شهدادڪوٽ ص ـ ۲۱

(۲) ـ سماهي "مهراڻ" سوانح نمبر ۱۹۵۷ع، منظور احمد حليمي، "مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي" (مضمون)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص ـ ۵۱

[۳] ـ مولانا ميان عبدالحليم عالم فاضل هو، ڪيس علم جي فضيلت مولانا نورالدين مهيسري عطائي کان حاصل ڪئي. ميان عبدالحليم سن ۱۳۷۴ھ/ ۱۹۵۵ع ۾ بزرگن جي يادگار ۾ درگاهه شريف تي هڪ ديني درسگاهه "مدرسو عربيه حليميه" جي نالي سان قائم ڪيو (فيوضات صديقيه ۱۹۶۰ع ص ـ ۲۳)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 298

(ب)

ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا غلام صديق تصنيف ۽ تاليف ۾ فارسيءَ ۾ وظائف جوڪتاب 'عمليات صديقي' جي نالي سان مرتب ڪيو. ان کانسواءِ سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ 'نعت' ۽ قرآن حڪيم جو فارسيءَ ۾ تفسير لکيو هو. ليڪن افسوس آهي جو عزيزن جي ڪمسنيءَ ۽ معتقدن ۽ خليفن جي غفلت ۽ لاپرواهي ڪري منايع ٿي ويا. مولانا صاحب جون ڪجهه فتوائون مولانا قاضي محمد ابراهيم ڪارتراڻي وٽ به هيون. (۱) البت سنڌي زبان ۾ سندس هڪ مولود دستياب ٿيو آهي جيڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو:-

"هاشمي حبيب جون، ٽيلون امت تي عطائون،
جلوه جنهن جو جڳ تي، ڪيو مولي مٽاهون،
چڙهي نه سگهيا چوڻي، اڀيان مارگ مٽاهون،
مونٽج ميڙ مريض تي، ور دوست سڏي وانهون،
حال ڪريان هوت سان ڏيئي درڻ جون وانهون،
سڏي مون سائل جون، ٽل آلو هي آهون،
پنان پاڪ رسول ﷺ ڪون، وجهي درڻ دوائون،
پرين کي پسڻ لئي، باسيم سڪائون،
سُرور هن "صديق" کي، ڪريو اڪمل عطائون
معاف ڪريو مصطفيٰ، سنهنجون خاوند خطائون" (۲)

---

(۱) - ميان محمد نصيرالدين، تجليات صديقيه، (سوانح ۽ عمليات) ۱۹۵۸ع اردو ترجمو هيبت خان حليمي ڪتب خانو برماهوتل سراب روڊ ڪوئٽه بلوچستان، ص- ۲۹

(۲)- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، "سنڌيءَ ۾ نعتيه شاعري" ۱۹۸۰ع، سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪانو، ص- ۱۶۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 299

مذکورہ مناجات نما مولود ۾ مولانا غلام صدیق
شهداد کوٹي پهرين ٻن سٽن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي
ذات بابرڪات جي صفت ۽ ساراهه ڪئي آهي. ان کانپوءِ باقي مصرائن ۾
هن پنهنجي قلبي واردات جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ٻنهي جهان جي سردار کي
پنهنجي تڪليف ۾ ساڻي ٽيڙ لاءِ سڏيو آهي ۽ آخر ۾ پنهنجي خطائن
جي معافي طلب ڪئي آهي.

ان کان علاوه مولانا غلام صديق "جنگ" نالي هڪ
فتوائن جو هڪ مجموعو به تصنيف ڪيو آهي، جيڪو پير تراب علي شاه راشدي
قنبر علي خان واري جي تبصري ۾ هيلو، جيڪو مولانا صاحب جو نيا ٽوڙهو هاڻي
خبر نه آهي ته اهو "جنگ" ڪٿي آهي.

بهرحال ان مجموعي متعلق مولانا غلام صديق جي
شاگرد ۽ خليفي مولانا غلام محمد مهيسر ڪمال ديرائي جو چوڻ هو ته "ان جنگ"
۾ نظر ڪرڻ سان ايئن ڏسڻ ۾ ايندو گويا هڪ علم جو درياءُ آهي،
جو چولين هٽي رهيو آهي، جنهن ۾ مختلف فيه مسئلن بابت عجيب
غريب تحقيق ٿيل آهي پر افسوس جو اهو ڪٿي به دستياب نه آهي. [1]

---

[1] - سماهي "مهراڻ" سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع، منظور احمد حليمي، "مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي" (مضمون)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص ۵۲.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 300

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالله بيرائي

مولانا عبدالله ولد مولانا محمد كامل ولد مولانا مفتي محمد صديقي قريشيءَ جي ولادت تقريبًا سن ۱۲۶۷ھ/ ۱۸۵۰ع ۾ ٿي. پاڻ ڇهن ستن ورهين جو هو ته سندس ڏاڏو فوت ٿي ويو ان وقت پاڻ اڃا ڪريون چاريندو هو.

مولانا عبدالله فارسي تعليم پنهنجي والد ماجد وٽ حاصل ڪئي. گهوڪم جي گهٽائي ڪري ڪيس مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ڏانهن تعليم لاءِ موڪليو ويو. مولانا نور محمد شهدادڪوٽي جو پير شريف جي بزرگن سان گهرو تعلق هو. ان وقت مدرسي شهدادڪوٽ ۾ مائيءَ جي ڏاڍي تنگي هئي جنهن ڪري مولانا جن ڪيس پنهنجي ڪاڏي مان ڏينداهئا. انڪريءَ طرح مولانا عبدالله ڏهه يارهن سال اتي پڙهيو ۽ ظاهري علم سان گڏ باطني علم به پرايا ٿين. ان وقت مولانا غلام صديق احيانڊي وهو ۽ فارسي پڙهندو هو. مولانا محمد حسن قريشي[1] ڪنڊڙي (تعلقو دادو) واروبه اتي پڙهندو هو. اهو ۽ مولانا عبدالله ٻئي مولانا غلام صديق جو دور ۽ سبق پڌ لڌاهئا.

مولانا عبدالله بيرائيءَ بابت علامه قاسمي صاحب ڪيل ٿو،

---

[1] - مولانا محمد حسن قريشي ولد مولوي حاجي محمد (۱۲۴۹ھ - ۱۳۰۹ھ) سندس ولادت جهنڊ نوشهرو فيروز هو. بعد ۾ سندس والد ماجد ۽ چاچو بزرگ محمد صالح انگريزن جي شروعاتي دور حڪومت ۾ هجرت ڪري اچي ڳوٺ ڪنڊي، تعلقي دادوءَ ۾ سڪونت پذير ٿيا ۽ اتي ئي درسگاهه کوليائون.

(سماهي، مهراڻ، سوانح نمبر ۱۹۵۷ع سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ ص - ۱۲۴ - ۱۲۵)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

"مولانا محمد کامل کي ٻه پٽ ٿيا. ① ميان عبدالله
② ميان پير محمد. پويون مجذوب هو. باقي ميان عبدالله گلستان
کان ونڻي علمي فراغت تائين سمورا ڪتاب مولانا نور محمد شهداديءَ
وٽ پڙهيو. ميان نور محمد صاحب ڪيس صاحبزادو سندن ٻيندو هو.
مولانا عبدالله کي هڪ فرزند نالي محمد عالم ٿيو جو پڻ هڪ عالم
۽ نيڪ هو. مولوي محمد عالم کي به هڪ پٽ نالي مولوي عبدالڪريم
آهي. جو هن وقت سلف جي پيروئي ۾ 'پير' شهر اندر وڏو
عربي مدرسو قائم ڪري سوَن علمي پياسن کي پنهنجي فيض
مان مستفيض ڪري رهيو آهي ۽ جامع العلوم مجڙ ۾ سندس
جي قديم عالمن جو هڪ نمونو آهي". (۱)

مولانا محمد حسن جڏهن پڙهي فارغ ٿيو ته مولانا عبدالله
کي پاڻ سان هلڻ جي صلاح ڪيائين. پوءِ استاد جي اجازت سان ڪيس وڻي
پنهنجي گوٺ ڪنڊري ۾ آيو. جتي ٻڌي گڏجي ڪتابن جو مطالعو ڪندا رهيا.
۽ اهڙي طرح به دفعا سڄي نصاب جو دورو ڪيائون ۽ بعد ۾ وري ٻئي حيدرآباد
۾ مائي ضيري واري مسجد ۽ مدرسي ۾ آيا. جتي ٻنهي گڏجي ديني درس
تدريس جو ڪم ڪيو. ان کان بعد مولانا عبدالله اتان ڇڏي اچي گوٺ ۾
پڙهائڻ لڳو ۽ وقت جو ماهر استاد ليکيو ويندو هو. خاص طرح فقهي جزئيات
تي وڏي دسترس هئس.

---

(۱) - "الرحيم" مشاهير سندھ نمبر، ۱۹۶۷ع شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد
سندھ، ص - ۸۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 302

سندس شاگردن جا نالا معلوم ٿي نه سگهيا آهن .

کجهه وقت 'علي خان قنبر' ۾ به پڙهايائين آخري عمر ۾ سندس نظر ڪمزور ٿي ويس ته پنهنجي فرزند مولانا محمد عالم کي چوندو هوته "پٽ فلاڻو حاشيه ته پڙهه" جڏهن اهو شروع ڪندو هو ته چوندو هوس بس . پوءِ باقي سڄي عبارت پاڻ ٻڌائي ويندو هو .

مولانا عبدالله صاحب ٻيرائيءَ کي اولاد ۾ هڪ پٽ مولانا محمد عالم ۽ هڪ نياڻي ٿي . پاڻ سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاريائين ۽ سن ۱۳۴۳ھ/ ۱۹۲۳ع ۾ هن دارالفنا کان دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو . (۱)

---

(۱) حافظ نور احمد قريشي ٻيرائيءَ (مولانا عبدالله جي سوانح عمري قلمي)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 303

(الف) سوانح حيات

مولانا محمّد عاقل "عاقلي"

مولوي محمّد عاقل ولد آخوند الله نواز سومرو جي ولادت ۱۹ ذوالقعد ۱۲۶۷ھ/ ۱۵ سيپٽمبر ۱۸۵۱ع تي ڳوٺ ڪنڊري (پير پاڳاري جو ڳوٺ) ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان ورٺ بعد مولانا نبي بخش عباسي، مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي ۽ مولانا غلام محمّد ڪمال ديرائي وٽان پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.(۱) ان کانسواءِ سن ۱۳۰۰ھ/ ۱۸۸۲ع ڌاري ڪنڊري ڇڏي اچي ڳوٺ عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ويٺو.(۲)

مولانا محمّد عاقل پنهنجي دور جو نامياروفارسي ۽ سنڌيءَ جو شاعر هو، پاڻ شاعريءَ ۾ "عاقلي" تخلص استعمال ڪيو اٿائين. سندس شاعريءَ مان نعتيه غزل جا ڪجهه بند مثال طور هيٺ پيش ڪجن ٿا:

ٽلهه:

"دل اندر دائم اڪند آهي سچي سردار جي،
ڏي مريضن کي ميان مرسل دوا ديدار جي.

۱- سرورا! صلوات تنهنجي، درد جو درمان آ،
سرمو عينن جو سندءِ، آهي پٽي پيزار جي.

۲- "نجم" ۽ "فرقان" ۾ تعريف تنهنجي قرب جي،
"والضحيٰ" "والشمس" ۾ سارهه سندءِ رخسار جي

---

(۱) - سومرو مظهرالدين دائڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ڊي مل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو جامشورو سنڌ يونيورسٽي، ص ۵۳۴

(۲) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت"، سوانح حيات نمبر، سکر آڪٽوبر نومبر ۱۹۸۱ع ص - ۲۸۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 304

۳- مئي محبت معنوي ۾ ، ٿئي سدا مخمور سام،
جنهن هتان سردار جي سُرڪي چکي انوار جي.

۴- ناهه "عاقل" کي عبادت ۽ عمل ڏتي آسرو،
ڪر سفارش سيّدا! هن بي وڙي بيڪار جي". (۱)

مولانا ڪي عاقل سنڌ حڪيم به هو، انڪري طب جو شغل به جاري رکندو آيو. (۲)

مولانا ڪي عاقلي سنڌ جي انهن عالمن ۽ سياست دانن مان هڪ هو، جن امن سپائي عالمن ۽ آلوائن جي تائيد ڪرڻ سان پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. پر پوءِ سڳو ئي پنهنجي غلطيءَ جو ازالو ڪري 'خلافت تحريڪ' ۾ شامل ٿيو.

هن پڙهائين 'امن سپا' جي روح رواں عالم مولانا فيض الڪريم ٽاروشاهيءَ جي جاري ڪيل 'تحقيق الخلافت' نالي فتويٰ تي صحيح ڪئي هئي. (۳) پر پوءِ جڏهن خلافتي عالمن انهيءَ جي رد ۾ 'اظهار الڪرامة' نالي فتويٰ جاري ڪئي ته پاڻ ان جي تصديق ڪري 'خلافت تحريڪ' ۾ شامل ٿيو ۽ ان کانپوءِ هن تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. ايتري قدر جو جڏهن موقعو

Gul Hayat Institute

---

(۱) - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ اڪنر، "سنڌيءَ ۾ نعتيه شاعري" لاڙڪاڻو ۱۹۸۰ع سنڌي ادبي اڪيڊمي ص- ۱۸۹ ۽ ۱۹۰

(۲) - حڪيم نياز حسين هماياني، "سنڌ جي طبي تاريخ"، (جلد پيو) حيدرآباد، سنڌ ساڻس سوسائٽي، ۱۹۷۶ع، ص ۶۵۳

(۳) - فيض الڪريم مولوي، "تحقيق الخلافت" ڪراچي، دبلي گزيٽ پريس ۱۹۱۹ع، ص- ۴

(۴) - 'اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافة والامامة'، سکر، انجمن شوريٰ علماء سنڌ سال ؟، ص- ۱۴۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 305

آيوتہ پاڻ ’ تحرڪ موالات‘ جي حمايت ۾ جاري ڪيل فتوائن تي به صحيح ڪيائين .
اهڙي طرح لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تحريڪ خلافت جو صدر به ٿي رهيو . (۱)
خلافت تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ مولوي صاحب ’جميعت
العلماء ‘جي سياسي ميدان تان وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي ۽
آخر تائين انگريزن جو مخالف رهيو .
مولانا قمر عاقل زبردست مناظر به هو . هن سنين پاران
مناظرا ڪيا . ان زماني ۾ جيڪي معرڪة الآرا مسئلن تي فتوائون ڇپيون آهن
انهن تي مولانا عاقلي جون صحيحون ٿيل آهن . (۲)
مولانا صاحب جي معاشي ذريعي ۾ حڪمت کان
سواءِ ڪتب فروشي جو دڪان به هو . جيڪو لاڙڪاڻي شهر ۾ هو . کيس اولاد
۾ ٽي پٽ نالي عبدالفتاح "عبد" عاقلي ، عبدالحق "زيب" عاقلي ۽ غلام سرور
"سرور" ٿيا ، جيڪي پڻ پنهنجي دور جا سٺا شاعر ۽ اديب هئا .
مولانا قمر عاقل "عاقلي" ۱۰ شعبان ۱۳۶۰ھ/۳ سيپٽمبر
۱۹۴۱ع ۾ وفات ڪيائين . (۳)

---

(۱) - سومرو مظهرالدين ڊاڪٽر ، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ڊي فل
لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو ، جامشورو سنڌ يونيورسٽي ص ۵۳۵
(۲) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا ، ماهنامه "شريعت" سوانح حيات نمبر ، سکر اڪتوبر-
نومبر ۱۹۸۱ع ص - ۲۸۹
(۳) - سومرو مظهرالدين ڊاڪٽر ، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ڊي فل
لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو ، جامشورو سنڌ يونيورسٽي ، ص . ۵۳۵

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(الف)

مولانا کریم داد چانڈیو.

مولانا کریمداد ولد الهرکیو معرفاڻي چانڈیو جي ولادت انڪل ۱۲۶۸ھ/ ۱۸۵۱ع ڏاري ڳوٺ ڏکھ سومرخان چانڈیو، تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. (۱) مولانا کریمداد جو اصل نالو عبدالمجید هو، پر پوءِ کریمداد جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس والد الهرکیوخان جو پيشو ڳاٺو مال پالڻ هو. سندس والد مولانا کریمداد کي مال چارڻ ٿي مقرر کيو. مولانا مال چارڻ سانگي ڪڏهن ڪڏهن ٽوڙهي شهر ۾ به ويندو هو. جتي من ملا غازي وٽ قرآن شريف پڙهي پورو کيو ۽ پوءِ سندس مرضي علم پڙهڻ تي ٻڌي. ڪيس پئي ڏهيشه گهوڪ لاءِ چوندو هو. پر پاڻ انهيءَ جي پرواهه نه ڪندو هو ۽ پڙهڻ ۾ لڳي ويو.

مولانا کریمداد ابتدائي تعليم ڳوٺ ٽوڙهي ۾ ملا غازي وٽ پوري ڪري پوءِ وري به ٽوڙهيءَ ۾ مولوي مولاداد صاحب بوهڙ (شاگرد بزرگ شهداد ڪوٽي) وٽ ڪجهه فارسي پڙهيو [۲] مولانا مولاداد جي وفات بعد سندس جوان سال پڙهيل عالم نياڻي مسماة صاحب خاتون شاگردن کي پاڻ پڙهائڻ لڳي ۽ پنهنجي والد جي علمي خدمتن جو بار کنيو. اُها

---

(۱) - سمائي "مهراڻ" سوانح نمبر ۱۹۵۷ع سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ص - ۱۵۲

[۲] - مولانا غازي خان ۽ مولانا مولاداد بوهڙ، اهي ٻئي عالم سرڪاري طرح ٽوڙهيءَ ۾ مقرر هئا ۽ ان زماني ۾ ٽوڙهيءَ ڀڳ هڪ زمين "خالصه" ڪري هئي جنهن جي پيداوار ۾ جي قاضين ۽ ٽوڙهيءَ جي عالمن ۽ ٽوڙهيءَ جي پوليس صوبيدار لاءِ وقف هئي. ان وقت رقم پگهار ۾ ڏيڻ جو رواج نه هو. ان ڪري جنس جي صورت ۾ اَنُ ڏنو ويندو هو. (بروايت مولوي عبدالحئي چانڈيو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 307

محترمہ تیستائین پڑھائیندي رهي. جیستائین سندس شادي رئیس محمد عالم خان توسئي گوٺ ڏهني" واري سان ٿي. پوءِ مدرسو نوڙهي بند ٿي ويو. مولانا کریمداد به مذکوره مائي وٽ به چار مهينا فارسي پڙهي گوٺ رئیس غلام قادر چانڊیو (جاگیر) ۾ وڃي میان علي شیر چانڊیو صاحب وٽ فارسي پڙهڻ لڳو(۱) نوڙي وقت کان پوءِ اتان نڪري درياءِ جي پار گوٺ ڪمال ديري ۾ مولوي میان غلام محمد صاحب وٽ وڃي فارسي پوري ڪيائین. سندس والد صاحب گهروکم لاءِ مٺس سڏيندي ڪئي جنهن ڪري سندس تعليم ۾ رُڪاوٽ پئي پيو ان ڪري مولانا کریمداد وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي والدين کان بنا موڪلائڻ جي گهران نڪتو. ۽ اچي گڙهي یاسین (هينئر ضلعو شڪارپور) ۾ مولانا محمد هاشم وٽ صرف (عربي گرامر) شروع ڪيائین. مولانا کریمداد گڙهي یاسین ۾ جڏهن وقت رهيو ۽ اُتي شرح جامي، نورالانوار، شرح الوقايه، مشڪوات شريف، جلالين شريف ۽ بديع الميزان تائین پڙهي پوءِ اتان به چڏي هندستان هليو ويو. جتي مختلف هنڌن تي رهيو. جیئن ته سهانپور، ڪانپور، رامپور، بريلي، لکنؤ، سنبل مينڊو، دهلي ۽ ڪلڪته، نيٺ پچاري ۾ گنگا ندي جي ڪناري يا گرد نواح ۾ تحصيل رُڙڪي ضلعو سهانپور جي گوٺ رامپور ۾ مولانا عبدالرحيم رامپوري وٽ پڙهيو. اڃا اٺڪل ڏهه سال گذريو ويس پر گوٺ وارن کي کو احوال نه ڏنائین. آخرڪار سندس پيءُ ڪي مولانا محمد هاشم گڙهي یاسین واري جي ذريعي خبر پيئي جنهن کان پوءِ سندس والد صاحب هندستان وڃي گنگا واري مدرسي ۾ کيس گولي لڌو. مولانا کریمداد به ان وقت آخري ڪتاب پڙهي رهيو هو. پوءِ والد صاحب جي اسرار ۽ پنهنجي استاد جي هدايت تي پنهنجي والد صاحب سان واپس

---

(۱) - مولوي عبدالحي چانڊیو (مولانا کریمداد جوپوٽو) کان ۱۱-۳-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 308

موتي آيو ۽ موتندي پنهنجي پيءُ کان اجازت ورتي رياست بهاولپور (پنجاب) جي شهر 'پنگ' ۾ جتي سندس جو مشهور استاد مولانا نظر محمد صاحب پڙهائيندو هو، ان مدرسي ۾ پهتو. هتي مولانا کريمداد 'ميبذي'، 'تنويح تلويح'، 'مطول' پورا کياءِ کي کتاب نئين سر شروع کرائين. آخر ۾ استاد نظر محمد جي تاکيد سان کتاب 'مسلم الثبوت' پڙهيائين. مولانا نظر محمد دستار بندي ڪان اڳ اهو کتاب ضرور پڙهائيندو هو. ان ريت مولانا کريمداد هتي ۳ سال رهيو ۽ هتي گڏوگڏ 'سماع' [۱] به ڪيائين. ڪيس استاد جي فيض ۽ برڪت سان وڏو استعداد حاصل ٿيو. هتي سندس ذهن کليو. ايتري قدر جو ۳۰ ورق به سبق پڙهي ويندو هو ۽ استاد ويڻو ٻڌندو هو. آخرڪار ٽيرهن سالن جي مسلسل پڙهڻ، سخت مسافري ۽ ڪشالا ڪيڻ بعد انڪل ۳۰ سالن جي عمر ۾ علم جي تحصيل ڪري دستار بندي ڪرائين.

مولانا کريمداد فارغ التحصيل ٿي جڏهن پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو تہ ۱۵، ۱۶ سال ٻاهر رهڻ ڪري ڪيس مائٽ سڃاڻي نہ ٻئي سڳيا [۲]

---

[۱] - سماع جو مطلب آهي تہ استاد شاگردن کي جڏهن پڙهائي تہ ان وقت شاگردن جي اعتراض جا جواب. ڪتاب جي عبارت ۽ مطلب تہ بحث بابت جواب ۽ سمجهائڻ ڏئي (يعني عربي طريقہ تعليم جا مسئلن جا جواب ڏيڻ) استاد ان طريقہ تعليم کي عربي مدارس ۾ 'سماع' چوندا آهن مولانا کريمداد به اهڙي تعليمي تربيت ۾ تدريس جو انداز سکي پوءِ ڳوٺ واپس آيو ان مان معلوم ٿيو تہ عربي مدارس وارا نہ رڳو پڙهندا ۽ پڙهائيندا پر طريقہ تعليم جي سکيا به ڏيندا هئا ترجمئن ادهو استادهين کي پڙهائي سگهي. (بروايت مولوي عبدالحي چانڊيو)

[۲] - مولانا کريمداد هندستان وڃڻ کان اڳ شادي ڪئي هئي، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ به هو. پر هن جي هندستان وڃڻ کان بعد سندس نرال ۽ پٽ ٻئي وفات ڪري ويا. جڏهن تعليم کان فارغ ٿي ڳوٺ آيو تہ هن ۱۸۸۶ع ڌاري ٻي شادي ڪئي.

(بروايت سندس پوٽو عبدالحي چانڊيو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 309

بهرحال مولانا کريمداد چانڊيو گوٺ لوڙهي بجار جي رئيس بجار خان، رئيس مانجهن خان ۽ رئيس غلام حسين زميندار لوڙهي جي اسرار تي لوڙهيءَ ۾ مدرسو کولي درس تدريس جو ڪم شروع ڪيو ۽ مدرسي وڏي ترقي ڪئي آهسته آهسته مدرسي جي اهڙي شهرت ٿي، جو برصغير کان سواءِ افغانستان کان به طالب العلم اچڻ لڳا. جڏهن شاگردن جو تعداد وڏي ويوتہ وقت جي مشهور علماء جون خدمتون حاصل ڪيون ويون، هڙوڪ، مولانا عبدالغفار شاهه، مولانا اميد علي جيڪب آبادي، مولانا مخدوم اميراحمد کهڙائي، مولانا عبدالقيوم ديوبندي، مولانا غلام رحماني (هزاره) مولانا ولي محمد ابڙو ڪنڊوڙو وارو شامل آهن. مولانا ڪريمداد ان دوران حج به ڪري آيو. مولانا ڪريمداد صاحب کان جيڪي شاگرد فيض ياب ٿيا تن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن مان چند نالا پيش ڪجن ٿا:

مولانا محمد مختار پرڏيهي جاگير بند، مولوي محمد علي جانوري غيبي ديرو، مولوي پير بخش خاراني خاران، مولوي عبدالحميد خروس بني شاهه وگهڙ تعلقو ڊرتو ديرو مولوي فيض محمد بني ميروخان، مولوي دين محمد چانڊيو بني ميروخان، مولوي ابوبڪر لاسي، ميريور ساڪرو ٻٽو، مولوي غلام رسول چانڊيو گوٺ قاضيخان شيخ، قاضي تاج محمد بروهي (استاد والي قلات بلوچستان) مولوي ولي محمد ابڙو ڪنڊوڙو وارو، مولوي عبدالرؤف ابڙو ڪنڊو وارو، مولوي خيرمحمد مگسي سجاول ٻٽو، مولوي محمد موسيٰ مڪران، مولوي جان محمد وگهڙ گوٺ عالي ڪبر تعلقو وارهه، مولوي الله بخش ٽوڻيو لوڙهي بجار، مولوي دين محمد ٽوڻيو لوڙهي بجار، مولوي عبدالعزيز شاهه ڪنڊو، مولوي سعدالله ٽوڻيو لوڙهي بجار، مولوي غلام محمد لاڙ، مولوي محمد افضل لاڙ، مولوي محمد چنجڻي نصيرآباد، مولوي محمد ملوڪ کوري گڙهي خيرمحمد ڪرٻيو، مولوي عبدالحڪيم معرفاڻي، سندس نياڻو مولوي عبدالمجيد لاشاري جانڊاهي تعلقو وارهه،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 310

مولوي عبدالحڪيم نوٽڑهي ۽ سندس وڏو فرزند مولوي فضل حق ۽ ٻيا. (۱)

مولانا ڪريمداد جي مشهور همعصر عالمن ۾ مولانا غلام عمر جلوٽي، مولانا عبدالغفور همايوني، مولانا عبدالڪريم ڪورائي، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا حسن الله پاتائي، مولانا محمد صالح رهڙو شريف، مولانا محمد عمر گوٽ ڪنڌهري، مولانا محمد مبارڪ جندو ديرو، مولانا پير محمد جوناڻ واري، مولانا پير ارشاد الله 'لالو' (شاگرد)، مولانا اميدعلي جيڪب آبادي، مولانا محمد عظيم شيدا، مولانا خادم حسين جلوٽي، مولانا عبدالرزاق صاحب (ڪوٽڪي)، مولانا محمد امين (ٽيرهي)، مولانا شمس القمر (سابق وزير معارف قلات بلوچستان) مولانا عبدالوهاب اوسڻ، مولانا عبدالحڪيم سومرو (گوٽ شاهل ستدايو)، مولانا بابي خان اوستره محمد (بلوچستان) جانالا قابل ذڪر آهن. (۲)

مولانا ڪريمداد نقشبندي طريقي جو بزرگ هو. سندس سلسلو بيعت چشموي بزرگ مولانا محمد عمر جان سان هو. مولانا دين جي معاملي ۾ ڏاڍو سخت هوندو هو. غيرشرعي رسمن ختم ڪرڻ لاءِ ڏنبو ڪٽي هلندو هو. عام ديني تبليغ سندس زندگيءَ جو مقصد هو. سندس ديني خدمت جي ڪري وڏي عزت هوندي هئي. بنا ڪنهن لالچ جي مدرسي ۾ اٽڪل ست سال پڙهايائين ۽ پنهنجي خاندان ۾ ديني علم ورثي ۾ ڏيئي ويو جو اڄ تائين سندس پوٽن ۽ ڏوهٽن تائين هلي ٿو. جنهن جو مثال سندس پوٽو عبدالحي آهي، جيڪو هڪ سٺو عربيءَ جو عالم آهي.

---

(۱) - مولوي عبدالحي چانڊيو (مولانا ڪريمداد جو پوٽو عمر ۶۳ سال) کان ۱۱ اپريل ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - سامهي "معراڻ"، سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع، محمد قاسم، "مرحوم مولانا ڪريمداد چانڊيو" (مضمون) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص. ۱۵۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 311

غلام علام مصطفیٰ قاسمي مولانا کریمداد کي ان دور ۾
اتر سنڌ جي وڏن مفتين ۾ شمار ڪيو آهي. (۱)

مولانا کریمداد صاحب کي اولاد ۾ ٻه پٽ مولوي فضل حق
۽ مولوي محمد قاسم ۽ هڪ نياڻي ٿي. مولوي محمد قاسم جو پٽ مولوي عبدالحي
حال حيات آهي

مولانا کریمداد سڄي عمر ديني درس تدريس ۾
گذاري ۽ سن ۱۳۵۶ھ/۱۹۳۷ع ۾ دل جي دوري پوڻ سبب انتقال ڪيو ۽
سندس آخري آرامگاھ 'نوڙهي مجاور' ۾ آهي. (۲)

---

(۱) - عبدالوهاب چاچڑ مولانا، ماهنامه "شريعت" الفتاویٰ الشرعية نمبر،
مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي، "سنڌ ۾ فتويٰ جو فن" (مضمون)
ص - ۱۵

(۲) - مولوي عبدالحي (مولانا کریمداد جو پوٽو، عمر ۶۳ سال، ساکن
قنبر) کان ۱۱ - اپريل ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 312

(الف) مولانا عبدالرّحمان ڏامراهو.

مولانا عبدالرّحمان ولد عنايت الله ذات جوپنهور هو. پر جيئن ته سندس پاڙو ڏامراهو هو، تنهنڪري سندس ذات ڏامراهو مشهور ٿي وئي آهي. سندس خاندان صدين کان وٺي ”ڏامراها“ تعلقي لاڙڪاڻي ۾ مقيم آهي. مولانا صاحب جا وڏا ميرن جي صاحبيءَ ۾ حڪومت جي ڪن ملڪيه عهدن تي فائز هئا. سندس والد بزرگوار وڇولي طبقي جو زميندار ۽ آبادگار هو. مولانا عبدالرحمان جي ولادت ”گوٺ ڏامراها“ ۾ ۲۷ رجب ۱۲۶۸ھ/ ۱۸۵۲ع ۾ ٿي. (۱)

مولانا عبدالرّحمان جي والد کي هاريءَ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. تنهن ڪري پنهنجي زمين پاڻ ڪندو هو ۽ هن پنهنجي پٽ عبدالرّحمان کي به ڪيتيءَ جي ڏندي ۾ لڳائي ڇڏيو هو. پر جڏهن سندس فرزند جي عمر ۱۲ سال ٿي تڏهن ڪن دوستن جي چوڻ تي ڪيس پنهنجي گوٺ جي نزديڪ بنگل ديري ۾ ان وقت جي مشهور عالم ۽ هڪ سني مدرس مولانا عبدالله بنگل ديرائي وٽ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو. جتي مولانا عبدالرّحمان فارسيءَ جي ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ان کانپوءِ صرف ۽ نحو ۾ رياست بهاولپور پنجاب جي شهر ”پنگ“ ۾ وقت جي جيّد عالم مولانا نظر محمد وٽ پوري ڪئي. بعد ۾ عربي تعليم ڳوٺڪي ضلعي سکر ۾ مولانا قمرالدين انڙ وٽ حاصل ڪئي. جيئن ته مولانا عبدالرّحمان ننڍي هوندي کان ئي ذهين، هوشيار ۽ محنتي هو، تنهنڪري هن ٿوري ئي عرصي ۾ سڄو عربي ۽ فارسي نصاب مڪمل ڪيو ۽ آخر ۾ ديني سند ”گوٺ همايون“ تعلقي شڪارپور ۾ سند جي مشهور ديني عالم ۽ بزرگ مولانا عبدالغفور همايوني وٽان حاصل ڪئي.

---

(۱) - مولانا عبدالرّحمان جي پائٽي ۽ شاگرد مولوي عنايت الله کان تاريخ ۲۴.۷.۸۸ تي ورتل انٽرويو. مولانا عنايت الله جي عمر هينئر ۸۰ سال آهي ۽ ڏامراهه گوٺ ۾ مقيم آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 313

سندس دستاربندي به مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي هٿان ٿي. (۱)

مولانا عبدالرحمان فارغ التحصيل ٿيڻ بعد پنهنجي گوٺ ڏامراهڻ ۾ مدرسي محمدي ۾ درس تدريس جو سلسلو شروع ڪيو. سندس علمي هاڪ ٻڌي پري پري کان شاگرد ونڊ پڙهڻ لاءِ اچي حاضر ٿيندا هئا. ونائس ڪيترائي طالب العلم ديني فيض حاصل ڪري ڪامياب جي درجي تي پهتا جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:- مولانا غلام رسول جتوئي مُحرابپور، تعلقو ڏوکري، مولانا محمد حسن شهر جوهيءَ ضلعو دادو، مولانا محمد هاشم واعظ الاسلام ضلعو سکر، مولانا خوش محمد ميرواڻي ضلعو ٽنڊو محمد خان، مولانا محمد صالح ضلعو دادو، مولوي حاجي حافظ احمد يار درگاهه ملڪاڻيار ضلعو بدين، خليفو مولانا فتح محمد گلال گوٺ ڏامراهڻ، مولانا درهه محمد خاڪ گوٺ ڪانڊڙا ٻگ نهير آباد ضلعو ٽنڊو محمد خان ۾ سندس پاڻيو مولوي عنايت الله ڏامراهي شامل آهن. (۲)

مولانا عبدالرحمان عربي زبان ۾ ڪافي مهارت رکندڙ ۽ هڪ سٺو مدرس ۽ مفتي هو. جڏهن درس تدريس سان گڏ فتويٰ نويسيءَ ۾ شرعي فيصلن جو ڪم گهڻي انداز ۾ ڪيو. ان سلسلي ۾ سندس شهرت پري پري تائين پهتي. ان ئي سبب هو جو مولانا عبدالرحمان کي بلوچستان جي مرڪزي جي مڪ سردارن کوٺيا گهرايو ۽ ڪيس ديني فتوائن لاءِ جرڳي ۾ قاضيءَ طور مقرر ڪيو. مگر هن بزرگ کي اتي اطمينان حاصل ڪرڻ ٿيو ۽ جلد ئي واپس گوٺ موٽي آيو مولانا صاحب جي خداداد قابليت ۽ علم خضريءَ جي ڪري پير پاڳاري حضرت شاهه مردان شاهه

---

(۱) - مولوي عنايت الله ڏامراهيءَ کان ورتل انٽرويو.

(۲) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 314

اول پنھنجي صاحبزادي ۽ ولي عهد پير صبغت الله شاه ثاني [۱] کي پڙھائڻ واسطي ۽ مدرسہ راشديہ پير گوٺ ۾ تدريس، قضاء فتويٰ لاءِ کيس مدرسي جو مهتمم ۽ مفتي مقرر ڪيو. مٺ شاه مردان شاه پاڳاري جوڏو وارهو. درگاه پيرپاڳاري مان کيس روحاني فيض به حاصل ٿيو. پير گوٺ ۾ تقريباً ۲۰ - ۲۵ سال ديني خدمت ڪرڻ کانپوءِ ۱۹۲۳ع پير شاه مردان شاه جي وفات کانپوءِ وري واپس پنھنجي گوٺ ڏامراهن ۾ آيو ۽ هتي تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. ان عرصي دوران هن گوٺ جي جامع مسجد نئين سر تعمير ڪرائي ۽ ان سان لڳ هڪ حجرو به ٺهرايائين جنهن ۾ پاڻ تدريس جو ڪم ڪندو هو.

---

[۱] - پير صبغت الله شاه ثاني ولد شاه مردان شاه (ڪوٺ ڏيڻي) جي ولادت ۱۳ صفر سن (۱۳۲۷ھ/۱۹۰۹ع) ۾ ٿي. سيد صبغت الله شاه ۱۲ ورهين جي ننڍي وهي ۾ تخت ۽ طاقت جو صاحب ٿيو ۽ 'پير پاڳاري' جي حيثيت ۾ دستار بندي ڪيائين. پير صاحب پنھنجي وڏن وانگر انگريزن جو سخت مخالف هو. پاڻ هڪ آزاد طبع جو مالڪ هو، جنهن کي خارجي ضابطن خلاف نفرت هئي. ان ڪري حڪومت طرفان مٺ ڪيئي ڪيس مڙهيا ويا. کيس ۱۹۳۰ع ۾ ڏهن سالن جي سزا ڏيئي سنڌ کان ٻاهر اماڻيو ويو. ان دوران پير صاحب جي حُرن فقيرن ٿي به ڏاڍيون سختيون ڪيون ويون. 'حُرن' به انگريزن سان سخت مقابلا ڪيا ۽ ڪيترائي 'حُر' مارن ۾ پڃن سميت مارجي ويا. حڪومت طرفان پير صاحب ٿي بغاوت جو مقدمو قائم ڪيو ويو. ۽ آخر ڪار کيس قاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي. اهڙي طرح هي مرد مجاهد ۲۰ مارچ ۱۹۴۳ع تي سر ڏيئي سُرهو ٿيو. سندس مقدمي دوران انگريز حڪومت طرفان ڪن ماڻهن کي موڪليو ويو ته جي ڪڏهن هو معافي وٺي ته حڪومت سندس معافيءَ ٿي غور ڪندي. "پر پير صاحب چيو ته معافي هڪ الله ۽ ان جي رسول کان وٺبي، ٻئي ڪنهن کان ڪهڙي معافي وٺبي؟"

(تماهي معراڻ، سوانح نمبر ۱۹۵۷ع - ص - ۲۵۲ - ۲۵۹ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 315

مولانا عبدالرحمان ديني تصنيفات ۾ 'فتوىٰ رحماني' نالي هڪ وڏو مجموعو تيار ڪيو، جنهن ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ۾ ڪيترين فتوائن ۽ تحريرجمع ٽيل آهن. سندس مجموعي ۾ ڪجهه فتوائون سندس هٿ اکرن ۾ ڪيل آهن. باقي سندس ٻئي صادر ٽيل فتوائون سندس شاگردن مان ستن ڪاتبن جون ڪيل آهن. سندس اهو ضخيم جلد مولوي عنايت الله ڏامراهي وٽ موجود آهي. مولانا صاحب جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته هن گهوٽ بيان 'پير گوٺ' ۾ پير پاڳاري جي مدرسي ۾ رهڻ واري عرصي دوران ڪيو آهي، جڏهن اهو ايتي مُدرس ۽ مهتمم هو. ان جو ثبوت سندس ڪن تحريرڪيل فتوائن ۽ تحريرن جي آخر ۾ 'مُدرّس مدرسه پير شمس العلماء پاڳارو' جا الفاظ ڪيل آهن تن مان ملي ٿو. (۱)

مولانا عبدالرّحمان سن ۱۳۰۷ھ/ ۱۸۹۰ع ۾ حج جي فريضي ادا ڪرڻ لاءِ حرمين شريفين ويو هو. هن اتان گهڻائي عربي ديني ڪتاب وڏي تعداد ۾ خريد ڪري پنهنجي ڪتب خاني ۾ آڻي رکيا. سندس ذاتي ڪتبخاني ۾ هزار روپين جا ڪتاب جيڪي خاص ڪري فقه ۽ منطق تي مشتمل هئا موجود هئا. جيڪي سندس وفات کان بعد پوين جي لاپرواهيءَ ڪري گم ٿي ويا.

مولانا عبدالرّحمان ڏامراهو تصوف جي سلسلي نقشبنديه طريقي جو هو. سانس سروڻ ۽ ڪاڇ روپ کان بلڪل پرهيز ڪندڙ هو. سندس قول آهي ته،

"جنهن قوم جو چاهه سانس سروڻ سان آهي اها قوم روحاني طور تباهه ٿي ويندي."

مولانا صاحب هڪ بردبار ۽ اوچ انسان هو تدريسي مشغوليءَ جي باوجود پنهنجي کيتيءَ جي ڪمن جي به نظر داري ڪندو هو ۽ هميشه خوش خلق رهندو هو. مولانا صاحب بدن ۾ ٻرڙ، قد جو وڻندڙ، رنگ جو ڳورو، پيشاني کشادي، نوراني چهرو، شڪل شبيه جو سهڻو، ڏاڙهي گهاڻي ۽ چاپيئن، ۽ شرعي نمونيجا ۽ پوشاڪ هميشه سفيد ۽

---

(۱) - عبدالرّحمان ڏامراهو مولانا، 'فتوىٰ رحماني'، قلمي، ص - ۵۲۱ - ۵۲۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 316

صاف ستڑي پائيندو هو، سندس شخصيت رعبدار هئي، صوم صلوٰة جو سخت پابند هو نيڪ ڪار ماڻهن کي گهڻو پائيندو هو ۽ هميشه گفتگو قرآن ۽ حديث موجب ڪندو هو. (۱)

مولانا عبدالرحمان جيتو ٽيڪ هميشه سادو رهندو هو، سادي طبيعت جو انسان هو ۽ ڪڏهن به پاڻ کي خود پسند نه ٻڌايائين. تاهم چند علمي فيض جون ڪرامتون ڏيکاريائين. اهڙن مان سندس هڪ ڪرامت هيٺين بيان ڪئي وڃي ٿي، هڪ دفعي ڳوٺ ڏامراهن ۾ هڪ غريب جي گهر کي اوچتو اڇي باهه لڳي. سخت گرمي جي موسم هئي ۽ جهولو به تيز لڳي رهيو هو. ماڻهن باهه وسائڻ لاءِ وس ڪيا مگر باهه نه وسامي. مولانا صاحب خبر پوڻ شرط ان جاءِ تي پهتو ۽ ٽن ڪچن پترن تي ڪجهه پڙهي دمڪ ڪري باهه ڏانهن اڇلايائين. پهرئين پٽ اڇلائڻ سان باهه جو رُخ منجي گهڻ کان پي خالي طرف ڏانهن ٿيو وري ٻئي پٽ اڇلائڻ سان باهه جو زور گهٽيو. آخر ٽئين پٽ اڇلائڻ سان باهه هڪدم ٺڏي ٿي ويئي، ۽ اهڙيءَ طرح سڄو شهر باهه جي خطري کان بچي ويو. (۲)

مولانا عبدالرحمان پنهنجي سڄي حياتي خدا جي ياد ۽ ديني علم پڙهڻ پڙهائڻ ۾ بسر ڪئي. پهرين مهاپاري لڳائي هلندي سنڌ ۾ جيڪا ڪالرا جي بيماري پئي، سا مولانا جي اَجل جو بهانو ٻڌجي آئي. اهڙيءَ طرح پاڻ ۱۱ صفر ۱۳۴۸ھ/ ۱۹۲۹ع ۾ ۷۷ ورهين جي عمر ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. مولانا صاحب جي آخري آرامگاهه جامع مسجد ڏامراها جي لڳ قبرستان ۾ آهي.

---

(۱) - مولوي عنايت الله ڏامراهي کان ورتل انٽرويو.

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 317

مولانا عبدالرحمان کي اولاد ۾ هڪ پٽ نالي شاه محمد هو، جيڪو پڻ وفات ڪري ويو آهي. هينئر مولانا جي پشت ۾ سندس ٻه پوٽا ۽ سندس پائٽيو مولوي عنايت الله جنهن جي عمر ۸۰ سال آهي حال حيات آهن.

مولانا عبدالرحمان جي وفات تي سندس هڪ همعصر شاگرد ۽ خليفي مرحوم مولوي فتح محمد "احقر" قطع تاريخ وفات لکيو آهي جيڪو هن طرح آهي:-

علاله عالمان وبلغای دوران
سلاله سالکان فضلای گیهان
محقق با فکر صائب خداداد
بفتوی شرع را نسخ همچو نعمان
قطع کن سخن "احقر" از غم دل
برایش خون از غفار غفران
خدا بخشد ورا در دار عقبی
مقام صالحان فردوس یابان
ز رحماد خدا با خود شغل دید
از و تاریخ سالش نیز بر خوان (۱)

---

(۱) - مولوي عنايت الله ڏاڙهي کان وڏو انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 318

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا عبدالرحمان ڏامراهو لاڙڪاڻي ضلعي هن پنهنجي سڄي حياتي ديني علم پڙهڻ پڙهائڻ ۾ گذاري. هن وٽان ڪيترائي طالب العلم فيض ياب ٿياجن جو ذڪر متي ٿي چڪو آهي. مولانا صاحب هڪ سٺو محرّر، مدرس، فقيه ۽ مفتي هو. مولانا صاحب جي قلمي مواد ۾ 'فتوىٰ رحماني' نالي هڪ فتوائن جو مجموعو آهي، جنهن کي جيڪڏهن بيان چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. سندس مجموعو ۵۲۵ صفحن تي مشتمل آهي. سندس انهيءَ بيان ۾ مختلف ديني فقهي مسائل اعتقادي ۽ فروعي مسئلن جي متعلق استفتاء ۽ انهن جا جواب بيان ٿيل آهن. مولانا سڀني تحريرن ۽ فتوائن جا جواب قرآن، حديث ۽ فقه جي روشنيءَ ۾ ڏنا آهن.

مولانا عبدالرحمان جي سموري قلمي ڪاوش ديني اشاعت ۾ هڪ واڌارو آهي. سندس تحريرڪيل 'فتوىٰ رحماني' مان ٻن تحريرن جو خلاصو هيٺ پيش ڪجي ٿو

سوال:-

غير مسلمانن جي زباني طور تي الله تعالىٰ کي ميڻ جي شرعي حيثيت (۱)

مولانا عبدالرحمان پنهنجي هن فتوىٰ ۾ هن مسئلي تي سير حاصل بحث ڪيو آهي. جيئن تہ هي هڪ اعتقادي مسئلو آهي، تنهنڪري اهو ديني لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو، جنهن جو خلاصو هيٺ پيش ڪجي ٿو. بحث جي آغاز ۾ مولانا صاحب لکي ٿو:-

---

(۱) - عبدالرحمان ڏامراهو مولانا، 'فتوىٰ رحماني'، قلمي بياض، ص - ۵۲۰ اصل ڪاپي سنڌ يونيورسٽي مولانا عنايت الله ڏامراهي وٽ، گوٺ ڏامراهن ۾ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 319

"ايمان جا به رکن هوندا آهن، پهريون اقرار بالسان ۽ ٻيو تصديق بالقلب يعني زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ دل سان مڃڻ. ڇڙي نمونی وياج جي مسئلي ۾ 'نور' ۽ 'جنس' به رکن هوندا آهن. ساڳئي نمونی ايمان جا به رکن آهن، جن تي ويساهه رکڻ سان ماڻهو مسلمان ٿيندو. ان سان گڏوگڏ مشرڪانه ڪمن جي ارتڪاب سان محض زباني اقرار کي اقرار نه سمجهيو ويندو. اهڙي مشرڪانه افعال جي موجودگيءَ ۾ محض تصديق به اعتماد جوڳي نه آهي." (۱)

مولانا عبدالرحمان پنهنجي هن راءِ جي ثابتي لاءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي بيان جا حوالا ڏنا آهن. ان کانسواءِ پين به ڪيترن ئي ديني عالمن جون روايتون ۽ اقوال حوالي طور آندا آهن ۽ پڻ مولانا پنهنجي راءِ جي ثبوت ۾ استدلال ۽ شرعي نصوص پيش ڪيا آهن. مولانا صاحب اتي، هن سوال جي جواب ۾ ته نصاريٰ الله کي مڃن تا تنهنڪري انهن کي موحد چوڻ گهرجي؟ جي جواب ۾ ڪيو آهي ته الله جي وحدانيت جو اقرار ڪندڙ صرف اهو تي سگهي ٿو جيڪو اهڙي اقرار سان گڏ گڏ ان جي مطابق عمل به ڪري. مخدوم محمد هاشم پنهنجي قول جي استدلال لاءِ قرآن حڪيم جي هيءَ آيت [۲] ۽

وَمَا يُؤْمِنُ أَكْثَرُهُمْ بِاللَّهِ إِلَّا وَهُمْ مُشْرِكُونَ [۲] (۽ منجهائن گهڻا الله تي ايمان نه آڻيندا آهن، پر اهي (شرڪ) الله سان شريڪ ٺاهيندا آهن)

---

(۱) - عبدالرحمان ڪامراهو مولانا، فتوىٰ رحماني (قلمي)، ص ۵۲، اصلي ڪاپي مولوي عنايت الله ڪامراهي وٽ موجود آهي.

[۲] - قرآن حڪيم، سورة يوسف، آيت ۱۰۶ پاره ۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 320

جي تفسير بيضاوي ۽ جي حاشيه الشهاب تي هڪ قول پيش ڪيو آهي تہ ايمان متعلق زباني اقرار شرڪ جي اسباب جي ارتڪاب جي موجود گيءَ ۾ قابل قبول نہ آهي. تنهنڪري هن ملڪ جا ڪافر توڙي جو الله جي اڪيلي هجڻ جو اقرار ڪن تا، پر جڏهن تہ ان اقرار سان گڏ اهي بتن، سج، چنڊ ۽ پاڻ جي پوڄا ڪن تا، تڏهن انهن جا اهي ڪم سندن الله جي هيڪراڻي واري زباني اقرار کي ڪوڙو ڪن تا. لهٰذا انهن کي مشرڪ ئي چئبو جو هو الله کي به ماڻين تا ۽ الله کان سواءَ ٻين جي به عبادت ڪن تا. بلڪل اهڙي طرح ڪو مسلمان جڏهن ڪنهن بت کي سجدو ڪري ۽ زبان سان پنهنجي مسلمان هجڻ جي دعويٰ به ڪري تہ اهو مشرڪ ۽ مرتد آهي ان جي زباني دعويٰ کي ڪابه حيثيت نہ آهي. مخدوم صاحب آگتي هلي علامہ لقماني جو هڪ نقل پيش ڪري تہ سڀني مسلمانن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ بت، سج، چنڊ ۽ باهہ کي سجدو ڪرڻ خاص ڪافرن واري پوشاڪ پهرڻ يا جنيو وغيره پهڻ اهي سڀ ڪفر جا ڪم آهن. پوءِ اسلام جي دعويٰ هوندي به جيڪڏهن ڪو شخص اهڙن ڪمن جو ارتڪاب ڪندو تہ ان کي ڪافر چئبو.

مولانا عبدالرحمان هن سلسلي ۾ مخدوم صاحب جو هي نقل به پيش ڪري تہ بتن جي تعظيم ڪرڻ ڪافرن جي عبادت آهي، ۽ هي انهن کي سجدو ڪرڻ تہ تعظيم جي انتها چئبي. ان متعلق شرح عقائد جي حاشيه "خيالي" ۾ بيان ٿيل آهي تہ اها تصديق جيڪا تڪذيبي علامتن سان پرچو هجي، سا تصديق نہ آهي جو تہ ايمان ان تصديق جو نالو آهي، جنهن ۾ تڪذيب جي ڪابہ نشاني نہ هجي. مولانا عبدالرحمان هن سلسلي ۾ شرح دهلويءَ جي ڪتاب "مشڪوٰة شريف" جي هڪ حاشيه جي عبارت ۽ نقل ڪئي آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص اقرار تصديق ۽ عمل سان گڏ ڪا هندڪي رسم ادا ڪري لوڙهو ڪ جنيو پهڻ وغيره يا ڪنهن بت کي سجدو ڪري تو، يا هڪ اهڙي عمل جو ارتڪاب

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 321

ڪري تو، جنهن کي شارع [١] انڪار ۽ تڪذيب ۾ شمار ڪيو آهي تہ اهڙي شخص کي ڪافر چئبو ڇوتہ اهڙو عمل جيڪو ڪفر سان مخصوص آهي، ان جو ارتڪاب بہ ڪفر تي دلالت ڪندو آهي .

مولانا عبدالرحمان وڏيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو :-

"فقيہ اڪبر" جي شرح ۾ لکيل آهي تہ جنهن شخص پنهنجي ريتن رسمن ۾ مجوسين جون ريتون رسمون اداڪيون ۽ انهن سان مشابهت ڪئي . مثال طور مجوسيءَ جي خاص توپي من پنهنجي منڊي تي رکي وغيره ، يا پنهنجي شڪل صورت کي يهودين ۽ نصارن سان مشابهه ڪئي پوءِ چونہ ڪٽي يوءِ ۽ چرچي طور هن ايئن ڪيو هجي ، پر تڏهن بہ اهو ڪفر جو ڪم آهي . انهيءَ طرح مولانا هڪ ٻيو نقل پيش ڪري ٿو تہ :-

---

[١] شارع مان مراد حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن آهن . سندن ڪنهن بہ حڪم جو انڪار ڪرڻ ڪفر ۾ شمار آهي . چاڪاڻ تہ قرآن حڪيم ۾ آهي تہ وَمَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا رجيڪو رسول اوهانکي ڏئي ان کي وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي جهلي ، ان کان پاڻ کي روڪيو) تفسير شارع عليه السلام جي حڪم جو انڪار ڪرڻ بہ ڪفر جو ڪم آهي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 322

"جي کڏهن کو شخص 'نوروز' [۱] جي ڏينهن هڪ اهڙي شيءَ خريد کئي جيکا هن اڳ کڏهن به خريد نه کئي هئي ۽ ان خريد کرڻ سان سندس نيت 'نوروز' جي ڏينهن جي تعظيم کرڻ هجي، جيئن مشرڪ 'نوروز' جي تعظيم کندا آهن تہ اهو به ڪفر آهي. ايتري قدر به هن متعلق بيان ٿيل آهي تہ هڪ شخص ۵۰ سال لڳولڳ الله جي عبادت کئي، پوءِ 'نوروز' جي ڏينهن مشرڪن وٽ آيو ۽ سندس دل ۾ ان ڏينهن جي تعظيم آهي تہ سندس اهو عمل به ڪفر جي مصداق آهي." (۲)

---

[۱] - ايرانين جو قومي ڏڻ، جيڪو ماه فروردين جي پهرين تاريخ، ۲۱ مارچ جي هر سال ملهايو ويندو آهي ۽ لڳاتار ڪيترن ڏينهن تائين جاري رهندو آهي. چون تہ اهن جشن جو باني جمشيد بادشاه هو. ان ڏينهن سج، برج حوت کان برج حمل ۾ داخل ٿيندو آهي. ملڪ شاه سلجوقي جي دور (۱۰۹۷ع) ۾ 'نوروز' جو ڏينهن ۲۱ مارچ مقرر ٿيو. عباسين، ساسانين ۽ غزنوين جي زماني ۾ هي جشن سرڪاري طور تي ملهايو ويندو هو، صفوين جي دور ۾ هن کي پرانٽي عظمت ملي. (پروفيسر مقبول بيگ بدخشاني، 'تاريخ ايران' ج - ۱ مجلس ترقي ادب ڪلب روڊ لاهور، ص - ص - ۵۶۸ - ۵۶۹)

هين ملڪن وانگر مصر ۾ به 'نوروز' کي اهميت ڏني ويئي ۽ قبطن ان ڏينهن کي سال جو پهريون ڏينهن قرار ڏنو. المقريزي جو اهو خيال قابل قبول سمجهي سگهجي تہ تہ هي ڏينهن يهودين فرعون کان نجات حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ 'عيد الفصح' جي نالي سان ملهايو. (اردو دائرهٔ معارف اسلاميه، دانشگاه پنجاب لاهور - جلد ۲۲، ۱۹۸۹ع ص - ۵۱۰)

(۲) - عبدالرحمٰن دامرلهو مولوي 'فتوىٰ رحماني' (قلمي بياض) ص - ۵۲۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 323

مولانا عبدالرحمان لکي لکي ٿو:

"من ۾ کوشڪ نہ آهي تہ ذڪي ۽ شڪ جي بنياد تي ڪنهن کي ڪافر جي فتويٰ ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪرڻ تمام غلط ڪم آهي پر تڏهن به ڪي اهڙيون ضروري شيون آهن جن جي ارتڪاب ڪرڻ سان ماڻهو ڪافر ٿي پوڻ جي لڪ. مثال طور دين جي ضروري ڳالهين جو انڪار ڪرڻ، جهڙوڪ نماز ۽ روزو وغيرہ، حرام کي حلال ڄاڻڻ جهڙوڪ شراب ۽ سوئر، اهي سڀ ڪفر جا عقيدا آهن. مطلب تہ جيڪو به شخص شرڪ جا ڪم ڪندو رهندو ۽ انجا اخلاق ۽ عادتون ۽ اعمال مشرڪانہ هوندا تہ اهڙو شخص ڪافر جي حڪم هيٺ هوندو. مشرڪانہ ڪمن جي ارتڪاب جي حالت ۾ محض عادتي طور ڪلمو پڙهڻ ڪيس ڪنهن به قسم جو نفعو نہ ڏيندو"(۱)

۲- ذڪر سري ۽ ذڪر جهري جي متعلق هڪ فتويٰ

مولانا عبدالرحمٰن هڪ سوال جي جواب ۾ قرآن پاڪ جي آيتن، نبي پاڪ جي حديثن ۽ بزرگان دين جي اقوال جي روشنيءَ ۾ هڪ مدلل فتويٰ تحرير ڪئي آهي، جنهن ۾ هن بزرگ هي ثابت ڪيو آهي تہ جهري ذڪر ڪرڻ جائز ۽ هوريان ذڪر ڪرڻ مستحب آهي. البت مولانا صاحب هي گالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سري ذڪر، جهري ذڪر کان افضل آهي سندس فتويٰ جو خلاصو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

---

(۱) - عبدالرحمان ڏامراهو مولانا، 'ذڪر جهري جائز آهي يا نہ' (قلمي فتويٰ) ص - ۹۰، املي ڪاپي مولوي عنايت الله ڏامراهي وٽ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 324

سوال :- جهري ذڪر ڪرڻ جائز آهي يا نه ؟

جواب :- جائز آهي پر بهتر ايئن آهي ته هوريان ۽ مخفي ڪجي ڇاڪاڻ ته هدايه جي شرح 'النهايه' ۾ لکيل آهي ته اهو ذڪر جنهن جو واسطو جهري ذڪر سان آهي، ان کانسواءِ ٻيو ذڪر مستحب آهي 'هدايه' واري يا ٻين ڪيترن حنفين هن ڳالهه جي تصريح ڪئي آهي ته وڏي آواز سان ذڪر ڪرڻ بدعت آهي. بخاري، مسلم، ترمذي، ابوداؤد، ابن شيبه ۽ ٻين، ابن موسيٰ اشعريؓ کان روايت ڪئي آهي ته "ڇيا ٻئن اسان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان ڪنهن جنگ ۾ گڏ هياسين جڏهن به ڪنهن ميدان ۾ لهون پياڻ ۽ مٿاهين تي چڙهون پيا ته وڏي آواز سان تڪبير چوئون پيا. تڏهن پاڻ سڳورن ويجهو اچي فرمايو ته يَاَيُّهَا النَّاس ارجعوا علي انفسكم فانكم لا تدعون اصمًا ولا غائبًا فان ما تدعون سميعًا بصيرًا ان الذين تدعون اقرب اليكم من عنق راحلة عهدكم [1] (اي انسانو! پنهنجي عادت مطابق هلو ۽ توهان ڪنهن ٻوڑي ۽ پري واري کي نٿا سڏيو بيشڪ جنهن کي توهان سڏيو تا، سو توهان مان هر هڪ جي سواريءَ جي ڪچيءَ کان به ويجهو آهي.

اهڙي طرح آيتون ۽ نصوص سري (مخفي) ذڪر جي مستحب هجڻ تي دلالت ڪن ٿيون. ذڪر جي باري ۾ الله تعالى فرمائي ٿو:

اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّ خُفْيَةً ط اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ [2] (توهان پنهنجي رب کي نيازمنديءَ ۽ آهستگي سان پڪاريو بيشڪ الله تجاوز ڪندڙن کي پسند نه ڪندو آهي) ٻئي هنڌ الله تعالى فرمايو:

---

[1] - حديث

[2] - قرآن حڪيم، الاعراف، آيت ۵۵ پاره ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 325

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغَافِلِيْنَ [۱]

(پنهنجي رب کي نيزاريءَ آهستگيءَ سان، سواءِ وڏي آواز جي صبح ۽ شام جو پڪاريندو رهه ۽ غافلن مان نه ٿيءُ.) سڀني طرح مولانا عبدالرحمان امام رازيءَ جي تفسير جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته الله تعالىٰ جي هر فرمان يعني اُذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ ۾ لکيو آهي ته اُذْكُرْ خُفْيَةً وسرًّا (ذڪر ڪر مخفي ۽ آهستي) من الله جي فرمان دُوْنَ الْجَهْرِ جي معنىٰ لکي آهي (تمام وڏي آواز کان سواءِ) ان مان مراد هيءُ آهي ته ذڪر اهڙي طرح ڪجي جو هوريان ۽ ڏاڍيان جي وچ ۾ هجي. جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي ته وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا [۲] (۽ پنهنجي نماز نه ڏاڍيان آواز سان پڙهه ۽ نه گهٽي جهڪي آواز سان، بلڪ انهن جهڙي ۾ وچولي درجي جي وات اختيار ڪر)

امام بيهقي حضرت سعد بن مالڪ کان ڪتاب شعب الايمان مان هڪ مرفوع روايت آندي آهي، جنهن جو مفهوم آهي ته "بلو ذڪر خفي آهي ۽ بلو رزق اهو آهي، جيڪو پورت ڪري"

هتيان استدلال ڏيئي مولانا عبدالرحمان لکي ٿو:

"جهري ذڪر جيلوڙڪ جائز نه آهي، تڏهن به ان جي منع ٿيل آهي ۽ سري ذڪر، جهري ذڪر کان افضل آهي. جاکاڻ ته حد کان وڌيڪ جهري ذڪر ۾ ڪي خرابيون لازم ٿين ٿيون. مثلاً ماڻهوءَ کي ننڊ مان سڃاڻ ڪرڻ، نماز پڙهندڙ جي دل ۾ رڌلو پيدا ٿيڻ ۽ ان ۾ سهو جو انديشو پيدا هوڻ ۽ خشوع ۽ خضوع ۾ گهٽتائي اچڻ وغيره. مٿين سڄي بحث مان اندازو ٿئي ٿو ته مولانا ڏلراهي جي علمي بصيرت وسيع هئي ۽ هو وقت جو هڪ متبحر عالم هو.

---

[۱] - قرآن حڪيم، الاعراف، آيت ۲۰۵ پاره ۸

[۲] - قرآن حڪيم، سورهه بني اسرائيل، آيت ۱۱۰ پاره ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 326

(الف) سوانح حيات

پير تراب علي شاھ راشدي

پير تراب علي شاھ ولد سيد عبدالله شاھ جي ولادت ضلعي لاڑڪاڻي جي تعلقي قنبر ۾ ۵ ذوالقعد ۱۲۷۴ھ مطابق ۲ جولاءِ ۱۸۵۷ع ۾ ٿي.(۱) سندس تعليم پرائمري جوتفصيل معلوم ٿي نه سگهيو آهي. البت پير علي محمد شاھ راشدي مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ کي سندس استاد ڪوٽيو آهي،(۲) جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ديني تعليم مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ (جيڪو سندس سهرو به هو) وٽ پڙهيو.

پير تراب علي شاھ وڏو ذهين، مدبر، عالم، مبلغ، مقرر، حڪيم، قومي ڪارڪن، آزاديءَ جو پروانو ۽ اسلام جو شيدائي هو. پير صاحب نه فقط تعلقي قنبر جي گوٺ 'ڪورسليمان' ۾ مدرسي 'دارالفيض' جو بنياد وڌو. پر پنهنجي شهر 'علي خان قنبر' ۾ به 'ارشادالعلوم' نالي مدرسو قائم ڪيو. سندس قائم ڪيل مذڪوره ديني مدرسن مان سَوَن جي تعداد ۾ ديني عالم پيدا ٿيا. پير صاحب جي ڪوششن سان مدرسي 'ڪورسليمان' ۽ مدرسه 'علي خان قنبر' ۾ سنڌ جي جيد ۽ ممتاز عالم مولانا عبدالڪريم ڪورائي ۽ مولانا شمس القمر فرزند عالمن پڙهايو ۽ موجوده دور جي معروف جيد عالم علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت"، سکر. سوانح حيات نمبر آڪٽوبر ۱۹۸۱ع ص. ۲۵۶

(۲) - پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شينهن"، جلد پهرين حيدرآباد، ۱۹۸۷ع سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۵۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 327

جڙا ديني عالم پيدا ٿيا. پير صاحب جي حياتيءَ ۾ مدرسہ ارشاد العلوم وڏي اوج
تي هو، پر سندس وفات کانپوءِ اهو مدرسو اجڙي ويو. پير صاحب جو فرزند سيد
عبدالقادر به هن ئي مدرسي ۾ علامہ کوراڻي صاحب وٽ پڙهيو. (۱)

علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ کان روايت آهي تہ پير تراب علي شاه
قنبر علي خان وارو فارسيءَ جو وڏو جاڻو هو. وٽس ڪتبخانو پڻ هو. استاد علامہ کوراڻي
صاحب کي ڪور سليمان مان ونڊي علي خان ۾ رهائش واري تحريڪ ۾ سڃوهت پير صاحب
جو هو. (۲)

لاڙڪاڻي کي ادب ۽ سياست ۾ لحاظ کان وڏي اهميت حاصل
آهي. 'تحريڪ خلافت' جي شروعات به لاڙڪاڻي مان ٿي ۽ انهيءَ تحريڪ انگريز سامراج
جي بنيادن کي اکيڙي ڇڏيو. اهڙي طرح 'تحريڪ خلافت' ۾ نالي اچڻ سان ئي لاڙڪاڻي
ضلعي جون اهم ۽ شخصيتون ذهن ۾ اچي وڃن ٿيون. انهن مان هڪ آهي. 'هجرت
تحريڪ' جو سالار ۽ مرد مجاهد رئيس جان محمد جوڻيجو ۽ ٻيو آهي بيباڪ ۽ اهم سرگرم ڪارڪن
پير تراب علي شاه راشدي. 'تحريڪ خلافت' ۾ پير صاحب جون خدمتون ناقابل فراموش
آهن. جڏهن ترڪيءَ ۾ خلافت بحال ڪرڻ واري تحريڪ شروع ٿي ۽ نومبر ۱۹۱۹ع ۾
دهليءَ ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو پهرين اجلاس شروع ٿيو تہ ان اجلاس ۾ سنڌ
مان حضرت مولانا تاج محمود امروٽي، پير تراب علي شاه راشدي، جان محمد جوڻيجو،
سر عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالعزيز شريڪ ٿيا. خلافت ڪانفرنس جي ان اجلاس ۾

---

(۱) - تالپور، محمد حسن ڊاڪٽر، "سنڌ جا اسلامي درسگاهہ" ٽيسس، ۱۹۸۲ع، سنڌ ثقافت
کاتو حڪومت سنڌ، حيدرآباد، ص. ۴۳۰ ۽ ۴۳۱

(۲) - چاچڙ، عبدالوهاب مولانا، ماهنامہ "شريعت" سکر، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي نمبر،
جنوري، فبروري ۱۹۹۰ع، ص ۲۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 328

فيصلو ڪيو ويو تہ حڪومت طرفان ٿيندڙ 'جشن صلح' جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي .
'جميعت العلماء هند' جي عالمن شرعي دليلن سان فتوىٰ جاري ڪئي تہ "جشن صلح
۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ان کي ڪامياب بنائڻ ناجائز آهي". حڪومت پي انهيءَ جشن صلح
کي ناڪام بنائڻ لاءِ جان محمد جوٽيجو لاڙڪاڻي واپس اچي پنهنجي ساٿين پير تراب علي
شاهه راشدي ۽ سيد انور علي شاهه پي سهڪارسان جلوس ڪڍڻ جو پروگرام ٺاهيو
ان جلوس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هزارين اشتهار ورهايا ويا ۽ هڪ وڏو جلوس
ڪڍيو ويو. "جشن صلح" جي دوران پورا پنج ڏينهن هڙتال رهي ۽ ڪاروبار بند
ڪيو ويو. انهيءَ وچ ۾ تحريڪ خلافت زور وٺي وئي .

ٻئي ڏينهن جان محمد جوٽيجي ۶ ۽ ۷ فيبروري ۱۹۲۰ع تي لاڙڪاڻي
۾ خلافت تحريڪ پاران هڪ وڏو جلسو منعقد ڪيو جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ
ٿيا. جنهن ۾ مرڪزي ليڈرن مان مولانا ابوالڪلام آزاد ، مولانا شوڪت علي ۽ مولانا
عبدالباري جلسي کي خطاب ڪيو. (۱)

اهڙي طرح ۱۹۲۰ع ۾ جيڪب آباد ۾ ٿيل صوبائي خلافت ڪانفرنس
جنهن جي صدارت مولانا سيد تاج محمود امروٽي ڪئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ جان محمد
جوٽيجي حڪومت سان جوڙيل لاڳاپن کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. پوءِ انهيءَ اعلان
کي عملي صورت ۾ آڻڻ لاءِ باقاعدي هڪ هجرت ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن جو
صدر پير تراب علي شاهه راشدي ۽ جنرل سيڪريٽري رئيس جان محمد جوٽيجو ٿيو.
انهيءَ ڪاپنوءَ باقاعدي هجرت جو سلسلو شروع ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح جولاءِ ۱۹۲۰ع ۾
مهاجرن سان پريل ريل گاڏي لاڙڪاڻي اسٽيشن تان روانه ٿي. (۲)

---

(۱) - راشدي امام شاهه ، روزانه 'جنگ مدوي' ۲۷ اپريل ۱۹۸۸ع ص - ۱۱
(۲) - سمادهي "مهراڻ"، سوانح نمبر ۱۹۵۷ع ، سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ص ۲۸۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 329

پير تراب علي شاهه وڏو عالم فاضل ۽ زبردست اهل قلم هو.
ڪيس انگريزن کان سخت نفرت هئي ۽ هو انگريزن کي اسلام جو دشمن ۽ انگريزي
راج هيٺ سنڌ ۽ هند کي دارالحرب سمجهندو هو. پير تراب علي شاه راشديؒ جي
شخصيت ۽ نمايان خوبين تي سنڌ جي مشهور اديب، مؤرخ ۽ صحافي پير علي محمد
راشديؒ پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" جلد پهرين ۾ لکيو آهي:-

"سائين تراب علي شاه راشديؒ جڙا پنهل پيرڪهن
سپاڻي صديؒ ۾ پيدا ٿيندا آهن. پير تراب علي شاه جو جسم مبارڪ
هڪ مرڪزي بجلي گهر مثال هو. جيڪو آيو تي، سو اڻجي ويو ٽي.
رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو اهڙو عاشق ماڻ
سڃي ڌرتي ڪنڊيءَ نه ڏٺو. اسلامي دنيا جا ڪيئي مرڪز ڏٺا، ڪيترين
خانقاهون ڏٺيون ۽ سجاده نشينن جي زيارت جو شرف نصيب
ٿيو. ليڪن پير جي پايه جو عاشق رسول نه ڏٺو. حضور پاڪ جي اسم
مبارڪ اچڻ سان ئي سندس چهرو سرخ ٿي ويندو هو ۽ اکين ۾ غير
معمولي چمڪ پيدا ٿي ويندي هئي." (۱)

پير صاحب وٽ هڪ عاليشان ڪتبخانو به هو، جنهن ۾ وڏي
تعداد ۾ نادر قلمي نسخا محفوظ هئا. مختلف طبي ڪتابن کان علاوه "قانون شيخ"
جي مڪمل "شرح قريشي" به هن ڪتبخاني ۾ موجود هئي. ڪجهه اهڙا نادر قلمي ڪتاب
به سندس ڪتبخاني ۾ موجود هئا. پير صاحب ڪجهه عرصو "الراشد" نالي هڪ رسالو
جاري ڪيو، جنهن ان دور ۾ چڱي ساڃاه پيدا ڪئي.

---

(۱) - پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شينهن" جلد اول، حيدرآباد، ۱۹۸۷ع
سنڌي ادبي بورڊ، ص - ۵۰۱ ۽ ۵۰۲ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 330

پير تراب علي شاه سنت رسول ﷺ جو پابند ۽ ديرا سلام جو سچو خدمتگار
هو. پير صاحب جي مذهبي ۽ سياسي نظريي بابت پير علي محمد راشدي لکي ٿو:

"شاه صاڻ عليه الرحمة هميشه سياست کي مذهبي زندگيءَ
جو هڪ ادنيٰ جزو سمجهيو. مذهب مان سندس مراد صريحاً اهو اسلام هوندو
هو، جيڪو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سنت سگهوري جي مين مطابق هجي. سندس
زندگيءَ جو بنياد جن اصولن هوندو هو: "ما آتاكم الرسول فخذوه وما نهاكم عنه فانتهوا"
۽ ان اصول تان قول خواه فعل ۾، رتيءَ ڪيڻيءَ ۾ سرمو نه هٽيو. هر وقت
اهائي آيت سگهوري سندس زبان مبارڪ تي رهندي هئي ۽ زندگيءَ جي هر مسئلي متعلق
سنت رسول سامهون رکي فيصلو ڪندو رهيو." (۱)

پير صاحب سادگي پسند ۽ وسيع النظريءَ جو مالڪ هو. حقيقت
۾ پير صاحب ذات ۾ هڪ انجمن هو. سندس حلقي ۾ مولانا تاج محمود امروٽي، پير رشد الله
شاه راشدي، مولانا عبدالڪريم درس، مولانا غلام صديق شهداڊ ڪوٽي، مولانا عبيدالله
سندي، مولانا ابوالڪلام آزاد، رئيس جان محمد جوڻيجو جهڙا وقت جا جيّد عالم، بزرگ ۽
ڏاها پير صاحب جا قريبي دوست ۽ ساڻي هيا. (۲)

پير تراب علي شاه راشدي، تاريخ ۲ شوال ۱۳۵۷ھ مطابق
۱۷ مارچ ۱۹۳۸ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري آرامگاه علي خان قنبر
۾ آهي. پير صاحب پويان ٻه فرزند ڇڏيا. سندس فرزند مولانا حڪيم پير عبدالقادر
شاه جو انتقال سن ۱۳۸۲ھ مطابق ۸ آڪٽوبر ۱۹۶۲ع ڏاري ٿيو. (۳)

---

(۱) - پير علي محمد راشدي "اسي ڏٺن اسي ٻڌن" جلد پهرئون حيدرآباد، ۱۹۸۷ع سندي ادبي بورڊ ص ۵۱۶

(۲) ——— ايضاً ———

(۳) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت"، سکر سوانح حيات نمبر، آڪٽوبر ۱۹۸۱ع
ص - ۲۵۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 331

(الف) سوانح حيات۔

مولانا ابوالجمال خدابخش ابڑو ملوي

ابوالجمال مولانا خدابخش ولد محمد حيات ابڑو[۱] جي ولادت گوٺ "ملا ابڑا" تعلقي ڏوکري ۾ سن ۱۲۷۴ھ مطابق ۱۸۵۷ع ڏاري ٿي. سندس وڏا امل گوٺ "چني جي وانڊ"[۲] جا هئا. جيڪي اتان لڏي هليا ويا ۽ "تلهار" ضلعي بدين ۾ وياڄتان بعد ۾ اچي ملا ابڑا[۳] گوٺ ۾ ويٺا.(۴) مولانا ابوالجمال جاوڏا پنهنجي دور جا باعمل عالم ۽ بزرگ هئا. انهن جو اظهار هن پنهنجي هڪ ڪيل (قلمي) رسالي جي حاشيه ۾ هن ريت ڪيو آهي:۔

"اسان جو ڏاڏو سائين مولانا محمد صالح هڪ نيڪ پاڻهوهو. گوٺ ۾ عيد جي نماز ۽ جمعي جي نماز پڙهائيندو هو. ماڻهو ڪانئس

---

[۱] ۔ مولانا خدابخش پنهنجي شجره نسب ۾ لکيو آهي ته "ابڑا قوم" قريشي آهن چو ته اهي ابوجهل جي بيٽ حضرت ارقم جي اولاد مان آهن (ڏسو مولانا ابوالجمال جي ڪيل "شجره قوم ابڑا" (قلمي) املي ڪاپي سندس فرزند ميان فخرالدين وٽ "ملا ابڑا" ۾ موجود آهي)

[۲] ۔ گوٺ "چني جي وانڊ" مديجي جي پرسان تعلقي ڪڙهي ياسين ضلع شڪارپور ۾ آهي.

[۳] ۔ گوٺ "ملا ابڑا" مشوري اسٽيشن جي پرسان اوپر طرف جيڪن ابڑن جو هڪ ننڍو گوٺ آهي، جيڪو تعلقي ڏوکري ضلعي لاڑڪاڻي ۾ آهي. ان گوٺ جي سلسلي ۾ ميان فخرالدين ولد ابوالجمال مولانا خدابخش ابڑو روايت ڪري ٿو ته "اسان جي گوٺ جو امل نالو "ملا محمد صالح جاپاڻ" هو. پر پوءِ جڏهن مولانا محمد صالح جو وڏيرهو وڏيو ته بستي پاڻ مان ڪري گوٺ جي صورت اختيار ڪئي."

(۴) ۔ مولانا ابوالجمال جي پٽ ميان فخرالدين کان ۳۰-۶-۸۹ ع تي روبرو ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 332

دعاگهرائڻ ايندا هئا جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو صاحب رب
كريم جي فضل سان صاحب الكرامة به هو."

مولانا ابوالجمال رقمطراز آهي ته

" جدنا محمد صالح من الرجال الصلحاء ويا تونه الناس من
الكتاب القرىٰ ويستطلبونه الدعا و يصلون خلفه الاعياد
والجمع فهذا دليل على كرامة وبرهان على شرافته وكل
اجدادنا اولى العلم والشرافة يرحمهم الله تعالىٰ فى الدنيا
والاخرة وبارك فى اخلافهم "(۱)

ان سلسلي ۾ مولانا خدا بخش ابڑي جو وڏو فرزند
مولانا جمال الدين روايت كري ٿو ته اسا بجا وڏا اكثر كري اهل علم ۽ اهل دل
هئا. تنهنكري اسانجي گوٺ جونالو ٻُڌي 'ملا ابڑا' پئجي ويو. ۽ اسانجي گوٺ
"ملن ابڑن" "ملن اٽ وڏا عالم سگورا پيدا ٿيا آهن. جن مان هك مولانا
حاجي احمد بن ميان فضل محمد كانواڻ باقي ٻين سيني عالمن مُدرسه دارالفيض
سوني جلوٺي مان فيض پرايو هو. انهن جا نالا سندن عمر جي لحاظ كان ترتيب
وار هيٺ ڏجن ٿا.

۱- مولانا حاجي احمد بن ميان فضل محمد
۲- مولانا ابوالجمال خدا بخش بن محمد حيات
۳- مولانا محمد عالم بن مولوي فقير محمد
۴- مولانا گل محمد بن مولوي فقير محمد

---

(۱) - ابوالجمال خدا بخش ابڑو مولانا، حاشيه "رسالة المسمات سلسلة التلاميذ
فى نسبة الاساتيذ" قلمي، ص-اول، موجود كتب خانو 'ملا ابڑا'، لاڑكاڻو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 333

۵- مولانا شفيع محمّد بن علي محمّد

۶- مولانا مولا بخش ثنائيؒ بن مولانا خدا بخش

۷- مولانا جمال الدين بن مولانا خدا بخش

۸- مولانا محمّد حسن بن محمّد هارون بن مولانا محمّد عالم. (۱)

مولانا ابوالجمال خدا بخش ابڑي پنهنجي سموري تعليم ترجي مشهور ديني درسگاه دارالفيض، سونو جلوتيٽي مان ان وقت جي مشهور ۽ جيّد عالم ابوالفيض مولانا غلام عمر جلوتيٽي وٽ ورهتي. طالب العلمي دوران نوڙي بعديم مولانا صاحب تي سندس استاد جوڏاڏو سڃاڻ رهيو. اڪثر ڪري پنهنجي استادسان گڏ سڃيٰ سنڌ ۾ دوري دوران گڏ هوندو هو. ڪيس تحريرن لکڻ ۾ خاص مهارت حاصل هئي، تنهنڪري ان سلسلي ۾ استاد به کانئس مدد وٺندو هو. مولانا غلام عمر جلوتيٽي جي ڪن فتوائن ۽ تحريرن تي مولانا خدا بخش جي به تصديقي سحي ۽ مهر لڳل آهي.

ابوالجمال مولانا خدا بخش علمي فراغت کان بعد ڳوٺ "نائيچ" ۾ سايراتي ورهيه ۽ ڳوٺ "ستار ڏني سانگي" ۾ ۱۳ سال ديني درس تدريس جو ڪم ڪيو. بعديم ڳوٺ "بٺ ڪلهوڙا" تعلقي ڏوڪري ۾ اچي دين جي خدمت ڪئي. اتي مولانا صاحب ٽيهه ورهيه درس ڏنو ۽ مدرسي جو نالو "دارالسعادت" رکيو. هن اتي درس تدريس جي ڪم سان گڏ وگڏ فتوائن، تحريرن لکڻ، تصنيف، تاليف ۽ ڪتابت جو ڪم به ڪيو. مولانا ابوالجمال جي تصنيفات ۾ فتوائن ۽ تحريرن تي مشتمل هڪ قلمي بياض. شيخن ۽ غير مقلدن

---

(۱)- ابڙو رحمت الله دلڪش، "مولانا غلام عمر جلوتيٽي لاءِ ڪاٽو ۽ سندس ديني ۽ فقهي خدمتون"، پي-ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص- ۴۳۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 334

جي ردِ ۾ رسالا ۽ ڪجھ فتوائون ۽ ھڪ رسالو ھڪ صوفي عبدالله لکوئي جي غلط عقيدي جي ردِ ۾ ۽ ٻه ٽي رسالا متفرقہ مسئلن تي ملن ٿا (۱)

مولانا خدابخش جا ڪيترائي شاگرد ھئا، جن ۾ مولوي شاھ محمد سانگي ڪوٽ "ستار ڏنوسانگي" "تعلق لاڙھڪاڻو، مولوي گل محمد ولد مولوي شاھ محمد ويل "ستار ڏنوسانگي"، مولوي شفيع محمد تونيو ڪوٽ "سجاول تنيو" تعلقو ڏوڪري، حافظ امام الدين ڪوٽ "گل محمد تونيہ" تعلقو ڏوڪري، وڏيرو فقير خداد وست ڪوٽ "ٻڌہ ڪاھوڙا"، آخوند ربّ ڏنو پاڻ "پاڻ جوگوٺ" تعلقو ڏوڪري شامل آھن. (۲) مولانا ابوالجمال شاعريءَ ۾ ٻه طبع آزمائي ڪئي آھي. سندس ھڪ ٻه شعر فارسيءَ ۾ مليو آھي.

مولانا ابوالجمال خدابخش پنھنجي وقت جي سياسي ۽ مذھبي تحريڪن کان ٻه غافل نہ ھو. ھن ان وقت خلافت تحريڪ جي ھلندڙ جلسن جلوسن ۾ ٻه شرڪت ڪئي. ان سلسلي ۾ نہ رڳو مولانا خدابخش پر ڪوٽ ملا ابڙا جي ٻين عالمن ٻه ان ۾ حصو ورتو. انھن ڏينھن ۾ خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شھر ۾ ھڪ وڏي اجتماع جو بندوبست ڪيو ويو. جنھن جي برطانوي سامراج جي انتظاميہ طرفان سخت مخالفت ٿي ۽ ڏينڊر جلسي کي ڦٽائڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون ويون، پر ان وقت جي عالمن سڳورن ۽ وڏي عالم مولانا غلام عمر جتوئي جي ڪوشش سان جلسي کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جلسو بيحد ڪامياب ويو. ھن جلسي ۾ سڀ کان ڀرپور ايندڙ جتوئ ملن ابڙن جي عالمن جو ھو.

---

(۱) - ابوالجمال مولانا خدابخش ابڙي جي فرزند ميان فخرالدين کان ورتل انٽرويو.

(۲) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 335

اهڙن عالمن ۾ مولانا حاجي احمد ، مولانا محمد عالم ، مولوي محمد سليمان ۽ مولوي شفيع محمد جا نالا قابل ذڪر آهن .(۱) بهرحال ان وقت ۾ هلندڙ خلافت تحريڪ جنهن ۾ سنڌ جي عالمن سرگرمي سان پڻي حصو ورتو، تنهن ۾ مولانا خدا بخش ملوي خواه مُلن ابڙن، جي ٻين عالمن پر پور حصو ورتو ان جو ثبوت ڪتاب " اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافت والامامة" ۾ مُلا ابڙا' جي عالمن جون صحيحون پڙهڻ شايع ڪيون ويون آهن . مٿين رسالي ۾ چوٽ 'ملا ابڙا' جي جن عالمن صحيحون ڪيون آهن تن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا .

۱- مولانا حاجي احمد ملوي، 'ملا ابڙا'، لڳ تحلقو لب درياء حال تعلقو ڏوري ضلع اٽڪاٽو

۲- مولانا ابو الجمال خدا بخش ابڙو " " " " "

۳- مولانا فقير محمد عالم ابڙو " " " " "

۴- مولانا مولا بخش ملوي (۲) " " " " "

ابو الجمال مولانا خدا بخش ابڙي پنهنجي سڄي عمر دين اسلام جي خدمت ۾ گذاري. اهڙي طرح هن ۷۵ سال جي عمر ۾ ۱۴ ذوالقعد ۱۳۵۱ھ مطابق ۱۹۳۲ع ۾ وفات ڪئي سندس آخري آرامگاھ پنهنجي اباڻي ڳوٺ 'ملا ابڙا' ۾ آهي .

Gul Hayat Institute

---

(۱) - ابڙو رحمت الله داڪٽر، " مولانا غلام عمر جتوئي لاڙڪاڻوي ۽ سندس ديني ۽ فقهي خدمتون"، ڊي - فل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع ، سنڌ يونيورسٽي جامشورو - ص -

(۲) - دين محمد وفائي مولانا ، " اظهار الڪرامة في المقاصد الخلافة والامامة". انجمن شوريٰ علماء سنڌ ، سکر ص - ۱۴۶ - ۱۴۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 336

مولانا خدابخش کي اولاد ۾ پنج پٽ هئا جن مان ٻه پٽ مولانا حڪيم مولا بخش فنائي ۽ مولانا جمال الدين ٻئي عالم هئا. جمال الدين جي نالي پويان مولانا خدابخش ابوالجمال سڏائيندو هو باقي سندس ٻين پٽن جانالا ميان بشير احمد، ميان عطا محمد ۽ ميان فخرالدين آهن. ميان فخرالدين ڪنڌ قدوري، تائين پڙهيل آهي. (۱)

(ب) ديني اشاعت ۽ تحريري خدمتون

مولانا خدابخش ابڙو ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ معروف ديني عالم هو. هن پنهنجي سڄي حياتي ديني علم جي پڙهڻ پڙهائڻ ۾ گذاري، جنهن جو تفصيلي ذڪر ستين سوانح حيات ۾ اچي چڪو آهي. مولانا خدابخش هڪ سٺي عالم هئڻ سان گڏ قابل مدرس فقيه، مفتي ۽ ڪاتب به هو. هن ديني اشاعت ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ديني درس سان گڏوگڏ تصنيف تاليف ۽ ڪتابت جو ڪم به ڪيو. مولانا ابوالجمال پنهنجي استاد مولانا غلام عمر جلوڻي واري پنهنجي دور جي تقاضا موجب شيعن، غالي صوفين ۽ غير مقلدن جي رد ۾ ڪافي ڪجهه لکيو آهي. جيڪي سڀ قلمي نسخا آهن. هڪ سٺي ڪاتب هئڻ سبب سندس لکيل عربي ۽ فارسي ۾ ننڍا وڏا رسالا تحريرون ۽ فتوائون نهايت ئي سهڻن اکرن ۾ لکيل آهن. ابوالجمال مولانا خدابخش جون تصنيفون جيڪي دستياب ٿيون آهن تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:-

---

(۱) - ابوالجمال مولانا خدابخش ابڙي جي فرزند ميان فخرالدين کان روبرو ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 337

۱۔ القول القوي فی رد قول اللکوی [۱]

مولانا خدا بخش جو تصنیف کیل هي رسالو تصوف جي
هڪ منظوم کتاب "مظهر الانوار" جي رد ۾ لکيل آهي جيڪو عربي زبان ۾ آهي.
هي نندڙو کتاب ۱۵ صفحن تي مشتمل آهي. کتاب "مظهر الانوار" جي مصنف
لواريءَ واري بزرگ خواجه محمد زمان رح "لواري" واري جو مريد هو. جنهنجو نالو
عبدالله لکوي هو. يعني هو لکي [۲] جو رهاڪو هو. هن اهو کتابچو سنڌي
زبان ۾ لکي چپائي پڌرو ڪيو هو. سندس اهو کتابچو مرشد جي تعريف ۾
سمورو باطل عقيدن سان ڀريل ۽ اسلام جي اعتقادن خلاف ڪفريات سان
ڪاوڙيل آهي. هين باطل عقيدن سان گڏوگڏ عبدالله لکوي پنهنجي
منظوم رسالي "مظهر الانوار" ۾ لکيو آهي ته الله تعالىٰ جي ذات انسان جي ذات
۾ ٿي دفعا حلول ڪيو آهي (نعوذ بالله) پهريون دفعو حضرت آدم عليه السلام
۾ ٻيو دفعو سيدنا حضرت محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم جي ذات بابرڪات
۾ ۽ ٽيون دفعو لواري واري لعل يعني خواجه محمد زمان ۾ حلول ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

---

[۱] - ابوالجمال مولانا خدا بخش ابڙو، " القول القوي فی رد قول اللکوی" (قلمي)
اصل ڪاپي سندس فرزند ميان فخرالدين وٽ گوٺ "ملا ابڙا" ۾ سندس ڪتب
خاني ۾ موجود آهي.

[۲] - لکيءَ جو شهر تعلقي سيوهڻ ضلعي دادوءَ ۾ آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 338

مولانا خدابخش قرآن حکیم ۽ احاديث رسول صلي الله عليه وسلم جي محکم حديث سان لکوئي جي فاسد عقيدن ۽ باطل خيالن کي رد ڪري چڏيو آهي ۽ ماڻهن کي پوريءَ طرح خبردار ڪرڻ ۽ عام مسلمانن کي مشرڪانه عقيدن کان بچائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. جيئن ته هي رسالو عربي زبان ۾ آهي تنهنڪري عام ماڻهن کي فائدو پهچائڻ خاطر ۽ حق کي پڌري ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب جو سنڌي زبان ۾ ترجمو مولانا محمد سليمان [۱] عربي عبارت سان گڏ وگڏ ڪيو آهي. متن سان گڏ سنڌي ترجمي ٿي ان وقت جي صفين عالمن ۽ بزرگن تصديقي صحيحون پڻ ڪيون آهن.

۱- مولانا بصر الدين سيوهاڻي
۲- مولانا معين الدين صديقي سيوهاڻي
۳- مولانا محمد عمر چشموي
۴- مولانا محمد عالم ابڙو ملوي
۵- مولانا غلام عمر جتوئي
۶- مولانا محمد مبارڪ پنوٺ
۷- مولانا محمد عاقل عاقلي (۲)

---

[۱] - مولانا محمد سليمان بن ابڙو فقير متوفي ۱۹۵۶ع ويٺل گوٺ 'ملا ابڙا' هي مولانا خدابخش ابڙي جو ويجهو عزيز هو. پاڻ مدرسه دارالفيض سولنجتوئي ۾ پڙهيو 'مسئلہ فدڪ' تي به سندس هڪ رسالو چپيل آهي. پاڻ هڪ سٺو حڪيم به هو. سندس مڪمل احوال سندس سوانح ۾ ڏنل آهي.
(بروايت سندس پٽ شيو حڪيم محمد اسحاق ابڙو گوٺ ملا ابڙا)

(۲) - ابوالجمال مولانا خدا بخش ابڙو. 'القول القوي في رد قول للكوي'، قلمي، ص - ۱۵-۱۶
اصل ڪاپي سندس وزير ند ميان فخرالدين وٽ گوٺ 'ملا ابڙا' ۾ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 339

مولانا خدا بخش پنھنجو تصنيف ڪيل عربي رسالو مختصر
لکيو آھي ۽ عبدالله لکوئي جي ڪتاب "مظھر الانوار" کي "مظھر ظلمت الاشرار" ڪري
سڏيو آھي. ھن ڪتاب ۾ لکيل پھرين بڪواس ته الله تعالىٰ آدم عليه السلام جي
قالب ۾ رھيو ۽ ان جي بدن ۾ قرار ورتائين جي علمي تردید ڪيل آھي. لکي ٿو ته
آدم عليه السلام مخلوق ممکن آھي ۽ سندس روح به الله جي امر سان پيدا
ٿيل آھي. آدم عليه السلام ثلث الحباد (THREE DIMENSIONS) يعني
ڊيگھ (LENGTH) ويڪر (BREADTH) ۽ اوچائي (HIGHT) سان واسطو رکي ٿو
جڏھن ته الله تعالىٰ جسم ۽ جسمانيت کان بلڪل پاڪ آھي. سو ڪھڙي طرح آدم ۾
حلول يا سير ڪري سگھي ٿو. ان کانسواءِ حضرت آدم عليه السلام جي استغفار
وقت پنھنجي رب کان ھي دعا گھرڻ ته "ربنا ظلمنا انفسنا" (۱) (اي اسا بخار ربّ اسان
پاڻ تي ظلم ڪيو) کيئن مناسب ٿيندي جيڪڏھن ربّ جي ذات خود آدم عليه
السلام جي ذات ۾ حلول ٿيل ھجي ها.

اھڙي طرح عبدالله لکوئي جو ھي خيال ته الله جي ذات
سيد الانبياء والمرسلين حضرت محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم ۾ حلول
ڪيو آھي، ان جي بڻ زور طرفان ۾ تردید ڪئي آھي ۽ سندس عقيدي کي
فاسد عقيدن ۾ شمار ڪيو آھي. لکي ٿو ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن
اولوالعزم ھجڻ جي باوجود الله جي عبادت ڪندا ھئا ۽ فرمائيندا ھئا ته تحقيق
آءُ الله جو بانھو آھيان، نبي آھيان، کائيندو آھيان جيئن بانھا کائيندا آھن،
ويھندو آھيان جيئن بانھا ويھندا آھن. پاڻ ڪريمن ڪڏھن به حلول جي
دعويٰ نه ڪئي ته ٻين کي ڪھڙو حق ٿو پھچي جو الله جي ذات جو پاڻ ڪريمن
صلى الله عليه وسلم جن جي وجود مسعود ۾ حلول جو عقيدو رکن.

---

(۱) - قرآن مجيد، الاعراف، آيت، ۲۳ پاره، ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 340

سائيئي نمونو صوفي لکوي جو هي قول ته ٿيون دفعو الله جي ذات پاڪ محمد زمان لواري واري جي بدن ۾ حلول ڪيو ان جي ڪري مولانا صاحب لکي ٿو ته اهڙي قسم جي نسبت الله پاڪ ڏانهن ڪڏهن به نٿي سونهين. هن قسم جو قول عيسائين جي هن قول سان مشابهه آهي ته لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ ثَلَاثَةٍ (۱) ترجمو: (يقيناً ڪفر ڪيو انهن ماڻهن جن چيو ته الله ٽن مان هڪ آهي) الله تعالىٰ ٽن الهن ۾ ٿيون آهي. الله تعالىٰ اهڙي قسم جي بڪواس کي ڪفر سڏيو آهي، تنهنڪري صوفي لکوئي جي قول کي به صريحاً ڪفر سڏيو آهي. چاڪاڻ هو چوي ٿو ته "ان الله رابع الاربعة" يعني الله تعالىٰ چئن الهن مان چوٿون آهي تنهن ڪان سواءِ هن رسالي ۾ مولانا خدا بخش صوفي لکوئي جي بين عقيدن جهڙوڪ "لنواري" کي قبلي جو درجو ڏيڻ ۽ ان تي حج جهڙا مناسڪ ادا ڪرڻ کي غلط ٺهرايو آهي ۽ انهن جي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ تردید ڪئي آهي.

۲- قبلہ جي تعظيم متعلق مدلل فتويٰ [۲]

Gul Hayat Institute

مولانا ابوالجمال خدا بخش جي هن تحرير جو عنوان آهي "درجواب غير مقلد" جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سائل غير مقلد آهي ۽ چئني فقهي امامن مان ڪنهن به هڪ جي تقليد ڪندڙ نه آهي.

سائل جو سوال آهي ته پيشاب پائخانه وقت قبلي شريف

---

(۱)- قرآن مجيد، المائدة، آيت - ۷۳، پاره، ۶

[۲] - ابوالجمال مولانا خدا بخش ابڙو "تحرير درجواب غير مقلد"، قلمي، امل ڪاپي گوٺ "ملا ابڙا" ۾ سندس فرزند وٽ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 341

طرف منهن کرڻ جائز آهي يا نه ؟ اهڙي طرح قبلي طرف منهن کري ٽڪ اچڻ يا پير ڳهيرڻ درست آهي يا نه ؟ جيڪڏهن اهي سڀ مکروه آهن ته مکروه تحريمي آهن يا تنزيهي. جيڪڏهن تحريمي آهن ته اهڙن برن کرڻ کان توبهه استغفار ڪرڻ گهرجي يا نه ؟

استفتاء ۾ سوال ڪندڙ جو نالو ۽ پتو وغيره ڪونه آهي

جنهن مان ۽ انومان ويني سگهجن تا. يا ته مسئلي جي فرضي صورت پيش ڪئي وئي آهي ته جيئن ماڻهو شعائرالله جي تعظيم سکن ياوري فاضل محرر جهيڙي کي تارڻ لاءِ مخالف محرر جو نالو ظاهر نه ڪيو آهي. تحريرجي پڇاڙيءَ ۾ فاضل محرر مولانا خدا بخش جي استاد مولانا ابوالفيض غلام عمر جتوئي واري جي تصديقي لوڻ مان اهوا هيڃاڻ نه ٿو سگي ته محرر مخالف ڪهڙي فرقي سان تعلق رکي ٿو ؟ جيڪڏهن حنفي آهي ته پوءِ پنهنجي مذهب جي ڪيئن مخالفت ٿو ڪري وغيره وغيره . مولانا ابوالجمال خدا بخش مٺين سوال جي جواب ۾ لکي ٿو :-

" اهو مسئلو چئني فقهي مذهبن جي امامن درميان مختلف فيه رهيو آهي. امام ابوحنيفه رح پيشاب ۽ پائخاني وقت قبله ڏانهن منهن ڪرڻ يا پٺي ڏيڻ کي ناجائز قرار ڏني ٿو. پوءِ ماڻهو ميدان ۾ هجي يا ڪنهن عمارت ۾ هجي. پنهنجي استدلال ۾ امام صاحب ابوايوب انصاري رض جي هڪ روايت جا صحيح بخاري ۾ آئي آهي سا پيش ڪريو ٿا نبي صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته جڏهن توهان پائخاني ۾ وڃو ته قبلي ڏانهن نڪي منهن ڪريو ۽ نه پٺي. پر اوڀر ندي ۽ اولهندي منهن ڪريو. [1]

---

[1] - شام ملڪ ۾ قبلي ڏي منهن ۽ پٺي اولهندي ۽ اوڀر ندي نه ٿيندي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

حضرت ابوايوب انصاري جوهي به چوڙ آهي ته جڏهن اسان شام ملک پهتاسين ته اتي پائخانه قبلي جي رخ ٿيل هئا پوءِ اسان اتي مُڙي ويهندا هئاسين ۽ الله تعالىٰ کان معافي گهرندا هئاسين. معافي انهيءَ شڪ لاءِ متان قبلي ڏانهن منهن ٿي ويهجي پر جيڪڏهن کوجاڙي واڙي منهن ڪري پائخانه ڪندو ته گناهه ڪبيره جو ارتڪاب ڪندو ۽ ان وقت ڪيس توبه ۽ استغفار ڪرڻا پوندا."

مولانا صاحب حنفي مسلڪ جي تائيد ۾ پنهنجي جواب اندر ٻيون به ڪيترين روايتون آندين آهن. مولانا خدا بخش امام شافعي جي هن قول کي ته عمارتن جي اندر قبلي طرف منهن ڪري يا پٺي ڪري پيشاب خانو ڪرڻ مڪروه نه آهي تنهن کي هن دليل سان رد ڪري ٿو ته امام شافعي پنهنجي مسلڪ جو بنياد ابن عمر رضي الله عنه جي قول تي رکيو آهي، جنهن ۾ فرمايل آهي ته پاڻ سڳورن قبلي جي طرف منهن ڪري هڪ جاءِ ۾ پنهنجي حاجت پوري ڪئي. حنفي مسلڪ جو بنياد پاڻ سڳورن جي قول تي ۽ شافعن جو بنياد پاڻ سوڻهارن جي فعل تي آهي پر قول کي اصول جي عالمن فعل تي هميشه ترجيح ڏني آهي. ان کانسواءِ حضرت ابوايوب انصاري جي روايت ۾ جاءِ جو ڪوبه قيد ڪونه آهي. تنهنڪري متين حديث جي روءِ سان يا تحرير ۾ بيان ڪيل دليلن جي جي روشنيءَ ۾ مولانا خدا بخش قضا حاجت جي وقت قبلي ڏي منهن ڪرڻ يا پٺي ڪري ويهڻ يا ان طرف پير ڪيرڻ يا ٽڪ وغيره اچلائڻ کي هر طرح ناجائز سڏيو آهي. ۽ پنهنجي مخالف تي واضح ڪيو آهي ته هن مسئلي ۾ احناف جي راءِ زياده قوي ۽ عمل جي لائق آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 343

فتويٰ جي آخر ۾ سندس استاد مولانا غلام عمر جلوئي جو تصديقي نوٽ ۽ مولانا غلام عمر صاحب جي هڪ شاگرد مولانا محمد قاسم مشوري صاحب جي تصديقي صحيح پڙ ٽيل آهي.

۳- نبي بخش مرتضوي جي سوال جو جواب [۱]

مولانا خدا بخش پنهنجي هڪ فتويٰ ۾ هڪ شيعه مڪتب فڪر رکندڙ نالي نبي بخش مرتضوي جي سوال جو نهايت مدلل ۽ مفصل جواب ڏنو آهي سوال هن ريت آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان ته مَنْ كُنْتُ مولاه فهٰذا علي مولا .(۲) صراحت سان دلالت ڪري ته چوٿين خليفي جو مرتبو سيني خليفن کان وڌيڪ آهي. ڇاڪاڻ ته اسان جو نبي صلي الله عليه وسلم جڏهن سيني جو سائين ۽ مولا آهي ته حضرت مولا علي مشڪل ڪشا به سيني جو سائين آهي ۽ جيڪو مولا هوندو آهي اهو سيني کان اعليٰ هوندو آهي.

مولانا ابوالجمال خدا بخش هن سوال جو الزامي ۽ علمي جواب هن ريت ڏنو آهي:۱

پاڻ سڳورن فرمايو آهي ته "لو كان نبي من بعدي لكان ابوبكر رضي الله عنه (۳) يعني "جو ڪو نبي منهنجي پويان ٿيڻو هجي ها ته ابوبڪر ٿيڻو ها."

---

[۱] - ابوالجمال مولانا خدا بخش ابڙو، "سوال نبي بخش مرتضوي"، فتويٰ، قلمي، اصلي ڪاپي سندس فرزند ميان فخرالدين وٽ ملا ابڙا ۾ موجود آهي.

(۲) - محمد بن عيسيٰ، "الترمذي"، ج-۲، امين ڪمپني اردو بازار دهلي ص ۲۲۳.

(۳) ——— ايضاً ——— ص - ۲۰۹ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 344

هيءَ جدا گالهه آهي ته نبوت جو دروازو همیشه لاءِ بند آهي پر ايترو ته ضرور چئبو ته منجهس نبوت جي لياقت موجود هئي. تڏهن ته پاڻ سڳورن ادهي لفظ فرمايا وري هيءَ گالهه کيئن به علم ۽ سمجهه واري تي لڪل نه آهي ته نبوت جو درجو ولايت ۽ شجاعت کان گهٽو مٿي آهي.

مولانا موصوف هن سوال جو پنهنجي تحرير ۾ تحقيقي جواب ڏيندي هن ريت رقمطراز آهي:-

"لفظ مولیٰ عام آهي جيئن 'مولی العبید' يعني ماڻهن جو مولا يا استاد کي به مولا چئبو آهي، جيئن جو خود حضرت علي کرم الله وجهه فرمايو آهي ته "من علمنی حرفًا فهو مولایَ" يعني جنهن مون کي هڪ حرف به سيکاريو سو منهنجو مولا آهي. پوءِ انهيءَ گالهه تي باور کبو ته جنهن کيس هڪ حرف به سيکاريو تنهن کي مٿس اوليت ۽ فوقيت آهي، پر چاڪاڻ نه سپيئي خليفا هدايت جا رهبر آهن ۽ سندن شان ۽ شرف ۾ ڪيترين ئي حديثون موجود آهن جن منجهان هڪ جو شرف ۽ مرتبو موجوده ترتيب مطابق ظاهر ٿئي ٿو."

ان کانسواءِ مولانا صاحب پنهنجي تحريم جي تائيد ۾ سپني خليفن جي شان ۽ مرتبي ۾ بين محققن جا قول، نظم خواه نثر جي صورت ۾ پيش ڪري پنهنجي فتويٰ ۾ دليل طور آندا آهن.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 345

۴- الفائدة الجليلة فی نسبة الرّويا [۱]

ابوالجمال مولانا خدابخش هن موضوع تي قلم کنڙ جو سبب هي بيان کري توّ ته کي اسانجا عالم پائر خوابن جي فائدي جو انڪار تاکن ۽ چون ٿا ته خواب اجايا خيال آهن ۽ انهن جو امل کتي به موجود نه آهي. حالانڪ خواب قرآن حڪيم ۽ احاديث شريف جي دلائل سان ثابت آهن. انهيءَ کري اهڙن دوستن جي هدايت لاءِ مولانا صاحب جو کجهه لکيو آهي سو هيٺين سرينا آهي:-

الله تعالیٰ پنهنجي نبين ۽ رسولن ڏانهن پنهنجا حڪم احڪام وحي جي ذريعي پهچايا ۽ صديقن، شهيدن ۽ اولياڻن ڏانهن الهام ۽ ننڊ ۾ خواب جي ذريعي بشارت وغيره کان آگاهه فرمايو. بيحد درود هجن نبي خاتم الانبياء شفيع المذنبين عليه الصلوٰة والسلام جن تي جن جي خواب جي باري ۾ الله تعالیٰ قرآن حڪيم جي آيت 'لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّؤْيَا بِالْحَقِّ الخ (۲) نازل فرمائي چاکاڻ ته عالم تعبير الرويا هڪ آسماني وحي جو نمونو آهي. انهو ربّ جي الهامات جو تفسير آهي، ۽ عالم مثال جي رازن جي ظاهر ٿيڻ ۽ جلال ۽ جمال جي انوار جو حق پڻ آهي. علم الرويا کتاب

---

[۱] - ابوالجمال مولانا خدابخش ابڙو، 'الفائدة الجليلة فی نسبة الرّويا' تحقيقي مسئلو امل ڪاپي سندس فرزند ميان فخرالدين وٽ "ملا ابڙا" ۾ موجود آهي.

(۲) - قرآن مجيد، الفتح، آيت ۲۷، پاره ۲۶.

ترجمو:- (حقيقت ۾ الله پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو هو. جيڪو نيڪ حق جي مطابق هو.)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 346

الله مان ثابت آهي ۽ حديث مان به ثابت آهي. جهڙي طرح الله تعالىٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ حضرت يوسف علىٰ نبينا عليه الصلوٰة والسلام جو ذڪر فرمايو آهي ' رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَعَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ '(۱) اهڙي طرح بخاري شريف ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته صالح مرد جو چڱو خواب نبوت جي چاليهين جزن مان هڪ جزو آهي. هن جو مقصد اهو نه آهي ته اهو بعينه نبوت جو چاليهون جزو آهي جو ته خاتم المرسلين جي وصال کان بعد پوءِ نبوت ختم ٿي چڪي. پر ان مان مراد نبوت جي خواب سان تشبيه ڏنل آهي."

Gul Hayat Institute

---

۱ - قرآن مجيد، سورة يوسف، آيت - ۱۰۱، پاره - ۱۳
ترجمو: - اي منهنجا پالڻهار! تون مونکي حڪومت بخشي ۽ مونکي گالهين جي لڏ تائين پهچايو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 347

(الف) سوانح حيات

مولانا عبد الله بنگل ديرائي

مولوي عبدالله ولد آخوند عبدالرحيم لالو گوٹ بالڙجي

تعلقي سکر ۾ سن ۱۲۷۷ھ/۱۸۶۰ع ۾ جاءُ. ڇهن ورهين جي ڄمار ۾ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. مولوي صاحب جي ڪمسنيءَ ۾ سندس والد وفات ڪري ويو. پاڻ پنجن درجن پوري ڪري ڪانپوءِ عربي ۽ فارسي علوم جي تحصيل لاءِ پنهنجي گوٹ مان نڪتو پوئتان فقط هڪ والده ۽ هڪ پاءُ هوس جن کي الله جي آسري ۽ پنهنجي والد آخوند عبدالرحيم جي معتقدن جي سرپرستيءَ ۾ حوالي ڪري گوٹ گل محمد ابڙي، تعلقي ڪنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مولانا محمد اسماعيل ميمڻ جي مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو. جتي سمورا ڪتاب ختم ڪري ۱۳۰۲ھ/۱۸۸۴ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. (۱)

مولانا عبدالله بنگل ديرائي کي جڏهن وقت مولانا نونا رهيءَ وٽ رشيدپري ۾ پڙهيو. (۲)

مولانا عبدالله لالو فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجو اباڻو گوٹ 'بالڙجي' ڇڏي گوٹ 'بنگل ديري' ضلعي لاڙڪاڻي ۾ اچي ويڙهجي هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو. شهر جي زميندار ميان يار محمد سومري ۽ ٻين نيڪ مردن جي ساٿ سهڪاري رهي. سندس درسگاهه جي شاگردن جي ڪاڻ

---

(۱) - مولانا عبدالله جي فرزند مولوي غلام يحييٰ (عمر ۶۷ سال) کان تاريخ ۱۵-۹-۸۷ ق ورتل اٿن ويو -

(۲) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت"، سکر سوانح حيات نمبر ۱۹۷۶ ص ۲۷۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 348

پيتي جي ڪفالت شهر جا رهواسي ڪندا هئا، جتي شاگردن جو تعداد بعض حالتن ۾ هڪ سؤ کي به وڃي پهچندو هو، پر هي بزرگ اڪيلي سر سڀني شاگردن کي پڙهائيندو هو. اهڙي طرح ۴۰ سال درس تدريس جو ڪم ڪندو رهيو ۽ انڪل ۳۲ عالم وٺانئس فارغ التحصيل ٿيا. جن جا ڪي نالا هيٺيان آهن:

مولانا ميرمحمد نورنگي، مولانا عبدالڪريم ڪورائي، مولانا غلام رسول لاشاري، مولوي عبدالحليم سندائي، مولوي عطامحمد بلوچستاني، مولوي لطف الله عباسي 'پنجوديرائي'، مولانا محمد يوسف نارٽيوال، مولانا محمد قاسم 'قل پوناڻي'، مولوي عبدالحق حاڪيراڻي ٻوٽ غلام محمد انڙ 'ٻگ' بنگلديرو، مولانا عبدالرحمٰن ڏامراهي، مولوي محمد موسىٰ پلي ٻوٽ آرائين تعلقو سڪر، مولوي عبدالخالق بنگلديرائي، مولانا اميد علي جيڪب آبادي، مولانا نبي بخش عودي سومرو شڪارپوري ۽ سندس فرزند مولوي غلام يحيىٰ جانالا شامل آهن. (۱)

مولانا عبدالله بنگلديرائي درس تدريس سان گڏ فتويٰ ۽ تحرير نويسيءَ جو ڪم به ڪندو هو، جيڪو آخري عمر تائين جاري رکيائين. پاڻ هڪ سلوڻو ذهين، زيرڪ، حاضر جواب ۽ مناظر هو. بعض علمي مسئلن تي مولانا عبدالغفور همايوني ۽ پنجنجي همعصرين عالمن سان سندس تحريري مناظرا به ٿيا مثلاً. ٻوٽ عرصي پڄي (تعلقي ميرپورخاص) ۾ صغير جي طلاق تي مولانا عبدالله سان عالمن جو هڪ مناظرو ٿيو. هڪ پاسي سندس مقابلي ۾ ڪيترا عالم هئا ۽ هيڏانهن صرف پاڻ ۽ هڪ شاگرد مولوي لطف الله عباسي مقابلي ۾ هئا. ڪنهن جيس ته نه ٿو سگهي ته ڪٿان هيترن سارن عالمن جو مقابلو ڪيئن ڪندا! ته جواب ۾ چيائين ته "هيڏانهن هڪ هزار هو ڏانهن لک هزار" نيٺ گهٽي ڏيوٽ ڪانپوءِ عالم هليا ويا ۽ مولانا عبدالله طلاق ڏياري پوءِ اٿيو. هن مناظري ۾ علامه قاسمي صاحب به موجود هو. (۲)

---

(۱) - مولانا عبدالله جي فرزند مولوي غلام يحيىٰ کان ورتل انٽرويو.

(۲) - وفائي، رئيس محمد مولانا، تذڪره مشاهير سنڌ، حيدرآباد سنڌ ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص ۲۸۶

(۲) علامه غلام مصطفىٰ قاسمي کان ۳، ۲، ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 349

جڏهن ۱۳۴۰ھ/ ۱۹۲۲ع ۾ ملڪ ۾ تحريڪ خلافت جي هلچل هلي، تڏهن هي بزرگ هندن سان اتحاد ڪرڻ جو مخالف هو. هڪ دفعو سکر ۾ جمعية العلماء سنڌ جي ڪانفرنس ۾ حاجلون ۽ دليل به پيش ڪيائين ته "هندن کي پاڻ سڏڻ ناجائز آهي". مگر جڏهن کيس ٻڌايو ويو ته قرآن حڪيم ۾ پيغمبرن پنهنجي ڪافر قوم کي پاڻ ڪري سڏيو آهي ته پوءِ هندن کي پاڻ سڏڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي ؟ ته پوءِ مولانا خاموش ٿي ويو، ۽ قبول ڪيائين. (۱)

مولانا صاحب بزرگ تاج محمود امروٽي جو ڏاڍو معتقد هو، ۽ ونس هميشه ايندو ويندو هو ۽ بزرگ امروٽي به سندس وڏي عزت ڪندو هو. پاڻ طبيعت ۾ سادو ۽ زاهد عابد شخص هو. بلا ناغي هر روز قرآن جي هڪ منزل تلاوت ڪندو هو. چون ٿا ته هڪ دفعي ڏاڍو سخت بيمار هو، من ۾ هر مسجد ۾ قرآن جي ويٺي تلاوت ڪئي ڪران ماڻهو آيس ته هارڻ جي سڪرات واري حالت آهي اوهان گهاڇو! پر پاڻ منزل پوري ڪرڻ کان اڳ نه ويو ۽ هارڻ فوت ٿي ويو.

مولانا صاحب زندگيءَ ۾ به دفعا حج ڪيو هو. پاڻ طب جي علم جو وڏو ماهر هو "تحفة الحڪام" نالي طب اڪبر فارسيءَ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايو هائين. جيڪو وقت جي طبيبن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيو. (۲)

مولانا عبدالله وٽ هڪ سني لاٿبري پئي هئي. جنهن ۾ حديث، فقه ۽ مختلف علوم تي ڪتاب پڙهڻ مشتمل هئا. سندس خاندان مان به ڪي عالم ٿيا هئا، جن ۾ مولوي عبدالرحمٰن مديجوي نقشبندي،

---

(۱) - دين محمد وفائي مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ" حيدرآباد سنڌ ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ، ص ۲۸۷

(۲) - وفائي دين محمد مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ" حيدرآباد سنڌ ۱۹۸۵ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 350

خليفو نبي بخش ساكن باگڙجي، مولوي محمد شفيع کاتب ۽ سندس فرزند مولوي غلام يحيىٰ جا نالا شامل آهن. سندس گهاٽن دوستن ۾ مولوي عبدالله ڊکڙ ۽ مولوي بدرالدين ڊکڙ شامل آهن. (۱)

مولانا صاحب کي ٻه گهرواريون هيون. اولاد ۾ کيس ٽي پٽ مولوي غلام يحيىٰ، مولوي علي اڪبر، غلام مصطفىٰ ۽ ٻه نياڻيون هيون. هن بزرگ سن ۱۳۵۰ھ/۱۹۳۲ع ۾ گوٺ بنگلديري ۾ وفات پاتي ۽ سندس آخري آرامگاهه به اتي ئي آهي.

مولانا عبدالله بنگل ديرائي جو عظيم درسگاهه گوٺ جي سومراجامع مسجد جي احاطي ۾ قائم هو. (۲)

---

(۱) - مولوي غلام يحيىٰ کان ورتل انٽرويو.

(۲) - ايضاً

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 351

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالڪريم "ڪھارڙو"

مولانا عبدالڪريم ولد پانڊي خان ذات جوڪرائي بلوچ هو. پاڻ جيڪب آباد شهر ۾ جاڻو سندس ولادت ۱۲۸۲ھ/۱۸۶۵ع ۾ ٿي. سندس وڏا اصل ۾ علمي گهراڻي جاهڻا ۽ ڪين وڏي عزت جي نگاه سان ڏسڻو ويندو هو. مولانا عبدالڪريم جا وڏا اصل ۾ ڊيره اسماعيل خان جاهڻا، پر پوءِ اتان لڏي اچي پاڻ ڪاڙي ضلعي ڪچي (بلوچستان) ۾ ويٺا. جتان وري مولانا صاحب جو والد بزرگوار اچي جيڪب آباد شهر ۾ ويٺو. سندس خاندان جي مشغلي ۾ درس تدريس ۽ ديني تبليغ جي اشاعت ورثي ۾ ملي هئي(۱)

مولانا عبدالڪريم پنهنجي ابتدائي تعليم سنڌي انگريزي، عربي ۽ فارسي پنهنجي والد بزرگوار جي سرپرستيءَ هيٺ جيڪب آباد شهر ۾ حاصل ڪئي. پاڻ اڃا تعليم ئي حاصل ڪري رهيو هو ته سندس والد نوجوانيءَ ۾ ئي فاني جهان مان رحلت ڪري ويو. مولانا عبدالڪريم يتيم ٿي پيو. ليڪن هن پاڻ همت ۽ صبر سان انهيءَ دنيوي انقلاب کي منهن ڏنو. مولانا صاحب انهن حالتن هوندي به تعليم پراڻ جو سلسلو جاري رکيو. پنهنجي والد جي ڪن پرخلوص دوستن جي تعاون سان پاڻ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪندو رهيو. ليڪن گهرو حالتن جي سبب ڪجهه وقت لاءِ پاڻ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي کي جاري رکي نه سگهيو. انهيءَ مجبوري ڪري مولانا صاحب جيڪب آباد شهر جي پراڻي فوجداريءَ واري مسجد ۾ اچي خطابت ۽ امامت جو ڪم شروع ڪيو. انڪريءَ طرح مولانا صاحب ننڍي عمر کان ئي وٺي ديني تبليغ جو ڪم شروع ڪيو. جيڪو

---

(۱) - مولانا عبدالڪريم "ڪھارڙي" جي فرزند مولوي حافظ رشيد احمد کان ۸ ۳/۸۷ تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 352

آخر تائين جاري رهيو. ان دوران ئي مولانا عبدالڪريم ان دور جي وڏي بزرگ ۽ روحانيت جي صاحب مولانا سيّد تاج محمود امروٽي رح جي هٿ تي قادري طريقي ۾ بيعت ڪئي. ان کانپوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي روحاني مرشد بزرگ امروٽيءَ جي حڪم موجب پاڻ گوٺ محمّد پور ادو[1] ڏانهن روانو ٿيو. امروٽي بزرگ جو ساٿس ڏاڍو گهرو دلي لڳاءُ هو، جنهن محمّد پور ادوءَ جي چڱي مڙس امام بخش کي مولانا کوڙائي جي پارت ڪندي فرمايو ته

"مولانا عبدالڪريم مونکي اولاد وانگر آهي. انکري سندس هر طرح سان خيال رکجو."

مولانا عبدالڪريم پنهنجي مرشد جي فرمودي موجب اتي وڃي رهائش اختيار ڪئي ۽ ان محمّد پور ادوءَ جي ديني مدرسي جي وڏي عالم مولانا محمّد صالح شيخ وٽ ديني تعليم جي تحصيل ڪئي.

مولانا عبدالڪريم فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ اتي ئي گوٺ محمّد پور ادوءَ ۾ هڪ ديني مدرسو قائم ڪري ان ۾ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. سندس مدرسي ۾ ڪيترائي پري پري کان طالب العلم ڪهي اچي ديني تعليم حاصل ڪندا هئا. مولانا صاحب تدريسي مشغلي سان گڏ ديني تبليغ جو ڪم به ڪندو رهيو. مولانا کوڙائي هر جمعي تي پنهنجي مدرسي واري مسجد شريف ۾ واعظ ڪندو هو ۽ پري پري کان ماڻهو سندس وعظ ٻڌڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. مولانا عبدالڪريم محمّد پور ادوءَ ۾ زندگيءَ جا ايڪويهه ورهيه گذاريا. اتان هر مهيني ۾ ٻه دفعا پنهنجي مرشد مولانا تاج محمّد امروٽيءَ جي خدمت ۾ حاضري پيئندو هو ۽ اڳ ئي طرح هو مولانا امروٽيءَ جي صحبت ۾ رچي ريٽو ٿيو. راهه سلوڪ جون سڀيئي منزلون بزرگ

---

[1]- گوٺ محمّد پور ادو، ضلعو جيڪب آباد ۾ هڪ ننڍڙو علمي ڳوٺ آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 353

امروٹيءَ طئي ڪراسيس ۽ آخر ۾ مرشد طرفان ڪيس خلافت جو خرقو عطا ٿيو. روايت آهي ته مولانا عبدالڪريم محمد پوراڏيءَ مان مرشد جي ارشاد موجب لڏي وڃي گوٺ ٻڪوسيال' [۱] ۾ رهيو ۽ اتي مولانا ڪوراڻيءَ هڪ ديني مدرسو ڪوليو، جتي مولوي علي محمد، مولوي محمد رفيق ۽ مولوي عبدالحڪيم جن کي مدرس ڪري رکيائين. (۲) هي مدرسو قريبًا ارڙهن ورهين تائين ديني علوم جي روشنائي ڦهلائيندو رهيو. ان کان پوءِ مولانا ڪوراڻيءَ گوٺ 'ڪوٺ الهي بخش پٽو' ۾ اچي رهيو. جتي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين رهيو. مولانا عبدالڪريم جي همت ۽ حق گوئي جو هڪ مثال پيش ڪندي مولانا عبدالوهاب چاچڙ لکي ٿو:

"مولانا عبدالڪريم جڏهن جيڪب آباد رهندو هو تڏهن شهر ۾ هڪ واقعو ٿيو، جنهن ۾ مولانا عبدالڪريم ڪوراڻيءَ نهايت ئي همت ۽ دليريءَ جو مظاهرو ڪيو. جوڙ ۾ اچي ٿو ته جيڪب آباد جي هڪ عالم مولانا عبدالوهاب ڪوراڻيءَ [۳] جي فرزند پنهنجي هڪ هندو دوست کي مسلمان ڪيو. هندن ان تي وڏو هنگامو ڪرڻ

---

[۱] - گوٺ ٻڪوسيال' تعلقي شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي.

(۲) - مولانا عبدالڪريم جي فرزند مولوي حافظ رشيد احمد متين معلومات ڏيندي ٻڌايو ته مولانا عبدالڪريم ٻڪوسيال جي گوٺ مان ڪجهه وقت لاءِ لڏي 'ڪوٺ الهي بخش پٽو' تعلقي ٽنڊو يوسف (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ وڃي رهيو جتان ٻوڙي عرصي کان پوءِ لڏي وري گوٺ ڪوبڙو ۽ پهوڙ' تعلقي شڪارپور ۾ وڃي رهيو پر پوءِ اتي به ڪيس قرار نه آيو ۽ وري واپس اچي 'ڪوٺ الهي بخش پٽو' ۾ رهيو.

[۳] - مولانا عبدالوهاب ولد قاضي عبدالڪريم ڪوراڻي اصل ناڙي بلوچستان جو هو. مولانا ڪوراڻي. مولانا عبدالڪريم وٽ گهوٽ اينڊو وينڊو هو مولانا ڪوراڻي جڏهن مولانا ڪوراڻي وٽ اينڊو هو تڏ سندس علمي لياقت سبب مولانا ڪوراڻي سندس احترام ۾ تي ڏينهن سبق نه پڙهيندو هو. مولانا عبدالوهاب، مولانا محسن شاهه جي سرپرستيءَ هيٺ جيڪب آباد ۾ هڪ يتيم خاني ۾ مدرسو ڪوليو هو. پاڻ گهٽي قدر سيلاني هو ۽ عالمن سان علمي بحث ڪندو گهمندو وتندو هو.

(عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهنامه شريعت' سکر، سوانح حيات نمبر آڪٽوبر ۱۹۸۱ع ص - ۲۳۲ - ۲۳۶ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 354

ڪيو ۽ مولوي عبدالوهاب ڪوڙاچيءَ جي پٽ ابوالحسن ڪي اغوا ڪري ماريءَ تان هيٺ اڇلايو ۽ ماري ڇڏيو. انهيءَ تي مولانا ڪوڙائيءَ مسلمانن جي هڪ وڏي جلسي عام ڪي خطاب ڪري منجهن اسلامي جوش ۽ جذبو ڏياريو. مسلمانن هندن تي حملو ڪيو ۽ ڪجهه هندن کي ماري ڇڏيو. جنهن تي مولانا عبدالڪريم ۽ مولانا درمحمد دول [۱] کي گرفتار ڪري متن خون جو مقدمو هلايو ويو. آخر ۾ جج کين آزاد ڪيو ۽ مولانا ڪوڙائيءَ تي اهاپابندي عائد ڪئي ته پاڻ ٻن سالن تائين پنهنجي زبان کي بند رکندو. پر مولانا ڪوڙائيءَ جج کي جواب ڏنو ته "امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر کان زبان بند نه رهندي." (۲) انهيءَ مٿين احوال مان مولانا ڪوڙائيءَ جي صاف گوئي ۽ بي ڊپائي ظاهر ٿئي ٿي."

مولانا صاحب پنهنجي دور جو هڪ نامياروَ مبلّغ ۽ واعظ ٿي گذريو آهي. سندس تقرير ۽ واعظ ۾ الله تعالىٰ وڏو تاثير رکيو ، جو ڪيترائي بدڪار ۽ راهه ٻڪيل انسان سڌين راهه تي اچي نيڪ ۽ پارسا ٿي ويا.

---

[۱] - مولانا درمحمد بن ملا واصل محمّد دول هڪ جيّد عالم هجڻ سان گڏ وڏو مجاهد به ٿي گذريو آهي. سندس ولادت شهر ٽل (ضلعو جيڪب آباد) جي پرسان ڳوٺ محمّد واصل ۾ ۱۸۸۶ع ۾ ٿي. ڏاڍو اتان جڏي ڳوٺ سليمان دول ۾ قيام پذير ٿيو. خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. پاڻ انگريزن جي خلاف سخت تقريرون ڪندو هو. مٿس ڪيس ٿيندا رهندا هئا. ان سلسلي ۾ ٿي دفعا جيل ۾ به ويو.

- (ڏسو ماهنامه 'شريعت'، سکر، سوانح نمبر آڪٽوبر ۱۹۸۱ع ص - ۲۰۵

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۲۵۹ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 355

مولانا عبدالکریم همیشه بدکاري ۽ فحاشيءَ خلاف جهاد کيو ۽ ان ۾ پاڻ کيترين قدر ڪامياب به ويو. بدعتن ۽ غير اسلامي رسمن کي بند ڪرڻ لاءِ پڻ سر توڙ ڪوشش ڪيائين. سندس وعظ ۽ تلقين ڪري کيترن ماڻهن ويل نيائيون اتاريون.

مولانا عبدالکريم ديني تبليغ جي سلسلي ۾ کيترائي سير سفر به ڪيا. سندن ڪان ٻاهر بلوچستان، جيسلمير ۽ ڪشمير تائين پڻ تبليغ جي سلسلي ۾ ويو. پاڻ طبيعت ۽ مستقل مزاج ۽ طبيعت جو جلالي هو. حق چوڻ ۾ ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ کان نه ڊڄندو هو. سندس مشهور مؤرخ سيد حسام الدين راشديءَ مولانا صاحب جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب "هوڏو وتي هوڏيهن" ۾ مولانا جي حق گوئي، همت ۽ بدعتن کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ ڪافي وضاحت سان لکيو آهي. بقول سيد حسام الدين راشدي جي ته "اهوئي سبب هو جو عام ماڻهن کيس مولانا ڪهاڙو" ڪري سڏيندا هئا." (۱) ارا سواءِ ڪهاڙو سڏجڻ جي باري ۾ مولانا عبدالوهاب چاچڙ وري هن ريت روايت بيان ڪندي لکي ٿو:

"هڪ دفعي هڪ ماڻهوءَ مولانا عبدالکريم کان ناس جو مسئلو پڇيو ته نڪ يا وات ۾ ناس ڏيڻ جائز آهي؟ ان وقت مولانا کوائي بزرگ امروٽيءَ جي خدمت ۾ حاضر هو. بزرگ امروٽي پڻ نڪ ۾ ناس ڏيندو هو. مولانا وراڻيو ته ڪنهي جهڙي نڪ ۾ تهڙي وات ۾، چونه توڙي منهنجو مرشد هجي، تنهن تي امروٽيءَ فراس ته پٽ! خدا جي رحمت هجيئي تو حق جو ڪلمو چيو آهي ۽ انهيءَ ڪري تنهنجو نالو ڪهاڙو آهي جيڪو بدعتن کي ڪاٽڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. انڪري انهيءَ ڏينهن کان سندس لقب ڪهاڙو پئجي ويو." (۲)

---

(۱) - حسام الدين راشدي، "هوڏو وتي هوڏيهن"، سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ سال ۱۹۷۷ع ص - ۳۱۳ ۽ ۳۱۴

(۲) - ڏسو ماهوار شريعت، سکر، سوانح حيات نمبر آڪٽوبر، نومبر، ۱۹۸۱ع - ص - ۲۶۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 356

سندس اهو لقب ايترو ته مشهور ٿي ويو جو ماڻهن کان سندس امل نالو ئي وسري ويو.
مولانا عبدالکريم ڪرمائيءَ کي ڪهاڙي، کان سواءِ سندس بي رايئي ۽ بي باڪيءِ حق گوئي ڪري سيف الاسلام، جو لقب به ڏنو ويو هو. مولانا ڪهاڙي، جو مطالعو نهايت ئي وسيع هو. ۽ شهر هڪ نادر الوجود ڪتب خانو پڻ هو. سندس ڪتبخاني جو ڪجهه حصو سن ۱۹۴۲ع ۽ ۱۹۴۷ع واري درياهي لوڏن جي نذر ٿي ويو باقي ڪتب خانو سندس پوين وٽ محفوظ آهي. هن وقت به سندس جڏيل ڪتبخاني ۾ قريبًا ٻي هزار ڪن ڪتاب ٿيندا.

مولانا عبدالکريم ڪهاڙي، پنهنجي دور جي ڪيترن ئي بزرگن، عالمن، درويشن ۽ مشائخن کان روحاني، علمي ۽ ديني استفادو ڪيو ۽ انهن درويشن سان رهائيون ڪري روحاني فيض حاصل ڪيو. انهن نيڪن ۽ پارن ۾ مولانا سيد تاج محمد امروٽي رح جا خليفا هئا. هڙوڪ مولانا احمد علي لاهوري، مولانا عبدالعزيز ترٻيچائي، مولانا اميد علي جيڪب آباري، مولانا ميرٺ محمد نورنگي، مولانا خوش محمد ميرو خاني، مولانا عبدالحق (شيخ الحديث) مولانا حبيب الله نوشهيڙوي، مولانا عبدالله پنجابي، مولانا غلام فريد سپرو ۽ مولانا دين محمد وفائي ڪانسواءِ مولانا ڪرمائيءَ جا چشموي بزرگ ۽ مولانا دين پوري بزرگن سان به علمي ڪچهريون ٿيل هيون.

مولانا عبدالکريم ڪهاڙو، هڪ ديني مبلغ هجڻ سان گڏ سياسي بصيرت جو پڻ مالڪ هو. پاڻ خلافت تحريڪ جو وڏو ڪارڪن هو ۽ پنهنجي روحاني رهبر سيد تاج محمد امروٽي سان هر سياسي ۽ قومي تحريڪ ۾ گڏ رهيو. انگريزن جي دور حڪومت ۾ واهن ۾ آيل مسجدين جي بچاءَ لاءِ امروٽي صاحب سان همٿيشه هم رڪاب رهيو. انگريزن جي خلاف سنڌ ۽ بلوچستان ۾ تقريرون ڪندو رهيو. انگريزن تحريڪ خلافت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ امن سڀا، تحريڪ جاري

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 357

ڪرائي ۽ امن سپائي ’عالمن کان تحقيق الخلافت‘ نالي هڪ فتويٰ لکائي ان تي ستڌ جي عالمن، مشائخن ۽ سجاده نشينن کان صحيحون ورتيون ويون [۱] انهيءَ جي ردِ ۾ ري خلافتي عالمن ياران مولانا دين محمّد وفائي ” اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافت “ لکي شايع ڪرائي جنهن تي وري خلافت تحريڪ ۾ شامل عالمن صحيحون ڪيون هيون. انهيءَ فتويٰ تي مولانا عبدالڪريم ڪمارڙي پڻ خلافت تحريڪ جي

---

[۱] - سن ۱۹۱۹ع ۾ پهرين مهاياري جنگ جي خاتمي کانپوءِ خلافت جو مسئلو شروع ٿيو. برصغير جي مسلمانن ۽ عالمن ان تحريڪ ۾ انگريزن جي خلاف مضبوط ورتو. هندستاني عالمن انگريزن جي خلاف فتوائون ڏيڻ شروع ڪيون. مولانا محمّد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي انهيءَ تحريڪ کي زور ونايو. سنڌ ۾ به انهيءَ تحريڪ زور ورتو. مولانا تاج محمّد امروٽي، پير رشد الله ڀنڊي واري انهيءَ تحريڪ کي سنڌ ۾ زور ونايو. انگريزن ’امن سپا‘ قائم ڪري انهيءَ تحريڪ کي ختم ڪرڻ تي گهريو. انگريزن جا لاکي ڪري مولوي ’فيض الڪريم ’ناروشاهي‘ کان ”تحقيق الخلافت“ نالي هڪ ننڍڙو رسالو لکايو. مولوي فيض الڪريم ساهتي پرڳٽي جي ’ناروشاه‘ شهر جي اوپر ۾ ’ساندن‘ جو ويٺل هو. ذات جو اعوان هو، مولوي محمّد عيسىٰ جو پٽ هو. مولوي فيض الڪريم اهل حديث مسلڪ جو هو. پاڻ هڪ جيّد عالم هو. علم حديث، فقه ۽ تاريخ اسلام تي وڏو عبور رکندو هو. فتويٰ نويسيءَ ۾ يگانهٔ روزگار عالم هو. ’نوشهرو‘ جي مسلمان ڊپٽي ڪليڪٽر ڪيس سنڌ ڪشنر لارنس وٽ پيش ڪيو. مسٽر لارنس خلافت تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ مولوي صاحب جو انتخاب ڪيو. مولوي فيض الڪريم ’امن سپائي‘ عالمن جو روح روان هو. مولوي صاحب آخر ۾ تنگدستي جي حالت ۾ ۱۹۵۳ع ۱۳۷۳هـ ۾ وفات ڪئي

(رڊسو حامد علي قريشي خانائي ڊاڪٽر ”ساهتي جا قديم علمي مرڪز“ پي-ايڇ-ڊي لاءِ ڪيل مقالو قلمي صورت. سنڌ الاهي سال ۱۹۸۵ع ص- ۲۰۷ - ۲۰۹)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 358

جي حق ۾ صحيح ڪئي هئي (۱) انهيءَ کان سواءِ خلافت تحريڪ جي عالمن طرفان جڏهن "ترڪ موالات" تحريڪ جاري ڪئي وئي، جنهن جو مقصد هوته کوبه ديسي ماڻهو ولائتي شيءَ جي استعمال کان پرهيز ڪري. انهيءَ تحريڪ متعلق سنڌ ۾ هرهنڌ جلسا ڪيا ويا. انهيءَ تحريڪ ۾ به مولانا عبدالڪريم ڪهاڙي پرپور حصو ورتو هو. (۲)

مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو قد جو درميانو بت ۾ پيل ۽ ڪڪ رنگ هو. لباس سادو ۽ ٽلهو پائيندو هو. پاڻ هميشه چوندو هو ته "ٽلهو ڪپڙو ٽلهو ايمان"، مٿي تي ڪاله دار ٽوپيءَ تي دستار بڌندو هو ۽ هٿ ۾ هميشه لٺ کڻندو هو. مولانا صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ پنج شادين کيون ڪيس انهن گهرواڻين مان ڪافي اولاد ٿيو. هن وقت سندس پنائي اولاد مان صرف مولوي حافظ رشيد احمد حال حيات آهي، جيڪو رتيديري شهر ۾ پنهنجو يوناني طب جو مطب هلائي رهيو آهي. سندس نياڻين منجهان هڪ نياڻي زنده آهي. جيڪا مولانا مرحوم پاڻ حضرت امروٽي رح جي هٿان کيل نومسلم مولوي نورالحق شيخ [۳] کي نڪاح ۾ ڏني هئي.

---

(۱) - پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شيون"، ج - ۳ - ص ۲۳، سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۱ع -

(۲) - روزنامه سندي اخبار "الوحيد"، مؤرخ ۵ مئي ۱۹۲۳ع - ص - ۲

[۳] - مولوي نورالحق جو مسلمان ٿيڻ کان اڳ نالو 'مورج' ۽ سندس پيءُ جو نالو 'ميڻو' هو. سندس اصل ڳوٺ "سنجر پٽي" تعلقو شهدادڪوٽ ۾ ضلعو لاڙڪاڻو آهي. مولوي نورالحق "ٽيڙهي" جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيو. سندس شادي بزرگ امروٽي رح جي پارت موجب ۾ سندس جماعت جي ماڻهن جي ڪوشش سان مولانا ڪهاڙي جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان کيس هڪ پٽ ٿيا سندس وڏي پٽ جو نالو نورمصطفيٰ آهي جيڪو سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي ۽ ننڍي پٽ جو نالو نوراللہ آهي جيڪو لاڙڪاڻي ۾ داڪٽر آهي.
مولانا نورالحق ۷ مارچ ۱۹۸۹ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس ڪوٽ الهي بخش ۾ تعلقي رتيديري ۾ دفن ڪيو ويو.
(تاريخ ۱۵۰۵۸۷ تي مولوي نورالحق سان روبرو ملاقات)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 359

مولانا عبدالکريم ڪمارؒي، تقريبًا ۱۳۵۸ھ/ ۱۹۳۹ع ۾ ۷۴
ورهين جي عمر ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. سندس آخري آرامگاه
ڪوٽ الهي بخش يونين جي قبرستان ۾ آهي. سندس مزار تي ڪو به ڪتبو ڪجل نه آهي (۱)

(ب) ديني اشاعت ۽ تحريري خدمتون

مولانا عبدالکريم ڪمارؒي، پنهنجي سموري حياتي دين
جي تبليغ ۽ دين جي اشاعت ۾ پوري ڪئي. وعظ ۽ تقرير سان گڏ پاڻ قلم
جو ڏٽي به هو. مولانا ڪمارؒي ديني تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ گرانقدر
خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس تصنيفات ۾ نثر توڙي نظم ۾ مطبوعه
خواه غير مطبوعه ڪتاب اڇي وڻن تائين جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو
نثر ۾ ديني ادب (قلمي)

۱- 'اصلاح الرسوم' (رد بدعت) [۲]

Gul Hayat Institute

مولانا عبدالکريم جوهي ڪتاب مسلم معاشري ۾ مروج
بدعتن جي رد ۾ هڪ نهايت مؤثر تخليق آهي. جنهن ۾ مولانا اهڙين بدعتن

---

(۱) - مٿين معلومات مولانا عبدالکريم ڪمارؒي جي فرزند مولانا حافظ رشيد احمد
ڪان تاريخ ۸.۳.۸۷ تي ورتي وئي.

[۲] - عبدالکريم ڪمارؒو، 'اصلاح الرسوم'، قلمي، املي ڪاپي سندس فرزند
مولوي حافظ رشيد احمد وٽ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 360

تي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ نهايت مدلّل ۽ مفصل بحث ڪيو آهي. مولانا جوهي ڪتاب ديني ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. هن ڪتاب ۾ مولانا جن بدعتن ۽ غلط رسمن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ۾ شادي ۽ غميءَ جون غلط رسمون، عورتن جي بي پردگي، جانورن ۽ پکين کي پاڙ ۾ وڙهائي خوش ٿيڻ، لغڙ بازي، ڪبوتر بازي، آتش بازي، عقيقي ۽ طهر وغيره جهڙا انيڪ موضوع اچي وڃن ٿا. هن وقت هن قلمي نسخي جو مسودو مولانا جي فرزند وٽ محفوظ آهي. افسوس جوهي سموروں نسخو نامڪمل نظر آيو جنهن جا آخيان ۽ پويان صفحا نڪتل هئا.

٢- قلمي قرآن حڪيم [١]

مولانا عبدالڪريم ڪمارڙو، تصنيف ۽ تاليف سان گڏ خوشنويسيءَ جي فن ۾ به وڏي مهارت رکندڙ هو. مولانا ڪمارڙي جو قرآن حڪيم جوهي نسخو سندس خوشنويسيءَ جي فن جو عمدو مثال آهي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس خط نسخ ۽ خط ڪوفي ۾ وڏو عبور حاصل هو. جي هڪ ورق رڳي جوڪم آهي. ان کان علاوه اهڙي سعادت ڪن خوش نصيب انسان جي حصي ۾ ايندي آهي. مولانا صاحب جي ان محنت تي نظر وجهڻ سان ايمان کي تازگي ملي ٿي ۽ بنا شبهه مولوي صاحب جوهي عظيم ڪم ديني اشاعت ۽ ديني ادب جي سلسلي ۾ هڪ اهم اضافو آهي. ساڳئي وقت ان مان اها گاله به ظاهر ٿئي ٿي ته ڪيس قرآن شريف سان ڪيتري نه حد تائين محبت هئي.

---

[١]- عبدالڪريم ڪمارڙو، مولانا، قلمي قرآن حڪيم (قلمي پوهيو) اصل ڪاپي سندس فرزند مولوي حافظ رشيد احمد وٽ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 361

٣- قرآن حڪيم جي پنجن پارن جو اردو ترجمو [٢]

مولانا عبدالڪريم قرآن حڪيم جي پنجن پارن جو اردو ۾ ترجمو ڪيو آهي، جنهن جي ٻولي ۽ اسلوب بيان نهايت سليس ۽ عام فهم آهي هي ترجمو به احاتائين پريس جي داب هيٺ نه آيو آهي ۽ سندس پوين وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي.

٤- قرآن حڪيم جي ٽن پارن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو [٣]

مولانا عبدالڪريم ڪمارڙي قرآن حڪيم جي ٽن پارن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جو قلمي صورت ۾ هو. هي ناياب ترجمو سندس پوين جي لاغرضيءَ ۽ بي پرواهي سبب گم ٿي ويو.

٥- حصن حصين ۽ حزب البحر (وظائف) قلمي [٤]

هي ٻئي وظيفا مولانا ڪمارڙي صاحب پنهنجي معلومات ۽ وظائف جي اضافي سان نهايت سهڻن لفظن ۾ لکيا آهن، جيڪي خوش نويسيءَ جو اعلىٰ شاهڪار آهن.

---

[٢] - عبدالڪريم ڪمارڙو مولانا، قلمي قرآن حڪيم (قلمي پورهيو) اصل ڪاپي سندس فرزند مولوي حافظ رشيد احمد وٽ موجود آهي.

[٣] _____ ايضاً _____

[٤] _____ ايضاً _____

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 362

٦- معراج المومنين (نماز جا مسئلا) مطبوعه [١]

مولانا عبدالكريم كورائي صاحب هي كتاب نماز جي مسئلن تي لکيو آهي، جنهن جو مسودو توڙي چپيل کتاب مولانا جي پوين وٽ محفوظ رهي نه سگهيو آهي.

٧- اعمال قرآني مطبوعه [٢]

مولانا کهارڙي صاحب جو هي کتاب مولانا اشرف علي ٿانويءَ جي کتاب جو سنڌي زبان ۾ ترجمو آهي، جيڪو چپيل خواه مسوده جي حالت ۾ سندس پوين وٽ محفوظ رهي نه سگهيو آهي.

نظم مان ڏيني ادب (مطبوعه ۽ غير مطبوعه)

مولانا عبدالكريم كورائي صاحب نثر خواه نظم تي دسترس رکندڙ هو. سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ نهايت ئي عمدو ۽ نصيحت ڀريو شعر چوندو هو. پاڻ شعر ۾ گهڻو ڪري "عبد" تخلص استعمال ڪندو هو. پر ڪٿي ڪٿي هن "عبدالكريم" ۽ "كورائي" به ڪتب آندو آهي.

---

[١] - کهارڙي عبدالكريم مولانا، 'معراج المومنين'، مطبوعه، اصل کاپي سندس پوين وٽ هاڪفوظ نه رهي آهي.

[٢] ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 363

مولانا کھارڑي پنھنجي شاعريءَ کي دين جي تبليغ جي سلسلي ۾ ذريعو بڻايو آھي. ھن نظم جي مختلف صنفن ۾ حمد، مولود، غزل خواه مرثيه ذريعي محبّت ۽ عقيدت جو اظھار ڪيو آھي. جنھن جو پس منظر فقط ۽ فقط ديني تبليغ ۽ ديني اشاعت ھو. مولانا جي منظوم ديني اشاعت جو مختصر احوال ھيٺ ڏجي ٿو.

۱- گلشن کھارڑو [۱]

ھي ننڍڙو ڪتابچو ۱۸ صفحن تي مشتمل آھي جنھن ۾ مولانا کھارڑي جا حمد ۽ مولود ڇپيل آھن. جنھن مان مولانا جي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن سان محبت ۽ عقيدت جي اظھار جو ثبوت ملي ٿو. حمد ۽ مولود موضوع، مواد ۽ فني لحاظ کان نھايت ئي معياري آھن. صنف ۾ مولوي صاحب جي ھڪ آندل سنڌيءَ مان اترادي لھجو جھلڪي ٿو ۽ سنڌي زبان جو ھڪ وڏو سرمايو آھن. سندس ڪلام جو مثال ھيٺ ڏجي ٿو:

لڪون چيو پنھنجي صفت ۾ قل ھوالله احد_
سڀ ملائڪ آدمي محتاج الله الصمد
انبيائن اوليائن جا ھيا پيءُ ماءُ مٽ
وحدهٗ مولا سدا توکي جڳائي لم يلد
ولم يولد لڪ چيو پاڻ آ قرآن ۾
لڪون آھين بي مثل تنھنجو نه ٻيو ڪفوًا احد [۲]

---

[۱] - عبدالڪريم کھارڑو، "گلشن کھارڑو"، سکر، حافظ عبدالحميد محمودي پرنٽنگ پريس سکر

[۲] - عبدالڪريم کھارڑو، مولانا، گلشن کھارڑو، مڪتبه شمسيه براڄ روڊ سکر، ص- ۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 364

مولانا "عبد" پنهنجي من حمد ۾ الله تعالىٰ جي وحدانيت بيان ڪندي قرآن حڪيم جي "سورهِ اخلاص" کي موضوع بڻائيندي چوي ٿو ته الله تعالىٰ پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ واحد آهي، هو بي نياز آهي، هو نه ڪنهن مان ڄائو آهي ۽ نه هن کان ڪنهن کي ڇٽيو آهي. سندس کوبه مٽ ثاني نه آهي. سڀ مخلوقات هن جي محتاج آهي.

مولانا "کهاڙي" هن حمد ۾ عوام الناس جو ڌيان خالص توحيد جي طرف چڪايو آهي ته جيئن عام ماڻهن جو اهو بنيادي عقيدو هر طرح جي مشرڪانه خيالن کان پاڪ هجي.

۲- ديوان عبدالڪريم کهاڙو (۱) (حصو پهريو)

مولانا ڪوراڻي صاحب جو هي ڪتابچو به مولودن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ حمدي ۲۱ مولود ڏنل آهن ۽ سمورو ڪتاب ۳۰ صفحن تي مشتمل آهي. هن ۾ هڪ نظم بعنوان "فرياد سنڌ" به شامل آهي جنهن ۾ سنڌي معاشري جي اوڻاين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌ کي فرياد بڻائيندي مسلمان جي حالت زار ۽ ڪڏن ڪرتوتن کي بيان ڪيو ويو آهي، ۽ اهڙي نظم مرڪزين کان بچڻ لاءِ تمام سهڻي انداز ۾ تنقيد ڪئي اٿس. هي اصلاحي نظم چيندڙ عقيدي جو اعليٰ نمونو پيش ڪريندڙ. مولانا صاحب جي اهڙن خيالن جو اظهار هن لفظن ۾ ڪري ٿو:-

---

(۱) - عبدالڪريم "کهاڙو" مولانا، "ديوان عبدالڪريم کهاڙو"، چپائيندڙ حافظ عبدالڪريم قادريه پرنٽنگ پريس لاڙڪانو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 365

هاءِ هيڏو ٿيو مسلمانن سندو آ حال اڄ
مسلمانن کان ويو آ دين ۽ پٽ مال اڄ
آ ترقي ۾ تجارت کسب ۽ ڪاليج سپ
ليڪ آهي دين جو اي ديندارو ڪال اڄ
دين دنيا کسب کان عاري مسلمان دوستو
مسلمانن کان ويا نڪري سپيئي تال اڄ
تا ٽين حملا هزارين حق پرستن جي مٿان
تابع سنت وهائن جوش کان جل جال اڄ
ڪا لڳي اهڙي هوا آهر ڪهين ڪي ياخدا
فسق ۾ ڪاهي پيا پير جوان ڪم سال اڄ
سنت نبوي وئي سانجهي ڪري هن سنڌمان
آحياتي ۾ هلاڪي ۽ جيئڻ جنجال اڄ
مسلمانن جو سني مان [1] آ ڪيو خانوخراب
نوجوانيون نوجوان حاضراتي سي ڀال اڄ
مسلمانن جي زبان کان ويو ذڪر خدا
ري سيني ۾ نه فونن ٽيل آيا ڪال اڄ
ناظر ۽ منظور ملعون اوگهڙن جي تڪن
هي ٻڌي حال روئي تو هي نبي نڳپال اڄ
سپ پري ڪلمون ڪريون تو ٻهر زبان دل سان سپي
۽ ڪجو مرسل مٽي جي مومڻ د نبال اڄ
درد دل مان مون چيو هي داستان اي دوستو
عرض منهنجي ڪي ٿيو الله وٽ اقبال اڄ

---

[1] سئنيما

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 366

ويوحيا علم ۽ عمل غيرت هما جان ٿا ڏئبس
"عبد" جو عربي اجها لوڻ ٿيئ اچي لڇپال اڄ (۱)

مٿين نظم مان اها گاله صاف ظاهر ٿئي ٿي ته مولانا کڙي نه انداز ۾ ان وقت جي سنڌي معاشري جي حالت بيان ڪري اصلاحي نموني ۾ پڙهندڙن کي چيني ڪئي آهي. اها خوبي تمام گهٽ عالمن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ڪريما (عربيءَ سنڌي ۾ منظوم ترجمو)

مولانا عبدالڪريم ڪهاڙيءَ جي ديني اشاعت جي سلسلي ۾ شيخ سعدي جي 'ڪريما' فارسيءَ جو بيڪ وقت عربيءَ سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪڏي اهميت جو حامل آهي. جنهن ۾ هن ڪڏي مهارت ۽ محنت سان فارسي اشعار جو بعينه منظوم ترجمو ڪري سچ پچ ته ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي. فارسي زبان نه ڄاڻندڙ ماڻهو هن ترجمي جي ذريعي فائدا حاصل ڪري سگهن ٿا. نموني طور سندس ترجمو ڪيل ڪجهه اشعار هيٺ ڏجن ٿا:

ڪَرِيمَا تَرَحَّمْ عَلَىٰ حَالِنَا	لِاَنَّا اُسَارىٰ بَقَيْدِ الْهَوَىٰ
ڪريما به بخشائي بر حال ما	ڪه هستم اسير ڪمند هوا
ڪريما ڪر منهي حال مون	آهيان قيد قلهي حرص جو هنهون

(۱) - عبدالڪريم ڪهاڙو، مولانا، ديوان عبدالڪريم ڪهاڙو، چاپائيندڙ حافظ عبدالڪريم، قادريه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو، من - ۵ - ۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 367

لَنَا رَبَّنَا لَا مُغِيثٌ سِوَاكَ	وَلَا غَافِرَ الذَّنْبِ إِلَّا رِضَاكَ
نداريم غيراز تو فرياد رس	توئي عاصيانرا خطا بخش وبس
سواتنهنجي فرياد رس ٻيو نه مون	الهي بندن جي خطا بخش تون (١)

بياض كريمي (منظوم)

مولانا كهارڑي جي "بياض كريمي" ۾ سندي، سرائكي ۽ اردو زبانن ۾ لڳ ڀڳ گهڻو مواد موجود آهي، سندس هي مواد به منظوم ديني ادب ۾ اهم اضافو آهي. سندس قلمي بياض ٢٨٤ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ شعر جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي كئي وئي آهي. انهيءَ قلمي بياض مان كجهه مثالي شعر هيٺ پيش كجن ٿا، جنهن ۾ هن انسانن كي نصيحت صنن لفظن ۾ كري ٿو:

مال دنيا كي نه آهي پائيداري دوستو
حال دنيا كي نه آهي اعتواري دوستو
اج اَتوَ فرصت كرو ياروعبادت ربّ سندي
دائما هي واهه هوندو كيئن جاري دوستو
هك بقا واري آ ياري ربّ واري دوستو
لفظ آ اقبال ابتو لابقا ڏس غور سان
تيو متان مغرور تيندو شرمساري دوستو
كيو خدا پيدا اسان كي ياد پنهنجي كان ادا
گالهه سا دل كان اسان مڙني وساري دوستو
پائو مسكين جي مڙئي نصيحت كي محيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 368

ورنہ ٻيندو وهت هتي پو شرمساري دوسلو
جنهن لکي آهي نصيحت پڙ گهرو تنهن کان دعا
عبادت ۽ عمل کان "عبد" عاري دوسلو(۱)

متين منظوم نصيحت ۾ مولانا عبدالکريم "عبد" هن دنيا جي زندگيءَ ۾ مال دولت کي تمام ضروري ڪري ٿو. حياتيءَ جي بي بقائي جو ذڪر ڪندي انسان کي پنهنجي اصلي مقصد ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي کيس پنهنجي ربّ جي عبادت ڏانهن رجوع ڪري ٿو. هوءُ ٻڌائي ٿو ته هي دنيا دارالبقا نه آهي بلڪ دارالفنا آهي. اصلي ۽ ابدي حياتي آخرت واري حياتي آهي. ان ڪري انسان کي الله تعالىٰ جي بندگي ڪرڻ گهرجي ۽ کيس صالح ۽ نيڪ عملن واري زندگي گذارڻ گهرجي. هن کي مال ۽ دولت تي مغرور ٿيڻ نه گهرجي، ڇوته مال ۽ اولاد رڳو هن دنيا جو زيب ۽ زينت آهن. باقي ربّ وٽ اصلي اهميت واري شيءِ انسان جون نيڪيون آهن. جيڪي کيس آخرت واري ابدي حياتيءَ ۾ ڪم ايندیون.

حقيقت ۾ مولانا ڪهاڙيءَ پنهنجي هن نامحانه شعر ۾ قرآن حڪيم جي هيٺين آيت جي جڙ تشريح ڪئي آهي:

"اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا (۲) (مال ۽ اولاد محض دنيوي زندگيءَ جو زيب زينت آهن. اصل ۾ ته الله وٽ نيڪيءَ جي لحاظ کان باقي رهڻ واريون نيڪيون آهن انهن سان ئي سڀيون اميدون وابسته ڪري

(۱) - عبدالکريم ڪهاڙو، مولانا، "بياض ڪريمي"، قلمي، ص - ۷۳
(۲) - "الکهف"، آيت، ۴۶، پ - ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 369

گري سگھجن ٿيون)

" قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيلٌ ۚ وَالْآخِرَةُ خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقَىٰ " (۱)

(اي پيغمبر! انھن کي چئو تہ دنيا جي موڙي توڙي آھي ۽ آخرت ھڪ خدا ترس انسان لاءِ بھتر آھي)

مولانا عبدالڪريم ڪھاڙي' جي ديني ۽ املاڪي نڪرخواہ شاعريءَ جا چند مثال مٿي پيش ڪيا ويا آھن جنھن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام ڇٽو ڇوڪو آھي. خاص طرح سان مولانا "عبد" جا مولود وڏي وقت تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين مقبول رھيا آھن جن کي ديني مجلسن ۾ جھونگاريو ويو آھي. مولانا عبدالڪريم جي ديني اشاعت ۽ ديني خدمتن جي جائزي ونڊ سان معلوم ٿئي ٿو تہ مولانا صاحب پنھنجي سڄي حياتي ديني تبليغ ۽ ديني اشاعت ۾ گذاري آھي.

---

(۱) - قرآن مجيد، النساء- آيت- ۷۷- پاڙ- ۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 370

(الف) سوانح حيات

مولانا شير محمد ڪوسو

مولانا شير محمد ولد پير محمد ڪوسو جي ولادت ڳوٺ

'پنج ڪبڙ' جهل مگسي بلوچستان ۾ تقريباً سن ۱۲۸۲ھ/۱۸۶۶ع ۾ ٿي. مولانا شير محمد جي صغير سنيءَ ۾ سندس ونڊا بلوچستان مان ڳڏ معاش جي سلسلي ۾ نقل مڪاني ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ ڦريائين قنبر ۾ ميهڙ تعلقن جي ڪن ڳوٺن ۾ خانه بدوشي جي زندگي بسر ڪندا رهيا. بعد ۾ تعلقي قنبر جي مختلف ڳوٺن 'خيرمحمد ڪرڙا'، 'الله بخش امير' ۽ آخر ۾ 'جيڏ ابڙي' ۾ سڪونت اختيار ڪيائون.

مولانا شير محمد غريب گهراڻي جو فرد هو. سندس والد جوڻيال هوتہ معاشي معاملات ۾ منهنجو معاون ٿيڻ پر هن کي علم جو شوق هو، تنهنڪري ديني علم پڙهي عالم ٿيو.

هن ابتدائي تعليم ۾ ڳوٺ 'عيسى' تعلقي قنبر ۾ ملا رحمان جوڻيجو وٽ قرآن حڪيم ناظرا پڙهيا. بعد ۾ ڳوٺ جيڏ ابڙي ۾ جيد عالم مولانا محمد اسماعيل ابڙائي هالاڻيپوتي وٽ عربي ۽ فارسي پڙهيائين. ان دوران مولانا محمد اسماعيل حج تي هليو ويو ۽ مولانا شير محمد کي چيائين تہ جيستائين مان حج تان واپس موٽي اچان پستائين تون مولانا ميرمحمد نورنگي (جيڪو مولانا ابڙائي جو شاگرد هو) وٽ وڃي پڙهه. ان وقت مولانا ميرمحمد نورنگي پنهنجي ڳوٺ 'نورنگ' ۾ مدرسو هلائي رهيو هو، چنانچہ مولانا شير محمد مولانا محمد اسماعيل جي واپسيءَ تائين مولانا ميرمحمد نورنگيءَ وٽ ڪجهه وقت پڙهيو ۽ بعد ۾ مولانا ابڙائي جي واپسيءَ تي موٽي اچي باقي تعليم وٺ پوري ڪري فارغ التحصيل ٿيو. اهو زمانو غالباً اڻويهين صديءَ جي اختتام ڪان هڪ يا ٻه عشرا اڳ هو.

مولانا شير محمد ڪوسي علمي فراغت کان بعد پنهنجي ڳوٺ 'جيڏ ابڙي' ۾ درس تدريس جاري ڪيو. پاڻ ۱۹۱۴ع جي جنگ عظيم ۾ حج تي ويو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 371

ان وچيم سندس استاد مولانا ابڑائي فوت تي ويو. پاڻ مونڪي اڃي پڻهندي استاد جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لڳو. مولانا کوسو فارسيءَ ۾ سعدي ليکيو ويندوهو. وٽانئس ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو، جن مان ڪجهه نالا صيغ وار ڏجن ٿا:

مولوي عبدالخالق جاگيرائي ڳوٺ ڇڱل تعلقو رتو ديرو

مولوي فتح محمد چانديو ڳوٺ ڏاڏوءَ جي واند تعلقو قنبر، مولوي فيض محمد جانديو،

مولوي نورالدين نور لاڙڪاڻو، مولوي محمد اسماعيل قريشي لاڙڪاڻو، مولوي

عطا محمد عطائي ٽوڻيه ڳوٺ محبوب ٽوڻيو ۽ آخر ۾ شهداد ڪوٽ ۾ مولوي

محمد صديق بروهي مستونگ بلوچستان جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا صاحب روحاني طرح سيد غلام مرتضيٰ شاه جيلاني

گنجن واري کان دست بيعت هو ۽ مولانا نورنگي جو به عقيدتمند هو.

مولانا کي اولاد ۾ هڪ فرزند غلام مصطفيٰ آهي، جيڪو

رٽائرڊ استاد آهي.

مولانا صاحب سڄي عمر في سبيل الله ديني تعليم ڏيندي

۹۰ ورهين جي عمر ۾ سيپٽمبر ۱۳۷۶ھ/۱۹۵۶ع ڌاري فوت تي ويو. (۱)

---

(۱) محترم غلام مصطفيٰ (مولانا شير محمد جو فرزند) کان ۲۳ دسمبر ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 372

(الف) سوانح حيات

مولانا ميرمحمد نورنگي

لاڑڪاڻي ضلعي جي معروف ۽ جيّد عالم مولانا ميرمحمّد ولد محمد هاشم جاگيراڻي بلوچ جي ولادت سن ۱۲۸۴هـ/۱۸۶۶ع ۾ گوٺ "رامني گورٽ" [۱] - (تعلقو قنبر) ۾ ٿي. سندس والد بزرگوار نيڪ سيرت ۽ گوٺ ۾ مسجد جو پيش امام هو. [۲] سندس وڏا اصل ۾ ناڑي علائقي جي "ڪلوآباد" ضلعي ڪچي (بلوچستان) جا هئا جيڪي بلوچستان مان قحط ۽ جابلو وحشين جي قرلٽ ڪري لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. [۳]

---

[۱] - گوٺ "رامني گورٽ" جيڪو ته "نورنگ واهه" جي ڪپ ۾ ٿي آهي، ان ڪري ان نسبت سان "مولانا نورنگي" سڏ جي ٿو. "نورنگ واهه" لاڑڪاڻي مان "راڻيس ڪنال" مان نڪري ٿو. سندس سرڪاري رڪارڊ ۾ ناڪوگهارٽ واهه آهي، پر اڃا تائين هلي "ڏهين نمبر آر ڊي" ۾ "نيل" آهي، جتان ٽن ولهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. يعني "نوز واهه"، "گورٽ شاخ" ۽ "نورنگ واهه" (بحواله پروفيسر نعمت الله جاگيراڻي ساڪن رامني گورٽ)

[۲] - سندس والد موصوف راوي آهي ته "مون پنهنجي من فرزند (ميرمحمّد) جي ولادت کان اڳ هڪ خواب ۾ ڏٺو هو ته منهنجي گهر ۾ هڪ سراج (ڏيو) روشن ٿيو آهي، جنهن جي روشنيءَ ڪري دور دراز پنڌ تائين چانڊوڪي ٿي وئي آهي. ٿوري ئي وقت ۾ مون فرزند جائو. جنهن جو تعبير اهو جاتم ته هي نونهال (ميرمحمّد) سراج آهي، جنهن مان علم ۽ سنت نبوي زنده ٿيندي. انهيءَ ڪري سندس تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ۽ توجهه ڏنو ويو." (رسالي "مهراڻ" سوانح نمبر ۵۷ ۱۹ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص - ۵۹

(۳) - محترم سراج احمد (مولانا ميرمحمّد جي فرزند) کان ۲۶-۱-۸۹ تي ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 373

مولانا میر محمد ابتدا ۾ قرآن حکیم جي تعليم پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيو. ٽنهن کان پوءِ مولانا عبدالله ۽ مولانا فيض محمد (پير جوڳوٽ تعلقو ڏنبر) کان فارسي جي تعليم ورتائين. علم صرف ۽ نحو ۾ سندس استاد مولانا محمد اسماعيل منطقي ابڙ (تعلقو ڏنبر) وارو هو، ۽ قدوري ۽ منطق جي تعليم مولانا محمد اسماعيل خيرآبادي وٽ (جيڪو هڪ بينظير عالم، فيلسوف، اول درجي جو متوڪل ۽ متبحر سنت عالم هو) ورتائين. ڪجهه تعليم مولانا عبدالله بنگل ديرائي کان به حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ مولوي فخرالدين انڙ (جو هڪ متبحر عالم، مفتي، صوفي مزاج ۽ سهروردي طريقي جو هو) کان به فيض حاصل ڪيائين ۽ ٿوري وقت مولانا نظر محمد صاحب پُنگ (بهاولپور ڊويزن پنجاب) واري وٽ رهي لاهور هليو ويو ۽ اتي مولوي امام بخش محدث بهاولپوريءَ جي خدمت ۾ رهي نصاب حديث سن ۱۳۱۴ھ/۱۸۹۶ع ۾ مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. (۱)

مولانا میر محمد پڙهڻ لاءِ ديوبند (هندستان) به ويو هو.

جنهن جي روايت سندس فرزند سراج احمد هن طرح ڪري ٿو:

"هڪ ڏينهن مدرسي وڃڻ تي سندس والد صاحب نارائڻ ٿي کيڏ ڪيو، مولانا میر محمد پڇي هليو ويو ڪيئي سال گذري ويا تہ نہ موٽيو. سندس والده فراق ۾ روئي روئي پنهنجي نظر وڃائي ويٺي. هڪ ڏينهن اسان جي ڏاڏي خواب لڏو ۽ گهرواريءَ کي چيائين تہ "تنهنجو پٽ جيئرو آهي ۽ وڏو عالم ٿي هت ايندو، پر توڻ ۽ مان ان کي ڏسي نہ سگهنداسين". ٿيو به ائين ان کانپوءِ ڏاڏي جو پاڻ ڪمال الدين مولانا جي تلاش ڪندو رهيو. هندستان جا

---

(۱) - سامهي "مهراڻ" سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع، مولوي غلام رسول عباسي، "علامه میر محمد نورنگي" (مضمون)، سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص - ۱۶۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 374

مدرسا گولهندو ديوبند وڃي پهتو. مولانا ان زماني ۾ فارغ ٿي اتي
پڙهائيندو هو ۽ پاڻ کي عبدالقادر بلوچ چوائيندو هو. من اتي
وڃي پڇا ڪئي ۽ چيائون ته ميرمحمد بلوچ کوڻي البت عبدالقادر
بلوچ آهي جيڪو باغ ۾ ويٺو پڙهائي ٿو. بهرحال پڇا ڳاڇا ڪرڻ ٿي
مڪ ٻئي کي سمجهاتائون ۽ اهڙي طرح کين سمجهائڻ ڪانپوءِ کين
گوٺ ٿيڻي آيو". (۱)

مولانا ميرمحمد فارغ التحصيل ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي گوٺ اچي
مدرسي ۾ درس تدريس جو شغل شروع ڪيو. سندس ساري حياتي درس تدريس
۾ گذري. کين علم حديث سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. وٽانئس سندن ۽
بلوچستان جا ڪيترائي شاگرد منجهن ياب ٿيا، جن مان فارغ التحصيل ۽ متبحر عالم
هيٺ ڏجن ٿا:-

مولانا شفيع محمد مسجدي تعلقو ميرپور (هي صاحب گويا
مڪ سلسلي جو مالڪ، فقيه، اديب، شاعر، صاحب فتويٰ، علم خطابت جو ماهر
هو)، مولوي محمد صالح بروهي ڪراچي (هي صاحب مڪ عمدو وعظي ۽ جاڻو هو)،
مولوي حبيب الله قاضي لسبيلو (بلوچستان)، مولوي حافظ محمد ڪامل گوٺ سنهڙي،
تعلقو لاڙڪاڻو، مولوي عبدالڪريم جاگيراڻي گوٺ لنهڙ، تعلقو قنبر، مولوي
گل محمد قريشي گوٺ ترائي، تعلقو گڙهي ياسين، مولوي محمد امين تعلقو قنبر،
مولوي پير محمد تعلقو قنبر، مولوي عبدالعزيز جاگيراڻي سندس گوٺ ائي، مولانا
خوش محمد ميروخاڻي، مولانا مولوي عبدالڪريم صاحب ڪوراڻي، گوٺ پاڪارو ٻيلو،
تعلقو رڻو ديرو، مولانا غلام رسول عباسي هيرو جاندرو تعلقو لاڙڪاڻو ۽ سندس
پاءُ مولانا عطا محمد جاگيراڻي جانالا قابل ذڪر آهن. (۲)

---

(۱) - سراج احمد (مولانا ميرمحمد جو وڏو پٽ) کان ۲۶-۱-۱۹۸۹ع تي ورتل انٽرويو.
(۲) - سماڻي "مهراڻ" سوانح نمبر ۱۹۵۷ع، مولوي غلام رسول عباسي. "علامه ميرمحمد نورنگي"
(مضمون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سندھ، ص - ۱۶۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 375

ان کانسواءِ مولوي غلام صديق چنجڻي ڳوٺ 'مياندادچنجڻي'
نزديک نصير آباد(تعلقو وارهه) به سندس شاگردن مان آهي، جنهن مولانا نورنگيءَ
جي وفات تي مرثيه چيو آهي .(۱)

مولانا ميرمحمد نورنگيءَ کي معاشي گذر بسر لاءِ پنهنجي
زرعي زمين هئي. اهل دنيا سان تعلق کي پاڻ چگو نه ڄاڻندو هوءِ انهن کان
بي نيازءِ لاپرواهه رهندو هو. سندس شاگرد مولانا غلام رسول عباسي لکي ٿو،

"سندس صحبت ۾ اهڙي تہ جاذبيت هوندي هئي،
جو هڪ دفعو ملاقات کان پوءِ هميشہ سندس زيارت لاءِ دل مشتاق
رهندي هئي. کيس وعظ ءِ نصيحت ڪرڻ جو نهايت شوق هوندو
هو. سندس حق گوئي، صلہ رحمي ءِ مهمان نوازي قابل رشڪ
هئي . سندائين سندس چهرو خندان هو. تعليم کي پنهنجي عادت کان
اعلىٰ ءِ افضل ڄاڻندو هو. سندس مجلس ءِ کچهري به هڪ علمي
درگاهه هوندي هئي . جنهن ۾ قرآن ءِ حديث کان سواءِ ورلي ڪو
لفظ هوندو هو. سنت نبوي لاءِ نهايت محبت رکندو هو. مطلب تہ
تہ سندس اٺي ويهڻي، کاڌي پيتي ءِ ڪلام سلام ۾ سنت جو اتباع
نمايان ءِ نصب العين هوندو هو. اقام الصلوٰة سندس خاص صفت
هوندي هئي. سندس نماز جا آداب ءِ تعديل ارڪان ڏسي
صلوٰة الصحابہ ياد اچي ويندي هئي. پاڻ تهجد جو سخت پابند
ءِ عامل هو، جنهن ۾ غالبًا نتي پاره قرآن مجيد جا تلاوت ڪندو
هو. هميشہ باوضو رهندو هو. اجابة الدعا ۾ به بيمثال هو. پاڻ

---

(۱) - مولوي عُبيد الله (مولانا غلام صديق جوپٽ) کان ڳوٺ ميانداد چنجڻي ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 376

نئي پيرا باران نماز پڙهليائين ته ڪڪ ظاهر ٿيا ۽ مينهن وسڻ شروع
ٿي ويو. قبرن جي زيارت ۽ الهن کي ثواب حاصل ٿيڻ جو قائل هو.
بدعت جي سخت خلاف هوندو هو. سندس مذهب حنفي هو،
مگر عملاً کوشش ڪندو هو ته اهڙي طريقي تي عمل پيرا ٿجي، جو
اختلاف کان پري هجي. سندس روحاني تعلق فقير فيض محمد لوڻهي
واري سان هو. پاڻ سن ۱۳۲۵ھ/۱۹۰۷ع ۾ حج بيت الله ۽ زيارت
رسول مقبول صلى الله عليه وسلم کان مشرف ٿيو. ڇهه مهينا عرب
۾ رهي اتي جي بزرگن ۽ مشائخن سان ملاقات ڪيائين. انهيءَ نيڪ
سفر ۾ حاجين جي امر بالمعروف ۾ رهبري ڪندو هو.[1]

مولانا ميرمحمد نورنگيءَ کي انگريزن خلاف سخت نفرت
هوندي هئي، منجهس وطن جي آزاديءَ جو جذبو موجود هيو. اهوئي سبب
هو، جو ان وقت هلندڙ 'خلافت تحريڪ' ۽ 'هجرت تحريڪ' ۾ به حصو ورتائين. وطن
جي آزاديءَ جي مجاهدن جهڙوڪ، مولانا تاج محمود امروٽي، پير تراب علي شاه
راشدي (جيڪو سندس شاگرد به هو) ۽ مجاهد اعظم جان محمد جوڻيجي جهڙن مجاهدن
سان ڳنڍ جي ڪيائين.

لاڙڪاڻي واري خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي لاڙڪاڻو
شهر ماڻهن سان ڀرجي ويو. مولانا امروٽي ۽ مولانا ميرمحمد نورنگي هڪ بگيءَ
۾ گڏ ويٺا هئا. ان بگيءَ کي جلوس جي شڪل ۾ ماڻهو چڪيندا اڳتي آيا. پير
تراب علي شاه ٻڌي ڏسن جان محمد جوڻيجو بگيءَ جي اڳيان پيئي هليا.[2]

---

۱. - سعادتي "ڏهراڙ"، سوانح نمبر ۷ ۵ واع، مولوي غلام رسول عباسي "علامه ميرمحمد
نورنگي". (مضمون)، سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ. ص - ۱۶۰
۲. - محترم سراج احمد (مولانا نورنگيءَ جو وڏو پٽ) کان ۲۶-۱-۱۹۸۹ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 377

اهڑي طرح مولوي فيض الڪريم تاروشاهي طرفان خلافت جي رد ۾ لکيل رسالي 'تحقيق الخلافت' جي جواب ۾ سنڌ جي عالمن طرفان 'اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافة والامامة' جي نالي سان لکيل فتويٰ تي مولانا ميرمحمد جي تصديقي صحيح موجود آهي. (۱)

اهڑي طرح 'جميعة العلماء' صوبي سنڌ جي طرفان سن ۱۳۴۰ھ/ ۱۹۲۱ع ۾ ولايتي ڪپڙي خريد ڪرڻ جي حرمت جي باري ۾ جيڪا 'متفقه فتويٰ' جاري ڪئي، تنهن تي پڻ مولانا نورسنگيءَ تصديقي صحيح ڪئي آهي. (۲)

مولانا ميرمحمد نورسنگي سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي ۱۰ محرم الحرام سن ۱۳۶۱ھ/ ۱۹۴۲ع تي رحلت ڪئي. مولانا جي جناري نماز سندس وصيت مطابق مولانا غلام رسول عباسيءَ پڙهائي. سندس مرقد مسجد شريف سان لڳ اتر پاسي ڪان آهي. (۳)

مولانا صاحب آخري وقت ۾ دم پروار ٿيڻ ڪان اڳ تي رفعا ڪلمهٔ طيب ۽ ڪلمهٔ شهادت پڙهي وصيت ڪيائين ته "منهنجي قبر کي زيارت گاهه نه بڻائجو، قبر تي پڙ نه وجهجو، گٽ ڪان وڌيڪ نه کجو ۽ نه روئجو رڙجو، منهنجي مصليءَ ۽ تعليم جي ڪم کي نه ڇڏجو، خدا تي توڪل رکجو". ايئن چئي سندس دم پروار تي وئي. (۴)

---

(۱) - "اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافة والامامة"، انجمن شوريٰ علماء سنڌ سکر سال ؟، ص - ۱۴۸

(۲) - 'متفقه فتويٰ' (ولايتي ڪپڙو خريد ڪرڻ جي حرمت بابت)، جميعة العلماء صوبه سنڌ سکر، ۱۳۴۰ھ ص - ۱۶

(۳) - سراج احمد (مولانا نورسنگي جو وڏو فرزند) ڪان ۲ ۲۶ ۱، ۱۹۸۹ع تي ورتل انٽرويو.

(۴) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 378

مولانا صاحب کي ماڻهن وس کيا نه مريد ڪيو
مگر پاڻ انڪار ڪيائين ۽ چيائين ته "ان ۾ منهنجي نفس جو نقصان آهي".

مولانا نورسنگيءَ کي اولاد ۾ ٽي پٽ ٿيا. جن ۾ سراج احمد، مولوي غلام محمّد ۽ حافظ قاري نور احمّد آهن. سندس وڏو پٽ سراج احمد سني ديني جاڻ رکي ٿو پر فارغ التحصيل ٿي نه سگهيو. ٻيو نمبر فرزند مولوي غلام محمّد ديوبند مان پڙهي آيو ۽ پنهنجي والد جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لڳو ۽ سن ۱۳۸۸ھ/ ۱۹۶۸ع ۾ وفات ڪيائين. ٽيون نمبر فرزند حافظ قاري نور احمد ڪجهه والد وٽ پڙهيو ۽ ديوبند مان پڙهي آيو، والد صاحب جي خدمت ۾ رهي پڙهايائين. پر ڪجهه وقت کان پوءِ پڙهائڻ ڇڏي ڏنائين. سن ۱۴۰۰ھ/ ۱۹۷۹ع ۾ وفات ڪئي. [1]

---

[1] - محترم سراج احمد (مولانا سيد محمّد جي پٽ) کان ۲۶-۱-۱۹۸۹ع تي ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 379

(الف) سوانح حيات

مولانا خادم حسين جلوئي

مولانا خادم حسين ولد فقير محمد جيئل جلوئي جي ولادت سن ۱۲۸۴ھ/۶۸-۱۸۶۷ع ڌاري تعلقي گڙهي ياسين جي هڪ گوٺ 'شاهپور' ۾ ٿي. سندس نسبي تعلق سنڌ جي آخري کلهوڙي حڪمران ميان عبدالنبيءَ جي سپه سالار ۽ معتقد خاص دڳا ٿي خان سان آهي. جنهن سان سندس شجرو چوٿين پيڑهيءَ ۾ ملي ٿو. مولانا جو خاندان خوشحال هو ۽ مولانا پنهنجي خاندان جو سڪيلو ۽ فرزند هو. جنهنڪري ننڍپڻ ۾ سندس پرورش نهايت ئي خاطر خواه طريقي ٿي ڪئي وئي. سندس والد ماجد ۽ جد امجد شريعت جا پابند ۽ پرهيزگار انسان هئا. مولانا جي به ننڍپڻ کان ئي انهن جي تربيت جي اثر هيٺ سندس طبيعت جو لاڙو ديندارئ ڏانهن رهيو. يارهن، بارهن سالن جي عمر ۾ سندس خواهش ۽ اصرار تي کيس پنهنجي گوٺ کان هڪ ميل جي مفاصلي تي 'جنڊه ديري' ۾ مولانا جان محمد ٻٽي جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. جتي قرآن مجيد ۽ 'سڪندرنامه' تائين فارسيءَ جو درسي نصاب پڙهي پورو ڪيائين.

ان کانپوءِ 'شاهپور' کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي گوٺ 'ترائي' ۾ مولانا قاضي عبدالرزاق جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتي صرف، نحو ۽ فقه جا ابتدائي ڪتاب پڙهيائين ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ پنهنجي استاد سان گڏ حرمين شريف وڃي حج جي ادائگي جي سعادت به حاصل ڪيائين.

حرمين شريفين کان واپسيءَ تي رتيديري (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ آيو ۽ مولانا عبدالله نوناري جي مدرسي ۾ درس نظاميءَ جي تڪميل لاءِ داخل ٿيو. اهڙيءَ ريت ۾ مولانا خادم حسين پنهنجي استاد جي اجازت سان انهيءَ دور جي مشهور فلسفي مولانا محمد اسمٰعيل جي خدمت ۾ (گوٺ گل محمد ابڙو تعلقو قمبر) ۾ حاضر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 380

ٿو ۽ کانئس هڪ مهيني جي مختصر عرصي اندر فلسفي جو مشهور ڪتاب 'ميبذي' پڙهي رٽيديري ۾ مولانا عبدالله نوناريءَ وٽ واپس آيو ۽ اتي مستقل رهي درس نظامي مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا خادم حسين وڏيڪ علم جي تشنگي محسوس ڪري رياست بهاولپور جي مشهور علمي مرڪز 'پُنگ' ڏانهن روانو ٿيو ۽ ان دور جي شهرهٔ آفاق منطقي ۽ فلسفي مولانا نظر احمد انديڙ جي خدمت ۾ پهتو ۽ منراتر في سال رهي کانئس علم الڪلام، فلسفه ۽ منطق ڪبريٰ جا ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين.

مولانا خادم حسين جلوتيءَ علمي فراغت ڪانپوءِ مولانا عبدالله نوناري جي خدمت ۾ رٽيديري ۾ اچي حاضر ٿيو. جتي مولانا عبدالله صاحب سندس غير معمولي قابليت ۽ علمي ڪمالیت کان متاثر ٿي نه فقط پنهنجو جاءِ نشين يعني پنهنجي مدرسي جو مدرس اول مقرر ڪيو پر پاڻ به تعليم ۽ تدريس جي دوران کانئس علم الڪلام فلسفه ۽ منطق ڪبريٰ جو استفادو ڪندو رهيو.

مولانا خادم حسين رٽيديري ۾ ٽي سال درس ڏنو. ان کان پوءِ ١٣١٨ھ/١٩٠٠ع ۾ بزرگ عبدالغفور همايوني (جيڪو سندس استاد زاده هو) جي ارشاد مطابق پليڏني آباد تعلقي جيڪب آباد جي ديني مدرسي جو مدرس مقرر ٿيو جو پليڏني آباد جي معتبر زميندار الحاج اوستہ ڪريمڏني خان قائم ڪيو هو. اهڙن ڏينهن ۾ سندس مدرسو هڪ علمي ۽ ديني مرڪز جي حيثيت سان سڄي سنڌ جي سڀني مدرسن ۾ امتيازي درجو حاصل ڪري چڪو هو، ان دوران مولانا صاحب کي سن ١٣٢٢ھ/ ١٩٠٤ع ۾ دوباره ديارحبيب ڏانهن وڃڻ نصيب ٿيو. ١٩٠٩ع ۾ حضرت شيخ طريقت مولانا فقير عمرجان نقشبندي 'پلي ڏني آباد' ۾ آيو انهيءَ موقعي تي هڪ معيار العقول جي ظهور پذير ٿيڻ سبب مولانا خادم حسين حضرت چشموي صاحب جي هٿ تي دست بيعت ٿيو.

سن ١٣٢٨ھ/ ١٩١٠ع ۾ مدرسي جي انتظامي معاملات تي مدرسي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 381

جي باني سان اختلاف پيدائتي پوڻ سبب 'پليڊ في آباد' کي چڏي جيڪب آباد ۾ آيو ۽ دوستن جي اصرار تي جامع مسجد جي مدرسي ۾ قيام ڪري تعليم ۽ تدريس شروع ڪيائين. هتي سندس جي مختلف ضلعن ۽ باهر جي دور دراز علائقن کان منتهي طالب العلم سَوَن جي تعداد ۾ اچڻ لڳا ۽ درس وٺندا رهيا.

مولانا صاحب ۳۵-۱۳۳۴ھ/۱۹۱۵ع ۾ ڪن دوستن جي استدعا تي ڀيهر 'پليڊ في آباد' وڃي وسايو ۱۳۴۳ھ/۱۹۲۴ع تائين بدستور تعليم ۽ تدريس جاري رکيائين.

مدرسي جي باني اوستي ڪريڊ في جي وفات بعد مدرسي جانتظام درهم برهم ٿيڻ لڳو، جنهن ڪانپوءِ مولانا صاحب دوستن جي مشوري سان 'پليڊ في آباد' کي چڏي ريتديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ اچي قيام پذير ٿيو ۽ اتي پنهنجو مدرسو قائم ڪري دين جي خدمت ۾ مصروف ٿي ويو.

مولانا خادم حسين جي شاگردن جي فهرست تمام طويل آهي، جن سالها سال وتائس ظاهري ۽ باطني فيض حاصل ڪيو ۽ پوءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي علم ۽ عرفان جي پياسن کي سيراب ڪيائون، انهن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولانا عبدالله دُرخاني، 'مشڪاف' بلوچستان. مولانا قاضي عبدالعزيز مستونگ بلوچستان، مولانا قاضي حبيب الله لسبيلو، مولانا مفتي صاحبڏنو سلطان ڪوٽ، قاضي نور محمد صاحب 'منڙي' بلوچستان، مولوي غلام رسول ڪوسو جيڪب آباد، مولوي عبدالواحد مري جيڪب آباد، مولوي درمحمد 'ٽل' ضلعو جيڪب آباد، مولوي رحيم بخش سومرو شڪارپور، مولوي عبدالحڪيم سومرو شڪارپور، مولوي عبدالڪريم ڪندڙ گڙهي ياسين، مولوي قاضي عطا محمد گڙهي ياسين، مولوي قاضي گل محمد گڙهي ياسين، مولوي محمد مبارڪ گڙهي ياسين، مولوي عبدالعزيز ادو ربو ديرو، مولوي عبدالغفور مهر سڪر، مولوي عبدالڪريم عباسي مفتي خيرپور،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 382

مولانا اميد علي صدر مدرس مدرسو قائم العلوم لهوتكي ، مولوي نور محمد لهوتكي
مولوي عبد الرحمان منياڻي ميرپور ماٿيلو ، مولوي عبد الله بلوچ لاڙڪاڻو مولوي
سلطان احمد جتوئي سنڌس (ٻيائون) رتوديرو ، مولوي محمد يعقوب رتوديرو، مولوي
عبد الكريم پٽني رتوديرو ، مولوي الهي بخش ميروخان ، مولوي نظام الدين بلوچ قنبر ،
مولوي محمد عظيم "شيدا" نصيرآبادي ، مولوي عبد العزيز مكراني (واڙهه) ، مولوي كريم بخش
واڙهه ، مولوي محمد سليمان ميهڙ دادو ، مولوي محمد سليمان واعظ تڙڙي محبت ميهڙ ،
مولوي نثار احمد سيتائي دادو ، مولوي عبد الرزاق دادو ، مولوي فتح علي جتوئي
صدر مدرس مدرسه هاشميه سجاول ۽ مولوي محمد يوسف ميهڙ سجاول شامل آهن .
ان كانسواءِ هيٺ ذكر كيل حضرات مولانا خادم حسين جا شاگرد به هئا ۽ طريقت ۾ خليفا
به هئا .

مولانا غلام عمر صاحب خليفه اول ، ٽوڻسه شريف ، مولانا محمد هاشم
خليفه دوم نوابشاه ، مولانا الحاج خليفه سوم نوابشاه ۽ مولانا محمد سليمان ميرائي خليفه
چهارم سکر ، اهڙيءَ طرح مولانا محمد قاسم گڙهي ياسيني ، مولانا محمد ابراهيم گڙهي ياسيني ،
مولانا محسن علي شاهُ ميان جوگوٺ ، مولانا نبي بخش عودي حيدرآباد ، مولانا عطا محمد
عباسي رتوديرو ، مولانا عبد الله بنگل ديرو ، مولانا ميرمحمد حاجيراڻي قنبر ، مولانا قمر الدين
انڊڙ پنوعاقل شامل آهن .

مولانا خادم حسين نه فقط اعلىٰ پايه جو مدرس ، معلّم ، محقّق
۽ مفتي هو ، پر سنڌ مقرّر ۽ محرّر به هو ، فقهي ۽ شرعي مسائل ۾ پوري تحقيق
۽ تدقيق سان فتويٰ ڏيندو هو . فتوىٰ جو انحصار هميشه متفق عليه يا اڪثر
مرجح قول تي رکندو هو ، تحرير جو هر لفظ تولي تڪيل هوندو هو . ان جي هر جملي
۾ بنا پس و پيش جي تسليم ڪيو ويندو هو .

وعظ و نصيحت ۽ دين جي تبليغ سندس شيوو هوندو هو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 383

ڳڙحق گوئي ۽ حق پسندڻي جي باوجود ان کي " اُدع الیٰ سبیل ربک بالحکمة والموعظة الحسنة " تائين محدود رکندو هو. البته بداعتقاديءَ کي کنهن به صورت ۾ برداشت نه کندو هو. ان جي اصلاح لاءِ حتی المقدور کوشش کندو هو.

مولانا صاحب بهترين مناظر به هو. غير معمولي علميت ۽ قوت تقرير کان علاوه علم الکلام ۽ منطق کبریٰ جي مطالع سندس مناظرانه صلاحيت ۾ زبردست اضافو کيو هو.

"تحريڪ خلافت" جو بنياد بظاهر ترکن جي حمايت تي رکيو ويو هو، پر دراصل اها تحريڪ هن برصغير جي آزاديءَ جي تحريڪ هئي. مولانا خادم حسين بهڙيت پسند عالم ۽ برطانوي سامراج جو سخت مخالف هو، تنهنڪري هن تحريڪ ۾ شامل ٿي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ پرپور حصو ورتو. پاڻ جيئن ته فصيح البيان ۽ جادو بيان مقرر هو، انڪري پڌندڙن جي دل ۽ دماغ تي ڇائجي ويندو هو. اهڙيءَ ريت هن سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جيڪي خلافت ڪانفرنسون منعقد ٿيون، انهن ۾ شرڪت ڪري پنهنجي قومي فريضو سمجهندو هو ۽ ماڻهن ۾ آزاديءَ جي حرارت پيدا ڪرڻ جي جهاد تصور ڪندو هو. انڪري هن انهيءَ جهاد ۾ خوب لهرو ورتو.

مولانا صاحب هڪ زاهد ۽ عابد شخص هو. ڏينهن جو تبليغ ۽ تعليم وتدريس ۾ مشغول رهندو هو ۽ رات جو عبادت ۽ رياضت ۾ رهندو هو. سياري ۽ اونهاري ۾ چادر ويڙهيندو هو. ته ڪنهن اهڙي شيءِ تي نظر نه پوي جنهن مان دل ۾ برائي جو خيال پيدا ٿئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 384

مولانا خادم حسين هڪ شادي ڪئي، جنهن
سان ڪيس اولاد نٿيو. جنهن ۾ الحاج مولوي نذير حسين
"جلالي"، ميان بشير حسين، امير حسين جلوئي ايڈووڪيٽ
۽ هڪ نياڻي تولد ٿي. جيڪا سند جي مشهور ۽ نامياري
واعظي مولوي سلطان احمد جتوئي جي عقد ۾ آئي.

آخر ۾ علم، عرفان، رشد ۽ هدايت جو
هي آفتاب ٽيهٺ سالن جي عرصي تائين مسلسل دين
جي نبي لوث خدمت ڪري ۽ الله جي مخلوق کي ظاهري
۽ باطني فيض ڏيڻ بعد ۱۵ شوال ۱۳۴۸ھ مطابق ۱۵ مارچ
۱۹۳۰ع ۾ ٽيهٺ ورهين جي عمر ۾ رحلت ڪري ويو. مولانا کي ڪيس
وصيت موجب 'جندي ديري' ۾ مسجد شريف جي پرسان سندس
پرين استاد مولانا جان محمد پٺي مرحوم جي مزار جي پاسي ۾ دفنايو ويو.
مولانا مرحوم جي دوست ۽ خليفي مولانا مفتي محمد تاسم
ڳڙهي ياسيني هڪ قطع تاريخ لکيو هو، جنهن جا فقط هيٺيان ٽي بيت مولوي
نذير حسين قلمبند ڪيا آهن ۽ آهن سان آخري مصرع مادهٔ تاريخ آهي

آه خادم حسين بس مغفور، عالم و فاضل و سراپا نور
شب يڪشنبه بو دليل وصال، که يوصل، خداشه او مسرور
سال تاريخ او جو بر سيدم، گفت هاتف سنش "زهي مغفور"

---

(۱) - سماهي "مهراڻ"، ۱۹۷۱ع، جلد، ۴، مولوي نذير حسين جلوئي، "حضرت
مولانا الحاج خادم حسين جلوئي" (مضمون) ص - ۱۰۲ کان ۱۱۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 385

(الف) سوانح حيات

مولانا حافظ عبدالرحمٰن پيرُ

مولانا حافظ عبدالرحمٰن ولد دوست محمد ذات پيرجي

ولادت سندس شناختي کارڊ موجب سن ۱۲۸۵ھ/ مطابق ۲ جنوري ۱۸۶۸ع

پيرُ گوٺ گل پيرُ[۱] تعلقو خيرپور ناٿن شاه ضلعي دادو ۾ ٿي.

مولانا حافظ عبدالرحمٰن جي پهرئين رهاڻ گل پيرُ درشاڻي (قلعي اسٽيشن لڳ) پوءِ گوٺ پياروديرو تعلقو وارهه ضلعو لاڙڪاڻو، ان کانپوءِ پٻي شريف (پياري گوٺ ۽ ڪَڪَرَ جي وچ ٿي خانپور جي نزديڪ) ۽ آخر ۾ گل پيرُ، ڪنڊ (خيرپور ناٿن شاه جي لڳ) هئي. (۲)

حافظ عبدالرحمان اڃا ڄڻ ننڍ وهوٽ سندس والد وفات ڪري ويس، جنهن کانپوءِ پاڻ چاچي جي پالنا ۾ آيو. جيڪو ڪيس مال چارائڻ لڳو. ڪيس دل ۾ تعليم پرائڻ جو شوق جاڳيو، ان کانپوءِ پياري گوٺ اسٽيشن

---

[۱] - گوٺ گل پيرُ ڪَڪَرَ شهر کان اولهه طرف انڪل اٺ ڏهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. وچ ٿي پکو گوٺ ٽنڊي جاڏو شهيد آهي. گوٺ گل پيرُ ٽنڊي جاڏو شهيد کان انڪل ٽي چار ميل اڃا به اولهه، بچاءِ بند کان اندر کاپي ۾ آهي. هي قديمي گوٺ آهي. پرسان پير ذات وارن جا ٻيا به گوٺ آهن. هي کاپي جو علائقو آهي، گورڪ هل اسٽيشن، سامهون (اولهه ۾) اٿس، ان کانپوءِ ڏهن پندرهن ميلن جي مفاصلي تي ٽنڊي گاج اٿس.

(۲) - مولوي خان محمد چانڊيو ساکن خيرپور ناٿن شاه (مولانا حافظ عبدالرحمٰن جو شاگرد) کان ۱۵ مارچ ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 386

جي نزديک (ضلعو دادو) گوٺ دريشائيءَ جي مدرسي ۾ مولوي غلام حسين پهنور وٽ داخل ٿيو جتي قرآن شريف جو حفظ ۽ ڪجهه عربي فارسي پڙهيائين. دريشائين ۾ سندس ملاقات حاجي محبوب پهنور ياروديرائي سان ٿي. (حاجي محبوب مولوي غلام حسين وٽ ايندو ويندو هو) حاجي محبوب کي حافظ صاحب جي طبيعت ڏاڍي وڻي ۽ مولوي غلام حسين کي التجا ڪيائين ته حافظ صاحب جي ڀاڻڻ ڪسڻ ڏئي ته هو گوٺ ياروديرو ۾ اچي مدرسو هلائي ۽ پيش امامي ڪري. اهڙيءَ طرح پوءِ حافظ عبدالرحمٰن گوٺ ياروديرو ۾ پهتو. گوٺ ياروديرو جي پرسان ئي "وڏاولڙ" ۾ هو، اتي مولانا محمد عظيم محمد عظيم شهيد ا مدرسو هلائيندو هو. حافظ صاحب پوءِ ان جي شاگرديءَ ۾ ٻه ٽرهيوءِ وٺ باقي علم پوروڪري دستار بندي ڪيائين.

هڪ روايت موجب حافظ عبدالرحمٰن ڪجهه وقت مولوي محمد قاسم ٻهر جي مدرسي ۾ ٻه پڙهيو. اهو مدرسو گوٺ "لڏائي" تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ۾ خانپور جي ٽڪ هو. (۱)

مولانا حافظ عبدالرحمٰن علمي فراغت کانپوءِ ياروديرو ۾ توڙين واري پاڙي ۾ حاجي شيرمحمد توڙيو جي قائم ڪيل مدرسي ۾ باقاعدي درس تدريس جو شغل شروع ڪيو. ۽ تانئس ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو. اهڙن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

مولوي نبي بخش زرداري ضلعو دادو، مولوي غلام محمد لغاري ضلعو دادو، مولوي نور احمد پهنور سندس استاد زادو دريشائي ضلعو دادو، حافظ خان محمد توڙيو گوٺ ڪُنڀر تعلقو وارهه، حافظ بشير احمد سومرو ضلعو دادو گوٺ لونگ توڙيو تعلقو ميهڙ، حافظ سلطان احمد (پنجاب)، حافظ غلام محمد عباسي خيرپور جوسو تعلقو قنبر، مولوي غلام عمر چانڊيو گوٺ ڏڳهه ٽڪ هير تعلقو قنبر، علامه رحمت الله

---

(۱) حافظ غلام محمد لاکو ساکن ياروديرو عمر ۷۵ سال (حافظ صاحب جو شاگرد) کان ۳۱ ڊسمبر ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 387

طارق مگسي ويل پنڊر آچا لڳ لوڙهي قنبر حال مقيم ملتان، ملاکريم بخش بروهي زميندار گڙهي خيرمحمد ڪريو تعلقو وارهه. مولوي حافظ ضياءُ الحق سولنگي (مولانا فضل عظيم شيدا جو فرزند) حافظ عبدالڪريم ٽوڻيو گوٺ لالو رائڻ ڪ تعلقو واره. (۱) حاجي عبدالڪريم پهلوڙ (حاجي محبوب جوڻيجو (يارو ديرو) حافظ جان محمد بروهي ديلهار، تعلقو قنبر، محمد سالح جوڻيجو پٽي شريف، سلهو دادو، مولوي خان محمد چانديو گوٺ خيرمحمد چانديو تعلقو خيرپور ناٿن شاهه، مولوي فضل يوسف لغاري قابل ذڪر آهن. (۲)

حافظ عبدالرحمٰن گوٺ يارو ديرو، ۾ چڪو ڪرهو مدرسو هلايو، ۽ پوءِ اندازاً ۱۹۵۴-۵۵ع ۾ اتان چڏي پٽي شريف هليو ويو. اتي ڪجهه عرصو رهڻ بعد اتان چڏي وفات تائين پنهنجي گوٺ گل ٻيڙ ۾ اچي رهيو.

مولانا حافظ عبدالرحمٰن جي پنهنجي همعصر عالمن مان جن سان دوستي رهي ۽ آهن ۾ مولانا فضل حق مارفاڻي چانديو گڙهي خيرمحمد ڪريو تعلقو قنبر، مولوي عبدالڪريم ٽوڻيو ٽوڙهي، تعلقو قنبر، مولوي فضل بچل چانديو تعلقو خيرپور ناٿن شاهه، مولوي فضل اسحاق ڪوهارو ڪريو غلام الله تعلقو خيرپور ناٿن شاهه، مولوي فضل چنڊ لغاري گوٺ ولي فضل لغاري تعلقو خيرپور ناٿن شاهه قابل ذڪر آهن.

حافظ صاحب زاهد عابد شخص هو. نفل ۽ تهجد نماز ۾ گهڻو وقت بيهندو هو. هر مهيني ٽي روزا رکندو هو.

حافظ صاحب درس تدريس کان سوا ۽ ڪجهه تصنيف تاليف به ڪئي جنهن ۾ "بندالبحر" نالي هڪ قلمي ٻيان تصنيف ڪيائين. جنهن ۾ مختلف فقهي مسئلا، اوامر نهي، قرآن شريف ۽ وعظ نصيحت جا نسخا قلم بند ٿيل آهن. سندس مذڪوره ٻيان دستياب ٿي نه سگهيو آهي.

حافظ عبدالرحمٰن جي به شاديون هيون، پهرين گهرواريءَ مان هڪ نياڻي ۽ ٻي ڪمان به پٽ نالي علي اڪبر ۽ عبدالعزيز عرف دوست محمد آهن

مولانا حافظ عبدالرحمٰن سنڌي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري ۽ ۲۰ سپٽمبر ۱۹۶۱ع تي رحلت ڪيائين. سندس آخري آرامگاه پنهنجي گوٺ گل ٻيڙ ۾ ٿي آهي.

---

(۱) - مولوي عبدالحي چانديو (مولانا حافظ عبدالرحمٰن جو شاگرد عمر ۶۳ سال) ڪان ۱۲، مئي ۱۹۹۲ع تي وٽس انٽرويو.
(۲) - مولوي خان محمد چانديو ڪان وٽس انٽرويو.
(۳) - ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 388

(الف) سوانح حيات

مولانا حافظ محمد کامل دايو

مولانا حافظ قمد کامل ولد تگيل دايو (قادري) جي ولادت اندازاً سن ۱۲۸۶ھ/ ۱۸۶۹ع ۾ گوٺ گانگرو، نزد ڏنڏن عاقل تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. ٽن ڇهن سالن جي عمر ۾ ماتا ڪرڻ جي ڪري نابين ٿي پيو. سندس پاءُ خدا بخش به عالم هو

حافظ قمد کامل ابتدائي تعليم ۾ قرآن شريف پنهنجي پاءُ خدا بخش وٽ پڙهيو، جنهن جو گانگري ۾ مدرسو هو. حافظ صاحب جاوڏا گانگري گوٺ مان لڏي قريبي گوٺ 'دودو سنهڙي' ۾ آيا. گوٺ 'دودو سنهڙي' واهجي مٿان آهي، جنهن ڪري 'دودو سنهڙي' جي نالي سان لڏڻ ٻي ٿو. متي مولانا نابني بخش عباسيءَ جي مدرسي ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائين. ان کانسواءِ عربيءَ ۾ 'ارشاد الصرف' به هن نئي مدرسي ۾ شروع ڪيائين. 'صرف' ۽ 'نحو' ٻي ايڏو عبور حاصل ڪيائين جو صيغا سڃي جا سڃا ياد ڪري شاگردن کي سيکارڻ شروع ڪيائين. ان کانپوءِ "مدرسه نورنگ" ۾ مولانا مير قمد نورنگي ٽوٽ باقي سموري تعليم پوري ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

Gul Hayat Institute

حافظ قمد کامل وڏي ذهن ۽ ذڪاوت جو مالڪ هو. سندس فرزند حافظ احمد رحمت الله، مولانا غلام رسول عباسيءَ جا تاثرات هن ريت بڌايا:-

"حافظ صاحب! نه فقط اسانجو معلم ۽ سنگتي هو، مگر اسانجو استاد به هو. جڏهن استاد مير قمد نورنگي صاحب سبق ڏيندو هوندا سائين حافظ صاحب وري اسانکي (نابين هجڻ جي باوجود) ان جا پيرا ڏياريندو هو ۽ پوءِ اسان کي اهي سبق ياد ڪيندا هئا." (۱).

---

(۱) - حافظ احمد رحمت الله (مولانا حافظ قمد کامل جو فرزند) کان ۲۸ ڊسمبر ۱۹۸۶ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 389

حافظ محمد کامل عاصي فراغت کان بعد گوٺ ڏودو سنهڑي
يه مدرسو جاري ڪري درس تدريس جو شغل شروع ڪيو. ۽ تاسف ڪيترن ئي شاگردن
عاصي فيض پرايو. سندس شاگردن جا ايترا نالا ملي نه سگهيا آهن. البته ڪجهه نالا
هيٺ ڏجن ٿا:-

معروف عالم ۽ فقيه مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو[۲] (جنهن ابتدائي
عربي تعليم پڙهيو) مولوي عبدالله قريشي پيرزادو، ميان محمد عالم، ميان محمد
معشوق، مولوي محمد اڪرام جتوئي، مولانا علي محمد حقاني مهتمم مدرسه اشاعت
القرآن لاڙڪانو (جنهن ارشاد الصرف پڙهيو) ۽ مولانا غلام محمد جاگيراڻي سندس استاد زادو
جنهن فارسي پڙهيو.

حافظ صاحب صرف ۽ نحو ۾ وڏو قابل هو. ڪوشياري لسبيلي
کان به شاگرد جنهن پڙهڻ ايندا هئا.

سندس همعصر عالمن ۾ مولانا غلام رسول عباسي، مولانا
محمد ايوب ڏهني، تعلقو قنبر، مولانا عبدالحڪيم شاه لطائي وارو ۽ مولانا خوش محمد
ميروخاني قابل ذڪر آهن. ڊاڪٽر غلام حيدر گهانگهرو ڪي ٿو:-

"مولانا حافظ محمد ڪامل مولانا خوش محمد ميروخاني جو
همعصر ۽ ڪلاسي هوان ڪري پاڻ ميروخان ۾ ڏهوٺ ايندو هو. هڪ
ڀيري مولانا غلام مصطفيٰ قاسميؒ کي مولانا خوش محمد ميروخاني کان
سبق پڙهندي ٻڌائين ۽ جڏهن سنهڑيؒ واپس ايو، ته پنهنجي
شاگرد مولانا عبدالله قريشيؒ کي چيائين ته غلام مصطفيٰ (قاسمي)
ته استاد العلماء مولانا غلام صديق شهداڊ ڪوٽيؒ جون سڀ ڳالهيون ڪن ٿا." (۱)

---

(۱) - سماهي "الرحيم"، ۱۹۶۸/(۲)، ص ۹۰.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 390

حافظ صاحب فتويٰ ۽ تحرير جوبه پڙهو، جيئن ته پاڻ نابين هو، ان ڪري حسابن جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ حسابن جو ماهر منشي رکيائين. اهڙيءَ طرح رياضي جي چاڻ سان گڏ ميراث جا مسئلا حل ڪيائين. لکڻ جو ڪم مولانا عبدالله قريشي ۽ مولوي فقير محمد بچل توڙيو کان وٺندو هو. ان کان سواءِ پاڻ سڌو حڪيم به هو، علم طب حاصل ڪرڻ لاءِ گوٺ ڏودو جي حڪيم نظام الدين قريشي جي مدد ورتائين. ان گهراڻي سان سندس گهاتا مراسم رهيا. حڪمت جي وڏي چاڻ هئس. شاگردن جو علاج پاڻ ڪندو هو ۽ دوائون به پاڻ ٺاهيندو هو.

حافظ صاحب کي اولاد ۾ پٽ نالي حافظ احمد رحمت الله ۽ محمد نعمت الله ٻيا. حافظ احمد رحمت الله جنهن به سال اڳ وفات ڪئي، لاڙڪاڻي ڊي. سي هاءِ اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو ۽ گڏوگڏ محلي علي گوهر آباد لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي گهر جي ڀرسان مسجد ۾ امامت ۽ خطيب جا فرائض به سرانجام ڏيندو رهيو. سندس ٻيو فرزند نعمت الله به ريٽائرڊ استاد آهي

مولانا حافظ قد ڪامل سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري ۽ ٽيهٽ سالن جي عمر ۾ ۱۷ ربيع الاول ۱۳۵۱ھ مطابق ۵ مارچ ۱۹۳۲ع تي رحلت ڪيائين. سندس آخري آرام گاهه پنهنجي گوٺ ڏودو سنهڙي ۾ آهي. (۱)

حافظ صاحب جڏهن فوت ٿيو ته سندس استاد مولانا امير قد نورنگي عذر خواهي تي آيو ۽ مزار مزار رلو ۽ چيائين ته "منهنجي علم جو ذخيرو هليو ويو." (۲)

---

(۱) - حافظ احمد رحمت الله (مولانا حافظ قد ڪامل جو فرزند) کان ۲۸-۱۲-۱۹۸۶ع تي ورتل انٽرويو

(۲) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر، سوانح حيات نمبر، اکتوبر ۱۹۸۱ع ص - ۸۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 391

الف سوانح حيات

مولانا حبيب الله "حبيب" شهدادكوٽي

مولانا حبيب الله بن سعد الله بن كريم الله بن حفيظ الله اعوان. اصل ۾ پنجاب جي هڪ ڳوٺ "گاگن هتا" تعلقي لودران ضلعي ملتان جو ويتل هو. مولانا حبيب الله سن ۱۲۸۶ھ/۱۸۶۹ع ۾ جاءُ. سندجي داڏي پاڻي جي چڪ ڪري پاڻ ۱۳۲۸ھ/۱۹۱۰ع ۾ پنجاب مان لڏي اچي سندجي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ميان جي ڳوٺ" تعلقي شڪارپور ۾ رهيو. جتان ۱۹۲۷ع ۾ لڏي اچي شهدادڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪيائين.

مولانا حبيب الله جاوڏا، علمي خاندان جا تي گذريا آهن. هن ابتدائي تعليم ضلع ديري غازي خان (پنجاب) جي هڪ ڳوٺ "شاهل جمال" ۾ ورتي. هن سن ۱۳۱۶ھ/۱۸۹۸ع ۾ علم جي تحصيل ڪئي ان وقت سندس عمر ۳۰ سال هئي. سندس استادن ۾ مولوي محمد رمضان ڳوٺ "ڀوڪ اتراڌ" مولوي فيض محمد "شاهه جمال" مدرسو جڳهه تحصيل جامپور ۽ مولوي عبدالله صاحب مناظر قابل ذڪر آهن. (۱)

مولانا "حبيب" کي سير سفر جو به شوق رهيو. هن هندستان جي سفر ۾ اجمير شريف، آگرهه، ديوبند، امرتسر ۽ دهليءَ جو سفر ڪيو. سندس طبيعت ۾ سادگي، مستقل مزاجي ۽ مزاحيه رنگ پڻ پريل هئي. ملڻ جلڻ ۾ ماڻهن سان سندس رويو انتهائي مشفقانه ۽ ماڻهن جي جيءَ ۾

---

(۱) - مولانا حبيب الله "حبيب" کان ۸۷-۳-۷ تي شهدادڪوٽ ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 392

جاءِ جوڙڻ وارو ماڻهو هو

مولانا حبيب الله کي ننڍپڻ کان وٺي شاعريءَ جو شوق رهيو هو. شاعريءَ ۾ تخلص "حبيب" اٿس. سندس معياري شعر ۽ مضمون مولانا دين محمد وفائي جي رسالي 'توحيد'، نئين زندگي، پيغام، ويناجهار، رهبر، ڀائيجست، سندي ڀائيجست، انصاف اخبار، روزنامه عبرت ۽ شاگرد پبليڪشن ۾ وقت بوقت ڇپيا رهيا آهن. سندس شاعري اردو، سندي، سرائڪي، پنجابي، فارسي ۽ عربي زبانن ۾ آهي.

مولانا صاحب سڄي عمر مجرد ٿيگذاريو. ڀاڻ ۾ڪل چار ڀائر هئا. ڀاڻ سڀني ڀائرن ۾ وڏو هو. سندس ڀائرن جا نالا ضياء الله، محب الله ۽ محبوب الله آهن. سندس ڀائرن ۾ ضياءُ الله مولوي آهي، ٻيو ڀاءُ محب الله قرآن جو حافظ آهي ۽ ٽيون ڀاءُ محبوب الله هڪ عالم ۽ شاعر هو.(۱)

مولوي حبيب الله شهدادڪوٽ جي مسجد حبيب ۾ درس تدريس ڏيندو رهيو. جنهن ۾ اڪثر ناظرن قرآن حڪيم ۽ فارسي پڙهائيندو رهيو. سندس شاگردن ۾ مولوي محمد يوسف ڪوسو ۽ ميان عبدالحليم شهدادڪوٽي سابق سجاده نشين درگاهه صديقيه شهدادڪوٽ، مولانا ميان عبيدالله ۽ سيد گل محمد شاه ليڪچرار اسلاميات گورنمينٽ ڪاليج شهدادڪوٽ قابل ذڪر آهن. مولوي صاحب جي ذاتي ڪتبخاني ۾ ڪتابن جو تعداد هزارڪن آهي، جيڪي هن جماعت اسلامي شهدادڪوٽ شاخ جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا. سندس شاعري جو بياض ۽ ڪجهه مضمون سندس شاگرد ۽ عقيدت مند سيد گل محمد شاهوٽ شهدادڪوٽ ۾ ئي محفوظ آهن.

---

(۱) - مولانا حبيب الله "حبيب" ڪاڻ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 393

مولانا حبيب الله "حبيب" جي صحبت سنڌ ۽ پنجاب جي وڏن عالمن ۽ بزرگن سان رهي هئي جنهن ۾ مولانا سيد تاج محمد امروٽي، مولانا اشرف علي تانوي ، مولانا عبدالغفور همايوني ، مولانا شبير احمد عثماني، عطاءُ الله شاه بخاري ، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا سيد ابوالاعلىٰ مودودي وغيره بهڑين وڏين شخصيتون اچي وڃن ٿيون . [1]

مولانا حبيب الله سن ۱۹۸۸ع ۾ شهداد ڪوٽ جي چڏي پنهنجي اباڻي ڳوٺ "گاگن هٽا" هليو ويو جتي گهڻو وقت بيمار رهڻ کان ۱۲۳ سالن جي عمر ۾ ۵ جنوري ۱۹۹۲ع ۾ وفات ڪيائين . (۲)

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا حبيب الله "حبيب" نثر خواه نظم هنجي ۾ علمي و ادبي ۽ ديني ذخيرو چڏيو آهي . هن وقت بوقت ديني تبليغ جي لحاظ کان ڪيترائي اصلاحي نظم ۽ مضمون لکيا آهن . جيڪي آڳ ۾ ذڪر ڪيل رسالن ۾ چپجندا رهيا آهن . انهن جو جڏهن جائزو ونجي تو تہ اهو معلوم ٿئي تو

---

[1] - مٿين معلومات تاريخ ۸۷-۳-۱۳ جي مولانا حبيب الله کان روبرو شهداد ڪوٽ ۾ انٽرويو جي ذريعي قلمبند ڪيم .

(۲) - مولانا حبيب الله جي شاگرد پروفيسر سيد گل محمد شاه کان ورتل انٽرويو ۽ روزنامه جسارت ڪراچي ۹ جنوري ۱۹۹۲ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 394

تہ هن نثر خواهہ نظم ۾ اهڙو تہ مواد چڏيو آهي، جنهن کي اسين بلا شبہ ديني اشاعت ۽ دين جي تبليغ سڏي سگهون تا. جيتوڀڪ نثر جي سلسلي ۾ سندس گهٽو مواد حاصل ٿي نہ سگهيو آهي، پر تڏهن به جيڪي ڪجهہ حاصل ٿيو آهي، ان مان مولانا صاحب جي علمي عظمت ۽ دقيق مطالعي جو بيتو پوي ٿو. هڪ ٻئين سندس نثر مان نمونيٰ طور ڪجهہ پيش ڪجي ٿو:-

مولانا "حبيب" جي هڪ مضمون (قلمي) جو عنوان آهي،

"قرآن دنيا ۾ چو آيو" (۱)

مولانا صاحب هن مضمون ۾ نهايت مدلل ۽ مفصل طريقي سان قرآن مڪيم جي برڪتن ۽ رحمتن جي باري ۾ روشني وڌي آهي ۽ قرآن حڪيم جي افاديت ۽ اهميت متعلق لکيو آهي. سندس چوڻ مطابق قرآن دنيا ۾ رحمتون ۽ برڪتون ڪٽي آيو. جنهن ڪري ڪرهِ ارض کان جهالت جوانڊيرو هٽيو. خود الله تعالىٰ قرآن حڪيم ۾ يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ (۲) جيئي ان جي تصديق ڪئي آهي.

Gul Hayat Institute

مولانا صاحب جي چوڻ مطابق قرآن انهيءَ لاءِ دنيا ۾ آيوتہ ڪفر ۽ شرڪ جي سڙيل دڙتيءَ جي دنيوي زندگيءَ جنت فردوس، بڻائي ڏيکاري ۽ ظلم ۽ عدوان (دشمني) جي ماريل دنيا جي بي جان لاش کي آب حيات

---

(۱)- حبيب الله "حبيب" جو قلمي بياض، اصل ڪاپي شهداد ڪوٽ ۾ پروفيسر گل محمد شاه وٽ موجود آهي.

(۲)- قرآن حڪيم، "سوره البقره"، آيت پاره ۳.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 395

پيئاري هميشه لاءِ جڳاري چڏي . قرآن حڪيم انهيءَ لاءِ دنيا ۾ آيو ته جيئن خدا وند ڪريم جي من درتيءَ کي تخت طاغوت جي ناجائز تصرف کان خالي ڪري خليفة الله جي سپرد ڪري ، راهه نجات صاف ڪري ، نمرودي نار ، ابراهيمي گل و گلزار بڻجي پوي ، پوءِ اهو خار زار باغ و بهار نظر اچي ، انسانيت کي اهڙي معراج ، ترقيءَ تي پهچائي ، جنهن جو اندازو انساني تصور کان مٿي هجي .

مولانا صاحب پنهنجي مضمون ۾ اهو به ٻڌايو آهي ته جنهن به قوم قرآن حڪيم کي سمجهيو ، ان تي عمل ڪيو ، انکي پنهنجي زندگيءَ جو لائحه عمل بڻايو ، تنهن سڀ ڪجهه پرايو . تاريخ اسلام ان حقيقت جي ڪليل گواه آهي . تنهن کانپوءِ ان گاله تي روشني وڌي وئي آهي ته قرآن حڪيم جو نزول ان دور جي سڀ کان بدترين خطي ، ڳڙ يل قوم جي مڙان ڇو ٿيو . اهڙي گندي ماحول ۾ گذارڻ واري قوم تي اهڙي رحمت جي برسات ڇو وسي اهي اڻ ڏٺل اڻ ٻڌل نعمتون ڪين ڪيئن مليون . سندن خوش قسمتيءَ جو ستارو ڪنهن جي طفيل چمڪيو ، ڪين ذلت جي تحت الثريٰ مان ڪڍي عرش تي ڪنهن رسايو ؟

مولانا حبيب الله "حبيب" ان سموريون سوالن جو جواب ، نهٽن جو ماحصل حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي فيض صحبت کي سڏي ٿو . ان کانسواءِ حضور نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ٽيٽيهه سالہ حيات طيبه ، پاڻ ڪريمن جي تبليغ ، اسلام جي قهلاءِ جو ذڪر ڪيو آهي .

آخر ۾ مختلف انبياء ڪرام جي قومن جي بي عمل ٻڌي وڃڻ ، الله تعالىٰ جي طرفان متن عذاب نازل ٿيڻ جو ذڪر ڪندي مسلمانن کي هدايت ٿو ڪري ته انهن قومن جي واقعن مان عبرت ، نصيحت حاصل ڪري قرآن حڪيم جي دامن کي مضبوطيءَ سان پڪڙين ، نبي ڪريم صلي الله عليه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 396

وسلم جن طرفان ھُدايل صراط مستقيم تي ھلن، تہ جيئن کين بنھي ڄمانن ۾ سرخروئي حاصل ٿئي. مولانا صاحب جو ھي مضمون ھنايت ۾ مغز ۽ پر اثر آھي پوليءَ ۾ به انھيءَ جاذبيت ۽ ايماني جذبو سمايل آھي، جو پڙھندڙ بيحد متاثر ٿئي ٿو.

مولانا حبيب الله حبيبؔ شھدادڪوٽيءَ جو شمار صالح ذڪي ڪھنه مشق شاعرن ۾ به ٿئي ٿو. سندس قلمي بياض ضخيم آھي، جنھن ۾ مذھبي شاعريءَ ۽ ديني تبليغ جو عنصر غالب نظر اچي ٿو. چاڪاڻ ته بنيادي طرح مولانا صاحب ھڪ جيّد عالم آھي، تنھنڪري نثر وانگر سندس نظم ۾ تمام گھڻي فصاحت ۽ بلاغت سمايل آھي.

مولانا حبيبؔ جي ديني شاعريءَ جي مد ۾ حمد، نعت ۽ مرثيه کان علاوه نعتيه غزل پڻ ملن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ نظر وجھڻ سان صاف ظاھر ٿئي ٿو ته مولانا حبيبؔ جي شاعري جڙ قرآن حڪيم جو تفسير آھي. انھيءَ طرح سندس شاعري دين جي اشاعت ۾ ھڪ وڏي خدمت آھي.

سندس طويل نظمن مان ھڪ نظم جو عنوان 'دعوت القرآن' آھي جنھن ۾ من وڏي مھارت سان قرآن حڪيم جي مختلف آيتن کي موضوع بڻائي نظم جي صورت ۾ تحرير ڪيو آھي. جنھن مان چند عنوانات ھن ريت آھن:

توحيد جي باب ۾ ھن رسالت جي لاءِ	لَآ اِلٰـهَ اِلَّا ھُوَ ۽ آمَنَ بِاللّٰهِ اَطِيعُوا الرَّسُوْلَ،
الله جي حدن نه اورانگھڻ لاءِ	تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْھَا،
دين ۾ ھٿ ادو وڌاءُ نه ڪرڻ لاءِ	لَا تَتَّخِذُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ،
يتيمن جي مال نه کائڻ لاءِ	لَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ،
زمين تي فساد نه ڦھلائڻ لاءِ	لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ،
ظالم مظلوم بڻجي نه رھڻ لاءِ	لَا تُظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 397

سچي شهادت نه لکائڻ جي باري ۾ — لَاتَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ

کنهن سان زيادتي نه ڪرڻ لاءِ — اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ

وياج نه کائڻ لاءِ — لَا تَأْكُلُوا الرِّبٰوا

تورماپ ۾ گھٽائي نه ڪرڻ لاءِ — لَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ

فاحش ڪمن کي ويجھو نه وڃڻ لاءِ — لَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ

شيطان جي پيروي نه ڪرڻ لاءِ — لَا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ

صدقي خيرات ۾ رياءِ احسان نه جتائڻ لاءِ۔ — لَا تُبْطِلُوْا صَدَقَاتِكُمْ

گلا غيبت نه ڪرڻ لاءِ — لَا يَغْتَبْ

زنا جي ويجھو نه وڃڻ لاءِ — لَا تَقْرَبُوا الزِّنَا

دين ۾ تولن فرقن ۾ تقسيم نه ٿيڻ لاءِ — وَلَا تَفَرَّقُوْا

خدا کان سواءِ ڪنهن کان نه ڊڄڻ لاءِ۔ — لَا تَخْشَوُا النَّاسَ

ڪنهن جي عيبن جي جاسوسي نه ڪرڻ لاءِ۔ — لَا تَجَسَّسُوْا

الله جي فرمان پاڪ حلال شين کي حرام نه ڪرڻ لاءِ — لَا تُحَرِّمُوْا

نفس جي ناجائز خواهشن ۽ حرص هوا — وَلَا تَتَّبِعَ الْهَوٰى

جي بندگي نه ڪرڻ لاءِ

ماڻهن سان جھيڙا نه ڪرڻ لاءِ — لَا تَنَازَعُوْا

خيانت ڪار ناسو ڪرڻ لاءِ — لَا تَخُوْنُوْا

قناعت سان هلڻ ۽ اجايو خرچ نه ڪرڻ لاءِ۔ — وَلَا تُسْرِفُوْا

الله تي توڪل ڪرڻ ۽ الهي رحمت مان نااميد نه ٿيڻ لاءِ۔ — لَا تَقْنَطُوْا

۽ الله سان شرڪ نه ڪرڻ لاءِ۔ — لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ (۱) جا عنوان تحريڪ آهن

---

(۱) ۔ حبيب الله "حبيب" مولانا، 'قلمي بيان' ص ۔ ۵ ۔ ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 398

مولانا حبيبؒ جي طرز تحرير کان واقف ٿيڻ لاءِ سندس قلمي

بيان مان اشعار جون چند فوٽو ڪاپيون هن سان منسلڪ ڪجن ٿيون

مولانا حبيب الله "حبيب" جو حمديه ۽ نعتيه ڪلام نهايت ايمان

افروز آهي. جنهن مان مولانا جي موحد ۽ سچي مسلمان هئڻ سان گڏ

عاشق رسول هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. ان کانسواءِ سندس اصلاحي ڪلام چيل

آهي، جنهن ۾ هو خواب غفلت ۾ ستل مسلمانن کي جاڳائي ٿو ۽ کين پنهنجي

عظمت جو احساس ڏياريندو گهري ٿو. ان کان علاوه هن پنهنجي ڪلام ۾ اڪثر جي

عمل ۽ وهڻي ملن ٿي ڪري تنقيد ڪئي آهي جيڪي نان کي ايمان ٿي ترجيح

ڏين ٿا ۽ معاشري جي اصلاح بدران کين پنهنجي پيٽ جو فڪر وڌيڪ رهي

ٿو.

مولانا حبيبؒ جي اها دلي خواهش آهي ته اسان جي پاڪ

وطن ۾ قرآني قانون نافذ ٿئي ۽ اسلام جو بول بالا هجي. سندس اهڙن جذبن

سان پريپور ڪلام به ملي ٿو. سندس آڏو اسلامي نظام حڪومت ٿي ملڪ جي

سمورن مسئلن جو واحد حل آهي.

مولانا صاحب جي مذهبي ۽ اصلاحي ڪلام جو نمونو هيٺ

پيش ڪجي ٿو.

نعتيه ڪلام

"معتقد جي حقيقت هڪ دوامي آفتاب آهي،
شب تاريڪ جي پردي ۾ پڙو بي حجاب آهي،
سدا رحمت سان پريپور آسدا نور علي نور آ،
جيئن فرش زمين ٿي، عرش ٿي به بي نقاب آهي" (۱)

۱۔ حبيب الله "حبيب" مولانا، "قلمي بيان".

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 399

مٿين سٽن ۾ مولانا "حبيب" نبي صلي الله عليه وسلم جن جي هستيءَ کي دوامِ آفتاب ڪري ڪويو آهي، ۽ حضور اڪرم جن کي نه فقط فرش وارن لاءِ بلڪ عرش وارن لاءِ به رحمت جو باعث ٻڌايو آهي. جنهن مان سندس پاڻ سڳورن سان محبت ۽ عقيدت جي جلڪ ظاهري ٿئي ٿي.

خواب غفلت ۾ ستل مسلمانن کي جاڳائيندي مولانا "حبيب" سائن مخاطب هن طرح ٿئي ٿو ته:

"عيش جا اسباب اڄ بٽجي ويا بلڪل عذاب
توڪيو منهنجو ۽ مون تنهنجو ڪيو خانو خراب
مسلمان ناڪام ليڪن غير قومون ڪامياب
آسمان متجي ويو ڌرتي ۾ آيو انقلاب
اي مسلمان تون متائي ڪاب پنهنجي چال ڇڏ!
چا سڏاريو تو به پنهنجو دفتر اعمال ڇڏ!
چاهي مذهب زندگي عملي رسول پاڪ جي
دين چاهي زندگي عملي رسول پاڪ جي
چاهي ايمان زندگي عملي رسول پاڪ جي
چا هي قرآن زندگي عملي رسول پاڪ جي
زندگي سرڪار مدينه جي آ اسلامي اصول
تو اهو مذهب ڪڏهن عملاً ڪيو ناهي قبول" (۱)

مٿيون سٽون مٽ مان خراب پرڪٽ جي مصداق ڏينون ويون آهن. ورنه مولانا "حبيب" جي هن طويل املائي مسدس

---

(۱) حبيب الله "حبيب" مولانا، قلمي بياض.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 400

جي هرهڪ ست پنهنجي اندر مسلمان جي ضمير ۽ ذهن کي بيدار ڪرڻ لاءِ وڏي اپيل ڪري ٿي. هوهن مسدس ۾ مسلمانن کي نصيحت ڪري ته رڳو نالي جا مسلمان نه بڻجو بلڪ اسلامي اصولن تي هلي ايمان ۽ اسلام جو عملي ثبوت ڏيو ۽ رسول الله جي پاڪ زندگيءَ کي پنهنجو عملي نمونو بڻايو.

قرآني حڪومت جي قيام جي سلسلي ۾ مولانا "حبيب"

رقمطراز آهي:

"مسلمان قوم جو ايجاد ٿيو قرآن جي سرسان
۽ مستحڪم سندس بنياد ٿيو قرآن جي سر سان
محمد صاحب ارشاد ٿيو قرآن جي سرسان
سياسي مذهبي استاد ٿيو قرآن جي سر سان
جهان هر ظلم کان آزاد ٿيو قرآن جي سر سان
نئين سر سار وجڳ آباد ٿيو قرآن جي سر سان
ڇهگو تثليث جو برباد ٿيو قرآن جي سر سان
پڄي نڪي نڪي الحاد ٿيو قرآن جي سر سان
مسلمان آ مسلمان خاص رباني حڪومت ۾
پلو مخلوق جو آ صرف قراني حڪومت ۾"(۱)

مولانا جو مٿيون شعر ڪل چوڏهن بندن تي ٻڌل آهي، جن مان هرهڪ ۾ قرآن حڪيم جي حڪمت ۽ فضيلت جو ذڪر ڪيو اٿس ۽ قرآن کي ئي ڪائنات لاءِ دستورِ عمل قرار ڏنو اٿس.

---

(۱) - حبيب الله "حبيب"، مولانا، "قلمي ٻيامڻ".

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 401

اڳريءَ طرح مولانا حبيب الله "حبيب" ٻيءَ عمل مولانا کي خطاب

جيءَ عنوان سان پنهنجي هڪ مسدس ۾ هن ريت مخاطب آهي:

"مان سمجهيو آهي مولانا وڏي اڄ آبرو آ توکي
سڄي قرآن مان ياد آ ڪلوا وشربوا توکي
سياست ۾ "ولا تلقوا" سان "لاتقربوا" آ توکي
عمل ۾ آ "اقيموا" آ "توا وارڪعوا" توکي
خطاب "لن تنالوا البر حتّٰی تنفقوا"(۱) ياد آ؟
تنهنجي تبليغ تقوا جو اهو مضبوط بنياد آ
اداميت کي يا بيمار کي قرآن بخشائڻ
مُلن کان حافظن کان قبر تي ختما ڪيرائڻ
جماڻا ست ملان مسڪين جي هارن کي ڪارائڻ
وٺي وصال ميت کي نئين پوشاڪ پهرائڻ
اهي ڪم جي آهن ڪفن مرڙ واري بي قسمت ۾
نه ميت اڻ پڇيو ڇڏي لڏ پرين رات جنت ۾
نه ڪو ڪاوڙ نه ٿي گاڙهو خدارا مولوي صاحب
مان آهيان تنهنجو هم مشرب پلارا مولوي صاحب
وڙهن تا پاڻ ۾ اڇڪلهه نصارا مولوي صاحب
مري وڃ ۾ ويا هندي ويچارا مولوي صاحب
ادا حضرت مولانا اسين ابناء جنس آهيون
هين جو ڇا اسان خود پاڻ ۾ هڪٻئي کي سمجهايون"(۲)

---

(۱) - قرآن حڪيم، سورة آل عمران، آيت پاره - ۴

(۲) - ماهنامه "توحيد" ڪراچي، مارچ ۱۹۴۵ع، ص - ص - ۱۵ - ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 402

شعر جي مضمون مان معلوم ٿيوته مولانا "حبيب" هي شعر گذريل هندستان واري زماني ۾ لکيو آهي. هن شعر ۾ مولانا هڙئي طرح بي عمل ملان جو پردو چاڪ کيو آهي ۽ کيس فقط پيٽ جو پوجاري ڏيکاريو آهي. تنهن جو مثال گهٽ ملندو. هن هي شعر ملان جي شخصيت ۽ جذبات کي مجروح ڪرڻ لاءِ ڪونه لکيو آهي، بلڪ مولانا "حبيب" جو نقطهٔ نظر اهو آهي ته جيڪڏهن اسان جي معاشري جو اهو باشعور ديني طبقو اسلام جي حقيقت کي بالاءِ طاق رکي ساده لوح ماڻهن جي ڪمزوري عقيدن ۽ وهم کي تقويت ڏيڻ ۾ لڳي ويندو ته دين جو حقيقي ڪم آخر ڪير ڪندو، ۽ اهڙن ماڻهن جي تبليغ جو اثر به معاشرو قبول نه ڪندو.

بهرحال مولانا حبيب الله "حبيب" جي نثر توڙي نظم جي جائزي وٺڻ کان بعد معلوم ٿئي ٿو ته ته سندس اها قلمي ڪاوش ديني اشاعت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 403

(الف) سوانح حيات

مولانا ابو القاسم پير مظهر الدين شاهه راشدي

پير مظهر الدين ولد حاجي هدايت الله ولد سيد محمد راشد روضي ڏني

جي ولادت جو سن معلوم ڪونه آهي. پير مظهر الدين عالم فاضل حڪيم ذهين ۽ راشدي خاندان جو هڪ چمڪندڙ ستارو هو. پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ رهي ظاهري علوم حاصل ڪيائين ۽ ان کانپوءِ پنهنجي خداداد ذهانت جي زور تي مٿي پنهنجي علمي استعداد وڌائيندو رهيو.

پير صاحب هڪ ڪوٽ "تلاهه شريف" (تعلقو ڏوڪري) ۾ هڪ ليتو چاپخانو قائم ڪيو، جنهن مان "هدايت الاخوان" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪري ماڻهن جي ديني ۽ علمي فائدو ڏيندو رهيو. سندس چاپخاني ۾ ڇپيا به ڪي رسالا ڇپجندا رهيا. اهو رسالو فقط هڪ سال هلي بند ٿي ويو. وٺ عالماء جو هميشه ميڙو رهندو هو. انگريزي ۽ يوناني طبيب هُٽ ڪري روزانو ڪيترا مريض به سندس علاج هيٺ رهندا هئا.

پير صاحب تصنيف و تاليف جو ڪم به ڪيو. سندس عربي، سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ ڪيترائي رسالا تصنيف ٿيل آهن، جي ڳولڻ کري مذهبي يا طبي آهن. مولانا دين محمد وفائي اهي رسالا سندس فرزند پير حاجي محمد بقا جي ڪتب خاني ۾ ڏٺا هئا. تصنيفات جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

۱- "تكوير الامامة على ان القلنسوة لا يكره فيها الاقتداء والامامة"

۲- "الفوائد الجمعة في احكام العمامة" (هن رسالي ۾ قدري بسط سان لکيو ويو آهي)

۳- "الفوائد المهمة للفوائد الجمعة" (هن رسالي ۾ سندس هم عصر مولوي محمد اسماعيل جي رد آهي، جنهن سندس پهرين رسالي تي اعتراض کيا هئا) الهن رسالن ۾ هڪ ئي مسئلي جي صفائي ڪيل آهي ته نوپيءَ سان جماعت جو امام تي نماز پڙهڻ جائز آهي.[1]

---

[1]- هن رسالي جو سندس ڪنهن مريد سنڌيءَ جي ٻولي نظم ۾ ترجمو ڪيو آهي. جنهنجو ديباچو هن طرح آهي:

"پڇاڻان حمد و صلوة جي توڙي شيخنا شيخ مرشد سيد
عالم فريدا ابوالبقا پير مظهر الدين سندن اسم سگورا جو پٽ شيخ
عالم، مقتدي، متدين صاحب توڙي حاجي ميان هدايت الله شاه
اسم منسفا."

(۲)- وفائي، دين محمد مولانا. "تذڪره مشاهير سنڌ" پاڻ ڦهريون حيدرآباد ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ- ص ۲۵۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 404

۴- "تحريرات مباحثه قرأت بحر در جماعت"
۵- "تحصيل الصحة عن السقامة بماجاء فى القصد والحجامة"
۶- "افحام الافحم بتائيد ابراء المتهم"
۷- "تحقيق الخبر فى صلاة الجنازة على القبر"
۸- "مجربات مظهريه يوناني"
۹- "رساله درفن كيميا فارسي"
۱۰- "سندي كانين جوكتاب

هي صاحب نه رڳو عالم، فاضل، حڪيم، اديب ۽ مصنف هو ليڪن فارسي ۽ سنڌي شاعري جو بهترين شاعر به هو، سندس ڪلام صنف ۽ لحاظ ڪافي، وائي، غزل ۽ مولودي تي مشتمل آهي ۽ فڪر جي خيال ڪان سوفي مت جي رنگ ۾ رتل آهي. سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سواء سفينهٔ نوح نبيءَ جي ، اوڻها نبر اڪاري ڪير
ساقي ري پيو سرڪ طهورا ، وڃ حلق جبي هاري ڪير
نبوي هٿ حمايت ۾ جهلڻون ، ڪوثر پاڪ پياري ڪير
"مظهرالدين" بنامردن جبي ، سيني سوز سپاري ڪير
هي جڳ هوجڳ هوڏ هوائون ، واصل بن وساري ڪير. (۱)

پير مظهرالدين شاه جواني جي وقت ۾ جڏهن جو احيان مس ۴۳ سالن ۾ پهتو هو. اربع ڏينهن ۲۲ ربيع الثاني ۱۳۱۸ھ/۱۹۰۰ع تي هن فاني جهان مان موڪلائي ويو ۽ پنهنجي خاندان جي مقبري ٽنڈه شريف ۾ مدفون ٿيو. (۲)

---

(۱) - "الرحيم" نومبر، دسمبر ۱۹۷۸ع، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ درگاهه ٽنڈه جا به شاعر شاهه (مضمون) ص ۲۱،۲۲
(۲) - وفائي دين محمد مولانا، "تذڪره مشاهير سنڌ" (باگو پهرون) حيدرآباد، ۱۹۸۵ع سنڌي ابي بورڊ، ص - ۲۴۷ کان ۲۴۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب نہیلیو

(۱۸۷۰ء کان ۱۸۹۵ء)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 406

(الف) سوانح حيات

مولانا غلام رسول جلوٽئي

مولانا غلام رسول ولد بهاول خان جلوٽئي جي ولادت گوٺ محرابپور، تعلقي ڏوکريءَ ۾ سن ۱۲۸۷هـ/ ۱۸۷۰ع ۾ ٿي. سندس ونڊا اصل ۾ بلوچستان جا هئا. پوءِ اتان هي ڀائر خيرو خان ۽ ٻيو سلطان خان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا. جن اچي رتي ديري (ضلعي لاڙڪاڻي جي اترين حد) ۾ ميلن جي پنڌ تي ٻڌنبو گوٺ ٻڌو. اتان وري ڪن سببن جي ڪري لڏي اچي وارهه تعلقي ۾ "خيروخان جلوٽئي" نالي گوٺ ٻڌائون جو اڄ موجود ۽ آباد آهي. جتي سندس پويان اڄ تائين سڪونت پذير آهن. ڪجهه وقت کانپوءِ خيري خان ۽ سندس ڀاءُ سلطان خان جي وچ ۾ ڪن ڳالهن تان اڻ بٺت ٿي پئي. جنهن ڪري هڪ ڀاءُ خيروخان لڏي اچي ميهڙ شهر جي پرسان "ٻيٽي" ۾ هڪ گوٺ ٻڌي ويٺو. اهو گوٺ اڄ تائين معروف آهي. سنجهس اڄ به برڪ زميندار جلوٽئي خاندان جا رهندڙ آهن. جن مان مسٽر عبدالحميد خان جلوٽئي مشهور معروف زميندار آهي. ٻيٽي ڀاءُ سلطان خان اچي محرابپور ۾ ويسايو جنهن جي اولاد مان مولانا غلام رسول جلوٽئي آهي. هن جو پارو نڇڙاٽي سنڌيو وڃي ٿو. مولانا جو والد صاحب رئيس بهاول خان پنهنجي گوٺ محرابپور جو چڪو مڙس هو. (۱)

---

(۱) - جوٽيجو غلام رسول، "مولوي غلام رسول جلوٽئي جي شعر و شاعري" (موٽو گراف) ايم. اي سنڌي فائنل ۱۹۶۵ع. ص - ۲ کان ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 407

مولانا غلام رسول ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ ۾
مولوي عبدالله ڪيرئي کان ورتي. پوءِ عربي ۽ فارسي جي تعليم گوٺ
سُونهي جلوڻي (تعلقو ڏوڪري) ۾ وقت جي جيد عالم ۽ استاد ابوالفيض
مولانا غلام عمر جلوڻي وٽ ورتي. ان بعد پير امام الدين راشدي گوٺ
نلاه قريب باقراڻي اسٽيشن (تعلقو ڏوڪري) ۾ ڪجهه عربي ڪتاب مطالع
ڪيائين ۽ اهڙيءَ ريءَ استاد جو دست بيعت پڻ ٿيو. آخر ۾ گوٺ ڏامراهه
(تعلقو لاڙڪاڻو) جي مولانا عبدالرحمٰن ڏامراهي جي مدرسي رحمانيه ۾ رهيل
ڪتاب پڙهي دستار بندي ڪرائين. اهڙي طرح طب جو علم پنهنجي پاڻ
دوست محمد کان سکيائين، بس اهوئي طب جو ڏندو سندس خاندان
۾ اڄ به مورثي ڪم ليکيو وڃي ٿو. (۱)

مولانا غلام رسول جلوڻي علمي فراغت کان بعد پنهنجي
گوٺ ۾ ڪجهه وقت درس تدريس جو ڪم ڪيو. وٽانئس جن شاگردن علمي
فيض پرايو تن مان قابل ذڪر نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

مولوي عبدالله سومرو، احسان واهڻ (تعلقو ڏوڪري)
مولوي علي نواز سنديلو گوٺ حڪيم سنديلو تعلقو ڏوڪري، مولوي
محمد بچل قريشي ڏوڪري، مولوي شمس الدين ولد مولوي محمد بچل قريشي
ڏوڪري ۽ امير بخش جلوڻي گوٺ هيرو واهڻ تعلقو ڏوڪري شامل آهن. (۲)

مولانا غلام رسول جلوڻي درس تدريس کان سواءِ تصنيف

---

(۱) — جوٽيجو غلام رسول، "مولوي غلام رسول جلوڻي جي شعر و شاعري" (مولانا گراف)
ايم. اي سنڌي فائنل ۱۹۶۵ع ص - ۴ ۽ ۵

(۲) - ميان ڏڻي بخش (مولانا غلام رسول جو فرزند عمر ۷۰ سال) کان گوٺ
محمد ابڙو، ۲۸، ۲، ۱۹۸۷ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 408

۽ تاليف ٻڌائي. پاڻ جيئن ته هڪ هوتين شاعر هو. انڪري سندس تصنيفون منظوم صورت ۾ ملن ٿيون. جن ۾ 'امام الاشعار'، 'ديوان جلوئي' (ٻه حصا) 'گلزار جلوئي'، 'انڪار جلوئي'، 'جذبات جلوئي' ۽ 'خطبات رسولي' شامل آهن. ان کان علاوه موسيقيءَ تي به هڪ ڪتاب 'سرساز' آهي جو 'زبان گداز' نالي به ڪليو هئائين جو اڃا ڪلهه ناپيد آهي.

سندس تصنيفات جو تفصيلي ذڪر اڳتي سندس تحريري خدمتن ۾ ڪبو.(۱)

مولانا غلام رسول جي همعصر ديني عالمن مان مولانا ثناءُ الله ثنائي، مولانا تاج محمد آريجائي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولوي محمد يعقوب سومرو (دوست ۽ شاگرد) ۽ مولانا محمد عاقل 'عاقلي' قابل ذڪر آهن. شاعرن ۾ فقير علي محمد قادري، فقير غلام سرور قادري ۽ ٻيا شامل آهن.

مولانا صاحب جي اولاد ۾ ٻه پٽ ڏٽي بخش ۽ الله بخش ۽ هڪ نياڻي ٿيا، جن مان الله بخش وفات ڪري ويو آهي. سندس وڏو پٽ ڏٽي بخش ڪجهه ديني علم مولانا محمد قاسم مشوري صاحب وٽ پڙهيو آهي، جيڪو هينئر ٻني باري ۽ حڪمت جو ڪم ڪندو آهي.

مولانا غلام رسول جلوئي تقريبًا ۸۰ سالن جي عمر ۾ سن ۱۳۷۰ھ/۱۹۵۰ع ۾ خيس ڏيڻ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاه سالئي ڳوٺ جي قبرستان ۾ روڊ سان لڳ آهي.(۲)

---

(۱) - جويڙيو غلام رسول، "مولوي غلام رسول جي شاعري" (مونوگراف) ايم-اي سنڌي فائنل ۱۹۶۵ع - ص -

(۲) - ميان ڏٽي بخش (مولانا غلام رسول جو فرزند عمر ۷۰ سال) کان ۲۸ فبروري ۱۹۸۷ع تي ڳوٺ محرابپور ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 409

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا غلام رسول جلوئي درس تدريس کانسواءِ منظوم کلام جي ذريعي به ديني اشاعت ۾ حصو ورتو آهي. مولانا صاحب هڪ بلند پايه شاعر ۽ ادیب هو. شعر ۾ تخلص "جلوئي" ۽ "غلام رسول" استعمال کيا اٿس.

مولانا جي منظوم تصنيفات ۾ 'امام الاشعار'، 'ديوان جلوئي' (۽ حصا)، 'گلزار جلوئي'، 'جذبات جلوئي'، 'خطبات رسولي' ۽ 'خطبه خرابپوري بمعه واعظ' شامل آهن. جيڪي ان وقت جي کتب فروشن جهڙوڪ ويرڙهومل ڪنڊ مل ڪتب فروش لاڙڪاڻو، پوڪرداس ۽ مولوي محمد عظيم تاجر ڪتب فروش شڪارپور وغيره کان مڙني ڪتابن جو حق وڃي ڪين ڇپائڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو هئائين. ان کانسواءِ مولانا جو هڪ منظوم قلمي نسخو جيڪو سندس شعرن جو مجموعو هو سو علامه ڊاڪٽر داؤد پوٽو ڪٽي ويو هو. خبر نه آهي ته هاڻي اهو ڪٿي آهي. (۱)

مولانا غلام رسول جو منظوم ڪلام گهٽي پاڙي ناصحانه ۽ مذهبي رنگ ۾ رنگيل آهي. جيڪو سندي ۽ سرائڪي بولين ۾ ڪليل آهي. هن نظم جي جن صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي تن ۾ غزل، ڪافي، قصيدو، مناجات، مولود شريف، دوهيڙو، سه حرفي، مداح، بيت ۽ خطبا وغيره اچي وڃن ٿا. هيٺ سندس ڪلام جي ڪن صنفن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

خطبا (منظوم)

مولانا غلام رسول جلوئي خطبن جو ڏڏ جي شروعات

---

(۱) - جوڻيجو غلام رسول، "مولوي غلام رسول جلوئي جي شعر و شاعري" (مولوگراف) ايم. اي سندي فائنل، ۱۹۶۵ع - ص - ۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 410

پنهنجي ترجمي همعصر ديني عالم ۽ دوست مولانا محمد قاسم مشوريءَ جي استدعا تي ڪئي. مولانا مشوري صاحب ڪيس گذارش ڪئي ته "عوام جي جهل ۽ بي ديني ڪي روڪڻ لاءِ منظوم پيرايه ۾ جهاد ڪرڻ جي ضرورت آهي. بحيثيت شاعر توهان اڌ سلسلي ۾ اڳتي وڌو" ان ڪانپوءِ مولانا غلام رسول خطبا ناڻڻ شروع ڪيا. (۱)

مولانا غلام رسول جا خطبا نج اسلامي تعليمات جي موضوع تي جوڙيل آهن. جن مان مولانا غلام رسول جي ديرينه غير معمولي دلچسپي ۽ ديني علم تي دسترس جو ثبوت ملي ٿو. سندس خطبن جا موضوع اسلامي مهينن ۽ انهن ۾ رونما ٿيل واقعات جي نسبت سان ڏنا ويا آهن. مثلاً ماهه محرم الحرام جي خطبن ۾ شهداءِ ڪربلا جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ماهه ربيع الاول جي خطبن ۾ سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي ولادت با سعادت جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ماهه رجب جي مهينن ۾ حضور جن جي معراج جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ماهه رمضان شريف جي خطبن ۾ روزن ۽ ان سان واسطو رکندڙ گالهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ ذوالحج مهيني جي خطبن ۾ حج بابت ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح خطبه عيد الفطر ۽ خطبه عيد الضحيٰ وغيره به جوڙيا ويا آهن. انهن علاوه ڪاسواءِ نماز، روزي، ذڪر اقامت، شفاعت، زڪوات، خيرخيرات ۽ معاشري ۾ بچڙين رسمن جي موضوع تي به مولانا غلام رسول جا خطبا ملن ٿا.

مولانا غلام رسول جا خطبا هر لحاظ کان لاجواب ۽ پنهنجو مٿ پاڻ آهن. خطبن ۾ ديني مسئلا ۽ تواريخي گالهيون اهڙي ته سهڻي نموني ۾ بيان

---

(۱) سيان ڏڻي بخش (مولانا غلام رسول جو فرزند عمر ۷۰ سال) ڳوٺ محرابپور ۾ ۲۸ فبروري ۱۹۸۷ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 411

ڪيون اٿس جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ چشم پرنم ٿيو وڃن. سندس خطبا سندس زندگيءَ ۾ ئي سندس عمومًا ضلعي لاڙڪاڻي ۾ خصوصًا اڪثر مسجدين ۾ جمع ۽ عيد نمازن تي پڙهيا ويندا هئا ۽ اڄ به هزارين ۽ ڪن شهرن جي مسجدين ۾ پڙهيا وڃن ٿا. جن ۾ عوام الناس جي لاءِ پرڀور نصيحت آهي. مولانا صاحب خطبن ۾ سنڌي صاف ۽ سولي، مٺي ۽ موچاري استعمال ڪئي آهي. هرو پرو عربي ۽ فارسيءَ جا ڳرا لفظ استعمال ڪرڻ کان اٿس جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي دقت محسوس ٿئي. سندس خطبا عام فهم آهن جو ڳهڻ علم وارو به پڙهي ۽ سمجهي سگهي مولانا صاحب جا خطبا ديني اشاعت ۾ اهم حصو ورڻا آهن. هيٺ سندس خطبن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

۱- خطبات رسولي (منظوم)

مولانا غلام رسول جي خطبن جو هي مجموعو ۴۴ صفحن تي مشتمل آهي جيڪو منظور احمد ولد مولوي محمد عظيم ڪتب فروش شڪارپور واري ڇپا ئي پڌرو ڪيو آهي. هن مجموعي جو ديباچو مولانا غلام رسول سن ۱۳۶۴ھ/۱۹۴۴ع ۾ لکيو آهي. لکي ٿو:

"هن کان اڳ اسان جا خطبا مثلاً خطبه فراپوري بعد وعظ ۽ خطبه توحيد ۽ ڪيل آهن. پر هيءُ خطبو لاڙڪاڻي جي مڪ ڪتب فروش جو ڇپايل آهي ۽ ٻيلو مولوي محمد عظيم اينڊ سنز شڪارپور جو شايع ڪيل آهي.

هينئر آءُ پنهنجي حياتي جي آخري وقت ۾ ڳهڻي شوق ۽ تڪليف سان هي خطبن جو ڪتاب بنام خطبه رسولي عربي عبارتن سان بعد نظم قلمبند ڪيو آهي. جنهن ۾ عبارتن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 412

جي صحت تي کافي توجھ ڏنو ويو آھي. ان کانسواءِ کيترائي نصيحت آميز نڪتا نظم جي صورت ۾ ڏنا ويا آھن، جن سان اميد واثق آھي تہ مومن حضرات کي ديني ۽ دنيوي فائدو حاصل ٿيندو رھندو.“[۱]

’خطبات رسولي‘ ۾ ھر ھڪ جا چار خطبا ڏنا ويا آھن. ھر خطبي جي شروعات عربي زبان ۾ الله تعالىٰ جي حمد وثنا نبي ڪريم جن تي صلوٰة وسلام سان ڪئي آھي. ان کان بعد مولانا غلام رسول ھر خطبي پنھنجي منظوم بيتن سان شروع ڪري تو، جن ۾ پھريائين الله تعالىٰ جو حمد پوءِ نبي اڪرم جن جي ثنا ۽ پوءِ خلفاءِ راشدين ۽ اھلبيت ڪرام جي تعريف ڪئي اٿس. ان کانپوءِ مولانا صاحب منظوم نصيحت پرپار نڪتا بيان ڪري تو. ھيٺ سندس اھڙي خطبي مان ڪجھ بيت ملاحظہ فرمايو:

”سدا صفت سونھين تي سبحان کي
جنھن جو ٿريو عجب انسان کي
عقل تنھن کي ڏنائين ڏيو
چڱائي مٿائي پروڙي پيو
مگر سپ رسولن ۾ اعلي عظيم
رسول الله جو محمد ڪريم
وٺايائين وانوڻ سڏيون دين جون
ڪيائين اڪيون نور نابين جون

---

(۱) – جلوئي غلام رسول مولانا، ”خطبات رسولي“، شڪارپور، مولوي قدير عظيم ڪتب فروش شاھي بازار، ص - ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

چڳي جا چڳا يار دلبر دلي
ابوبڪر وعمر وعثمان وعلي
خدا ڪئي سندن ثنا قرآن ۾
چوي جا جلوئي سندن شان ۾
نياڻي نبي پاڪ جي واه عجيب
قريشيءَ جو تنهن ساڻ ڏاڏو قرب
امامن سندي صفت ڪهڙي چوان
پيغمبر ڪي پيارا سڀڙ سيرنوان
هڏو مومنو! هي سخن گوش سان
چوي ٿو جلوئي وڏي جوش سان
قري دين روزي ٿو قورو نفس
عقل جو هلي ڪونه تنهن سان ٿو وس
وساري جڏ ياڻين اسان کان خدا
ويو هوش ۾ گوش گم ٿي ادا
دغا دوهه چوري ۽ زوري ظلم
گلا گار رشوت ۽ ڪوڙا قسم
ڏنوسون شريعت جو رستو جڏي
ويناسون گناهن سان دلڙي گڏي
خدا پاڪ جي سخت آهي گرفت
اهما خبر پوندي مرڻ وقت
مرڻ کان اڳي چونه لوڏهه ڪريون
متان پوءِ ڏاڏا پشيمان ٿيون
جلوئي نصيحت هڏڙ آهي فرمن

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 414

مگر ٻڌڻ مان آهي جو غرض
بنان عمل جي ٻڌڻ ٻي فائدو
پڙهي ڏس توڻ قرآن جو قاعدو
سدائتي گذارج غلام رسول
محمّد ستي پڙهه توڻ کلمون قبول" (۱)

۲- خطبہ محرابپوري بمعہ وعظ :-

سولانا غلام رسول جي 'خطبات رسولي' کان سواءِ خطبن جو هڪ ٻيو مجموعو به جوڙيل آهي جنهن کي هو 'خطبات محرابپوري بمعہ وعظ' سڏي ٿو. ان ۾ هر خطبي جي شروعات عربي زبان جي عبارت سان ڪري ٿو، جنهن ۾ الله تعالىٰ جو حمد ۽ ثنا نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي مٿان صلواة وسلام ۽ صحابہ ڪرام ۽ اهلبيت ڪرام جي واکاڻ ڪري ٿو. ان کان بعد قرآن ڪريم جي ڪا آيت ڏئي ٿو ۽ بعد ۾ ان جو ترجمو پيش ڪري ٿو. پوءِ 'وعظ' جي عنوان سان ان آيت جو مفهوم بيان ڪري ٿو. اهڙي طرح ان آيت جي تشريح ڪرڻ ۾ ڪيڪاٽو احاديث جو حوالو ڏئي ٿو. آخر ۾ 'ابيات سندي' جي عنوان سان ان آيت جي مفهوم کي ڪنهن واقعي جي حوالي سان پنهنجي جوڙيل منظوم بيٽن ۾ بيان ڪري ٿو. سند سرهڪ خطبہ جو مثال ملاحظہ فرمايو :-

الحمد لله العزيز القدير والصلوت والسلام على البشير النذير
وعلىٰ اله واصحابه الىٰ يوم الكبير اما بعد فقال الله تبارك

---

(۱) - جتوئي غلام رسول مولانا، "خطبات رسولي"، شڪارپور، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز سال ؟ ديباچو، ص ۵۵ ۽ ۵۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 415

وَلا تأكلوا اموالكم بينكم بالباطل وتدلوا بها إلى الحُكام
لتأكلوا فريقا مِّن اموالِ الناس بالإثمِ وانتم تعلمون [۱]

آيت جو ترجمو: (هڪ ٻئي جا مال ناحق سان نہ کائو، نہ وري اهو مال حاڪمن ڏي رشوت طور اڇلايو، جو توهان کي ٻين جي مال جو ڪجهو اراد تاً ظالمانہ طريقي سان کائڻ جو موقعو ملي وڃي) (۲)

مولانا غلام رسول هن آيت جي ترجمي ڏيڻ کانپوءِ وعظ ۾ ان آيت جو احاديث جي حوالن سان مفهوم پيش ڪري پوءِ آن آيت جي مضمون جي نسبت سان هڪ واقعي کي بنياد بڻائي پنهنجو منظوم خطبو هن ريت جوڙيو آهي، جنهن جا ڪجهه بند ملاحظه فرمايو:

"ٻڌو ومو ملڻو هي عجيب واقعات
رکو ياد تنهن کي هجو تا حيات

جوان هڪ زميندار جو پٽ احوال
ڪائيندو هو ۽ عام رشوت جو مال

هوءِ سنڌي رشوتين ۾ رئيس
معيشه ڪندو هو غريبن سان هيس

هيو ظاهري شڪل ۾ خود خضر
اندر تنهنجو ابليس جان هو مگر

ڪفن واعظيءَ جي ويو ورچڙهي
ٻڌايس تنهن هن خبر کي پڙهي

---

[۱] - القرآن، سورة البقره آيت نمبر ۱۸۸ پاره - ۲

(۲) - جتوئي غلام رسول مولانا، "خطبه خرابپوري" بمعه وعظ" ص-

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 416

ڪائي مال رشوت جو جيڪو حرام
ڪائي باهه تنهن جي جسم کي تمام

ٿئي ڪيئن مونکي بيماري گرم
چوڻ تنهنجو بي جاءَ آهي فهم

رسي رشوتيءَ جي اسي کي عمر
سچي نبيءَ محمد سڻي جي خبر

پُٽيءَ ۾ ٻليءَ گرڻي پيدا ٿيس
پُٽي باهه جان ساري ڪائي ويس

ڪائي سور آخر جو ويمري
پٽيل جي پٽيءَ تي سارڻ ڏري

ويس لاش بدبوءَ اهڙي ڪري
جيئن ڏوندي ماڻهو پڄي شيا پري

سوئر جان تي اهڙي شڪل بدسندس
ڏنڊ سان ڏکي تي ويو هر شخص

هڏي رشوتن جو اهو سخت حال
ڪاوڪين رشوت جو مردار مال

جڏوڻي نون رشوت ڪان بيزار ٿي
ڏاڍي ربّ سندي سخت سرڪار ٿي

سدا ٿي گذارج "غلام رسول"
محمد سڻي پڙهه نون قبول قبول"[1]

---

[1] - جڏوڻي غلام رسول مولانا، "خطبه مهراپوري بعنوان وعظ"، ص ۲۰۲ کان ۲۰۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 417

۳- حمد جو مثال :-

مولانا غلام رسول جلوئي هڪ سچو موحد انسان هو
کيس الله تعالىٰ جي هيڪڙائي تي مڪمل وياڪ هيو. هو صرف ان کي
ئي خالق، مالڪ، رازق ۽ ڪل شيءٌ قدير سمجهي ٿو. سندس حمد
جا ڪجهه بند مثال طور ملاحظ فرمايو :-

"ڪهڙي چوان تنهنجي ثنا - تنهنجو شان جل جلاله
آهين اسان جو توڻ خدا - تنهنجو شان جل جلاله
اول به توڻ آخر به توڻ - باطن به توڻ ظاهر به توڻ
توکي سدا آهي بقا - تنهنجو شان جل جلاله
هر جاءِ ۾ حاضر آ توڻ - ڪل شي تي قادر آ توڻ
جيڪي ڪرين تو کي روا - تنهنجو شان جل جلاله
هڪڙو آهين بلڪل امل - تنهنجو نه مٽ مائٽ مثل
توکي ناهي پرواهه ڪا - تنهنجو شان جل جلاله
سائين توڻ آ صاحب رحم - ڪر هي "جلوئي" تي رحم
حاصل توڻ ڪر بنهني رضا - تنهنجو شان جل جلاله"[1]

۴- نعت جو مثال :-

مولانا غلام رسول جلوئي هڪ سچو عاشق رسول هو.
هن رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جي ذات بابرڪات جي ثنا
۽ سراهه اهڙي سولي انداز ۾ ڪئي آهي جو هڪ ادنىٰ سمجهه رکندڙ پڙهو
به ان مان حظ حاصل ڪري سگهي ٿو.

---

[1] - جلوئي غلام رسول مولانا، "ديوان جلوئي" (حصو اول) ميشرس ويڙهومل
ڪنڊ مل پبلشرس بوڪ اسٽيشنرس لاڙڪاڻو سال ؟ ص - ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 418

مولانا صاحب جي شعر ۾ ضايع ۽ بدايع سان سينگاريل
کيئي مثال ملن تا هڪڙو مثال ملاحظه فرمايو:

تضمين (معلوي)

شيخ سعدي رح جو مشهور شعر مولانا صاحب پنهنجي
شعر ۾ تضمين طور آندو آهي جيڪو پنهنجي جاءِ تي منڊيءَ جي ٽڪ
جيان مناسب ۽ موزون نظر اچي ٿو.

"مرسل جو اعلیٰ شان تيو - آخر نبي زمان تيو،
نازل متس قرآن تيو - بلغ العلیٰ بڪمالهٖ
سيپ کان سچڙ سهڙو هيو - هڙو نه جڳ ۾ ڪوبيو،
هو حسن جو روشن ڏيو - ڪشف الدجا بجمالهٖ
عادت سندس اڪثير هئي - اسلام جي تصوير هئي
قرآن جي تقرير هئي - حسنت جميع خصالهٖ
تعريف تنهنجي سيّدا - چوندو "جلوئي" "چيا گدا
قرآن ۾ ڪئي حمد خدا - صلوعليه وآلهٖ ول

---

(۱) - جلوئي غلام رسول مولانا، "ديوان جلوئي" (حصو اول)
لاڙڪاڻو سيشرس ويڙهو مل ڪتب مل پبلشرس اسٽيشنرس،
سال ؟، ص - ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 419

۵ - قصيده جو مثال :-

مولانا غلام رسول جلوئي محبوب قد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم جن تي صلوٰة پڑهڻ تي هر درد جي دوا ۽ نجات جي راهه سڌي لڳ. هو چوي لڳ ته پاڻ ڪريم جن تي درود پڑهڻ وڏي سعادت آهي ۽ انهيءَ عمل سان خدا جو قرب حاصل ٿئي لڳ. هيٺ سندس جوڙيل قصيده مثال طور ملاحظه فرمايو :-

"هر درد جي دوا - آصلِ علىٰ محمّد
تعويذ هر بلا - آصلِ علىٰ محمّد

۱- محبوب ڪبريا - آصلِ علىٰ محمّد
ونقش خوشنما - آصلِ علىٰ محمّد

۲- قرب خدائي ٿئي حاصل - جنت ۾ پوءِ ٿئي داخل
جنهن جي اهاصدا - آصلِ علىٰ محمّد

۳- هن سان نجات ٿيندي - راضي سا ذات ٿيندي
هي سخو خود شفا - آصلِ علىٰ محمّد

۴- شب روز پڑهه "جلوئي" - ٻيو ڪم نه ڪرتون ڪوئي
اهائي ڪيميا - آصلِ علىٰ محمّدِ"(۱)

---

(۱) - جلوئي غلام رسول مولانا، "ديوان جلوئي" (حصو اول) لاڙڪاڻو ميسرش ويڙهو مل ڪنڊ مل پبليشرس، سال ؟ ص - ۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 420

(الف) سوانح حيات

مولوي محمّد ايوب لاکو

مولانا محمّد ايوب ولد يار محمّد لاکي جي ولادت سن ۱۲۸۹ھ/۱۸۷۲ع ۾ گوٹ پير محمّد لاکو تعلقو قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. گھرو ماحول جي ڪري ۱۳۱۸ھ/۱۹۰۰ع ۾ پنھنجي امڙي گوٹ کان لڏي ترجي ھڪ ٻئي گوٹ "ربّ رکيو لاکو" ۾ اچي ويٺا.

مولانا محمّد ايوب تعليم گوٹ پانڌ لاکا جي مدرسي ۾ مولوي غلام محمّد منگي ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم مولانا فتح محمّد بروهي ۽ مولانا مير محمّد نورنگي وٽ ورتائين. آخر ۾ مولانا عبد الغفور سيال (جيڪو ڀل ڳلسيءَ ۾ پوءِ قاضي ٿيو) انڪل ۱۵-۱۹۱۴ع ۾ ڪيس پانڌ لاکا جي مدرسي ۾ ڀڳ ٻڌائي.

مولانا محمّد ايوب علمي فراغت کان بعد پنھنجي گوٹ جي مدرسي ۾ ديني درس ڏيڻ شروع ڪيو. ونائس ڪيترائي شاگرد فيض ياب ٿيا، جن ۾ مولوي الله بخش تونيو گوٹ ٽوڙھي بجار، مولوي محمّد ابراهيم ميمڻ چھڙائي، مولوي محمّد سليمان، مولوي محمّد عرف مھمي بروهي، مولوي نورالدين چانڊيو، ٻيڪ محمّد سيال گوٹ مسلوٽي ڀڳ قنبر، مولوي عبدالرحمٰن قاضي ۽ مولوي عبدالرؤف ويٺل قاضي احمد (ضلعو نوابشاه) قابل ذڪر آھن.[1]

مولانا محمّد ايوب درس تدريس کان سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ به حصو ورتو. پاڻ جميعة العلماءَ جو عھديدار به رهيو. مولانا صاحب ھڪ سلو

---

[1] - عبد اللطيف لاکو (مولانا محمّد ايوب جو سوٽ عمر ۸۳ سال) کان تاريخ ۲۵-۲-۱۹۹۲ع تي قنبر ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 421

مناظرہ ٿيو. هن وڏيري مهري خان طرفان گوٺ جوٽيجن (تعلقي قنبر) ۾ ڪرايل شيعه سني مناظري ۾ حصو ورتو. هن مناظري ۾ شيعن طرفان مالستر قمد پيرل جعفري ۽ سُنين طرفان جيڪي عالم هن موقعي تي موجود هئا، انهن ۾ مولانا قمد ايوب لاکو، مولوي برڪت علي چانديو ۽ مولوي شمس القمر (جيڪو پوءِ قاضي قلات ٿيو) قابل ذڪر آهن. (۱)

مولانا قمد ايوب لاکي مجاهد انه زندگي گذاري ان دور ۾ لواري واري جڙتو حج خلاف هلايل تحريڪ ۾ سرگرمي سان حصو ورتائين. ان سلسلي ۾ ڪيس جيل به وڃلو پيو.

مولانا صاحب جي هم عصر عالمن مان مولانا غلام رسول عباسي، مولانا عبدالڪريم ڪمارو، مولوي برڪت علي چانديو مولانا عبدالڪريم چشتي شڪارپوري، مولوي فضل حق چانديو، مولوي قمد اسماعيل قريشي لاڙڪانوڻي، پير تراب علي شاهه راشدي مولوي شمس القمر، مولوي غلام فريد سپرو، مولوي قمد عظيم شيدا ۽ مولوي جان قمد وگهڙ جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا قمد ايوب سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي سن ۱۳۶۴ھ/ ۱۹۴۴ع ۾ رحلت ڪئي.

مولوي صاحب کي اولاد ۾ ٻه پٽ آهن جن ۾ وڏي پٽ جو نالو مولوي عبدالفتاح آهي. (۲)

---

(۱) ـ عبداللطيف (مولانا محمد ايوب جو سوٽ) کان ۲۵-۳-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 422

مناظر به هو. هن وڏيري مهري خان طرفان گوٺ جوڻيجن (تعلقي قنبر) ۾ ڪرايل شيعه سني مناظري ۾ حصو ورتو. هن مناظري ۾ شيعن طرفان مالستر قدير پريل جعفري ۽ سُنين طرفان جيڪي عالم هن موقعي تي موجود هئا، انهن ۾ مولانا محمد ايوب لاکو، مولوي برڪت علي چانڊيو ۽ مولوي شمس القمر (جيڪو پوءِ قاضي قلات ٿيو) قابل ذڪر آهن. (۱)

مولانا محمد ايوب لاکي مجاهدانه زندگي گذاري ان دور ۾ لواري واري جڙتو حج خلاف هلايل تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين. ان سلسلي ۾ ڪيس جيل به وڃڻو پيو.

مولانا صاحب جي هم عصر عالمن مان مولانا غلام رسول عباسي، مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو، مولوي برڪت علي چانڊيو مولانا عبدالڪريم چشتي شڪارپوري، مولوي فضل حق چانڊيو، مولوي محمد اسماعيل قريشي لاڙڪاڻوي، پير تراب علي شاهه راشدي مولوي شمس القمر، مولوي غلام فريد سپرو، مولوي محمد عظيم شيدا ۽ مولوي جان محمد وگهڙ جانالا قابل ذڪر آهن.

مولانا محمد ايوب سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي سن ۱۳۶۴ھ/ ۱۹۴۴ع ۾ رحلت ڪئي.

مولوي صاحب کي اولاد ۾ ٻه پٽ آهن جن ۾ وڏي پٽ جونالو مولوي عبدالفتاح آهي. (۲)

---

(۱) ـ عبداللطيف (مولانا محمد ايوب جو سوٽ) کان ۲۵-۲-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 423

(الف) سوانح حيات

مولانا عطا محمد کلهوڑو

مولانا عطا محمد ولد مولوي گل محمد کلهوڑو بلوچستان جي ٻنجشو ٻگ ٻاڪنا ڙي جي هڪ علمي گهراڻي ۾ جائو. مولانا جي ولادت تقريبًا ۱۲۹۳ھ/۱۸۷۶ع ۾ ٿي. سندس خاندان ۾ مولانا بيگ محمد، سندس والد ۽ ٻاءُ ميان سعد الله [۱] به ديني عالم ٿيا. مولانا عطا محمد جو خاندان سن ۱۳۳۰ھ/۱۹۱۲ع ۾ صوبي بلوچستان مان منتقل ٿي سنڌ ۾ آيو ۽ گوٺ وسايو پلوٽ تعلقي رتيديري اچي آباد ٿيو.

مولانا عطا محمد ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي شهر ٻنجشو ۾ پنهنجي والد ميان گل محمد وٽ ورتي. ان کانپوءِ مولانا مير محمد پٽي ناڙي بلوچستان، مولانا نبي بخش کوراچيءِ ۽ مولانا غلام مصطفيٰ کوراچي اوستہ محمد بلوچستان جن جي مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو، جتي سموري تعليم پڙهي سن ۱۳۲۵ھ/۱۹۰۸ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. آخر ۾ هو برصغير جي مشهور ديني درسگاهه دارالعلوم ديوبند (هندستان) ويو، جتي ڇهه سال رهي پنهنجي علمي استعداد ۾ اضافو آندو.

مولانا صاحب فارغ التحصيل ٿيڻ کان بعد پهريائين شهر جيڪب آباد ۾ ڪبوتري ڏفوجي مسجد ۾ ديني تعليم ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو، بعد ۾ ۱۳۲۸ھ/۱۹۱۰ع ۾ پنهنجي گوٺ وسايو پلوٽ ۾ مدرسہ کوليائين، جتي ڪجهه سال درس تدريس جو ڪم ڪيائين. آخر ۾ ۱۳۳۱ھ/

---

[۱] - مولانا سعد الله اڃا حال حيات آهي ۽ هينئر سندس عمر تقريبًا ۱۱۵ سال آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 424

۱۹۱۳ع ۾ گوٺ ڏگاڻو مهيسر، ۽ فاضل مهيسر (تعلقو ميروخان) ۾ ديني مدرسه کوليائين جتي آخر عمر تائين ديني درس ڏيندو رهيو، ونائس کيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو، جنهن مان کجهه نالا هن ريت آهن:-

مولانا قمرالدين مهيسر، مولانا شرف الدين مهيسر، مولانا احمد علي مهيسر، مولوي علي شير مهيسر ۽ مولوي غلام قادر مهيسر (تعلقو ميروخان)، مولانا فضل محمد گاڏهي، مولانا عبدالرحمٰن نارڙيوال گوٺ فرابيو جالي (ضلعو جيڪب آباد)، مولانا عبدالعزيز قريشي واڳهه (ضلعو جيڪب آباد)، مولوي غلام رسول تنيو قلهڙي ميروخان، مولانا دين محمد اديو گوٺ محمد پور اديو (ضلعو جيڪب آباد، مولانا غلام قادر جلوئي اوستو محمد، مولوي عبدالحڪيم پنڙي ميرپور پٿو (تعلقو رتوديرو)، مولانا عبدالغفار ملڻهار گوٺ شاهه جوٺو (ميروخان) ۽ عبدالوهاب لغاري گوٺ الهآباد ضلعو جيڪب آباد شامل آهن.

مولانا عطا محمد جي تصنيفات ۾ فتاوىٰ عطائي (قلمي) ۽ تحفة الطلبا (قلمي) شامل آهن، پر سندس پوين جي غفلت سبب اهي هينئر دستياب نه آهن. مولانا صاحب پاڻ وٽ هڪ وڏو ڪتبخانو به قائم ڪيو هو، جنهن ۾ هڪ سو عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتاب موجود هئا.

مولانا عطا محمد [1] مولانا اشرف علي ٿانوي صاحب جي تحريري موافقت ۾ هڪ تحرير لکي هئي ته "واهڻ ۾ جمع نماز ۽ عيد نماز پڙهڻ جائز نه آهي" سندس اهڙي فتويٰ تي عمل ڪندي ترجي چڻ گوٺن يعني ڏگاڻو مهيسر، گوٺ الهرکيو جوٽيجو، گوٺ پنڊ ۽ گوٺ لڪ جي رهاڪن

---

[1] - ڊاڪٽر رحمت الله ابڙي پنهنجي ٽيسز ۾ مولانا عطا محمد جي ذات مهيسر ۽ گوٺ جونالو "پنهو وسايو" لکيو آهي، جيڪو منهنجي تحقيق مطابق غلط آهي ڇاڪاڻ ته منهنجي تحقيق جو ذريعو خود عطا محمد جو پوٽو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 425

جمع نماز پڑھڻ بندڪري ڇڏي هئي. جنهن جونتيجو اهو نڪتو جو ڪيترن ماڻهن هين نمازن پڙهڻ ۾ بي سستي ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي. ان ڪري عالمن سڳورن کي ان گاله جو ڏاڍو ڏک ٿيو. تنهن ڪري ڪيترن عالمن ان مسئلي تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ۽ تحريرون پڻ لکيون. اهڙي هڪ تحرير مولانا حاجي حسن الله پاڻائي ۽ پي تحرير مولانا ميرمحمد نورنگلي به لکي هئي

آخرڪار اتفاق اهڙو ٿيو جو ڳوٺ محمد فاضل (متعلقو ميرو خان) جي هڪ وڏيري محمد علي خان مهيسر پنهنجي پٽ جي شاديءَ جي موقعي تي ترجي سپني عالمن ۽ فاضلن کي دعوت ڏني گهرايو. ان موقعي تي جڏهن ڪچ عالم سڳورا اچي گڏ ٿيا ته اتي ڳوٺ ۾ جمعي نماز پڙهڻ جو مسئلو چڙيو. ان ڪچهريءَ ۾ مولانا عبداللطيف مهيسر ڳوٺ ۾ جمعي نماز پڙهڻ ڪي جائز سڏيو، پر سندس گاله کي مولانا عطا محمد نه مڃيو.

جيوٽيڪ اتي ويٺل ڪيترن عالمن مولانا عبداللطيف جي گاله جي تائيد ڪئي، پر تنهن هوندي به مولانا عطا محمد پنهنجي گاله تان نه لٽو.

آخرڪار مولانا عبداللطيف اٽڪل ۹۰۰ صفحن تي هڪ وڏو ڪتاب لکيو جنهن جو "سيف الجبار في اعناق الاشرار" رکيو. ان ۾ هن جمعي ۽ عيد نماز کي ڳوٺن ۾ پڙهڻ جائز سڏيو. هن ان ڪتاب تي سندس حي ڪيترن عالمن کان تصديقي صحيحون ورتيون. (۱)

مولانا محمد ابراهيم ڪاترائي لکي ٿو:-

"مولانا عطا محمد جا مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي سان علمي

---

(۱) - رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جلوڻي لاڙڪاڻوي ۽ سندس ديني ۽ فقهي خدمتون" ڊي فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو ۱۹۸۱ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو ص- ۲۵۱ کان ۲۵۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 426

تحريري بحث شيندا رهيا، اهي بحث صرفي، فقهي ۽ منطقي مسئلن تي شيندا هئا. مثال طور جمعي جي خطبن جي وچ ۾ دعا گهرجي يا نه ؟ مولانا کوراڻي دعا گهرڻ جو قائل هو ۽ مولانا عطا محمد عدم جواز جو حامل هو. ان تي وڏا ردڪد لکيا ويا." (۱)

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

"فقيه شرطيه بابت اهڙن ٻنهي بزرگن جو علمي بحث ٿيو. مولانا محمد قاسم ياسيني مولانا کوراڻي جي حق ۾ فيصلو ڏنو." (۲)

مولانا عطا محمد جي پنهنجي وقت جي ڪيترن ئي معروف عالمن بزرگن ۽ درويشن سان صحبت رهي، جن ۾ مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا محمد عمر جان چشموي، مولانا ميان عبدالله پٽي (بلوچستان) مولانا عبدالغفور هماليوني، مولانا بني بخش اوسلوي ۽ مولانا عبدالڪريم کوراڻي جا نالا قابل ذڪر آهن. سندس روحاني تعلق مولانا محمد عمر جان چشموي بزرگ سان هو.

مولانا صاحب کي ۳۵ جريب زرعي زمين هئي جيڪا سندس معاشي ذريعو هئي. اولاد ۾ ٽي ڌيئر ۽ ٻه پٽ عبدالسلام ۽ عبدالستار ٿيا، جيڪي پڻ ٻئي مولوي هئا.

مولانا عطا محمد عباسي سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري ۽ سن ۱۳۴۲ھ/۱۹۲۵ع ۾ وفات ڪيائين. سندس آخري آرامگاهه ڀوٽ فاضل مهيسر (تعلقي ميرپورخاص) ۾ آهي. (۳)

---

(۱) - "الرحيم" اپريل ۱۹۷۸ع

(۲) - عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهنامه "شريعت"، سکر، سوانح حيات نمبر، ۱۹۸۱ع ص - ۲۹۱

(۳) - متيون سمورو احوال مولوي سعدالله مولانا عطا محمد جي پوٽي ساڪن ڀوٽ لعل بخش مهيسر کان ۴، ۳، ۱۹۸۸ع تي ورتل ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 427

(الف) سوانح حيات

مولوي غلام رسول لاشارين وارو

مولوي غلام رسول ولد وارث ڏني ذات جويٽيجو سندس ولادت اندازاً سن ۱۲۹۸ھ/۱۸۸۰ع ڏاري گوٺ احمد خان لاشاري تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. سندس وڏا ستين پيڙهين هتان جائي هئا.

مولوي غلام رسول ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ جي پرسان هڪ ننڍي گوٺ ننل (تعلقو رتوديرو) ۾ آخوند صاحب ڏني وٽ ورتي. ان کان پوءِ عربي فارسي جي شروعاتي تعليم مولانا عبدالله بنگلديرائي، کجهه تعليم مولانا خوشحال ٻروخاني ۽ بعد ۾ مولانا عبدالعزيز پنڊائي وٽ گوٺ پنڊ (تعلقو ميروخان) ۾ ۽ آخر ۾ سنڌ جي مشهور معروف ديني درس گاهه 'دارالرشاد' پيربڪنديءَ ۾ مولانا ولي محمد لغاري صاحب وٽ پڙهي اندازاً سن ۱۳۳۵ھ/۱۹۱۶ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. (۱)

مولانا غلام رسول علمي فراغت کانپوءِ پنهنجي گوٺ لاشارين ۾ ديني مدرسو کولي درس تدريس جو شغل شروع ڪيو پاڻ پنهنجي مدرسي ۾ ٻارن شاگردن کي داخلا ڏيندو هو، چاڪاڻ ته مدرسي ۾ شاگردن لاءِ مانيءَ جو انتظام ڪجهه محدود هو، يعني گوٺ جي ڪجهه ماڻهن ڪي ويلا رڪيل هئا جيڪي مدرسي ۾ اچي پهچائي ويندا هئا.

مولانا غلام رسول وٽان ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو، جن ۾ ٻه ٻرگهو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ايران کان به ونس شاگرد آيا، جيڪي شاگرد سندس درسگاهه مان فارغ التحصيل ٿي نڪتا، تن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولوي عبدالرحيم ميمڻ ڪينجي بندر ضلعو ٺٽو، مولوي عبدالوهاب

---

(۱) – مولوي عبدالحڪيم محمود (مولانا غلام رسول جو فرزند عمر ۷۰ سال) ڳالهه گوٺ لاشارين ۾ ۱۲، ۴، ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 428

لغاري ۽ مولوي شفيع محمد لغاري ڳوٺ 'الهآباد' تعلقو ڳڙهي خيرو ضلعو ميڪب آباد ،
مولوي جان محمد پليجو ڳوٺ جندو ديرو ڀڳ مديجي ضلعو شڪارپور، مولوي مولا بخش
پليجو ڳوٺ 'الرا' نزديڪ 'پرياڻو' ضلعو خيرپور ميرس، مولوي سيد عبدالحي 'جيلوڻي بندر'
مڪران بلوچستان، مولوي سيد محمد اسلم ۽ مولوي سيد محمد نور (ايران) مولوي محمد حسن
گوادر بندر (بلوچستان)، مولوي عبدالواحد عباسي ڳڙهي پليجو تعلقو ٽوڏيرو، مولوي
غلام محمد ڪناسرو تعلقو لاڙڪاڻو، مولوي ملڪ احمد ملاح تعلقو ٽاڻو بولاخان ضلع دادو،
مولوي محمود (سندس فرزند) ۽ وري ان جو فرزند مولوي محمد احسن جانالا قابل ذڪر آهن.(۱)

مولانا غلام رسول جي هم عصر عالمن ۾ مولوي حبيب الله نوناري
ڳوٺ 'چنگل' (تعلقو ٽوڏيرو) مولانا خوش محمد ميروخاني (سندس استاد) مولانا عبدالڪريم ڪراڙي،
مولانا عبدالڪريم ڪمارڙو، مولوي قمرالدين مهيسر، مولانا عطا محمد ڪلهوڙو، 'پنهون
وساڻي وارو'، مولوي عبد الڪريم سيال ڳوٺ 'سيال' ڀڳ عرضي پليجو (تعلقو ميروخان) جا
نالا قابل ذڪر آهن .

مولانا غلام رسول صاحب هڪ درويش فقير طبع ۽ نهايت سادگي
پسند انسان هو ۽ شهرت کان پاسو ڪندڙ هو. سندس روحاني تعلق ڦهريائين بزرگ سيد
تاج محمود امروٽي سان ۽ ان جي وصال کان بعد بزرگ هالڙي مولانا حمادالله صاحب سان رهيو
مولانا صاحب کي اولاد ۾ هڪ پٽ نالي محمود ۽ ٻه نياڻيون ٿيون.
سندس فرزند مولوي حڪيم محمود علمي فراغت کان بعد ڳوٺ ۾ حڪمت جو دڪان
اختيار ڪيو .

مولانا غلام رسول پنهنجي عمر جا سڀ سال ۸۴ سال ديني
درس ڏيڻ ۾ گذاريا ڪان بعد سن ۱۹۸۰ع ۾ وفات ڪئي .(۲)

---

(۱) - مولوي محمود (مولانا غلام رسول جو فرزند عمر ۷۰ سال) کان ڳوٺ لاشارين ۾ تاريخ ۱۲-۴-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو .
(۲) - مولوي محمود (مولانا غلام رسول جو فرزند) کان ورتل انٽرويو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 429

(الف) سوانح حيات

پير خواجه محمد عبدالغفار عرف "پير ملنو"

پير محمد عبدالغفار عرف "پير ملنو" نقشبندي مجددي جي والد بزرگوار جونالو مولانا يار محمد هو. پير عبدالغفار جي ولادت سن ۱۲۹۸ھ/۱۸۸۰ع ڏاري ضلعي ملتان تحصيل شجاع آباد (پنجاب) جي پرسان "لنگر شريف" نالي هڪ ننڍڙي گوٺ ۾ ٿي. (۱)

پير صاحب جو گهراڻو وڏن کان وٺي علم ۽ عرفان جو گهر رهيو آهي. سندس خاندان مان ڪيترا بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن جن ۾ پير صاحب جو والد ماجد ۽ چار پائر به شمار ٿين تا. سندس نسب جو سلسلو حضرت پير مخدوم چنڙ کان شروع ٿئي ٿو. جنهن جو نالو امام الدين هو ۽ "پير چنڙ" جي لقب سان معروف هئو. سندس خانقاه بهاولپور کان ڏکڻ اوپر طرف تقريبًا چاليهه ڪلوميٽر رهگستان جي علائقي ۾ آهي. (۲)

پير عبدالغفار صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي ان کانپوءِ عربي ۽ فارسي جي تعليم مولانا امام الدين مولانا محمد اشرف (جيڪو سندس وڏي پاءُ ۽ حضرت شاه ولي الله قدس سره جي خليفي مولانا محمد عاقل جو شاگرد هو) ۽ مولانا محمد قابل وٽان حاصل ڪئي.

---

(۱) - خليفو عبدالرحمٰن مولانا، "ملفوظات غفاريه"، مڪتبه غفاريه جامع مسجد سيتاجا ضلع خيرپور، سال - ؟ ص - ۱۴

(۲) ايضًا ص - ۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 430

عربي علوم کان فراغت بعد قاري مطيع الله صاحب کان تجويد ۽ قرأت جي تعليم حاصل کيائين جيڪو قرأت جو وڏو ماهر قاري هو ۽ سالن جا سال حرم شريف ۾ قرأت جي تعليم ڏيئي چڪو هو، ان کان سواءِ پير عبدالغفار ڊيرڪ نواب ۾ به ڪجھ عرصو مولوي نظام الدين وٽ پڙهيو هلوءِ. (۱)

پير عبدالغفار شروعات ۾ جڏهن سندس علمي مشغلا زياده هئا، تڏهن قريبي بزرگ حافظ فتح محمد ؒ ساکن جلال پور پيروالا ڪان قادري طريقي ۾ بيعت کيائين. حافظ صاحب جي انتقال کان بعد، مولانا الهي بخش ۽ سيد ڪرم علي شاه جي ترغيب تي ڪامل ولي ۽ عارف بالله خواجه حضرت فضل علي قريشي ؒ جي هٿ تي بيعت کيائين. پير فضل علي قريشيءَ سندس منصب ۾ ميارڏسي کيس خلافت جو خرقو عطا کيو ۽ تبليغ جي لاءِ کيس سند ڏاڻن وڃڻ جو امر کيو خلافت ۽ اجازت ملڻ کان بعد پنهنجي روحاني رهبر جي ارشاد جي تعميل ۾ پير عبدالغفار پنهنجي باقي زندگي اندروني سنڌ ۾ دين جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ گذاري (۲)

سنڌ جو انتخاب

پير عبدالغفار جي چوڻ مطابق :-

"کيس نندپڻ ۾ ئي دل ۾ سنڌ وارن لاءِ محبت پيدا ٿي اهوان ڪري ته اسان جي بستي درياءِ جي ڪناري تي آباد هئي سنڌ جا ماڻهو جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن عورتون به شامل هونديون هليون، حضرت غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني جي درٻار تي حاضريءَ لاءِ پنڌ ويندي اسان وٽ قيام ڪندا هئا. مان ڏسندو هئس ته اهڙن جا پير سُڄي ويندا هئا يا ڦاٽي پوندا هئا، پر تڏهن به اهي پنهنجو سفر جاري رکندي

(۱) – حبيب الرحمٰن الطاهر (اردو) "پير ملڻو نمبر" سلسلو ۱۹، اپريل ۱۹۹۱ع حيدرآباد سنڌ، ص – ۱۰

(۲) ——— ايضاً ——— ص – ۱۱

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 431

سنڌ مقصود ڏاهن روان دوان هوندا هئا. سنڌ واري ۾ اولياء الله سان ايتري قدر محبت جي ڪري پنهنجي دل ۾ اها تمنا پيدا ٿي ته جيڪر حضرت فضل علي قريشي ؒ مون کي تبليغ جي لاءِ سنڌ وڃڻ جو حڪم فرمائي، پوءِ ٿيو به اڻين ۽ قريشي صاحب مون کي سنڌ ڏاهن وڃڻ لاءِ فرمايو." (۱)

پير عبدالغفار اهڙيءَ طرح خلافت ۽ اجازت کان بعد تبليغ جي سلسلي ۾ اڪثر ڪري سنڌ ۾ ايندو هو، ليڪن ان وقت اڃا 'عاشق آباد' نالي مستقل مرڪز پنجاب ۾ نٿي هو. ان دوران سنڌ مان سنڌس ڪجھ عقيدتمند به انهيءَ تبليغي سفر ۾ ساڻس گڏ هوندا هئا، جن ۾ سنڌس خليفو الله بخش عباسي قابل ذڪر آهي، جيڪو سنڌس پنجاب واري مرڪز 'عاشق آباد' جي تعمير ۾ علمي طور شامل رهيو ڪجھ وقت کان پوءِ خليفي الله بخش عباسيءَ جي دعوت تي ۽ نٿي دفعا درياءِ سنڌ جي اولاهين ڪناري تي رهندڙ مسڪين فقيرن وٽ آيو، جيڪي مختلف گوٺن مان محض، فيض، ذڪر فڪر ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ جي خاطر هڪ ٻئي وٽ ويندا هئا. فقيرن جو اهو ذوق شوق محبت ۽ استقامت ڏسي، سندن گذارش تي پير صاحب آخرڪار پنجاب کي ڇڏي اچي انتي آباد ٿيو، ۽ ان ٻئي بستيءَ جونالو 'دين پور' [۲] تجويز ڪيو ويو.

---

(۱) - حبيب الرحمٰن، 'الطاهر' (اردو) "پير ملو نمبر"، سلسلو ۱۹، اپريل ۱۹۹۱ع حيدرآباد سنڌ. ص- ۱۱

[۲] - 'دين پور' راڊڪ اسٽيشن کان ستن ايٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اوڀر طرف کي ۾ آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 432

'دين پور شريف' جي قيام دوران پير صاحب کيترائي دفعا 'ناري' نالي هڪ ڳوٺ ۾ ويو ۽ مسلسل هڪ مهينو اتي قيام ڪيائين، جنهن ڪري ان ڳوٺ جا سيد حضرات ڏاڍا ويجها ٿي ويا، ان ڪري ڳوٺ جو نالو 'ناري' مان بدلائي 'نور پور' [1] رکيو ويو. ان کان سواءِ پير صاحب ضلعي خيرپور ۾ 'پٽي ماڻي' ڳوٺ ۽ حيدرآباد جي ويجهو 'انڙ پور' ڳوٺ ۾ به هڪ مهينو مسلسل قيام ڪيو ۽ آس پاس ۾ زياده ديني تبليغ جو ڪم ڪيو. دعوت تي پير عبدالغفار لاڙڪاڻي آيو. لاڙڪاڻي ۾ رهڻ دوران ديني تبليغ جو ڪم زور شور سان ڪندو رهيو. ان دوران کيترائي اوڀري پري جا فقيرن ۽ عقيدتمند مسلسل ايندا رهيا. مقامي فقيرن ۽ عقيدتمندن موقعي جو فائدو ونڊي پير صاحب کي مستقل طور لاڙڪاڻي ۾ رهڻ جي گذارش ڪئي ته هي وڏو شهر آهي، آمد رفت جون سڀ سهولتون موجود آهن، تنهن ڪري 'دين پور' کان وڌيڪ هتي دين جو ڪم ٿي سگهي ٿو. پير صاحب مسندن اها تجويز قبول ڪئي ۽ اڇري طرح لاڙڪاڻي ۾ درگاهه 'رحمت پور' جو قيام عمل ۾ آيو. (۲)

درگاهه رحمت پور جي قيام دوران پير عبدالغفار صاحب شريعت ۽ طريقت جي ترويج ۽ اشاعت جي لاءِ وڏو ڪم ڪيو. اندرون ملڪ کان سواءِ بنگال ۽ ايران تائين سندس پيغام پهتو. هزارن جي تعداد ۾ دين کان دور نفس

---

[1] - 'نور پور' اسٽيشن 'ٻالي شاهه' کان اوڀر طرف ڪچي ۾ پنجن ڇهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. (بحواله ماسٽر سعدالله ابڙو (پير صاحب جو مريد عمر ۶۲ سال) ويلل رحمت پور لاڙڪانو.

(۲) - حبيب الرحمٰن، "الطاهر" (اردو) "پير مٺو ڦنبر"، سلسلو 19 اپريل ۱۹۹۱ع حيدرآباد سنڌ - ص - ۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 433

۽ شيطان جي قندن ۾ قاتل ماڻهن جي اصلاح ڪئي. ڪيترائي چور، ڏاڙيل، شرابي ۽ بدعتي توبهه تائب ٿي متقي ۽ پرهيزگار ٿي ويا (۱)

پير صاحب اسلام جي تبليغ لاءِ لاڙڪاڻي ڪانسواءِ دادو ۽ حيدرآباد ضلعن جو سفر به ڪيو. ان ڪانسواءِ ٻنهنجي خليفن کي به اسلام جي تبليغ لاءِ پري پري تائين موڪليندو هو. جڙوڪ ٽهڪوئڻ، قلات ۽ لسبيلو خيرپور، باغبان ۽ ڪيچ مڪران. اهڙيءَ طرح ڏاڪار سابق مشرقي پاڪستان) ڏانهن به هڪ مبلغ کي موڪليو هئائين، جنهن جي محنت سان اتي ڪافي فائدو ٿيو ۽ ڪيترا بنگالي اچي وٽس خدمت ۾ حاضر ٿيا. ان ڪانسواءِ هڪ ايراني مولوي به سير ۽ سياحت جي لحاظ کان هت پهتو ۽ سندس درگاهه تي آيو، پير صاحب جي صحبت ۾ رنڌلجي ويو ۽ ڪجهه عرصو وٽس رهي تبليغ جي اجازت وٺي ايران هليو ويو. (۲)

پير صاحب کي امت محمديه صلي الله عليه وسلم جي اصلاح جو ايتري قدر فڪر دامن گير هوندو هو جو مسلسل ڪيترا ڪلاڪ خطاب ڪرڻ سندس معمولات ۾ شامل ٿي ويو. اڪثر ڪري روزانو فجر جي نماز کان بعد مراقبي جي صورت ۾ ذڪرالله جو حلقو ڪرائڻ کان بعد جيئن ئي واعظ شروع ڪندو هو تيارهين بجي تائين مسلسل سندس خطاب جاري رهندو هو. ان دوران هڪ ٻئي پويان سامعين منزورپات جي لاءِ اٿندا ويهندا هئا، ليڪن پير صاحب ڪي سُکي ۽ محويت جو اهو عالم هوندو هو جو ڪيترا دفعا ظهر جي نماز تائين. سندس اهو سلسلو جاري رهندو هو ۽ پوءِ ظهر جي نماز پڙهي پوءِ گهر ويندو هو. اهڙيءَ طرح

---

(۱) - حبيب الرحمٰن، "الطاهر" (اردو) "پير ملو لنڊ" سلسلو ۱۹ - اپريل ۱۹۹۱ع حيدرآباد سنڌ، ص - ۳۳

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 434

ظهر کان عصر جي نماز تائين گھر ۾ رھڻ کانپوءِ ٻيھري جي نماز لاءِ مسجد ۾ اينڊو ھو ۽ نماز کانپوءِ مغرب تائين وعظ ڪندو ھو.

عمر رسيده ٿي وڃڻ جي باوجود به سندس ان معمولات ۾ کوفرق نه آيو، بلڪ اضافو ٿيندو ويو. ايتري قدر جو ڪڏھن ڪڏھن سومھڙي جي نماز کانپوءِ چھ چھ ڪلاڪ بھي خطاب ڪندو ھو. مرڻ الھوت مسجد ۾ ھڪ جي ڏينھن مسلسل ڇھ ڪلاڪ خطاب ڪيائين (۱) پير صاحب جو ھڪ عقيدت مند مفتي عبدالرحمان لکي ٿو:

"سندس مرشد پير عبدالغفار صاحب ٿي توحيد "شھودي" ۽ مقام حيرت، غالب رھندا ھئا. سندس خطاب دوران ائين محسوس ٿيندو ھو ته جڻ پاڻ محبوب حقيقي (الله تعالىٰ) جي ديدار ۾ محو آھي. سندس وعظ عشق الھي سان پريپور ھوندو ھو، ھڏڙ واري جي متان وحد جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي ھئي. عشق جي محبت جي باھ سندس سينن ۾ گرمائي جڏ ٻرندي ھئي. کو عشق ۾ مستيءَ ۾ زمين تي ڪرندو ھيجڻ وانگر ٽٽڪندو وٽ اينڊو ھو. ته کو وري عشق الھيءَ ۾ نچندو وٽ اينڊو ھو ته کو ھن جي اکين مان خوف خدا سبب لڙڪ جاري ٿي ويندا ھئا." (۲)

پير محمد عبدالغفار ۾ توکل، تقويٰ، صبر، شڪر، خدمت خلق، ٻيون ڪيترايون خوبيون موجود ھيون. تقويٰ ۽ پرھيزگاريءَ جو ان حد تائين

---

(۱) - حبيب الرحمٰن "الطاھر" (اردو) "پير محمد نمبر" سلسلو ۱۹ اپريل ۱۹۹۱ع حيدرآباد سنڌ، ص. ۳۳

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۱۷ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 435

خيال ڪندو هو جو عام بازارجون هيل شيون، مثلاً، مٺايون، ڪپڙا، هوٽل جو ڪاڏو مارڪيٽ جو گوشت وغيره واپرائڻ کان پرهيز ڪندو هو. چوندو هو:

"جيتوڻيڪ اهي شيون حلال آهن، پر جيئن ته عام طور تي انهن ۾ ضروري پاڪيزگي ۽ صفائي جو خيال نٿو رکيو وڃي انڪري اهي مشتبهه پي زمري ۾ اچي وڃن ٿيون. جنهن جي بچڻ کان خود رسول الله صلي الله عليه وسلم جن تاڪيد فرمايو آهي."

پير صاحب جي درگاهه رحمت پور، لاڙڪاڻي ۾ هر مهيني جي يارهين تاريخ تي هڪ وڏو ديني جلسو ٿيندو هو. جن موقعي تي اوري پري جا هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا ڪيترائي عالم سڳورا وعظ ۽ تقريرون ڪندا هئا. ان موقعي تي سپني ماڻهن لاءِ هڪ هئي قسم جي لنگر جو بندوبست ٿيندو هو. ڪوئي ڪيترو به وڏو ماڻهو چونہ هجي، پر ان جي حيثيت هڪ سڌي ساري غريب کان وڌيڪ نه هوندي هئي. وڏا وڏا رئيس ۽ امير ماڻهو وٽس دعا لاءِ ايندا هئا پر انهن کي به صاف صاف لفظن ۾ فرمائيندا هو. ڏاڙهي سنت مطابق رکڻ، خوف خدا ۽ غريبن سان همدردي ۽ تلقين ڪندو هو. پاڻ به اتباع سنت ۾ پورو هوندو هو. ماڻهن کي به اهڙي تلقين ڪندو هو، مثلاً نماز باجماعت پڙهڻ، ڏاڙهي سنت مطابق رکڻ، تهجد، ڏنڊ ۽ پنڪي جي پابندي ۽ شريعت خلاف رسمن رواجن کان پرهيز ڪرڻ ۽ عورتن کي به شرعي پردي ۾ رهڻ وغيره.

پير عبدالغفار پنهنجي مادري زبان سرائڪي کان سواءِ سنڌي زبان به سٺي ريت ڳالهائيندو هو. هن بزرگ سچي عمر دين جي تبليغ ڪندي ۸۴ سال جي عمر ۾ درگاهه رحمت پور شريف لاڙڪاڻي ۾ بروز آچر ۸ شعبان المعظم سن ۱۳۸۴ھ / ۱۲ ڊسمبر ۱۹۶۴ع تي هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. (۱)

---

(۱) - خليفو حبيب الرحمان، "فيوضات غفاريه" (اردو) مڪتبه غفاريه جامع مسجد سيتارجا ضلعو خيرپور، ص - ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 436

سندن آخري آرامگاھ درگاھ رحمت پور جي جامع مسجد ڀڪ آھي. جنھن جي مٿان سندس عقيدت مندن وڏو قبو ٺھرايو آھي.

پير صاحب وفات وقت لڪن مريدن کان سواءِ قريبي رشتيدارن ۾ چار گھروارين ۽ ھڪ فرزند مولانا خليل الرحمان ۽ ٻه نياڻيون سوگوار ڇڏيون. مولانا خليل الرحمان [۱] پڻ ھڪ وڏو عالم ھو ڪيس ھڪ فرزند محمد مظھر جان جانان نالي ٿيو جنھن جو جنم پير عبدالغفار جي حياتيءَ ۾ ٿيو. ڪيس ٻه ھڪ فرزند آھي جنھن جو نالو به عبدالغفار رکيو آھي.

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

پير عبدالغفار ديني تبليغ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ وڏو ڪم ڪيو. سندس تبليغي ڪوششن جو ذڪر متي ٿي چڪو آھي. سندس تبليغي اثر ۽ روحاني ڪشش جي ڪري ھزارين پٽڪيل ماڻھو بدعت جي ڪن کي ڇڏي نيڪ بڻجي ويا.

پير صاحب جي تصنيف ۽ تاليف جي سلسلي ۾ پي ڪا معلومات ملي نه سگھي آھي. البت سندس وعظن، ڪجھ ارشادن ۽ نقشبندي سلسلي جي ذڪر اذڪار جي اھميت ۽ افاديت جي سلسلي ۾ سندس ھڪ خليفي طرفان

---

[۱] - مولانا خليل الرحمان پير عبدالغفار صاحب کان بعد درگاھ جو جاءِ نشين ٿيو سندس وفات ۷ ذوالقعد سن ۱۳۹۶ھ/ ۱۹۶۷ع ۾ ٿي. (خليفو مولانا حبيب الرحمان، "فتوحات غفاريه"، مڪتبه غفاريه جامع مسجد سيناڙا ضلع خيرپور سن ۱۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 437

گڏ ڪيل "ملفوظات غفاريه" جي نالي سان ملي آهي. جيڪا ۲۴۹ صفحن تي مشتمل آهي، ان کي سندس خليفي مولانا حبيب الرحمان ساڪن ديره غازيخان (پنجاب) قلمبند ڪيو آهي. هن ڪتاب کي مڪتبه غفاريه جامع مسجد سيتارجا ضلع خيرپور، طرفان ضياءُ الدين پبليڪيشنز ڪراچيءَ مان چپائي پڌرو ڪيو آهي.

پير عبدالغفار نقشبندي طريقي موجب الله جي ذڪر جي تلقين ڪري ٿو ۽ قلبي ذڪر پچائڻ تي زور ڏئي ٿو. ڪتاب "ملفوظات غفاريه" ۾ قلبي ذڪر جي فضائل جي سلسلي ۾ چوي ٿو:-

"بلوغت کان پهريائين انسان جي دل آئيني وانگر صاف هوندي آهي. جڏهن کوماڻو هڪ گناهه ڪري ٿو تہ ان جي دل تي هڪ ڪارو نقطو اچي وڃي ٿو. جيترا گناهه وڌن تا اوترو دل ڪاري ٿيندي وڃي ٿي. جڏهن انتها درجي تائين ڪاري ٿي وڃي ٿي تہ پوءِ ظاهري باطني گناهن جي ڪارڻ سبب خدا جو خوف دل مان اطاعت جو ذوق، عبادت جي محبت ۽ ذڪر وغيره مسخ ٿي وڃي ٿو." (۱)

ان سلسلي ۾ قرآن حڪيم جي هيٺين آيتن جو حوالو ڏئي ٿو:-

كَلَّا بَلْ رَانَ عَلَىٰ قُلُوبِهِم مَّا كَانُوا يَكْسِبُونَ [۲]

ترجمو:- (هرگز نہ بلڪ! حقيقت ۾ اهڙن ماڻهن جي دلين تي انهن جي بُرن عملن ڪٽ چاڙهي ڇڏي آهي) اهڙي طرح ساڳئي سلسلي ۾ هڪ ٻي آيت جو حوالو

---

(۱) - حبيب الرحمٰن مولانا، "ملفوظات غفاريه"، مڪتبه غفاريه جامع مسجد سيتارجا ضلع خيرپور، ضياءُ الدين پبليڪيشنز ڪراچي، ص - ص - ۱۸ - ۱۹

[۲] - قرآن حڪيم - سورة "المتففين"، آيت - ۱۴، پاره، ۳۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 438

ڏئي ٿو:-

"وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِي نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغَافِلِيْنَ" [1]

ترجمو:- (اي شخص لوڻ پنهنجي پروردگار کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر، عاجزي ۽ خوف سان، بغير آواز جي صبح شام ۽ غافل نه ٿئُ)

مطلب ته هن آيت ۾ الله تعالىٰ قلبي ذڪر ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. يعني رات ڏينهن قلبي ذڪر ڪندا رهو غفلت کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏيو ۽ هروقت ذڪر ۾ مصروف رهو.

قلبي ذڪر جي سلسلي ۾ پير صاحب قرآن حڪيم جي آيتن کان پوءِ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه جي ڪتاب "فتوح الرباني" جا به حوالا ڏئي ٿو:-

يا مريض الباطن عليك بالدواء وهذا الدواء لا يكون الا عند المشايخين من عباد الله عز وجل خذ الدواء منهم واستعمله (۲)

ترجمو:- (اي باطن جا مريض! تو تي قلبي بيماري جو علاج ڪرڻ واجب آهي ۽ اهو علاج الله تعالىٰ جي صالح بندن کان سواءِ ڪٿي نه ملندو. لوڻ انهن کان دوا حاصل ڪري، ان کي استعمال ڪر. مطلب ته اهڙو ڪو ولي الله نه آهي جنهن قلبي ذڪر نه ڪيو هجي)

---

[1] - قرآن حڪيم، 'الاعراف' آيت ۲۰۵ - پاره- ۹-

(۲) - خليفو حبيب الرحمٰن مولانا، 'ملفوظات غفاريه' (اردو)، مڪتبه غفاريه جامع مسجد سيتارجا ضلو خيرپور، ضياءُ الدين پبليڪيشنز ڪراچي، ص - ۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 439

پير صاحب قلبي ذڪر جي اهميت بيان ڪرڻ کانپوءِ زباني ذڪر ۽ قلبي ذڪر ۾ فرق بيان ڪندي ٻڌايو آهي :-

"جيڪو ذڪر زبان سان ڪيو وڃي ٿو، مثلاً ڪلمو شريف، دلائل الخيرات، يا هيا ورد وظائف وغيره اهي سڀ عوامي ذڪر آهن، جن سان ثواب حاصل ٿئي ٿو، ليڪن قلبي ذڪر سان عشق ۽ محبت جيڪو سلوڪ جو سڀ کان اهم رُڪن آهي پيدا ٿئي ٿو، ان تي سلوڪ جو سارو دارومدار آهي، جنهن سان الهي قرب حاصل ٿئي ٿو. ان ڪري خاص ماڻهو ذڪر قلبي ڪندا آهن ۽ زباني ذڪر کان چُپ ۽ خاموش رهن ٿا. زباني ذڪر ڪرڻ واري جي دل زنده ٿي نه ٿي سگهي ۽ نه عشق محبت جا جذبا پيدا ٿين ٿا ۽ نه قرب الهي جي اعليٰ نعمت حاصل ٿي سگهي ٿي. ها! البت درجه ابرار جو ثواب ملي ٿو ۽ نه مقربين وارو درجو" (۱)

پير عبدالغفار قلبي ذڪر جي تلقين ڪندي چوي ٿو :-

" قلبي ذڪر ايترو ڪريو جو دنيا وما فيها جي محبت دل مان خارج ٿي وڃي ۽ تڪ ماسوالله، توجه الي الله تبارڪ وتعالي ٿي وڃي ۽ الله تعالي جي محبت پيدا ٿي وڃي، جيڪو ذڪر جو اصل مقصد آهي. ان کانسواءِ ذڪر جي ذريعي باطني مريضن جو زالو ٿي وڃي. حسد، غرور، حرص، هوس، شهوت، نفسانيت، حب جاه ۽ ڪبر ۽ گناهن وغيره جو علاج صرف الله جي ذڪر ۾ آهي جيڪو مولا جو طالب ذڪر ڪندو اهو واصل بالله ٿي ويندو." (۲)

---

(۱) - خليفو حبيب الرحمٰن مولانا، "ملفوظات غفاريه"، مڪتبهٔ غفاريه جامع مسجد سيتارجا ضلعو خيرپور، سال- ؟، ص - ۲۱

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۲۵ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 440

پير صاحب هدايت ڪندي چوي ٿو

"ذڪر ڪثرت سان ڪريو ۽ شريعت جي تابعداري
شريعت جو ڪم جيڪو مسئلو ٻڌو، ان تي عمل ڪريو بيشڪ دنيا جو
ڪاروبار ڪندا رهو، اهل عيال جا حق سمجهه توفيق اڳاڪندا رهو.
انهن کي سڻي ڪاڻ ۽ سڻي ڇڏيو. انهن شين جي شريعت ۾
ممانعت بلڪل نه آهي. بشرطيڪ دل الله جي ذڪر کان غافل
ٿي نه وڃي" (۱)

پير عبدالغفار شاعرؒ ۾ به سڀني مذاق رکندو هو سندس
ڪافي مذهبي شعر ملي ٿو. پير صاحب جي مادري ٻولي سرائڪي پنجابي هئي،
۽ سندس اڪثر شاعري به انهيءَ زبان ۾ آهي، جنهن ۾ سندس قادرالڪلامي مسلم
آهي. ليڪن هن عربي، فارسي، پنجابي ۽ اردو زبان ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي.
پير صاحب شاعريءَ جي جن صنفن تي قلم کنيو آهي، انهن ۾ حمد، نعت، منقبت،
مناجات، خطبات، ڪافي ۽ مدح تي مشتمل آهي.

ان کان سواءِ سندس شاعريءَ ۾ جيڪي موضوع ملن ٿا
انهن ۾ ذڪر الله، رد روافض، رسمي پيرن جي عادتن تي، رمضان ٻي آمد جي
شان ۾، رخصت رمضان شريف ۽ مرشد جي وصال تي، هيٺ مختلف صنفن تي
سندس شاعريءَ مان ڪجهه اشعار مثال طور پيش ڪجن ٿا:

سرائڪي ۾ حمد جا ڪجهه بند

اميد مغفرت دی دل وچ نہ کوئی خطر ہے
جوادو ذوالکرم والا تقنطوا امر ہے

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 441

موّاج بحر رحمت سر تے سحاب باراں
داور خدا ہمیں رحمت دی نت نظر ہے (۱)

پير صاحب جي هن حمد جو مطلب آهي ڀانڀي ته رب ڪريم جي رحمت ۽ مغفرت مان نااميد ٿيڻ نه گهرجي چاڪاڻ ته هو جواد ۽ ذوالڪرم آهي. سندس رحمت جو درياءِ وسيع آهي. الله تعالىٰ ايڏو ته مهربان آهي جو سندس رحمت ڀانڀي جي بلڪل قريب آهي، رڳو ڀانهو ڏانهس رجوع ڪري ۽ ڪائنس رحمت ۽ مغفرت جي طلب ڪري.

اردو نعت جا ڪجهه اشعار

جو دم نڪلے صل علیٰ کہتے کہتے حبیب خدا کی مدح کہتے کہتے
نکل جائے پر واز کر روح میرا محمد نبی مصطفیٰ کہتے کہتے
جب دوزخ کی پل پر گذر ہوگا میرا گذر جاؤں گی یا اللہ کہتے کہتے
چلوں گی بناز و خراماں جنت شہ انبیاء کی ثنا کہتے کہتے
اٹھوں گی جب قبر سے روز محشر مدد کر شہ انبیاء کہتے کہتے (۲)

پير صاحب هن نعت ۾ عشق محمدي ۾ سرشار نظر اچي ٿو، چوي ٿو ته منهنجو هر دم حبيب خدا جي مدح ڪندي ۽ صلوات پڙهندي ڪجي. سندس اها خواهش آهي ته جڏهن جسم مان روح نڪري ته محمد ڪريم جو نالو زبان تي هجي. اها اميد رکي ٿو ته قيامت جي ڏينهن جڏهن پل صراط تان الله الله ڪندي گذري ٿيندو، تڏهن به محمد مصطفيٰ جي ثنا

---

(۱) - حبيب الرحمٰن مولانا، "الطاهر" (اردو) پير ملو نمبر سلسلو-۱۹ اپريل ۱۹۹۱ء حيدرآباد سنڌ - ص- ۳۶

(۲) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 442

زبان تي هوندي.

پير صاحب هن شعر ۾ صوفياء ڪرام جيان پاڻ کي ضعيف ۽ نفيس عورت جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. فرمائي ٿو ته مان نبي پاڪ جي سارهه جا ڏڪ ۾ رهندي نهايت پروقار قدم کڻندي جنت ڏانهن وينديس ۽ محشر واري ڏينهن قبرمان ۾ محبوب خدا کي مدد لاءِ پڪاريندي اٿنديس.

پير صاحب جا عربي زبان ۾ خطبا به آهن، جيڪي انداز بيان ۽ تاثير جي لحاظ کان پنهنجو مثال پاڻ آهن. سندس هڪ خطبي مان ڪجهه اشعار هيٺ پيش ڪجن ٿا:-

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ عَمَّ الْوَرٰی اٰلَآئُهٗ وَعَلَی النَّبِیِّ
وَاٰلِهٖ صَلَوَاتُهٗ وَثَنَآئُهٗ بِاللّٰهِ اَشْهَدُ اَنَّهٗ مُوَحِّدٌ وَّمُحَمَّدًا
هُوَ عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ شَرُفَتْ بِهٖ اٰبَآئُهٗ (۱)

پير صاحب جي هن خطبي جو مطلب آهي:-

سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي جنهن جو نعمتون سڀني مخلوقات لاءِ عام آهن. نبي صلي الله عليه وسلم ۽ ان جي آل تي صلواتون ۽ ثنائون هجن. الله جي شاهدي ڏيان ٿو ته الله اڪيلو آهي ۽ محمد صلي الله عليه وسلم سندس ٻانهو ۽ رسول آهي، جنهن جا آباء واجداد عزت وارا آهن.

---

(۱) – حبيب الرحمٰن مولانا. "الطاهر" (اردو) سلسلو ۱۹ اپريل ۱۹۹۱ع حيدرآباد
ص - ۳۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 443

(الف) سوانح حيات

مولوي محمد عظيم "شيدا" سولنگي

مولوي محمد عظيم ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ مشهور جيد عالم، مفتي، اعلى درجي جو مدرس ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. مولانا محمد عظيم جو تعلق سولنگي قبيلي جي سدراڻي پاڙي سان آهي. سندس والد بزرگوار جونالو لعل بخش خان هو. مولوي صاحب جي ولادت سن ۱۳۰۰ھ/۱۸۸۳ع ۾ گوٺ گل برڙو تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. (۱)

مولانا محمد عظيم ابتدائي مروج سندي، فارسي ۽ قرآن مجيد جي تعليم پنهنجي اباڻي گوٺ جي مکتب ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ آخوند فقير محمد وٽ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ گوٺ ڪنڊو (تعلقو وارهه) جي مدرسي ۾ مولوي عبدالعزيز خارانيءَ وٽ عربي ۽ فارسي جا وڌيڪ ڪتاب پڙهيو. (۲) سن ۱۳۱۵ھ/۱۸۹۷ع ۾ سنڌ جي مشهور ديني درسگاهه "دار الرشاد" پير جهنڊي [۳] ۾ وڌيڪ ديني تعليم پرائڻ لاءِ داخل ٿيو. ۽ هتي ٻه سال رهيو.

---

(۱) - مولانا محمد عظيم شيدا ڪان ۱۰ جنوري ۱۹۸۶ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - مولانا شيدا جي خود نوشته 'سوانح حيات' (قلمي) ص - ۱

[۳] - "دار الرشاد" پير جهنڊي وارو مدرسو، ان وقت ۾ هڪ انقلابي مدرسو هوندو هو. استادن ۽ شاگردن ۾ مولانا عُبيد الله سنديءَ جو روح ڪم ڪيل هو. جتي انگريزن جي خلاف تقريرون ۽ تحريرون ٿيندڙ هيون ۽ مولانا سنديءَ جي انقلابي تحريڪ جي پرچار ٿيندي هئي.

(محمد عظيم شيدا، خود نوشته 'سوانح حيات' (قلمي)، ص - ۱ املي ڪاپي سندي ادبي بورڊ جامشورو ۾ موجود آهي)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 444

علم تفسير، حديث ۽ فقه جو درس هن درسگاهه جي قابل ۽ بلند پايه عالمن کان حاصل ڪيو. هن مدرسي ۾ مولوي محمد لغاري عرف ڏاڏا استاد [۱] ۽ مولوي محمد اڪرم سندس نامياراستاد پڻ هئا. اهڙي زماني ۾ گوٺ "پلي ڏني آباد" (ضلعو حيدرآباد) ۾ مولانا خادم حسين جتوئي، جنهن جي سوانح حيات هتي ڏني آهي، جي وڏي علمي هاڪ سڄي سنڌ ۾ هئي. تنهن جي مدرسي ۾ مولوي محمد عظيم به پيرا ڪيرا ڏنا، ۽ اتان به علم جو ونڊ ورتائين. آخر ۾ مولانا شيدا سن ۱۳۳۵ھ/۱۹۱۷ع ۾ غلام محسن شاه [۲] وٺ گوٺ "ميان آدم پٽ واري" (تعلقو شڪارپور) وٺ فارغ التحصيل ٿيو. علامه محسن شاه جي بزرگي ۽ اعليٰ شخصيت جو منس وڏو اثر پيو ۽ روحاني فيض به علامه صاحب کان ئي حاصل ڪيائين. ان کان سواءِ شيدا صاحب چشمي وارن بزرگن کان به روحاني فيض حاصل ڪيو. سندس ئي چوڻ تي تصوف ۾ "ارشاد السالڪين" نالي هڪ رسالو لکيو جنهن جو بيان اڳتي ايندو. [۳]

مولانا محمد عظيم شيدا فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجائين

---

[۱] - مولوي محمد لغاري عرف ڏاڏا، اصل اباوڙي تعلقي (ضلعي سکر) جو ويٺل هو. پاڻ مولانا الهڏوائي جو شاگرد هو، پوءِ ديري غازي خان (پنجاب) لڏي ويو. (علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ کان ۸، جون ۱۹۸۸ع تي ورتل انٽرويو)

[۲] - مولانا محسن شاهه ولد سيد محمود شاه جي ولادت "جهٽ پٽ" بلوچستان ۾ ۱۹ صدي ۾ جي نائين ڏهي ۾ ٿي. شاه صاحب ۱۹۵۰ع تاري فوت ٿيو.

(عبدالوهاب چاچڙ، ماهنامه "شريعت" سکر سوانح حيات نمبر آڪٽوبر ۱۹۸۶ع ص-ص- ۱۲۲ - ۱۲۵

(۳) - مولانا محمد عظيم جي فرزند حافظ مظهر الحق کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 445

سن ۱۳۳۷ ھ/۱۹۱۸ع ۾ پنهنجي ڳوٺ "گل هڙي" ۾ هڪ ديني مدرسو کولليو، جنهن ۾ پاڻ خود درس تدريس جو ڪم ڪرڻ لڳو. ان کان پوءِ مولانا صاحب مختلف ڳوٺن ۾ لٿون وڌو ڪ ڳوٺ 'خدادادپٽاڻ' تعلقو ميرپور ماٿيلو شاهل تعلقو وارهه، وڏاوگهڙ تعلقو قمبر، يارو ديرو تعلقو وارهه، ۾ نصيرآباد تعلقو وارهه ۾ مدرسا قائم ڪيا، ۽ انتي طالب العلمن کي ديني ۽ دنيوي علمن جي نعمت سان مالامال ڪيائين. ڪجهه عرصو وگهڻن ۾ ياريديري ۾ پڙهايائين. وگهڻن ۾ ۱۳ سال ۽ ياريديري ۾ ۱۲ سال پڙهايائين.(۱) انهن مدرسن مان ڪيترائي طالب العلم، علم حاصل ڪري عالم ٿيا.

مولانا شيدا جي شاگردن جي فهرست وڏي آهي، مگر ڪجهه عالمن جو ذڪر هت ڪجي ٿو:

مولوي حافظ عبدالرحمٰن پير[۲] ساڪن گل پير، تعلقو خيرپور ناٿن شاهه

---

(۱) - مولانا محمد عظيم شيدا ڪان ۱۰ - جنوري ۱۹۸۶ع تي لاڙڪاڻي ۾ روبرو ورتل انٽرويو.

[۲] - مولانا حافظ عبدالرحمٰن پير (وفات ۱۹۹۱ع) مولانا محمد عظيم "شيدا" ڪان علمي فراغت حاصل ڪري ڳوٺ 'يارو ديرو' لڳ وگهڻ (تعلقو وارهه) ۾ پڙهائڻ لڳو. ڳوٺ 'يارو ديرو' جا به پاڙا آهن. هڪ 'تنين جو پاڙو' ٻيو 'پهلوڻن جو پاڙو'. تنين واري پاڙي جي مدرسي جو باني حاجي شير محمد ٽوڻيو هو. ساڳئي وقت يارو ديرو ۾ پهلوڻ واري پاڙي ۾ مولانا محمد عظيم شيدا (سندس استاد) جو مدرسو هو. مولانا شيدا به ان دوران وگهڻ مان چڏي آيو هو ۽ پهلوڻن واري پاڙي ۾ مدرسو هلائيندو هو. اهڙي طرح هڪ ئي وقت هڪ ئي ڳوٺ ۾ استاد ۽ شاگرد جا جدا جدا مدرسا هلندا هئا. مولانا عبدالرحمٰن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ڪبو.

(غلام محمد لاکو عمر ۷۵ سال (مولانا عبدالرحمٰن جو شاگرد ساڪن يارو ديرو) ۽ وڏيري روشن علي ٽوڻيو عمر ۵۵ سال ڪان يارو ديرو ۾ ۳۱ - ڊسمبر ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 446

مولوي عبدالرحمٰن ٹٹوي، مولوي نظام الدين ساکن مسوجلباڻي بگ ٽٽري محبت، تعلقو ميرپور، مولوي عبدالرحمٰن موريو، مولوي عبدالخالق لودو گوٺ لودو، تعلقو شڪارپور، مولوي جان محمد لودو تعلقو شڪارپور، ۽ بياسندس معروف شاگرد ٿي رهيا آهن. (۱)

مولانا محمد عظيم درس تدريس جي مشغلي سان گڏ علم طب ٿي چڱو خاصو عبور رکندڙ هو. پنهنجي شاگردن کي مدرسي ۾ ٻين ديني علمن سان گڏ علم طب جو به درس ڏيندو هو. مولوي صاحب حڪمت پنهنجي استاد مولانا محسن شاهه جي چوڻ تي مٽياڻي ضلعي نوابشاهه ۾ مولوي محمد احمد صاحب وٽ سکي. شاهه صاحب کيس هدايت ڪئي هئي ته ذريعي معاش لاءِ ڪنهن جو محتاج نه ٻڌجان. (۲)

مولوي صاحب درس تدريس کانسواءِ پنهنجي وقت جي ٻين عالمن وانگر، قادياني فتني جي رد ۾ بحث مباحثا ڪندو رهيو. ان ڏس ۾ هن گوٺ ڪندو، جي سپ کان پهرين قادياني مولوي عبدالرؤف ابڙي کي مناظري ۾ دليلن سان شڪست ڏني، هو ضد ۽ هٺ ڌرميءَ ڪري راهه راست تي نه آيو، پر هن پنهنجي شڪست جو اعتراف ضرور ڪيو. (۳)

مولوي محمد عظيم سولنگي پنهنجي وقت جي عالمن ۾ وڏو مقام رکي ٿو. اهي عالم سندس علمي بصيرت جا پڪ قائل هئا، پاڻ ۾ انهن عالمن کان گهڻو متاثر هو. انهن عالمن سان پاڻ علمي ڪچهريون ڪ

---

(۱) - مولانا محمد عظيم شيدا کان ۱۰ جنوري ۱۹۸۶ع تي لاڙڪاڻي ۾ ورتل انٽرويو.
۽ سمائي "مهراڻ" "شاعر نمبر" ۱۹۶۹ع سندي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص - ۲۷۶

(۲) - مولوي محمد عظيم شيدا کان ۱۰ جنوري ۱۹۸۶ع تي ورتل انٽرويو.

(۳) - مولوي شيدا جي فرزند حافظ مظهر الحق کان، ۵ مارچ ۱۹۹۰ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 447

ڪيائين. مولوي صاحب جن عالمن سان علمي ۽ روحاني صحبتون ڪيون انهن ۾ مولانا ميرمحمد بلوچ قنبر، مولانا ثناءالله ثنائي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولوي غلام رسول عباسي، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولوي محمد ابراهيم ڪارڙائي، علامه غلام مصطفىٰ قاسمي، مولانا عبدالڪريم ڪمارڙو، مولانا تاج محمد عاريجوي ۽ مولانا ڪريمداد چانديو "نوڙهي بجار" پير نجي الله راشدي وگهن وارو، مولوي ولي محمد ابڙو "ڪنڊو" واروشامل آهن. پير نجي الله راشدي مولانا جوگهاڻو دوست هو. راشدي صاحب وٽ سنڌي لائبريري هئي. مولانا شيدا هن وٽ گهڻو ايندو ويندو هو ۽ سندس لائبريري مان ڪافي استفاده ڪيو.

مولانا شيدا ڪي ڪتابن جي مطالعي ۽ گڏ ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. هن پنهنجي نوجواني واري زندگيءَ ۾ نهايت ئي ناياب ڪتابن جو ذخيرو گڏ ڪيو. سندس ڪتبخاني ۾ عربي فارسي، سنڌي، ديني ۽ علمي ڪتاب هئا، جيڪي لڳ پڳ ڇهه سو کن هئا. مولانا جي ضعيف العمري ڪري سندس فرزند عبدالحق لاڙڪاڻي شهر ۾ قائم ٿيل "شاهنواز پبلڪ لائبريري" کي عطيه طور ڏنا آهن. (۱) مولانا شيدا ۴ سال پير جهنڊي واري مدرسي ۾ رهيو. تنهنڪري اتان جي بزرگ استاد جو اثر مٿس تمام گهڻو ٿيو. انهيءَ ڪري سنڌ جي ڪجهه سياسي تحريڪن سان به تعلق رکيائين.

مولانا صاحب پنهنجي وقت جي بين الاقوامي ۽ انگريزن جو سخت مخالف هو. هن پنهنجي وقت جي ڪيترن ئي قومي ۽ مذهبي تحريڪن ۾ سٽ وياڻ سٽ وهڪو ورتو.

---

(۱)۔ مولانا شيدا جي فرزند حافظ مظهرالحق کان ۵ مارچ ۱۹۹۰ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 448

پاڻ قومي ۽ انقلابي خيالن وارو ماڻهو ٿي گذريو آهي، اهوئي سبب هو جو هن خلافت تحريڪ، ڪانگريس، هاري تحريڪ ۽ جميعت علماء هند جهڙين سياسي تحريڪن ۾ حصو ورتو. پاڻ جميعت علماءِ هند جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. (۱).

مولانا محمد عظيم 'خلافت تحريڪ' ۾ نمايان حصو ورتو خاص طرح لاڙڪاڻي ضلعي ۾ خلافت تحريڪ جي وڏن وڏن جلسن ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ برصغير جا وڏا وڏا عالم ۽ ليڊر شرڪت ڪندا هئا. مولانا شيدا، مولانا عُبيد الله سنڌيءَ کي پنهنجو سياسي پيشوا سڏيو آهي. هن خلافت تحريڪ ۾ جن شخصيتن سان گڏ جي ڪم ڪيو آهي انهن ۾ مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا ظفر علي خان لاهوري، مولانا حبيب الرحمٰن لڌيانوي، عطاءُ الله شاهه بخاري ۽ سنڌ مان عبدالله هارون، غلام محمد گرڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جميعت علماء هند مان مولانا حسين احمد مدني، مولانا شبير احمد عثماني، مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا مير محمد نورنگي، مولانا محمد صادق ڪڏي وارو، مولانا دين محمد وفائي، مولانا خوش محمد ميرو خاني، پير تراب علي شاهه راشدي، مولانا غلام فريد سپرو، محمد علي شاهه گهارڻ پير وارو، پير مٺل شاهه ٽلاهه وارو، پير الهي بخش پاڻن وارو ۽ ٻئي ڪيترن جان محمد جويٽي به شامل آهن (۲)

مولانا سولنگي لاڙڪاڻي ضلعي جي پيرن، عالمن ۽ ڪارڪنن

---

(۱) ـ مولانا محمد عظيم شيدا جي 'خود نوشته حيات' (قلمي)، ص ـ ۳ ۽ سمايل "مهراڻ" "شاعر نمبر" ۱۹۶۹ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص. ۲۷۶

(۲) ـ مولانا محمد عظيم ڪان سنڌ سڌس هٽ اکرن ۾ ڊاڪٽر غلام علي سانگي جو ۲۱ جولاءِ ۱۹۷۸ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 449

سان گڏجي، جنهن ۾ پير تراب علي شاه راشدي سرفهرست هو ۳۸-۱۳۳۷هـ ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿي روزه آل انڊيا ڪانفرنس سڏائي، هيءَ ڪانفرنس پير محمد رشد الله ڀنڊي ڏٺي جي زير صدارت ٿي هئي، جنهن ۾ خطبه استقباليه پير محمد علي شاه پڙهيو. هن ڪانفرنس ۾ برصغير جا وڏا وڏا عالم شريڪ ٿيا. جنهن ۾ مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا حبيب الرحمٰن لدڌيانوي ۽ مولانا ظفر علي خان قابل ذڪر هئا. هن ڪانفرنس انگريزن جي خلاف ماڻهن ۾ ايڏو ته جوش پيدا ڪيو، جو ڪيترائي ماڻهو هار لاءِ تيار ٿي ويا ۽ 'تحريڪ هجرت' جو هڪ حال ٿيو. جنهن جو سربراهه رئيس جان محمد جوڻيجي کي چونڊيو ويو.(۱)

مولوي محمد عظيم کي ٻي ڀيرا حج جي سعادت به نصيب ٿي. پهرين حج ۱۹۲۰ع، ٻيو ۱۹۵۳ع ۽ ٽيون ۱۹۷۲ع ۾ ادا ڪيائين. انهيءَ دوران مولوي صاحب جي اها دلي تمنا هوندي هئي ته ڪٿي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت نصيب ٿئي ۽ سائڻي وقت سندس اصحابه خواهش هئي ته باقي زندگيءَ جا ڏينهن محبوب مدنيءَ جي پاڙي ۾ گذاري. مگر هڪ رات حضور اڪرم جن خواب ۾ ڪٿي ارشاد فرمايو ته "اوهان واپس وطن موتي وڃو" لهذا انهيءَ ارشاد پٺاندڙ مولوي صاحب پنهنجي وطن سنڌ موٽي آيو. ان کان پوءِ هن پنهنجي محبت جي اظهار لاءِ 'سيرت مصطفيٰ' ڪتاب تصنيف ڪيو.(۲) جنهن جو مان اڳتي هلي ذڪر ڪندس.

---

(۱) - مولانا محمد عظيم کان سندس هٿ اکرن ۾ ڪليل، ۲۱ جولاءِ ۱۹۷۸ع تي ڊاڪٽر غلام علي سانگيءَ جو ورتل انٽرويو.

(۲) - مولوي محمد عظيم کان ڏهين جنوري ۱۹۸۶ع تي روبرو ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 450

مولانا محمد عظيم شيدا، زندگيءَ ۾ ٽي شاديون ڪيون. جن مان ڪيس يارهن پٽ ۽ ٻه ڌيئاڻيون ٿيون. سندس فرزندن مان وڏو پٽ عبدالحق لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪندو آهي. ضياالحق، مظهرالحق، ۽ منظورالحق قرآن مجيد جا حافظ آهن. جيڪي مختلف سرڪاري نوڪرين ۾ آهن.

سندن پٽن مان حافظ ضياءُ الحق سڏو شاعر هو ۽ سندس تخلص "اسلم" هو. حافظ صاحب چند سال اڳ وفات ڪري ويو آهي.

مولانا شيدا سن ۱۹۵۳ع ۾ وڳٽن مان لڏي نصيرآباد (تعلقو وارهه) وڃي ويٺو جتي پڻ درس تدريس جو ڪم ڪيائين. آخر ڪار مولانا محمد عظيم سڄي عمر درس تدريس ۾ گذاريندي، ۱۰۵ ورهين جي جهار ۾ ۷ سيپٽمبر ۱۹۸۸ع مطابق ۲۴ صفر ۱۴۰۹ھ بروز جمعو هن فاني دنيا کي چڏي وڃي مالڪ حقيقي سان مليو. سندس آخري آرام گاهه ٻاڻ ئي مدرسي ۽ مسجد شريف جي صحن ۾ آهي. جتي تدريس ۽ خطابت جو ڪم ڪيائين. اها مسجد نصيرآباد ۾ 'تلاءِ واري مسجد' جي نالي سان سڏي ويندي آهي. (۱)

---

(۱) - مولانا محمد عظيم 'شيدا' جي فرزند حافظ مظهرالحق کان ۵-۱-۹۲ تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 451

(ب)

ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولوي محمّد عظيم سموري حياتي درس تدريس
۾ گذاري. ديني تعليم جي ڦهلائڻ ۾ مولوي صاحب پنهنجو وڏو
ڪردار ادا ڪيو آهي. انهيءَ درس تدريس جي شعل سان گڏ هن
تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به ڪيو آهي. سندس اهي تحريرون ۽ ڪتاب
سنڌ جي ديني علم ادب ۾ نهايت ئي عزت ۽ احترام جي لائق
آهن. هيٺ سندس انهن ڪتابن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

۱- سيرت مصطفيٰ - (مطبوعه)

مولوي محمّد عظيم شيدا جي ديني خدمتن
۾ نثر خواه نظم ۾ چپيل ۽ اڻ چپيل مواد ملي ٿو. پر سندس انهن
علمي ۽ ادبي شهپارن مان 'سيرت مصطفيٰ' سنڌي زبان ۾ ديني ادب
جو شاهڪار آهي. مولوي صاحب جي هن ڪتاب جي تصنيف جو سبب
مٿي سندس سوانح حيات ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

دنيا ۾ جيڪي به مهذّب ۽ متمدّن زبانون آهن،
انهن جي ادب ۾ 'سيرت پاڪ' تي ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. حقيقت
۾ هي موضوع ئي هڪ اهڙو آهي جو جنهن تي جيترو به لکجي تہ لوڙو
آهي. هن ڪاڻ سنڌي زبان ۾ 'سيرت پاڪ' تي سنڌي عالمن ۽ بزرگن
قلم کنيو آهي. انهن ۾ حڪيم فتح محمّد سيوهاڻي "حيات النبي" ۽ مخدوم

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 452

امیر احمد جو "نور علی نور" کتاب هن سلسلي ۾ معیاري کتاب آهن. انهن مان مولوي محمّد عظیم شیدا جو "سیرت مصطفیٰ" بهڪ آهي. هن کتاب جي اهمیت ۽ افادیت جي باري ۾ عالمن ۽ محققن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا.

"سیرت پاڪ هڪ اهڙو موضوع آهي جڏهن ته سنڌي زبان ۾ گهٽي کان گهٽا ڪتاب لکڻ ۽ شايع ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌي زبان ۾ سیرت تي حڪیم فتح محمّد سيوهاڻي جي ڪتاب 'حیات النبي' کان سواءِ ان موضوع تي ٻيا مڪمل ڪتاب لکيا ويا يا ترجمو ڪيا ويا آهن. مولوي محمّد عظیم شیدا سنڌ جو اهو مثالي نيڪ مرد آهي، جنهن نبي ڪريم جن تي "سیرت مصطفیٰ" جهڙو ڪتاب لکيو.(۱)

"سیرت مصطفیٰ" جي باري ۾ سنڌ جو هڪ ٻيو وڏو عالم مرحوم مخدوم امیر احمد راشدي لکي ٿو:

"مولوي محمّد عظیم شیدا جو مرتبو ڪيل ڪتاب 'سیرت مصطفیٰ' اول کان آخر تائين غور سان پڙهيو. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سیرت تي سنڌي زبان ۾ بهترين ڪتاب آهي. هن جهڙو ڪتاب سنڌي ٻولي ۾ اڄ تائين شايع ٿيل ڪونه آهي. ڪتاب ۾ سیرت النبي ۾ جيڪي مواد ڏنو ويو آهي، سو نهايت ئي معتبر ۽ تحقيق سان ڏنو

---

(۱) - 'شیدا' محمّد عظیم مولانا 'سیرت مصطفیٰ'، سنڌي ادبي بورڊ حیدرآباد (غلام رباني آگرو پیش لفظ ص - الف ۽ ب)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 453

ويو آهي. يقين اٿرتہ هن کتاب جي چپجي وڃڻ کانپوءِ سنڌي زبان جي اسلامي ادب ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي." (۱)

اهڙن مثبت راين مان هن کتاب جي سنڌي ديني ادب ۾ اهميت ۽ حيثيت جو پتو پوي تو. مولوي محمد عظيم جي انهيءَ تصنيف 'سيرت مصطفيٰ' جو قدر ڪندي سنڌي زبان جي قومي اداري "سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد" سن ۱۹۷۶ع دوران ڪراڻون سائيز ۾ چپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب جي شايع ٿيڻ کانپوءِ هن ڪتاب پڙهندڙن ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي ۽ جلدي هن جي پهرين ايڊيشن ختم ٿي وئي. پڙهندڙن جي ذوق شوق کي ڏسي سنڌي ادبي بورڊ ٻيهر ان ڪتاب کي ۱۹۸۴ع ۾ شايع ڪرايو آهي.

ڪتاب ۵۲۱ صفحن تي ڦهليل آهي، جنهن جا پيش لفظ، محترم غلام رباني آگري لکيا آهن. 'مهاڀ' سنڌ جي نامور اديب ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل آهي. جيئن تہ ڪتاب جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن ڪتاب کي سنڌ جي جيد عالم مخدوم امير احمد مرحوم ٽئين ڀيرو ثاني ڪيو هئو. مخدوم امير احمد هن ڪتاب ۾ جاءِ بجاءِ استعمال ٿيندڙ عربي شعر ۽ عبارتن جي تصحيح ڪئي آهي، جنهن کي صحت نامي جي سري هيٺ ڪتاب جي مُنڊ ۾ رکيو ويو آهي.

سمورو ڪتاب اٺ عنوانن تي مشتمل آهي. پڙهندڙن

۱۔ 'شيدا' محمد عظيم مولانا، "سيرت مصطفيٰ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد (مخدوم امير احمد مهاڀ)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جي سهولت لاءِ انهن کي مختصر ۽ آسان نمونن ۾ ڏنو ويو آهي. ۽ عنوان کي نهايت سهڻي نموني ۾ سمجهايو ويو آهي. ڪتاب جي مُنڊ ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام کي نبوت عطا ٿيڻ کان وٺي حضرت بيبي آمنه رضه جي حالات ۽ نبي ڪريم جن جي پڙ ڏاڏي حضرت هاشم کان وٺي حضرت عبدالمطلب تائين احوال بيان ڪيو ويو آهي.

انهن ابتدائي حوالن کان پوءِ حضرت نبي ڪريم جن جي ولادت ۽ نبوت کان آڳ وارو احوال پڻ ڏنو ويو آهي. بعد نبوت جي تاج پوڙ کان وٺي ويندي حجة الوداع ۽ رحلت تائين نهايت ئي سير حاصل تذڪرو هن ڪتاب ۾ شامل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ هڪ ضميمو ڏنل آهي، جنهن ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو تفصيلي شجرو ڏنو ويو آهي. مطلب ته مصنف ڪتاب کي هر لحاظ کان سهڻو ۽ معياري بڻايو آهي. مولانا شيدا جو نثر نهايت ئي پختو آهي. سموري ڪتاب ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو خاص خيال رکيو ويو آهي. جملن جي جوڙ جڪ ۽ فقرن جي ترڪيب ۽ بندش نهايت ئي موزون آهي. واقع نگاري ۽ منظر ڪشي ۾ پڻ شيدا جي قلم ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. ترڪيبون، تشبيهون ۽ سهڻا محاورا ۽ موقعي پٽاندڙ ڪتب آندل آهن. جن ڪتاب جي عبارت کي وڌيڪ رنگين ۽ سهڻو بڻايو آهي. هن ڪتاب ۾ عربي مقولا به استعمال ڪيا ويا آهن، جن مان مولوي صاحب جي وسيع مطالعي جي نشاندهي ٿئي ٿي. ڀرڀال هي ڪتاب سنڌي زبان جي ديني ادب ۽ ديني اشاعت ۾ چڱي جاءِ والاري آهي.

"سيرت مصطفيٰ" جي باري ۾ سنڌ جو مشهور عالم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجو عالمانه راءِ ڏيندي لکي ٿو:-

"پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هن موضوع تي ڇڪتاڻ ڪتاب

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 455

ڪيا ويا آهن، پر پوري تفصيل سان ڪوبہ مڪمل ڪتاب وجود ۾ نہ آيو آهي. هن ضرورت کي محسوس ڪندي اتر سنڌ جي مشهور عالم ۽ شاعر اسان جي بزرگ دوست مولانا محمد عظيم شيدا 'سيرت مصطفىٰ' تالي مفصل ڪتاب لکيو. ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور شجرہ طيبہ ڏنو ويو آهي، جو نهايت ئي معلوماتي آهي." (۱)

منهنجي خيال ۾ علامہ غلام مصطفىٰ قاسمي جو اهو راءِ وڏي اهميت رکي ٿو. آخر ۾ ٻهراڙ قائم ڪبي ٿي تہ سنڌي زبان ۾ سيرت تي ڪيل ڪتاب 'سيرت مصطفىٰ' ديني اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي.

۲- ارشاد السالڪين (غير مطبوعہ) [۲]

مولانا محمد عظيم شيدا جو هي رسالو تصوف تي لکيل

۱- غلام مصطفىٰ قاسمي. مولانا، "ٻئين زندگي" فروري ۱۹۸۰ع ص ۴۹-۵۱

[۲] - مولانا محمد عظيم شيدا، پنهنجي تصنيف ڪيل "ارشاد السالڪين" جو مسودو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد کي شايع ڪرائڻ لاءِ ڏنو هو جيڪو اڃا تائين ڇپجي نہ سگهيو آهي. ونس ان مسودي جي پي ڪاپي ڪانہ هئي، جنهنڪري مڪمل معلومات ملي ڪانہ سگهي. البت مولانا محمد عظيم شيدا جي خود نوشت سوانح حيات (قلمي) جي صفحي ۲ تي ڏنل معلومات مطابق ڪتاب بابت روشني وڌي ويئي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 456

آهي، جنهن ۾ عنوان هن طرح ڏنل آهي: ولايت صغريٰ، ولايت ڪبريٰ ۽ ولايت عليا، حقائق حقيقت اولوالعظميٰ، حقيقت رسالت، حقيقت عيسوي، حقيقت موسوي، حقيقت نوحي، حقيقت ابراهيمي، حقيقت محمدي، حقيقت احدي، حقيقت ڪعبة الله، حقيقت ڪلام الله، حقيقت صلوٰة، حقيقت يقيني، حقيقت بسم الله، حقيقت لفظ باسم الله. ان جو شرح ۽ اهي مقامات حضرت چشمي وارن بزرگن کان حاصل ڪري رسالي جي صورت ۾ جوڙي سندس خدمت ۾ پيش ڪيا هئائين تہ جيئن اهي چپائي صوفين ۾ تقسيم ڪري.

۳- اصول حديث (غير مطبوعہ) [1]

سنڌي زبان ۾ مولانا محمد عظيم "شيدا" جي اها ڪاوش "اصول علم حديث" جي عنوان سان قلمي صورت ۾ دستياب ٿي آهي. مولانا شيدا علم حديث جي متعلق هي رسالو لکيو آهي. جيڪو وڏن فل اسڪيپ پنن جي صورت ۾ ستن صفحن تي پکڙيل آهي

رسالي جي مقدمي ۾ خود مصنف پنهنجي رسالي لکڻ جي سبب تي ۽ فن لفظن ۾ روشني وڌي آهي:-

---

[1] - "اصول حديث" جو قلمي نسخو مولانا شيدا جي هڪ شاگرد مولانا محمد قاسم عيني، بلوچستاني (جيڪو هينئر ڪوئٹہ جي ڪنهن ڪاليج ۾ اسلاميات جو استاد آهي) ڪٽي ويو هو. راقم کي مولانا شيدا جي وفات کانپوءِ مولانا محمد قاسم عينيءَ کان خط وڪتابت جي ذريعي ستن صفحن تي پکڙيل مذڪوره رسالو مليو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 457

"منهنجي ڪن دوستن عالمن ۽ طالبن فرمايوته اصول علم حديث ۾ هڪ رسالو لکان جو علم حديث جي شائقن، عالمن ۽ طالبن لاءِ مفيد ٿئي. رسالي جي متعلق لکي ٿوته هن رسالي ۾ مقدمو ۽ مقاصد آهن. مقاصدن ۾ چار باب آهن. پهرين باب ۾ ٽي فصل آهن، ٻئي باب ۾ به فصل ٽئين باب ۾ ست فصل چوٿين باب ۾ اسماء الرجال آهن." (۱)

هن مختصر 'اصول علم حديث' جي رسالي ۾ مولانا شيدا مرحوم حديث جي علم تي روشني وڌڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. علم حديث هڪ وڏو گهرو گوڙهو فن آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ لاءِ عقل ۽ فهم جي سخت ضرورت آهي. انهيءَ سلسلي ۾ شيدا مرحوم علم حديث پرکڻ لاءِ کي اصول لکيا آهن. جيکي هن حديث جي ڪيترن ئي معتبر ڪتابن مان نقل ڪيا آهن، سا ڳئي وقت 'اسماء الرجال' جي متعلق پڻ مختصر سمجهاڻي ڏني آهي. حديث جي مقصد بيان ڪرڻ کانپوءِ اصول ۽ حديث جا قسم "صحيح" ۽ "موضوع" حديثن وغيره تي پڻ روشني وڌي وئي آهي. ڀلجال شيدا مرحوم جو سنڌي زبان ۾ هي مختصر رسالو ديني اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ وڏو قيمتي سرمايو آهي.

---

(۱)- مولوي محمد عظيم شيدا، 'اصول علم حديث' (قلمي) ص- ۱ مولانا محمد قاسم 'عيني' کان خط وڪتابت جي ذريعي ستن صفحن تي پکڙيل مذڪوره رسالو مليو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 458

شاعري :-

ديوان شيدا (غير مطبوعه)

مولانا محمّد عظيم "شيدا" سنڌي نثر کانسواءِ شاعريَ
۾ به ذوق رکندڙ هو. مولوي صاحب سنڌي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري
ڪئي آهي. پاڻ شعر ۾ تخلص "شيدا" استعمال ڪيو اٿس. سنڌي زبان
۾ نهايت ئي معياري ۽ سنجيده شعر چيو اٿس. سندس شعر گهڻي ڀاڱي
نامعاڻ انداز ۾ آهي. سنڌي زبان جي ڪيترن ئي مختلف صنفن تي
تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. جن مان غزل، نعت، مناجات ۽ ٽيهه اکريون وغيرہ
قابل ذڪر آهن. سنڌ جو معروف ادیب ۽ شاعر ڊاڪٽر عطا محمّد حاميَ مرحوم
مولانا شيدا جي ڪلام تي تبصرو ڪندي لکي ٿو :-

" مولوي شيدا صاحب هڪ عابد ۽ زاهد شخص
آهي. پنهنجي ڪلام ۾ همشه الله پاڪ جي حضور ۾ پاڻ ڏائيندو
۽ گناهن جي معافي گهرندو ٿو رهي. هو سمجهي ٿو ته فرشتا
سندس گناهه لکندي ٿڪجي پيا آهن؛ ان ڪري هو شرمسار
ٿي گهڙي گهڙي توبه تائب ٿئي ٿو ۽ الله جي رحمت جو سهارو
ڳولي ٿو.

مولوي صاحب کي نعتيه شاعريَ تي به ڇڪي دسترس
آهي. ڪڏهن ڪڏهن غزل ۾ به نعتيه شعر چئي ويندو آهي ۽
رسول پاڪ جي محبت جو جو اظهار ڪندو آهي. هو مدينيَ جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 459

ميرکي کائنات جوکارڻي ٿو سمجهي ان جي جدائي ۾
پنهنجو جگر کباب ٿو سمجهي ۽ عرب جي سرزمين ۾ مرڻ
جي تمنا ٿو ڪري.

مولوي صاحب مسلمان قوم جي بداعمالي تي
افسوس ڪندي مرثيو ٿو پڙهي ۽ چاهي ٿو ته هر مسلمان کي
الله ۽ رسول جي حڪمن تي هلي، پنهنجي مرڪزيت قائم
ڪرڻ گهرجي. ڪيس قوم جي بدحالي جو وڏو احساس آهي."(۱)

مولانا شيدا جو شعر سنڌي زبان جي معياري رسالن
جهڙوڪ "نئين زندگي"، سماهي "مهراڻ" ۽ "اديب سنڌ" ۾ چپجندو رهيو آهي.
مولانا شيدا پنهنجي غزل واري شاعري کي ترتيب ڏيئي "ديوان شيدا" جي
عنوان سان سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد کي شايع ڪرائڻ لاءِ ڏنو هو. پر اڄا
تائين اهو "ديوان شيدا" قلمي صورت ۾ آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ
ڏجي ٿو:-

حمد جو مثال:-

"غير جي پوڄا ڪرڻ آهي غلط،
غير جي آڏو جهڪڻ آهي غلط،
چند، سج تارا ڪتيون جنهن خلقيون،
تنهن کان غافل ٿي وهڻ آهي غلط،

---

(۱) - حامي عطا محمد پروفيسر (مرتب) "مولانا شيدا جو ڪلام" قلمي، ۲۰ جنوري ۱۹۸۰ع، اصل ڪاپي سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود، ص - ۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 460

ڪر عبادت پاڪ پروردگار جي سدا،
خواب غفلت ۾ سمهڻ آهي غلط،
غير حق جو آهه سو آهي وفا،
بي وفا کي دل ڏيڻ آهي غلط
جي مرين شيدا تہ مُرُ در اُن جي تي،
در ٻئي جي تي مرڻ آهي غلط" (۱)

مٿين همدمان شيدا جي موحّد هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. هو غير الله جي آڏو جهڪڻ کي سريحًا غلط تصور ڪري ٿو. ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ کان غافل ٿي ويهڻ کان هو خبردار ڪري ٿو. هو هدايت ڪري ٿو تہ فقط هڪ الله جي عبادت ڪرڻ گهرجي. صرف ان کي حقيقي معبود سمجهڻ گهرجي ۽ پنهنجو سڀ مرادون ان کان ئي گهرڻ گهرجن. غفلت ۾ غلطان رهڻ سان انسان زندگيءَ جي مقصد کي وڃائي ويهي ٿو.

نعت جو مثال:-

"محمّد کي خدا جهڙي خدا کي مصطفيٰ جهڙي
حقيقت آ تہ هڪ ٻي کي خدا ۽ مجتبيٰ جهڙي
انسان کي علم جهڙا آهي جوڪا هي ٻيون انيڪن ۾
هوبهر بي ڪران آهي، ٻي ذات ڪبريا جهڙي
بشر مولا جيسين پر ناهي تو مون هڙ وڪو انسان

---

(۱) - 'شيدا' محمّد عظيم مولوي، "ديوان شيدا" (قلمي) ص - ۱۶ ۽ ماهوار "اديب سنڌ"، سيپٽمبر ۱۹۴۲ع ص - ۶،۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 461

الهيءَ جي درسندو جبريل خادم آخدا جائي
انسان تي آهي لازم تي اطاعت ميرمرسل جي
سواهن گاله جي "شيدا" ٻين گالهين کي چا چائي" (۱)

مٿين نعت ۾ شيدا مقام مصطفيٰ بيان ڪيو آهي ۽ اهو پڌ ٻڌايو آهي ته محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي عظمت جي ڪٿ ڪرڻ کان انسان عاجز آهي. پنهنجي حبيب جي منزل ۽ مقام خود خدا چائي ٿو. انسان جو علم محدود آهي. تنهن ڪري اهوان، بحر بي پايان جي انت جي سُڌ لهي ڪونه سگهندو. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن افضل البشر آهن. سندن شان اعليٰ آهي. حضرت جبرئيل امين سندن درجو خادم آهي. تنهنڪري خدا جي پياري پيغمبر جي اطاعت انسان جي مٿان لازم آهي.

ننڍي نقطهٔ نگاه کان مٿيون سلوڪ فصاحت، بلاغت ۽ سلاست جي خوبين سان پريپور نظر اچن ٿا ٿون. فڪر جي گهرائي توڙي خيالن جي جدت جو عمدو مثال آهن.

بهرحال هن نعت مان مولانا صاحب جي عشق محمديءَ جو ثبوت ملي ٿو ۽ معلوم ٿئي ٿو ته ڪيس حقيقت محمدي صلي الله عليه وسلم جي پوري پيروڪار آهي.

---

(۱) — "شيدا" محمد عظيم مولانا. "ديوان شيدا" (قلمي) ص-۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 462

مناجات جو مثال:

مولانا "شيدا"، حمد ۽ نعت کان سواءِ مناجات به چئي آهي. شيدا جي مناجات فني لوڙي فڪر جي لحاظ کان مڪمل نظر اچي ٿي. مولانا هن مناجات ۾ پنهنجي سموريين ڪمين ڪوتاهين جو اعتراف ڪندي سراپا مغفرت جو طالب نظر اچي ٿو. سندس مناجات جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:-

"يا الٰهي باجھ کر ڪوني ٿئر قياست سندو
آهيان سڪتو سُڄيو آٻتي بندو هي چاڪندو
گپ گناهن جي ۾ قاسي ٿي پيو آهيان گندو
بي عدد آهن گنهه پوءِ صاف ڪيئن ٿيندو ڪندو
مان گناهن جي ڪري ڏاڍو ٿيو آهيان رذليل
خذ بلطفك يا الٰهي من لئه نزادٌ قليل
مفلسًا يا الصدق يأتي عند بابك يا جليل
آسمان کان ۽ زمين کان ٿيا منهنجا گناهه وڏا
نفس ۽ شيطان ڪرايا مون کان آهن ڪم جڏا"(۱)

عربي سٽن جو ترجمو:-

(اي منهنجا الله! پنهنجي ڪرم ۽ لطف سان اهڙي شخص کي پنهنجي لطف سان نواز، جنهن وٽ تمام ٿوڙو زاد راه آهي. اي رب جليل! تنهنجي دروازي وٽ سڪتو خلوص سان اچي رهيو آهيان)

---

(۱)- "شيدا"، محمد عظيم مولانا، "ديوان شيدا" (قلمي) ص- ۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 463

سوز غم جي باهم منهنجا سڙي ويا هن هڏا
تنهنجي در تي روئي روئي ڪيا اٿم سڏڙا وڏا
ڪونه آهي چوتڪاري جي سوا تنهنجي سبيل
ذنبهٗ ذنب عظيم فاغفر الذنب العظيم
انهٗ شخص غريب مذنبٌ عبده ذليل(۱)

عربي سٽن جو ترجمو:

(سندس گناهه وڏا آهن. اي عظمت وارا! ان جي گناهه کي معاف ڪر. بيشڪ اهو شخص اجنبي گنهگار ۽ پنڪيل ماڻهو آهي)

مولانا محمد عظيم شيدا پنهنجي هن مناجات ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه ذالفن منسوب ٽيل مشهور مناجات[۲] کي پنهنجي مناجات جي هر بند جي پويان اڳڙيءَ طرح پيوست ڪيو آهي جو مختلف زبانن جي باوجود به شعر لئه ۽ وزن کي پنهنجي جاءِ تي برقرار رکيو آهي. جنهن کي علم معاني ۽ صنعت تلميح جو هڪ اعلىٰ نمونو چئي سگهجي ٿو. ان کان سواءِ "شيدا" صاحب جي هن مناجات ۾ معلوم ٿئي ٿو ته کيس شعري صنف تي ڪيڏي نه قدرت حاصل آهي.

بهرحال مولانا محمد عظيم "شيدا" جون نثري ۽ نظمي خدمتون ديني اشاعت جي سلسلي ۾ اهم ۽ مفيد چئي سگهجن ٿيون.

---

(۱) - 'شيدا' محمد عظيم مولانا، "ديوان شيدا". (قلمي) - ص - ۵

[۲] - حضرت ابوبڪر صديق رضه پنهنجي وصال کان ٻه مهينا اڳ ۲۲ ربيع الاول سن ۱۳ هه ۾ جوڙي هئي ("مجموعه مدحيات" سندي، رحمان برادرس تاجران ڪتب ڪراچي، ص - ۱۵۹ - ۱۶۰)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 464

(الف) سوانح حيات

پير حابي محمّد بقاءعرف حابي مٹل شاه

پير حابي مٹل شاه ولد پير مظهرالدين شاه جي ولادت ۱۳۲۱ھ/۱۸۸۳ع ۾ ٽلاھ شريف ۾ ٿي. قرآن پاڪ جي ابتدائي تعليم گوٺ ۾ ويٺ کان پوءِ عربي ۽ فارسي جي تعليم مولانا سڪيور واري کان ورتائين. عربيءَ جي باقي تعليم حضرت مولانا غلام عمر رضه جي مدرسي سوني جتوئي ۾ حاصل ڪيائين. ظاهري علم جي پوري ڪرڻ کان پوءِ روحاني راز ۽ رمزون جاڻڻ لاءِ حضرت امروٽي جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ۽ پنهنجي ڏاڏي کان ورتل روحاني درس، ذڪر ۽ فڪر پورو ڪيائين. (۱) تنهن کانپوءِ پنهنجي خاندان جي پيري ۽ مريدي جو سلسلو جاري ڪيائين.

جيئن ته ڏاڏي جي حياتيءَ ۾ ئي سندس والدءَ جي پيارو ٿي ويو، ان ڪري سندس ڏاڏي ڪيس روحاني مسند تي وهاريو.

پير مٹل شاه جي ولادت ۽ وفات ته ٽلاھ شريف ۾ ٿي، ليڪن پنهنجي چار دوران سندن جي مختلف هنڌن تي بہ رهيا. (۲) پاڻ ست شاديون ڪيائون. (۳) جنهن مان ڪيس اٺويھ ٻار ٿيا. (۴) ليڪن پنهنجي خاندان جي جهڙ مان ڪو بہ اولاد نہ ٿيو.

پير صاحب پنهنجن وڏن جيان هڪ نامور حڪيم ۽ طبيب هو، ڪيس پنهنجي ترجي حڪيمن ۾ هڪ استاد جي حيثيت حاصل هئي، ۽ حڪمت ۾ سندس ڪيترائي ماڻهو

---

(۱) - امروٽ شريف ۾ ذڪر ۽ فڪر جا لطيفا حاصل ڪرڻ وقت سندس ڪيترن ئي چوٽي جي عالمن ۽ بزرگن سان ڏسڻ ۾ جيڪي ساڻيئي عرصي دوران حضرت امروٽي جا صحبتي ۽ معتقد هئا، انهن بزرگن ۾ مولانا حمادالله هاليجوي، مولانا احمد علي لاهوري، مولانا خوشحال محمد ميرو خاني، مولانا عبدالحڪيم ڪمارو گوٺ محمد پورائي، مولانا محمد سالم بالنجي ۽ مولانا عبدالعزيز ترڪيچاني وغيره.

(۲) - اصي مختلف هنڌ هئا: ۽ گوٺ ماڻي تعلقو ميرو، گوٺ رنجهاڻي تعلقو نوڪري، گوٺ ڏليجا تعلقو ٽوشهر، ڏيرو ڏرڙو وغيره

(۳) ڪا بي جڙ پنهنجي خاندان مان. هڪ ڪهوڙا خاندان مان ۽ بہ سما خاندان مان ۽ هڪ سومرا نگي خاندان مان

(۴) - سندس فرزند جانا لاهن ريت آهن:

پير فيض محمد شاهه، پير مظهرالدين عرف دلدار شاه، حابي ضيا احمد شاه، پير ارشد شاه، پير برڪت الله شاه ۽ پير علي مرتضيٰ شاه عرف ماشاءالله شاه، فرزند نمبر ڇهون. ڏيون ۽ ڇهون سندن سما خاندان جي جهڙ مان آهن، جيڪي هن وقت حبيب ٽنگڙي ڏي لڳ موجود جهڙ تاءِ باقي ٽي فرزند سومرانگي خاندان جي جهڙ مان آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 465

شاگرد ٿيا.

راشدي خاندان جو هي فرد نہ صرف هڪ پير ۽ حڪيم هو، ليڪن آزاديءَ جو ملڪالوبہ هو. سندس سياسي سوچ ۽ فڪر ٻي حضرت مولانا امروٽيءَ جي نظرن ۽ خيالن جو رنگ چڙهيل هو. جڏهن "خلافت تحريڪ" جو آغاز ٿيو، تہ پاڻ پڻ ٻڌجي ڪاهي پيو. ڪنهن انگريزن کان ايتري تہ نفرت هوندي هئي، جو ڪنهن انگريز تي نظر پوندي هيس تہ منهن ڦيري ڇڏيندو هو، ۽ چوندو هو تہ "جي دشمن ڪائن هٿ نہ ٿو پهچي تہ گهٽ ۾ گهٽ اکين تي تہ وس هلي ٿو نہ! پوءِ اکين جي غيرت چونہ قائم رکون.

پير صاحب نہ صرف "لاڙڪاڻي ضلعي جي خلافت ڪاميٽي جو سرگرم ڪارڪن" ۽ ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر هو، پر سندس اثر رسوخ ڪري "ڏوڪري تعلقي" ۾ خلافت ڪاميٽي جو بنياد بہ پيو.

پير صاحب خلافت تحريڪ گهڻو وقت پنهنجي روحاني بزرگ حضرت امروٽي جو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ "سجوهت" ٿي رهيو.

پاڻ ٿي دفعا ترڪ موالات ڪائن ۽ جڏهن نوبت وڃي هجرت تي پهتي تہ پاڻ پٿي پير نہ هٽايائين. ليڪن رئيس جان محمد جوٽيجي سان گڏ جي "هجرت جي اسپيشل ٽرين" وسيلي وڃي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 466

لتوڙ تائين پهتو ليڪن اتي وقت جي حالتن ڏاڍي پاڻي جي چڪ ۽ وطن جي اڪيڙ ڪيس ۾ سان گڏ واپس وڃي آئي.

خلافت تحريڪ سبب پير صاحب کيڙائي سورهاڻ ۽ تڪليفون ڏنيون. هڪ دفعي سندس صدارت هيٺ ڏوڪريءَ ۾ خلافت جو جلسو ٿيو ۽ اهڙيءَ جلسي ۾ ڪيل سندس انقلابي تقرير ڪري "يوسفي سنت" جو اعزاز بخشيو. وقت جي فرنگي سرڪار، خلافتي ڪارڪنن خلاف ڪاوڙ کائي لٺي نڪتي ۽ ۾ سان هي پير صاحب به سندن ظلم جو شڪار ٿيو. ساڻس گڏ ضلعي لاڙڪاڻي مان جن ۾ کي سرڪاري گرفت ۾ ۽ جيل وڃايو سي هئا. پير تراب علي شاه (قنبر علي خان) محمد صالح سومرو (ڏوڪري) ۽ به شامل هئا.

اهڙيءَ اسيريءَ دوران ۾ پير صاحب قرآن پاڪ حفظ ڪري ورتو.

پير مٺل شاه نه صرف حڪيم ۽ سياستدان هو بلڪ هڪ سٺو شاعر به هو. ترجمي مشهور شاعرن سان سندس شاعرانين ڪيترين ٿينڊيون هيون پير صاحب کي شاعريءَ ۾ ايتروتائين ڪمال هو جو "بوستان"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 467

ع "قصہ شیخ صنعان" جو سندي ۽ م منظوم ترجمو ڪيائين.
پير صاحب جي ڪلام مان مولود جو مثال هيٺ ڏجي ٿو: ،

مثنوي مرسل سنديون وصفان بيان برن ۽ بحرن م

۱- خدا سائين ملائڪ پڻ پڙهن صلوات سهڻي نبي
ڪنڌي سا مختصر ناهي زمين آسمان م

۲- وٽن توسان چو سپڪ وڏائي سوز سيني جو
صفت ثابت سپرين جي آهي سهڻن آوازن م

۳- قمر ۽ شمس ۽ تارا ڪر بجلين جا چمڪارا
نوڙين گوڙ جا گجڪارا ماند اهڃن جي مدن م

۴- گلن م بلبلن ۽ گلشن جي عام زستن م
وٽن گاهن پنن پوڙن تڙن ڏارن جي پاڙن م

۵- "مثل" مستان آهي هر کو مثي محبوب لله مانڙو
بهشتي حورن م هلچو آهي غلمانن قصورن م. (۱)

---

(۱) - "الرحيم"، نومبر ديسمبر ۱۹۷۸ع ڊاڪٽر درڪ پٺاڻ "نڙاه جا به شاعر شاه" (مضمون) - ص - ۲۲ کان ۲۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 468

(الف) سوانح حيات

مولانا غلام حسين وليدائي

مولوي غلام حسين ولد مولوي محمد يوسف عباسي جي ولادت سن ۱۳۰۵ع/۱۸۸۷ع ۾ گوٺ "وليد"[1] تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. ولادت جي اها تاريخ مولوي صاحب پنهنجي سوانح ۾ لکي آهي. پاڻ هڪ علمي خاندان جو چشم چراغ هو. سندس والد صاحب به عالم شخص هو، جيکو پنهنجي ئي گوٺ جي ديني مدرسي ۾ پڙهائيندو هو.

مولانا غلام حسين ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ جي مدرسي ۾ ئي ورتي. من پنهنجي گوٺ جي مڪتب مان چار درجا سنڌي پاس کيا ۽ ان دوران ئي پنهنجي والد مولوي محمد يوسف وٽ قرآن شريف ناظره پڙهي پورو کيو. جيئن ئي اسڪول کان فارغ ٿيو ته پنهنجي والد صاحب وٽ فارسي پڙهڻ شروع کيائين ۽ 'پند نامه عطار' تائين ان وٽ پڙهيو پوء وڌيڪ فارسي 'سڪندرنامه' تائين لاڙڪاڻي ۾ ماسٽر محمد پريل وٽ پڙهيو. تنهن کانپوء لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور معروف عالم مولانا عبدالله رتائي وٽ رهي ديرينه ۾ عربي پڙهڻ شروع کيائين. کافي عرصو اتي پڙهڻ کانپوء مولانا وليدائي گڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ويو ۽ اتان جي مشهور معروف عالم ۽ مفتي مولانا محمد قاسم ياسيني ٿوٽ عربي ۽ جا مٿيان ڪتاب پڙهي پورا کيائين. ان کانپوء "نورنگ" (تعلقه قمبر) وڃي سنڌ جي برڪ عالم مولانا ميرمحمد نورنگي وٽ نحو، فقه، منطق، فلسفه ۽ معاني وغيره جا آخري ڪتاب پڙهي

---

[1] - گوٺ وليد هيئر لاڙڪاڻي ميونسپالٽي جي حداندر اچي ويو آهي.

[2] - ماسٽر محمد پريل متعلق، مولانا غلام عمر جلوٽي جي تحريري خدمات ۾ لکيو ويو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 469

فارغ التحصيل ٿيو ۽ اتي ئي دستار بندي ڪرائين. 'نورنگ' ۾ مولانا غلام حسين وليدائي سان گڏ مولانا غلام رسول عباسي ۽ مولوي حافظ محمد ڪامل دايو ڳوٺ 'سنڌڙي' (تعلقو لاڙڪاڻو) وارو به هم درس هئا. هنن ٻنهي گڏ دستار بندي ڪئي هئي. (۱)

مولانا وليدائي کي علم سان ايترو ته دلي لڳاءُ هو، جو دستار بندي ۽ ڪانپوءِ وري پنهنجي هم درس ۽ دوست مولانا حافظ محمد ڪامل 'سنڌڙي' واري وٽ سندس ڳوٺ ويو جتي ساڻس گڏ جي سموري پڙهيل علم جو نئين سر دور ڪيو. مولانا غلام حسين جي چوڻ مطابق "جيتوڻيڪ مولانا حافظ محمد ڪامل دايو ظاهري طور ڪٽي نابينا هو، ليڪن قدرت کيس وڏو ذهن عطا ڪيو هو. خاص ڪري منطق ۽ فلسفي ۾ ته تمام هوشيار هو. مان ڪانئس علمي مباحثي دوران منطق ۽ فلسفي جون ڪيتريون گاڙهيون ئين سر سڪيون ۽ سمجهيون.

مولانا وليدائي ڪجهه عرصو پنهنجي ڳوٺ ۾ رهڻ بعد ڪڙهي ياسين ويو، جتي پنهنجي استاد مولانا محمد قاسم ياسينوي جي مدرسي ۾ زندگيءَ جو چڪو عرصو معلم جي حيثيت ۾ گذاريو. ان ڪانپوءِ واپس پنهنجي ڳوٺ وليد ۾ آيو ۽ لاڙڪاڻي شهر جي 'لاهوري محلي' جي هڪ قديم مدرسي 'اشاعت القرآن' ۾ عربيءَ جا مٿيان ڪتاب جنهن ۾ حديث، تفسير، 'شرح جامي'، 'مختصر معاني'، 'عبد الغفور' ۽ 'مطول' جهڙا ڪتاب پڙهائيندو رهيو. جتي وٽانئس ڪيترا شاگرد فيض ياب ٿيا. (۲)

ان دوران مولوي صاحب شام جو وڃي ڳوٺ ۾ به پنهنجي مدرسي جي شاگردن کي پڙهائيندو رهيو.. مگر ڪجهه عرصو بعد مدرسي 'اشاعت القرآن' لاهوريءَ کي

---

(۱) ـ مولانا غلام حسين وليدائي جي خود نوشته حياتجو نقل، جيڪو سندس شاگرد غلام فاروق آريجي (استاد ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي) کان حاصل ٿيو.

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

چڈي پنهنجي گوٺ ولید ۾ مڪمل طرح پڙهائيندو رهيو. ان کان پوءِ ڪجهه عرصو مولوي محمد احمد کوکر جي مدرسي عيدگاه لاڙڪاڻي ۾ به پڙهايائين.

مولانا غلام حسين وليدائي جي اها خاص خوبي هئي جو هن جتي به پڙهايو اتي في سبيل الله محض دين جي خدمت خاطر پڙهايو. مولانا کي مطالعي ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو تنهن ڪري هن پاڻ وٽ هڪ سٺي لائبريري به قائم ڪئي. جنهن ۾ ڪيترائي نايابِ قيمتي ڪتاب موجود آهن.

مولانا وليدائي درس تدريس سان گڏ وڏا خطوط نويسيِ ۽ تصنيف تاليف جو به شوق رکندو آيو. پاڻ هڪ سلوِ مترجم ۽ شارح هو. هن درس نظاميَ جي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سنڌيَ ۾ ترجمو ۽ شرح لکيا، تہ جيئن طالب العلم کي پڙهڻ ۾ سهولت ٿئي. تصنيف تاليف جي سلسلي ۾ هن فارسي ڪتابن مان 'ڪريما'، 'ڪان سڪندر نامہ' تائين، 'مخزن اسرار'، 'تحفة الاحرار'، 'مطلع الانوار' ۽ ديوان حافظ جا سنڌي زبان ۾ ترجما ۽ شرح لکيا. ان کانسواءِ عربي زبان مان به ڪجهه ڪتابن جا سنڌي زبان ۾ ترجما ۽ شرح لکيا آهن، جنهن ۾ قطبي (علم منطق)، 'شرح وقايہ' (علم فقه) جلد اول، 'اصول شاشي' ۽ 'شرح جامي' جا شرح اڇي وڻن ٿا. ان کانسواءِ 'علم الميراث' ۾ سندس قلمي بياض به سنڌيَ ۾ لکيل آهي. ڊاڪٽر رحمت الله ابڙي پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکيو آهي ته،

"مولانا غلام حسين وليدائيَ، مولانا حسن الله پاتائي جي هڪ قلمي تحرير 'آخري ظهر' جي مسئلي بابت جيڪا عربي ۽ فارسي ۾ لکيل آهي، جنهن جو نالو "توضيح المسائل للرائي والمسائل" آهي. سا تحرير مولانا غلام عمر جلوڻي صاحب جي مدرسي گوٺ 'سوني جلوڻي' ۾ موجود آهي. ان تحرير جو عام ماڻهن جي فائدي واسطي مولانا غلام حسين وليدائي سنڌي هوليَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جيڪو پڙ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 471

قلمي سورت ۾ سوني جلوٽي جي مدرسي ۾ موجود آهي." (۱)

مولانا وليدائي طب جو به سلوڪا شندڙ هو، مدرسي ۾ پڙهائڻ دوران شاگردن کي طب به پڙهائيندو هو ۽ سيکاريندو هو. مولانا ماڻهن جا سلوڪ فتوىٰ لکيس به هو ۽ فتوىٰ ۾ خاص علوم رکندو هو. کيترن هندن جا ماڻهو وٽس شرعي تحرير حاصل کرڻ ۽ فتوىٰ پڇڻ لاءِ ايندا هئا. خاص طرح ضلعي لاڙڪاڻي جو کو به عالم کا فتوىٰ يا تحرير کيندو هو ته ان تحرير تي مولانا وليدائي جي تصديقي صحيح کي سند سمجهيو ويندو هو.

مولانا غلام حسين وليدائي وٽان جيکي طالب پڙهي فيض ياب ٿيا، انهن مان چند شاگردن جا نالا هي آهن، مولانا سيد عبدالفتاح شاه بخاري ويل گوٺ آريجا تعلق ڏوکري. ڊاڪٽر حافظ عبدالهادي سرديو ساکن لاڙڪاڻو. ڊاڪٽر مددعلي قادري پروفيسر عربي سنڌ يونيورسٽي جامشورو. مولانا محمد اسحاق جلوٽي عربي ٽيچر ميونسپل هاءِ اسکول لاڙڪاڻو. مولوي محمد حسن جلوٽي گوٺ حسو جلوٽي، تعلق لاڙڪاڻو، مولوي منظور احمد جمالي. (جيڪو بلوچستان ۾ سروس ٽربيونل جو ميمبر رهي چڪو آهي) لقمان حکيم لاهوري محلو لاڙڪاڻو، ماسٽر عبدالڪريم ميمڻ ساکن لاهوري محلو لاڙڪاڻو. غلام فاروق آريجو، حافظ ساڻيندڙ نو ميمڻ پيش امام جامع مسجد لاهوري لاڙڪاڻو ۽ سندس فرزند مولوي عطا محمد عباسي شامل آهن. (۲)

---

(۱) - رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، مولانا غلام عمر جلوٽي جون علمي ۽ فقهي خدمتون، ڊي. فل لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو.

(۲) - مولانا غلام حسين وليدائي جي شاگرد مولوي محمد اسحاق جلوٽي (عربي ٽيچر ميونسپل هاءِ اسکول لاڙڪاڻو) کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 472

مولانا وليدائيؒ جو ذريعہ معاش ۱۳، جريب زرعي زمين هئي. پاڻ نهايت سادي زندگي گذارينده وهو. لباس سادو پائيندو هو، لباس ۾ اڪثر ڪري سفيد پگ، سفيد پهراڻ ۽ سفيد شلوار يا گهوڙڪري گوڏ بڌندو هو. قد جو هلڪو هوندو هو. [۱] باوجود پير سنيءَ جي پنهنجي زمين جو ٽوڙو گهوڙڪ به ڪندو هو. آخري عمر ۾ ڪن ڪان ٻوڙو ٿي پيو هو. جيڪڏهن منجهس ڪنهن جو ڪم پوندو هو، يا ڪائنس ڪو مسئلو پڇڻو هوندو هو ته اڪثر ڪري سليٽ تي لکي ڪائنس پڇيو ويندو هو. سندس ذهانت جو اهو مقام هوندو هو جو ڪنهن به شرعي مسئلي بابت برجهان ڪتابن جون عبارتون پڙهي ان مسئلي جو حل بڌائيندو هو. پاڻ هڪ نئي وقت عالم، مفتي، معلّم، محرّر، مصنّف، مؤلف، مترجم ۽ شارح هو.

مولانا وليدائيءَ جا پنهنجي وقت جي ۽ ڏن عالمن سان علمي تعلقات هئا. جن ۾ ابوالفيض مولانا غلام عمر جتوئي، مولانا عبدالله رتائي، مولانا غلام رسول عباسي مولانا حافظ محمّد ڪامل دايو، مولانا تاج محمّد آريجن وارو، مولانا خوش محمّد ميرو خاني، مولوي درمحمّد ڪانڌ ڙو نفير آبادي، مولوي محمّد اڪرم ڪولهه، مولانا محمّد قاسم مشوري ۽ مولانا محمّد قاسم چانديو ٻوڙهي بجار وارو شامل آهن.

مولانا غلام حسين وليدائيءَ جي اولاد ۾ هڪ پٽ مولوي عطا محمّد هو.

جيڪو سندس ٿيءَ حياتيءَ ۾ وفات ڪري ويو. پاڻ ۸۳ ورهين جي عمر ۾ ۱۵، رمضان المبارڪ سن ۱۳۸۸ھ مطابق ۶، ڊسمبر ۱۹۶۸ع تي هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو. (۱)

---

(۱) مولانا غلام حسين وليدائيءَ جي خود نوشته سوانح حيات جو نقل جيڪو سندس شاگرد غلام فاروق آريجي (استاد ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي) کان حاصل ٿيو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 473

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا غلام حسين وليدائي لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ برجستو عالم هو. هن پنهنجي سڄي حياتي ديني علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذاري. هن وٽان ڪيترائي طالب فيض ياب ٿيا. جن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. مولانا وليدائي هڪ سٺو مڪرر، مدرس، فقيه ۽ مفتي هو. سندس علمي ڪارنامن منجهان اسانکي فقه جي ڪتابن هڙوڪ، شرح وقايه، هدايه ۽ اصول شاشي وغيره جا سندي ۾ ترجما ۽ شرح ملن ٿا. سندس هي ترجما تحت اللفظ آهن ۽ پوليءَ جي لحاظ کان جيڪي عام فهم نه آهن. جنهنڪري عام پڙهندڙن کي دقت محسوس ٿئي ٿي. جيڪڏهن انهن ترجمن کي نئين شرح بامحاوره ۽ سندي قواعد مطابق ٻيهر لکيو وڃي تہ هو ندا اُهي سندي ديني ادب ۾ چگو واڌارو آڻي سگهن ٿا. ترجمي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مولانا جي پوليءَ جيتو ٽيڪ قديم نوعيت جي آهي تاهم سندس تحرير ۾ بهتر روانی آهي. عربي مفردات جا سندي مترادف لفظ سڌي پيرايه ۾ آندا اٿائين جنهن مان سندي ديني ادب جي خدمت ظاهر ٿئي ٿي.

مولانا وليدائيءَ جي قلمي مواد ۾ هڪ فتوائن جو مجموعو به آهي، جنهنکي جي ڪڏهن بياض چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. سندس بياض يا فتوائن جو مجموعو هر قسم جي فتوائن تي مشتمل آهي، جنهن مان ڪن جو واسطو تاريخي شخصيات سان آهي. مثال طور ڪانئس ڪنهن شخص پڇيو تہ امام فخرالدين رازي فقط ظاهري علم جو امام هو يا واسطو اهل تصوف سان به رهيو آهي؟ هن سوال جي جواب ۾ مولانا لکيو آهي تہ امام فخرالدين رازي ظاهري علم سان گڏ وڏو شيخ سُنجاڻ جو ڪن دست بيعت هو.

مولانا وليدائي اهڙا گهڻا حضرت يعقوب چرخي جي تفسير مان آندي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 474

جنهن ۾ هن بزرگ وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتَابَهٗ بِشِمَالِهٖ الخ جو تفسير ڪندي بيان ڪيل آهي. (۱)

مولانا جي بياض ۾ ديني فقهي مسائل، اعتقادي ۽ فروعي مسائل، ورثه ۽ ترڪ جي تعلق استفتاء ۽ انهن جا جواب به بيان ٿيل آهن. هن انهن سڀني تحريرن ۽ فتوائن جا جواب قرآن، حديث ۽ فقه جي روشنيءَ ۾ ڏنا آهن. انڊيا جي طرح مولانا وليدائي جي سموري قلمي ڪاوش ديني اشاعت ۾ هڪ واڌارو ڇڻي سگهجي ٿو پر افسوس آهي ته مسڪيني ۽ غريبي ماحول ۾ رهڻ جي ڪري سندس سموري تصنيف قلمي صورت ۾ موجود آهي، پر کو به سندس ڪيل ڪتاب طباعت جيڏ ڪونه آيو آهي. تنهن ڪري هن درويش صفت انسان ۽ جيڏ عالم جو ذڪر شهرت کان پري رهجي ويو آهي ۽ پاڻ گمنام زندگي گذاري ٿڪ وارن جي فهرست ۾ شامل رهيو آهي.

مولانا غلام حسين وليدائي جي ڪن تحريرن جو ذڪر هيٺ پيش ڪجي ٿو.

فتويٰ ـ ۱

سوال

جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ پنهنجي رهڻ واري گهر کان سواءِ به ٻيا گهر هجن ته انهن گهرن جو مالڪ پنهنجي انهن گهرن جي زڪوات ڏئي يا نه ؟ جي ڪڏهن زڪوات ادا ڪري ته اها مسواتر جي رقم مان ادا ڪري يا گهرن جي قيمت مان ادا ڪري ؟

- جواب -

جيڪڏهن گهر رکو مسواتر ٿي ڏنا وڃن ۽ مالڪ کي انهن گهرن جي واپاري جوار اڏو نه هجي ته ان حالت ۾ انهن گهرن جي مالڪ کي گهرن جي زڪوات ڏيڻ لازم نه آهي، چاڪاڻ ته جيڪي شيون سون ۽ چانديءَ جي

---

(۱) - القرآن حڪيم، سورة الحاقة " آيت ۲۵ پاره ۲۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جنس مان نہ آھن تہ انھن تي زکوات ان وقت واجب تيندي جڏھن اھي تجارت جي نيت سان پاڻ وٽ ھجن. بھرحال مسواڻ جي حالت ۾ انھن گھرن جي قيمت تي زکوات کانہ پوندي جيئن فقہ جي مشھور ڪتابن ۾ آھي تہ بدن جي ڪپڙن، گھرو فرنيچر ۽ رھائشي جاين ۽ انھن ڀڙن ٻين دڪانن ۽ ھوٽلن تي بہ زکوات کانہ پوندي. البت گھرن جي مسواڻ جي آمدنيءَ واري رقم جيڪڏھن نصاب واري حد تي پھچي ۽ ان تي سال بہ گذري تہ پوءِ ان رقم تي زکوات ڪيڏ واجب آھي." (۱)

فتویٰ- ۲ -

سوال

جيڪڏھن ڪو شخص ٻين ۽ ولين ۾ ھي اعتقاد رکي تہ اھي مستقل بالذات خود نفعو نقصان پھچائن ٿا ۽ اسانجا کم اللہ جي محتاجي کانسواءِ پنھنجو پاڻ کن ٿا تہ اھڙي اعتقاد رکندڙ شخص کي مسلمان چئبو يا کافر ؟

جواب

نفعو نقصان پھچائيندڙ فقط ھڪ خدا جي ذات آھي. حقيقي ڪارساز بہ ھڪ اللہ تبارک وتعالیٰ آھي. تنھنکري جيڪو شخص مٿي بيان ڪيل سوال وارو عقيدو رکندو سو ڪافر آھي، مشرڪ آھي ۽ مسلمان نہ آھي. جيئن قرآن حڪيم ۾ فرمايل آھي تہ وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖ اَوْلِيَاءَ اللّٰهُ حَفِيْظٌ عَلَيْهِمْ (۲) (جن ماڻھن ان (اللہ) کي ڇڏي پنھنجا ڪجھ مددگار بڻائي رکيا آھن، اللہ ئي انھن تي نگران آھي)

---

(۱) - غلام حسين وليدائي مولوي فتویٰ (قلمي) ص ؟

(۲) - قرآن حڪيم، "الشوریٰ"، آيت ۶، پاره ۲۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 476

تفسير جلالين، واري لکي نوٽ:-

جيئن الله انهن کي پنهنجي کئي جي سزا ڏئي. هن آيت جي تفسير ۾ جلالين، جي حاشيه تي لکي نوٽ ته اولياء جو مطلب آهي جيکي پنهنجي ربّ جي پاڻ ۾ رڌل رهن ۽ الله تعالىٰ به انهن سان محبت رکي ۽ انهن سان تعلق پيدا ڪري اهاب الله جي فرمانبرداري آهي. چاڪاڻ ته اهي اسان لاءِ الله ۽ رسول وٽ هڪ وسيلو آهن ۽ اسان جي انهن سان محبت ۽ انهن جو وسيلو وٺڻ شرڪ نه آهي. ها پر جيڪڏهن اها محبت ۽ وسيلو عبادت جي لحاظ کان هجي ۽ انهن ۾ هي عقيدو رکجي ته اهي پنهنجو پاڻ نفعو نقصان پهچائي سگهن ٿا ته پوءِ اهڙو اعتقاد رکڻ شرڪ آهي باقي جو هي گمان ڪرڻ ته کنهن کي وسيلو وٺڻ شرڪ آهي سو صحيح نه آهي. بس هن عبارت مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن کو به شخص الله جي ولي جو هن لحاظ کان وسيلو نوٽ وٺي ته اهو الله جو پرهيزگار بندو آهي، هو الله جو دوست آهي. الله تعالىٰ هن جي دعا قبول ڪندو، ته پوءِ هي وسيلو وٺڻ جائز آهي. پر جيڪڏهن هن (ولي) کي بذات خود نفعي ۽ نقصان جو مالڪ سمجهي نوٽ يا حاجت روائي ڪندڙ سمجهي نوٽ ۽ سندس اهو عقيدو آهي ته اهي الله جي محتاج ۽ کان سواءِ مخلوق جا ڪم سرانجام ڏين ٿا ته پوءِ اهڙي اعتقاد رکڻ وارو شخص مشرڪ ۽ ڪافر آهي.

آخر ۾ مولانا صاحب چوي نوٽ ته مسئلو واضح آهي، ان ۾ کنهن به قسم جو ڪو لڪاءُ ڪونه آهي." (۱)

---

(۱) غلام حسين وليدائي مولوي فاضل (قلمي)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

فتویٰ - ۳ -

سوال

"بہ مئي سجادہ رنگیں کن گرت پیرِ مغاں گوید
کہ سالک بی خبر نہ بود زراہ ورسم ومنزلھا."(۱)

ترجمو: (شراب سان مصلی کي رنگین کر، جیکڈھن توکي پیر مغان ایئن کرڻ لاءِ چوي - چاکاڻ تہ سالک منزل جي راھ رسم کان بي خبر نہ ھوندو آھي.)

مولانا غلام حسین ولیدائي کان ھک سائل سوال کیو تہ فارسيءَ جي مشھور شاعر حافظ شیرازيءَ جي مٿي ڏنل شعر جي حقیقت ۽ مطلب شریعت مطابق آھي، یا رگو رندي کلام آھي.؟

جواب

حافظ شیرازيءَ جو ھي کلام رگو رندي نہ آھي. پر ان جو مطلب صحیح ۽ شریعت مطابق آھي ۽ معتبر دیني کتابن جي موافق آھي جیئن تفسیر حسیني ۾ رَبَّنَا اِنِّیْ اَسْکَنْتُ مِنْ ذُرِّیَّتِیْ بِوَادٍ غَیْرِ ذِیْ زَرْعٍ عِنْدَ بَیْتِکَ الْمُحَرَّمِ.(۲)

ترجمو: (اي اسانجارب! مان رھایو آھي پنھنجي اولاد مان اسماعیل (علیہ السلام) کي ھک وادي ۾ جیکا غیر آباد آھي، تنھنجي عزت واري گھر وٽ)

حضرت اسمٰعیل علیہ السلام حضرت ابراھیم علیہ السلام جو فرزند سندس بیبي حاجرہ مان ھو. شام ملک ۾ بیبي سارہ ، جیکا حضرت ابراھیم علیہ السلام جي پھرین گھرواري ھئي ، تنھن حضرت ابراھیم کي چیو تہ منھنجي

---

(۱) - غلام حسین ولیدائي مولوي فتویٰ ، (قلمي)
(۲) - قرآن حکیم، " ابراھیم"، آیت ۳۷ - پارہ ۱۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 478

دل چوي تي تہ توڻ بيبي حاجره ۽ ان جي پٽ کي اهڙي هنڌ رهائي اڄ جتي پاڻي ۽ کا آبادي نہ هجي. حضرت ابراهيم ويچار ۾ هو تہ حضرت جبرائيل وحي آندي تہ جُنيئن سارہ چوي تي تيئن توڻ ڪر". حضرت ابراهيم عليہ السلام گهوڙي تي سوار ٿي بيبي حاجره ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام کي پاڻ سان سوار ڪري نوڙي وقت ۾ شام کان حرم واري زمين تي پهتو ۽ مُڪي جي غيرآباد وادي ۾ انهن کي بي سهارو ۽ بي يار مددگار ڇڏي هليو ويو. ۽ دعا گهُريائين تہ "اي رب! مان هن کي تنهنجي گهر وٽ ڇڏيان ٿو، جنهن ۾ کا آبادي کاڻي يعني نہ پاڻي آهي نہ کاساوڪ آهي". (۱)

مولانا غلام حسين وليدائي مٿين قصي مان دليل ونڊي چوي ٿو تہ بيبي سارہ ۽ جا حضرت ابراهيم عليہ السلام جي گهر واري هئي ۽ خدا جي معرفت حاصل هيس پوءِ ظاهر ۾ تہ سندس فرمان شريعت جي خلاف هو يعني بيبي حاجره ۽ ان جي پٽ حضرت اسمٰعيل عليہ السلام کي اهڙي جاءِ تي ڇڏي اچي جيڪا غيرآباد هجي، پر جيئن تہ هي حڪم فائدي ۽ حڪمت کان خالي نہ هو تڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام کي جبرائيل عليہ السلام اچي حڪم جي بجا آوريءَ لاءِ چيو. تنهنڪري حافظ جو هي بيت بہ هن حقيقت جي مطابق آهي صحيح آهي ۽ رگهو ريندي نہ آهي، چوتہ هن بيت ۾ حافظ شيرازيءَ وصال ۽ ڪامل محبت جي شراب جي گالهہ ڪئي آهي، جنهن کي نگاه ۽ دل جي توسط سان پيئڻ يعني سائين يو ۽ حاصل ڪيو وڃي ٿو.

هن بيت جي حقيقي معنيٰ بہ اها ٿي آهي تہ وصال يار ۽ ڪامل محبت

---

(۱) - غلام حسين وليدائي مولوي. فتويٰ. (قلمي)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۽ پيرمغان سموريون منزلون طئي ڪري فنائيت جي درجي تي پهچي توءِ
ان وقت ڪيس پنهنجي وجود جي خبر نه ٿي رهي ۽ هو عشق حقيقي
جي خمار ۾ مصلي کي عشقيه رنگ سان رڱي رياضت جون منزلون طئي
ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 480

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالكريم كورائي.

سنڌ جو مشهور ۽ جيّد عالم دين، مفتيءِ استاد العلماء مولانا عبدالكريم ولد سائين ركيو كنبر سن ۱۳۰۵هـ/ ۱۸۸۷ع ۾ گوٺ آباد پنوَ، تعلقي رٽيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو. سندس ننڍپڻ جونالو كريم بخش هو. پاڻ اعلىٰ پايه جو مدرّس هو.

مولانا صاحب ابتدائي تعليم قرآن حكيم كان سُكندر نامهٔ تائين گوٺ جي پرواري مُدرسي آباد ۾ مولانا محمّد صالح قريشيءَ وٽان حاصل كئي. ۱۷ سالن جي عمر ۾ وڌيڪ ديني تعليم پرائڻ جي سلسلي ۾ بنگل ديري تعلقي رٽيديري ۾ ان وقت جي مشهور عالم ۽ فقيه مولانا عبدالله وٽ كتاب 'صرف' پڙهيو. اتان وري گوٺ نورنگ ويو. جتي مولانا مير محمّد نورنگيءَ وٽ علم 'نحو' ۽ 'ماتن عامل' پڙهيو. جتي ڏهه مهينا رهيو. ان وقت سندس ذكاوت ۽ ذهانت ان حد تائين پهتل هئي جو 'شرح ملاجامي' ۽ 'عبدالغفور' جي حاشين جو مطلب سولائيءَ سان سمجهي ويندو هو ۽ انهن تي سير حاصل بحث كندو هو. (۱) ان كاله جي تائيد علامه نورنگيءَ كيترا ڀيرا پاڻ كئي ۽ ان كاله تي مولانا نورنگي هيءَ آيت كريما " ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ " [۲] پڙهندو هو. منطق ۽

---

(۱) - مولانا محمّد ابراهيم كارڙائي، 'تذكره كريميه' (فارسي) سوانح حيات مولانا عبدالكريم كورائي، ناشر، غلام مصطفىٰ قاسمي شاه ولي الله اكيڈمي حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۱ع، ص - ۷

[۲] - قرآن حكيم پاره - ۲۸، سورة "الجمعة" ركوع - ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 481

فلسفي جا کتاب گوٹ 'ابترا' تعلقي قنبر ۽ مولانا محمد اسماعيل وٽ پڙهيو. منطق ۽ فقه جا کيترائي کتاب مدرسي 'سومرائي' تعلقي شڪارپور ۾ مولانا عبدالقادر وٽ پڙهيو. اهو بزرگ مولانا عبدالله جو فرزند هو ۽ مولانا عبدالستار رستميءَ جو وڏو ڀاءُ هو. اهي عالم ان وقت جا مشهور مدرس ليکبا هئا. خاص طرح علم نحو ۾ سندن شهرت چوٽيءَ تي پهتل هئي. انڪري مولانا ڪوراڻيءَ مدرسي ۾ نحو منطق ۽ فقه جا بيا ڪتاب شروع ڪيا. اهڙيءَ طرح هتي ڇهن سالن ۾ 'نحو جامي' تائين، فقه 'شرح وقايه'، 'منطق شرح التهذيب'، 'اصول نور الانوار'، 'تفسير جلالين' ۽ ڪتاب 'المختصر معاني' تائين پڙهيو. هاڻي ته مولانا ڪوراڻيءَ جي علمي ذڪاوت جي شهرت ايتري حد تائين پهچي وئي، جو اتي پڙهڻ واري زماني دوران به ڪيترن ئي شاگردن کي سبق ڏيڻ جو ڪم حوالي ڪيو ويو هو. اهو مدرسو اهڙو مشهور هو جو مولانا عبدالحڪيم شاهل سنڌائي وارو ۽ ان جو وڏو ڀاءُ مولوي عبدالحڪيم چڪائي به ان دور ۾ هن ئي مدرسي ۾ پڙهندا هئا. (۱)

ان کان پوءِ مولانا ڪوراڻيءَ صاحب علم ميراث پڙهڻ لاءِ مولوي عبدالحڪيم ۽ مولوي نصيرالدين جي مدرسي ۾ ملتان ويو. اتان وري ديري غازي خان ۾ علامه فضل حق وٽ ويو، جيڪو علم نحو ۾ مشهور هو. ڪتاب 'عبدالغفور' ۽ بيا ڪتاب پڙهيو. هن مدرسي ۾ مولانا صاحب هڪ سال رهيو. تنهن کانپوءِ واپس سنڌ ۾ آيو ۽ ڪوٽ فقير 'شمس الدين انديڙ' ڳ پنو عاقل ۾ مدرسي 'قمر العلماء' ۾ مولانا قمرالدين انديڙ وٽ آيو. هتي سڀني علومن ۾ ملڪو حاصل ڪيو.

---

(۱) - مولانا محمد ابراهيم ڪرڙائي، تذڪره ڪريميه (فارسي) سوانح حيات مولانا عبدالڪريم ڪوراڻيءَ، ناشر غلام مصطفيٰ قاسمي، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ ۱۹۸۱ع. ص - ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 482

خاص کري معقولات، منطق، فلسفو، رياضي ۽ علم هيئت ۾ وڏي شهرت تي ڦهتو. سندس دستار بندي ۱۰، ذوالحج ۱۳۱۹ھ/ ۱۹۰۰ع ۾ ٿي. مولانا کوراڻي صاحب مولانا قمرالدين انڊيڻ وٽ تعليم دوران سندس امرسان ۾ مدرسن جي شاگردن کي سبق به پاڙهيندو هو. ان دوران جن بزرگن وٽس پڙهيو تن مان کن جا نالا هي آهن. مولانا غلام حيدر شاهْ ڦهلواري وارو، مولوي محمّد عثمان ڇڪ وارو ۽ سندس پاءُ مولوي محمّد اسماعيل، مولوي عبدالغفور مهر، مولوي حڪيم قائمُالدين جيڪب آبادي ۽ سندس پاءُ عبدالڪريم

الغرض تہ مولانا عبدالڪريم صاحب فارغ التحصيل ٿيڻ کان بعد محراب پور [۱] جي مدرسي ۾ مدّرس مقرر ٿيو. ڪانئس اڳ سالڪيءَ مدرسي (محراب پور) ۾ مولوي غلام رسول شيخ ساکن ڀاڳ نارڻيءَ مدرّس هو. جيڪو اتان نقل مڪاني ڪري ڳوٺ ڀلي ڏني آباد ضلعي جيڪب آباد ويو. اڄ وڃي اوستن جي مدرسي ۾ مدّرس ٿيو. جنهن ڪري هي مدرسو ويران ٿي ويو پر مولانا ڪوراڻيءَ جي پهچڻ کان پوءِ شاگردن جو تعداد تمام گهڻو وڏي ويو. هن هتي رات ڏينهن محنت ڪري پڙهايو. جنهن ڪري هي مدرسو وڏي اوج تي ڦهتو. پاڻ هتي تدريسي مشغلي سان گڏ فتويٰ نويسيءَ جو به ڪم ڪندو هو. انهيءَ دوران سندس شاگردن ۾ مولوي فضل محمّد محرابپوريءَ ۽ مولوي عبدالڪريم ميرپور پلوٽ ضلعو لاڙڪاڻو وڏيڪ مشهور هئا. هتي ساڍن ڇهن سال تائين رهڻ بعد پنهنجي استاد مولانا قمرالدين جي زور ڀرڻ تي رجب مهيني ۾ سن ۱۳۳۴ھ/ ۱۹۱۶ع محراب پور واروڊ مدرسو ڇڏي گهوٽڪي ضلع سکر جي جامع واري مدرسي ۾ آيو

---

[۱] - ڳوٺ محرابپور ڀت پٽ جي علائقي ضلعي سبي بلوچستان ۾ آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 483

سندس هن مدرسي جي چند مشهور شاگردن جا نالا هي آهن . مولوي برڪت علي چانڊيو، مولوي محمد اڪرم بختيارپوري، مولوي محمد ابراهيم ڪارڙن وارو، مولوي عبد اللطيف مغيري، مولوي فقير محمد چانڊيو، مولوي شير محمد پنوَ وُسايُ' وارو، مولوي غلام عمر گوپانگ، مولوي محمد داؤد ٽوٻيو، مولوي حبيب الله ٽوناري 'چنگل' وارو، مولوي غلام صديق ٽوناري، مولوي سيف الدين انڍڙ، حافظ محمود ميرپور ماٿيلو، مولوي عبدالڪريم پني عاقل وارو، مولوي ابوبڪر لاسي، مولوي عبدالغفور لاسي، مولوي فضل محمد راهپوري، مولوي عبدالحڪيم ميرپوري، مولوي عبدالڪريم ٽڳڙ، مولوي عبدالولمد چڪائي، مولوي محمد هالياڻي، مولوي عبدالغفور مهر، مولوي غلام محمد محمد پوري، مولوي محمد مبارڪ لاڙ بدين وارو ۽ اهڙن کان سواءِ بيا به گهڻائي شاگرد هئا . (۱)

گهوٽڪيءَ ۾ مولانا ڪوراڻيءَ صاحب جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ تنهن کانسواءِ محرابپور واري پراڻي عقيدتمند، حاجي ميرگوهرخان جمالي جي گهٽي ستائڻ جي ڪري پاڻ ربيع الاول ۱۳۳۵ھ/۱۹۱۶ع ۾ وري واپس محرابپور موٽي آيو . سندس اچڻ ڪري محرابپور واري مدرسي ۾ وري رونق اچي وئي . هيءَ ۱۳۳۸ھ/ ۱۹۲۰ع تائين رهيو. ساڳئي سال کيس حج جي سعادت به نصيب ٿي. پاڻ حج تان ۱۳۳۹ھ ۾ موٽي آيو اهڙن سالن ۾ سڄي انڊيا ۾ 'خلافت تحريڪ' جو زور هو. مڪّي جي والي شريف حسين جي سخت مخالفت هئي. هنن ۾ مسلمانن جو اتحاد ٿي

---

(۱) - مولانا محمد ابراهيم ڪراڙائي، تذڪره ڪريميه . (فارسي) سوانح حيات مولانا عبدالڪريم ڪوراڻيءَ ، ناشر غلام مصطفىٰ قاسمي، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ ، ص - ۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 484

چکو هو. انگريزن جي حڪومت کان قطع تعلقات ’ترڪ موالات‘ واري تحريڪ زور شور سان جاري هئي ۽ ان وقت خلافتي عالمن طرفان ديني تعليم جي فروغ لاءِ اسلامي مدرسن جي اڃا جي تحريڪ پڻ هلندڙ هئي جنهن ڪري ان وقت ديني مدرسا عوام جي چندن تي ڪوليا ويندا هئا. ان سلسلي ۾ پير تراب علي شاهه راشدي (وفات ۱۳۵۷ھ) ۽ مولانا امير محمد نورنگي (وفات ۱۳۶۱ھ) ۽ ٻين عالمن جي ڪوشش سان چندو گڏ ڪري ڳوٺ "ڪوٺ سليمان" (تعلقي قنبر ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو ويو. هن جلسي ۾ علائقي جي عام ماڻهن ۽ علماء ڪرام کي دعوت ڏني ويئي، جنهن ۾ شيل فيصلي موجب مدرسي جي لاءِ هڪ ’صلاح ڪار ڪاميٽي‘ قائم ڪئي وئي. جنهن ۾ متفق طور مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي جو نالو مدرس طور تجويز ڪيو ويو. اهو بار مولانا امير محمد نورنگيءَ تي رکيو ويو. جيڪو مولانا ڪوراڻي جو استاد هو، جنهن مولانا ڪوراڻي کي ’محراب پور‘ جي ڀرسان ’ڪوٺ سليمان‘ جي مدرسي ۾ آندو. مدرسي جي نگراني ۽ جوکم ڳوٺ وارن پاڻ تي کنيو، ايتري قدر جو ڳوٺ جي جملن مٽرسن، پنهنجون اوطاقون مدرسي جي شاگردن جي حوالي ڪري چڏيون. جن ۾ ڳوٺ جو زميندار حاجي محمد خان سومرو سڀني کان اڳرو هو.

’ڪوٺ سليمان‘ جي مدرسي ۾ مولانا ڪوراڻي وٽ پري پري جا شاگرد تعليم پرائڻ لاءِ اچڻ لڳا. خاص طرح محراب پور ۽ ڳوٺ ڪي جي پراڻن شاگردن به اچي هن مدرسي ۾ داخلا ورتي. مولانا عبدالڪريم

---

[۱] - اهو مدرسو خلافت تحريڪ طرفان قائم ٿيو ۽ تحريڪ جو يادگار هو.
(بروايت علامه قاسمي صاحب)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 485

هتي وڏي ذوق شوق سان پڙهايو ۽ کيس اهاجاءِ سيني جاين کان وڌيڪ سندس طبيعت موافق ثابت ٿي. هن هتي تقريباً پندرهن سال درس ڏنو.

جيتوڻيڪ مولانا کوڙائي صاحب مختلف مدرسن ۾ درس تدريس جو ڪم ڪيو، پر باعتبار انهن جاين جي هن ڳوٺ ۾ وڌيڪ شهرت حاصل ڪيائين. پاڻ ان نسبت سان ئي "علامه کوڙائي" جي لقب سان مشهور ٿيو. هن مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيڻ وارن عالمن مان مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب گهڻو مشهور آهن. مولانا قاسمي صاحب علامه کوڙائي وٽ ۱۰-۱۲ سال رهي سمورو علم انتي پرايو.(۱)

مولانا عبدالڪريم کوڙائي پير حسن جان سرهندي جي ڪوشش سان ڪجهه وقت لاءِ مدرسي گڙهي ياسين ۽ "انڙ آباد" تعلقي ڏوڪري ۾ وڏيري غلام عمر انڙ جي مدرسي ۾ صدر مدرس مقرر ٿيو. پر "انڙ آباد" واري مدرسي ۾ شاگردن ۽ مدرسي جي منتظمين جي وچ ۾ ڪجهه اختلاف ٿي پيو جنهن ڪري کوڙائي جلدي سيني شاگردن سميت واپس "ڪوهه سليمان" هليو ويو. "انڙ آباد" واري مدرسي ۾ ساڻس هيٺيان شاگرد گڏ هئا. مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو، مولانا دوست محمد، مولانا عبدالرحمٰن ضيائي، مولانا عبدالعزيز پانڌوي، مولانا شاهه محمد هڪڙو، مولانا علي بخش ٽنيو ۽ غلام حيدر گهانگهرو شامل آهن.(۲)

---

(۱)- علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، "الرحيم"، جنوري - فيبروري ۱۹۷۵ع حيدرآباد. شاهه ولي الله اڪيڊمي ص- ۳

(۲) - "الرحيم"، (سندي)، ۱۹۶۸ع، حيدرآباد، شاهه ولي الله اڪيڊمي. ص ۸۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 486

پير تراب علي شاھ راشدي سن ۱۳۴۸ھ/ ۱۹۳۵ع ۾ مولانا
ڪوراڻي کي ’ڪور سليمان‘ مان لڏائي پنھنجي قائم ڪيل مدرسي ’ارشاد
العلوم‘ قنبر علي خان ۾ آندو، جنھن ڪري ڪور سليمان وارو مدرسو ويران ٿي
ويو. پر مولانا ڪوراڻي جھڙي جيّد عالم جي اچڻ ڪري مدرسو ’ارشاد العلوم‘
وڏي اوج تي پھتو. مولوي شاھ محمّد ھڪڙو، مولوي عبدالله چانديو
۽ مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي ڪور سليمان کان پنھنجي استادسان
گڏھن مدرسي ۾ آيا. جيڪي پوءِ سُست ٿي فارغ ٿيا ۽ اتي ئي پنھنجي
استادسان گڏ پڙھائڻ لڳا. ھن مدرسي ۾ علامہ ڪوراڻي صاحب ۽
مولانا قاسمي، مولوي محمّد صالح سومري ۽ پير تراب علي شاھ راشدي
جي فرزند سيّد عبدالقادر شاھ کي سبق پڙھائيندو ھو. باقي پين ٻين
شاگردن کي مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي پنھنجي استاد جي سامھون
سبق پڙھائيندو ھو. (۱)

پير تراب علي شاھ راشدي سن ۱۳۵۷ھ/ ۱۹۳۸ع ۾ وفات
ڪئي. جنھن ڪانپوءِ ھن مدرسي جي سنيال نہ رھي، ۽ مولانا ڪوراڻي به
باقي ڏيڍ سال اتي رھيو. جنھن کان پوءِ آخر ۾ ۱۳۵۸ھ/ ۱۹۳۹ع ۾ نواب
بڏي بخش خان ٻڌو. مولانا ڪوراڻي صاحب کي پنھنجي گوٺ ميرپور ٻٽي (تعلقي
رٽيديري) جي مدرسي ۾ پڙھائڻ لاءِ وٺي آيو. اھڙي طرح مولانا عبدالڪريم
جي (ميرپور ٻٽي) ۾ اچڻ ڪري مدرسو ’ارشاد العلوم‘ قنبر علي خان بلڪل
ويران ٿي ويو. (۲)

---

(۱)- محمّد جمن تالپر، ڊاڪٽر، ”سنڌ جا اسلامي درسگاھ“، حيدرآباد، ۱۹۸۲ع، ھجرہ
پبليڪيشن، سنڌ ثقافت ڪانو، ص ۴۳۱

(۲)- عبدالوھاب چاچڙ، مولانا، ماھنامہ ’شريعت‘، ”سوانح حيات نمبر“، سکر، ۱۹۸۱ع
ص- ۲۷۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 487

مولانا عبدالکریم ڪورائي ’ميرپوربٽي‘ جي مدرسي
۾ ڪيترن ئي شاگردن کي علمي فيض سان نوازيو. مولانا قاسمي صاحب
به پنهنجي استاد سان گڏ هتي آيو، پر رڳو چار پنج مهينا رهي
پوءِ دارالعلوم ديوبند ڏانهن هليو ويو، جتي هن طب ۽ مشرقي علومن
جا امتحان ڏنا. (۱) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب لکي ٿو:

"مولانا عبدالکريم سائٽيھ سنڌ جو هڪ عظيم
۽ جيد عالم هو. سندس جڙا محقق عالم برصغير پاڪ و
هند ۾ ڪي گهاٽ گهٽيا ملندا. علامه ڪورائي جي جنهن تعليم
ڏني صوندي، تنهن کي اندازو ٿيو هوندو ته سنڌ جي قديم
عالمن مخدوم محمد معين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي
۽ بين اهڙن عالمن جو يادگار ۽ جاءِ نشين هو، تدريس
۽ تعليم ۾ پوري برصغير ۾ علامه عبدالکريم جڙا ڪي هئي
بيا عالم ملندا." (۲)

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي زندگيءَ جو احوال
بيان ڪندي مولانا عبدالکريم ڪورائي جي متعلق مقدمه ’مختصر قدوري‘
۾ لکي ٿو:

Gul Hayat Institute

---

(۱)۔

(۲)۔ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ’الرحيم‘، (سندي) جلوري۔
فبروري ۱۹۷۵ع - ص - ۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 488

"ثم ترکت قرب قریتی ووصلت الی من هو
مرغیناني عصره وتفتازانی ووقته العلامة الکورائی
السندی" (۱)

ترجمو:۔ (پوءِ آءٌ گوٹ جي ويجهڑائي جڏي اهڑي شخص وٽ ويي پهتس جيڪو پنهنجي دور جو مرغيناني ۽ پنهنجي وقت جو تفتازاني هو يعني الکورائي سندي)

هڪ دفعي گهوٽڪيءَ واري مدرسي ۾ مولانا کورائي "شرح جامي" پڙهائي رهيو هوتہ سندس استاد مولانا قمرالدين انڊيءَ مولانا نظر محمد "پنگ وارو" اتي آيا۔ مولانا نظر محمد چيو تہ "چوکرو پڙهائي ڏاڍو چوتہ بدون"۔ مولانا کورائي پنهنجي استاد ۽ استادالاستاد آڏو بنا کفن ڏڙڪ جي ويٺي پڙهايو۔ سبق پورو ٿيو تہ مولانا نظر محمد، مولانا قمرالدين کي چيو تہ "توڻ ۽ مان به پڙهڻ آهيون پر هيءُ بي شيءَ آهي" ان تي مولانا قمرالدين فرمايو تہ "هي منهنجو شاگرد آهي، پر منهنجو به استاد سمجهو"۔ پوءِ مولانا نظر محمد اٿي، مولانا عبدالکريم کورائيءَ کي پاڻ پاتو ۽ سندس سونهاريءَ کي چميو ۽ فرمايو تہ "توڻ منهنجي شاگرد جو شاگرد آهين، تو لاءِ اسان کي فخر آهي۔" (۲)

مولانا عبدالکريم کورائي وٽ اٺ گهٽيا علماء فارغ التحصيل

---

(۱) ۔ 'مختصر قدوري'، مقدمہ غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا نور محمد اصح مطابع کارخانا تجارت کتب آرام باغ کراچي۔ ص ۱۶

(۲) ۔ عبدالوهاب چاچڑ مولانا، ماهنامہ 'شريعت'، "سوانح حيات نمبر" سکر، ۱۹۸۱ع، ص ۲۷۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 489

ٽيل جنهن ۾ مولانا قاضي محمد ابراهيم کارڙائي، مولوي علي محمد کاکيپوٽو، مولانا قاضي دوست محمد، مولوي گل محمد، مولوي عبدالغفور پنجابي ۽ مولوي نورالله کنبياروي گڏ دستار بندي ڪئي. ان کان سواءِ مولوي عبدالعزيز اديو 'چُنتي ديب' وارو، مولانا عبدالعزيز پانديوي، مولوي شاه محمد هڪڙو شهداديڪوٽي مولوي علي انور ٽوڻيو، مولوي عبدالله چانديو، مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي، مولوي فضل محمد گاڏهي، مولوي عبدالحڪيم پٽني، مولوي نور محمد مغيري سبيءَ وارو، مولوي علي بخش ڪاهوڙو، مولوي الهداد لاشاري (محراب پور وارو، مولوي محمد اسماعيل قريشي ۽ مولانا عبدالڪريم قريشي ٻُٽي ساڪن محبوب ٽوڻيو (تعلقو ميروخان) ۽ مولوي محمد رمضان قريشي قابل ذڪر آهن (۱)

مولانا عبدالڪريم ڪُورائي نه رڳو هڪ معروف عالم ۽ مدرس هو، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي وقت جي سياسي ۽ سماجي تحريڪن ۾ پڻ حصو ورتو هو. هن بزرگ پنهنجي وقت ۾ هلندڙ خلافت تحريڪ ۾ به حصو ورتو. پاڻ لاڙڪاڻي ضلعي جي خلافتي عالمن، پيرن ۽ ڪارڪنن سان گڏ تحريڪي جلسن ۽ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو. ان سلسلي ۾ سن ۱۳۳۷-۳۸ھ ۾ لاڙڪاڻي ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ مولانا محمد عظيم شيدا، مولانا مير محمد نورسلي، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا غلام فريد سپرو، مولانا غلام رسول صباسي، پيڙي چانديي وارو، مولانا غلام عمر جتوئي ۽ مولانا محمد قاسم مشوري وغيره شامل هئا. (۲)

---

(۱) - عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهنامه "شريعت" سوانح حيات نمبر سکر، ۱۹۸۱ع ص - ۲۷۷

(۲) - مولوي محمد عظيم شيدا "خود نوشته سوانح حيات" (قلمي) . ص - ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 490

مولانا کورائي صاحب جي تصنيف ۽ تاليف جو ذکر آهي
کلو. پاڻ هڪ سٺو محرر ۽ فتويٰ نويس به هو. مولانا عبدالکريم کورائي
آخري عمر ۾ گهٽڻ ڪري بيمار رهندو هو. آخرڪار هي جيّد عالم ۳، جمادالآخر
سن ۱۳۶۳ھ/۱۹۴۴ع ۾ گوٺ 'ميرپور پٿي' ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري
آرامگاھ به اتي ئي آهي. مولانا صاحب پنهنجي وفات کان اڳ پنهنجي فرزند
عبدالغفار جي تعليم جاري ڪرڻ لاءِ پنهنجي خاص شاگرد مولانا غلام
مصطفیٰ قاسمي لاءِ وصيت ڪري ويو هوته سندس فرزند کي تعليم پوري
ڪرائي. علامه قاسمي صاحب، جيڪو ان وقت سنڌ جي مشهور درسگاھ
دارالسعادت "گورٽ ويهوٽ" تعلقي شڪارپور ۾ صدر مدرّس هو. پنهنجي
استاد جي وصيت پوري ڪرڻ لاءِ اتان ڇڏي اچي درسگاھ 'ميرپور پٿي'
کي آباد ڪيو ۽ پنهنجي استاد زادي مولوي عبدالغفار کي پاڻ وٽ علم
جي تحصيل ڪرائي پنهنجي استاد جي وصيت کي پورو ڪيو.

مولوي عبدالغفار پڳ بڌڻ کان پوءِ اتي ئي ميرپور
پٿي ۾ پنهنجي والد جي درسگاھ ۾ درس تدريس جو شغل جاري رکيو. هتي
ڪجهه وقت رهڻ کانپوءِ پاڻ شهر 'رتيديري' ۾ لڏي ويو، ۽ اتي مدرسي 'عزيزيه'
۽ مدرسي 'الفرقان' ۾ پڙهائيندو رهيو. جيڪو ۱۳۹۶ھ/۱۹۷۶ع ۾ رتيديري
۾ وفات ڪري ويو. کيس هڪ فرزند عبدالحڪيم نالي آهي جيڪو اڄ ديني تعليم
ڏيندو رهيو آهي. (۱)

مولانا عبدالکريم ڪورائي جي وفات تي سندس هڪ شاگرد

---

(۱) - مولانا قاضي محمد ابراهيم ڪلهوڙائي، "تذڪره ڪريميه" (فارسي)، ناشر غلام
مصطفیٰ قاسمي، دائريڪٽر شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ ۱۹۸۱ع
ص - ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 491

مولانا قاضي محمد ابراهيم كارڙائي قطع تاريخ وفات هن طرح لکي آهي:

فاضل كور سليمان صاحب خلق عظيم استاد الكل علامه
زمان عبدالكريم كرد چون رحلت زين دنيا بملک جاودان
شد نداد خُلد مغفور اليه از باغبان (۱)
۱۳۶۳ھ

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا عبدالكريم گُورائي سائٽھ سنڌ جو مشهور و معروف جيّد عالم ۽ مدرس هو. هن پنهنجي سڄي حياتي ديني علم جي پڙهڻ پڙهائڻ ۾ گذاري. سندس شاگردن جو تعداد تمام وڏو آهي، جنهن جو تفصيلي ذڪر مٿي سندس سوانح عمريءَ ۾ ڪيو آهي. ان بنياد تي جيڪڏهن کيس سنڌ جو استاد العلماءُ چئجي تہ وڏاءُ نہ ٿيندو. مولانا گُورائي صاحب درس تدريس کانسواءِ تصنيف ۽ تاليف ۾ به خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن گهڻن ڏکين ديني درسي ڪتابن جا حاشيا لکيا آهن، جن ۾ عبدالغفور، شرح جامي، تفسير بيضاوي، ڪافيه ۽ بديع الميزان شامل آهن. [۲]

---

(۱) - مولانا قاضي محمد ابراهيم كارڙائي، تذڪره ڪريميه (فارسي)، سوانح حيات عبدالكريم گورائي، ناشر غلام مصطفىٰ قاسمي، دائريڪٽر شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۱ع، ص - ۱۶ -

[۲] - علامه قاسمي صاحب لکي ٿو تہ منهنجي استاد علامه عبدالكريم گورائي جڏهن پنهنجي فرزند مولوي عبدالغفار کي فارسي شروع ڪرائي، تڏهن پاڻ هڪ ڊوايو شين جي مناسبت سان تاليف ڪري ان کي پڙهايائون. ان جو هڪ نسخو سندس هٿ اکرن ۾ راقم (قاسمي صاحب) جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.
(مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي، 'الرحيم' (سندي)، ڊسمبر ۱۹۷۱ع - ص - ۳۱)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 492

لاڑڪاڻي ضلع جي ديني عالمن جو

ديني جي اشاعت ۾ حصو (۱۸۴۳ء - ۱۹۴۷ء)

پي ايڇ ڊي جي مقالي لاءِ ٿيسز. (حصو ٻيو)

محقق:- حافظ عبدالرزاق سومرو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 493

ان کان سواءِ پاڻ هڪ محرّر ۽ فتويٰ نويس به هو. سندس فقهي تحريرن جو مجموعو مولانا محمّد ابراهيم ڪاڙهڙائي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي .(۱)

ڪجهه درسي ڪتاب جن تي مولانا ڪوراڻي جا حاشيه لکيل آهن ۽ ڪجهه فقهي مسئلن تي تحريرون، سندس پوٽي عبدالرحيم ولد مولانا عبدالغفار ۽ مولانا محمّد ابراهيم ڪاڙهڙائي کان راقم کي مليا آهن جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو :-

۱- تفسير "بيضاوي" تي حاشيو

علم تفسير ۾ "بيضاوي" جو درجو تمام وڏو آهي. هن تفسير تي ڪيترن ئي عالمن بزرگن پنهنجا شرح ۽ حاشيه لکيا آهن. انهن سڀني منجهان شيخ زاده جو شرح مشهور آهي. مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي به هن تفسير تي حاشيو لکيو آهي، جنهن جو اصلي نسخو سندس فرزند مرحوم مولانا عبدالغفار وٽ موجود هيو، جنهن کي "التفسير للبيضاوي مع الحواشي المفيدة" جي نالي سان نور محمّد اصح المطابع وڪارخانه تجارت ڪتب آرام باغ . فريئر روڊ ڪراچيءَ وارن ڇاپيو آهي.

مولانا ڪوراڻي صاحب هن تفسير تي جيڪو حاشيو لکيو آهي ان جون هيٺيون خصوصيات آهن :

۱- تفسير اندر ڪو به اهڙو مشڪل مسئلو نه ڇڏيو آهي، جنهن کي حل نه ڪيو هجيس.

۲- تفسير تي جيڪي آڳ ۾ حاشيا لکيل هئا ۽ ان ۾ ڪجهه غلطيون هيون ۽ تن جي نهايت چڱي نموني تصحيح ڪئي اٿائين. نه رڳو ايترو پر مولانا

---

(۱) مولانا قاضي محمّد ابراهيم ڪاڙهڙائي کان تاريخ ۲۹-۱۲-۸۶ تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 494

صاحب پنهنجي طرفان به ضروري حواشيءَ جوامنا فوڪيو آهي.

۳- حنفين ۽ بين مذاهب جي وچ جيڪي مختلف فيه مسائل آهن، انهن کي سلجهائڻ لاءِ مولانا صاحب حق ۽ انصاف تي مبني دلائل لکيا آهن.

۴- حواشي لکڻ وقت انهن جي مواخذ کي به کوشش ڪري بيان ڪيو اٿس ته جيئن ضرورت جي وقت آسانيءَ سان تحقيق ڪري سگهجي. سندس هي خصوصيتون ڇپيل تفسير جي سرورق تي بيان ٿيل آهن.

۲- 'القول المسجدی فی رد اعتراضات المسجدی' [۱]

مولانا عبدالڪريم جوهي ڪتاب عربي زبان ۾ تصنيف ٿيل آهي، جيڪو مولوي شفيع محمد 'مسجدي' سوداري [۲] جي رد ۾ لکيل آهي.

---

[۱] - مولانا عبدالڪريم ڪورائي، 'القول المسجدي فی رد اعتراضات المسجدي' (عربي) قلمي، (بروايت مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب)

[۲] - شفيع محمد ولد ولي محمد ذات جوسودير، تخلص 'مسجدي' هو. پاڻ ڳوٺ 'سوداري' تعلقي ميهڙ ضلعي دادو جو رهاڪو هو. هي هڪ مستند عالم ۽ محقق هو. جن مولانا ميرمحمد ڪورنگيءَ وٽ دستار بندي ڪئي. پاڻ هڪ سلڻ تحرير ۽ فتويٰ نويس به هو، ۽ سڀ فتوائن جي حقانيت ڪري سندن سند پير بلوچستان ۽ هزارسان ڪان به استفتائون ايندا رهيون هيون. سندس وفات ۱۳- رمضان ۱۳۶۴ھ/ ۱۹۴۵ع ۾ ٿي.

('سهڻا ماهي مهراڻ') سوانح حيات نمبر ۱۹۵۷ع، سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ ص- ۱۷۲ - ۱۷۵)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 495

دراصل مخدوم بصرالدين سيوهاڻي [۱] 'التبصرة في اثبات الصانع و حقيقة الفطرة' جي نالي سان توحيد تي هڪ رسالو لکيو هو. جنهن تي مولانا شفيع محمد مسجدي ڏهه اعتراض کيا هئا، جن کي 'تلك عشرة كاملة' جي نالي سان هڪ ڪتاب جي شڪل ۾ لکيو هئائين، ان جي رد ۾ مولانا کوراڻي مٿيون ڪتاب لکيو هو.

مولانا صاحب جو اهو ڪتاب سندس شاگرد رشيد مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب نقل ڪري مخدوم بصرالدين سيوهاڻي جي لائبريري ڏانهن موڪليو هو (۲) پر راقم جڏهن موجوده محمد مراد صديقي سيوهاڻي جيڪو مخدوم بصرالدين جي خاندان مان آهي، تنهن کان ان سلسلي ۾ پڇا ڪئي ته معلوم ٿيو ته هن وقت اهو نقل ڪيل ڪتاب مخدوم صاحب جي لائبريريءَ ۾ اڻ لڀ آهي. (۳)

---

[۱] - اصل نالو رڪن الدين عرف مخدوم بصرالدين سيوهاڻي ولد مخدوم احمد صديقي ۲۲ رمضان المبارڪ ۱۲۸۲ھ/ ۱۷ سيپٽمبر ۱۸۶۵ع تي سيوهڻ ۾ ڄاولد ٿيو. مخدوم بصرالدين شروعات ۾ ديني ۽ عربي جا ڪتاب پنهنجي ذاتي مخدوم محمد حسن وٽ پڙهيو ۽ باقي تعليم پنهنجي سوٽ حاجي حسن الله پاناڻي (وفات ۱۳۳۹ھ - ۱۹۲۰ع) وٽان ورتائين. هي انگريزي تعليم به پڙهيو ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان قانون جي سند به ورتائين. پاڻ ڏاڍو ذهين هو، فلسفي ۽ معقولات جو ماهر هو. ان کان سواءِ هڪ سٺو حڪيم به هو. طب جو پيشو ڪيس وڌن کان ورثي ۾ مليو هو. ۷۴ ورهين جي عمر ۾ ۸ ذوالقعدہ ۱۳۵۶ھ/ ۱۱ جنوري ۱۹۳۷ع تي وفات ڪئي. (مولانا عبدالوهاب چاچڙ ماهنامه 'شريعت' سوانح حيات نمبر سکر ص - ۳۶۶ - ۳۶۸ -

(۲) - علامه غلام مصطفىٰ قاسميءَ کان ۴ اپريل ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۳) - حڪيم محمد مراد صديقيءَ کان ۱۷ جولاءِ ۱۹۸۹ع سيوهڻ ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 496

۳- هڪ فقهي مسئلي تي تحريـر

تحريـر جو خلاصو

سوال:

زيد جي پٽ سان سندس پاءُ عمرو جي ڏيئُ زيد جي زال جي تڃ پيتي. ڪجهه وقت کانپوءِ عمرو جي ڏيئُ زال ٻئي فوت ٿي ويون. عمرو هڪ ٻي عورت زينب سان شادي ڪئي. زينب مان عمرو کي ڏيئُ ڄائي. سوال آهي ته زيد جي پٽ جو نڪاح پنهنجي چاچي عمرو جي زال زينب منجهان ڏيئُ سان ٿي سگهي ٿو يا نه ؟

جواب:

نڪاح جائز آهي. عمرو جي ڏيئُ جنهن زيد جي پٽ سان گڏ تڃ پيتي هئي، صرف اها ئي زيد جي پٽ ۽ ان جي ياڻُن ۽ پيٽن جي پيڙ ٿي. باقي عمرو جي پهرين زال مان ٻي اولاد زيد جي پٽ جا رضائي ياڻُ ۽ پيٽرون ٿي نه تا سگهن. تنهن ڪري زيد جي پٽ جو نڪاح انهن سان جائز ٿي سگهي ٿو. مسئلي ۾ ڏيکاريل زينب نه اها شئي عورت آهي، جنهن جي رضائي نسب جو سوال ٿئي ڪونه ٿو شئي. (۱)

مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي جي هڏ تحريـر رضائي نسب سان واسطو رکي ٿي. مولانا صاحب هن تحريـر کي مفصّل دليلن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. سوال جو تشفي بخش جواب ڏيئي مولانا صاحب ان جي تفريعات

---

(۱) - محرّر عبدالڪريم ڪوراڻي مولانا، تحريـر جي اصل ڪاپي سندس پوٽي عبدالرحيم صاحب وٽ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 497

(اصلي مسئلي مان قندندڙ پيا مسئلا) جو به بيان ڪيو آهي ۽ ڪتابن ۾ روشنيءَ ۾ فتوحا صادر ڪيئي آهي. هن مان مولانا جي علم جي وسعت ۽ دقيق نظر جو ثبوت ملي ٿو.

ان کان سواءِ رضائيءَ نسب جو مسئلو تمام منجهيل مسئلو هوندو آهي. ان جي بنياد تي نڪاح جي حرمت پڻ هڪ اهم مسئلو آهي، جنهن کي ياڻ اڻ جاڻائي سبب يا عدم توجهه ڪري عام طرح نظر انداز ڪيو ويو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو حرام جي ارتڪاب تائين پهچندا آهن، حالانڪ رضاعت تي مبني نڪاح جي حرمت جي اهميت به اوتري ئي آهي، جيتري نسب جي ڪري آهي. بهرحال مولانا ڪوراڻيءَ صاحب جي هيءَ تحرير دين جي هن مسئلي جي اشاعت ۾ وڏي اهميت رکي ٿي.

۴- هڪ ٻئي فقهي مسئلي تي تحرير [۱]

تحرير جو خلاصو

سوال:

هن تحرير ۾ سوال ڪيو ويو آهي ته هوائي جهاز جي اڏامڻ دوران ان ۾ نماز پڙهڻ يا سجدو ڏيڻ اسلامي شريعت ۾ جائز آهي يا نه ؟

جواب:

مولانا صاحب هن سوال جو جواب ڏيندي لکي ٿو:-

---

[۱] - محرر مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي، تحرير جي اصل ڪاپي مولانا محمد ابراهيم ڪوراڻيءَ جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 498

"هوائي جهاز ۾ بنا عذر جي فرض ۽ واجب نماز اداکرڻ روا نه آهي. جاکاڻ ته جهاز جي اڏامڻ دوران ان جي بيهڪ ۽ ٽڪاء زمين تي نلوڙهي. جواب جي استدلال ۾ مولانا صاحب فقهي ڪتاب جون عبارتون ۽ حوالا پيش ڪيا آهن.

مثال طور ڪتاب 'تنوير الابصار' ۽ ان جي شرح ۽ حاشيه جي عبارت پيش ڪري ٿو. جنهن جو خلاصو هي آهي ته "جانورتي سواريءَ جي حالت ۾ يا متس بيل يا ڪرپي يا ڪجائي تي فرض ۽ واجب نماز جائز نه آهي. پر خوف جي حالت ۾ تي سگهي ٿي، يا ان صورت ۾ جڏهن ڪاڪائي وغيره ان ڪجائي يا پالڪي جي هيٺان اهڙي طرح ڪوڙي وڃي جو ان جو هيٺيون سر زمين تي ڪٽل هجي. ان وقت اها نماز جانور تي نه پر زمين تي ٿي. ان سلسلي ۾ فقه جي مشهور ڪتاب 'نور الايضاح' جي عبارت پيش ڪري ٿو. متين ڪتاب جي حوالن کان سواءِ 'تاتارخانيه عن المحيط' جي به عبارت پنهنجي موقف جي فائدي ۾ پيش ڪري ٿو. پنهنجي فتوىٰ جي دوران لکي ٿو ته ريل گاڏي وغيره ۾ نماز جائز آهي، جاکاڻ ته ان جي بيهڪ ۽ ٽڪاء زمين تي آهي، جيئن ته هوائي جهاز جي بيهڪ ۽ ٽڪاء اڏامڻ دوران زمين تي نه ٿو رهي، تنهنڪري ان ۾ بنا عذر جي فرض ۽ واجب نماز ڪيئن واجب ڪري سگهبي. باقي نفلن جو جواب وسيع آهي، جيڪڏهن نفل اداکري ته ان ۾ ڪو حرج نه آهي." (۱)

---

(۱) - مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي 'قلمي فتوىٰ' اصلي ڪاپي مولانا ڪارڙائي جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 499

مولانا کوراڻي صاحب پنهنجي هن تحريم فقهي ڪتابن
جي حوالي سان هي ثابت ڪيو آهي ته هوائي جهاز جي اڏامڻ دوران فرض ۽
واجب نماز پڙهڻ واجب نه آهي. مولانا صاحب جي زماني ۾ هوائي سروس
جي ابتدا ٿي چڪي هئي. پر هن وقت هوائي سروس جو اوج آهي. بين الاقوامي
سفر ته ڇڏيو، پر اندرون ملڪ ۾ به هوائي سروس عام آهي. ان کان سواءِ فريضه
حج جهڙي اسلامي رڪن کي ادا ڪرڻ لاءِ به ٻاهرئين ملڪن جا مسلمان هوائي سروس
ذريعي حرمين شريفين پهچن ٿا. حج جي سفر ۾، يا ٻين سفرن ۾ ڪلاڪن جا
ڪلاڪ تائين لڳي ٿو ۽ ان سفر جي دوران نماز جا وقت به اچي وڃن ٿا. تنهن کانسواءِ
هوائي جهاز اهڙي سواري به نه آهي، جو ان کي ٽوڙي مفاصلي تي روڪي
نماز پڙهي سگهجي. هوڏانهن نماز پنهنجي وقت تي پڙهڻ به اسلامي فرض آهي.
مٿين سڀني گالهين کي خيال ۾ رکندي مولانا صاحب
جي هن قسم جي فتوىٰ خصوصًا هن دور ۾ وڏي حيثيت رکي ٿي. وقت جا عالم
هن فتوىٰ جي حوالن ۽ دلائل کي سامهون رکي هن فتوىٰ جي مقابلي ۾ فقهي
دلائل سان ٻي ڪا فتوىٰ جاري ڪن، جيڪا وقت جي ڇڪتاڻ کي منهن ڏئي
سگهي، تنهنڪري مولانا ڪوراڻي جي هي فتوىٰ هن دور ۾ علم ۽ تحقيق
جو نئون دروازو کولي ٿي. جنهن سبب ڪري هڪ طرف ته جمود ختم ٿي
ويندو ۽ ٻئي طرف هن فتوىٰ جي رد ۾ ٻئي فتوىٰ مسلمانن جي نماز جهڙي
فرض ادا ڪرڻ ۾ سهولت پيدا ڪندي. مثال طور مڪي شريف ۽ ڪراچيءَ جي
وچ ۾ معياري وقت (Standerd time) مطابق ٻن ڪلاڪن جو فرق آهي. يعني
پاڪستان جي مقابلي ۾ سرزمين حجاز ۾ به ڪلاڪ سڄ ديرسان لهي ۽ ايري
ٿو. مثلاً جدي منجهان هڪ مسافر فجر جي نماز کان ٽوڙو اڳ جيڪڏهن هوائي
جهاز ذريعي ڪراچيءَ جو سفر ڪندو ته ٽن يا چئن ڪلاڪن جي سفر دوران
سڄ ايري ويندو ۽ سندس فجر جي نماز هوائي جهاز ۾ نه پڙهڻ سبب

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 500

قضائي ويندي. اهڙيءَ طرح ٻيون نمازون به قضائي سگهن ٿيون. تنهنڪري اهي نمازون يا ته جهاز ۾ پڙهيون يا قضا ڪري پڙهيون، جڏهن ته قضا ڪرڻ جو ڪو به شرعي عذر نظر نه ٿو اچي.

ان کان سواءِ مولانا صاحب کان فتوائن جي تائيد به ڪئي آهي جنهن جو هڪڙو مثال هيٺ پيش ڪجي ٿو:-

صغير جي طلاق جي سلسلي ۾ پنجاهه سال اڳ سنڌ جي ڪن عالمن مولانا مفتي ڪفايت الله کان صغير جي طلاق بابت پڇيو هو. ته هن هڪ سال جوان عورت جو نڪاح ڪيو ويو آهي، جنهن مان مفاسد رونما ٿيا آهن، ۽ اڃا وڏيڪ خرابيون پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي ان لاءِ ڇا ڪجي؟ جنهن تي مولانا عبدالڪريم ڪيو آهي:-

"فريقين (عورت ۽ نابالغ جا وارث) ڪنهن نيڪ متقي عالم کي حڪم بڻائن. جيڪو آهي ته حڪم حنبلي مذهب يا اهل حديث مان هجي، اهو امام احمد بن حنبل جي مسلڪ مان تحت نڪاح جي فسخ جو حڪم ڏيئي ۽ ان فيصلي تي عمل ڪيو وڃي. ان ۾ منشا فسخ عدم تيسر وصول نفقه ٿيندو يا امام مالڪ جي مذهب موافق زنا جي خوف کي منشا قرار ڏيئي ڪري نڪاح فسخ ڪرايو وڃي". (۱)

انهيءَ فتوىٰ جي تائيد ڪندڙن ۾ مولانا الهي بخش سومري، مولانا غلام مصطفىٰ، مولانا علي انور قاسمي ديوبندي، شيخ شفيع الدين جيڪب آبادي، مولانا غلام صديق (قنبر علي خان) جاڻالا اڇن تا.

---

(۱) - عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهنامه شريعت، سکر، سوانح حيات نمبر ۴۹ ص - ۱۸۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.